پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني ②

جي ايم سيد



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

لقد ڪان في قصصهم عبره لاولي الالباب

پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني-2

جي. ايم سيد



جي. ايم. سيد اڪيڊمي، سن،
ضلع دادو، سنڌ
2003ع

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

سمورا خق ۽ واسطا اڪيڊميءَ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني-٢
ليکڪ: جي. ايم. سيد
ڇاپو: پهريون
ڇپجڻ جو سال: 2003ع
ڪيليگرافي: احسان علي لغاري
قيمت =/300
ٽي سئو روپيه فقط

PAHANJI KAHANI-
PAHANJI ZIBANI-2

By: G. M. Sayed
Published By: Naz Sanai
Chairman
G.M Sayed Academy Sann (Dadu)
Year: 2003
Per Copy: Rs= 300/-

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

فهرست

ٻه اکر

سائين جي. ايم. سيد اڪيڊمي سن کي اهو اعزاز حاصل ني رهيو آهي جو اُن طرفان سائين جي. جي. ايم. سيد جي پنهنجي تحرير ڪيل آتم ڪٿا 'پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني' جو ٻيو جلد، ٻهريون دفعو شايع ٿي پڙهندڙن تائين پهتو اهي. هن کان اڳ اڪيڊميءَ طرفان ساڳي ڪتاب جو پهريون جلد به شايع ڪيل آهي، پر هي ٻهريون ڪتاب آهي، جيڪو هن کان اڳ شايع نه ٿيو آهي.

سائين جي. ايم. سيد پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني' جي پهرئين جلد جي مُنڍ ۾ لکيو ته جڏهن کيس ايوب دور ۾ نظربند ڪيو ويو ته هن پنهنجو سمورو وقت لکڻ پڙهڻ ۾ گذاريو. ڪيترن ڪتابن کي تحرير ڪيو جن ۾ هي آتم ڪٿا وارو ڪتاب ٽن جلدن ۾ هو ۽ هرهڪ جلد ۾ ٢١ سالن جو احوال ڏنو ويو. پهرئين جلد ۾ جمڻ کان ٢١ سالن جي عمر تائين جو ذڪر هو ۽ هن ٻئي جلد ۾ ٻين ايڪهين سالن جو ذڪر هو. پر اڳتي هلي ان کي مختلف پبلشرن پنهنجي سهوليت آهر ڇاپائڻ شروع ڪيو. جنهن ڪري پهرئين جلد ۾ ته اڪيهين سالن جو ذڪر اچي سگهيو آهي. پر هن جلد ۾ نه- ٻنهي جلدن ۾ ١٩٠٤ع کان ١٩٢٥ع جو ذڪر آهي. هاڻي باقي احوال جيڪو رهي ٿو، اهو ١٩٣٦ع کان شروع ٿيندو.

سائين جي. ايم. سيد پنهنجي طرفان تحرير ڪيل ٽنهي جلدن يعني ٦٣ سالن جي احوال جي هرهڪ جلد جي آخر ۾ 'باب ستون' سائينءَ جي واقفڪار شخصيتن جي احوال طور تحرير ٿيل هو پوءِ انهن ٽنهي جلدن ۾ ايل سمورين شخصيتن جي احوال کي ڪٺي 'جنب گذاريم جن سين' جي نالي سان پڌرو ڪيو ويو. اڪيڊميءَ جيڪو پنهنجي طرفان 'پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني' جو پهريون جلد ڇاپايو، ان جي ستين باب ۾ جن شخصيتن جو ذڪر آيل هو، انهن کي 'جنب گذاريم جن سين' تان ڪٺي شامل ڪيو ويو. پر هن جلد ۾ ائين نه ڪيو ويو آهي ڇاڪاڻ ته ان سان ڪتاب جي ضخامت وڌي وڃي ها، ان ڪري اڪيڊميءَ طرفان ترت ئي سائينءَ جي ان ڪتاب 'جنب گذاريم جن سين' جي ٻنهي جلدن کي گڏي شايع ڪيو ويندو، جنهن جو ڪم تقريباً مڪمل ٿي چُڪو آهي ۽ انشاالله اڪيڊمي پنهنجي ڪم کي پابند

تڪميل تائين پهچائيندي.

جي. ايم. سيد اڪيڊمي. سائين جي. ايم. سيد جي زندگيءَ ۾ ئي منهنجي طرفان قائم ڪئي وئي هئي ۽ سائينءَ جي زندگيءَ ۾ توڙي ان جي جسماني جدائي کانپوءِ بہ، تن تنها پنهنجي ان ادبي ۽ سياسي استاد جي فڪر ۽ پيغام کي زنده ۽ سلامت رکڻ لاءِ، ۽ ان جي فڪر ۽ نظريي جي پرچار ڪرڻ لاءِ، مون اڪيڊميءَ جي پليٽ فارم تان ڪم ڪيو آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪنهن بہ مصلحت يا دٻ يا ڪنهن بہ سازش، اسان جي ڪم کي روڪڻ ۾ ڪاميابي حاصل نہ ڪئي آهي.

سائين جي. ايم. سيد جي پوئلڳن. جنهن ۾ سائينءَ جو روحاني يا جسماني اولاد اچي وڃي ٿو. انهن سان اختلاف کي، ماڻهو سائين جي. ايم. سيد سان اختلاف طور تا تعبير ڪن. حالانڪ ائين ڪونهي. سائين جي. ايم. سيد جي فڪر ۽ نظريي سان محبت ئي اڪيڊميءَ جي ڪم کي جاري رکڻ لاءِ اُتساهہ جو سبب بڻيل آهي.

اڪيڊمي، اها ڳالهہ سمجهي ٿي تہ سائين جي. ايم. سيد لاءِ ڪم ڪرڻ ڪو ايڏو سولو ۽ سهجو ناهي ۽ خاص طور ان جي اصل روح کي برقرار رکڻ ڪري، ڪيڏين تڪليفن کي برداشت ڪرڻو ٿو پوي؟ انهن جو هتي ابتار ضروري ناهي. سائين جي. ايم سيد جي شخصيت جا هزارين پهلو آهن. انهن سمورن پهلوئن تي ڪيترو ئي ڪم ٿي سگهجي ٿو. سائينءَ جون، پيون بہ ڪيتريون ئي تحريرون. خط، ڊائريون ۽ پيو مواد اشاعت هيٺ اچي سگهي ٿو ۽ اچڻ گهرجي اسان پنهنجي ان ناڪاميءَ جو بہ اظهار ڪريون تہ سائينءَ جي ذاتي لئبرري، ڪاغذن پٽن، ڊائرين ۽ پين تحريرن تي اسان جو هٿ وس ناهي. چاڪاڻ تہ سائينءَ جي وفات کانپوءِ ان جا ڪيترائي والي ۽ وارث پيدا ٿي پيا آهن. ١٩٣٦ع کانپوءِ وارو مواد، جيستائين سائين پاڻ تحرير ڪري سگهيو نہ رڳو ان جي ڇپجڻ جي ضرورت آهي پر ان جي سمورين ڊائرين ۽ پين ڪاغذن پٽن مان باقي اڻ ڪٿا کي بہ مڪمل ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن سائين جي. ايم. سيد جي جسماني اولاد، اڪيڊميءَ جي ڪارڪردگيءَ کي نظر ۾ رکي، اڪيڊميءَ سان تعاون ڪيو ۽ اسان کي رڳو اُن مواد جي فوٽو ڪاپي فراهم ڪئي تڏهن بہ اسان پنهنجي لائق پرهندڙن تائين، سائينءَ جي سموري ڪم کي مڪمل ڪري پهچائي

سگهنداسين. اميد تہ ان سلسلي ۾ نہ رڳو سائينءَ جو اولاد پر ان جا سمورا پيروڪار بہ اسان جي مدد ڪندا.

سائين جي. ايم سيد ٢٥- اپريل تي وفات ڪئي. هن ئي ڪتاب جي ص ٢٨٨ تي پڙهندڙ دوست، ٢٥- اپريل ١٩٣٠ع تي، سائينءَ جي لکيل ڊائريءَ جي ٽڪري کي پڙهي سگهن ٿا. جنهن ۾ سائين لکي ٿو:

"مسٽر منگهارام نهلراماڻي لکي ٿو تہ: "انسان جو بدن خدا جو گهر آهي، ان جي پاڪيزگيءَ ۽ صحت مذهبي فرض آهي، بدن کان جيترو ڪم وٺجي، اوترو ان جي سنڀال بہ ڪجي، تون پنهنجي تندرستيءَ جو خيال رکندو ڪر."

سٺن جذباتن جو هئڻ ضروري آهي. ليڪن انهن تي قبضو رکڻ بہ لازمي ڳالهہ آهي. گهڻا ڪم هٿ ۾ کڻڻ وڏي جوابداري آهي. مهرباني ڪري وعدو ڪري ڇڏ تہ آئنده ڪوبہ ڪم. جذبي هيٺ اچي تڪڙ ۾ ڪونہ ڪندين. هر ڳالهہ لاءِ هفتو ترسي پوءِ قدم کڻندين......"

ڪاش، سائين جي. ايم. سيد ٢٥- اپريل تي اسان کان جدا ٿيڻ ۽ اسان کي ڇورو ڇنو ڪري وڃڻ بابت بہ سوچي ها تہ ان ڪانپوءِ، سنڌ سان جي. ايم. سيد جهڙو بيو ڪير پيار ڪندو ۽ ان ڪانپوءِ سنڌ جي سياسي وايومنڊل جو ڇا حال هوندو-؟ تہ يقينن سائين موت تي فتح حاصل ڪري وٺي ها... موت تي ان جي ابديءَ لافاني فتح تہ اڄ بہ آهي جو انَ جا سمورا دوست ۽ دشمن، ان جي سچائيءَ ۽ پيار تي ڪوبہ شڪ نہ ٿا ڪن ۽ اها ئي ان ماڻهو جي عظمت آهي. اچو تہ ان عظيم شخصيت جي عظمت جي سمورين جوتين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ. پنهنجين صلاحيتن کان ڪم وٺون ۽ هڪبئي سان دل کولي ان سلسلي ۾ تعاون ڪريون.

ناز سنائي

٢٠- جنوري ٢٠٠٣
حيدرآباد سنڌ
فليٽ نمبر ١٠١
ايچ. ڊي. اي ايڪانامي فليٽس
نزد نسيم نگر- حيدرآباد سنڌ

پيش لفظ

ڪتاب جي هن جلد ۾ ذڪر ڪيل ٻين ايڪيهن سالن جي زندگيءَ جو احوال مختلف واقعن جو هنبار ۽ حياتيءَ جي مشغول ترين لمحن جي قصن جو داستان آهي.

انهيءَ وقت عمر جو ٢٢- سال شروع ٿيو هو. مڪتب حيات مان ابتدائي سبق حاصل ڪري زندگيءَ جي ڪٺن مرحلن طيءِ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي چڪو هوس.

انهيءَ سفر جي مشابهت سٺائي سمنڊ جي سياحت سان ڪري سگهجي ٿي. جنهن جي لڙ، لهرين، لس، ليٽن، چڪڻ، چاڙهن، ڪارونيار، ڪنن جو ذڪر شاه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ نهايت عمده پيرايہ ۾ بيان ڪيو آهي.

ان سفر ۾ جُنگ، جهازَ، سڙهہ سنون، لاڄونَون، سنوارين ساٿين جي ضرورت ٿئي ٿي پر هتي منهنجي حالت ٻي اور هئي.

مون پراڻي پيڙيءَ ۾ وکر وترو چاڙهي اتر آسري کوها ڪٽي سمنڊ زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو.

تعليم ٿوري، پيسو گهٽ، سنوارن ساٿين جي قلت اثاث سفر هئا. البت وکر ٻانهپ جو ساڻ ڪنيل هو جو پئي ٻہ پراٺو نہ ٿي ٿيو، پر ان جا وهائو تمام ٿورا هئا.

ان ساري عرصہِ حيات ۾ راتيون ۽ ڏينهن سانده جاڳي ڪم ڪرڻو پوندو هو. جوانيءَ جي جوش ۾ صحت ۽ سلامتيءَ جو اوسيڙو ۽ اون ڪونہ هوندو هو. ڪثرت ڪاروبار ڪري ٻاڻ وسريل هو. زمين جي سنڀال، گهر، اولاد جي نظرداري، تندرستيءَ جو خيال، مستقبل جي ڳڻ ڳوٺ، سڀ حال جي گرداب مونجهاري ۾ وسري ويل هئا.

هاڻ جڏهن انهي عرصي جي خوف ۽ خطرن، ڪوتاهين ۽ ڪمين ڏي هڪ طرف نظر ٿي ڪجي تہ ڇين ڪان نفعي جو پاسو سوايو پيو ڏسڻ ۾

اچي.

مختلف سياسي ۽ اقتصادي نظرين جي واقفيت ۽ تجربو انهيءَ عرصي ۾ حاصل ٿيو.

علمي ۽ ذهني معلومات جو اضافو بہ انهي دور ۾ ٿيو، ناحق جي مخالفت ڪرڻ جي جريت بہ انهي وقت کان شروع ٿي، انتظامي عهدن جي سنڀالڻ جو تجربو ۽ آزمودو انهي وقت جي يادگار آهي.

سماجي اصلاح لاءِ ڪوششون، ثقافتي راهہ جي روشناسي بہ انهي عرصہ حيات ۾ حاصل ٿيون.

مجازي مرحلا طيءِ ڪرڻ جو موقعو بہ انهيءَ وقت ۾ مليو.

تصوف جو مطالعي بہ انهيءَ زماني ۾ ڪيم.

مطلب تہ زندگيءَ جون اهي عجيب گهڙيون هيون جن ۾ ساڳي وقت درسگاهہ حيات جي مختلف مضمونن جو مطالعو ڪرڻو ٿي پيو.

انهيءَ وقت اندر لوڪل بورڊ جو سمورو دور، مخالفت ۾ رهڻ يا اقتدار جي حالت ۾ مخالفت کي منهن ڏيڻ ۾ گذريو. آخر انهي دائره عمل کي تنگ سمجهي، سنڌ اسيمبليءَ دواران خدمت ڪرڻ شروع ڪيم.

اڳتي هلي معلوم ٿيو تہ اهي جمهوري ادارا، عمدن اصولن ۽ پروگرامن تي نهيل منظم جماعتن کانسواءِ شخصي مفاد جي ڪيل جو اکاڙو بنجي ٿي پيا.

ان ڪري ابتدا ۾ صوبائي جماعت ناهي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ويو، ليڪن تجربي بعد انهن کي شخصي مفاد کان آزاد ڪرڻ جي اميد نہ ڏسي آل انڊيا جماعتن جو سهارو وٺڻو پيو.

اول ۾ ڪانگريس سان ملڪ جي آزاديءَ جون اميدون وابستہ ڏسي، ان ۾ ڪم ڪرڻ لڳس ليڪن سنڌ اندر ڪن ڪوتاهہ نظر هندن جي رويہ اسان کي مجبور ڪري ان کان ٻاهر ڪڍيو.

اتان نڪري مسلم ليگ جو سهارو ورتم، هڪ وقت انهيءَ جماعت جون واڳون مولانا ابوالڪلام آزاد، ڊاڪٽر انصاري، حڪيم اجمل خان ۽ جناح صاحب جهڙن قوم پرستن جي هٿن ۾ هيون.

سنڌ ۾ انهيءَ کي زور وٺائي جڏهن طاقتور بڻايوسين تہ اها چند مفاد پرست زميندار، جاگيردار، تاجر ۽ ڪامورن جي قبضي ۾ اچي ويئي، جن ان کي سندن طبقاتي مفاد لاءِ ڪتب آڻڻ شروع ڪيو.

اسان کي ملڪ ۽ قوم جي محبت جي باوجود حصول پاڪستان بعد جيلن جا در ڏسڻا پيا. آزاديءَ لاءِ لڙندڙ، مخلص، بي ڊپا، بي طمع ملڪي ڪارڪن غدار قوم ۽ وطن شمار ٿيڻ لڳا ۽ انگريزن جا ايجنٽ، نمڪ پرورده ڪامورا، خودمطلب زميندار، جاگيردار ۽ تاجر، اسلام جا علمبردار سڏجڻ لڳا.

اهو سڀ ڪجهه ٿيو ۽ ٿي رهيو آهي.

هن ڪتاب ۾ انهن سڀني واقعات تي مفصل روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.

آءٌ سمجهان ٿو ته هن سموري احوال سان گهٽن کي دلچسپي نه به ٿئي. موجوده دور ۾ ڪثرت مشغولين سبب اڪثر ماڻهو ڊگهو ۽ تفصيل وار احوال پڙهڻ پسند نه ڪندا آهن، اهڙن ماڻهن لاءِ منهنجا بيا لکيل ڪتاب شايد دلچسپيءَ جو باعث بنجن.

پر هن ڪتاب لکڻ مان منهنجو مقصد انهيءَ دور جي ڪثير واقعات کي قلم بند ڪرڻ آهي. جو آئندي لاءِ هن دور جي تاريخ لکندڙن واسطي مفيد مواد ميسر ڪري سگهندو.

باب اول

انهيءَ دور جا بين الاقوامي سياسي احوال

رواجي طرح پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ بين الاقوامي حالات جو ذڪر ڪرڻ ذرا بي موقعي ۽ بي معنيٰ پيو لڳي ليڪن دنيا ياڻ ۾ موجوده سائنسي ايجادن ڪري ايترو گڏجي ويئي آهي ۽ مڪاني سوالن تي بين الاقوامي مسئلن جو ايترو اثر پيل رهي ٿو جو انهن جي پس منظر معلوم ڪرڻ کانسواءِ، مڪاني معاملن جي معلومات اڌوري رهجيو وڃي. تنهنڪري هن باب جو ان لاءِ اضافو ڪريان ٿو تہ پڙهندڙ جڏهن وسيع تر معلومات جي آڌار تي مڪاني حالتن جو جائزو وٺندا تہ چنڊيچاڻ ڪري حقيقتن جو صحيح اندازو ڪري سگهندا.

پنهنجي ڪتاب جي پهرين جلد ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي کان اڳ جو مختصر احوال، اتحادين جي فتح، جرمني ۽ سندس ساٿين جي شڪست جو احوال ڏئي آيو آهيان. هتي ان ڪانپوءِ ٿيل واقعن جو ذڪر ڪندس جي اتحادين فتح جي نشي ۾ مست ٿي پنهنجن ڪيل انجامن، وعدن ۽ بيان ڪيل اصولن کي وساري شڪست خورده ملڪن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، يورپي حڪومتن جي نقشي بدلائڻ، مٿن ڳرا جرمانہ وجهڻ ۽ بين بي عزتي جهڙن برتائن اختيار ڪرڻ جي رد ۾ پيدا ٿيا هئا.

انهيءَ لڙائيءَ ڪري جرمني، ترڪي، هئبسبرگ ۽ رشيا جي شهنشاهيءَ جو خاتمو ٿي ويو.

شخصي حاڪمن ۽ بادشاهن جو تعداد گهٽجي ويو.

انهن شهنشاهين جي ختم ٿيڻ بعد ڪيترين نئين نيون حڪومتون قوم پرستيءَ جي اصولن تي يورپ ۾ برپا ڪيون ويون هيون.

هن جنگ ۾ امريڪا جي داخل ٿيڻ سبب حالتون بدلجي فتح جي صورت اختيار ڪري ويون هيون. انهيءَ وقت امريڪا جو صدر مسٽر ووڊرو ولسن نهايت پلو منش هو. تنهن آينده لاءِ دنيا جي اختلافي مسئلن کي جنگ

حي تباهه ڪن ذريعن سان نبيرڻ جي عيوض باهمي گفتگو ذريعي فيصل ڪرڻ لاءِ دنيا جي مکيه مسئلن بنسبت امريڪن ڪانگريس اڳيان ٨- جنوري ١٩١٨ع تي هينيون چوڏهن نقاطي پروگرام پيش ڪيو.

(١)- آينده لاءِ حڪومتن درميان عهدناما ڪليل طرح ڪيا وڃن.

(٢)- هر ڪنهن ملڪ کي بين الاقوامي عهدنامن مطابق بند ٿيل ايراضين ڪانسواءِ، هر سمنڊ ۾ جهاز رانيءَ جو پورو حق صلح ۽ جنگ جي حالت ۾ هئڻ گهرجي.

(٣)- جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي اقتصادي بندشون ڪڍي ڇڏجن.

(٤)- سڀ ڪنهن ملڪ جي اندروني انتظام ۽ بچاءُ جو لحاظ رکندي، عام هتيار سازيءَ جي چٽا پيٽي ڪي گهٽ ڪيو وڃي.

(٥)- سامراجي ملڪن جي بينڪن ۾ مڪاني ماڻهن جي حقن کي سامهون رکي سڌارا آندا وڃن.

(٦)- رشيا جي نئين حڪومت سوويت يونين جي حدن مان لشڪر ڪڍي کين سندن قومي ۽ ملڪي معاملات جي فيصل ڪرڻ لاءِ آزاد ڇڏيو وڃي.

(٧)- بيلجم جي حدن مان لشڪر ڪڍي ان کي آزاد ڪيو وڃي.

(٨)- فرانس جي حدن مان لشڪر ڪڍي کين السيس ۽ لورين ڏيارڻ ۾ اچن.

(٩)- اٽلي جي حڪومت کي سندن قومي ايراضي واپس ڏياري وڃي.

(١٠)- آسٽريا هنگري جي رهاڪن کي مڪاني خود مختياري ڏني وڃي.

(١١)- رومانيا، سربيا، مانٽينگرين جي حدن مان لشڪر ڪڍائي کين آزاد حڪومتون ڏياريون وڃن.

(١٢)- ترڪن کي انهن ايراضين ۾ جتي سندن قوم جي اڪثريت هجي، آزاد قومي حڪومت ڏني وڃي، باقي سندن ماتحت بين قومين جي ماڻهن کي خود مختياري ڏيارڻ لاءِ سهوليتون مهيا ڪيون وڃن، دره دانيال کي ڪليو رکيو وڃي.

(١٣)- پولينڊ کي آزاد قومي حڪومت ڏياري وڃي.

(۱۴)- بين الاقوامي فيصلن کي باهمي فيصلن ذريعي نبيرڻ. ننڍين وڏين قومن جي آزادي برقرار رکڻ لاءِ دنيا جي قومن جي جماعت ناهي وڃي.

سگهوئي ۱۸- جنوري ۱۹۱۹ع تي پيرس ۾ صلح جي ڪانفرنس منعقد ٿي. جنهن ۾ ۲۷ فاتح قومن جا ۷۰ نمايندا اچي شريڪ ٿيا. جرمنيءَ کي ان ۾ شريڪ نہ ڪيو ويو.

انهيءَ ڪانفرنس جي موقعي تي جڏهن پريزيڊنٽ ولسن يورپ ۾ آيو تہ اتحادين طرفان ان جي وڏي آدرڀاءُ ڪئي وئي، ليڪن انهي جي چوڏهن نڪاتي پروگرام مان صرف ليگ آف نيشن قائم ڪرڻ جي تجويز بحال ڪئي وئي.

سندس باقي رٿون يورپ جي اتحادي حڪومتن جي مفاد کي نقصان پهچائڻ جي ڊپ کان بحال ٿي نہ سگهيون. هو سندن خود مطلبي ۽ ڪوتاه انديشي کان دل شڪستہ ٿي موٽي واپس وطن ويو.

پهرين مهاڀاري لڙائي مان هينيان مکيہ نتيجا نڪتا.

۱- ان ڪري دنيا جي طاقتور حڪومتن جو تعداد گهٽجي ويو.

۲- دنيا ۾ مذهبي جنگين ڪانسواءِ هي پهريون دفعو هو جو حڪومتن طرفان جنگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ، ڪن اصولن جي بنياد تي ماڻهن کي اپيل ڪرڻ جو رواج پيو.

۳- روس ۾ هڪ نئين حڪومت نظرياتي بنيادن تي سوويٽ يونين نالي سان وجود ۾ آئي جنهن پنهنجي طاقت کي اشتراڪي نظريي جي بنياد تي وڏن پروگرامن موجب وڌائڻ شروع ڪيو.

۴- جنگ جي پوري ٿيڻ بعد هينيان پنج مکيہ عهدناما ٿيا جن ڪري ناراضگي پيدا ٿي پيئي ۽ ٻي عالمگير جنگ جو باعث بنيا.

(۱) ورسيلز جو عهدنامون

(۲) سينٽ جرمنيءَ جو عهدنامون

(۳) نيولي جو عهدنامون

(۴) سيورس جو عهدنامون

(۵) ٽرينان جوعهد نامون

هر هڪ عهدنامي بابت هيٺ مختصر احوال ڏجي ٿو.

(۱) ورسيلز جو عهدنامون:

هي ۷-جولاءِ ۱۹۱۹ع تي وجود ۾ آيو.

”ان عهدنامي موجب جرمنيءَ جو، السيس لورين، وارو حصو فرانس کي مليو هو. موريسينٽ، يوپن، ماليڊي، حصا بيلجم کي ڏنا ويا.

سار جي ايراضي ١٥ سالن تائين اتحادين جي ماتحت رهڻي هئي.

انهيءَ عرصي ۾ اتي جي ڪوئلن جي کاڻن جي سنڀال ۽ نفعو فرانس کي مليو هو.

شليوگ جي ٽڪري کي عام راءِ موجب فيصلو ڪرڻو هو ته هو ڪيڏانهن ويندو.

پوسين ۽ ويسٽ پرشيا جو وڏو ٽڪرو پولنڊ کي ملڻ وارو هو.

اپرسليشيا ۽ ڊانزگ پولنڊ جي زير اثر جدا ملڪ ٿي رهڻو هو.

افريقا ۽ ٻين هنڌن جون جرمن ڪالونيون، اتحادين کي ملڻ واريون هيون، جن کي هٿن پاڻ ۾ ورهائي ليگ آف نيشن جي نالي ماتر نگراني هيٺ رکيو هو.

جرمنيءَ کي هڪ لک کان وڌيڪ لشڪر نه رکڻو هو، جنهن کي به معمولي هٿيار رکڻ جي اجازت هئي. بحري ٻيڙي ۾ صرف ڇهه وڏا جهاز رکڻا هوس آبدوز ڪشتين رکڻ جي اجازت ڪانه هيس.

رائين لئنڊ پندرهن سالن تائين اتحادين جي سنڀال هيٺ رهڻ وارو هو.

رائين نديءَ جي ڪناري وارو ٽڪر ٽيهن ميلن تائين آزاد رکڻو هو.

جرمني جي ڪيل واهه کي سڀني قومن جي جنگي ٻيڙن يا واپاري جهازن لاءِ کليل ڇڏڻو هو. جرمنيءَ جي ندين کي بين الاقوامي حدون قرار ڏنو ويو.

اڳين شهنشاهه وليم ۽ سندس حڪومت جي مکيه عهديدارن تي ڪيس هلڻ وارا هئا. جرمنيءَ کي جنگ جي چٽيءَ ۾ پندرهن عرب ڊالر يڪدم ڏيڻا هئا. باقي جرمانو ٣٠ سالن ۾ ادا ڪرڻو هو. پنجن سالن تائين ڪين اتحادين کي هر سال ٻن لکن ٽنن جا سامونڊي جهاز ٺاهي ڏيڻا هئا. جرمنيءَ جي ڪوئلي جو وڏو حصو، ڏهن سالن تائين فرانس، بيلجم ۽ اٽليءَ کي ڏيڻو هو.

اتحادين طرفان جرمنيءَ ۾ رکيل لشڪر جو خرچ به جرمنيءَ کي ڀرڻو هو. انهي عهدنامي جي شرطن مان معلوم ٿي ويندو ته جرمنيءَ جهڙي غيرتمند، جنگجو، ترقي يافته ۽ طاقتور قوم کي ڪيترو نه ذليل ۽ ڪمزور

بنائڻ جي رٿ رٿي ويئي هئي.

(٢) سينٽ جرمنيءَ جو عهدنامون:-

هي عهدنامون ١٠ سپٽمبر ١٩١٩ع تي صحيح ڪيو ويو. ”انهيءَ عهدنامي موجب آسٽريا ۽ هنگري جي هئپسبرگ سلطنت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ختم ڪيو ويو هو. انهي کي ٽوڙي چيڪو سلويڪيا، يوگوسلويڪيا، پولنڊ، هنگريءَ ۾ نسلي ۽ لساني بنيادن تي جدا جدا حڪومتون بنايون ويئون هيون.

آسٽريا کي سندس ايراضي جي ڪيترن حصن تان دستبردار ٿيڻ بعد هيٺين شرطن تي آزاد رهڻ ڏنو ويو هو.

١- ٽيهن (٣٠) هزارن کان مٿي لشڪر نہ رکندي.

٢- جرمني وانگر (٣٠) سالن تائين جنگ جو جرمانو ڏيندي ايندي.

٣- جرمني ۽ آسٽريا جي گڏجڻ کان منع ٿيل هين.

انهيءَ عهدنامي يورپ جي ٻي طاقتور شهنشاهيت جو خاتمو آڻي ڇڏيو. جنهن ڪري فرانس ۽ انگلينڊ جي طاقت وڌي ويئي.

(٣) نيولي جو عهدنامون:-

انهيءَ تي ٢٧ نومبر ١٩١٩ع صحيح ڪري عمل ۾ آندو ويو.

”انهيءَ عهدنامي موجب بلگيريا جي حڪومت کي ايجين سمنڊ واري حصي تان هٿ ڪڍڻو پيو. يوگو سلويڪيا جي نئين حڪومت کي تسليم ڪرڻو پيو.

٤٥٠ ملين ڊالر جنگي تاوان ڏيڻو هون. لشڪر صرف ٢٠ هزار رکڻ جي اجازت هين، جملي جنگي سامان اتحادين جي حوالي ڪرڻو هون.“

انهيءَ عهدنامي جي نتيجي ۾ بلگيريا جي حڪومت کي ڪمزور ۽ بي عزت بنايو ويو هو.

(٤) سيورس جو عهدنامون:-

اهو عهدنامون ٢٠ اگسٽ ١٩٢٠ع تي صحيح ڪيو ويو. جنهن موجب ترڪي شهنشاهيت کي ختم ڪري ٽڪرن ۾ ورهايو ويو هو. جنهن جو احوال هن ڪتاب جي پهرئين جلد ۾ خلافت تحريڪ جي ذڪر ۾ ڏنو ويو آهي.

(٥) ٽرينان جو عهدنامون:-

اهو عهدنامون ٤ جون ١٩٢٠ع تي صحيح ڪيو ويو

"ان عهدنامي جي ڪري هنگري ملڪ جا ٽي حصا ڪري ٻين ٽين حڪومتن ۾ وراهيا ويا. ڪين ٣٥ هزار لشڪر رکڻ جي اجازت ڏني ويئي، جنگ جي زماني جا مکيہ عهديدار اتحادين جي حوالي ڪرڻا پين وغيره"

" انهيءَ عهدنامي هنگريءَ جي حڪومت کي ڪمزور طاقت ۽ ذليل بنايو هو. ١١ لڙائي بعد جي زوريءَ عهدناما ڪيا ويا هئا تن مان اتحادين اهو سمجهيو تي تہ هنن جملي مخالف طاقتن کي ڪچلي ڇڏيو آهي.

ليڪن اڳتي هلي دنيا جي سامهون هيٺيان مسئلا پيش آيا.

(١) دنيا جي مختلف ملڪن جي باهمي اختلافن دور ڪرڻ ۽ ننڍن ملڪن جي حفاظت ۽ بچاء لاءِ ليگ آف نيشن ۽ ورلڊ ڪورٽ ٺاهي ويئي هئي.

ليڪن انهي کي سندس فيصلن کي مڃائڻ لاءِ ڪابہ ايجنسي نہ هئي. جنهن ڪري انهيءَ جي ٺهراون کي صرف اتحادين جي طاقت ۽ اخلاقي اثر جي پشت وجي رهي هئي.

(٢) ليگ آف نيشنس يورپي طاقتن مان اتحادين جي گروه جو اوزار ٿي ڪم اچڻ لڳي. مخالف حڪومتن جي ملڪن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، قوم پرستيءَ جي بنياد تي حڪومتون تہ بنايائون ليڪن اتحادين جي هٿ هيٺ جي ملڪ يا ڪالونيون هيون، انهن کي نہ آزادي ڏني ٿي ويئي نہ ان جا فيصلا انصاف تي ٻڌل هئا. تنهن ڪري ان جو وقار ۽ عزت گهٽجي ويئي.

(٣) ليگ جي انهي پاليسي ڪري غير يوروپي طاقت جهڙوڪ يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا، ڪن برٽش ڊومينن ۽ جپان انهي جي ڪمن مان دلچسپي ڪڍي ڇڏي. هنن سندن لاڳاپي وارن حدن کان ٻاهر جي ڳالهين ۾ حصو وٺڻ کان بي تعلقي ڏيکاري.

(٤) جپان جي حڪومت لڙائي ۾ شريڪ نہ ٿي هئي ۽ هن لڙائي جي وقت واپار ذريعي گهڻو پيسو ڪمايو هو تنهنڪري سندس طاقت وڌي ويئي هئي. جنهن جو فائدو وٺي هن مشرق بعيد تي زوري قبضي ڪرڻ جي پاليسي اختيار ڪئي.

(٥) امريڪا جي حڪومت بہ طاقتور هئي ان آخري وقت تي ڪن مصلحتن جي بناء تي جنگ ۾ اتحادين کي مدد ڪئي هئي. پر جنگ کانپوءِ يوروپي اتحادين جي خودغرضانہ پاليسيءَ کان تنگ اچي، پنهنجي پاليسي ڏکڻ امريڪا تي "سنٽي پاڙيسريءَ" جي خوبصورت نالي هيٺ اقتدار قائم

ڪرڻ جي مرتب ڪئي.

(٦) فرانسي حڪومت انهي فتح مان خاص فائدو حاصل ڪيو هو سا بدليل حالتن جي باوجود يورپ جي ڪن حصن ۽ جرمنيءَ ۾ حاصل ڪيل اقتدار قائم رکڻ جي پاليسيءَ تي قائم رهندي آئي.

(٧) جرمنيءَ ۾ وقت گذرڻ بعد جڏهن سندس ذلالت جو احساس پيدا ٿي رد عمل پيدا ٿيڻ لڳو تڏهن هن ورسيلز جي ڪيترن شرطن کي رد ڪري پاڻ کي طاقتور بنائڻ شروع ڪيو. جنهن صورت ۾ ليگ کي ٺهرائن مڃائڻ جو اختيار نہ هو تنهنڪري آهستي ٿي ان جا ٺهراءَ بي جان شمار ٿيڻ لڳا.

جڏهن جرمنيءَ ۾ وان هيڊنبرگ پريزيڊنٽ ٿيو تہ ان ١٨ سپٽمبر ١٩٢٧ع تي ورسيلز عهدنامي جي آرٽيڪل ٢٣١ هيٺ مڙهيل جرمانو رد ڪري ڇڏيو.

اٽليءَ ۾ ٢٨- آڪٽوبر ١٩٢٢ع تي مسولين فاشسٽ پارٽيءَ جو والنٽيئرن جي مدد سان روم تي حملو ڪري قبضو ڪري ورتو هو ۽ سگهوئي ٢٥ نومبر ١٩٢٢ع تي ڪيس بادشاه طرفان ڊڪٽيٽريءَ جا اختيارات مليا. جنهن ڪري هن انجو فـــائدو وٺي، اٽليءَ کي زبردست طاقت بنائڻ جو پروگرام تيار ڪيو.

هن ١٩٣٥ع ۾ ليگ آف نيشن جي ٺهراء جي خلاف حبش تي زوريءَ قبضو ڪري اٽليءَ سان ملائڻ جو اعلان ڪيو.

٣٠- جنوري ١٩٣٣ع تي جرمنيءَ ۾ ادولف هٽلر چانسلر ٿيو ۽ سگهو ئي هن سندس نازي پارٽيءَ کي طاقتور بنائي جرمنيءَ جي وڃايل وقار ۽ طاقت کي وري حاصل ڪرڻ جون سِٽون سٽيون ۽ ١٤- آڪٽوبر ١٩٣٣ع تي جرمنيءَ کي ليگ آف نيشنس مان ڪڍي روتو.

١٤- جون ١٩٣٤ع تي هٽلر روم ويو ۽ ٻن هم خيال حڪومتن ۾ سمجهوتو آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين.

انهيءَ سان جرمنيءَ جو پريزيڊنٽ وان هيڊنبرگ وفات ڪري ويو ۽ ١٩- آگسٽ ١٩٣٤ع تي هٽلر جرمنيءَ جي پريزيڊنٽيءَ جون واڳون ورتيون.

ٻئي سال ١٩٣٥ع جي ١٣ جنوري تي جرمنيءَ جي سار علائقي ۾ ليگ آف نيشن جي سهاري هيٺ عام راءِ ورتي وئي جنهن ۾ سار جي ماڻهن، ان کي جرمنيءَ سان ملائڻ لاءِ ووٽ ڪيو.

ان ڪري هٽلر جي جرمني ۾ مقبوليت ويتر وڌي ويئي. ان جو فائدو وٺي هن ١٦ مارچ ١٩٣٥ع تي ورسيلز جي ساري عهدنامي جي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو."

جنگ کان پوءِ سگهوئي يورپ جي ٻي وڏي حڪومت روس ۾ لينن نالي قومي ليڊر زار جي حڪومت جي جاءِ تي اشتراڪيت جي بنيادن تي سوويٽ يونين برپا ڪري ان کي مضبوط بنائڻ جو پروگرام رٿيو. يونين کي ٢١- جنوري ١٩٢٤ع تي هن جي وفاتيءَ بعد خانہ جنگيءَ جو نشانو بڻجڻو پيو.

هڪ طرف سٽيلن جو ۽ ٻي طرف ٽراٽسڪين جو گروه هو. ٽن سالن کانپوءِ ٢٧ ڊسمبر ١٩٢٧ع تي سٽيلن جو گروه مڪمل طرح ڪامياب ٿي ويو. ان بعد سگهوئي دنيا جي مختلف حڪومتن، سوويٽ يونين جي حڪومت کي تسليم ڪرڻ شروع ڪيو.

سوويٽ يونين جي حڪومت پاڻ کي مضبوط ۽ محڪم بنائڻ لاءِ پهرين پنج سالہ اقتصادي پروگرام هيٺ آڪٽوبر ١٩٢٨ع کان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

انهيءَ دور ۾ جنهن کي پهرين ۽ ٻي مها ڀارين لڙاين جي وچ وارو دور سڏجي ٿو.

هيٺين چئن نظرين جو اثر دنيا ۾ پکڙجي ويو:

١- نيشنلزم ٢- ڪميونزم ٣- فاشزم ۴- ڊيموڪريسي

هتي آءٌ اهو بهتر ٿو سمجهان تہ مختصر طرح انهن نظرين جي بنيادي اصولن تي روشني وجهي، پوءِ دنيا جي مختلف حڪومتن جو ذڪر ڪريان.

(ا) نيشنلزم:-

هن نظريي جو بنياد انهيءَ ڳالهہ تي هو تہ هرڪنهن قوم کي حق خوداراديءَ جي اصول تي پنهنجي سياسي مستقبل بابت فيصلي ڪرڻ جو حق هو ۽ انهيءَ طريقي موجب هر قوم پنهنجي آزاد ۽ جداگانہ حڪومت بنائڻ لاءِ مستحق هئي.

قوميت جا دنيا ڀر ۾ تسليم ڪيل اصول هيٺيان شمار ڪيا ٿي ويا (١) جاگرافيائي حدن جو وطن (٢) زبان (٣) ڪلچر (۴) قومي ڪردار (٥) اقتصادي مفاد

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ڪانپوءِ شڪست کاڌل حڪومتن کي انهن اصولن جي بنياد تي ٽوڙي نيون حڪومتون بنايون ويون هيون. ليگ آف نيشنس ۾ به ساڳين بنيادن تي برپا ڪيل قومي حڪومتن کي نمايندگي ڏني ويئي هئي. جهڙوڪ:

يوگوسلويڪيا، چيڪوسلويڪيا، هنگري، البانيا، گريس، بلگيريا، رومانيا، پولنڊ، لتونيا، لٿاويا، ايسٽونيا، فنلئنڊ، آئرلئنڊ جدا قومي حڪومتن جي صورت اختيار ڪئي.

انهن ملڪن کي جدا قومي حڪومتون ڏيارڻ ۾ اتحادين جو گهڻي قدر هٿ هو.

ليڪن انهن ساڳين اتحادي ملڪن سندن اقتدار هيٺ آيل ايشيا ۽ افريقا کنڊن جي جدا قومن کي مختلف بهانن جي آڌار تي آزاديءَ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جنهن تي انهن کنڊن جي رهاڪو قومن ۾ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد شروع ٿي ويئي.

انهيءَ حالت کي مدنظر رکي جرمني، اٽلي ۽ جپان جي حڪومتن جڏهن ڏٺو ته فرينچ، ڊچ، پورچوگيز، اسپين، انگريز وغيره حڪومتون سندن زيردست قومي ملڪن کي آزادي ڏيڻ لاءِ تيار نه هيون، بلڪ انهن زيردست ملڪن جي پيداوار ۽ ماڻهن جي آڌار تي سندن طاقت وڌائي ترقي ڪري رهيون هيون ته انهن به ڪن ڪمزور ملڪن کي غلام بنائڻ لاءِ نئين سر ڪوشش شروع ڪئي انهن سموري سامراجي طاقتن خلاف ايشيا ۽ افريقا ۾ قوم پرستي جيءَ بنيادن تي جدو جهد شروع ٿي ويئي، هيٺ مختصر طور انهيءَ دور ۾ ايشيا ۽ افريڪا جي جدا قومن طرفان. آزاديءَ لاءِ ڪيل جدوجهد جو احوال پيش ڪجي ٿو:-

(۱) اتر افريقا جا ملڪ (موراڪو، الجيريا، تونيسيا، لبيا)

جنگ ڪانپوءِ سگهو ئي اسپين واري موراڪو ۾ ريف جي امير غازي عبدالڪريم جي اڳواڻيءَ هيٺ اسپين جي سامراج خلاف آزاديءَ لاءِ هلچل شروع ٿي. جنهن کي دٻائڻ لاءِ اسپيني حڪومت هڪ وڏو لشڪر جنرل سلويسٽر جي ڪمانڊ هيٺ چاڙهي موڪليو، جنهن کي غازي عبدالڪريم ۲۱ جولائي ۱۹۲۱ع تي ختم ڪري ڇڏيو.

هو اسپين حڪومت کي وقت بوقت شڪستون ڏيندو رهيو جنهن

ڪري اسپين وارا موراڪو جي اندروني حصي مان نڪري ساموندي ڪناري جي قبضي ۾ وڃي رهيا هئا.

ان وچ ۾ الجيريا جي مختلف حصن تي قبضي ڪرڻ لاءِ فرانس وارن عربن سان جنگ ۾ پئي ڪئي. پر ۾ هئڻ ڪري انهن جو غازي عبدالڪريم سان تصادم ٿي پيو. جنهن کي دٻائڻ لاءِ ٢٦ جولائي ١٩٢٥ع تي فرانس ۽ اسپين جي حڪومتن پاڻ ۾ متحد ٿي ڏيڍ لک لشڪر مارشل پيتن جي هٿ هيٺ غازيءَ سان لڙڻ لاءِ موڪليو. لڙائي سال کن هلندي رهي. آخر ۾ زبردست طاقتن جي جديد هٿيارن سان مسلح لشڪر سان لڙڻ مشڪل ڄاڻي غازي عبدالڪريم ٢٦ مئي ١٩٢٦ع تي هٿيار ڇڏي پيش پيو. جنهن کي فرينچ حڪومت ري يونين ٻيٽ تي جلاوطن ڪري نظر بند رکيو. اهڙي طرح موراڪو جي جنگ آزاديءَ جي تحريڪ کي اتحادي سامراجين ٻحال ڪچلي ڇڏيو.

ٻي طرف لبيا ۾ شيخ ادريس سنوسي آزاديءَ جو جهنڊو کنيو هو. ابتدا ۾ ان کي اٽلي جي حڪومت ملڪ جي هڪ حصي لاءِ اڳواڻ تسليم ڪري ڪي اختيار ڏنا. ليڪن جڏهن مغربي ملڪ سڀ ملي ويا ته اٽليءَ وارن ٩ مارچ ١٩٢٧ع تي ڏنل اختيار واپس ورتا ۽ وري آزاديءَ جي لاءِ لڙائي شروع ٿي.

هن دفعي اتحادي طاقتون مضبوط هيون ۽ شيخ سنوسي به مجبور ٿي هٿيار ڇڏي پيش پيو. جنهن ڪري هن ٻي ملڪ کي به زبردستي غلام رکڻ ۾ مغربي ملڪ ڪامياب ٿيا.

ٽي طرف الجيريا ۾ آزاديءَ لاءِ هلچل شروع ٿي جنهن لاءِ قسطنطنيه، الجيريا ۾ هڪ قوم پرستن جي ڪانفرنس ڪئي ٿي جنهن ۾ ساري ملڪ جا عالم اچي گڏ ٿيا. جن بيت المقدس واري مسلم ڪانگريس جي پروگرام وانگر مسلمانن ۾ اصلاح آڻڻ ۽ بيداري پيدا ڪرڻ واسطي هڪ جماعت جميعت العلماءَ نالي ناهي جنهن تحريڪ کي فرينچ حڪومت وڏڻ ڪان روڪي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح انهن اتحادي طاقتن جن جمهوريت کي قائم رکڻ ۽ ننڍين قومن کي آزادي وٺي ڏيڻ لاءِ مهاڀاري لڙائي وقت نعرا هنيا هئا تن ساڳين سندن ماتحت ملڪن کي آزادي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو."

(٣) مصر ۽ سوڊان:-

جنگ جي زماني ۾ انگريزن مصر ۾ جي سختيون ڪيون هيون تن

ڪان تنگ ٿي جنگ ڪانپوءِ مصر ۾ سعد زغلول پاشا جي اڳواڻيءَ هيٺ قوم پرست هلچل زور ورتو. جنهن ڪري انگريزن ۱۹۱۹ع ۾ زغلول پاشا کي مالٽا ۾ نظربند ڪري رکيو. جنهن تي ساري ملڪ ۾ انگريزن جي خلاف سخت مخالفت شروع ٿي ويئي.

گهڻي ڪشمڪش بعد نيٺ ۱۹۲۲ع ۾ ڪن شرطن تي مصر کي مڪاني آزادي ڏني ويئي.

نئين آئين پٽاندڙ ۲۷ سپٽمبر ۱۹۲۳ع تي پارليامينٽ جون چونڊون ٿيون جنهن ۾ وفد پارٽي اڪثريت ۾ چونڊ جي آئي. ۽ پارٽيءَ جي اڳواڻ سعد زغلول پاشا وزارت ٺاهي.

ليڪن اصلاحات کي ڪافي نه سمجهي ماڻهن وڏيڪ حقن جي گهر ڪئي. انگريزي عملدارن پنهنجا خاص اختيار هلائي سختي ڪرڻ شروع ڪئي. ان ڪري جون مهيني ۾ ساري مصر ۾ عام بغاوت جا آثار ڏسڻ ۾ آيا.

۲۵ سپٽمبر ۱۹۲۴ع کان ۳- آڪٽومبر تائين سعد زغلول پاشا ۽ مسٽر مئڪڊونالڊ وزير اعظم انگلنڊ جي وچ ۾ ڳالهيون ٿيون پر نتيجو ڪونه نڪتو.

۲۰ نومبر ۱۹۲۴ع تي ڪنهن تعصبي مسلمان سرلي سٽئڪ مصري لشڪر جي انگريز سپهه سالار ۽ سوڊان جي گورنر جنرل کي قتل ڪري ڇڏيو. مصري حڪومت ان تي افسوس جو اظهار ڪندي، جوابدارن خلاف سخت قدم کڻڻ جو واعدو ڪيو پر انگريزن ڏوهارين کي سزا، سياسي هلچل تي بندش، جرماني، معافي ۽ سوڊان مان مصري فوج هٽائڻ جا شرط پيش ڪيا جي شرط مصري حڪومت سواءِ سوڊان مان لشڪر هٽائڻ جي قبول ڪيا. پر انگريزن سڀني شرطن قبولڻ تي زور ڏنو. جنهن تي سعد زغلول پاشا وزارت کان استعيفا ڏئي ٻاهر نڪري ويو.

انگريزن سندن هڪ ماڻهوءَ کي وزيراعظم مقرر ڪيو. مارچ ۱۹۲۵ع ۾ وري نيون چونڊون ٿيون جنهن ۾ به وفد پارٽي اڪثريت ۾ چونڊجي آيو ليڪن انگريزن ٻيهر سندن ماڻهوءَ کي وزارت سونپي، ان تي قوم پرستن حڪومت جو ڪاروبار هلائڻ مشڪل ڪري ڇڏيو.

۲۳- اگسٽ ۱۹۲۷ع تي زغلول پاشا وفات ڪئي، جنهن جي جاءِ تي مصطفيٰ نحاس پاشا وفد پارٽيءَ جو ليڊر چونڊيو.

۱٦- مارچ ۱۹۲۸ع تي وري نحاس پاشا جي هٿ هيٺ وزارت ٺهي

پوءِ گهڻي وقت تائين انگريزن ۽ قوم پرستن جي وچ ۾ اختيارات جي ڳالهين تان اختلاف هلندا آيا. جنهن ۾ بادشاه فواد ڪي انگريزن، قوم پرستن جي خلاف وقت بوقت ٻي ڪتب آندو.

آخر ١٩٣٥ع ۾ انگريزن مجبور ٿي ١٩٢٣ع وارو سسپينڊ ٿيل آئين ٻيهر بحال ڪيو.

ٻي سال چونڊن ۾ وري وفد پارٽي اڪثريت حاصل ڪري حڪومت ورتي.

(٣) ترڪي:-

ان بابت هن ڪتاب جي پهرين جلد ۾ خلافت مسئلي جي سلسلي ۾ اڳي ذڪاري آيو آهيان ته مصطفيٰ ڪمال پاشا حڪومت جون واڳون وٺڻ بعد، ترڪن جي وڃائل ايراضي واپس وٺي ان کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوششن ۾ مشغول ٿي ويو هو.

هن ١٩٢٤ع ۾ خلافت کي ختم ڪري ملڪ کي ريپلبڪ بنائي سيڪولر طريقي تي حڪومت جو ڪروبار هلائڻ شروع ڪيو هو.

ملڪ کي پهرين درست ٿيل آئين ڏنائين جو اڳين آئينن کان بهتر هو. ليڪن هن، ملڪ ۾ صرف هڪ پارٽيءَ جو راڄ قائم ڪري، ڊڪٽيٽر ٿي ڪم هلائڻ کي بهتر ڄاتو.

اڳتي هلي ڏهن سالن ڪانپوءِ ١٩٣٠ع ڌاري مخالف پارٽيءَ کي ٻه ڪن شرطن تي وجود ۾ اچڻ ڏنائين. هن اقتصادي يا جمهوري طريقي جا ڪي به سڌارا ملڪ ۾ نه آندا. سندس ڪمن مان نمايان ڪيل ڪم هيٺيان هئا:

(١) وڏيڪ شادين ڪرڻ تي بندش وڌائين.

(٢)مذهب کي سياست کان عليحده ڪري، مذهبي ماڻهن کي ان ۾ دست اندازي ڪرڻ کان روڪيائين.

(٣) فيض ٽوپي ۽ برقعي پائڻ جي رواج کي مذهب ۽ رجعت پسنديءَ جي نشاني سمجهي ان جي پائڻ کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪيائين.

(۴) آئين مان ملڪ جي حڪومت اسلامي هئڻ وارو فقرو ڪڍي ڇڏيائين.

(۵) ترڪي زبان رومن اکرن ۾ لکڻ جو رواج وڌائين.

(٦) سول مئريج، (باهمي رضامندي جي شادي، طلاق) جو قانون

لازمي ڪيائين.

(٧) زالن کي ووٽ جو حق ڏنائين.

(٨) پر وارن ملڪن سان دوستيءَ جا عهدناما ڪيائين.

(٩) بلقان جي عيسائي حڪومتن (جي اڳي ترڪيءَ جي ماتحت هيون ۽ هاڻ آزاد ٿيون هيون) سان بہ باهمي مدد جو سمجهوتو ڪيائين.

(٤) سوريا (شام)

جنگ مهل انگريزن عربن سان وعدو ڪيو هو تہ سريا سندن حوالي ڪيو ويندو پر اندران اندر فرينچن سان عهدنامون ڪري، جنگ کانپوءِ سريا سندن حوالي ڪئي ويئي.

سگهوئي عربن فرينچن خلاف آزاديءَ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي.

هنن ٢ جولائي ١٩١٩ع تي دمشق ۾ ڪانگريس سڏائي مڪمل آزاديءَ لاءِ گهر ڪئي، ان کانپوءِ وري ١١ مارچ ١٩٢٠ع تي ڪانگريس امير فيصل کي بادشاه بنائڻ جو اعلان ڪيو.

انگلنڊ ۽ فرانس ان کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ٢٥ جولائي ١٩٢٠ع تي فرينچن زوري دمشق تي قبضو ڪري امير فيصل کي گاديءَ تان لاهي ڇڏيو.

١٩٢٥ع کان ١٩٢٧ع تائين دروس قبيلي بغاوت ڪري شام جي ڀهراڙين تي قبضو قائم رکيو.

جڏهن فرينچن دمشق ۾ باغين جي لاشن کي ٽنگيو تنهن تي دمشق جي رهاڪن بغاوت ڪري فرينچن کي شهر ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو. جنهن تي فرينچن وڏيڪ لشڪر آڻي، ٽئنڪن ۽ هوائي جهاز سان حملو ڪري شهر تي بہ قبضو ڪيو ۽ دروس قبيلي وارن کي بہ شڪست ڏني.

پوءِ ٢٢ مئي- ١٩٣٠ع تي فرينچن پنهنجي طرفان هڪ آئين ناهي سريا کي چونديل پارليامينٽ ڏئي ريپبلڪ بنايو. جنهن پارليامينٽ علي بلي العابد کي پريزيڊنٽ چونڊيو.

فرينچن ان کي قبول ڪري ١٩٣٣ع ۾ سريا سان عهدنامون ڪيو جنهن موجب ٢٥ سالن تائين سريا ۾ فرينچن کي ڪافي اختيار رهڻا هئا.

١٩٣٤ع ۾ جڏهن پارليامينٽ گڏ ٿي تہ ان هن ڪيل عهدنامي کي رد ڪري ڇڏيو جنهن فرينچن پارليامينٽ کي اڻ ڄاڻايل مدي تائين معطل ڪري ڇڏيو.

ان کان پوءِ شامين ۽ فرينچن جي وچ ۾ مڪمل آزاديءَ لاءِ تصادم هلندو رهيو.

(۵) فلسطين ۽ جورڊان:-

جنگ کان پوءِ جلدي ٢ نومبر ١٩١٧ع تي لارڊ بالفور هڪ اعلان ڪري فلسطين کي يهودين جو قومي وطن قرار ڏنو.

سگهوئي ليگ آف نيشنس اتحادين جي اثر هيٺ ٢۴ جولائي ١٩٢٢ع تي ان جي منظوري ڏني.

١٩٢١ع ۾ عربن جي ڪانگريس قانون ساز اسيمبليءَ جي گهر ڪئي، مئي ڌاري يهودين جي بي انداز هجرت ڪري اچڻ تي عربن طرفان فساد ٿيا.

٢٦ مئي ١٩٢٣ع تي انگريزن جورڊان (اردن) کي علحده حڪومت بنائي، امير عبدالله بن حسين کي بادشاه بنايو ليڪن بچاءِ مالي ڪاتو انگريزن جي سنڀال هيٺ رهيو.

پهرين اپريل ١٩٢۵ع تي لارڊ بالفور جيروسلم ۾ هيبريو يونيورسٽي کولي.

اگست ١٩٢٩ع ۾ يهودين ۽ عربن جي وچ ۾ وڏي پيماني تي فساد ٿيا. انگريزي حڪومت طرفان فسادن جي اسبابن معلوم ڪرڻ لاءِ سر والٽر شاجي چيرمنيءَ هيٺ ڪاميٽي مقرر ٿي.

جنهن عربن سان ڪيل واعدن جي خلاف ورزي ۽ يهودين خلاف نفرت انجام ڪارڻ ڄاڻايا. جنهن تي يهودين جي وڏيڪ هجرت تي بندش وڌي ويئي. ان تي يهودين هڙتالون ڪري شور مچايو. آخر انگريزن ملڪ کي ورهائي ٻه حصا ڪيو هڪ حصو يهودين کي ۽ هڪ حصو عربن کي امير عبدالله جي هٿ ۾ ڏنو.

ان کان پوءِ يهودين سندن حصو ملڪ مان عربن کي ڪڍڻ شروع ڪيو ۽ سندن حڪومت اڃان تائين عربن جي ڪک ۾ ڪان بنيو بيٺي آهي.

(٦) عراق:-

١٠- جنوري ١٩١٩ع تي انگريزن هندوستاني لشڪر سان، جن ۾ ڪيترا پنجاب جا مسلمان به هئا. بغداد تي قبضو ڪيو.

صلح ڪانفرنس جي سپريم ڪائونسل (جنهن جا ڏهه ميمبر هئا. انگلنڊ، امريڪا، فرانس، اٽلي ۽ جپان جا وزيراعظم ۽ وزير خارجيه) عراق

ڪي ٢٥- اپريل ١٩٢٠ع تي انگريزن جي سنڀال هيٺ ڏنو. جنهن تي ناراض ٿي ساڳي سال، جولاءِ ڪان ڊسمبر تائين انگريزن خلاف عربن سخت بغاوت ڪئي.

ان ڪي ٿارڻ لاءِ امير فيصل کي شام ڪان گهرائي ٢٣ جون ١٩٢١ع تي بادشاه بنايو ويو. جو ١٩٣٣ع تائين بادشاه رهيو.

انهيءَ انگريزن سان لشڪري معاهدو ڪيو. جنهن ۾ انگريزن جي هٿ ۾ گهڻا اختيار رهڻ وارا هئا.

٢٧- مارچ ١٩٢٤ع تي عراق جي آئين ساز اسيمبلي گڏ ٿي اهو عهدنامو بحال ڪيو. جولائي ۾ اسيمبلي آئين پاس ڪيو.

سگهوئي موصل جي تيل جي کاڻين تان ترڪيءَ عراق جي وچ ۾ اختلاف ٿيو جو مغربي طاقتن جي مدد سان عراق جي فائدي ۾ فيصل ٿيو.

انهيءَ وچ ۾ ٻه تي دفعا ڪردن، عربن ڪان آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪئي پر انهن کي زوريءَ دٻائي ماتحت رکيو ويو. ١٩٣٢ع جي ٣- آڪٽوبر تي عراق ٿوري اندروني آزادي هٿ ڪري ليگ آف نيشنس جو ميمبر ٿيو.

٨- سيپٽمبر ١٩٣٣ع تي امير فيصل وفات ڪئي، سندس جاءِ تي ان جو پٽ امير غازي تخت نشين ٿيو.

جيئن ته اتي موصل جي تيل جون کاڻيون انگريز ڪمپنيءَ جي هٿ ۾ هيون، ان ڪري انگريزن جي هميشه اها ڪوشش پئي رهي ته اتي جي حڪومت جي واڳ پنهنجي هٿ ٺوڪين ماڻهن جي قبضي ۾ رکن. تنهن ڪري هنن ڪيترائي اختيار پنهنجي قبضي ۾ رکيا هئا. قوم جي مکيه ماڻهن کي خريد ڪري بي ايمان بنائڻ جي باوجود به عام ماڻهن ۾ سخت ناراضگي رهندي آئي.

(٧) ايران:-

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جي زماني ۾ ايران غير جانبدار رهڻ جو اعلان ڪيو هو پر ڪمزور هئڻ ڪري ١٩٠٧ع جي عهدنامي جي آڌار تي هن تي رشيا ۽ انگريزن قبضو ڪري ورتو. جنگ پوري ٿيڻ ڪان پوءِ سوويٽ حڪومت پنهنجو لشڪر، ايران مان واپس گهرائي ورتو ليڪن انگريز اتيئي رهيا پيا هئا.

١٩١٩ع ڌاري ايراني حڪومت هڪ وفد ليگ آف نيشنس ۾ موڪليو ته ١٩٠٧ع وارو عهدنامون رد ڪيو وڃي ۽ سندن ملڪ مان ڌاريون

طاقتون نڪري وڃن پر انگريزن جي اثر ڪري موڙگو وفد کي ليگ ۾ ڊڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

ساڳي سال ۾ انگريزن ايرانين سان عهدنامون ڪيو. جنهن ۾ کين قرض به ڏنو ويو هو ۽ حڪومت لاءِ صلاحڪار به ڏنا ويا هئا، جنهن ڪري حڪومت تي انگريزن جو اثر رهڻ لڳو. ان جي عوام طرفان مخالفت ٿي ۽ اسيمبلي انهي عهدنامي کي پاس ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

١٠ جنوري ١٩٢٠ع تي ايران ليگ آف نيشنس جو ميمبر ٿيو.

٢١ فيبروري ١٩٢١ع تي مازندران جي رهاڪو ڪوسئڪ ايرانين برگيڊ جي آفيسر رضا خان ملٽري ڪوڊي ٽا جي ذريعي تهران تي قبضو ڪري ورتو.

وزيراعظم سيد ضياءالدين کي بنايائين ۽ پاڻ فوج جي ڪمانڊ هٿ ۾ رکيائين ۽ وزير جنگ جو عهدو به سنڀاليندو رهيو.

پهريون ڪم جو انهن ڪيو سو اهو هو ته انگريزن سان اڳين حڪومت جو ڪيل عهدنامون جو اسيمبلي (مجلس) نابحال ڪيو هو سو ڦٽو ڪري ڇڏيائون ۽ سوويٽ حڪومت سان عهدنامون ڪيائون جنهن موجب هو ايران کي خالي ڪري ويا. قرض ۽ روسي ملڪيت بنا معاوضي ڇڏي ويا. پوءِ ترڪيءَ سان دوستيءَ جو عهدنامون ڪيائون.

٢٣- آڪٽومبر ١٩٢٣ع تي رضا خان وزيراعظم ايران ٿيو.

آڪٽوبر ۾ برٽش آئل ڪمپنيءَ جي مدد سان شيخ خزال محمد ۽ بختياري قبيلن جي سردارن رضا خان خلاف بغاوت ڪئي پر رضا خان انهن کي شڪست ڏئي، حڪومت تي پورو قبضو ڄمائي ويو.

شاه ايران ان وقت يورپ ۾ رهندو هو سو مٿين حالتن کي ڏسي واپس ڪونه موٽيو. جنهن تي ايراني مجلس اول ۾ فيبروري ١٩٢٥ع ۾ رضا خان کي جملي اختيار ڏئي ڊڪٽيٽر بنايو پوءِ ٣١- آڪٽومبر ١٩٢٥ع تي شاه کي گاديءَ تان لاهي ١٣ ڊسمبر ١٩٢٥ع تي کيس بادشاه بنائي شاه جو لقب ڏئي ڇڏيو.

٢٥- اپريل ١٩٢٦ع تي ان جي باقاعدي تاجپوشي ٿي.

هن مصطفيٰ ڪمال جي پوئلڳيءَ ۾ ملڪ کي مضبوط ڪرڻ شروع ڪيو. لشڪر وڌايائين، رستا ٺهرايائين، هوائي جهاز ورتائين، ٿوري ريلوي لائين ٺهرائين ، نيشنل بئنڪ کولارايائين، عراق، افغانستان ۽ ترڪيءَ سان

دوستيءَ جا عهدناما ڪيائين.

ٻاهرين ڪي ايران ۾ زمين ونڊ تي بندش وڌائين. ائنگلو پرشن تيل ڪمپنيءَ کان تيل جي رائلٽي وڌيڪ ورتائين. ان ڪري ايران ڪجهه قدر آزاد ٿي سڌرڻ لڳو.

ليڪن ٻاهرين ملڪن جي دست اندازي بدستور قائم رهي

٨ - افغانستان:-

اڳئين جلد ۾ جنگ بعد امير امان الله خان جي بادشاه ٿيڻ جو ذڪر ڪري آيو آهيان. هن طاقت ۾ اچڻ بعد انگريزن سان جنگ ڪرڻ ڪانپوءِ انگريزن، روس، ايران، ترڪي ۽ عراق سان دوستانہ عهدناما ڪيا.

ملڪ کي جديد طرز تي سڌارڻ جون رٿون رٿيون، هو پيسي نہ هئڻ ڪري اقتصادي ترقيءَ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪري نہ سگهيو. رستا، ڪاليج، اسپتالون، لشڪر وڌائڻ وغيره سڀ ۾ پئسن جي ضرورت هئي ان ڪري سماجي اصلاح طرف رخ رکيائين. سمجهيائين تہ اهو ڪم خرچ ۽ سولو رستو هو ۽ وڌيڪ مشتهري بہ ڪرائيندو.

ليڪن افغانستان جا ماڻهو تمام پوئتي پيل ۽ قدامت پسند هئا. مُلن جو اتي گهڻو زور هو.

انگريزن امان الله خان جي جنگ ۾ روس وارن سان ساز باز ڪرڻ کي نہ وساريو هو.

تن سندن ڪيل اصلاحات مان پيدا ٿيل ناراضگيءَ کي وڌائڻ ۾ هٿي ڏني. ملن انهي اصلاحات مان سندن اقتدار کي خطرو ڏٺو.

سگهو ئي امير امان الله خان يورپ جي سير لاءِ ويو. ١١- ڊسمبر ١٩٢٧ع تي سنڌ مان لنگهيو. انهيءَ زماني ۾ سنڌس اصلاحات جي ڳالهين جي هاڪ عام هئي ان ڪري، جتان لنگهيو يا جتي ويو اتي ان جي شاندار آجيان ٿي.

يورپ ۾ وڃڻ مهل اتي جي تقريبن جا فوٽو ملن کي ميسر ٿي مليا. انهن اسلام کي خطري جو آواز اٿاري هن جي خلاف بغاوت شروع ڪرائي. انهيءَ ساري مخالفت جو سر گروو ملاشور بازار چيو ٿي ويو. جو حضرات سرهندين مان هئڻ ڪري وڏي دست رسي ۽ اثر جو مالڪ هو.

آخر اها ٻاهہ دکي ١٩٢٩ع جي جنوري ۾ وڃي ڪليل بغاوت جي شڪل ۾ نمودار ٿيو.

ٿوري لشڪر ۽ عوام جي مدد نہ هئڻ ڪري هن مقابلي جي طاقت نہ ساري ملڪ ڇڏي وڃي اٽليءَ ۾ سڪونت اختيار ڪئي. انهيءَ خانہ جنگيءَ جو فائدو وٺي هڪ بچو سقو نالي ماڻهوءَ ڪابل فتح ڪري حبيب الله خان غازي جي لقب سان حڪومت ڪرڻ شروع ڪئي.

مُلا يا تہ انهيءَ جي حڪومت ۾ راضي هئا يا تخريب ڪري سگهيا ٿي ليڪن تعمير جي قوت نہ ساري خاموش رهيا.

آخر يورپ ڪـــان مـــارچ ١٩٢٩ع ۾ جنرل نادر خان، واپس اچي مختلف قبيلن جي مدد سان جنگ ڪري ملڪ تي قبضو ڪري ورتو. هن امان الله خان وانگر ملڪ جي تعمـيـر ۽ ترقيءَ جي ڪوشش ڪئي ليـڪن ذرا دانشمنديءَ کان ڪم وٺي، پاڻ کي ملن جي مخالفت کان بہ بچائيندو رهيو ۽ آهستہ آهستہ حڪومت کي مضبوط بہ ڪندو ويو.

٨ - نومبر ١٩٣٣ع تي ڪيس ڪنهن ماڻهوءَ شخصي دشمنيءَ سبب قتل ڪيو ۽ سندس جاءِ تي بنا تڪليف جي سندس فرزند محمد ظاهر شاه گادي نشين ٿيو جو چاچن ۽ سوٽن جي صلاح مشوري سان حڪومت هلائي رهيو آهي.

هتي هي ٻڌائڻ ضروري آهي تہ جنرل نادرخان بہ ساڳي محمد زئي بارڪزئي قبيلي مان هو جنهن مان امان الله خان هو.

سندن وڏي ڏاڏي پايندا خان کي پنج پٽ هئا.

امـان الله خان سندس فـرزند دوست محـمـد خان جي پڙپوٽي امـير حبيب الله جو فرزند هو ۽ جنرل نادر خان سندس ٻي فرزند سلطان محمد خان جو پڙپوٽو هو.

(٩) چيـن:-

پهرين مهـاياري لڙائيءَ ڪان پوءِ ١٩٢٠ع ڪان ١٩٢٦ع تائين چين خانہ جنگي جي مشڪلاتن ۾ ڦاٿو رهيو.

٤ - فيـبروري ١٩٢٢ع تي واشنگٽن ۾ نون حـڪومتن گڏجي هڪ ڪانفرنس ڪئي، جنهن ۾ هتي چين جي آزادي ۽ ترقيءَ لاءِ رٿون سوچيون.

٢١- جنوري ١٩٢٤ع تي ڪنٽن ۾ قـــوم پرست پارٽيءَ جي ڪانفرنس سن ييت سين جي صدارت هيٺ گڏ ٿي. جنهن ۾ پارٽيءَ جو نالو ڪومن تنگ رکيائون.

ان جا ٽي مکيہ مقصد ٺهرايائون.

١- قوم پرستي ٢- جمهوريت ٣- سوشلزم

انهيءَ ڪانفرنس ڪميونسٽن کي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جي اجازت ڏني، رشين صلاحڪار ميڪائيل بورڊين کي پارٽيءَ جي منظم ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو. سن ييٽ سين قوم پرست گروه جي اڳواڻ ١٢ مارچ ١٩٢٥ع تي وفات ڪئي.

امريڪا ۽ رشيا وارن چين کي مدد ڏني، پر انگريزن جي دست اندازي هلي آئي، جنهن ڪري انگريزن خلاف هڙ تالون ٿيڻ لڳيون.

ساڳي سال ۾ ڪومن تنگ پارٽيءَ جي وچ ۾ نرم ۽ گرم ڌرين جا اختلاف ٿي پيا. نرم ڌر جي ليڊر چيانگ ڪائي شيڪ نانڪنگ ۾ حڪومت جو مرڪز قائم ڪري، ڪميونسٽن ۽ سوويٽ ڪارڪنن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري حال امن آندو. ليڪن انهيءَ پاليسيءَ جي خلاف رد عمل وڌندو ويو ۽ آخر ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اڳواڻي مائوزي تنگ جي هٿ ۾ آئي، جنهن بي زمين هارين کي ڪٺو ڪري جنرل چوتي جي ڪمانڊ هيٺ، سڄي ڌر جي مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي.

ليڪن نرم ڌر کي امريڪن جي مدد هئڻ ڪري هي مقابلي جو تاب جهلي نہ سگهيا ۽ هڪ ڏکو سفر ڪري چين جي دور دراز حصي ۾ وڃي پناه گزين ٿيا.

سگهوئي جپانين سندن مشرق بعيد تي قبضي ڪرڻ جي پروگرام مطابق چين تي حملو ڪري ١٩٣٢ع ۾ منچوريا جو صوبو قبضي هيٺ آندو.

چائنا ٻن مصيبتن ۾ گرفتار ٿي ويو. هڪ خانہ جنگي ۾ ٻي جپاني حملہ آوري جي مشڪلات هين.

هي مختصر احوال نيشنلزم جي جذبہ هيٺ هندوستان جي آس پاس ٿيل تحريڪن جو هو. انهي پيدا ٿيل تحريڪن کي دٻائڻ جي مکيہ پارٽ اتحادي حڪومتن ورتو.

٣- ڪميونزم:-

هن نظريي مطابق ملڪ جي ترقيءَ ۽ تعمير جو سمورو مدار اقتصادي جوڙجڪ تي رهي ٿو. ان نظريہ موجب پيداوار جي جملي ذريعن، ان جي ورهاست ۽ پيسي تي (عام ماڻهن جي نفعي واسطي استعمال ڪرڻ لاءِ) حڪومت جو قبضو رهڻو آهي.

قومي مفاد کي شخصي ۽ طبقاتي مفاد تي ترجيح ڏني وڃي ٿي. هر

ڳالهه کي تاريخي ارتقا جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو وڃي ٿو.

انهي ساري نظريي جو بنياد مٽيريلزم جي فلسفي تي ٻڌو وڃي ٿو.

پهرين مهاياري لڙائي کان پوءِ وڏي پيماني تي انهي نظريي جو تجربو روس ۾ ٿيڻ لڳو.

ابتدا ۾ سوويت يونين کي سرمائيدار ۽ سامراجي طاقتن جي مخالفتن ڪري مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پيو. ليڪن جلد ئي هن پاڻ سنڀالي ورتو ۽ منصوبي پروگرامن موجب ترقي ڪرڻ لڳا. هن جي سياسي پاليسي سامراجين ۽ سرمائيدارن جي خلاف هئي جنهن ڪري ڪمزور ۽ غلام قومن کي منجهان سهارو ملڻ لڳو.

هن جو سياسي نظام، پارٽيءَ جي ڊڪٽيٽريءَ وارو هئڻ ڪري يڪ طرفه رستي وارو هو. اختلاف راءِ کي زوري دٻايو ٿي ويو. فرد جي پوزيشن مشين جي پرزي جهڙي بنجي پيئي. انهيءَ هڪ رنگي حالت بنائڻ لاءِ ملڪ جي ماڻهن کي گهٽن مالي مشڪلاتن ۾ خون خرابين مان گذرڻو پيو. اونچي چڙهائي لاءِ تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون.

ليڪن آهسته آهسته تي انهن جي جلد ترقيءَ کي ڏسي اهو عقيدو وچڙندڙ مرض وانگر چوڌاري پکڙجڻ لڳو.

٣- فاسيزم

انهي نظريي جو رواج جرمنيءَ ۾ هٽلر جي نازي پارٽي ۽ آٽليءَ ۾ مسولني جي فاشسٽ پارٽيءَ جي ديکا ديکي چوطرف پيو. انهن هيگل ۽ نطشه جي سياسي فلسفي مان سبق وٺي انهيءَ نظريو جو بنياد وڌو هو.

دنيا ۾ قديم وقت کان مختلف صورتن ۾ انهي نظريي جا پوئلڳ پي رهيا آهن پر جهڙي طرح ڪميونزم پنهنجي جي آخري شڪل ڪارل مارڪس جي تعليم ۽ لينن جي عملي ڪارگذاريءَ مان ورتي تنهن وانگر هن نظريي سندس آخري عملي صورت هن زماني ۾ ورتي.

انهيءَ نظريي جا بنيادي اصول هيٺيان هئا:

١- بقائي اصلح جي قانون مطابق هر ڪمزور ۽ ناصالح جانور ۽ ماڻهو مضبوط، صالح ۽ صحت مند جانور ۽ ماڻهو جي مقابلي ۾ ناڪامياب ٿي ختم ٿي وڃي ٿو.

اهو قانون قومن سان به لاڳو آهي. مضبوط ۽ لائق قومون ترقي ڪري ملڪن جون مالڪ بنجن ٿيون. ڪمزور ۽ نالائق قومون هيٺ ڪري

فنا ٿيو وڃن يا غلام بڻجيو پون.

٢- انهيءَ اصول ڪي مدنظر رکي آريا قوم ڪي صحت مند ۽ صالح جاتي، دنيا جي حڪومت ۽ رهبري جو لائق ٿي سمجهيو ويو.

٣- حڪومت جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ چونڊيل ۽ لائق گروه کي اهل ٿي سمجهيو ويو. جمهوريت جي اصول کي نااهل ماڻهن جي برتري قبول ڪرڻ جي برابر سمجهي رد ڪيو ٿي ويو.

٤- انهيءَ اصول مطابق اهي چونڊيل قومون ٻين نااهل قومن مٿان حڪومت هلائڻ جي حقدار هيون.

٥- انهي نظريي وارين حڪومتن سموري قومي وسائل کي مرڪزي طرح منظم ڪري انهي کي مخصوص چونڊيل طبقي جي مفاد لاءِ ڪتب ٿي آندو. شخصي ملڪيت قائم رکيائون ٿي.

ٻين مغربي قومن جن جمهوريت جي اصول کي مڃيو ٿي، تن به ساڳي طرح طبقاتي مفاد جي حمايت، سامراج قائم رکڻ حڪومت جي پاليسي مقرر ڪئي هئي.

تفاوت ٻنهي گروهن ۾ صرف هي هو ته جمهوريت جي نالي وٺندڙ ماڻهن، سامراج جو قيام ٻنتي پيل قومن جي سڌاري، تربيت ۽ حفاظت جي نالي ۾ عارضي طور رکڻ ٿي گهريو.

پر هن گروهه هنن کي هميشه لاءِ نااهل سمجهي انهن کي دائمي غلام رکڻ جو اقرار ٿي ڪيو. جمهوريت هلائڻ جا طريقا پهرين گروهه اهڙا رکيا هئا جو طاقت هميشه مخصوص طبقي جي هٿ ۾ رهڻ واري هئي ليڪن ٻي گروه موروڳو اختلاف راءِ کي بيڪار سمجهي هڪ پارٽي راڄ قائم ڪرڻ ٿي گهريو.

هي ٻيو گروهه جارحانه نيشنلزم جو حامي هو.

٦- هنن سندن برتري، مخالفن جي خامين جي بنياد تي، خوف ۽ نفرت کي پنهنجي سياسي پاليسيءَ جا مکيه جزا بنايا هئا.

٧- انهيءَ نظريه کي عام بنائڻ، سندن حڪومت ۽ برتري ڪمزوري، قومن تي مسلط ڪرڻ لاءِ، هنن تشدد جو استعمال لازمي ٿي سمجهيو.

انهيءَ ڪري هنن ماڻهن ۾ جنگي ذهنيت پيدا ڪئي ٿي ۽ هر بالغ کي زوريءَ ملٽري تعليم ڏني ٿي. لڪن سولجرن جون پريڊون ۽ نما ئشون

ڪرائي، ماڻهن ۾ جنگ لاءِ چاه پيدا ڪرايو.

٨- ٻين وارن ملڪن تي قبضو ڪرڻ سندن پروگرام جو مکيه جزو هو.

(نوٽ) اهو نظريو هندوستان جي سياسي نظرين ۾ گهٽين بدعتن پيدا ڪرڻ جو باعث بنيو.

هندوستان جي مسلمانن ۾ هيٺيون ٽي سياسي تحريڪون انهي نظريي جون مرهون منت سڏي سگهجن ٿيون.

(١) ڊاڪٽر اقبال جي اسلامي تشريح ۽ مسلم ليگ جي پاليسي.

(٢) علامه مشرقيءَ جي خاڪسار تحريڪ.

(٣) علامه مودودي جي جماعت اسلامي.

هندن ۾ جن سنگهه ۽ رشٽريه شيوا سنگهه ۽ ٻين جماعتن، انهيءَ مان سبق ورتو. هت جنهن صورت ۾ پاڪستان ۾، هندن جي جماعتن سان واسطو نه رهيو آهي.

آءٌ مثال طور مٿين ٽن مسلم تحريڪن جي فاسيزم سان مشابهت ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندس.

(ا) ڊاڪٽر اقبال جي اسلامي تشريح ۽ مسلم ليگ جي پاليسي:-

الف - ڊاڪٽر صاحب، مسلمانن کي اعتقاد ۽ عمل جي بنياد تي چونڊيل ۽ اعليٰ قوم هئڻ جي دعويٰ تي ڪئي

ب - اهي دنيا جي قومن کي بهادري ۽ رهبري جو سبق ڏيڻ وارا هئا.

ت - جهاد کي زندگيءَ جي ڪاروبار ۾ اهم درجو ڏيڻ سندس تعليم جا مکيه جزا هئا.

ث - سندن نزديڪ جمهوريت فرسوده نظريو هو.

ج- مسلم ليگ انهيءَ مان سبق ورتي، واحد نمائنده جماعت، هڪ ليڊر، هڪ جهنڊو، جداگانه قوميت، جداگانه ملڪ. فسطائي نعره (يقين محڪم، اتحاد ڪامل، تنظيم) پنهنجي مقاصد جا جزا بنايا.

هندن جي نفرت، غير برداشت جو مادو، خوف جو پيدا ڪرڻ، جارحانه ذهنيت پيدا ڪرڻ، سڀ انهي نظريه فاشزم جون شاخون هئا. تفاوت صرف هي هو ته نازين، جرمن قوم کي نسل ۽ لياقت جي بنياد تي

جونڊيل قوم ٿي سمجھيو. جيتوڻيڪ جرمن قوم نہ نيٺ آريا نسل ھئي نہ لياقت ۾ ٻين قومن کان اعليٰ ھئي، اھي نعرا صرف عوام کي اپارڻ لاءِ ھنيا ٿي ويا.

ڊاڪٽر صاحب مسلمانن کي مذھب جي بنياد تي چونڊيل قوم ھئڻ جي دعويٰ ٿي ڪئي. ليڪن غور سان نظر ڊوڙائڻ بعد معلوم ٿيو ٿي تہ سڀئي مسلمان نہ اعتقاد ۾ ھڪ ھئا نہ عمل ۾ يڪساني ھين.

اھو نعرو صرف عام ماڻھن کي مذھب جي نالي ۾ ڀرغلائڻ لاءِ ڪتب آندو ٿي ويو. جرمني يھودين جي نفرت ۽ خوف کان قوم کي منظم ڪرڻ ٿي گھريو

ھندوستاني مسلمانن ھندن جي خوف ۽ نفرت جي بنياد تي مسلمانن جو اتحاد ٿي چاھيو. جرمني ۾ ٻي پارٽي ممنوع ھئي. ھتي ٻي پارٽي اصولي طرح قبول نہ ٿي ڪئي ويئي. ھُتي ھٽلر ليڊر ھو. ھتي جناح صاحب کي ليڊر بنايو ويو ھو. جرمن وارن جو قومي نشان آرين جو سواستيڪار ھو جو سامراجي نشان ھو. مسلم ليگ جو چنڊ تارو بازنطين ۽ پوءِ تُرڪن جي سامراج جو نشان ھو. جرمني سرزمين جرمني کي مقدس بنائڻ ٿي گھريو. جنھن ڪري جيرو سلم ۽ روم جي مذھبي تقديس ثانوي حيثيت وٺي ٿي ويئي.

ھِنَ پاڪستان کي تقديس ڏئي مذھبي پاڪ ملڪن کي ثانوي حيثيت ۾ آڻڻ ٿي گھريو.

جارحانہ ذھنيت ٻنھي جي ساڳي ھئي.

(۳) خاڪسار تحريڪ- علامہ مشرقي جي:-

انھيءَ تحريڪ جو بنياد ھيٺن مکيہ ڳالھين تي ھو:

(۱) ھو بقاءِ اصلح جي اصول مطابق جاندار شين کي ٻن گروھن ھرھڪ صالح ۽ غير صالح ۾ ورھائڻ جا قائل ھوا.

(۲) جھاد کي ھِن بنيادي اصول ٿي سمجھيو.

(۳) جمھوريت کي غلط سمجھي، ڪن اصولن جي بنياد تي ھڪ ليڊر جي ماتحت ملٽري ڊسپلين وسيلي غلبہ اسلام واسطي منظم ڪرڻ گھريو ٿي.

اقبالي مسلم ليگ ۽ مشرقي خاڪسار تحريڪ جي وچ ۾ بنيادي اصول ساڳيا فسطائي ھئا. ليڪن منجھن تفاوت ھيٺين قسم جا ھئا:

(۱) ڊاڪٽر اقبال جي نظر ۾ ختنہ شده، مسلماني نالي رکيل، مسلمان مذهب جا فرد سڀئي ماڻهو جدا گانہ مسلم قوم هئا. جي لائق ۽ صالح هئڻ ڪري دنيا جي رهبري ڪرڻ جا حقدار هئا
۲ هن شاعري جذبات ۾ اچي بيان ڪيل اصول اعتقاد ۽ عمل جي يڪسانيءَ کي وساري ڇڏيو.
(۲) علامہ مشرقي پيغام اسلام کي ڪنهن محدود طبقي، قبيلي، قوم سان وابستہ ڪرڻ روح اسلامي جي خلاف سمجهي. هر صحيح الاعتقاد، صالح عمل، خدمت خلق ۽ حسن اخلاق رکندڙ ماڻهوءَ کي مسلمان ٿي سمجهيو. تنهن ڪري سندس جماعت ظاهري غير مسلمانن لاءِ بہ کليل هئي. ليڪن جڏهن غلبہ اسلام کي سندس تحريڪ جو مطمح نگاه ٿي سمجهيو ويو تہ عملي طرح انهي مان نتيجو، سندس خيال جي مڃيندڙ گروه جي برتري وڃي ٿي بيٺي.
علامہ اقبال جي پوئلڳ ليگين ظاهري طور جمهوري طريقہ تي سياسي جماعت بنائي ڪم ڪيو ٿي ليڪن عملي دنيا ۾ هڪ هڪ جماعت، هڪ ليڊر، هڪ جهنڊي ۽ هڪ نصب العين جا نعرا هڻي، جمهوري اصولن جي مخالفت پئي ڪئي.
پر علامہ مشرقي صاف طور تي جمهوري راءِ جي عيوض ليڊر جي حڪم جي تعميل جو پرچار ٿي ڪيو. انهن جا طريقہ ڪار علحده هئا، ليڪن مطمح نگاه ساڳيا هئا.
علامہ اقبال جي نظر ۾ مسلمانن جي قوم مڪمل ٿي چڪي هئي.
علامہ مشرقي انهن کي مڪمل ڪرڻ گهريو ٿي.

(۳) علامہ مودودي جي جماعت اسلامي:

انهيءَ جي اسلامي تشريح جا مکيہ جزا هيٺيان آهن.
(۱) مذهب اسلام آخري دين ۽ مڪمل قانون حيات آهي
(۲) انهيءَ جا سچا مڃيندڙ اهي آهن جي قران ۽ سنت جي تابع هوندا.
(۳) اسلام جي تبليغ، تعليم ۽ حڪومت لاءِ صالحن جي گروه مان هڪ امير جي ضرورت هئي.
(۴)مذهب ۽ سياست کي هڪ ئي ڳالهہ ڪري سمجهيو ويو ٿي.
(۵) حڪومت کي قران ۽ سنت جي احڪام ماندڙ هلائڻ جا حامي

هئا.

(٦) حڪومت جي آئين ناهڻ، هلائڻ، تشريح ڪرڻ جو حق صرف صالحن کي ئي ڏنو.

(٧) اهي صالح ماڻهو اهي ئي سگهيا ٿي جي مذهبي تعليم جا ماهر هئا.

(٨) مختلف مسلمان ملڪن جا ماڻهو گڏجي پڻ اسلامزم جي بنياد تي غلبہ اسلام جي لاءِ ڪوشش ڪن سندن اعتقاد جو جزو هو.

(٩) تقويٰ- خدمت خلق، صحيح اسلامي تعليم جي تبليغ، انهن مقصدن جي حاصل ڪرڻ جا ذريعا ٿي ليکيائون.

جيڪڏهن غور سان ڏسبو تہ هي تحريڪ ڦري گهري فسطائي نظريي جي شاخ ٿي پوي ٿي.

ماڻهن جو صالح ۽ غير صالح ۾ ورهائجڻ، اطاعت امير، هڪ مذهبي خيال جي جماعت جو وجود، انهي اصولن جي تشريح جي اختياري صالحن کي هئڻ، مڪمل دين جي غلبہ لاءِ ڪوشش ڪرڻ ساڳيا فسطائي خيال هئا.

۴- جمهوريت:-

هن نظريي جا حامي قديم زماني کان هلندا پي آيا آهن ليڪن انهي جي پوري تشريح ۽ عملي طرح وجود ۾ اچڻ يونانين جي ڏينهن ۾ ٿيو.

مغربي حڪومت انهن جي پوئلڳي ۾ پنهنجي ملڪن اندر انهيءَ دستور کي حتي الامڪان رائج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ جا بہ ڪيئي قسم بيان ڪيا ويا آهن. ليڪن جيڪڏهن انهيءَ جا مکيہ اصول بيان ڪبا تہ هيٺيان بيهندا.

(١) بنا فرق، نسل، رنگ، مذهب، جنس، صحت ۽ لياقت جي سڀني ماڻهن کي ڪي بنيادي انساني حق حاصل آهن. جهڙوڪ:

الف - قاعدي اڳيان سڀني جي هڪجهڙائي.

ب - تقرير ۽ تحريڪ جي آزادي.

ت - جماعت سازي ۽ ميٽنگن جي آزادي.

ث - گهمي ڦري سگهڻ، ملڪيت رکڻ يا نيڪال ڪرڻ جي آزادي.

ج - نوڪري، واپار، ڌنڌي وغيره اختيار ڪرڻ جي آزادي ۽ انهن جي حاصل ڪرڻ جي سهوليت.

ح - مذهب، تعليم، زبان لاءِ اختلاف راءِ رکڻ جي آزادي.

خ - شخصي ملڪيت جي حفاظت جا حق.
د - زوريءَ ڪم ڪرائڻ يا غلام رکڻ جي منع.
ذ - ڪلچر، رسم الخط، زبان جو تحفظ.
ر- ووٽ جو حق وغيره.

(٢) حڪومت جو ڪاروبار. عام ماڻهن طرفان چونڊيل نمائندا هلائيندا. جي وٽن جوابدار رهندا.

(٣) حڪومت غير مذهبي هوندي.

(۴) حڪومت جي مجلسن ۾ مختلف پارٽين جو (مختلف اصولن جي بناءَ تي) هئڻ لازمي هو.

جمهوري حڪومتن جي عملي ڪارڪردگيءَ ۾ ڪيئي نقص ۽ خاميون آهن، ليڪن اهي بيان ڪرڻ هن ڪتاب جي دائره ڪان ٻاهر سمجهي نٿو لکان.

هتي صرف هي ڳالهه ظاهر ڪرن ضروري ٿو سمجهان ته انگريزي حڪومت ڪري اسانجي سياسي تربيت مغربي جمهوريت جي طريقه تي ٿي. ليڪن انگريزن جي سامراجي پاليسي، هندن جي ڪن قدامت پسند جماعتن جي تنگ نظري ۽ روش، مغربي تعليم يافته مسلمانن جي هڪ گروه جي خود مطلبي ۽ انگريز پرستي، انگريزي حڪومت ۾ پيدا ٿيل سرڪاري نوڪرن ۽ مالدار طبقي جي اقتصادي مفاد، مسلمانن کي گهلي نيئي فسطائي نظريه جو پوئلڳ بنايو.

مسلمانن جي جداگانه قوميت جو نظريو. پاڪستان جو وجود. جمهوريت جو خاتمو. حڪومت جي پاليسي، هنگامي نعرن تي ناهڻ، سيئي انهي مسئلي جي ڪڙي آهن.

باب ٻيو

هندوستاني سياست جا احوال ۽ واقعا

هن ڪتاب جي پهرئين جلد ۾ ۱۹۲۴ع تائين جا واقعا ۽ احوال اڳي لکي آيو آهيان. هتي ۱۹۲۵ع کان پوءِ جا احوال پيش ڪندس.

اڳئين جلد جي آخري ۾ ٻڌايل هو تہ انهيءَ وقت ڏاري مختلف وجهن ڪري هندو مسلم فساد پيدا تي چڪا هئا. خلافت هلچل ختم تي چڪي هئي، ڪانگريس طرفان شروع ڪيل اسيمبلين جي بائڪات، قطع تعلقات، سول نافرماني واريون تحريڪون سرد پئجي ويون هيون، ڪي ليڊر جيلن ۾ هئا تہ ڪي سوشل سروس طرف رجوع تي چڪا هئا.

سال ۱۹۲۵ع

ڪانگريس جي سياست ۱۹۲۵ع ڏاري گهڻو ڪري اسيمبليءَ جي ڪاروبار طرف مائل هئي.

انهيءَ جو هڪ گروه سوراج پارٽيءَ نالي سان ڪائونسلن ۾ ڪم ڪري رهيو هو.

انهيءَ جي اڳي وانگر ڪائونسلن جي مخالف گروه طرفان گهٽي رڪاوٽ ڪانہ تي تي.

ابتدا ۾ مهاتما گانڌي ٻنهي گروهن جي اختلافن کي ٽاريندو آيو، ليڪن هاڻ هن ٻہ سوراج پارٽيءَ جي همت افزائي ڪرڻ شروع ڪئي هئي.

وچين پرڳڻن ۽ بنگال ۾ ڪائونسلن جو ڪاروبار ذري گهٽ سوراجين رنڊي ڇڏيو هو.

بنگال ۾ مسٽر سي آرداس نہ پاڻ تي وزارت نہ ٿاهي نہ ٻين کي تي هلائڻ ڏني.

مهاتما گانڌيءَ جو گهڻو وقت اڇوتن جي حالت سڌارڻ، سديشي کي زور وٺائڻ ۾ تي گذريو. انهيءَ لاءِ هن مارچ ۽ اپريل ۱۹۲۵ع جا مهينا ڏکڻ هندوستان جو گشت ڪيو. هي اهو وقت هو جو گهٽ جاتيءَ وارن، اوچ

فرقي وارن هندن طرفان جماص مندرن ۾ گهڻين مان لنگهڻ جي بندش کي ٻوڙڻ لاءِ ستيا گره پڻ ڪيو.

جنهن جي تصفيي ڪرائڻ ۾ گانڌيجيءَ گهڻي مدد ڪئي.

انهيءَ سال آل انڊيا گهٽ جاتين جي حقن جي حفاظت لاءِ ڊاڪٽر امبيڊڪر جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪ ايسوسيشن برپا ٿي. جنهن انهن کي منظم ڪرڻ شروع ڪيو.

انهيءَ سال، سپٽمبر ۾ مرڪزي اسيمبلي جي نيشنلسٽ ميمبرن اسيمبلي ۾ نهراءَ پيش ڪري سيني پارٽين جي گول ميز ڪانفرنس، هندوستان کي جوابدار حڪومت جي اسڪيم تيار ڪرڻ لاءِ سڏائڻ جي گهر ڪئي.

لارڊ ريڊنگ هندوستان جي وائسرائي (۱۹۲۱ع کان ۱۹۲٦ع)

هندوستان کي وڌيڪ سڌارا ڏيڻ لاءِ هڪ رفارمس ڪاميٽي سرمنڊيمن جي چيرمنيءَ هيٺ مقرر ڪئي هئي. تنهن رپورٽ موڪلي. جنهن ۾ سفارش ڪيل هئي ته هندوستان کي وڌيڪ سڌارا ڏيڻ جي سوال تي غور ڪرڻ لاءِ هڪ رائل ڪميشن مقرر ڪئي وڃي ۽ گول ميز ڪانفرنس به سڏائي وڃي.

اها رپورٽ جڏهن مرڪزي اسيمبليءَ جي سامهون بحث ۽ غور ڪرڻ لاءِ پيش ٿي ته انهيءَ تي پنڊت موتي لعل نهرو هيٺين ترميم پيش ڪئي.

"برٽش سرڪار ملڪ کي جوابدار حڪومت ڏيڻ جو يڪدم اعلان ڪري ۽ ملڪ جي آئين ناهڻ لاءِ گول ميز ڪانفرنس يا ٻي ڪميشن مقرر ڪري جا ملڪ جو آئين ناهي، مرڪزي اسيمبليءَ کان پاس ڪرائي."

اها ترميم ۷۲ ووٽن سان پاس ٿي ويئي. ان جي مخالفت ۾ ۴۵ ووٽ ٿيا.

انهيءَ نهراءَ پاس ڪرڻ ۾ ڪانگريس سان گڏ ٻين مکيه چونڊيل پارٽين جهڙوڪ لبرل پارٽي، مسلم پارٽيءَ به ووٽ ڪيا.

ليڪن لارڊ ريڊنگ انهي نهراءَ کي ڪابه وقعت نه ڏني ۽ منڊيمن ڪميٽيءَ جي سفارش مان رائل ڪميشن مقرر ڪرڻ جي تجويز کي رد ڪري ڇڏيو. باقي گول ميز ڪانفرنس سڏائڻ جي تجويز جيمخالفت نه

ڪئي.

انهي سال ١٦ جون ١٩٢٥ع تي ديش بندوداس بنگال جي بهترين قوم پرست ليڊر جو انتقال ٿيو.

هي ڪانگريس جي سوراج پارٽيءَ ۾ پنڊت موتي لعل نهرو جو دست راست هو.

بنگال ۾ هندو توڙي مسلمانن ۾ نهايت مقبول قومي ڪارڪن هو.

هن بنگال ۾ هندو مسلمانن جي وچ ۾ سمجهوتو ڪرايو هو، ليڪن ڪانگريس هن کي هڪ صوبي جو جدا ٺهراءُ سمجهي قبول نہ ڪيو هو.

ساڳي سال ۾ بنگال جي هڪ ٻئي قوم پرست ليڊر سريندراناٿ بئنرجي جو ٦- اگسٽ ١٩٢٥ع تي لاڏاڻو ٿيو.

هي اول ۾ انڊين سول سروس جو آفيسر هو. بعد ۾ هن نوڪري ڇڏي هندوستانين ۾ قومي بيداري پيدا ڪرڻ لاءِ زندگي وقف ڪري، سارو وقت ڪانگريس جو مکيہ ڪارڪن ٿي ڪم ڪيو. ٻہ دفعا آل انڊيا ڪانگريس جو ١٨٩٥ع پونہ اجلاس ۽ ١٩٠٢ع احمدآباد اجلاس ۾ پريزيڊنٽ ٻہ رهي چڪو هو.

مسٽر سي آر داس جي وفاتيءَ بعد ان جي جاءِ تي بنگال سوارج پارٽيءَ جو ليڊر مسٽر سين گپتا چونڊيو ويو جو ڪلڪتہ ڪارپوريشن جو ميئر، صوبہ بنگال جي ڪانگريس ڪميٽيءَ جو صدر بہ ٿي ڪم ڪرڻ لڳو.

انهيءَ عرصي ۾ سوراج پارٽيءَ جي ميمبرن ڪانگريس پروگرام مطابق سٽ ڪتڻ يا ٻين سوشل ڪمن جي

سر انجاميءَ ۾ ڪوتاهي ڏيکارڻ شروع ڪئي. ان تي ناراض ٿي گانڌي جي کين ڌمڪي ڏني تہ جيڪڏهن هنن پروگرام جي پوئواري نہ ڪئي تہ هو ڪارنگريس پريزيڊنٽيءَ جي استعيفا ڏئي علحده ٿي ويندو پر کيس منت سماجت ڪري سال جي آخر تائين پريزيڊنٽيءَ تي رهايو ويو.

انهي سال ٢٢- اگسٽ ١٩٢٥ع تي مرڪزي اسيمبليءَ جو نان آفيشل پريزيڊنٽ سردار ويٺل ڀائي پٽيل چونڊيو ويو.

ساڳي سال ۾ گانڌي جي ڪائونسلن جي ڪانگريسي ميمبرن تي پارٽيءَ جي اجازت ڪانسواءِ سرڪاري آفيسرن سان ملڻ تي بندش وڌي.

۲۱- سپٽمبر ۱۹۲۵ع تي آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ جي پاٽنا ۾ ميٽنگ ڳڻ ٿي، جنهن ۾ کدر جي ڪپڙن پائڻ ۽ سٽ ڪتڻ جو شرط ميمبرن تان جهڪو ڪيو ويو. ڪانگريس جو سياسي ڪاروبار سوراج پارٽيءَ جي سپرد ڪيو ويو. آينده لاءِ ان پارٽيءَ کي ڪانگريس جو مکيہ جزو ڪري سمجهڻ جي تجويز ٿي.

آڪٽوبر ۱۹۲۵ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس جو ساليانو اجلاس ڪانپور ۾ مسز سروجني نيئڊو جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو جنهن ۾ کو نمايان ٺهراءَ يا ڪاروائي ڪانہ ٿي.

انهيءَ سال ۾ ڪانگريس جي مکيہ ڪارڪنن لوڪل باڊيز ۾ عهدا وٺڻ شروع ڪيا. مسٽرسين گپتا ڪلڪتہ ڪارپوريشن جو ميئر ٿيو. سردار ولڀ ڀائي پٽيل احمدآباد ميونسپالٽيءَ جو پريزيڊنٽ چونڊيو.

پنڊت جواهرلعل نهرو الهہ آباد ميونسپالٽيءَ جو پريزيڊنٽ ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. بابو راجيندر پرشاد پاٽنا ميونسپالٽيءَ جو چيئرمن ٿيو. سرنيواس آينگر مدراس ڪارپوريشن جو ميئر چونڊيو.

سنڌ ۾ ڪانگريسين ميونسپالٽين ۽ لوڪلبورڊن ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو.

انهيءَ سال کان مون بہ انهن جي پاليسيءَ ڏسي لوڪلبورڊ ۾ گهڙي، ضلع لوڪل بورڊ ڪراچي جي وائيس پريزيڊنٽ ۽ تعلقہ لوڪل بورڊ مانجهنڊ جي پريزيڊنٽ طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

ڪانگريس اندر حڪومت ۾ عهدا وٺڻ يا نہ وٺڻ تان اختلاف پيدا ٿي پيا، هڪڙا عهدن وٺڻ جي فائدي ۾ هئا ۽ ٻيا ان جي مخالف هئا.

پاٽنا جي آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ جي اجلاس ۾ بہ مکيہ ٺهراءَ پاس ٿيا.

هڪ ۾ هندوستانيءَ کي ڪانگريس جي زبان مقرر ڪيو ويو. ٻيءَ رٽ ۾ ڪائونسلن جي ڪاروبار ۾ ميمبرن جي رهبريءَ لاءِ هڪ ڊگهو ٺهراءُ پاس ٿيو. ان جو مکيہ ڪارڻ اهو هو تہ ڪن مکيہ ڪانگريسين کي شڪ پيدا ٿيڻ لڳا هئا تہ ڪي ميمبر سوراج، پارٽيءَ جي اجازت ۽ منظوريءَ کان سواءِ عهدا وٺندا. تن تي روڪ وجهڻ لاءِ پنڊت موتي لعل نهرو مرڪزي اسيمبليءَ ۾ سوراج پارٽيءَ جي ليڊر هڪ بيان ڪڍيو جنهن ۾ صاف ڄاڻايل

هو تہ جيسين سرڪار هيٺ ذڪرڪيل شرط قبول نہ ڪندي، ان وقت تائين سوراج پارٽي ڪوبہ عهدو نہ وٺندي.

١- وزير پوري طرح ڪائونسلن سان جوابدار رهندا ۽ نہ گورنرن وٽ

٢- قومي تعمير جي ڪمن لاءِ بجيٽ ۾ خاص رقمون رکيون وينديون.

٣- وزيرن کي سندن کاتن جي ڪاروبار تي مڪمل اختيار هوندو.

ٻي طرف آل انڊيا مسلم ليگ جو اجلاس ڊسمبر ١٩٢٥ع تي علي ڳڙهہ ۾ سر عبدالرحيم جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو. جنهن ۾ سرعلي امام، مسٽر محمد علي جناح، مولانا محمد علي، مولانا شوڪت علي، ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو، مولانا حسرت موهاني، مسٽر آصف علي، تصدق احمد شيرواني، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سنڌ کي بمبئي علائقي کان علحده ڪرڻ جي رٿ پيش ڪئي جا اتفاق راءِ سان پاس ٿي ويئي.

انهيءَ اجلاس ۾ مسٽر علي امام رٿ پيش ڪئي تہ هندوستان کي وڌيڪ سڌارا ڏيڻ لاءِ رائل ڪميشن مقرر ڪئي وڃي.

ان تي مولانا محمد علي جوهر ان ۾ ترميم ڏني تہ هندوستان کي مڪمل سوراج ڏيڻ لاءِ سيني ڌرين جي گول ميز ڪانفرنس سڏائي وڃي جا ملڪ جو آئين ٺاهي.

مسٽر محمد علي جناح ان ترميم جي مخالف ڪئي، جنهن ڪري اها ترميم پاس ٿي نہ سگهي.

سال ١٩٢٦ع

انهيءَ سال ۾ رائل ڪميشن آف انگريڪلچر مقرر ٿي. جنهن ساري هندوستان جي زراعت بنسبت جانچ ڪري هڪ تمام وڏي رپورٽ، ڪيترن جلدن تي مشتمل پيش ڪئي اهو معلومات جو انبار آهي.

ساڳي سال ۾ ٨ نومبر تي برٽش سرڪار سرجان سائمن جي چيرمني هيٺ هندوستان کي مليل سڌارن جي تجربي بابت جانچ ڪرڻ ۽ مستقبل ۾ وڌيڪ سڌارن ڏيڻ لاءِ تجويزون پيش ڪرڻ واسطي هڪ انڊين سٽيٽيوري ڪميشن مقرر ڪئي

جيئن تہ ان تي هڪ بہ هندوستاني ميمبر نہ هو ان ڪري ساري

ملڪ ۾ ان جي خلاف اعتراض پيدا ٿي پيا. ليڪن انگريزي حڪومت انهيءَ اختلاف جو ڪوبہ لحاظ نہ رکي، ان کي تبديل ڪرڻ کان انڪار ڪيو.

"٢- اپريل ١٩٢٦ع تي لارڊ ريڊنگ جي جاء تي لارڊ ارون هندوستان جو وائسرائي ٿي آيو."

جلد ئي ڪلڪتہ ۾ هندو مسلم فساد ٿيا. فسادن جو ڪارڻ مسجد جي ٻاهران آريا سماجين طرفان باجو وڄائڻ هو. انهي فسادن ۾ ۴۴ ماڻهو قتل ٿيا ۽ ۵۸۴ زخمي ٿيا.

ان ڪانپوء جلد ئي ٻيو ڀيرو فساد ٿيو جنهن ۾ ٦٦ قتل ٿيا ۽ ٣١١ زخمي ٿيا. ۵ مئي ١٩٢٦ع تي احمدآباد ۾ آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ جو اجلاس ڪٺو ٿيو. جنهن ۾ وزارتن وٺڻ ۽ وٺڻ جي طرفدارن وچ ۾ ڇنا ڇيٽي ٿي جنهن ۾ آفيس نہ وٺڻ وارن کي ڪاميابي ٿي.

نومبر ١٩٢٦ع ۾ ساري ملڪ اندر جنرل اليڪشن ٿي گذري جنهن ۾ مدراس ۾ ڪانگريس پارٽيءَ جسٽس پارٽيءَ تي ڪاميابي حاصل ڪئي. سال جي آخر ۾ ٢٦ ڊسمبر ١٩٢٦ع تي گوهاٽي آسام جي شهر ۾ آل انڊيا ڪانگريس جو ساليانو اجلاس سرينواس آينگر جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو. لارڊ برڪن هيڊ سيڪرٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا ان اجلاس جي فيصلن جي انتظار ۾ هو. جو انهيءَ اجلاس ۾ حڪومت سان تعاون ۽ مخالفت ڪرڻ وارن جي وچ ۾ فيصلا ٿيڻ وارا هئا.

انهيءَ اجلاس جي موقعي تي سوامي شرڌانند هڪ قومي ڪم ڪندڙ ۽ آريا سماجي ليڊر کي بيماريءَ جي بستري تي هڪ مسلمان عبدالرشيد نالي سان قتل جي ڪرڻ جو واقعو سرزد ٿيو. جنهن هندو مسلمان تعلقات جي ڪشيده فضا کي ويتر خراب ڪري وڌو. سرنيواس آينگر جي عالمانہ صدارتي خطبہ بعد سوامي جي قتل تي اظهار افسوس جو ٺهراءُ مهاتما گانڌي پيش ڪيو ۽ مولانا محمد علي ان کي ٽيڪو ڏنو.

مهاتما گانڌي جي تقرير نهايت دانشمندانہ هئي هن چيو تہ: "سوامي جو قاتل عبدالرشيد اسان جو هڪ ڀاءُ آهي هن جوش ۾ اچي اهو ڪم ڪيو آهي. آءٌ انهن جرم جو جوابدار هن کي ٺهرائڻ جي عيوض انهن کي ٺهرائيندس جي هندوستان جي رهاڪن ۾ نفرت ڦهلائي فساد ڪرائين ٿا"

انهيءَ ئي اجلاس ۾ ڪائونسلن جي ڪاروبار بنسبت ڪانگريس

هيٺيون ٺهراءُ پاس ڪيو:-

(الف) جيسين تائين آل انڊيا ڪانگريس جو اجلاس يا ڪانگريس ڪميٽيءَ طرفان اها راءِ ظاهر نہ ڪئي ويئي آهي تہ سرڪار ملڪ جي گهرن کي قبول ڪيو آهي تيسين تائين ڪانگريس ميمبرن کي سرڪار سان تعاون نہ ڪرڻ گهرجي ۽ نہ ڪو سرڪاري عهدو قبولڻ گهرجي. بلڪ مخالفت ۾ رهڻ گهرجي.

(ب) هيٺ واري فقري ت، کي مدنظر رکي جيستائين سرڪار قومي ڳهرون قبول نہ ڪيون هجن يا آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ ٻي طرح فيصلو نہ ڪيو هجي بجيٽ يا ان جي ڳهرن کي ٽڏي ڇڏڻ گهرجي.

(ت) انهن سڀني قانونن جي مسودن کي ٽڏي ڇڏڻ گهرجي، جنهن جي ڪري ڪاموراشاهيءَ جي طاقت مضبوط ٿيندي هجي.

(ث) اهڙا ٺهراءُ يا بل پيش ڪيا وڃن يا انهن جي پٺڀرائي ڪجي جي قوم جي ترقي ۾ ملڪ جي اقتصادي، زرعي، هنري، تجارتي واڌاري لاءِ ضروري هجن، يا جن مان شخصي تقرير، جماعت سازي ۽ پريس جي آزاديءَ جي حفاظت ٿيندڙ هجي يا جنهن مان ڪاموراشاهيءَ جي طاقت گهٽ ٿيندي هجي.

(ج) هارين جي حقن جي حفاظت، هاريپ جا حق مقرر ڪرڻ ۽ سندن حالت درست ڪرڻ لاءِ ڪانگريس پارٽيءَ کي خاص ڪوشش ڪري قدم کڻڻ گهرجن

(ح) مزدورن جي حقن جي حفاظت لاءِ قدم کنيا وڃن پوءِ اهي مزدور ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ هجن يا زمين تي مزدور ۽ ڪارخانيدارن، هارين ۽ زميندارن جي وچ ۾ مساوي طور سندن حقن جي حفاظت لاءِ باهمي مصالحت لاءِ انتظام ڪرائجي."

انهيءَ ڪانگريس جي اجلاس ۾ هنگامي قانون سازي جي پاليسيءَ کي ننديو ويو. هندو مسلم، اتحاد لاءِ ماڻهن کي اپيل ڪئي ويئي، سکن جي گرد واري تحريڪ هيٺ سزاياب ٿيل قيدين جي ڇوٽڪاري لاءِ گهر ڪئي ويئي.

انهيءَ سال ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جو ١٨- ساليانو اجلاس دهلي ۾ ٢٩ ڊسمبر تي شيخ عبدالقادر جي صدارت هيٺ ڪنو ٿيو. ان ۾ ڊاڪٽر

محمد اقبال، سر محمد عبدالله، سر رحيم بخش وغيره شامل ٿيا. هن اجلاس ۾ هيٺيون خاص رٿون پاس ٿيون:-

(١) اتر الهندي سرحدي علائقي کي اصلاحات ڏنا وڃن

(٢) مسٽر جناح هندوستان کي مڪمل خود مختياري ڏيڻ جو ٺهراءُ پيش ڪيو. جنهن ۾ هيٺين ڳالهين جو لحاظ رکڻ لازمي ٺهرايائين:-

(الف) هر ڪائونسل ۾ اقليت کي ڪافي نمايندگي ڏني وڃي پر انهيءَ ڪري ڪنهن صوبي جي اڪثريت کي اقليت ۾ نہ بدلايو وڃي ۽ نہ مساوات ۾ آندو وڃي.

(ب) اقليتن کي جدا چونڊون ڏنيون وڃن، ليڪن ساڳي وقت کين اختيار هجي تہ ڪنهن بہ موقعي تي هو گڏيل چونڊن جي گهر ڪري سگهن.

(ت) جيڪڏهين آينده صوبن جي نئين سر ورهاست ڪئي وڃي تہ ان مان بنگال ۽ پنجاب جي مسلمانن جي اڪثريت کي گهٽائي اقليت نہ بنايو وڃي.

(ث) اقليتن جي مذهبي عقيدن جي حفاظت جو آئيني طور بندوبست ٿيل هجي.

(ج) جيڪڏهن ڪنهن بہ فرقي جا چوٿون حصي ميمبر ڪنهن بہ تجويز جا سندن مفاد لاءِ نقصان ڪار سمجهي مخالفت ڪن تہ ان کي پاس نہ ڪيو وڃي.

انهيءَ اجلاس ۾ مسلم ليگ هڪ سينٽرل ڪميٽي مقرر ڪئي تہ ٻين هندوستان جي جماعتن سان مشورو ڪري هڪ گڏيل تجويز رائل ڪميشن اڳيان موڪلين.

جناح صاحب انهيءَ ڪانفرنس ۾ تقرير ڪندي انگريزي حڪومت جي پاليسيءَ سان اتفاق ڪيو.

هندن ۽ ڪانگريس جي رويي کي مسلمانن جي خلاف ڄاڻايو، هن هندن جي گڏيل چونڊن لاءِ اصرار تي نقطہ چيني ڪندي، ڪئناڊا جو مثال پيش ڪري چيو تہ اتي جدا چونڊن ڪري، ڪئناڊا جي رهاڪن جي قوميت کي نقصان ڪونہ پهتو آهي.

سال ١٩٢٧

ان سال مارچ ۾ جڏهن مرڪزي اسيمبليءَ جو اجلاس ڪٺو ٿيو تہ

ان ۾ پنڊت موتيلعل نهرو هڪ مهمليءَ جي رٿ پيش ڪئي تہ سرت چندربوس مرڪزي اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيل ميمبر کي چو نتو اسيمبليءَ ۾ شريڪ ٿيڻ ڏنو وڃي.

(نوٽ) چونڊن وقت هو جيل ۾ هو ۽ بنگالين ڪيس پرپٺ چونڊي چڙيو هو.

انهي نهراءَ تي سرڪار کي ١٣ ووٽن تان شڪست ملي. انهي اجلاس ۾ ويٺل ڀائي پٽيل کي دوباره مرڪزي اسيمبليءَ جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو.

ان سندس پگهار مان (١٦٥٦) روپيہ ماهوار قومي مقصدن تي خرچ ڪرڻ لاءِ مهاتما گانڌيءَ کي ڏيٺا ڪيا.

جنهن ان رقم کي ڇوڪرين جي هاءِ اسڪول برپا ڪرڻ تي خرچ ڪيو.

بابو سباش چندر بوس چار سال جيل ۾ رهي، مئي ١٩٢٧ع تي آزادي ٿي ملڪي ڪمن ۾ بهرو وٺڻ لڳو.

٣ کان ٧ مئي ١٩٢٧ع تائين لاهور ۾ سخت هندو مسلم فساد ٿيا، ازانسواءِ بهار، ملتان، بريلي، ناگپور ۾ بہ فساد ٿيا.

لارڊ ارون مرڪزي اسيمبليءَ ۾ ٢٩- اگست ١٩٢٧ع تي تقرير ڪندي ظاهر ڪيو تہ هندو مسلم فسادن ڪري ٢٥٠ ماڻهو قتل ٿيا هئا ۽ ٢٥٠٠ ماڻهو زخمي ٿيا هئا.

هن انهيءَ تقرير ۾ ماڻهن کي هندو مسلم اتحاد لاءِ اپيل ڪئي. انهيءَ مقصد لاءِ آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي يونيٽي ڪانفرنس ٢٧- آڪٽوبر ١٩٢٧ع تي دهليءَ ۾ سرنيواس آينگر جي صدارت هيٺ ڪوٺائي. ان ۾ هندو مسلم اتحاد لاءِ نهراءَ ذريعي عام ماڻهن کي اپيل ڪئي ويئي.

٢٨-٢٩- ٣٠- آڪٽوبر ١٩٢٧ع تي وري آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ٿي. جنهن ۾ يونيٽي ڪانفرنس وارو نهراءَ بحال ٿيو ۽ ٻيا بہ ڪيترا نهراءَ پاس ٿيا.

نومبر جي آخر ۾ سائمن ڪميشن جي مقرري بابت سيڪرٽريءَ آف اسٽيٽ فار انڊيا جو اعلان شايع ٿيو.

جنهن تي ٢٦- ڊسمبر ١٩٢٧ع تي آل انڊيا ڪانگريس جي ساليانہ

اجلاس مدراس ۾ ڊاڪٽر مختيار احمد انصاري جي صدارت هيٺ هيٺيون ٺهراءُ پاس ٿيو:-

• جيئن تہ برٽش حڪومت سائمن ڪميشن جو تقرر هندوستان جي حق خودارادي جي اصول جي ورڌ ڪيو آهي

ڪانفرنس هن راءِ جي آهي تہ هندستان لاءِ عزت ڀريو رستو صرف اهو آهي تہ ڪميشن جو هر مرحلي ۽ صورت ۾ بائيڪاٽ ڪيو وڃي خاص طرح:-

(الف) هي ڪانگريس جو اجلاس هندوستان جي جملي رهاڪن ۽ ڪانگريس ڪميشن کي چتاءُ ڏئي تہ:-

(١) جڏهين ڪميشن هندوستان ۾ پير پائي تہ ان جي مختلف شهرن ۾ گشت ۾ وڃي تہ منظم طور ان جي خلاف مظاهرا ڪيا وڃن.

(٢) اهڙي قسم جي مظاهرن ۽ پروپيگنڊا جي ذريعي عام راءِ کي ڪميشن جي بائيڪاٽ ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو وڃي.

(٣) هي اجلاس ڪائونسلن جي نان آفيشل ميمبرن، جملي سياسي ڪارڪنن ۽ مختلف گروهن جي ماڻهن کي اپيل ٿو ڪري تہ هو ڪميشن اڳيان نہ ڪي بيان ڏين ۽ نہ ڪنهن بہ قسم جو خانگي حيثيت ۾ يا جماعتي طور تي تعاون ڪن، ۽ نہ ان جي سوشل تقريبن ۾ شرڪت ڪن.

(ب) هي اجلاس ڪائونسلن جي جملي غير سرڪاري ميمبرن کي اپيل ٿو ڪري تہ:

(١) تہ هو ڪنهن بہ سيليڪٽ ڪاميٽي مقرر ڪرڻ لاءِ ووٽ نہ ڪن ۽ نہ ان جي ڪميشن تي ميمبر ٿيڻ قبولين جي سائمن ڪميشن جي مدد لاءِ مقرر ڪيون وڃن.

(٢) هن ڪميشن جي سلسلي ۾ پئسن جي گهر يا ٻيو ڪو ٺهراءُ ڪائونسلن ۾ پيش ڪيو وڃي تہ ان کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪن.

(ت) هي اجلاس قانون ساز اسيمبلين جي غير سرڪاري ميمبرن کي اپيل ٿو ڪري هو ڪائونسلن جي ميٽنگن ۾ وڃڻ ڇڏي ڏين، سواءِ انهي حالت جي جو سندن سيٽ خالي ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ ضروري سمجهي وڃي.

يا ڪميشن جي بائيڪاٽ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ سندن حاضري ضروري ڄاڻي وڃي يا وزارت کي ڪيرائڻو هجي، يا ملڪ جي مفاد لاءِ ڪنهن تجويز کي ٽوڙڻ لاءِ ضروري ڄاتو وڃي.

(ٿ)- هي جلاس آل انڊيا ورڪنگ ڪميٽيءَ کي اختيار ڏئي ٿو ته ٻين جماعتن يا پارٽين سان گڏجي بائيڪاٽ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ، وقت بوقت صلاح مشورو ڪري انهن جي مدد ۽ تعاون سان قدم کڻندي رهي."

ٻيا به ڪيئي ٺهراءَ ان اجلاس ۾ پاس ٿيا. جن مان خاص اهو هو ته هندوستان جي خود مختياريءَ جي اصول کي ڪانگريس جي بنيادي مقصدن ۾ داخل ڪيو ويجي.

مسز ايني بيسنٽ به انهي ٺهراءَ جي مخالفت نه ڪئي.

ٻيا ٺهراءَ به پاس ٿيا جهڙوڪ

برٽش مال جو بائيڪاٽ ڪرڻ، ڏکڻ ۽ ايرندي افريقا ۾ هندوستانين جي حقن جي حفاظت ڪرڻ، سياسي نظر بندن جي رهائي، انهن مان خاص هئا.

انهي سال مسلم ليگ ٻن گروهن ۾ ورهاجي ويئي. جنهن جو مختصر احوال ان وقت جي آل انڊيا مسلم ليگ جي جنرل سيڪرٽري ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو جي هيٺين بيان مان ملي سگهندو.

"حڪيم اجمل خان جي جاءِ تي آل انڊيا مسلم ليگ ڪائونسل جي ميٽنگ ڪئي ٿي. جنهن ۾ ۱۲۳ ميمبرن شرڪت ڪئي. ميٽنگ شروع ٿيڻ شرط، پهريائين سرفيروز خان نون سوال اٿاريو ته ڪائونسل جو هي اجلاس ڪهڙي قانون هيٺ ۽ ڪهڙي ضروري ڪم لاءِ سڏايو ويو هو. جنهن تي سيڪرٽري ڊاڪٽر ڪچلو جواب ڏنو ته مدراس ۽ بنگال ڪان خط آيل هئا ته صدر جي چوندڙ تي نئين سر غور ڪرڻ لاءِ ڪائونسل جو اجلاس سڏايو وڃي.

جنهن تي آل انڊيا مسلم ليگ جي صدر مسٽر محمد علي جناح جي مشوري ۽ اجازت سان هي اجلاس گهرايل هو.

سرفيروز خان جنهن طرز سان گفتگو ڪئي ان تي مولانا محمد علي جوهر سخت اعتراض ورتو، آخر ۾ صدر صاحب ميٽنگ جي اجلاس باقاعدي ۽ ضروري هئڻ جي فائدي ۾ رولنگ ڏني.

ـ بعد ساليانه اجلاس سڏائڻ تي بحث ٿيو. هڪڙن اجلاس کي لاهور سد ـ جي تجويز پيش ڪئي ٻين ان کي ڪلڪتي سڏائڻ جو ٺهراءُ ـو وٽن و ـ بعد ڪلڪتي جي فائدي ۾ ۸۴ ۽ لاهور جي فائدي ۾ ۵۴ ويا. ـهڪـ ي ليڊ ـو اجلاس ڪلڪتي سڏائڻ جو ٺهراءُ بحال ٿي ويو. ان تي

احتجاج ڪندي سرفيروز خان نون سان گڏ ڊاڪٽر محمد اقبال، مولانا حسرت موهاني ۽ ٻيا صاحب ميٽنگ ڇڏي هليا ويا.

آخر ٣٠- ڊسمبر ١٩٢٧ع تي ڪلڪتي جي ٽائون هال ۾ مسلم ليگ جو اجلاس سر محمد يعقوب جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو. ان ۾ مسز اينـي بيسنت، مسز سروجني نيدو، ميجر گراهم پول، مسٽر گيريٽ، ٽي، سي گوسوامي، نلني رنجن سرڪار، ايس، سي سرڪار به وزيٽرن طور شرڪت ڪئي.

ان ۾ سر علي امام تجويز پيش ڪئي ته سائمن ڪميشن جو بائيڪاٽ ڪيو وڃي. مولوي تميز الدين (بنگالي) انهي جي مخالفت ڪندي ظاهر ڪيو ته جيڪڏهن مسلمانن سائمن ڪميشن جو بائيڪاٽ ڪيو ته انهن جي سياسي حقن جو هندوستان مان هميشه لاء جنازو نڪري ويندو.

مولانا محمد علي سر علي امام جي تائيد ڪندي ظاهر ڪيو ته جڏهن هندو به بائيڪاٽ ڪن ٿا ته اهڙي حالت ۾ ڇو عارضي ۽ ٿوري نفعي خاطر مسلمان انگريزن حمايتير ڪميشن سان شرڪت ڪري، اسلام جي سهٽي نالي تي داغ لڳائين.

مسٽر چاڳلا مزيد تائيد ڪندي چيو ته ڪميشن جو بائيڪاٽ ڪرڻ، هر سچي مسلمان جو فرض هئڻ گهرجي. هيء تجويز پاس ٿي ويئي.

ان کان پوء مسٽر برڪت علي هيٺين تجويز پيش ڪئي جا به پاس ٿي ويئي.

"آل انڊيا مسلم ليگ جو هي اجلاس ليگ ڪائونسل کي اختيار ٿو ڏئي ته ڪانگريس ۽ ٻين جماعتن سان سمجهوتو ڪرڻ لاء هڪ سب ڪميٽي بنائي جا ساڻن گڏجي هندوستان جي آئين جو مسودو تيار ڪري، ايندڙ سال مارچ ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس طرفان سڏايل آل پارٽيز ڪنوينشن ۾ شرڪت ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو ۽ ڪائونسل کي هدايت ٿو ڏئي ته هيٺين مطالبن جو لحاظ رکي ٻين پارٽين سان سمجهوتو ڪيو وڃي.

١- سنڌ کي بمبئيء کاتي کان جدا ڪري علحده صوبه بنائجي.

٢- بلوچستان ۽ صوبه سرحد ۾ سڌارا آندا وڃن.

٣- جيڪڏهن مٿي ذڪر ڪيل به مطالبا قبول ڪيا وڃن ۽ هر فرقي کي آباديء جي لحاظ کان اسيمبلين ۾ نمايندگي ڏني وڃي ته پوء مسلمان جدا چونڊن جي مطالبي تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار ٿيندا.

هن تقرير ڪندي ظاهر ڪيو تہ نهراء ذريعي هندن کي باهمي سمجهوتي لاءِ هڪ مخلصانہ تجويز ڏئي موقع ميسر ڪري رهيا آهيون اميد تہ اهو وجهہ هٿان نہ وڃائيندا.

مولانا شوڪت علي مسلم ليگ کي اهڙي نهراء پاس ڪرڻ تي مبارڪباد ڏني مسز ايني بيسنت تقرير ڪندي ظاهر ڪيو تہ هن جو ذاتي طرح ان نهراءَ سان اتفاق هو. مولانا ابوالڪلام آزاد انهي موقعي تي تقرير ڪندي فرمايو تہ لکنو پئڪٽ موجب مسلمانن کي جدا چونڊن جو حق مليو هو. ليڪن جتي هو اڪثريت ۾ آهن اتي کين تعداد موافق نمايندگي ملڻ گهرجي. هن تجويز مطابق پنجن صوبن ۾ مسلمانن کي اڪثريت حاصل ٿيندي ۽ نون صوبن ۾ هندن کي. انهي طرح باهمي ڏي وٺ سان هو وقت بوقت ڪم هلائي سگهندا.

ڪلڪتہ مسلم ليگ اجلاس جي فيصلن پڌڻ بعد لاهور واري مسلم ليگ گروه جي حڪومت سان ساز باز جي منصوبن تي پاڻي ڦري ويو. هنن انهيءَ ڳالهہ کي نظر ۾ رکي لاهور ۾ سندن گروه جي مسلم ليگين جو اجلاس سڏايو.

اهو اجلاس ٣١- ڊسمبر ١٩٢٧ع تي اسلاميہ ڪاليج جي حبيبيہ هال ۾ ڪنو ٿيو.

ان جو افتتاح پنجاب جي گورنر لارڊ هيڊلي ڪيو.

ان جي اچڻ تي حاضرين مجلس سندس زنده باد جا خوب نعرا هنيا.

اتي آيل ڊيليگسٽن مان ٣٠٠ صرف پنجاب جا هئا باقي ٥٢ هندوستان جي ٻين صوبن جا هئا. سنڌ مان ٽي ماڻهو شريڪ ٿيا هئا.

انهيءَ اجلاس جي مرحبا ڪميٽيءَ جو چيرمن نواب سر ذوالفقار علي خان هو ۽ اجلاس جي صدارت سر ميان محمد شفيع لاهور جي مشهور وڪيل ڪئي.

ان ۾ مسٽر غزنوي (بنگال) جي تجويز پيش ڪئي تہ سائمن ڪميشن جو بائيڪاٽ نہ ڪيو وڃي.

مولانا حسرت موهاني ان جي تائيد ڪندي فرمايو تہ ڪميشن جو بائڪاٽ ڪرڻ دانشمندانہ ڪم نہ ٿيندو. بهتر ائين آهي تہ سڀ هندوستاني گڏجي ڪميشن جي سامهون ڪو متفق نهراءِ پيش ڪن.

ڊاڪٽر محمد علم ان ٺهراءَ جي مخالفت ڪئي ۽ ترميم پيش ڪئي.
راجا غضنفر علي خان انهيءَ جي تائيد ڪئي.
سردار اورنگزيب خان ڪميشن سان تعاون ڪرڻ جي راءِ ڏني.
تنهن ڪري ڊاڪٽر محمد عالم واري ترميم نامنظور ٿي پيئي ۽ ڪميشن سان تعاون ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ٿي ويو.

ان اجلاس ۾ صوبہ سرحد ۽ بلوچستان کي سڌارڻ ملڻ جو ٺهراءُ پاس ٿيو. ازانسواءِ سنڌ کي بمبئي علائقي کان ڇني علحده صوبہ ڪرڻ جو ٺهراءُ بہ منظور ٿيو.

انهيءَ اجلاس ۾ ايندڙ سال لاءِ سر محمد شفيع کي انهيءَ مسلم ليگ جو صدر ۽ ڊاڪٽر محمد اقبال کي ان جو جنرل سيڪريٽري ۽ مولانا حسرت موهانيءَ کي ان جو جائنٽ سيڪرٽري چونڊيو ويو.

راجا غضنفر علي خان ٻي مسلم ليگ ٺاهڻ جي مخالفت ڪئي. شيخ محمد صادق امرت سري تقرير ڪندي افسوس جو اظهار ڪيو تہ هن اجلاس ۾ مسٽر محمد علي جناح، ڊاڪٽر مختار احمد انصاري، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا محمد علي جوهر ۽ ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو، جهڙن سچن ڪارڪنن جي خلاف گستاخانہ الفاظ ڪتب آندا ويا آهن.

سال ١٩٢٨ع

هي سال شروعات کان وٺي سائمن ڪميشن خلاف بائڪاٽ جي جذبات سان ڀريل هو. ليڪن سرڪار عام راءِ جي پرواهہ نہ ڪئي ۽ ٢ فيبروري ١٩٢٨ع تي وائسرائي هند تقرير ڪري ظاهر ڪيو تہ ڪميشن مرڪزي ۽ صوبائي اسيمبلين کان مشورو ڪري پوءِ پارليامينٽ کي سفارش ڪندي.

" هندوستاني تعاون ڪن يا نہ بهرحال ڪميشن کي انڪوائري ڪري رپورٽ ڪرڻي هئي.

ڪميشن ٣- فيبروري ١٩٢٨ع تي ولايت کان بمبئي اچي لٿي.

انهيءَ ڏينهن تي ساري هندوستان ۾ هڙتالون ٿيون. مدراس شهر کانسواءِ جتي مظاهرين تي گولي هلائڻ سبب کي ماڻهو مئا ۽ ڦٽيا ٻين جاين تي پُرامن مظاهرا ٿيا.

گهڻو ڪري عوام جي صحيح نمائندن طرفان، ان جي برخلافي ٿي جنهن ۾ "سائمن موٽي وڃ" جا نعرا ۽ پوسٽر هنيا ويا.

مدراس جي جسٽس پارٽي، يوپي جي زميندارن، پنجاب جي سرڪار پرست مسلمانن، سنڌ جي بي غيرت وڏيرن، فرنٽيئر جي ڪن ملڪن ۽ خانن کان سواءِ ٻين سڀني پارٽين طرفان ان جو بائڪاٽ ٿيو. ١١

لاهور ۾ ڪميشن جي خلاف مظاهرو ڪندي پوليس لٺيازي ڪئي. جنهن ۾ لالا لجپت راءِ زخمي ٿيو ۽ چوڻ ۾ اچي ٿو ته سندس جلد انتقال جو ڪارڻ به اهي زخم ٿيا هئا.

گڏيل علائقن ۾ به پوليس سختي ڪئي گهوڙيسوارن لٺ هلائي جنهن ۾ پنڊت جواهرلال کي ڌڪ لڳا.

لکنوءَ جي قيصر باغ ۾ پوليس جي پهرن هيٺ زميندارن جي دعوت تي جڏهن ڪميشن جا ميمبر گڏ ٿيا ته ماڻهن لغڙن ۽ ڦوڪڻن تي "هندوستان هندوستانين جو" ۽ "سائمن موٽي وڃ" لکي مجلس مٿان اڇلارايا.

ڪميشن ٣١- مارچ تي بمبئي ڇڏي گشت ڪرڻ شروع ڪيو. هنن ظاهر ڪيو ته هو مرڪزي ۽ صوبائي اسيمبلين سان مشوري بعد جانچ ڪندا پر ان جو عوام جي رويي تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيو. جي اسان محرف صلاح ڏيڻ نٿا چاهيون.

اسان خود رپورٽ ٺاهڻ ۾ حصو وٺڻ گهرون ٿا.

لاله لجپت راءِ ١٦ فيبروري ١٩٢٨ع تي مرڪزي اسيمبليءَ ۾ ٺهراءُ پيش ڪيو .

"ته ڪميشن جون آئين بابت رٿيل تجويزون هن اسيمبلي کي نامنظور آهن ۽ ان سان هن اسيمبليءَ کي ڪوبه واسطو نه آهي"

ان تي تقرير ڪندي پنڊت موتي لعل نهرو ظاهر ڪيو ته جيستائين ڪميشن تي هندوستانين جو انگريزن سان هڪ جيترو تعداد نه رکيو ويو آهي، ان وقت تائين عوام جو ان سان ڪوبه واسطو نه رهندو.

لالا لجپت راءِ جو ٺهراءُ ٦٨ ووٽن سان پاس ٿي ويو. ان جي برخلاف سرڪار کي ٦٢ ووٽ مليا.

"سنڌ جو ميمبر سيٺ هرچند راءِ سخت بيمار هوندي پاڻ کي سٽريچر تي کڻائي اسيمبليءَ ڏي ويندي وفات ڪري ويو."

١٩٢٨ع جا مکيه واقعا سائمن ڪميشن جو گشت، ماڻهن طرفان ان جي مخالفت، آل پارٽيز ڪانفرنس ۽ بردولي تحريڪ هئا.

مدراس ڪانگريس جي ٺهراء مطابق آل پارٽيز ڪانفرنس فيبروري ۽ مارچ ۾ دهليءَ ۾ گڏ ٿي. جنھن ۾ ٺهراءُ ٿيو تہ هندوستان کي مڪمل جوابدار حڪومت جي بنياد تي سرڪار سان گفتگو ڪرڻ گهرجي. فرقي وار سوال جي حل ڪرڻ لاءِ ٢٥ ميٽنگون ٿيون جن ۾ ڪي حصا سوالن تي فيصلو ٿي ويو. ليڪن ڪيترا اهم سوال رهجي ويا.

آخر ١٩ مئي ١٩٢٨ع تي ڊاڪٽر مختار احمد انصاري جي صدارت هيٺ ميٽنگ ۾ هڪ ڪميٽي ملڪ جي آئين جو مسودو تيار ڪرڻ لاءِ پنڊت موتي لعل نهرو جي چيرمنيءَ هيٺ مقرر ڪئي ويئي. جنھن کي هدايت ڪئي ويئي تہ جولائي مهيني کان اڳ اهڙي قسم جو مسودا تيار ڪري ڪانفرنس اڳيان پيش ڪري.

بردولي (گجرات) جي هڪ تعلقي ۾ ڍل وڌائڻ تان عام ماڻهن ۾ ناراضپو پيدا ٿيو هو. جو معاملو وڌي ڍلن کان انڪار ڪرڻ تائين وڃي پهتو. جنھن تي سرڪار زميندارن جون زمينون ضبط ڪري انهن جي جاين تي پناڻ آباد ڪرڻ چاهيا.

آخر ۾ سردار ويٺل ڀائي پٽيل پريزيڊنٽ مرڪزي اسيمبليءَ جي وچ ۾ پوڻ تي سرڪار طرفان هڪ ڪميشن مقرر ٿي. جنھن صرف ساڍا ڇهہ سيڪڙو ڍل وڌائڻ جي سفارش ڪئي ۽ معاملو ٺهي ويو.

دوباره آل پارٽيز ڪانفرنس ٢٨-٢٩-٣٠- اگست ١٩٢٨ع تي لکنوءَ ۾ نهرو رپورٽ تي غور ڪرڻ لاءِ ڪٺي ٿي. ليڪن ان ڪانفرنس ۾ فرقيوار مسئلو حل ٿي نہ سگهيو. جنھن ڪري اها رپورٽ جا گهڻي محنت بعد تيار ڪيل هئي آهستہ آهستہ تي سيني ڌرين کي ناقابل ٿي ويئي. ان مسودي ۾ بينڪي راج جي اصول قبول ڪرڻ جي سوال تان ناراض ٿي انڊيپينڊنٽ ليگ نالي جدا جماعت ٺاهي.

انهيءَ سال پبلڪ سيفٽي بل مرڪزي اسيمبلي اڳيان پاس ٿيڻ لاءِ پيش ٿيو.

ووٽن ٿيڻ بعد ٻنهي طرفن کي هڪ جيترا ووٽ مليا.

ان تي اسيمبليءَ جي پريزيڊنٽ ويٺل ڀائي پٽيل سندس ووٽ مخالفت جي فائدي ۾ ڏئي بل رد ڪري ڇڏيو.

انهيءَ سال آل انڊيا ڪانگريس جو ساليانہ اجلاس ٢٩ ڊسمبر ١٩٢٨ع تي ڪلڪتي ۾ پنڊت موتيلعل نهرو جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو.

جنهن ۾ بيروني ملڪن جي قوم پرست تحريڪن سان همدردي ظاهر ڪئي ويئي. جنهن ۾ چين، شام، فلسطين، عراق، مصر وغيره مکيه هئا.

انهي اجلاس ۾ ڏيهي راجائن کي مشورو ڏنو ويو ته هو سندن رياست ۾ جمهوري سڌارا رائج ڪن ۽ انساني بنيادي حق، عام ماڻهن کي ڏيڻ جو انتظام ڪن. انهيءَ اجلاس ۾ ساڳي سال ۾ وفات ڪيل مکيه ليڊر جهڙوڪ

حڪيم اجمل خان، لالا لجپت راءِ، لارڊ سنها وغيره جي انتقال تي افسوس جو اظهار ڪيو ويو.

انهيءَ اجلاس ۾ ٺهراءُ پاس ٿيو ته هندوستان کي ٣١ ڊسمبر ١٩٢٩ع تائين سوراج ملڻ گهرجي نه ته سول نافرماني ڪئي ويندي.

سوراج بابت نهرو رپورٽ کي بنياد بنائي گهر ڪئي ويئي ٿي. ان تي پنڊت جواهر لعل نهرو ۽ سباش چندربوس ترميم ڏني ته مڪمل سوراج ملڻ گهرجي پر مهاتما گانڌيءَ طرفان ڏنل رٿ ڪامياب ٿي ويئي.

آئينده جي پروگرام بابت ڪانگريس سندس هيٺيون ١۴ نمبر ٺهراءُ پاس ڪيو:-

"انهي مقرر ڪيل مدي جي درميان ڪانگريس هيٺين ڳالهين ۾ دلچسپي وٺندي رهندي:

(١) قانون ساز اسيمبلين جي اندر يا ٻاهر ملڪي حالتن جي تقاضا جي مدنظر وديشي ڪپڙي جي بائيڪاٽ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ڪوشش ڪندي. ان سان گڏ هٿ جي ڪتيل سٽ ۽ اُڻيل ڪپڙي کي زور وٺائڻ لاءِ ڪوششون جاري رکندي ايندي.

(٢) قانون ساز اسيمبلين جي اندر يا ٻاهر هرڪا ڪوشش ڪئي ويندي ته نشي جي جملي شين تي بندش پوي. ان لاءِ نشيدار شين جي دڪانن تي ضرورت آهر، جتي ممڪن ٿي سگهندو پڪيٽنگ ڪرڻ جو انتظام ڪندي.

(٣) ملڪ جي ڪنهن به حصي ۾ عام ماڻهن کي جيڪي خاص تڪليفون هونديون انهي جي دور ڪرائڻ لاءِ بردولي وانگر اهنسا جي ذريعي ڪوشش ڪندي.

(۴) قانون ساز اسيمبليءَ جي ڪانگريسي ميمبرن کي ڪانگريس ڪميٽيءَ جي وقت بوقت جاري ٿيل هدايتن موجب پنهنجو سمورو توجهه

ملڪ جي تعميري مسئلن طرف ڌيان ڏيڻ جي هدايت ڪئي ويئي.

(۵) ڪانگريس جي ميمبرن کي وڏائجي ۾ مٿن ضابطو رکڻ جو انتظام ڪيو وڃي.

(٦) زالن جي پابندين، سماجي رڪاوٽن کي دور ڪرائي ڪين ملڪ جي تعميري ڪمن ۾ حصو وٺڻ لاءِ آماده ڪيو وڃي.

(٧) ملڪ مان سوشل خرابيون دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.

(٨) ڪانگريس جي هندو ميمبر کي اڇوتپڻي گهٽائڻ ۾ انهن جي حالت سڌارڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

(٩) مزدورن کي منظم ڪرڻ، خدمت خلق ڪرڻ، ڳوٺاڻي تعمير جي ڪم ۾ دلچسپي وٺڻ، ڪاڏيءَ جي تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ، گهٽي تعداد ۾ والنٽيئر پيدا ڪرڻ گهرجن.

(١٠) ڪانگريس طرفان ملڪ جي تعميري پروگرام يا عوامي بيداري پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوبہ ڪم رٿيو وڃي تہ ان لاءِ ڪوشش ڪجي.

مٿين ڳالهين جي سرانجامي لاءِ فنڊ ڪٺو ڪرڻ هر هڪ ڪانگريسيءَ جو فرض ٿيندو.

انهيءَ سال جناح صاحب ولايت کان واپس موٽي هندوستان آيو ۽ اچڻ شرط نهرو رپورٽ جي مخالفت شروع ڪيائين. ساڳي وقت سر آغا خان، هندوستاني صوبن جي آزاديءَ لاءِ آواز اٿاريو. ينهي ڳالهين ۾ اڻ سڌيءَ طرح ڳانڍاپو هو.

آل انڊيا مسلم ليگ جو ٢٠ - اجلاس ڪلڪتي ۾ راجہ محمود آباد جي صدارت هيٺ البرٽ هال ڪلڪتي ۾ ٢٦ ڊسمبر ١٩٢٨ع تي ڪٺو ٿيو.

جنهن ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد، ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو، ڊاڪٽر محمد عالم، حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي، مولوي فضل الحق، مولوي برڪت علي، مسٽر عبدالله بريلوي، سرعلي امام، مسٽر تصدق احمد شيرواني، مولوي ظفر علي خان، مولوي اڪرم خان، مولوي تميزالدين، شيخ محمد صادق امر تسري وغيره شرڪت ڪئي.

ان ۾ سر عبدالرحيم ۽ علي برادرس ڪونہ آيا هئا.

ان اجلاس ۾ مسٽر چاڳلا جي رٿ تي آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ حصہ

ونڻ لاءِ هيٺين ڪاميٽي مقرر ٿي.

١- راجا صاحب محمودآباد ٢-مسٽر محمد علي جناح ٣- ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو ۴- ايم. سي. چاڳلا

۵- ملڪ برڪت علي ٦- شيخ عبدالمجيد سنڌي ٧- مسٽر مجيب الرحمان ٨- ڊاڪٽر سيد محمود ٩- مولوي ظفر علي خان ١٠- مولوي اڪرم خان ١١- سيٺ يعقوب حسن ١٢- تصدق احمد شيرواني ١٣- نواب زاده لياقت علي خان ١۴- مسٽر عبدالڪريم ١۵- شاه محمد زبيري ١٦- چوڌري خليق زمان ١٧- عبدالله بريلوي ١٨- غازي عبدالرحمان ١٩- شيخ حسام الدين ٢٠- سيد قيوم شاه سرحد ٢١- مسٽر فيض علي آسام ٢٢- مسٽر عزيز الحسن بنگال.

انهي ڪميٽيءَ کي نهرو رپورٽ ۾ ترميمون ڪرڻ لاءِ هدايتون ڏنيون ويون.

سال ١٩٢٩ع

پهرين جنوري ١٩٢٩ع تي دهليءَ ۾ آل انڊيا مسلم ڪانفرنس سر آغا خان جي صدارت هيٺ ڪٺي ٿي، جنهن ۾ مستقبل جي آئين بنسبت مسلمانن جي حقن بابت ڪيترا نهراءَ پاس ڪيا ويا. جي اڳتي هلي مسلم ليگ پروگرام جو بنياد ٿيا. جنهن ڪري آهستہ آهستہ ٿي قوم پرست مسلمان مسلم ليگ ماڻ نڪري ويا ۽ مسلم ليگ ۾ رجعت پسند گروه جي ڪثرت شامل ٿي ويئي.

سال جي اوائل ۾ سائمن ڪميشن صوبائي ۽ مرڪزي اسيمبلين طرفان مقرر ڪيل ڪميشن سان گڏ گشت ڪري پوءِ انڪواري ڪئي.

انهيءَ وقت ڏاري هڪ ٻي ڪميٽي سرهارڪورٽ بٽلر جي چيرمنيءَ هيٺ ڏيهي رياستن جي آئيني ۽ سياسي مسئلن بنسبت غور ڪرڻ لاءِ سرفلپ هارٽوگ جي چيرمنيءَ هيٺ هڪ جدا ڪميٽي ڪم ڪري رهي هئي

رياستن واريءَ ڪميٽيءَ سنڌو برٽش پارليامينٽ کي اپريل ١٩٢٩ع ۾ رپورٽ پيش ڪئي.

" سائمن ڪميشن سندس انڪواري ١۴- اپريل ١٩٢٩ع تي پوري ڪري اچان انگلنڊ مس پهتي تہ انگلنڊ جي مئي مهيني وارين ٿيل نين چونڊن ۾ ڪنسرويٽو پارٽيءَ کي شڪست آئي ۽ ان جي جاءِ تي ليبر پارٽيءَ کي

اڪثريت حاصل ٿي. جنھن طرفان وزيراعظم مسٽر مئڪڊونالڊ ۽ سيڪريٽري آف اسٽيٽس فار انڊيا مسٽر ويجوڊبين مقرر ٿيا. لارڊ ارون هندوستان جو وائسرائي ڇهن مهينن جي موڪل وٺي، جون مهيني جي آخر ڌاري انگلنڊ ويو. جتي هن نئين حڪومت سان هندوستان جي ايندڙ سڌارن بابت مشورا ڪيا.

انهيءَ سال ٢٠ مارچ ١٩٢٩ع تي بمبئي، پنجاب ۽ گڏيل علائقن ۾ اي- ١٢٤ قلم هيٺ ڪيترن ماڻهن جي تلاشي وٺي گرفتار ڪيو ويو.

انهن سڀني کي ميرٺ ۾ آڻي مٿن حڪومت کي ڊاهڻ جي منصوبي جي جرم ۾ ڪيس چالان ڪيو ويو. جو بعد ۾ ميرٺ ڪانسپريسي ڪيس جي نالي سان مشهور ٿيو. ڪانگريس طرفان انهن جي بچاءَ لاءِ ڪميٽي مقرر ڪئي ويئي.

اڳين سال مرڪزي اسيمبليءَ ۾ سرڪار طرفان پيش ٿيل سيفٽي بل، جو پريزيڊنٽ جي برخلاف ووٽ ڏيڻ تي رد ٿيو هو سو وري هن سال جنوريءَ ۾ سرڪار طرفان نئي سر پيش ڪيو ويو، پر سردار ويٺلڀائي پٽيل پريزيڊنٽ مرڪزي اسيمبلي هڪ بيان ڏئي ان کي ناجائز ٺهرائي، سرڪار کي مشورو ڏنو تہ ان کي موٽائي وٺي. جنھن تي گورنر جنرل ناراض ٿي ٻي ڏينھن تي ان بل کي آرڊيننس ذريعي جاري ڪري ڇڏيو.

مسٽر پٽيل اعتراض ۾ هڪ خط گورنر جنرل کي موڪليو تہ انهي قدم کڻڻ سان اوهان ساري مرڪزي اسيمبليءَ جي بي عزتي ڪئي آهي.

جنھن کي گورنر جنرل جي سيڪريٽري جواب ۾ لکي موڪليو تہ سندن بي عزتي ڪرڻ جو ڪوبہ ارادو ڪونہ هو پر لاچاري حالتن ڪري بل کي آرڊيننس طور رائج ڪيو ويو آهي.

ساڳي سال ٨- اپريل ١٩٢٩ع تي مرڪزي اسيمبليءَ ۾ ٽريڊس ڊسپيوٽس بل جنھن وقت زير بحث هو ان وقت وزيٽرس گئلري مان ٻہ بم گولا سرڪاري بينچن تي اڇلايا ويا. جنھن ڪري ڪن ٿورن ماڻهن کي زخم رسيا.

ساڳي سال ۾ ولايتي ڪپڙي جي بائيڪاٽ لاءِ هڪ ڪميٽي، مهاتما گانڌي جي چيرمنيءَ ۽ مسٽر جيرامداس دولترام جي سيڪريٽري شپ هيٺ قائم ٿي، زور شور سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. مسٽر جيرامداس ان وقت بمبئي ڪائونسل جو ميمبر هو.

هن سارو وقت انهيءَ ڪم ۾ لڳائڻ خاطر ميمبريءَ تان استعيفا

ڏني. انهيءَ سال راجا گوپال آچاريه جي هٿ هيٺ نشيدار شين جي بندش لاءِ هڪ ڪميٽي ٺهي، جنهن جي ڪوشش سان مدارس، گڏيل علائقن ۽ گجرات ۾ سٺو ڪم ٿي سگهيو.

انهيءَ سال منجهه اڇوتپڻي دور ڪرڻ لاءِ ڪانگريس طرفان هڪ ڪميٽي سيٺ جمنا لال بجاج جي چيرمني هيٺ ٺاهي ويئي. جنهن ساري ملڪ جو دورو ڪري وڏين جاتين ڪي اڇوتن سان سٺي برتاءُ ڪرڻ لاءِ سٺو وايو منڊل پيدا ڪيو ۽ اڇوتن ۾ سندن حقن جي حفاظت لاءِ ڪوشش ڪرڻ جو مادو پيدا ڪيو.

٢٦ جولائي ١٩٢٩ع تي آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي جو اجلاس الهه آباد ۾ ڪٺو ٿيو. جنهن ۾ ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ٺهراءَ جي تائيد ۾ ڪائونسلن جي ڪانگريسي ميمبر ڪي استعيفا ڏيڻ جو مشورو ڏنو ويو.

”هن سال مزدورن طرفان زبردست هڙتالون ٿيڻ شروع ٿيون جن ۾ بمبئي جي ڪپڙي ملن جي ڏيڍ لک مزدورن، بنگال جي سڻي جي ڪارخانن جي ٢٥ هزار مزدورن، جمشيد پور لوهه جي ڪارخاني جي ٽن هزار مزدورن ۽ ڏکڻ هندوستان ريلوي جي نوڪرن جون اسٽرائڪون قابل ذڪر آهن. هندوستاني شيوا دل هر مهيني جهنڊي جي سلامي ڪرڻ رواج چالو ڪيو.“

ان تان ناراض ٿي آگسٽ ڌاري سرڪار هندوستان جي مکيه ڪارڪنن ڪي گرفتار ڪري جيل ۾ موڪلي ڇڏيو. انهن گرفتار ٿيل ڪارڪنن مان سردار منگل سنگهه، ماسٽر تاراسنگهه ۽ مولانا ظفر عليءَ جا نالا قابل ذڪر آهن.

انهيءَ سال ۾ مرڪزي اسيمبليءَ ۾ اڇلايل بمن جي سلسلي ۾ ڪيس هلائي سردار ڀڳت سنگهه ۽ مسٽر دت ڪي جنم ٽيپ جي سزا ڏني ويئي.

ان ڪان پوءِ ساڳين ماڻهن تي لاهور جي پوليس آفيسر مسٽر سانڊرس جي قتل جي جرم واقع ١٧ سپٽمبر ١٩٢٨ع جي سلسلي ۾ ڪيس هلايو ويو.

انگريزن طرفان جيلن ۾ سٺي برتاءُ نه ڪرڻ ڪري جيلن ۾ بک هڙتالون شروع ٿي ويون جن ۾ هڪ مسٽر جيتندرانات داس ۽ ٻي ريورنڊبوزيا هڪ ٻڌ درويش جا نالا قابل ذڪر آهن. پهرين ٦۴ ڏينهن بعد

١٣ سپٽمبر ١٩٢٩ع تي وفات ڪئي ۽ پي ١٦٤ ڏينهن بعد بک هڙتال ڪرڻ تي ١٩ سپٽمبر ١٩٢٩ع تي انتقال ڪيو.

انهيءَ سوال تي ٢٨ سپٽمبر ١٩٢٩ع آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ سندس لکنوءَ واري ميٽنگ ۾ هڪ ٺهراءُ رستي مٿين ڪارڪنن جي جريت ۽ بهادريءَ کي ساراهڻ بعد آئنده لاءِ قومي ڪارڪنن کي صلاح ڏني ته تمام نازڪ حالتن کانسواءِ بک هڙتال نه ڪئي وڃي.

انهيءَ سال جون ۾ موڪل تي ويل لارڊ ارون ٣١- آڪٽومبر تي موٽي واپس هندوستان آيو ۽ اچڻ شرط هڪ اعلان جاري ڪيائين. جنهن ۾ هندوستان کي بيٺڪي راج ڏيڻ ۽ سڌارن لاءِ صلاح مصلحت ڪرڻ واسطي، گول ميز ڪانفرنس جا اصول قبول ڪيا ويا هئا.

ان بيان نڪرڻ بعد جلدئي دهليءَ ۾ ڪانگريس جي ورڪنگ ڪميٽي، سر تيج بهادر سپرو، پنڊت مدن موهن مالويه ۽ ڊاڪٽر ايني بيسنت گڏ ٿيا جن صلاح مشوري بعد هڪ گڏيل پڌرائي ڪئي. جنهن ۾ سرڪار سان تعاون ڪرڻ کان اڳ سرڪار طرفان هيٺين ڳالهين بابت صفائي ڪرڻ جي تقاضا ڪئي.

١- ملڪ ۾ حالتن درست ڪرڻ لاءِ سياسي نظربندن کي رها ڪيو وڃي.

٢- گول ميز ڪانفرنس ۾ ڪانگريس ۽ ٻين مکيه پارٽين کي خاص نمائندگي ڏني وڃي.

٣- گول ميز ڪانفرنس آئين ٺاهڻ لاءِ گڏ ٿيڻ گهرجي ۽ نه صلاح مشورو ڪرڻ لاءِ.

گانڌيجيءَ انهيءَ پڌرائي جي سمجهاڻي واسطي هڪ ڊگهو بيان ڏنو.

انگلنڊ ۾ پارليامينٽ جي ٻن مکيه پارٽين هرهڪ ليبر ۽ ڪنسرويٽو جي وچ ۾ انهيءَ سوال جي حل ڪرڻ تان اختلاف پيدا ٿي پيا. ڪنسرويٽو پارٽي مزدور ڌر وزارت جي مٿي ذڪر ڪيل پڌرائيءَ کي تيز قدم سمجهي حڪومت جي خلاف پروپگينڊا شروع ڪئي. جنهن کان مرعوب ٿي حڪومت انگلنڊ جي عام راءِ جي ڊپ کان پڌرائي ڪئي ته گول ميز ڪانفرنس کي آئين ٺاهڻ جي اختياري ڪانه هوندي. بلڪ اهي اختيار برٽش پارليامينٽ جي هٿ ۾ هوندا. حڪومت پارليامينٽ جي راءِ کانسواءِ ڪنهن به آئين جو وعدو نه ٿي ڪري سگهي.

انهيءَ ڀڃڪڙائي سبب گذيل ڀڃڪڙائي ۾ تقاضا ڪيل مکيہ تجويز رد ٿي ويئي ٿي.

انهن حالتن هوندي سال جي آخر ۾ پنڊت جواهرلعل نهرو جي صدارت هيٺ لاهور ۾ ٢٥- ڊسمبر ١٩٢٩ع تي آل انڊيا ڪانگريس جو ساليانو اجلاس ڪٺو ٿيو. اجلاس جي صدارتي خطبي ۾ پنڊت جي ظاهر ڪيو تہ "حڪومت سندن گهرون پوريون ڪري نہ سگهي آهي. تنهن ڪري مجبوراً کين حڪومت جي مخالفت ڪرڻي پوندي.

وڏيڪ چيائين تہ ڪيس معلوم نہ هو تہ انهيءَ مخالفت ڪري ڇا ۽ ڪڏهن ڪجهہ حاصل ٿي سگهندو. ڪاميابي سندن هٿ ۾ نہ هئي. پر ڪاميابي اڪثر انهن کي پئي نصيب ٿي آهي جي جريت سان عملي قدم کڻندا آهن. اها ڏڇڻ ۽ مشڪلاتن کان ڇرڪڻ وارن کي حاصل تہ ٿيندي آهي. کين وڏا جوکا کڻڻا هئا.

ڇاڪاڻ تہ وڏا مقصد صرف خطرن سان مقابلو ڪرڻ سان ئي حاصل ڪري سگهبا آهن"

انهيءَ اجلاس جو نمايان ٺهراءُ هندوستان جي مڪمل آزادي حاصل ڪرڻ جي تجويز هئي جا ان جي اهميت ڪري سموري هيٺ ڏجي ٿي:-

ڪانگريس جو هي اجلاس وائسراءِ هند جي ٣١- آڪٽومبر ١٩٢٩ع واري جاري ڪيل اعلان تي هندوستاني قومي ڪارڪنن طرفان جن ۾ ڪانگريس وارا بہ شريڪ هئا جاري ڪيل گڏيل ڀڃڪڙائي کي قبول ڪري ٿي ۽ وائسراءِ هند طرفان سوراج لاءِ رضانامي بابت ڪيل ڪوشش کي ساراهي ٿي.

باوجود ان جي جيڪي وهيو واپريو آهي ان تي غور ڪندي، مهاتما گانڌي، پنڊت موتي لعل نهرو ۽ ٻين جي وائسراءِ سان ڪيل ملاقات وقت گفتگو مان هن نتيجي تي پهتي آهي تہ موجوده حالتن هيٺ ڪانگريس جي گول ميز ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ مان ڪوبہ فائدو حاصل نہ ٿيندو.

تنهنڪري ڪانگريس سندس گذريل سال ڪلڪتي ۾ پاس ڪيل ٺهراءُ کي نظر ۾ رکي ظاهر ٿي ڪري تہ ڪانگريس آئين جي پهرين فقري ۾ بيان ڪيل لفظ سوراج جي معنيٰ "مڪمل آزادي" سمجهڻ گهرجي. وڌيڪ اهو بہ ظاهر ٿي ڪري تہ ڏنل مدي گذرڻ بعد هاڻ نهرو رپورٽ ۾ ڄاڻايل سڌارن جي تجويز رد سمجهڻ گهرجي ۽ اميد ٿي ظاهر ڪري تہ آئنده سڀ

ڪانگريسي مڪمل آزاديءَ جي حصول لاءِ ڪوشش ڪندا.

آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ابتدائي قدم طور ڪانگريس جملي قومي ڪارڪنن کي هدايت ڪئي ته آئندي اسيمبلين جي چونڊن ۾ سڌو يا اڻ سڌو حصو نه وٺن ۽ هن وقت اسيمبلين يا ٻين سرڪاري ادارن جي ميمبرن کي هدايت ڪئي ته اهو انهن جاين تان استعيفائون ڏئي ٻاهر نڪري اچن.

هي ڪانگريس جو اجلاس، عوام کي اپيل ڪئي ته ڪانگريس جي تعميري پروگرام کي زور وٺائڻ لاءِ مدد ڪن.

هي اجلاس آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ کي اختيار ڏنو ته جڏهن به مناسب سمجهي ته سول نافرمانيءَ جو پروگرام بمع ڍلن نه ڏيڻ جي شروع ڪري ڏئي. اهو قدم ڪانگريس جي نظرداريءَ هيٺ ساري ملڪ يا چونڊيل ايراضين ۾ ڪئي سگهن ٿا.

ان اجلاس ۾ ٻيا هيٺيان مکيه ٺهراءَ پاس ٿيا.

(١) ايسٽ افريقا جي هندوستاني باشندن جي حقن جي حفاظت لاءِ مدد ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ٿيو.

(٢)ڏيهي رياستن جي راجائن کي اپيل ڪئي ويئي ته هو سندن رياستن ۾ ماڻهن کي بنيادي انساني حق ڏين ۽ رياستن اندر عوام سان جوابدار حڪومت جو سرشتو رائج ڪن.

(٣) هندوستان جي فرقيوار سوال بابت انهيءَ اجلاس ۾ ٺهراءَ ذريعي ڪانگريس، مسلمانن ۽ سکن کي اهو يقين ڏياريو ته هو ڪابه اهڙي آئيني تجويز قبول نه ڪندا جا ڪين قبول نه هوندي.

انهيءَ سال آل انڊيا مسلم ليگ ڪائونسل جو اجلاس ٢٣ مارچ ١٩٢٩ع تي دهليءَ ۾ ڪڏ ٿيو. جنهن ۾ مسلمانن جي ٽنهي گروهن کي گڏي هڪ جماعت بنائڻ لاءِ جناح صاحب کي ڪم سونپيو ويو.

هڪ گروه ڪلڪته مسلم ليگ ۽ ٻيو لاهور مسلم ليگ جي نالي سان مشهور هئا.

ٽيو گروه دهلي ۾ سر آغا خان جي صدارت هيٺ ڪني ٿيل مسلمانن جي ڪانفرنس وارو هو.

اهو ڪائونسل جو اجلاس مسٽر محمد علي جناح جي صدارت هيٺ

ڪنو ٿيو هو جنهن ۾ علي برادران، مولانا ابوالڪلام آزاد، ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو، نواب اسماعيل خان، مسٽر قدوائي، سر يامين خان، چوڌري عبدالمتين، حاجي عبدالله هارون، مولانا دائود غزنوي، سيد عبدالله بريلوي، مولوي ڪفايت الله صاحب وغيره شرڪت ڪئي.

انهيءَ اجلاس ۾ نهرو رپورٽ بابت مسلم ليگ جي راءِ هيٺين ٺهراءَ جي ذريعي اظهار ڪئي ويئي:-

”جنهن صورت ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس نهرو رپورٽ کي قطعي طور رد ڪري ڇڏيو آهي، هندو سڀا سندس ٺهراءَ ذريعي چيو آهي ته جيڪڏهن فرقيوار سوالن مان رپورٽ جي هڪ فقري کي به رد ڪيو ويو ته هو رپورٽ جي حمايت کان انڪار ڪندا.

سک ليگ ان کي قبولڻ کان انڪار ڪيو آهي، غير برهمن ۽ اڇوت به ان جي مخالف آهن ۽ جنهن صورت ۾ نهرو رپورٽ ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي جملي مطالبن کي قبول نه ڪيو ويو آهي، تنهن ڪري مسلم ليگ به ان کي نٿي قبول ڪري. مسلم ليگ غور ۽ فڪر بعد هن نتيجي تي پهتي آهي ته مسلمان هندوستان جي لاءِ ڪنهن به آئيني تجويز کي قبول نه ڪندا. جيستائين ان ۾ مسلماني حقن جي حفاظت لاءِ هيٺين شرطن کي داخل نه ڪيو ويو آهي.

(١) هندوستان جو آئين وفاقي طرز جو هوندو.

(٢)هرهڪ صوبي کي صوبائي آٽونامي (خود مختياري) هوندي.

(٣) ملڪ جي جملي قانون ساز اسيمبلين ۽ چونڊيل لوڪل باڊيز ۾ اقلتين کي وڌيڪ نمائندگي ڏني ويندي ۽ ڪنهن به صوبي جي اڪثريت کي اقليت يا مساوات ۾ نه بدلايو ويندو.

(٤) مرڪزي اسيمبليءَ ۾ مسلمانن کي ٽيو حصو نمائندگي ڏني ويندي.

(٥) جيڪڏهن صوبن جي نئين سر ڦير ڦار ڪئي وڃي ته پنجاب، سرحد، بنگال جي اڪثريت کي نقصان به پهچايو ويندو.

(٦) مذهبي ۽ تعليمي ادارن جي آزاديءَ جي هر فرقه لاءِ حفاظت هوندي.

(٧) هڪ دفعي ٺهيل آئين ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي نه ڪئي ويندي.

(٨) مرڪز خواهہ صوبن ۾ گهٽ ۾ گهٽ چوٿون حصو وزارتن جو مسلمانن کي ڏنو ويندو.

(٩) ٻين صوبن وانگر سرحد ۽ بلوچستان جي ايراضين سان نوان سڌارا رائج ڪيا ويندا.

(١٠) مرڪز، صوبن ۽ لوڪلباڊيز جي ملازمتن ۾ مسلمانن کي ڪافي نمايندگي ڏيڻ جو تحفظ قابليت جو لحاظ رکندي آئين ذريع ڪيو ويندو.

(١١) سنڌ کي بمبئي کان علحده ڪري جدا صوبو بنايو ويندو.

(١٢) آئنده اسيمبلين ۾ ڪوبہ بل يا تجويز پاس ٿي نہ سگهندو. جيڪڏهن مسلمانن جو ٣ ياڱي ۴ حصو ان کي سندن حقن جي لاءِ نقصان ڪار سمجهي مخالفت ڪندو.

(١٣) مسلمانن جي تمدن، تهذيب، تعليم، زبان، مذهبي ۽ خيراتي ادارن جي تحفظ ۽ ترقي لاءِ آئين ۾ داخلا ڪئي ويندي.

(١۴) حڪومت ۽ لوڪل باڊيز ۾ مسلمانن کي ڪافي اسڪالرشپون ڏنيون ويندون.

مسلمان ان وقت تائين گڏيل چونڊن کي قبول نہ ڪندا جيستائين سنڌ کي جدا صوبو نہ بنايو ويو آهي.

ٻين صوبن وانگر سرحد ۽ بلوچستان کي سڌارا نہ ڏنا ويا آهن. صوبن ۾ جتي مسلمان اڪثريت ۾ آهن اتي ڪين آدمشماريءَ جي لحاظ سان جڳهون نہ ڏنيون وڃن ۽ جتي اقليت ۾ آهن اتي سندن لاءِ زياده جڳهيون محفوظ نہ ڪيون ويون آهن.

انهيءَ تجويز جو مسودو جيئن تہ جناح صاحب تيار ڪيو هو ان ڪري اهو مسودو جناح صاحب جي ١۴ نقاطي پروگرام جي نالي سان مشهور ٿي ويو.

(نوٽ)- چوڏهن نقطا امريڪن پريزيڊنٽ مسٽر ولسن جي ١۴ نقاطي تجويز کان اڳي مشهوري حاصل ڪري ويا هئا.

آل انڊيا مسلم ليگ جو مهمل ٿيل اجلاس ٣٠- مارچ ١٩٢٩ع تي روشن ٿيٽر ۾ جناح صاحب جي زير صدارت ڪنو ٿيو.

جنهن ۾ هيٺيان مکيہ ڪارڪن شريڪ ٿيا:

مولوي محمد يعقوب، مولانا ظفر علي خان، ڊاڪٽر محمد عالم،

مولانا شفيع دائودي، علي برادران، سيٺ حاجي عبدالله هارون، نواب محمد اسماعيل خان، مسٽر تصدق احمد شيرواني، ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو، مولوي ڪفايت الله صاحب، مولانا ابوالڪلام آزاد، راجا غضنفر علي خان، شيخ محمد صادق، مسٽر آصف علي ۽ ٻيا.

جناح صاحب پنهنجي صدارتي خطبي ۾ چيو ته ”سائمن ڪميشن جلد پنهنجو ڪم پورو ڪري پارليامينٽ اڳيان رپورٽ پيش ڪرڻ واري آهي، ٻي طرف نهرو رپورٽ اسان جي اڳيان آهي. مسلمانن کي گڏجي انهي بابت فيصلي ڪرڻ جي ضرورت آهي.

منهنجي مسودي تجويز بابت چيو ويجي ٿو ته اهي منهنجي ذاتي فڪر ۽ خيال جو نتيجو آهن. ليڪن حقيقت ۾ اهو مسودو مختلف حضرات ساڻ مشورو ڪري تيار ڪيل آهي.

”هاڻي سبجيڪٽس ڪميٽيءَ تي ڇڏيل آهن ته ان تي غور ڪري ٺهراءَ جي صورت ۾ پيش ڪري.“

ان کان پوءِ سر محمد يامين ۽ حاجي عبدالله هارون، شفيع پارٽيءَ جي مسلم ليگ گروه کي اجلاس ۾ دعوت ڏيڻ جو مشورو ڏنو. ان تي انهي گروه کي شرڪت لاءِ دعوت ڏني ويئي.

جنهن تي هن ميان شاهنواز خان بارسٽر (ميان محمد شفيع جي نياٽي) جي جاءِ تي گڏ ٿي شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪي شرط موڪليا. جي جناح صاحب قبول نه ڪيا. ان ڪري هو اجلاس ۾ شريڪ ٿي نه سگهيا.

٣١- مارچ ١٩٢٩ع تي جناح صاحب واري مسلم ليگ اجلاس جي سبجيڪٽس ڪميٽيءَ ۾ اختلاف پئجي ويو جنهن تي سر محمد يعقوب علي برادران مرحوم. حڪيم اجمل خان جي جاءِ تي علحده ڪانفرنس ۾ ڪٺا ٿيا.

جتي ڪين سمجهائڻ لاءِ جناح صاحب وٽن ويو پر سمجهوتو نه ٿي سگهڻ ڪري واپس موٽي آيو.

ان کان پوءِ سبجيڪٽس ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ سر محمد شفيع جي موڪليل خط تي بحث ٿيو. جنهن ۾ تقاضا ڪيل هئي ته سر آغا خان جي صدارت هيٺ ڪئي ٿيل دهلي مسلم ڪانفرنس ۾ پاس ٿيل ٺهرائن کي قبول ڪيو وڃي.

جناح صاحب ان تي ظاهر ڪيو تہ مسلمانن ۾ هن وقت ٽي مختلف راين جا گروه پيدا ٿي چڪا هئا. هڪڙا نهرو رپورٽ کي قبولڻ جي فائدي ۾ هئا. ٻيا رد ڪرڻ جا حامي هئا. ٽين باهمي مشورو ڪرڻ کان اڳ ڪي شرط مڃائڻ ٿي گهريا. جنهن تي مسٽر تصدق احمد خان شيرواني ظاهر ڪيو تہ اهڙن پوئين گروهہ جي باغين کي جماعت ۾ ڪابہ جڳهہ نہ ڏيڻ گهرجي. ان ڪري علي برادران ۽ دهلي ڪانفرنس جا ڪي رڪن جلسي مان نڪري ويا ۽ مرحوم حڪيم اجمل خان جي جاءِ تي ڪنا ٿيا جتي جناح صاحب تجويزن تي غور ڪرڻ بعد هنن سبجيڪٽس ڪميٽيءَ ۾ هيٺين تجويز بحال ڪئي:-

”هندوستان جي قومي مطالبن کي نظر ۾ رکندي فرقيوارانہ اختلافن کي مٽائڻ لاءِ آل انڊيا مسلم ليگ جو هي اجلاس ڪلڪتہ آل پارٽيز ڪانفرنس جي تجويزن کي هيٺن ترميمن جي بنياد تي قبولڻ لاءِ تيار آهي.

(١) مرڪزي اسيمبلين جي ٻنهي هائوسن ۾ چونڊيل نمائندن ۾ ڪم از ڪم ٽيون حصو مسلمانن کي نمائندگي ڏيڻ گهرجي.

(٢) بنگال ۾ جيڪڏهن بالغن ني ور حو ت ن ذنل هجي تہ مسلمان ووٽرن جو تعداد سندن آباديءَ جي لحاظ سان مقرر ڪيو وڃي.

(٣) نهرو رپورٽ جي دفع (٣) جي فقري (٢) ۾ هنن ترميم ڪئي وڃي. مرڪزي پارليامينٽ کي صرف جنگ يا عام بغاوت جي حالت ۾ صوبائي وزارتن يا اسيمبلين کي ختم ڪرڻ جو حق هئڻ گهرجي.

(۴) نهرو رپورٽ جي فقرن نمبر ١-٢ جي سرن تي نظرثاني ڪري صوبن کي حتي الامڪان صوبائي آٽو نامي (خود مختيار) ڏيڻ جو داخلو ڪيو وڃي.

(۵) مسلمانن جي ذاتي قانونن ۾ مرڪزي يا صوبائي اسيمبلين کي سندن قبوليت کانسواءِ ترميم ڪرڻ جو حق نہ هجي.

جڏهن ڪليل اجلاس ڪنو ٿيو تہ ان ۾ سخت گوڙ ٿي پيو. جنهن ڪري جناح صاحب کي مجبوراً اجلاس کي مهمل ڪرڻو پيو. جنهن ڪري مسلم ليگ مان حال فساد ٽري ويو ليڪن ان ۾ اختلاف اڳي کان بہ وڌي ويا.

سال ١٩٣٠ع :

٣- جنوري ١٩٣٠ع تي ڪانگريس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ لاهور

ڪانگريس ۾ ڪائونسلن جي بائيڪاٽ واري ٺهراءَ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ڪئي ٿي.

جنهن ۾ ٢٦ جنوري کي آزاديءَ جي ڏينهن ملهائڻ واسطي مقرر ڪيو ويو. انهيءَ ٺهراءَ موجب هر سال انهيءَ تاريخ تي هر شهر ۾ گڏ ٿي هيٺيون اعلان پڙهڻو هو.

”هيٺيون ٺهراءُ ڪانگريس ورڪنگ ڪميٽيءَ طرفان ساري ملڪ ۾ انهيءَ ڏينهن تي ميٽنگن ۾ پاس ڪرڻ لاءِ جاري ڪيو ويو آهي:

”اسان جو هن ڳالهه تي ايمان آهي تہ هندوستان جي رهاڪن کي پنهنجي ڪمائيءَ جي ڦل مان ضروريات زندگي حاصل ڪرڻ واسطي مڪمل سياسي آزادي وٺڻ جو بنيادي حق حاصل آهي.

اسان جو ان ڳالهہ ۾ پورو ويساه آهي تہ جيڪا بہ حڪومت عوام کي سندن انهيءَ حق کان محروم رکندي يا دٻائي محڪوم رکڻ گهرندي تنهن کي بدلائڻ يا ختم ڪرڻ جو ماڻهن کي پورو اختيار حاصل آهي.

برٽش سرڪار هندوستان جي ماڻهن کي نہ صرف سندن آزاديءَ جي حق کان محروم رکيو آهي پر سندس حڪومت جو بنياد عوام جي ايڪسپلائٽيشن (استعمال غرضي) تي رکيو آهي ۽ هندوستان کي اقتصادي، سياسي، ثقافتي ۽ روحاني طرح تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. تنهن ڪري اسان فيصلو ٿا ڪريون تہ هندوستانين کي برٽش حڪومت سان ناتا ٽوڙڻ گهرجن ۽ مڪمل سوراج حاصل ڪرڻ گهرجي.

هندوستان کي اقتصادي طرح تباهہ ڪيو ويو آهي. انهيءَ مان سندس پيدائش جي مقابلي ۾ سرڪاري ڍلون تمام گهٽيون ورتيون وڃن ٿيون.

هندوستان جي سراسري پيدائش ٧ پيسا روزانہ آهي.

سندس ڍلن جو ٢٠ سيڪڙو لئنڊ روينيو ذريعي ۽ ٣٠ سيڪڙو لوڻ تان وصول ڪيو وڃي ٿو. جنهن جو سمورو بار غريبن تي پوي ٿو.

ملڪ جا سٽ ڪتڻ ۽ ڪپڙي اڻڻ جا ڳوٺاڻا هنر تباهہ ڪيا ويا آهن. جنهن ڪري آبادگارن کي چار مهينا بي روزگار رهڻو پوي ٿو.

هن حڪومت ٻين ملڪن وانگر بي زورگار ماڻهن کي مشغول رکڻ لاءِ ڪنهن بہ هنري ڪارخاني کولڻ جو انتظام نہ ڪيو آهي.

ڪسٽمس ۽ ڪرينسي کي اهڙي طرح استعمال ۾ آندو وڃي ٿو جو

آبادگارن تي وڏيڪ بوجھ پوي ٿو.

برٽن مان تيار ٿيل شيون، اسان جي ٻاهران آمدني جو مکيہ جزو بنجي پيون آهن. ڪسٽمس ڊيوٽيءَ مان برٽش سفت کي فائدي ڏيڻ جي بوءِ اچي رهي آهي

ٽئڪسن کي ماڻهن تان اقتصادي بوجو لاهڻ لاءِ ڪتب نٿو آندو وڃي پر ڳري انتظامي عملي جي پيٽ ڀرڻ لاءِ خرچ ڪيو پيو وڃي.

ايڪسچينج کي اهڙيءَ طرح ڦيرايو گهيرايو وڃي جنهن ڪري لکها روپيہ زرمبادلي جي حرفت ڪري ملڪ مان ٻاهر هليا وڃن ٿا.

سياسي طرح هندستان جي حالت ايتري قدر ڪڏهين بہ نہ ڪري آهي. جيترو برٽش راڄ اندر زبون ٿي آهي.

حقيقي طرح عوام کي اختيار ڏيڻ لاءِ ڪوبہ قدم نہ کنيو ويو آهي.

اسان مان وڏي ۾ وڏو انگريزي حڪم اڳيان نميل رهي ٿي.

آزاد راءِ جي اظهار ڪرڻ، آزاد طرح جماعت سازي جي حق کان اسان کي محروم ڪيو ويو آهي. ڪيترا اسانجا وطني ڀائر انهن ڳالهين کان مجبور ٿي جلاوطن رهن ٿا ۽ موتي گهرن ۾ نٿا اچن. انتظامي لياقتن کي ختم ڪيو پيو وڃي.

عوام کي ننڍين نوڪرين ۽ منشگيرين تي اڪتفا ڪرڻي پوي ٿو.

تقافتي طرح تعليمي سرشتي کي اسان جي روايتي بنيادن کان هٽائي غلاميءَ جي زنجير ۾ سوگهي ڪرڻ جي پاليسيءَ تي رٿيو ويو آهي. روحاني طرح اسان کي زوريءَ بي هٿيار بنائي بي همت بنايو ويو آهي. ملڪ ۾ ڌارين لشڪر جي موجودگي، اسان جي قوت مقابلي کي فنا ڪري ڇڏيو آهي.

اسان ۾ اهو خيال پيدا ڪيو ويو آهي تہ اسان پنهنجي بچاءَ ۽ ڌارين حملي جي مقابلي، ڪرڻ جا لائق نہ رهيا آهيون بلڪ چورن، ڌاڪن، بدمعاشن کان پنهنجي ملڪيت ۽ گهر ٻار بچائي سگهڻ جا لائق نہ آهيون.

اسان اهو ماڻهن ۽ خدا جو گناهہ ٿا سمجهون تہ وڌيڪ وقت تائين هن ظالمانہ طريقہ حڪومت اڳيان سر نمائيندا رهون. جنهن اسان جي ملڪ تي چوطرفي مصيبت نازل ڪئي آهي.

اسان سمجهون ٿا تہ انهيءَ ظلم کان آزاد ٿيڻ جو بهترين ۽ مؤثر رستو اهنسا جو آهي.

تنهنڪري اسان وعدو ٿا ڪريون تہ ان ني عمل ڪرڻ لاءِ تياري ڪنداسون. پنهنجي سموري مدد برٽش حڪومت کان ڪڍائي وٺنداسون ۽ انهن جي جملي حڪمن وينڊي ٽئڪسن ڏيڻ تائين جي پيڪڙي ڪرڻ لاءِ تيار ٿينداسون.

اسان کي يقين ٿي ويو آهي تہ اهنسا ڪرڻ ڪانسواءِ اسان پنهنجي سموري رضاڪارانہ مدد هنن کان ڪڍي وٺنداسون ۽ ڍلون ڏيڻ کان انڪار ڪنداسون تہ هن ظالمانہ راڄ جو خاتمو يقيني آهي تنهنڪري اسان صدق دل سان فيصلہ ٿا ڪريون تہ مڪمل آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪانگريس طرفان وقت بوقت جي حڪم اسان کي ملندا رهندا تن جي خوشيءَ سان بجا آوري ڪنداسون.

ان کان پوءِ جلدئي وائسرائي هند سائيمن ڪميشن جي رپورٽ بابت هڪ اهڙو بيان ڏنو جنهن ماڻهن جون رهيل اميدون بہ ختم ڪري ڇڏيون. ان تي مهاتما گانڌي هڪ تقرير ذريعي وائسراءِ کان کي گهرون ڪيون.

آل انڊيا ڪانگريس جي ورڪنگ ڪميٽي ۱۴-۱۵-۱۶ فيبروري ۱۹۳۰ع تي سابرمتي ۾ گڏ ٿي ان ۾ مهاتما گانڌيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ سول نافرماني شروع ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪيو ويو.

جنهن موجب مهاتما گانڌي لوڻ ناهڻ جي قانون جي ڀڃڻ لاءِ پنهنجي آشرم جي رهواسين سان گڏجي ڊانڊي جي پر ۾ سمنڊ تي وڃي لوڻ ڪڻڻ وارو هو. هن ٺهراءَ پاس ٿيڻ بعد قانوني انحرافي ڪرڻ کان اڳ گانڌيجي هڪ ڊگهي خط ذريعي وائسراءِ هند کي پنهنجي ارادي کان آگاه ڪيو.

جنهن خط ۾ هن سول نافرماني ڪرڻ جا مقصد ۽ اهنسا ذريعي ان کي عمل ۾ آڻڻ جا متا بہ ظاهر ڪيا هئا. اهو ليٽر هڪ نوجوان انگريز وائسراءِ ڏي ڪٽي ويو جنهن جي جواب ۾ وائسراءِ ڪيس لکي موڪليو تہ خط پهتو سندس رٿيل سول نافرماني جو احوال معلوم ٿيو. اهو امن عامہ ۾ خلل وجهندو، وغيره. ان تي وري گانڌي جي بيان ڏنو تہ "مون گوڏن ڀر جهڪي ماني ٽڪري لاءِ وائسراءِ کي ستايو پر مانيءَ جي عيوض پٿرن سان جهولي ڀري ويئي.

انگريز حڪومت صرف طاقت کي سلام ٿي ڪري تنهنڪري ئي

وائسراءِ طرفان اهڙو جواب مليو آهي. جنهن ۾ امن عامہ جو انتظار ڏيکاري ٿو ان جي سرانجامي صرف ماڻهن کي جيلن ۾ وجهڻ ذريعي ڪرڻ چاهي ٿو.

هندوستان کي انگريزن وڏو جيل بنائي ڇڏيو آهي. جنهن قانون ذريعي ان جا زنجير مضبوط ٿيندا هجن تنهن کي ٽوڙڻ آءٌ پنهنجو اخلاقي فرض ٿو سمجهان."

نيٺ رٿيل پروگرام موجب گانڌيجي سندس آشرم جي ساٿين سميت جن جو تعداد ۷۹ هو. مارچ ۱۹۳۰ع تي سول نافرماني ڪرڻ لاءِ ڊانڊي طرف روانو ٿيو. اهو گجرات ۾ سمنڊ جي ڪناري تي هڪ ننڍو ڳوٺ هو جتي لوڻ ٺاهڻ لاءِ قانوني انحرافي ڪرڻ واسطي وڃي رهيو هو. اها ظاهري طرح هڪ لانگوٽي بند فقير جي ساڌن سان گڏ روانگي هئي، ليڪن حقيقي طرح هڪ بلند اخلاق، عظيم الهمت هندوستاني رهنما جي هندوستاني عوام طرفان برٽش سرڪار خلاف ڪليل بغاوت جو اظهار هو. جنهن ۾ آخر هندوستاني عوام کي ڪاميابي حاصل ٿيڻ واري هئي.

سچ ڪوڙ تي غالب ٿيڻ وارو هو، روشني اوندهہ تي فتح ڪرڻ، زندگي مردگيءَ تي ڇانئجي وڃڻ واري هئي.

هن جي رواني ٿيڻ شرط نہ صرف ساري هندوستان جو توجهہ ان روانگيءَ طرف ڇڪجي ويو. ليڪن ساري دنيا ۾ ان جو آواز پهچي ويو.

هڪ طرف انگريز بهادر جي سرڪار سندس اکيچار هٿيار، لشڪرن پيسي ۽ طاقت سان آراستہ ٿيل هئي تہ ٻي طرف هڪ ڪمزور بدن لانگوٽي بند ساڌو صرف سچ جي هٿيارن، مضبوط اراده پوئلڳن ۽ حق جي طاقت سان ملبوس هو.

پوءِ تہ "يدخلون في دين الله افواجاً "

وارو نظارو هو هر طرف کان هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو انهيءَ ستيا جي سورهہ جي درشن ڪرڻ لاءِ قطارون ٻڌيو رستي تي ويهي ويا. بر ۾ بازارون لڳي ويئون. اهو قافلو وڌندو ويو.

آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ جو اجلاس نين پيدا ٿيل حالتن تي غور ڪرڻ لاءِ ۲۱ مارچ ۱۹۳۰ع تي احمد آباد ۾ ڪنو ٿيو جنهن ۾ ورڪنگ ڪميٽيءَ جي نهراء جي پٺ ڀرائي ڪئي ويئي. اتي هينئون عهدنامون تيار ڪيو ويو جو هر هڪ ستيا گرهيءَ کي پڙهڻو هو.

"(۱) آءٌ ڪانگريس طرفان هندوستان جي آزاديءَ لاءِ شروع ڪيل

سول نافرمانيءَ جي تحريڪ ۾ داخل ٿيڻ کھران ٿو

(٢) آءٌ ڪانگريس طرفان هلايل مڪمل آزاديءَ جي تحريڪ کي سيني صلح جويانہ ۽ صحيح طريقن سان حاصل ڪرڻ جي اصول کي صدق دل سان قبول ڪريان ٿو

(٣) آءٌ انهيءَ راه ۾ جيل يا ٻي هر طرح جي قرباني ڪرڻ ۽ مصيبت برداشت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

(٤)جيڪڏهين جيل ۾ ويس تہ ڪانگريس کان ان جي عيوض ڪابہ مالي مدد جي گهر نہ ڪندس.

(٥) آءٌ تحريڪ جي اڳواڻن جي مڃني حڪمن کي مڃڻ لاءِ تيار آهيان.

چوويهن ڏينهن جي سفر ڪرڻ کان پوءِ مهانما گانڌي ٥- اپريل ١٩٣٠ع تي ڊانڊئي پهتو.

انهيءَ ڏينهن لوڻ ناهڻ جي قانون کي ٽوڙڻ ڪري گانڌيجيءَ کي گرفتار ڪري برودا جيل ۾ موڪليو ويو.

٦- اپريل تي ساري هندوستان ۾ سول نافرمانيءَ جي هلچل شروع ٿي ويئي، گانڌيءَ جي جاءِ تي مسٽر عباس طيب جي اڳواڻ مقرر ٿيو جو بہ ١٢- اپريل تي گرفتار ٿيو."

ڪراچيءَ ۾ ان تاريخ سرڪس تي بندوقبازي ۾ مسٽر جيرامداس دولترام ڦتجي پيو پر سگهوئي چاق ٿيو.

انهي سلسلي ۾ پشاور ۾ ٿيل گوليبازي، بمبئيءَ جي لاٺي چارج، مدراس ۾ سرڪار طرفان اختيار ڪيل سختي، ڪلڪتي جا واقعا وغيره بيان ڪبا تہ وڏو داستان ٿي پوندو.

ماڻهن کي جيلن ۾ موڪلڻ مان سرڪار جڏهن ٿڪجي پيئي تہ ڳرا ڏنڊ وجهڻ ۽ ملڪيتون ضبط ڪرڻ شروع ڪيائون. آخر لنيون هٽي ماڻهن کي ڇڙو ڇڙ ڪرڻ ۽ پڃائڻ تي وڃي اڪتفا ڪيائون.

جا حڪومت سرڪاري قانون جي ڀڃڪڙي تي ناراض ٿي ماڻهن کي عتاب ڏئي رهي هئي، ساخود قانون هٿ ۾ ڪٽي ماڻهن کي ڏنڊا هٽي پاڻ قائم رکڻ ۾ مشغول ٿي ويئي.

آزاديءَ خاطر لڙندڙ مجاهدن لاءِ قانوني شڪني جرم هئي. سامراج

قائم رکندڙ حڪومت جي قانون شڪني ثواب شمار ٿي ڪئي ويئي، ڏاڍي ۽ هيڻي جي وچ ۾ اهو تفاوت آهي.

سرڪار طرفان سارو سال سختي هلندي رهي ۽ صلح لاءِ ڪوششون به هلنديون آيون.

١۴- اگسٽ ١٩٣٠ع تي مسٽر جيڪر ۽ سر سپرو سرڪار طرفان جيل ۾ ڪانگريس ليڊرن سان وڃي مليا پر صلح ٿي ڪونه سگهيو.

ان ڪري ڪانگريس گول ميز ڪانفرنس ۾ ڪانه ويئي.

سال جي آخر ۾ ١٢- نومبر ١٩٣٠ع تي لنڊن ۾ سڀني پارٽين جي نمائندن جي ڪانگريس کان سواءِ گول ميز ڪانفرنس ٿي.

جنهن ۾ هندوستان جا ٨٦ نمائندا شريڪ ٿيا. اها ڪانفرنس ١٩ جنوري ١٩٣١ع تائين هلي.

ان ۾ توقع کان وڌيڪ نهايت جوشيليون ۽ آزادانه تقريرون ٿيون.

جن ۾ مولانا محمد علي، سرتيج بهادر سپرو، جيڪر، مهاراجا اندور جون تقريرون قابل ذڪر آهن.

انهيءَ ڪانفرنس جي نتيجي ۾ هندوستان لاءِ فيڊرل حڪومت جو اصول قبول ڪيو ويو.

هن سال آل انڊيا مسلم ليگ جو ايڪيهون اجلاس ٢٩- ٣٠ ڊسمبر ١٩٣٠ع تي الهه آباد ۾ ڊاڪٽر محمد اقبال جي زير صدارت ڪٺو ٿيو.

استقباليه ڪميٽيءَ جو چيرمن مسٽر محمد حسين هو. ان ۾ سنڌ مان سيٺ حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ سيٺ طيب علي علوي شريڪ ٿيا. ٻيا به ڪيترا قومي ڪارڪن شريڪ ٿيا. ان وچ ۾ قوم پرست مسلمان مسلم ليگ کان علحده ٿي ويا هئا. تن مان ڪوبه شريڪ ڪونه ٿيو.

انهيءَ ڪانفرنس جي صدارتي خطبي ۾ ڊاڪٽر محمد اقبال مذهبي بنياد تي مسلمانن جي جداگانه قوم جو نظريو پيش ڪيو جو اڳتي هلي پاڪستان جي جواز لاءِ بنيادي نڪتو ٿي ڪم اچڻ لڳو.

انهيءَ اجلاس جي ٺهراون ۾ گول ميز ڪانفرنس ۾ مسلمان عيوضين جي خدمتن کي ساراهيو ويو.

سال ۱۹۳۱ع

گول ميز ڪانفرنس جو اجلاس ۱۹ جنوري ۱۹۳۱ع تي پورو ٿيو. ان وقت تائين هندوستان ۾ سول نافرماني جاري رهي ۽ لنڊن ۾ سياسي ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي. ان اجلاس جي آخر ۾ انگلنڊ جي وزيراعظم مسٽر راسي مئڪڊونالڊ هڪ بيان ڪڍيو، جنهن ۾ هندوستان کي عوام سان جوابدار حڪومت ڏيڻ جو وعدو ڪيل هو.

ان ۾ ڪانگريس کي به آئنده مشورن ۾ شرڪت لاءِ اپيل ڪيل هئي.

جلدئي ڪانگريس ليڊرن مان ٢٦ جنوري تي گانڌيءَ کي بنا شرط شروط جي آزاد ڪيو ويو. ان ڪان پوءِ ٻيا ورڪنگ ڪاميٽيءَ جا ميمبر به آزاد ڪيا ويا.

جيئن ته ان وقت ڏاري پنڊت موتي لعل نهرو سخت بيمار هو تنهنڪري سيئي آزادي ٿيل ڪانگريسي ڪارڪن سندس طبع پرسي لاءِ الهه آباد پهتا. اتي ۳۱ جنوري ۽ پهرين فيبروري ۱۹۳۱ع تي ڪانگريس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ٿيندي رهي. جتي وزير اعظم انگلنڊ جي تازي ڏنل بيان سبب پيدا ٿيل حالتن تي غور ڪيو ويو.

گهڻا ڪارڪن اتيئي هئا ته پنڊت موتيلعل نهرو ۷ فيبروري ۱۹۳۱ع تي وفات ڪئي. پنڊت جي هڪ اعليٰ قابليت جو وڪيل هو جنهن پنهنجي قابليت ۽ محنت ڪري نه صرف وڪالت ۾ شهرت حاصل ڪئي هئي پر پيسو به خوب ڪمايو هئائين.

جڏهن هن قومي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو ته پنهنجو عالي شان محل ڪانگريس آفيس لاءِ ڏنائين پوءِ سمورو وقت هو ڪانگريس ۾ مکيه اڳواڻ ٿي ڪم ڪندو رهيو.

ٻه دفعي ڪانگريس جو پريزيڊنٽ به رهي چڪو هو. هڪ دفعي ۱۹۱۹ع امرتسر واري اجلاس ۾ ٻيو دفعو ڪلڪتي واري ۱۹۲۸ع جي اجلاس ۾.

مرڪزي اسيمبليءَ ۾ سوراج پارٽيءَ جو ليڊر ۽ نهرو رپورٽ جو لکندڙ هو. ڪيئي دفعا باوجود نازڪ صحت جي سموري ڪٽنب سميت جيل ۾ ويو هو.

سندس انتقال قوم پرست هندوستاني ليڊرن ۾ ناقابل تلافي خال

پيدا ڪيو.

ليڪن سنڌس خدمتن جي صلي ۾ سنڌس فرزند پنڊت جواهر لعل نهرو جهڙو بي بها مخلص قومي ڪارڪن ٻنڌس يادگار قائم رکندو اچي."

جلد ئي ڊاڪٽر سرتيج بهادر سپرو ۽ مسٽر سرينواس شاستري، مهاتما گانڌي ۽ ٻين ڪانگريسي ليڊرن سان مليا. انهن جي مشوري سان گانڌيجي وائسراءِ کي ۱۴ فيبروري تي ملاقات لاءِ خط موڪليو. جنهن جي جواب اچڻ تي هو ۱۷ فيبروري تي وائسراءِ سان وڃي مليو.

بندرهن ڏينهن تائين ڳالهيون هليون. آخر ۴ مارچ ۱۹۳۱ع تي ڪانگريس ۽ سرڪار جي وچ ۾ سمجهوتو ٿيو ڪانگريس طرفان گانڌيجي ۽ حڪومت طرفان لارڊ ارون وائسراءِ هند انهيءَ مسودي تي رضانامون ڪيو.

۵ مارچ ۱۹۳۱ع تي گورمنٽ آف انڊيا طرفان باهمي سمجهوتي جو مسودو ڇپيو جو پوءِ گانڌي ارون پئڪٽ جي نالي سان مشهور ٿيو.

انهي رضا نامي مطابق ڪانگريس طرفان سول نافرماني کي معطل ڪرڻو هو. ۽ ڪانگريس کي گول ميز ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻي هئي.

سرڪار طرفان سياسي نظربندن کي آزادي ڪرڻو هو ۽ وديشي ڪپڙي جي بائڪاٽ کي نهايت نرمي ۽ رضامندانہ طور هلائڻو هو. ان جا جملہ ۲۱ فقرا هئا جي طوالت جي باعث هتي نٿا ڏجن."

ان ڪانپوءِ سگهوئي ڪراچيءَ ۾ ۲۸ مارچ ۱۹۳۱ع تي موجوده اسلاميہ ڪاليج واري ميدان تي سردار ولڀ ڀائي پٽيل جي صدارت هيٺ آل انڊيا ڪانگريس جو ساليانو اجلاس ڪٺو ٿيو. جنهن جو بندوبست مسٽر جمشيد نسروانجي ميهتا ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي لائق پريزيڊنٽ جي مدد سان سرانجام ٿيو. ان ڪانگريس جي مرحبا ڪميٽيءَ جو چيرمن ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي هو.

انهي ڪانگريس اجلاس جي موقعي تي سرڪار سان مساويانہ طور سمجهوتو ٿيڻ ڪري ڪانگريس جو وقار وڌيل هو.

ليڪن ٻي طرف ڪي اهڙا واقعا سر زد ٿيا جنهن ڪري سموري خوشي غم ۾ بدلجي ويئي هئي.

پڙهندڙن کي معلوم هوندو تہ "سردار ڀڳت سنگهہ، راجا گرو ۽ سک ديو کي مسٽر سانڊرس جي قتل ۾ ڦاسي جي سزا اچي ويل هئي ليڪن

توقع هئي تہ سمجهوتو ڪري سرڪار اها گهٽائي جنم ٽيپ ڪري ڇڏي پر حڪومت ائين نہ ڪيو ۽ عين ڪانگريس اجلاس کان ۵ ڏينهن اڳ ۲۳- مارچ ۱۹۳۱ع تي کين ڦاسي ڏيئي ڇڏي."

انهي ڪري نوجوان طبقي ۾ جوش ۽ ناراضگي پيدا ٿيل هئا.

انهيءَ اجلاس ۾ مولانا محمد علي مرحوم جي گول ميز ڪانفرنس جي موقعيءَ تي انتقال، پنڊت موتيلعل نهرو ۽ ٻين ليڊرن جي وفاتيءَ تي افسوس جا اظهار پاس ٿيا.

ڀڳت سنگهہ وارن جي نظريہ هنسا سان اختلاف رکندي، سندن بهادري ۽ سرفروشي جو داد ڏئي افسوس جي اظهار جو ٺهراء جو پاس ٿيو.

انهيءَ موقع تي ڪانپور ۾ هندو مسلم فساد ٿيڻ ڪري بہ ڪانگريس اجلاس تي مايوسي ڇانيل هئي.

انهيءَ اجلاس ۾ ڪيترائي مکيہ ۽ اهم ٺهراءَ پاس ٿيا جي هيٺ ڏجن ٿا.

(پهريون)

(۱) هن اجلاس ۾ هڪ ٺهراءَ ذريعي گانڌي ارون پئڪٽ کي قبول ڪيو ويو ۽ گول ميز ڪانفرنس ۾ وڃڻ لاءِ مهاتما گانڌي کي چونڊيو ويو. ۽ کيس اهو اختيار ڏنو ويو هو تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي پنهنجي صلاحڪار طور پاڻ سان وٺي وڃي سگهيو ٿي.

(۲) انهيءَ اجلاس ۾ سول نافرماني جي سلسلي ۾ قومي ڪارڪن طرفان برداشت ڪيل تڪليفن کي ساراهي ساڻن همدردي جو اظهار ڪيو ويو.

(۳) بنارس، ميرزاپور، آگري، ڪانپور ۽ ٻين جاين تي ٿيل هندو مسلم فسادن تي تشويش جو اظهار ڪيو ويو.

ان ڪانسواءِ هيٺين مکيہ مسئلن تي ٺهراءَ پاس ڪيا ويا.

(۱) شراب تي بندش (۲) کاڌيءَ کي زور وٺائڻ (۳) وديشي شين جي صلح جويانہ بائڪاٽ (۴) سرحدي صوبي کي ٻين صوبن جهڙا سڌارا ڏيڻ (۵) اوير ۽ ڏکڻ افريقا ۾ هندوستانين جي حفاظت جو ٺهراءُ.

سڀ کان مکيہ ٺهراءُ هن اجلاس ۾ پنڊت جواهرلعل نهرو طرفان پيش ڪيل عام ماڻهن جي بنيادي حقن ۽ فرضن بابت پاس ٿيو.

جيئن تہ اهو نهايت اهم ٺهراءُ آهي ان ڪري اهو سمورو هيٺ ڏيان

ٿو.

”هن اجلاس جي راءِ آهي تہ عوام کي پوريءَ طرح سوراج جي معنيٰ سمجهائڻ لاءِ اها نهايت ضروري ڳالهہ آهي تہ ڪانگريس جي مستقل پروگرام ۽ پاليسي جي وضاحت ڪئي وڃي. ڪانگريس جو بنيادي مقصد اهو آهي تہ سياسي آزاديءَ سان گڏ ڪروڙها ماڻهن کي سرمايہ دار جي ايڪسپلائيٽيشن کان بچائي اقتصادي آزادي وٺي ڏجي.

ان ڪري اها صاف طور پڌرو ٿي ڪري تہ ملڪ لاءِ جو بہ آئين تيار ڪيو وڃي ان ۾ هيٺين ڳالهين جو انتظام هئڻ ضروري آهي.

(١) هندوستان جي هرهڪ شهريءَ کي ملڪ جي قاعدي ۽ اخلاق جو لحاظ رکندي، اظهار راءِ، جماعت سازي، باهمي ملڻ جلڻ ۽ امن سان ڪٺو ٿيڻ جو حق حاصل هجي.

(٢) هر شهريءَ کي سندس ضمير مطابق مذهب اختيار ڪري، ان جي پيروي ڪرڻ جو امن عام ۽ اخلاق جو لحاظ رکندي حق هئڻ گهرجي.

(٣) اقليتن جي تهذيب، زبان، رسم الخط جي حفاظت ڪئي ويندي. ساڳيءَ طرح مختلف لساني ايراضين جي اندروني آزادي ۽ حفاظت جو لحاظ رکيو ويندو.

(٤) سڀني شهرين کي بنا تفاوت جاتي، اعتقاد ۽ جنس جي قانون موجب هڪ جهڙا حق حاصل هوندا.

(٥) ڪنهن بہ شهريءَ کي سندس مذهب، جاتي، اعتقاد يا جنس جي بنا تي نوڪري عهدي، واپار يا پيِ ڌنڌي کان محروم نہ ڪيو ويندو.

(٦) سڀني شهرين کي حڪومت، لوڪل باڊيز يا وقف وارين ملڪيتن مان تيار ڪيل يا هلندڙ کوهن، تلاون، رستن، اسڪولن ۽ تفريح گاهن کي استعمال ڪرڻ لاءِ هڪجهڙا حق حاصل هوندا.

(٧) هرڪنهن شهريءَ کي عوامي عيوضين طرفان تيار ڪيل قانونن جو لحاظ رکندي هٿيار رکڻ جو حق هوندو.

(٨) ڪوبہ شخص سندس آزادي، جاءِ رهائش ۽ ملڪيت کان ملڪي قانون جي اجازت کانسواءِ محروم نہ ڪيو ويندو.

(٩) حڪومت جو رويو مذهبن بنسبت غير جانبدارانہ رهندو.

(١٠) هر بالغ کي ووٽ جو حق ڏنو ويندو.

(١١) مفت ۽ زوريءَ تعليم جو انتظام ڪرڻ حڪومت جو لازمي

فرض هوندو.

(١٢) حڪومت خطاب نہ ڏيندي.

(١٣) ڦاسيءَ جي سزا بند ڪئي ويندي.

(١٤) هرهڪ شهري کي هندوستان جي ڪنهن بہ حصي ۾ گهمڻ، رهڻ، آباد ٿيڻ، ملڪيت وٺڻ، واپار ۽ ڌنڌي ڪرڻ جو هڪ جهڙو حق حاصل هوندو.

(ٻيون)

(١) اقتصادي نظام جو جوڙجڪ، انصاف جي اصولن تي اهڙيءَ طرح بنايو ويندو جو عوام جو معيار زندگي بهتر ٿي سگهي.

(٢) ڪارخانن جي ملازمن لاءِ قانون ذريعي گذرمعاش جهڙي روز جو اگهہ، ڪم لاءِ صحت مند حالتون، مزدوريءَ لاءِ وقت جي مقرري، ڪارخانيدارن ۽ مزدورن جي اختلافي مسئلن فيصل ڪرڻ لاءِ مناسب بندوبست، پوڙهپڻ، بيماري، بي روزگاري جي حالتن ۾ مدد ڪرڻ لاءِ انتظام ڪرڻ حڪومت جو فرض هوندو.

(٣) مزدورن کي غلامي جهڙي حالتن کان آزاد ڪرائڻ.

(۴) مزدور عورتن جي اميد واري ۽ ويم وقت وغيره حالتن ۾ حفاظت ۽ بچاءَ جو انتظام ڪرڻ.

(۵) اسڪول وڃڻ جهڙن ٻچڪرن کي کاڻين يا ڪارخانن ۾ ملازمت کان روڪڻ.

(٦) هارين ۽ مزدورن کي سندن حقن جي حفاظت لاءِ جماعت سازيءَ جي اجازت هئڻ گهرجي.

(٧) زرعي زمين جي مالڪي ۽ محصول جي دستور کي اهڙي طرح سڌارڻ جو زمين تان ڍلن جو بوجو گهٽ ٿئي، ننڍن ڪاتيدارن تان ڍل يا ايرو گهٽجي، تمام ٿوري زمين وارن کان ڍل نہ ورتي وڃي ۽ ڍلون ايراضي پٽاندر مقرر ٿين.

(٨) وڏن زميندارين تي موت جي ڍل وڌي وڃي.

(٩) لشڪري خرچ کي گهٽائي اڌ تائين آندو وڃي.

(١٠) سول سروس جي پگهارن کي گهٽائي ۵٠٠ سون روپين تائين آندو وڃي. ماهرن کانسواءِ ٻين ملازمن جو پگهار بہ گهٽايو وڃي.

(١١) لوڻ تان محصول معاف ڪيو وڃي

(۱۲) مڪاني هنرن کي زور وٺائڻ لاءِ کين ٽيرف ذريعي ٻاهرين مقابلي کان بچائجي.

(۱۳) علاج ڪانسواءِ سڀني نشيدار شين تي بندش وجهجي.

(۱۴) سکي ۽ مٽاسٽا جا اگهه ملڪي مفاد جي نقطه نظر کان مقرر ڪيا وڃن

(۱۵) بنيادي هنر ۽ ڪارخانا جهڙوڪ ريلوي، ڪاٺيون، واهه، جهاز راني ۽ آمدرفت جا ٻيا ذريعا حڪومت جي هٿ هيٺ رکيا وڃن.

(۱٦) وياج خوريءَ تي ضابطو رکي آبادگارن کي قرض کان بچاءُ ڏنو وڃي .

(۱۷) عام ماڻهن کي ملڪي بچاءُ لاءِ لازمي طور جنگي سکيا ڏني وڃي."

انهي ڪانگريس اجلاس جي موقعي تي ڪراچيءَ ۾ ال انڊيا يوٿ ليگ ۽ جميعت العلماء هند جا ٻه اجلاس ڪٺا ٿيا.

يوٿ ليگ ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو جي صدارت هيٺ ڪٺي ٿي. جميعت العلماء هند جي صدارت مولانا ابوالڪلام آزاد ڪئي.

علمائن جو گروه هن وقت تائين مسلم ليگ اندر رجعت پسند طبقي جو زياده اثر ڏسي ان کان علحده ٿي ڪانگريس ۾ داخل ٿي ويو هو.

۽ هندوستان جي آزاديءَ لاءِ هندن سان دوش بدوش جدوجهد ڪرڻ لڳو.

سنڌ ۾ جميعت العلما هند جا مکيه ڪارڪن، مولانا محمد صادق کڏي وارو، مولوي محمد صديق کڏي وارو، مولوي فتح محمد سيوهاڻي ۽ سنڌ ن ساڻي عالم هئا.

انهيءَ وقت ڏاري سرحد جا خدائي خدمتگار ڪانگريس سان خان عبدالغفار خان جي اڳواڻي هيٺ شريڪ ٿي چڪا هئا. خان عبدالغفار خان وڏي گروه سان انهيءَ اجلاس ۾ شريڪ ٿيو. جنهن آزاد طبع مسلمانن تي سٺو اثر پيدا ڪيو.

آگسٽ ڏاري اڳتي هلي افغان جرڳي ڪانگريس جو حصو ٿي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ خدائي خدمتگار ڪانگريس جا رضاڪار شمار ٿيڻ لڳا.

باوجود سرڪار سان صلح جي ڪن شرطن جي پورائي نه ٿيڻ

سبب. گانڌيجي گول ميز ڪانفرنس ۾ وڃڻ کان پس و پيش ڪندو رهيو. نيٺ گهڻي ردوبدل بعد گانڌيجي ٢٩ اگسٽ ١٩٣١ع بمبئيءَ مان سامونڊي جهاز ذريعي لنڊن ڏانهن گول ميز ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ روانو ٿي ويو.

جتي ڊسمبر جي آخر تائين هو. ان ڪانفرنس ۾ فرقيوار سوال حل ٿي نہ سگهيو. جنهنڪري هو دل شڪستہ ٿي واپس آيو.

جنهن وقت لارڊ ارون سان گانڌيجي سمجهوتو ٿي ڪيو ان وقت ڪانگريس خواه حڪومت جا ڪارڪن ٻن گروهن ۾ ورهيل هئا.

ڪانگريس جي هڪ گروه انهيءَ ناهہ ڪي حڪومت سان مساويانہ سمجهوتو سمجهي ان کي ڪانگريس جي وقار وڌڻ جو باعث ٿي سمجهيو. ليڪن ٻيو گروه اهڙو بہ هو جنهن شرطن کي عزت پريو ۽ فائديمند نہ ٿي سمجهيو.

حڪومت ۾ لارڊارون جي صلح پسند پاليسي ۽ مزدور ڌر وزارت جو رويو انهي ناهہ جو ڪارڻ هو. ليڪن انگريزي سول سروس وارن ان ناهہ کي منڊ کان ناپسند ڪيو هو.

”جڏهن لارڊ ارون ١٧- اپريل ١٩٣١ع تي هندوستان جي گورنر جنرليءَ جي چارج ڇڏي ولايت ويو ۽ ان جي جڳهہ تي لارڊولنگڊن مقرر ٿيو تہ“ سول سروس گروه موقعي مان فائدو وٺي صلح جي شرطن جي بجا آوري ۾ رنڊڪون وجهي ڪانگريس انتها پسند گروه کي وجهہ ڏنو تہ شرطن جي بجا آوري تي زور ڏئي، گانڌيجيءَ کي ولايت وڃڻ کان روڪين ليڪن ليبر وزارت جي زور پوڻ ۽ ڪانگريس جي نرم ڌر جي راءِ کي مـــد نظر رکي گانڌيجي ولايت ويو هو.

پوئتان عملدارن سختيءَ جا طريقا اختيار ڪيا. جهڙوڪ گڏيل علائقن ۾ ڪيترن ڪانگريسي اڳواڻن کي گرفتار ڪيو.

شراب تي صلح جويانہ طريقہ پڪيٽنگ ڪرڻ (جنهن جي سمجهوتہ ۾ اجازت هئي) ۾ رنڊڪون وڌيون. ڪلڪتي ۽ دهلي ۾ شاگرد ڪارڪن کان ضمانتون طلب ڪيائون. بردولي ۾ ڏلن جي ٢١ لک رپيہ وصول ٿيڻ جي باوجود هڪ لک روپين جيّ بقايا لاءِ سختيءَ جو برتاءُ ورتائون.

ولايت مان موٽڻ کان اڳ ڪانگريس لاءِ حالتون ڪافي ناسازگار بنجي چڪيون هيون. هوڏانهن آل انڊيا مسلم ليگ جو ٢٢- اجلاس دهليءَ ۾ ٢٦- ٢٧-٢٨ ڊسمبر ١٩٣١ع تي سر ظفرالله خان جي صدارت هيٺ ڪٺو

ٿيو جنهن ۾ جناح صاحب جي ۱۴ نقطن کي دهرايو ويو.

جناح صاحب ولايت ۾ رهي پيو.

سال جي آخر ۾ اها حالت هئي جو فرقيوارانہ مسئلا حل نہ ٿي سگهيا هئا. ڪانگريس ۽ برٽش سرڪار جي وچ ۾ ڪشيدگي وڌي ويل هئي ۽ ٿيل سمجهوتو ٽٽڻ کي نزديڪ هو.

سال ۱۹۳۲ع

مهاتما گانڌي جڏهن ولايت کان موٽي بمبئي پهتو تہ ڪانگريس ڪارڪنن سندس وجهڻ بعد سرڪار جي اختيار ڪيل روش جو سمورو احوال کيس ٻڌايو سباش چندر بوس ڪيس ڪلڪتي جو احوال ٻڌايو. فرنٽيئر ۾ خان عبدالغفار خان ۽ سندس ساٿي گرفتار ٿي چڪا هئا. پنڊت جواهرلعل نهرو گرفتار ٿيل هو.

ڪيئي آرڊيننس جاري ٿي چڪا هئا.

مهاتما گانڌي وائسراءِ هند کي خط لکيو ۽ دريافت ڪيائين تہ تازي جاري ٿيل آرڊيننس جي معنيٰ اها هئي ڇا تہ سرڪار باهمي سمجهوتي موجب دوستانہ تعلقات کي ختم ڪرڻ واري هئي؟

لکپڙهہ ۾ گانڌيجي کي تسليٰ بخش جواب نہ مليو. ڪانگريس جي ورڪنگ ڪاميٽي آرڊيننس جي ڪم آڻڻ جي طريقي بابت پبلڪ انڪواري جي تقاضا ڪئي. ۽ وزيراعظم انگلستان جي گول ميز ڪانفرنس جي آخر ۾ ڪيل تقرير کي غير تسليٰ بخش قرار ڏنو.

جڏهن سرڪار مان نا اميد ٿيا تہ ڪانگريس وري سول نافرماني شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جنهن تي شملہ ڪانگريس جا مکيہ ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا ۽ ڪانگريس جي مختلف ڪميٽين کي بي قانوني جماعتون قرار ڏنو ويو.

ولايت مان واپس اچڻ بعد هندو مسلم ۽ ٻين فرقن جا ڪي مکيہ ڪارڪن سملہ ۾ فرقيوارانہ سوال تي سمجهوتہ لاءِ هلندا رهيا. مسلمانن جدا چونڊن ۽ مقرر نمائندگي جي سوال تي زور ڏنو. ڪانگريس ۽ هندن طرفان ان کي قبول نہ ڪيو ويو.

ان ڪري برٽش سرڪار مجبور ٿي پيئي ۽ وزيراعظم رامسي مئڪڊونالڊ فرقيوارانہ مسئلي تي ۱۷- آگسٽ ۱۹۳۲ع تي فيصلو ڏنو.

ان ۾ مسلمانن ، يورپين، سکن، هندوستاني ڪرستانن ۽

انگلوانڊين کي جدا چونڊن ۾ جدا عيوضين جو حق ڏنو ويو.

ڪجهہ جايون بمبئي علائقہ ۾ مرهٽن لاءِ محفوظ ڪيون ويون.

اڇوتن کي نہ صرف جدا چونڊون ۾ مقرر تعداد عيوضين جو ڏنو ويو پر جنرل سيٽن ۾ بہ ڪين اميدوار بيهڻ ۽ ووٽ ڏيڻ جو حق ڏنو ويو. ڪجهہ جايون فرقيوار حساب سان عورتن لاءِ بہ محفوظ ڪيون وئيون. مزدورن، واپارين، ڪارخانيدارن ۽ زميندارن لاءِ خاص جايون مقرر ڪيون ويون.

مسلمانن کي ان فيصلي موجب هيٺين طور جدا جدا صوبن ۾ نمائندگي جو حق ڏنو ويو:-

صوبي جو نالو	مسلم آباديءَ جو سيڪڙو	جملہ تعداد جاين جو	مسلمانن لاءِ محفوظ جايون
مدراس	۷٫۹	۲۱۵	۲۹
بمبئي سنڌ کانسواءِ	۹٫۲	۱۷۵	۳۰
بينگال	۵۴٫۷	۲۵۰	۱۹
گڏيل علائقا	۱۰٫۳	۲۲۸	٦٦
پنجاب	۵۷٫۰	۱۷۵	۸٦
وچان علائقا	۴٫۷	۱۱۲	۱۴
آسام	۳۳٫۷	۱۰۸	۳۴
سنڌ	۷۰٫۷	۰٦۰	۳۴
صوبہ سرحد	۹۱٫۸	۰۵۰	۳٦
بهار اوڙيسا	۱۰٫۸	۱۷۵	۴۲

سکن جي آبادي پنجاب ۾ ۱۳٫۲ سيڪڙو هئي پر انهن کي ۳۲ جايون ڏنيون ويون. گانڌيجي اڳي ظاهر ڪيو هو تہ جيڪڏهن اڇوتن کي هندن کان الڳ ڪيو ويو تہ هو ان جي سخت مخالفت ڪندو. فرقيوار فيصلي ظاهر ٿيڻ بعد هن وزيراعظم انگلنڊ کي خط لکيو تہ ان فيصلي جي اڇوتن واري ٽڪري کي تبديل ڪيو وڃي نہ تہ هو لاچار مرڻ برت رکندو.

اتان خاطر خواهہ جواب نہ ملڻ تي هن جيل ۾ ۲۰ سيپٽمبر ۱۹۳۲ع تي برت شروع ڪيو. جنهن تي جيل کان ٻاهر هندن جي مکيہ ليڊرن، اڇوتن جي ليڊرن، ڊاڪٽر امبيد ڪر ۽ مسٽر راجا سان گفتگو ڪري، ۲۴ سيپٽمبر

تي هڪ عهدنامون ڪيو جنهن کي پونا پئڪٽ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

ان فيصلي مطابق جنرل جاين مان اڇوتن کي صوبائي اسيمبلين ۾ وڌائي هيٺين طور نمايندگي ڏني ويئي.

بمبئي ١٥- پنجاب ٨- وچان علائقا ٢٠- آسام ٧ - مدراس ٣٠- بهارا وريسا ١٧- بينگال ٣٠- گڏيل علائقا ٢٠- ان موجب گڏيل چونڊون ٿيڻ واريون هيون. انهي چونڊ ۾ اڇوت ووٽر هڪ سيٽ لاءِ چار اميدوار چونڊڻ وارا هئا جن مان وري سڀني ووٽرن کي هڪ اميدوار چونڊڻو هو. اهو دستور ڏهن سالن تائين رهڻ وارو هو.

جڏهين اهو نهرا ؛ برٽش سرڪار کي پنهي ڌرين گڏجي پيش ڪيو ته انهي هن پئڪٽ کي قبولي فرقيوارانه فيصلي ۾ ترميم ڪئي.

ان کان پوءِ گانڌي جي برت ڇوڙيو.

گول ميز ڪانفرنس جو ٽيو اجلاس نومبر ١٩٣٢ع ۾ لنڊن ۾ ڪنو ٿيو. جنهن ۾ هندوستان مان صرف ٤٢ عيوضي شريڪ ٿيا. رياستن ۽ ڪانگريسن طرفان ڪوبه عيوضي شامل نه ٿيو.

انهي اجلاس ۾ سيڪرٽري آف اسٽيٽ فارانڊيا برٽش حڪومت طرفان بيان ڪيو مسلمانن کي مرڪزي اسيمبليءَ ۾ سوا ٽيٽيهه سيڪڙو جايون ڏيڻ صوبه سنڌ ۽ صوبه اوريسا بنائڻ جو اعلان ڪيو.

سال ١٩٣٣ع

مارچ ١٩٣٣ع ۾ برٽش سرڪار گول ميز ڪانفرنس جي فيصلن کي نظر ۾ رکي هندوستان جي آئين بابت وائيٽ پيپر شايع ڪيو ۽ ظاهر ڪيو ته ان کي پارليامينٽ کي گڏيل سيليڪٽ ڪاميٽي ڏي غور لاءِ موڪلي پوءِ بل جي صورت ۾ پارليامينٽ جي سامهون پيش ڪيو ويندو.

اپريل ڌاري هڪ جائنٽ ڪميٽي دارالعوام ۽ دارالامراجي لارڊ لنلٿگو جي چيرمنيءَ هيٺ وائيٽ پيپر تي غور ڪرڻ لاءِ مقرر ٿي.

جنهن سکهوئي ڪم شروع ڪيو.

هتي هندوستان ۾ لارڊ ولنگڊن، ڪانگريس جي سول نافرمانيءَ واري تحريڪ کي، سختيءَ سان ڪچلڻ شروع ڪيو، باوجود سخت دباءَ جي به ٿوري گهڻي هلچل قائم رهندي آئي.

دهليءَ ۾ آل انڊيا مسلم ليگ ڪائونسل جو اجلاس ١٢ مارچ ١٩٣٣ع تي ميان عبدالعزيز جي صدارت هيٺ ڪنو ٿيو. جنهن ڪائونسل

جي راءِ وٺڻ ڪانسواءِ مسلم ليگ جي جنرل سيڪرٽري سر محمد يعقوب کي سندس عهدي کان هٽائي ڇڏيو. جو صدر جي فيصلي کي مڃي عهدي کان علحده ٿي ويو.

ليڪن ڪائونسل جي ميمبرن ان کي غير قانوني ۽ خود سرانہ قدم سمجهي ڪائونسل جي ميٽنگ ڪوٺائي سر محمد يعقوب ۾ اعتماد جو ٺهراءُ پاس ڪيو ۽ فيصلو ڪيو تہ ٢٩- ٣٠ - اپريل تي ساليانہ اجلاس گهرائجي ۽ جناح صاحب کي ولايت مان واپس اچڻ جي درخواست ڪجي.

سيڪريٽري، صدر ميان عبدالعزيز کان اجلاس گهرائڻ جي جڏهن اجازت گهري تہ هن اها ڪائونسل جي ٺهراءَ جي باوجود، نامنظور ڪري آل انڊيا مسلم ليگ جو ساليانہ اجلاس ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏيو.

جنهن تي ميمبرن درخواست ڏئي ڪونسل جو اجلاس گهرائي ان ۾ ميان عبدالعزيز تي بي اعتماديءَ جو ٺهرءُ پاس ڪيو.

وري ١٦- جولائي تي سيد رضا علي جي صدارت هيٺ ڪائونسل جي ميٽنگ ڪئي ٿي. جنهن ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جو اجلاس نومبر ۾ سڏائڻ جي تجويز بحال ٿي. نيٺ مسلم ليگ جو اجلاس نومبر ۾ دهلي ۾ ڪٺو ٿيو.

جنهن ۾ سيد علي امام ۽ سيد حسن امام وغيره قومي ڪارڪنن جي وفاتيءَ تي افسوس جو اظهار ڪيو ويو.

انهيءَ اجلاس جي صدارت خانبهادر هدايت حسين ڪئي.

جنهن سندس صدارتي خطبي واري تقرير ۾ چيو تہ هندن جي موجوده پاليسي ڪري مسلمانن لاءِ سندن چوڏهن نڪاتي پروگرام تي اٽل ٿي بيهڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چاروئي ڪونہ رهيو هو.

انهيءَ اجلاس ۾ وزيراعظم انگلنڊ جي فرقيوارانہ فيصلي جي تائيد ڪئي ويئي. انهيءَ وقت ڌاري مسلمانن جو هيٺيون چار جدا جماعتون ڪم ڪري رهيو هيون.

١- مسلم ليگ ٢- مسلم ڪانفرنس ٣- خلافت ڪانفرنس ٤- جميعت العلماء هند سڀ ڪنهن جي پاليسي ۽ پروگرام الڳ هو.

٨ مئي ١٩٣٣ع تي مهاتما گانڌي وري جيل مان اندر اڇوتن ڪي حقن ڏيارڻ لاءِ ٢١- ڏينهن واسطي برت رکيو جنهن ڪري انگريزي حڪومت کيس آزاد ڪري ڇڏيو.

ٻاهر نڪرڻ بعد هن سول نافرمانيءَ کي عارضي طرح مهمل ڪري، سرڪار کي سياسي نظربندن جي آزاد ڪرڻ لاءِ اپيل ڪئي. جنهن کي سرڪار نامنظور ڪيو.

ان ڪان پوءِ ١٢- جولائي ١٩٣٣ع تي پوني ۾ ڪانگريس جي جيل کان ٻاهر رهيل ميمبرن جو غير طرحي ميڙ ڪٺو ٿيو. جنهن ۾ مهاتما گانڌيءَ کي اختيار ڏنو ويو ته وائسراءِ سان ملي مستقبل ۾ سول نافرماني بند ڪرڻ لاءِ ڪنهن فيصلي تي اچي. ليڪن وائسراءِ هند ڪيس ملڻ ڪان انڪار ڪيو.

ان ڪانپوءِ عام سول نافرماني بند ڪري شخصي سول نافرمانيءَ جي اجازت ڏني ويئي.

جڏهن پهرين آگسٽ تي مهاتما گانڌي ڳوٺن ۾ وڃي گشت ڪرڻ وارو هو ته حڪومت وري کيس گرفتار ڪري جيل ۾ موڪلي ڇڏيو. ان تي وري ساڳي طرح سول نافرماني شروع ٿي. ليڪن ان جو زور گهٽيل هو. مهاتما گانڌيءَ کي ڪيس هلائي هڪ سال جي سزا ڏني ويئي.

وري جيل ۾ مهاتما گانڌي برت رکيو، جڏهن سندس حالت نازڪ ٿي ويئي ته ٢٣- آگسٽ تي حڪومت کيس آزاد ڪري ڇڏيو.

آزاد ٿيڻ ڪان پوءِ هن هريجن تحريڪ ذريعي اڇوتن جي حالت سڌارڻ جو ڪم شروع ڪيو.

جلدئي مسز موتيلعل جي بيماري ڪري پنڊت جواهر لعل کي به ٣٠- اگسٽ ١٩٣٣ع تي سندس جيل جي مدي پوري ٿيڻ ڪان ٿورا ڏينهن اڳ آزاد ڪيو ويو.

سارو سال سرڪاري سختي ۽ قومي ورڪرن جي جيل ۾ هئڻ ڪري ڪو خاص نمايان ڪم ڪونه ٿيو. مسلم جي بازار ان ڪري سرد هئي جو مسلم ليگ جو ڪم به اڪثر ڪانگريسي تحريڪ جي رد عمل تي گهٽبو چڙهندو رهيو ٿي.

سال ١٩٣٤ع

هن سال ١٦- جنوري ١٩٣٤ع تي صوبه بهار ۾ زمين جو سخت زلزلو آيو جنهن ڪري ڪيئي هزار ماڻهو مئا ۽ ڪروڙن روپين جي تباهي ٿي.

ٻاهر سياسي ميدان ۾ ڪو خاص ڪم نه ڏسي ٻاهر رهيل ڪانگريسن زلزلي ۾ آيل مصيبت زده ماڻهن جي خدمت ۾ پاڻ کي مشغول

رکيو.

دهلي ۾ ٣١- مارچ ١٩٣۴ع تي ڪيترن ڪانگريسين ڊاڪٽر مختار احمد انصاري جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿي فيصلو ڪيو تہ اڳي وانگر وري سوراج پارٽيءَ کي زنده ڪري، جيل کان ٻاهر ڪانگريس اسيمبلي ميمبرن ذريعي آئيني طور ملڪي معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ جي اجازت ڏجي.

مستقبل جي اليڪشن لڙڻ لاءِ ٻہ اصول مقرر ڪيا ويا. هڪ ڪارن قانونن جي روڪرائڻ جو- بيو وائيٽ پيپر ۾ مهاتما گانڌيءَ جي گول ميز ڪانفرنس ۾ ڏنل درستين کي بحال ڪرڻ جو.

مهاتما گانڌي گهڻو وقت بهار ۾ گذاريو ٿي- جتي ٢- اپريل ١٩٣۴ع تي ڊاڪٽر انصاري، ڀلو ڀائي ڊيسائي ۽ ڊاڪٽر بيدن جي وفد سان گڏ ڪيس مليو. هن ڪيس دهلي ۾ سوراج پارٽيءَ کي وري جيارڻ واري ٺهراءَ کان واقف ڪيو.

انهيءَ بابت منجهن ڪجهہ وقت خط و ڪتابت هلي. جنهن کان پوءِ، اپريل ١٩٣۴ ۾ مهاتما گانڌي هڪ بيان ڪڍي سول نافرمانيءَ کي ازخود سسپينڊ ڪري ڇڏيو. سگهوئي ٢-٣ مئي ١٩٣۴ع تي رانچيءَ ۾ ڪانگريسي ڪارڪنن جي هڪ ڪانفرنس گڏ ٿي. جنهن ۾ هن دهلي ڪانفرنس جي ٺهراءَ سوراج پارٽيءَ کي نئين سر زنده ڪرڻ قبول ڪيو.

پارٽيءَ جو سڌاريل دستورالعمل پاس ڪيو.

سوراج پارٽي سواءِ اندروني انتظام ۽ پارٽي فندن جي نظرداري ڪرڻ جي عام طرح ڪانگريس جي رهبري هيٺ ڪم ڪرڻ واري هئي.

جنهن کان پوءِ ١٨- ١٩ مئي ١٩٣۴ع تي آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ جو اجلاس پاٽنا ۾ ڪٺو ٿيو.

(نوٽ)- (هتي هي ڄاڻائڻ ضروري آهي ڪانگريس ۽ ان جون سڀئي ڪميٽيون بي قانوني ٺهرايل هيون پر آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽي لسٽ مان رهجي ويل هئي).

انهيءَ اجلاس ۾ سول نافرماني کي سسپينڊ ڪرڻ ۽ سوراج پارٽي جيارڻ جا ٺهراءَ پاس ڪيا ويا هئا.

انهيءَ سال جي ١٧- مئي تي پارٽن ۾ سوشلسٽ خيالن رکندڙ قومي ڪارڪنن جو اجلاس آچاريہ نرنيدرا ناٿ ديو جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو جنهن ۾ ڪانگريس اندر سوشلسٽ پروگرام کي زور وٺائڻ لاءِ تجويزون

سوچيون ويون.

١٢- جون ١٩٣٤ع تي هند سرڪار جملي ڪانگريس ڪميٽين تان بينگال، هندستان شيوادل ۽ خدائي خدمتگار فرنٽيئر کان سواءِ بندش لاهي ڇڏي.

آهستہ آهستہ ڪري جيلن مان قومي ڪارڪنن کي آزاد ڪيو ويو جي گهڻو ڪري آگسٽ ڌاري آزاد ٿي ويا.

٢٥- سپٽمبر ١٩٣٤ع تي ڪانگريس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ وارڌا ۾ ڪئي ٿي. جنهن ۾ ڪانگريس جي مڪمل سوراج حاصل ڪرڻ جي مقصد جي وضاحت ڪئي ويئي ۽ ٻڌايو ويو تہ سول نافرماني سسپيند ڪرڻ ڪري مقصد ۾ ڦير ڦارڪانہ ٿي آهي.

١٧ سپٽمبر ١٩٣٤ع تي مهاتما گانڌي بيان ڪڍي ڪانگريس جي ميمبريءَ تان استعيفا ڏني. ليڪن وعدو ڪيو تہ هو کين اخلاقي مدد ڏيندو رهندو.

٢٦-٢٧-٢٨ آڪٽومبر ١٩٣٤ع تي بمبئي آل انڊيا ڪانگريس جو ساليانہ اجلاس بابو راجرا پرشاد جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو جتي وائيٽ پيپر ۾ ٻڌايل آئيني تجويزن کي ناقابل قبول ٻڌائيندي اهو ظاهر ڪيو ويو تہ کين صرف اهو آئين قبول پوندو جو هندوستانين تي مشتمل آئين ساز اسيمبليءَ ٺاهيو هوندو.

ان ۾ وزيراعظم انگلنڊ جي فرقيوارانہ فيصلي تي نقطہ چيني ڪئي ويئي.

ڪانگريس جي ساليانہ اجلاس کان پوءِ سگهوئي ڪائونسلن جون چونڊون ٿيون جنهن ۾ ڪانگريس گهڻي ڪاميابي حاصل ڪئي.

انهيءَ سال پنڊت مدن موهن مالويہ جي اڳواڻي هيٺ هڪ گروه علحده ٿي سموري فرقيوارانہ فيصلي کي ناقابل قبول ٻڌائي سندس گروه تي ڪانگريس نيشلسٽ پارٽي نالو رکيو ويو.

سال جي آخر ۾ جناح صاحب جي ولايت کان واپس اچڻ ڪري وري مسلم ليگ ۾ ڪجهہ ساهہ پيو ۽ چونڊن ۾ ڪيترا اهڙا ميمبر چونڊجي آيا جي آزاد پارٽي سڏائي جناح صاحب جي اڳواڻيءَ هيٺ هلڻ لڳا.

سال جي آخر ۾ ١٢- ڊسمبر ١٩٣٤ع تي هندوستان جي سڌارن جو بل جائنٽ پارليامنٽري سيليڪٽ ڪميٽي جي سفارش جي بنياد تي برٽش

بارليامينٽ جي اڳيان پيش ڪيو. انگلنڊ جي ڪنسرويٽو پارٽي سرونسٽن چرچل جي اڳواڻيءَ هيٺ ان جي مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي.

سال ١٩٣٥ع

گذريل سال چونڊون ٿي گذريون. نئين مرڪزي اسيمبلي جو اجلاس ٢١- جنوري ١٩٣٥ع تي دهليءَ ۾ ڪنو ٿيو. ان جي اڳيان پهرين ڏينهن مهملي جي رٿ آئي ته چو نٿو بابو سرت چندر بوس مرڪزي اسيمبليءَ جي ميمبر ڪي اجلاس ۾ اچڻ ڏنو وڃي.

(نوٽ)- (اهو چونڊ وقت جيل ۾ هو)

اها رٿ بحث بعد ٥٨ ميمبرن جي ووٽن سان پاس ٿي ويئي مخالفت ۾ ٥٤ ووٽ ٿيا.

مرڪزي اسيمبليءَ ۾ ڪانگريس پارٽيءَ جو ليڊر ڀلو ڀائي ڊيسائي هڪ قابل ۽ لائق قومي ڪارڪن ۽ بهترين وڪيل ڪي چونڊيو ويو.

هي پنڊت موتيلعل نهرو وانگر پارٽيءَ جو شان اوچو رکڻ جي ڪوشش ڪندو آيو.

انهيءَ اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ خدائي خدمتگاري تان بندش لاهڻ جو ٺهراءُ ٧۴ ووٽن سان پاس ٿي ويو ليڪن حڪومت ان جي پرواهه نه ڪري بندش قائم رکيو آئي.

جائنٽ پارليامنٽري سيليڪٽ ڪميٽيءَ جي رپورٽ جڏهن مرڪزي اسيمبليءَ اڳيان پيش ٿي ته ان جي خلاف ڪانگريس پارٽي هڪ رٿ پيش ڪئي، جنهن تي جناح صاحب هيٺين ترميم پيش ڪئي جا ٧۴ ووٽن سان پاس ٿي ويئي ان جي هڪ پاڳي تي سرڪاري پارٽي ووٽ ڪيا ۽ ٻي تي ڪانگريس.

ترميم

(١) هيءَ اسيمبلي وزيراعظم انگلنڊ جي فرقيوارانه فيصلي ڪي ٻي ڪنهن مختلف فرقن جي باهمي سمجهوتي ٿيڻ تائين قبول ڪري ٿي.

(٢) هن اسيمبلي جي راءِ موجب صوبائي تجويز غير تسلي بخش ۽ نااميدي پيدا ڪندڙ آهي جو انهيءَ ۾ هيٺيان اعتراض جوڳا فقرا شامل آهن.

١- ٻئي هائوس جي موجودگي ٢- گورنرن جا غير معمولي ۽ خاص اختيار ٣- پوليس رولس ۴- مخفي پوليس جي ڪاتي جا قانون.

انهن جي موجودگيءَ ۾ ايگزيڪيوٽو ۽ ليجسليچر جا اختيار ۽

جوابداري بيڪار بنجيو پون"

" جيستائين اهي فقرا نہ ڪڍيا ويا آهن ان وقت تائين اهي ڪنهن بہ هندوستاني ڪي قبول نہ آهن."

(٣) هي ايوان ان راءِ جو آهي تہ آل انڊيا فيڊريشن اسڪيم بنيادي طرح خراب ۽ هندوستانين وٽ ناقابل قبول آهي، تنهن ڪري هي ايوان هند سرڪار معرفت هز مئجسٽي جي حڪومت کي صلاح ٿو ڏي تہ انهيءَ اسڪيم کي عمل ۾ نہ آڻين ۽ اهڙي ڪوشش ڪن جو هندوستانين جي صلاح مصلحت سان مڪمل جوابدار حڪومت نافذ ٿي سگهي."

انهيءَ اسيمبليءَ ۾ باوجود بنيادي اختلافن جي ڪانگريس ۽ ليگ جي وقتي تعاون ڪري سرڪار کي ڪيتريون شڪستون مليون.

٢٣- جنوري ١٩٣٥ع تي فرقيوارانہ مسئلي تي جناح صاحب صدر آل انڊيا مسلم ليگ ۽ بابو راجندرا پرشاد صدر آل انڊيا ڪانگريس جي وچ ۾ وري گفتگو شروع ٿي جا پهرين مارچ تائين جاري رهي پر ان مان ڪو خاطر خواه نتيجو ڪونہ نڪتو.

٣١- مئي ١٩٣٥ع تي ڪوئيٽا ۾ زمين جو زلزلو ٿيو جنهن ۾ گهڻي تباهي ٿي. ڪانگريس جي صدر راجندرا پرشاد اتي وڃي خدمت ڪرڻ لاءِ اجازت گهري پر سرڪار طرفان ڪيس موڪل ڪانہ ملي. هن سال ۾ ڪانگريس اندر عهدن وٺڻ ۽ نہ وٺڻ جي سوال تي اختلاف هلندو آيو.

هن ئي سال ۾ گورمنٽ آف انڊيا بل پاس ٿي ٢ جولائي ١٩٣٥ع تي شاهي منظوري حاصل ڪري، ائڪٽ جي صورت اختيار ڪئي.

انهيءَ پاس ٿيل گورمنٽ آف انڊيا ائڪٽ ١٩٣٥ع جا مکيہ جزا هينيان هئا:-

(١) مرڪز ۾ برٽش انڊيا ۽ هندوستاني رياستن جي عيوضين جي فيڊرل اسيمبلي بنجڻ واري هئي.

(٢) انهيءَ اسڪيم مطابق هندوستان ۾ هينيان گورنرن جا صوبا بنجڻ وارا هئا.

١- مدراس ٢- بمبئي ٣- بينگال ٤- گڏيل علائقا ٥- پنجاب ٦- بهار ٧- وچان علائقا ۽ برار ٨- آسام ٩- صوبہ سرحد ١٠- صوبہ سنڌ ١١- اوريسا.

دهلي، اجمير، ڪورگ، بلوچستان، نڪوبار انڊمان چيف

ڪمشنرن جا صوبہ مقرر ٿيا.

(٣) صوبن جو مرڪزي حڪومت سان ملڻ لازمي هو. ليڪن رياستن جو شامل ٿيڻ سندن اختيار تي ڇڏيل هو.

(۴) فيڊرل ائڪٽ موجب بچاءُ، مذهبي امور، امور خارجيہ، ترائبل ايريا جي ڪاتن جو انتظام گورنر جنرل جي هٿ هيٺ رهڻ وارو هو.

باقي ڪاتا وزيرن جي ماتحت رهڻ وارا هئا. گورنر جنرل انهن جي صلاح سان ڪاروبار هلائڻ وارو هو. وزير اسيمبلين سان جوابدار رهڻ وارا هئا.

(۵) صوبن ۾ وزير اسيمبلين سان جوابدار رهڻا هئا پر ان ۾ صلح ۽ امن قائم رکڻ، مالي حالت درست ڪرڻ اقليتن جا حق سنڀالڻ جا اختيار گورنرن جي هٿ ۾ هئا.

اِگتي هلي ائڪٽ جو ١- نمبر جزو رياستن جي شريڪ نہ ٿيڻ ڪري عمل ۾ اچي ڪين سگهيو. باقي ۴ ۽ ۵ جزي جا برٽش انڊيا سان واسطو رکندڙ ڪي ڪاتا مرڪزي ۽ صوبائي وزارت جي ماتحت رهيا.

باب ٽيون

سنڌ جا لوڪل سياسي مسئلا ۽ حقيقتون

سال ١٩٢٥ع

آءٌ سنڌ جي لوڪل سياسي مسئلن ۾ ١٩٢٥ع جي شروعات کان حصو وٺڻ لڳس. اڳين جلد ۾ ڄاڻائي آيو آهيان تہ گذريل سال جي آخر ڌاري حيدرآباد سنڌ تعليمي ڪانفرنس جي موقع تي ڪراچي ضلع جي مکيہ زميندارن، سيٺ محمد جعفر خواجہ جو ميرپور بٺوري ۽ ارباب حاجي خميسي ميمڻ دڙي وارن سان ڪراچي ضلع زميندارن جي جماعت ٺاهڻ بابت صلاح مشورو ڪيو هوم.

جن ٨- جنوري ١٩٢٥ع تي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي سماهي ميٽنگ جي وقت ڪراچيءَ ۾ اچڻ لاءِ صلاح ڏني هئي.

سيٺ ڏيارام مانجهندن واري ۽ سيد مقبول شاه پين واري سان گڏجي لوڪلبورڊ جي ميٽنگ وقت آيل زميندار ميمبرن سان وچي مليس جتي ضلع جي زميندار ۽ آبادگار طبقي جي حقن جي حفاظت، تنظيم ۽ سڌاري لاءِ ايسوسيشن ٺاهڻ جو ٺهراءُ پاس ڪري هڪ سب ڪميٽي ٺاهي ويئي جا دستورالعمل تيار ڪري لوڪلبورڊ جي ٻي سماهي ميٽنگ جي موقعي تي زميندارن ۽ آبادگارن جي ميڙ ۾ ان کي پاس ڪرائڻ واري هئي.

انهيءَ سب ڪميٽي تي چار ميمبر مقرر ٿياسون.

١- سيٺ محمد جعفر خواجہ ميرپور بٺورو چيرمن

٢- ديوان نند يرام زميندار ڳاڙهو

٣- ديوان هرچندراءِ زميندار ٺٽہ

٤- سيد غلام مرتضيٰ شاه سن (آءٌ) سيڪرٽري

ڪميٽيءَ طرفان ايسوسيشن جي دستورالعمل جو مسودو ٺاهي تيار ڪرڻ جو بار مون تي رکيو ويو. مون ان واسطي.سيد محمد ڪامل شاه سعيد پور واري ۽ ديوان همت سنگهہ ٽنڊہ ڊويزن جي زميندار ايسوسيشن

جي پريزيڊ   سيڪرٽري ۽ ٻين جماعتن جي ڪارڪنن جي مشوره بعد جماعت جو دستورالعمل تيار ڪيو.

اهو دستورالعمل جو مسوده سب ڪميٽيءَ اڳيان رکي مناسب درستين بعد ٣٠- اپريل ١٩٢٥ع تي گهرايل زميندارن ۽ آبادگارن جي ميڙ ۾ پاس ڪرايو.

اهڙي طرح ضلع زميندار ايسوسيشن جو بنياد وجهي ان جا عهديدار چونڊيا ويا. ايسوسيشن جو صدر- سيد حاجي عبدالرحيم شاه سجاول وارو- نائب صدر- هرهڪ خان صاحب خير محمد خان چانڊيو لاڏين وارو

ٻيو- سيد مقبول شاه ٻين وارو

ٽيون- ديوان هرچندراءِ ٺٽي وارو

جنرل سيڪرٽري- سيٺ محمد جعفر خواجه ميرپُور بٺوري وارو

جائنٽ سيڪريٽري مون کي ۽ ديوان ننديرام کي چونڊيو ويو

انهيءَ جماعت جي هڪ ورڪنگ ڪميٽي به چونڊي ويئي جنهن تي ضلع جا مکيه ماڻهو ميمبر ڪيا ويا هئا.

اهو پهريون دفعو هو جو ڪراچي ضلع جي لوڪلبورڊ ميمبرن ۽ مکيه ماڻهن سان واقفيت ٿي ۽ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو.

ان کان پوءِ سگهوئي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ۽ تعلقه لوڪلبورڊ جون نيون چونڊون ٿيون. جن تي دوستن جي مشوري سان مون پهرين جون ١٩٢٥ع تعلقه لوڪلبورڊ ۽ ۴ جون ١٩٢٥ع ضلع لوڪلبورڊ جي ميمبريءَ لاءِ نامينيشن پيپر پريا جن ٻنهي جاين تي بنا مقابلي ميمبر چونڊجي ويس.

ان ڪانپوءِ ١٧- اگسٽ ڏاري جڏهن زميندار ائسوسيشن جي ميٽنگ لاءِ جا گهڻو ڪري لوڪلبورڊ جي ميٽنگن جي موقعي تي رکبي هئي، ڪراچيءَ ويس.

ان وقت لوڪلبورڊ جا نوان ميمبر چونڊجي چڪا هئا هر جاءِ تي نون عهديدارن جي چونڊ جو ذڪر هو.

ضلعي ۾ سيد حاجي عبدالرحيم شاه وڏي دوست رسي، اثر، رسوخ ۽ احترام جو مالڪ هو.

ٺٽي ڊويزن ۽ ضلع جا ڪيترا ماڻهو ٺٽي جي ديوانن جي لاڳيتو طاقت ۾ رهڻ ڪري تبديليءَ جا خواهان هئا.

تنهنڪري ونس ملاقات مهل اهڙي قسم جو ذڪر نڪتو.

انهن ڏينهن ۾ سندس ڪراچيءَ واري بنگلي جي نئين سر تعمير ٿين ڪري هو سيٺ حاجي ڏوسل ڪتري جنهن کي ڏاڏا سيٺ به ڪري سڏيندا هئا. وٽ رهندڙ هو. جو مهمان نواز ۽ خوش خلق ماڻهو هو.

ذڪر نڪرڻ تي ٻن ماڻهن جا نالا ديوان شيوارام ڏيون مل جي جاءِ تي پريزيڊنٽ چونڊڻ لاءِ پيش ٿيا جهڙوڪ مير ايوب خان بارسٽر ۽ مسٽر عبدالرحمٰن بارسٽر

راءِ بهادر شيوارام جو ان وقت اهڙو اثر ۽ لاڳاپو هو جو شاه صاحب ڳالهه نه پي مڃي. ڇي مير صاحب نوابي گهر جو فرد ٿي عام ماڻهن سان ميل جول نه ڪندو ۽ نه سندن ڪمن ۾ دلچسپي وٺندو. مسٽر عبدالرحمٰن وڪيل هئڻ ڪري گهٽو وقت ضلع جي ڪمن لاءِ توجهه ڏئي نه سگهندو وغيره.

گهٽي زور پوڻ تي شايد ٿارڻ لاءِ منهنجي طرف اشارو ڪري چيائين ته هي جي بيهي ته شايد سخت ورڪ ڪرڻ ڪري ڪاميابي ٿي پويس.

ان تي مون پنهنجي غير تجربيڪاري جو عذر پيش ڪري معافي وٺڻ گهري. اتي وينل صاحبن کي جڏهن معلوم ٿيو ته شاه صاحب ديوانن جي پچر ٻي ڪنهن لاءِ ڇڏڻ واسطي تيار نه هو. ليڪن ازخود منهنجو نالو ڏنو اٿس ته ڪيس انهي تي پڪو ڪرڻ لاءِ مونتي زور رکيائون ته هائو ڪريان. مون گهٽن جي بار پوڻ ۽ سياسي ڦير گهيرين جي معاملي کان غير واقف هئڻ ڪري هائوڪار ڪئي. وري ٻئي ڏينهن ڪيترا صاحب گڏ ٿيا جن ۾ پير غلام حيدر شاه بلڙي وارو، خانصاحب خير محمد خان چانڊيه (بعد ۾ خانبهادر) سيد مقبول شاه، سيٺ محمد جعفر خواجہ مکيه هئا.

اتي شاه صاحب جي راين بابت گفتگو نڪتي، انهيءَ وقت شاه صاحب جي راءِ کي ايڏي اهميت هئي جو جملي گڏ ٿيل ماڻهو بحث مباحثي بعد ان راءِ جا ٿيا ته شاه صاحب ديوانن کي ٻي ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ ڪونه ڇڏي سگهندو. جڏهن ازخود منهنجو نالو ڏنو اٿس ته ان حالت ۾ سيني کي گڏجي منهنجي ضلع لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽيءَ جي چونڊ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

شام جو آءٌ مير ايوب خان وٽ ويس ان لاءِ ته ڪيس پريزيڊنٽيءَ لاءِ تيار ڪريان جو مون کي باوجود مکيه ميمبرن جي دلاسي جي شڪ هو

تہ منهنجي ننڍي عمر ۽ غير تجربيڪاري اڈو اچي چونڊ ۾ رنڊڪ وجهندي پر مير صاحب جي ملاقات ٿي نہ سگهي جو هو واندو ڪونہ هو.

انهيءَ وقت ڏاري ڪائونسل آف اسٽيٽ جو ٽرم پورو ٿي نئين چونڊ ٿيڻ واري هئي. ان جاءِ تي آنربل علي بخش محمد حسين شڪارپور وارو اڳي ميمبر هو. هن جا ٿي پائر سرڪاري نوڪرين ۾ هئا.

خانبهادر نبي بخش، محمد حسين ۽ خانبهادر عبدالقادر اثر وارا ٿي چڪا هئا. پهريون مئنيجر ڪورٽ آف وارڊس هو، جنهن ڪري ڪيترا زميندار سندس زير اثر هئا.

ٻين ڪامورن سان بہ سنو لاڳاپو هون.

ان وقت پير غلام حيدر شاه بلڙيءَ وارو هڪ نوجوان ۽ پر هَوَس، وڏي خاندان جو فرد، ان جي خلاف اميدوار بيٺو. هن کي وڏي زميداري هڪ طرف هئي ٻيو وڏي درگاه جو سجاده نشين هئڻ ڪري گهڻي اميد هئي تہ سنڌ جا پير، سيد ۽ زميندار هن ڪاموري ۽ سنڌي خاندان جي چٽاپيٽيءَ ۾ سندس مدد ڪندا. مون کيس مدد ڪرڻ لاءِ گهڻو پاڻ پتوڙيو، سارو مهينو سندس ڪم ۾ مشغول رهيس پر آخر ۾ هن صاحب کي هٿ ڪٽو پيو جو ان وقت اڪثر سنڌ جو پير، مير، سيد، زميندار طبقو پست همت ۽ ڪاموري جو موچڙي ڪٽ غلام بنيل هو. سي يڪي بعد ديگر واعدا ڪري ڦري ويس.

جڏهن ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي پريزيڊنٽي جي چونڊ نزديڪ آئي تہ ان لاءِ چار اميدوار بيٺاسون.

١- راءِ بهادر شيوارام ڏيون مل

٢- مسٽر عبدالرحمن بارسٽر

٣- مير ايوب خان بارسٽر

۴- آئون

پهرين جي مدد ۾ ضلع جا مکيہ زميندار ۽ آفيسر هئا.

ٻي جي مدد نٽي جي ماڻهن ۽ خاص طرح شاهہ نواز شاه ڪئي ٿي.

مير صاحب سندس خانداني اثر، ايمانداري، لياقت ۽ تقرير جي فصاحت جي لحاظ ڪري اميدوار بيٺو هو. کيس اميد هئي تہ مقابلي ۾ ماڻهو کيس ترجيح ڏيندا. منهنجي مدد ۾ سيد حاجي عبدالرحيم شاه، سيٺ محمد جعفر خواجہ، ارباب حاجي خميسو ميمڻ دڙي وارو، سيد مقبول شاه پين وارو

۽ خانصاحب خير محمد خان چانڊيہ هئا.

ديوان شيوارام رلڻو ملڻو، آفيسرن ۾ اثر رکندڙ. ماڻهن جا ڪم ڪاريون ڪندڙ ۽ مهمانواز هئڻ ڪري اڪثر زميندارن وٽ پسند پيل هو.

۲۶- آڪٽوبر ۱۹۲۵ع تي پريزيڊنٽيءَ جي چونڊ ٿيڻ واري هئي.

هر ڪنهن پنهنجا اثر هلائڻ شروع ڪيا عين موقع ڪان ٻہ ٽي ڏينهن اڳ منهنجي طرفان پير سيد پلڻ شاه نورائي وارو، سيد محمد سليم شاه سعيد پورو وارو، ميران محمد شاه وغيره مدد ۾ ڪراچي پهچي ويا. ليڪن آخر ۾ حالتن ڦيرو کاڌو. منهنجي مٿي ذڪر ڪيل مکيہ پنجن طرفدارن مان پهريان ٽي ڦري راءِ بهادر جي طرف ٿي ويا. جنهن ڪري هن ڪي پريزيڊنٽ ۽ مونکي وائيس پريزيڊنٽ چونڊيو ويو.

انهيءَ موقعي تي ٽتي جي مسلمانن طرفان سيد محمد زمان شاه رضوي هڪ شهر ذريعي حاجي عبدالرحيم شاه کي اپيل ڪئي تہ مسلمان کي پريزيڊنٽ چونڊائي ٻر مٿس ان جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو.

وائيس پريزيڊنٽ جو عهدو صرف اعزازي هو. ان کي ڪي خاص اختيار ڪونہ هئا.

شاه صاحب حاجي عبدالرحيم شاه، سيٺ محمد جعفر ۽ ارباب حاجي خميسي طرفان حڪم ٿيو تہ جاءِ وٺي ڪراچيءَ ۾ رهان ۽ روزانہ آفيس ۾ وڃي ڪم سکندو ڪريان.

وائيس پريزيڊنٽ کي ائڪٽ موجب ڪي بہ اختيار ڪونہ هئا سواءِ پريزيڊنٽ جي غير حاضريءَ ۾ صدارت ڪرڻ جي.

مونکي جدا روم، ڪرسي ۽ ميز ڏنا ويا. چيف آفيسر کي حڪم ٿيو تہ پڙهڻ لاءِ ڪاغذ مونکي ڏياري موڪلي. جنهن مونکي پراڻا بيڪار فائيل موڪلڻ شروع ڪيا. جي پڙهندو رهيس، اهي اڳي فيصل ٿيل مسئلن بابت هئا.

ماڻهن جو ٻڌو تہ هڪ نوجوان مسلمان وائيس پريزيڊنٽ مقرر ٿيو آهي سو بنا جانچ ڪرڻ جي تہ مونکي ڪي اختيار مليا هئا يا نہ گهڻي تعداد ۾ مون وٽ ڪمن لاءِ اچڻ لڳا.

ماڻهن کي اهو بہ معلوم هو تہ آئون وائيس پريزيڊنٽ حاجي عبدالرحيم شاه ۽ سيٺ محمد جعفر خواجہ جي مدد سان ٿيو آهيان سو انهن وٽ بہ ڪمن لاءِ وڃڻ لڳا. جن وري ڪين مون ڏي موڪلڻ شروع ڪيو.

مون کي پڇا بعد معلوم ٿيو ته بدلين، مقررين، موقوفين، اسڪالرشپن، رستن وغيره ڪمن بابت مون کي ڪوبه اختيار ڪونه ڏنو ويو هو.

تنهن ڪري هر ڳالهه لاءِ چيف آفيسر يا پريزيڊنٽ وٽ سوالي وڃڻو ٿي پيم.

چيف آفيسر ته صفا رخ نه ڏنو. باقي پريزيڊنٽ صاحب صرف تعلقه مانجهند جي حد جي ڪمن ۾ احوال ڏنو ٿي، جنهن جو آءٌ ٢٩ نومبر ١٩٢٥ع تي پريزيڊنٽ چونڊيو ويو هوس.

باقي ساري ضلع جي ڪمن ۾ دلچسپي ڪي هن سندس مستقبل جي اثر رسوخ جي خلاف ٿي سمجهيو. ان ڪري منهنجي معرفت ڪوبه ڪم نٿي ڪرڻ گهريو.

سگهوئي شڪاتيون ٿيڻ لڳيون ته آءٌ ڪجهه ڪم نٿو ڪريان، آخر جڏهن ميمبر سماهي ميٽنگ لاءِ ڪراچي آيا ته ڪين سموري حقيقت کان واقف ڪيو ويو ته مونکي نه ڪي اختيار هئا نه ڪو خاص ڪم هوم. مفت ۾ ڪراچي وينو آهيان.

سيٺ محمد جعفر خواجه بورڊ جي نهايت هشيار ميمبر صلاح ڏني ته صبر کان ڪم وٺي ڪراچيءَ ۾ رهندو اچان ۽ پنهنجي جڳهه ڪي ميمبرن جي مهمانوازيءَ لاءِ ڪليل ڇڏي تعلقات وڌائيندو رهان. ان سان گڏ اها صلاح به بيني ته لوڪلبورڊ جي موجوده چيف آفيسر (جو ديوانن جو مائٽ هو) کي ڪيڏي ڪنهن غير جانبدار مسلمان عملدار کي چيف آفيسر ڪري آڻجي.

ان وقت ڪراچي ضلعي جو سياسي اقتدار ديوانن جي هٿ ۾ هو.

راءِ بهادر شيوارام ضلع لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ، ڪراچي ڪلب جو پريزيڊنٽ، ڪراچي بئنڪ جو چيرمن، ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ميمبر، هڪ ئي وقت هئڻ ڪري آفيسرن وٽ وڏي دست رسي رکندو هو.

سندس سوٽ ديوان هرچندراءِ ٺٽه ميونسپالٽي ۽ ٺٽه تعلقه لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ هو.

گهوڙا باري تعلقه لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ ديوان نئديرام سندس گروه جو ميمبر هو. انهن ڏينهن لوڪل باڊيز ۽ اسيمبلين کان ٻاهر مسلمانن جي هڪ جماعت سنڌ محمدن ائسوسيشن نالي سان هوندي هئي. جنهن جو مکيه ڪم اهو هو ته گورنرن کي ائڊريسون ڏئي، انهن ۾ مسلم آفيسرن ۽

زميندارن جي گهرن کي پيش ڪيو ويجي.

انهيءَ جو صدر سر شاهنواز ڀٽو ۽ جنرل سيڪريٽري خانبهادر ولي محمد حسن علي هئا.

ان ۾ اڪثري اثر رسوخ وارن زميندارن کي شامل ڪيو ويو هو.

مون کي به وائيس پريزيڊنٽ هئڻ ڪري ترغيب ڏئي ان جو ميمبر بنايو ويو.

مون کي ياد آهي ته جڏهن ١٧- ڊسمبر ١٩٢٥ع تي بمبئيءَ جو گورنر سنڌ ۾ آيو ته ان کي ائڊريس ڏيڻ لاءِ گهڻا زميندار اچي ڪراچيءَ ۾ ڪٺا ٿيا.

ان تاريخ صبوح جو گورنر کي ائڊريس ڏني ويئي.

ساڳي ڏينهن شام جو ڪمشنر صاحب جي بنگلي (جو انهن ڏينهن ۾ گورمنٽ هائوس سڏبو هو. اهو انهي ساڳي جاءِ تي هو جتي ان وقت پريزيڊنٽ جو بنگلو آهي) تي ڪيترن زميندارن کي مسٽر هٽرسين پرنسپال سنڌ مدرسه بورڊ جي چوڻ تي ڪمشنر صاحب سنڌ مسلم ڪاليج برپا ڪرڻ جي سوال تي غور ڪرڻ لاءِ گهرايو. ڪجهه رقم اڳ ۾ سرڪار طرفان زمينداري ڪاليج لاءِ ڪني ٿيل هئي باقي به ٽي لک روپيه ڪنا ڪري مسلم ڪاليج قائم ڪرڻ جو سوال سامهون هو.

گهڻي بحث مباحثي بعد سوال فيصل ٿي نه سگهيو. جو پيسو گڏ ٿي سگهڻ جي اميد ڪانه هئي جي زميندار لکها روپيه آفيسرن جي شڪارن تي خرچ ڪندڙ هئا. تن مسلم تعليم لاءِ پيسو ڏيڻ نه قبول ڪيو. سنڌ ۾ مسلمانن جو هڪ ڪاليج به نه هو ۽ هندن جا ڪيترا ڪاليج اڳ ۾ موجود هئا.

انهي موقعي تي ڪراچي ضلع لوڪلبورڊ جي مکيه ميمبرن طرفان هڪ درخواست، مسٽر جيوترام چيف آفيسر لوڪلبورڊ کي پيرسن ۽ بيڪار هئڻ ڪري ڪڍڻ لاءِ پريزيڊنٽ ضلع لوڪلبورڊ کي بورڊ جي ميٽنگ ۾ رکڻ لاءِ ڏني ويئي.

اهو پهريون دفعو هو جو ديوان شيوارام پريزيڊنٽ ضلع لوڪلبورڊ جي راءِ خلاف مکيه ميمبرن جي صحيحن سان هڪ درخواست ڪيس ڏني ويئي.

انهيءَ سال ۾ ٢٣- ڊسمبر ١٩٢٥ع تي مون تعلقه لوڪلبورڊ آفيس

مانجهندن مان سن گهرائي ورتي.

۽ سن شهر کان اسٽيشن تائين پڪو رستو ٺهرائڻ جي شروعات ڪيم.

١٩٢٦ع

٨- **جنوري ١٩٢٦ع** تي ڪراچي ضلع لوڪلبورڊ سڪولبورد جي ميمبرن لاءِ نامينيشن پريا ويا. ٢٣- تاريخ چونڊون ٿيون.

انهيءَ تي آءٌ، حاجي عبدالرحيم شاه، خانبهادر ولي محمد حسنعلي، مولوي فتح محمد سيوهاڻي، سيد مقبول شاه ۽ ٻيا سڪولبورڊ تي ميمبر چونڊجي آياسون.

اسان خانبهادر ولي محمد حسنعلي کي چيرمن چونڊيو.

انهيءَ زماني ۾ هن وقت وانگر سنڌ اندر چوپايي مال جي تمام گهڻي چوري ٿيندڙ هئي. ان جي ڪارڻن معلوم ڪرڻ ۽ بند ڪرڻ لاءِ تجويزون سوچڻ واسطي، بمبئي سرڪار مسٽر ٿانتن جي چيرمنيءَ هيٺ هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي هئي. جنهن تي غير سرڪاري ماڻهن مان سيٺ محمد جعفر خواجه، خانبهادر جان محمد خان پناڻ، خانبهادر علي حسن خان هڪڙو، سيد عبدالواحد شاه ڏاڏاهي، مسٽر آڏارام موريا ميمبر هئا.

ميرزا غلام مصطفيٰ خان شڪارپور وارو ان جو سيڪرٽري هو. جيئن تہ سيٺ محمد جعفر ان تي ميمبر هو. ان ڪري مون بہ ان ۾ گهڻي دلچسپي ورتي ،شاهدي ڏني ۽ احوال گڏ ڪرائي ڏنا. گهڻي جانچ بعد ڪاميٽي طرفان هڪ رپورٽ پيش ٿي جنهن ۾ سرڪاري ميمبرن جدا رپورٽ ڪئي. غير سرڪاري ميمبرن مخالف ۾ نوٽ لکيو.

سرڪاري ميمبرن چوريءَ لاءِ زميندارن کي جوابدار ٺهرائي، پوليس جا اختيار ۽ پگهار وڌائڻ جي تجويز پيش ڪئي.

غير سرڪاري ميمبرن پوليس جي رشوت خوريءَ ۽ اڻ لائقي، ڪورٽ جي تڪليفن وغيره کي ڪارڻ ٺهرائي، جرڳن جي معرفت چوريءَ جي بند ڪرائڻ جي تجويز ڏني.

آخر اها رپورٽ بہ ٻين رپورٽن وانگر سرڪاري رڪارڊ جو جزو بنجي داخل دفتر ٿي ويئي.

خانبهادر ولي محمد حسنعلي رٽائرڊ ڊپيوٽي ڪليڪٽر هو. سنڌ مدرسہ بورڊ جو سيڪريٽري هو. تنهن ضلع ۾ تعليم کي زور وٺائڻ لاءِ گهڻي

دلچسپي ورتي. تنهن ۾ مولوي فتح محمد صاحب سيوهائي. حاجي عبدالرحيم شاه. مقبول شاه ۽ آءٌ سندس هر طرح جي مدد ڪرڻ لڳاسون.

انهيءَ عرصي ۾ سن ۾ انگريزي ٽي درجا. زنانو اسڪول. نائيٽ اسڪول ڪولائڻ ۾ ڪامياب ٿيس.

انهيءَ وقت ڏاري محال مانجهندن ۾ آباديءَ لاءِ هڪ درياهي واهي واهه ڪارو نالي سان هو ان تي آبادي سڪي ويندي هئي، بارش گهٽ پوڻ سبب سڄي محال جي رهاڪن جي حالت تمام تنگ ٿي ويئي هئي. جنهن جو اثر منهنجي مالي حالت تي به پيو.

ڪراچيءَ ۾ جاءِ وٺي رهڻ، مهمان ڪارائڻ. سياست ۾ حصو وٺڻ خرچ گهرن ٿا.

سکر براج جو ڪم هلندو ڏسي، سڪرنڊ تعلقه ۾ ديهه مارئيءَ اندر هڪ قتل زمين خريد ڪري، ان کي سڌارڻ جو انتظام ڪيم پر زمين ۾ ڏيپ گهڻا هئا، پاڻي جو بندوبست ڪونه هو. هاري پاهران تقاوي وٺي آيل هئا. انهن جڏهن ڏٺو ته زمين ۾ ڪمائي گهٽي پيدائش گهٽ ٿيڻ واري هئي، سي ڪجهه وقت رهي پڄي ويا. ڪين ڏنل تقاويءَ جا پيسا به ضايع ٿي ويا.

انهيءَ وقت ڪان پنو پوڻ لڳو ته سياسي زندگي وڏو خرچ ٿي گهريو ان ۾ ڪوبه ايماندار ماڻهو خلق خدا جي محبت جي جذبي ڪانسواءِ جٽاءُ ڪري نه سگهندو ورنه رواجي ماڻهن کي يا ان مان ٻاهر نڪرڻو پوندو يا نامناسب طريقا اختيار ڪرڻا پوندا.

سنڌ جا اڪثري سياستدان پيسي وارا هئا آءٌ انهن جي مقابلي ۾ گهڻو مسڪين هوس. خلافت ۽ ڪانگريس تحريڪ ۾ ڪيل ڪم وقت سکيل ڪفايت شعاريءَ جا طريقا ان معاملي ۾ گهڻو ڪار آمد ثابت ٿيا.

شيخ عبدالمجيد صاحب طرفان انهن ڏينهن ۾ سنڌ مسلم پولٽيڪل پارٽيءَ جي تجويز، سڀني سنڌي سياستدانن ۽ عوام جي سامهون الوحيد اخبار ۽ خطن ذريعي پيش ٿي پر زميندار طبقو ان وقت ۾ اهڙو بزدل هو جو ڪنهن به اهڙي سياسي پارٽي ۾ آزاد خيال قومي ڪارڪن سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نه هو ان ڪري اها تجويز پايه تڪميل تي پهچي نه سگهي ۽ رهجي ويئي.

هوڏانهن ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ ۾ مسٽر جيوترام چيف آفيسر خلاف جا درخواست ميمبرن طرفان پريزيڊنٽ کي ڏني ويئي. ڪجهه

ردوبدل بعد وجي ڪامياب ٿي، چيف آفيسر استعيفا ڏني، ان جي جاءِ تي مسٽر فيض محمد ڪمشنر سنڌ جي آفيس مان سينئر مختيارڪار جي گريڊ واري ماڻهوءَ کي گهرائي رکيو ويو.

اها لوڪلبورڊ ۾ ديوانن جي طاقت ٽوڙڻ لاءِ ڀهرين ڪاميابي هئي.

ان ڪري ڪمزور ميمبرن جو حوصلو بلند ٿيو ۽ مخالف گروه ميمبرن کي آئنده پروگرام مطابق قدم کڻڻ لاءِ همت پيدا ٿي پيئي

سگهوئي شيخ عبدالحق اڊمنسٽريٽو آفيسر جيڪب آباد کي گهرائي، ضلع سڪولبورڊ ڪراچيءَ ۾ رکيو ويو. چيف آفيسر جي همدردي ڪري اسان جي گهڻي همت افزائي ٿي.

انهيءَ سال ۾ سيٺ محمد جعفر خواجہ جي مدد سان لوڪلبورڊ اندر هڪ مخالف گروه ٺاهيو ويو. لوڪلبورڊ ميٽنگن جي موقعي تي ميمبرن کي ڀاڙ وٽ رهائي صلاح مصلحت سان ڪم ڪرڻ لڳاسون پر اجان تائين ڪثرت تعداد ميمبرن جو ڊڄڻو هئڻ ڪري کلئي مخالفت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو.

آءٌ اڳي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ مسلمان ميمبرن، مير ايوب خان ۽ مسٽر عبدالرحمٰن قابل ۽ لائق ميمبر هئا.

مير صاحب لوڪلبورڊ ميٽنگن ۾ باقاعدي ايندو هو. ايجنڊا پڙهي ڪونہ ايندو هو. سرڪاري نامزد ميمبر ڪري، اڪثر ٻين سرڪاري ووٽرن سان گڏ، پريزيڊنٽ جي طرفداري ڪندو هو.

پريزيڊنٽ مخالفت کي ڏسي سرڪاري عملدارن کي راضي رکي زميندار ميمبر کي هيسائي ڪم ڪڍڻ ٿي چاهيو.

اڪثر زميندار عملدارن اڳيان اهڙا هئا جهڙيون بگهڙن اڳيان ٻڪريون. ان وقت ضلع لوڪلبورڊ ۾ چار ڊيپوٽي ڪليڪٽر ايڪس آفيشو ميمبر هئا. ٻيا چار آنرري ماجسٽريٽ ۽ سرڪار پرست ميمبر بہ سرڪار طرفان نامزد ٿيل هئا. جن پريزيڊنٽ تي آفيسرن جو رضامندو ڏسي ان کي مدد پي ڪئي.

زميندار ميمبرن کي اهڙي ماحول هيٺ مخالفت ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو پي لڳو. مسٽر عبدالرحمٰن بارسٽر، باهمت آزاد خيال ميمبر هو پر لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽيءَ ۾ ناڪامياب ٿيڻ ڪري دل شڪستہ ٿي، پنهنجي وڪالت جي ڌنڌي ۾ مشغول ٿي ويو. اڪثر ميٽنگن ۾ ڪونہ ايندو هو، پر جي آيو

ٿي تہ گھٽ دلچسپي ٿي ورتائين.

اوں ۾ مخالف گروہ ۾ سيٺ محمد جعفر خواجہ، آءٌ، سيد مقبول شاہ ھئاسون. آھستہ آھستہ ڪري سيد حاجي عبدالرحيم شاہ، خانصاحب خير محمد خان چانڊيہ ۽ ارباب خميسہ ميمڻ جي بہ ھمدردي حاصل ڪئي سون. ھاڻ اھا ضرورت محسوس ٿي تہ عملدارن جي مقابلي لاءِ ٻن لائق بارسٽر ميمبرن جي ھمدردي حاصل ڪجي. ان لاءِ سيٺ صاحب ۽ مون ھڪ ٻہ ڏينھن ميٽنگ کان اڳ اچي مير صاحب ۽ مسٽر عبدالرحمٰن کي ملي حقيقتون ٻڌائي مخالف ٿھرائڻ لاءِ مدد وٺڻ شروع ڪئي.

ان تجويز آفيسرن جي پريزيڊنٽ جي ڪلي طرفداريءَ ۾ رنڊڪ وجھي ڇڏي ۽ بزدل زميندار ميمبرن ۾ بہ جان وڌي. نتيجي ۾ راءِ بھادر، مخالف ڌر جي ٺھرائن اڳيان ڪجھہ نمڻ لڳو. ميمبرن جا گھڻا شخصي ڪم ڪرڻ لڳو. پر مسٽر ھرچندراءِ راءِ بھادر جي سوٽ ڪان ٺٽي جا ماڻھو گھڻا شاڪي ھئا. جيئن تہ ڪراچي ايندي ضلع جا ميمبر ٺٽي مان لنگھندا ھئا ان ڪري ٺٽي جي عام ماڻھن جي مخالفت انھن تي گھڻو اثر ٿي وڌو.

آخر نتيجو اھو نڪتو تہ جيئن اسان جي مخالفت وڌندي ويئي تيئن ميمبرن جي شخصي تقاضائن ۾ اضافو ٿيندو ويو جن کي پوري ڪرڻ، راءِ بھادر لاءِ ناممڪن ٿي پيو.

ھن سال گھوڙا ٻاري تعلقہ لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽ، ديوان نند يرامر کي سنديس ھارين مان ڪنھن بندوق ھٽي ماري ڇڏيو. ان ڪري سندس خالي ٿيل جاءِ تي ديوان ھرچندراءِ چونڊجي ويو. جنھن ڪري ٻن تعلقن، ھڪ ميونسپالٽي جي پريزيڊنٽ ھئڻ ڪري ھن جي طاقت وڌي ويئي پر دشمنيءَ ۾ بہ واڌارو ٿيو.

ديوان ھرچندراءِ راءِ بھادر جي سوٽ ۽ چالاڪ ميمبر ھئڻ سبب، بورڊ جي پيسن جو گھڻو حصو سندس تعلقن ۾ صرف ڪرڻ لڳو. انھيءَ ڪري وڏو اثر ۽ رسوخ پيدا ڪري ويو. انھيءَ کي ڏسي ٺٽي شھر جي معززن جو ھڪ گروہ سندس مخالفت ڪرڻ لاءِ پيدا ٿي پيو جن ۾ مکيہ ماڻھو. سيٺ محمد رجب شفيعاڻي، سيد شاھنواز شاہ، محمد عثمان سومرو، محمد سومار وزن ڪش ۽ حاجي پير محمد عقيلي ھئا.

سيٺ محمد رجب جي جاءِ مرڪز ٿي ڪم اچڻ لڳي. ھو مھمانواز ھو.

ڪيترا ضلع جا مکيہ ماڻهو وٽس اچي رهندا هئا. سندس جاء تي سدائين محفل لڳي پيئي هوندي هئي.

سيٺ محمد جعفر ۽ آءٌ بہ اڪثر ئنہ وٽ وقت وٽس رهندا هئاسون. هنن جڏهن ڏٺو تہ ضلع لوڪلبورڊ ۾ اسان مخالف گروه تي ڪم ڪري رهيا هئاسون تہ اسان جا مدد گار ٿي بيٺا.

انهيء سال محال مانجهندن ۾ آباديء لاء پاڻيء جي تنگي. بارش جي گهٽتائيء ڪري، پيدا ٿيل حالات جي مدنظر، محال مانجهندن ۾ زميندار ۽ آبادگار ائسوسيشن جي شاخ، سيٺ ڏيارام ريجهومل مانجهندن واري جي پريزيڊنٽيء هيٺ کولي ويئي. جنهن انهي ڏس ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

ساڳي سال جي آخر ۾ بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جون نيون چونڊون ٿيڻ واريون هيون. مون ڪوٽڙي ڊويزن ۾ چڱا ووٽ داخل ڪرايا. ڪيترن دوستن جي صلاح هئي تہ آءٌ بہ ڪائونسل لاء اميدوار بيهان.

١٨ تاريخ ١٩٢٦ع سپٽمبر تي نامينيشن پريا ويا. ڪراچي ضلع لاء بہ جايون هيون پير غلام حيدرشاه بلڙي واري، خانصاحب فضل محمد لغاري ۽ مون پيپر پريا. ڏسڻ ۾ آيو تہ بلوچن کي ڪافي ووٽ ملڻ جو امڪان هو. پير غلام حيدرشاه ۽ منهنجي وچ ۾ مقابلو ٿيڻ وارو هو. پارٽيون ڪونہ هيون شخصي ٽڪيٽ تي اميدوار بيٺا ٿي. پير صاحب سان دوستي هئڻ ڪري، مون هٿ ڪنيو. تنهنڪري هي ٻئي بنا مخالفت جي ميمبر چونڊجي ويا.

مون بمبئي ڪائونسل لاء زميندارن واري سيٽ واسطي، سيد محمد ڪامل شاه سعيد پور واري کي مدد ڪئي. هن جو مونتي پدرانہ شفقت جو هٿ هوندو هو.

مرڪزي اسيمبليء ۾ زميندارن طرفان پرنسپال صاحب سنگهہ شهاڻين ۽ سردار واحد بخش خان ٽِنو اميدوار بيٺا.

رئيس فقير بخش خان ڪاڇيء جو سردار واحد بخش خان سان دوستانہ رستو هو ان ڪري منهنجا بہ هن سان دوستانہ تعلقات ٿي ويل هئا. تنهنڪري مون ان کي مدد ڪئي.

مرڪزي اسيمبليء ۾ عام ووٽر طرفان سيٺ حاجي عبدالله هارون اميدوار بيٺو هو. ان سان خلافت جي ڏينهن کان دوستانہ تعلقات هئا. ان ڪري مون ان کي مدد ڪئي. ان وقت لياقت ۽ پارٽين جي عيوض شخصي

تعلقاتن ۽ چونڊ چائڻ تي ووٽ ڏيڻ جو دستور عام هو.

انهن چونڊن وقت پير علي محمد شاه راشدي، سندس خاندان جي "انجمن راشدي" نالي جماعت ناهي هئي. جنهن طرفان اخبار الراشد به ڪڍندا هئا. هن جماعت طرفان ڪيترا اميدوار بيهاريا پر سر شاهنواز شاه پٽ ۽ محمد ايوب کهڙو وغيره زميندارن وٽ پيسي، آفيسري اثر. لڳ لاڳاپو گهڻو هئڻ ڪري، هو اليڪشن ۾ ڪامياب ٿي ويا. ۽ انجمن راشديه جا اميدوار ناڪامياب ٿيا.

انهيءَ سال ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ ۾ اسان جي مخالف پارٽي طرفان گهوڙا پاري ۽ ٺٽي تعلقن ۾ ديوان هرچندراءِ طرفان بي انداز خرچ ڪرڻ جي باوجود، ڪم پوري نه ٿيڻ ڪري ۽ گهوٻين جي شڪايت تي جانچ انڪواري ڪميٽيءَ جي گهر تي جا منظور ٿي ويئي.

ڪميٽي هيٺين ميمبرن تي مشتمل هئي.

١- سيد غلام مرتضيٰ شاه (آءٌ) چيرمين

٢- مير ايوب خان - ميمبر

٣- سيٺ محمد - جعفر خواجه - ميمبر

١- سيد مقبول شاه - ميمبر

اسان حقيقتون گڏ ڪرڻ شروع ڪيون پر جنهن صورت ۾ انهيءَ ڪميٽي جو عملي طرح ڪم ٻئي سال ۾ شروع ٿيو. ان ڪري ان بابت اڳتي ذڪر ڪبو.

انهيءَ سال شيخ عبدالمجيد صاحب ٢٥- آڪٽومبر ١٩٢٦ع تي سنڌ جي نو مسلم شيخن جي اقتصادي، اخلاقي، تعليمي حالت دُرست ڪرڻ لاءِ هڪ ڪانفرنس سڏائي، جنهن ۾ مون ۽ ٻين سماجي ڪارڪنن شرڪت ڪئي.

سال ١٩٢٧ع

مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته آءٌ نه صرف ضلع لوڪلبورڊ جو وائيس پريزيڊنٽ چونڊيو هوس، بلڪ تعلقه لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ به هوس. ضلع لوڪلبورڊ ۾ ديوانن جي قائم ٿيل اقتدار کي ٽوڙڻ لاءِ مخالف گروه ناهي ڪم ڪري رهيو هوس ته ٻي طرف محال مانجهندن ۾، ڳوٺن جي سڌاري ۽ تعمير جي ڪم ۾ مشغول هوس.

انهيءَ واسطي مون جو پهريون ڪم ڪيو سو اهو هو ته منهنجي

جد بزرگوار شاه حيدر عليه رحمت جي ساليانہ ميلي (عرس) جي موقعي تي تعليمي ۽ تنظيمي ڪانفرنس ڪهرائي ۽ ٻاهران آيل حضرات جي صلاح ۽ مشوري سان هڪ پروگرام تيار ڪرايم.

اهو ميلي ٦-٧ فيبروري ١٩٢٧ع مطابق ٣-۴ شعبان ١٣۴۵هہ تي ٿيو. جنهن ۾ ٻاهرين مان شيخ عبدالمجيد سنڌي مولانا محمد صادق کڏي واري، مولوي فتح محمد صاحب آيل هئا.

محال جا گهڻو ڪري سڀيئي ماڻهو آيل هئا.

انهيءَ موقعي تي هيٺين مسئلن تي غور ڪيو ويو:

١- محال مانجهندن جي مسلمانن جي ديني ۽ دنيوي تنظيم ڪهڙي طرح ڪئي وڃي؟

٢- عام ماڻهن مان بد رسمون ۽ فضول خرچي ڪيئن بند ڪجن؟

٣- پوليس ۽ ڪورٽن جي خرچن مان ماڻهن جي جان ڪيئن آزاد ڪئي وڃي؟

۴- باهمي تڪرارن ۽ جهڳڙن کي امينن جي ذريعي فيصل ڪرايو وڃي؟

۵- محال مانجهندن جي غريب عوام جي اقتصادي بهتريءَ لاءِ تجويزون رٿڻ.

٦- محال مانجهندن جي غريب عوام جي اخلاقي اصلاح ۽ تعليمي ترقي لاءِ رٿون رٿڻ.

انهيءَ اجلاس ۾ هيٺيان ٺهراءَ پاس ڪيا ويا.

(١) هي اجلاس بمبئي سرڪار جو توجهہ ڇڪائي ٿو تہ محال مانجهندن جي زمين لاءِ آباديءَ واسطي پاڻيءَ جي پوري انتظام نہ هئڻ ڪري، ڪيتري زمين غيرآباد پيئي آهي ۽ باقي زمين واهن ۾ پاڻي پوري نہ هئڻ ڪري سگهيو وڃي. تنهنڪري سرڪار کي عرض ٿو ڪري تہ سرڪار منڇر جي ڍنڍ مان ڊرينيج ذريعي پاڻي ميسر ڪري ڏي يا دريا تي مشينون لڳرائي پاڻي جو انتظام ڪري.

(٢) محال مانجهندن جي مسلمانن جي هڪ جماعت برپا ڪجي، جنهن جون شاخون هر هڪ ڳوٺ ۾ کولجن. اهو ڪم هيٺين ڪميٽيءَ جي سپرد ڪيو ويو.

١- سيد مقبول شاه ٢- رئيس فقير بخش ڪاڇي ٣- وڏيرو الهڏنو

مانجهند ۴- سيد علي اڪبر شاهه نياڻ ۵- سيد غلام مرتضيٰ شاهه (ڄ)
(۳) مسلمانن ۾ تجارت لاءِ دلچسپي پيدا ڪرڻ واسطي مڪيه ماڻهن کي اپيل ڪئي ويئي.
(۴)- ڳوٺن ۾ مرداڻه، زنانه، شبينه اسڪول، انگريزي ڪلاس ۽ مذهبي مدرسن کولائڻ لاءِ ڪم منهنجي سپرد ڪيو ويو.
(۵) شادين غمين، بيمارن جي موقعن تان خراب رسمن ڪڍڻ لاءِ پرچار ڪرڻ جو پرگرام رٿيو ويو ۽ فضول خرچين، زيورن، لباس جي سادگي لاءِ تجويزون سوچيون وئيون.
(٦) ميربحرن جي حالتن درست ڪرڻ لاءِ جماعتون ٺاهي، ڪيٽي مچي پلي جا مقاطعا وٺي ڏيڻ يا بٺائي جو پنجون حصو ڪرائڻ لاءِ ٺهراءُ پاس ٿيو.
(۷) چوپايو مال چاريندڙن کي منظم ڪري، پيلن ۾ چاري، رشوت ۽ چوريءَ جي آزار کان بچڻ لاءِ تجويزون سوچيون وئيون.
هن سال تعلقي جي ڳوٺن ۾ گشت ڪري، رٿيل پروگرام موجب ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ويو.
ٻي طرف ضلع جي سياست جي اها حالت هئي ته مخالفت گروه زياده طاقتور بڻجي چڪو هو جنهن ڪري ورڪنگ ڪميٽيءَ تي اڪثريت انهيءَ گروه جي ٿي ويئي.
ورڪنگ ڪميٽيءَ تي هيٺيان ميمبر چوندا يا:
(١) راءِ بهادر شيوارام ڏيون مل ايڪس آفيشو
(٢) غلام مرتضيٰ شاهه
(٣) سيد مقبول شاهه
(۴) سيٺ محمد جعفر خواجه
(۵) مسٽر الهه بخش خان گبول
(٦) مسٽر عبدالرحمان بارسٽر
(۷) مير ايوب خان بارسٽر
(٨) راءِ صاحب ميثارام اجيت سنگهه
۲۴- اپريل ۱۹۲۷ع تي ڪراچيءَ ۾ سنڌ محمدن ائسوسيشن جي ميٽنگ گڏ ٿي، جنهن ۾ سنڌ جي جدائيءَ لاءِ تجويزون سوچيون ويئون.
ڪراچيءَ مان تاريخ ۲۵- اپريل ۱۹۲۷ع تي آءُ لوڪلبورڊ ڪميٽيءَ جي ميمبرن کي ساڻ ڪري، گهوڙا ٻاري ۽ ٺٽه تعلقن ۾ جاچ ڪرڻ لاءِ ويس.

جتي هرهنڌ وجي ڪم ڏنو ويو. اماني طرح تيل ڪم جي مسٽر رول وارن مزدورن کان جانچ ڪري بيان ورتا ويا. جنهن مان معلوم ٿيو ته ڪيترن ماڻهن جي نالي ڪوڙا مسٽرول پري پيسا ڪاڍل هئا. اڌ لک کن کان مٿي خرچ ٿيڻ جي باوجود به ڪم اڌورو رهيل هو. بيڪار پليون (موريون) ٻڌايل هيون جن آمدرفت جو ڪم نه ٿي ڏنو.

موٽڻ تي مسٽر شامداس اوورسيئر کي سسپينڊ ڪري ٻيو ماڻهو چارج ۾ رکڻ ۽ انهي غبن واسطي ۾ سمورن جوابدارن تي قانوني قدم کڻڻ لاءِ بورڊ کي رپورٽ ڪئي ويئي.

جيئن ته تعلقه لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ مسٽر هرچندراءِ راءِ بهادر شيوارام جو عزيز هو. قانوني قدم کڻڻ ڪري سندن بي عزتي ۽ نقصان ٿئي ها ان ڪري هنن ساري رپورٽ کي بيڪار بنائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ سرڪاري عملدارن جي ڪين مدد هئي.

ڪين انجنيري کاتي وارن سٺي ڪم جو سرٽيفڪيٽ ڏنو ۽ ڪليڪٽر ضلع رپورٽ کي ذاتي دشمني جو ڪارڻ نهرائي، داخل دفتر ڪرڻ گهريو. سارو سال انهيءَ جهڳڙي ۾ گذريو.

ان ۾ قاضي عبدالرحمان ايڊيٽر الوحيد ڪامورن جي چوڻ تي الوحيد اخبار ذريعي راءِ بهادر جي مدد ڪئي.

٩- جون ١٩٢٧ع تي سن شهر جي مسلمانن کي گهرائي ميلي جي موقعي تي ٿيل نهرائن موجب هيٺان فيصلا ڪرايا ويا.

١- شاديءَ جي موقعي تي سيني وقتن تي پنجن ديڳين کان مٿي ڪاڌو نه رڌبو.

٢- ختنه جي موقعي تي ڪابه ڪاڌي جي ضيافت نه ڪئي ويندي

٣- موت جي موقعي تي سواءِ رواجي قران خواني بعد ختم جي، جنهن ۾ ١١ ماڻهن کان مٿي ماڻهو نه هوندا. ڪوبه خرچ نه ڪيو ويندو

٤- شادين جي موقعي تي راڳيندڙن کي گهرائي، پيسا ڏيڻ جي دستور کي بند ڪيو ويندو.

٥- شاديءَ جي موقعي تي گهرن ۾ ماني موڪلڻ جو دستور بند ڪيو ويو. هر ڪو چني ۾ اچي ماني کائڻ وارو هو

٦- حجام، مڱڻهار وغيره جي گهور لاءِ ٤- آنن کان مٿي رقم نه ڏيڻ جو نهراءُ ٿيو. ڪپڙن جي ڏيپ کي محدود ڪيو ويو.

جامع مسجد سن ۾ پارسي عربي مدرسه مولوي محمد صالح ٻنوهر دادو واري جي هٿ هيٺ ڪـــولايو ويو. ٻاهران آيل ڇوڪرن جي طعـــام ۽ رهائش جو انتظام ڪيو ويو.

انهي سال ١٩ جولائي تي لوڪل سيلف ڪانفرن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پوني ويس. اتي ڪيترن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي ويئي.

جنهن جو تفصيلوار ذڪر ڊائري جي باب مان معلوم ٿي سگهندو.

انهي سال جي نومبر ۾ وائسراءِ هند سنڌ ۾ آيو ان کي سنڌ محمدن ائسوسيشن طرفان ائڊريس ۾ سنڌي مسلمانن (ڪامورن ۽ زميندارن) جي شڪايتن کان آگاهه ڪيو ويو.

١١- ڊسمبر ١٩٢٧ع تي امير امان الله خان افغانستـان جو بادشـاه ولايت وڃڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ آيو ان جي وڏي مـرحـبـا ٿي. گـانڌي گاربن (راڻي جي باغ) ۾ ڪيس اعليٰ پيماني تي سنڌ ۽ ڪراچي جي شهرين طرفان دعوت ڏني ويئي.

اهو سڀ انهي ڪري ٿيو تـه هنن انگريزن جي اثر کان سندس ملڪ آزاد ڪيو هو ۽ ملڪ ۾ سڌارا آڻن شروع ڪيا هئائين.

افـغانسـتـان جا رهاڪو پنـتي پيل هئا جي مـذهب جي نالي برغلجي سگهيا ٿي. تن کي ملن ذريعي انگريزن سندس ولايت جي سفر واري عرصي ۾ برغلائي ڪافي بدنام ڪري ڇڏيو. ان ۾ ملاشور بازار گهڻو حصو ورتو. تاريخ شاهد آهي تـه هشيار سياستدانن مذهب کي سندن ذاتي ۽ طبقاتي مفاد لاءِ رانديڪو ڪري پي ڪتب آندو آهي.

سال ١٩٢٨ع

گذريل سال وانگر شاهه حيدر عليه رحمت جي عرس جي موقعي تي محال مانجهندن جي تنظيمي ۽ تعليمي ڪانفرنس جو ٻيو اجلاس ٢٨-٢٩ جنوريءَ تي گهرايو ويو.

جتي مڪـاني ماڻهن ڪـانسواءِ ٻاهريان مـاڻهو، هيـٺين نالن وارا اچي شريڪ ٿيا

(١) مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻي (٢) مولوي محمد عثمان صاحب دهلوي (٣) سيدميان پير شاهه سجاده درگاره قلندر شهباز سيوهاڻي (۴) مسٽر حاتم علوي (۵) سيد ميان پير شاهه صاحب محراپپور (٦) سيد ميران محمد شاهه - حيدرآبادي (٧) مسٽر شيخ عبدالحق ائڊمنسٽريٽو آفيسر

سڪولبورڊ ڪراچي (٩) شيخ عبدالمجيد صاحب سنڌي (١٠) سيٺ طيب علي علوي (١١) سيد شاهنواز شاه - ٺٽو (١٢) وڏيره محمد عثمان سومرو - ٺٽو (١٣) مسٽر جـ الدين بخاري وغيره

انهي جلاس ۾ محال مانجهندن جي ترقي لاءِ رٿون سوچيون ويئون. ٺهراء پاس ڪيا ويا.

ميرزا قليچ بيگ صاحب جي نالي تي هڪ وڏي ٺهرايل دروازي جو افتتاح ڪيو ويو. انهي جو تفصيلوار احوال ڊائريءَ جي باب مان ملي سگهندو.

ميرزا صاحب پاڻ ڪئرنفسيءَ ڪري شريڪ نه ٿيو، هي پهريون دفعو هو جڏهن سنڌ ۾ هڪ اديب جي قدر افزائيءَ لاءِ ڪنهن عمارت تي نالو رکيو ويو هجي. سال جو اول ضلع لوڪلبورڊ جي اختلافن، تعلقہ مانجهندن جي تنظيم جي ڪمن ۾ صرف ٿيو.

جولائي ڪان لوڪلبورڊ جي نين چوندن جي تياري ٿيڻ لڳي، گذريل ٽي سال مخالفت ۾ رهڻ ۽ تعلقہ لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽ هئڻ سبب چڱو تجربو پرائي چڪو هوس. ضلع جي مکيہ ڪارڪن جون هاڻ مون ۾ اميدون هيون. انهن طرفان مون کي ديوان شيوارام جي مقابلي ۾ ڪڙي ڪرڻ جون تياريون ٿيون.

البت سرڪاري ميمبرن، ڪمزور زميندارن، آفيسرن جي دست اندازي جو گهڻو خطرو هو.

انهيءَ عرصي اندر ضلع جي باهمت ڪارڪن سيٺ محمد جعفر خواجہ کي لغاري ڀروچن ۽ آفيسرن ڪيسن ۾ اٽڪائي آئنده لوڪلبورڊ ۾ اميدوار بيهارڻ ڪان رنڊڪ وجهي ڇڏي هئي.

چوندن کي نزديڪ ڏسي، پنهنجي طرفدار ميمبرن جو تعداد وڌائڻ لاءِ تياري ڪئي ويئي. محال مانجهندن جي تڪ مان، جتان آئون بنا مخالفت جي اميدوار چوندجي ايندو هوس. مون پنهنجي ڪاتي جي زمين بدلائي سيٺ طيب علي علويءَ جو نالو ووٽرن جي لسٽ ۾ داخل ڪرائي ڇڏيو هو. نامينيشن پيپر ٣١ جولائي تي ڀريا ويا. آءٌ جهرڪن جي تڪ مان اميدوار بينس. مقبول شاه ڪوٽڙي تڪ مان ۽ سيٺ طيب علي علويءَ کي مانجهندن تڪ مان اميدوار بيهاريو ويو. اهڙي طرح ساري ضلعي ۾ اسان ۽ ديوانن، طرفان اميدوار بيهي ويا. ديوانن طيب علي خلاف رئيس فقير بخش خان

ڪاڇيءَ ڪي اميدوار بيهاريو.

اڳئين جلد ۾ ٻڌائي آيو هوس تہ ڪيئن آفيسرن ڪيس ١١٠ قلم هيٺ سزاياب ڪرايو هو. هاڻ ديوانن ڪيس دلاسو ڏنو تہ هو ڪيس آفيسرن سان ٺاهي، رڪارڊ ٺيڪ ڪرائي ڇڏيندا، ان ڪري هو بيهي رهيو پر اسان سان تعلقات اهڙا گهاٽا هئس جو مجبور ڪري ڪيس هٽ ڪٽايو ويو.

جهرڪن مان منهنجي خلاف ميان علام محمد خان جاڪري ڪي ديوانن اميدوار بيهاريو پر ان کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس.

١١- سپٽمبر ١٩٢٨ع ڌاري ساري ضلعي جي چونڊن جو نتيجو ظاهر ٿيو. اول ۾ ضلع لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽيءَ لاءِ ٽي اميدوار بيٺا.

١- راءِ بهادر شيوارام ڏيون مل ٢- سيد شاهنواز شاه - ٽتہ ٣- آءٌ

سگهوئي مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻي ۽ ٻين دوستن جي وچ ۾ پوڻ ڪري سيد شاهنواز شاه ۽ منهنجي وچ۾ سمجهوتو ٿي ويو. هن کي ضلع سڪولبورڊ جي چيرمني تي چونڊائڻ جي وعدو ڏئي هٽ ڪٽايو ويو. باقي آءٌ ۽ راءِ بهادر اميدوار وڃي رهياسون.

٢٢- آڪٽومبر ١٩٢٨ع تي ضلع لوڪلبورڊ اڳواٽي بورڊ جي ميٽنگ ٿي. راءِ بهادر شيوارام. قاضي عبدالرحمان ايڊيٽر الوحيد کي سندس ڪيل خدمتن جي عيوض ۾ چيف آفيسر چونڊائڻ لاءِ نالو پيش ڪيو. مير ايوب خان ۽ حاجي عبدالرحيم شاه وغيره سندس راءِ بهادر سان ڪيل مدد ڪري خلاف هئا پر مولوي فتح محمد صاحب ۽ شيخ صاحب عبدالمجيد جي اثر ڪري، مون ڪيس مدد ڪئي. آفيسر اڳ ۾ منجهانس راضي هئا، تنهن ڪري چيف آفيسر چونڊجي ويو.

آخر ١٢ نومبر ١٩٢٨ع تي پريزيڊنٽيءَ جي چونڊ ٿي، ان ۾ آءٌ ضلع لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ چونڊجي ويس. ان بابت تفصيل ڊائريءَ جي باب مان معلوم ٿي سگهندو.

وائيس پريزيڊنٽ مسٽر الاهہ بخش گبول چونڊيو. افسوس اهو هو تہ ضلعي جو نهايت برجستو ڪارڪن سيٺ محمد جعفر خواجہ مسٽر گبسن ڪليڪٽر ڪراچيءَ جي دشمني سبب نئين بورڊ لاءِ ميمبر چونڊجي نہ سگهيو.

چونڊجڻ بعد مون، محال منانجهندن جي ڳوٺ سڌار تحريڪ جي دائري کي وسيع ڪري ساري ضلع ۾ رائج ڪرڻ شروع ڪيو.

سال ١٩٣٩

ڪراچي ضلعي اندر ڳوٺ سڌار تحريڪ شروع ڪرڻ لاءِ جنوريءَ جي پهرين تاريخ، مون هڪ خط مسٽر جمشيد ميهتا ۽ ٻين هيٺين مکيہ ملڪي ڪارڪنن کي موڪليو.

١- سوامي گووند آنند ٢- مسٽر رستم کي سڌوا ٣- خان بهادر ولي محمد حسنعلي ۴- شيخ عبدالمجيد سنڌي ٥- راءِ صاحب مينارام اجيت سنگهہ ٦-سيد حاجي عبدالرحيم شاه ٧- مسٽر نارائنداس انند جي بيچر ٨- مسٽر تاج محمد مئنيجر ڪڏه يتيم خانہ ٩- سيٺ حاجي عبدالله هارون. ١٠- مسٽر غلام علي چاڳلا ١١-مسٽر حاتم علوي ١٢- بابا مير محمد بلوچ ١٣- مسٽر تارا چند لالواڻي ١۴- جهانگير پٽيل ڪي ١٥- مسٽر چيٽمل پرسرام ١٦- ڊاڪٽر عمربن محمد دائود پوٽو ١٧- مس پگٽ ١٨- مسٽر پرمانند پريزيڊنٽ نئي ميونسپالٽيءَ کي واسطيدار آفيسر.

جهڙوڪ- مسٽر چانڊومل هوتچند- ڊي سي نئين. ميرزا منوچهربيگ ڊي.سي شاهبندر، مسٽر محمد حافظ ڊي.سي. ڪوٽڙي، شيخ عبدالحق ائڊمنسٽريٽو آفيسر سڪولبورڊ ڪراچي لوڪلبورڊ. مسٽر گدواڻي ائڊمنسٽريٽو آفيسر ڪرچي ميونسپالٽيءَ ٻيا.

”منهنجي گهڻي وقت کان خواهش پئي رهي آهي تہ ڳوٺن جي سڌاري لاءِ کي تجويزون رٿي، قومي ڪارڪنن جي مدد سان کو قدم کڻجي.

ڳوٺن ۾ تعليم جي گهٽتائي، تندرستي ۽ صحت جي واڌاري جو انتظام نہ هئڻ، ڳوٺن جي گهرن، گهٽين وغيره جو غير سينٽري هئڻ، رستن جي زبون حالي. زالن جي ڪسمپرسي، هارين، مالدارن، مزدورن جي غربت وغيره. اهڙا مسئلا آهن جن ملڪ جي هر گهٽگهري جو توجهہ لهڻو.

هن وقت جڏهن ضلع لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽي منهنجي هٿ ۾ آئي آهي تہ ان جهوني تمنا کي پوري ڪرڻ واسطي ضلع اندر قدم کڻڻ چاهيان ٿو. جنهن لاءِ مونکي اوهان جهڙن تجربيڪار ۽ قومي ڪارڪنن جي مدد ۽ مشوري جي ضرورت آهي. ان واسطي هيٺ ذڪر ڪيل ڳالهين بابت اوهان جي مشورن جي ضرورت محسوس ڪري، هي خط موڪليان ٿو. اميد اٿم تہ اوهان مفيد تجويزون موڪلڻ جي نوازش فرمائيندا.

اوهان جي جواب اچڻ تي ضلع جي مکيہ ڪارڪنن جي ڪانفرنس ڪوٺائي پروگرام ٺاهي ڪم شروع ڪبو.“

١- ڳوٺن ۾ زالن ڪي گهرن جي صفائي، ٻارن جي تربيت، ويم جي نون طريقن سيکارڻ لاءِ تجويزون سوچڻ.
٢- هرين ڪي منظم ڪري سندن اقتصادي ۽ سماجي حالت بهتر بنائڻ لاءِ رٿون رٿڻ
٣- مالدارن ڪي منظم ڪري سندن اقتصادي ۽ سماجي حالت بهتر بنائڻ لاءِ رٿون رٿڻ.
۴- ميربحرن ڪي منظم ڪري سندن اقتصادي ۽ سماجي حالت بهتر بنائڻ لاءِ رٿون رٿڻ.
۵- ڳوٺن ڪي بهتر بنائڻ لاءِ پئنچاتي نظام ذريعي ڪم ڪرڻ.
٦- ڳوٺاڻن ڪي ٻاهرين دنيا سان روشناس ڪرڻ لاءِ نشري انتظام جو بندوبست .
٧- چوپايي مال جي سڌاري، واڌاري ۽ حفاظت لاءِ تدبيرون سوچڻ.
٨- سماجي براين جهڙوڪ ننڍپڻ جي شادين، فضول خرچ، رسم، رواجن دور ڪرڻ لاءِ بندوبست ڪرڻ.
٩- ڳوٺ ۾ رستن، اسڪولن، مسافرخانن، کوهن، اسپتالن ۽ تفريح گاهن لاءِ تجويزون ڳاهڻ.
١٠- مڪاني ۽ ديسي هنرن کي زور وٺائڻ.
١١- ڪواپريٽو تحريڪ ذريع ڳوٺاڻن جي مالي مدد ڪرڻ جو انتظام ڪرڻ .
١٢- نشيدار شين جي واهپي جي بندش لاءِ ڪوشش ڪرڻ."

انهيءَ خط جو ڪيترن ڪان جواب نہ آيو. ليڪن ڪيترا اهڙا صاحب هئا. جن خط کي، بجاءِ هڪ نوجوان جي غير عملي تجويزن جو مسودو سمجهي ردي ٽوڪري ۾ اڇلي ڇڏڻ جي، منهنجي همت افزائي ڪري مفيد مشوره ڏنا.

جن مان مکيہ ١- مسٽر جمشيد نسروانجي ٢- خانبهادر ولي محمد حسنعلي ٣- شيخ عبدالحق ۴- سوامي گووند آنند ۵- حاجي عبدالله هارون ٦- شيخ عبدالمجيد سنڌي ٧- مس پگٽ ٨- مسٽر چيتمل پرسرام ٩- مسٽر رستم سڌوا ١٠- حاجي عبدالرحيم شاه ١١- سيٺ محمد جعفر خواجہ ۽ جهانگير پنٿڪي هئا.

انهن خطن ۾ ذڪل مشورن کي مختصر طرح پيش ڪرڻ لاءِ بہ جدا

ڪتاب جي ضرورت ٿيندي. تنهنڪري ان جو بيان ڪرڻ ضروري نٿو سمجهان. ليڪن انهيءَ بنياد تي هڪ ايجنڊا تيار ڪري ٩- فيبروري ١٩٢٩ع تي پنهنجي بنگلي تي هڪ ميٽنگ گهرايم، جنهن ۾ ۴٠ ڪن مکيه قومي ڪارڪنن شرڪت ڪئي. انهيءَ ميٽنگ جي ايجنڊا تي رکيل تجويزن جو تفصيل ڊائري جي باب مان معلوم ٿي سگهندو. ان ميٽنگ ۾ هڪ "ڳوٺاڻي تعمير جي جماعت" جو بنياد وڌو ويو. مسٽر جمشيد ميهتا کي ان جو چيرمن چونڊيو ويو ۽ مون کي ان جو سيڪرٽري ڪيائون. سيٺي آيل صاحبن سندن مدد جو وعدو ڪيو.

ان کان پوءِ هميشه وانگر سن ۾ شاه حيدر عليه رحمت جي ميلي جي موقعي تي سيد ولي محمد شاه سيوهاڻيءَ جي صدارت هيٺ تنظيمي ڪانفرنس جو اجلاس ڪنو ٿيو. جنهن ۾ ڪيترا نهراءَ پاس ڪيا ويا. ساليانه ڪم جي رپورٽ پيش ڪئي ويئي، ايندڙ سال لاءِ ڪم جو پروگرام ٺاهيو ويو. تفصيل ڊائريءَ جي باب مان ملي سگهندو.

٢١- جنوري ١٩٢٩ع تي ضلع لوڪلبورڊ حيدرآباد جي پريزيڊنٽيءَ جي چونڊ هئي، ان تي هڪ به ڏينهن اڳ سيد ميران محمد شاه جي مدد لاءِ ويس، جتي پريزيڊنٽ ميران محمد شاه ۽ وائيس پريزيڊنٽ مسٽر چوهڙمل چونڊيا.

سگهوئي پير بقادار شاه متيارين وارو ضلع لوڪلبورڊ اسڪولبورڊ حيدرآباد جو چيرمين چونڊيو.

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته "بندي جي من ۾ هيڪڙي خالق جي ٻي."

هيٺ آءٌ انهن سياسي سازشن جو ذڪر ڪندس جن جي ڪري ڳوٺاڻي پروگرام جو ڪم روڪجي پيو ۽ منهنجي لوڪلبورڊ پريزيڊنٽيءَ جو دور مشڪلاتن جي منهن ۾ اچي ويو. انهيءَ ڳالهه تي روشني وجهڻ لاءِ ذرا تفصيلوار سرگذشت جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان.

مٿي لکي آيو آهيان ته ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽيءَ لاءِ سيد شاهنواز شاه نٿي وارو به اميدوار هو. قاضي عبدالرحمٰن چيف آفيسر ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ۽ خانصاحب الهه بخش خان گبول سندس دوست هئا. هي ٽيئي وري مسٽر ڊسلوا ڪراچي ضلع جي ڪليڪٽر جي پرسنل اسٽنٽ جا سنگتي هئا.

مسٽر ڊسلوا هڪ هشيار ۽ ياررويس عملدار هئڻ ڪري، ڪليڪٽر

مسٽر گبسن جو خاص پيارو هو. ان ڪري هن جو ضلع ڪراچي جي افيسرن ۽ زميندارن تي اثر هوندو هو.

پهرين هن گروهه طرفان ڪوشش ٿي ته شاهنواز شاه کي پريزيڊنٽ چونڊايو وڃي. ليڪن سيد حاجي عبدالرحيم شاه ۽ ٻيا مڪيه ميمبر منهنجي فائدي ۾ هئا.

راءِ بهادر شيوارام ۽ مسٽر ڊسلوا جو ڪن ڳالهين تان اختلاف ٿي پيو هو. هنن کي ڊپ هو ته جي شاهنواز شاه لاءِ هرو ڀرو ڪوشش ڪندا ته وري راءِ بهادر چونڊجي ويندو، ان ڪري مجبور ٿي منهنجي مدد ڪيائون.

قاضي عبدالرحمان کي پنهنجي علم، هشياري، آفيسرن ۾ دست رسي، ڪيترن ميمبرن سان سنگت ڪري، ويساهه ويٺل هو ته منهنجي انگريزي علم جي گهٽتائي، پيسي جي ڪوتاهي، ڪامورن سان ڪانگريسي خيالن ڪري اختلاف ڪري، هو ساري ڪاروبار تي حاوي ٿي ويندو ۽ آءٌ سندس هٿ ۾ رانديڪو ٿي لوڪلبورڊ جو ڪم هلائيندو رهندس.

سيد شاهنواز شاه جي والد سيد نجف علي شاه، وفاتيءَ وقت چڱو پيسو ۽ آباد زمين ورثي ۾ ڇڏي هئي. شاهنواز شاه تعليم ۾ مون کان زياده پڙهيل هو. هو وڏين سڌن سان سياسي ميدان ۾ داخل ٿيو هو. اسڪولبورڊ جي چيرمنيءَ هيٺ سندس مستقبل جي ترقيءَ لاءِ ڏاڪو شمار ڪري ڪم ڪرڻ لڳو هو.

انهي نقط نگاه کان هن هڪ وڏو بنگلو سيٺ آدم سومارجو عمدي باغ سان ڪرايه تي وٺي منجهس عمده فرنيچر وجهي، ڊاج ڪار رکي ڪراچيءَ ۾ رهڻ شروع ڪيو.

قاضي عبدالرحمان چيف آفيسر به وٽس رهندو هو. خانصاحب گبول صبح شام اتي ايندو هو. منهنجي جڳهه سندن پير ۾ هئي. موٽر ڪونه هوم. شاهنواز شاه وانگر خرچ ڪري نٿي سگهيس.

مون سائڻ دوستانه تعلقات رکڻ گهريا. ليڪن طبيعتن جا لاڙا ۽ مذاج مختلف هئڻ ڪري اهي تعلق گهاٽا ٿي نه سگهيا.

هنن جو ڪراچي ڪلب، آفيسرن جي دوستي، عيش عشرت ۽ ڪاڏي پيتي طرف زياده لاڙو هو.

آءٌ صوفيانه طبيعت جو ماڻهو. سادي زندگي بسر ڪرڻ تي هريل، ڪاڏي پيتي ۽ عياشيءَ کان پري، گنيرائي ڏي مائل، خرافاتي ماحول کان

گوشہ ڪندڙ. مسٽر جمشيد ميهتا، غلام علي چاڳلا، مولوي فتح محمد سيوهاڻي، شيخ عبدالمجيد ۽ حاتم علوي جهڙن مخلص ۽ لائق بزرگن جي صحبت ۽ مجلسن جو هيراڪ هوس. صرف لوڪلبورڊ جي تعلقات ۽ وقتي مصلحتن خاطر هنن سان تعلقات قائم رکيو آيس.

وڏيڪ احوال ڊائريءَ جي باب ۾ ذڪر ڪيل ڪن مجلسن جي ذڪر مان معلوم ٿي سگهندو.

آءٌ روزانو آفيس ۾ وڃڻ لڳس، بگيءَ ۾ چڙهي اتي ويندو هوس.

چيف آفيسر صاحب ڊاج موٽر ۾ چڙهي ايندو هو. ڪجهہ وقت واندو وهڻ بعد ٻہ چار ڪاغذ چيف آفيسر ملاحظ لاءِ موڪليندو هو. باقي سمورو ڪم پاڻ نيڪال ڪندو هو. جڻ تہ آئون صغير پريزيڊنٽ هوس هو ريجنٽ (سربراه) چيف آفيسر هو.

راءِ بهادر شيوارام جي ڏينهن ۾ سارو انتظامي ڪاروبار پريزيڊنٽ هلائيندو هو. چيف آفيسر سيڪرٽري طور ڪم ڪندو هو.

قاضي صاحب عهدن بدلجڻ بعد اهو رخ اختيار ڪيو تہ چيف آفيسر، مکيہ انتظامي آفيسر هو. پريزيڊنٽ جو صرف لوڪبورڊ ميٽنگن سان واسطي رکندڙ ڳالهين سان واسطي هو.

انهيءَ روش اختيار ڪرڻ لاءِ سندس تعليمي لياقت، آفيسرن جي دوستي ۽ هشيار ميمبرن جي پشت ڪارڻ بنيا هئا.

ميمبر ۽ عام ماڻهو اڳين دستور موجب پريزيڊنٽ وٽ ايندا هئا. جڏهن ڪين چيف آفيسر ڏي موڪليندو هوس تہ هو ڪين ذهن نشين ڪندو هو تہ اختيار سندس هٿ ۾ هئا. پريزيڊنٽ جي معرفت وٽس اچڻ ۾ ڪوبہ فائدو ڪونہ هو. مون انهن سيني ڳالهين تي ابتدا ۾ صبر کان ڪم ورتو. مقررين، موقوفين، بدليون وغيره ڳالهيون، سڀ سياسي اقتدار لاءِ ڪار آمد هيون.

مون کي ڳوٺاڻي تعمير جو جنون دماغ ۾ ويهي ويو هو، ان ڪري انهي ڪم ۾ مشغول رهڻ غنيمت ڄاتم. ليڪن بدقسمتيءَ سان انهي جي تعبير جدا ڪئي ٿي.

هن ان تحريڪ اندر منهنجي اقتدار جو وڏڻ ڏنو ٿي.

سياست ۾ گهڙڻ لاءِ منهنجا ۽ هُن گروه جا مختلف نظريا هئا.

منهنجو ان مان خدمت خلق ۽ روحاني ترقي مقصد هو، هنن جو ذاتي اقتدار ۽ مادي ترقي مقصد هو. انهيءَ نظرياتي تصادم ڪ ي معاملو درست

ٿيڻ جي عيوض ويو ويتر منجهندو.

هنن منهنجي تجويزن کي بي عمل. سستي شهرت حاصل ڪرڻ جو ذريعو سمجهيو ٿي. ان ڪري آفيسرن کي ذهن نشين ڪيائون تہ اهو پروگرام ڪانگريس جي ڳوٺاڻي تعمير جو جزو هو. جنهن جو اصل مقصد، عوام سان لاڳاپا پيدا ڪري انگريزن جي مخالفت ڪرڻ هو.

چي اهي ڪلڪتہ ڪانگريس ۾ پاس ٿيل ٺهراءَ جو حصو هئا، جن ماڻهن جي مدد سان مون ڪم ڪرڻ گهريو ٿي تن مان گهڻو حصو بہ ڪانگريس ڪارڪنن جو هو. چيف آفيسر، ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽ کي ڪائونسل جي اسپيڪر وانگر صرف وقتي صدارت ڪرڻ ۽ انهي سان واسطي رکندڙ معاملن جو اختيار ڏيڻ ٿي گهريو. لوڪلبورڊ ايڪٽ موجب پريزيڊنٽ ضلع لوڪلبورڊ جو مکيہ ايگزيڪيوٽو عملدار هو، لوڪلبورڊ ۾ راءِ بهادر جي ڏينهن ۽ ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي پريزيڊنٽن جا مثال اکين اڳيان هئم. ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ايڪس آفيشو ميمبر بہ هوس.

آءٌ قاضي صاحب کي اڳي کان وڌيڪ اختيار ڏيڻ لاءِ تيار هوس پر هو ان تي رضامند نہ ٿيو. هن لوڪلبورڊ جو مختيار ڪل ٿي رهڻ گهريو ٿي. نيٺ آهستہ آهستہ ٿي شڪر رنجي پيدا ٿيڻ لڳي. مون ڪجهہ مصلحت ۽ ڪجهہ تعلقاتن ڪري معاملي کي وڌائڻ نٿي گهريو پر هر ڳالهہ جي حد ٿيندي آهي. آخر دوستن ۽ بزرگن جي صلاح مشوري بعد مون ڪجهہ ڏند ڏيکارڻ شروع ڪيا.

آفيس ۾ حڪم موڪليم تہ پريزيڊنٽ جي نالي ۾ ايندڙ ٽپال مونڏي موڪلي وڃي. ان تي چيف آفيسر ناراض ٿي، ننڍا وڏا ويندي ڊڪن جي رنرن سوڌا ڪاغذ مونڏي موڪلڻ لڳو. ٻي طرف آفيسرن، ميمبرن ۽ دوستن وٽ شڪايت ڪرڻ لڳو تہ پريزيڊنٽ هن کان سڀ ڪم کسي ڇڏيو آهي. هاڻ بهتر اهو ٿيندو تہ ڪو ڪلارڪ رکي ڪم هلائي، هيڏي پگهار واري چيف آفيسر رکڻ جي ضرورت نہ هئي.

سيد شاهنواز شاه کي مون پاڻ ڏي ڇڪڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر هو نوجوان، پيسي وارو، مستقبل جا خواب ڏسندڙ، رنگين صحبت جو شائق هئڻ ڪري پنهنجي سياسي رقيب، خشڪ طبع، ساڌو ۽ آفيسرن وٽ نابسند پيل ماڻهوءَ سان پلو اٽڪائڻ لاءِ تيار نہ هو. تنهنڪري انهيءَ صحبت

جي چار ۾ ڦاٿو رهيو. اڳتي هلي ڪيس انهي لاءِ وڏي قيمت ڏيڻي پيئي.
شاه صاحب نجف علي شاه جو ڄڏيل نقد پيسو ۽ ساليانـ پيدائش ڪراچيءَ جي رنگين صحبت جي تقاضائن جو بوجو گهڻو وقت برداشت ڪري نـ سگهيا. انهيءَ جو احوال اڳتي ايندو. پر ان وقت شاه صاحب نـ ڀڄو.
مارچ جي آخر ڏاري حالت اها وڃي بيٺي تـ ديهاتي پروگرام ۽ لوڪلبورڊ ڪاروبار ۾ چيف آفيسر، سنڌس دوستن ۽ آفيسرن جي عدم تعاون گهٽيون رنڊ ڪون وجهي ڇڏيون هيون.
مارچ ۾ ٿيندڙ سماهي لوڪلبورڊ جي ميٽنگ ۾ ان جو ڪليو اظهار ٿيو ١٠- تاريخ اپريل ١٩٢٩ع کان مون ضلع جي گشت جو لنبو پروگرام رکيو. جنهن مان منهنجو مقصد، ضلع جي رستن، کوهن، مسافر خانن، سڪولن، ڳوٺن، عوام جي اقتصادي، معاشرتي حالت معلوم ڪرڻ، عوام تائين ڳوٺائي هلچل جو پيغام پهچائڻ ۽ ساڻن رابطا قائم ڪرڻ هو.
قاضي عبدالرحمن چيف آفيسر ۽ سندس سنگتي مخالف ٿي چڪا هئا تن انهيءَ گشت کي منهنجي عوام ۾ مقبوليت جو پيش خيم سمجهي، ان کي ناڪام بنائڻ لاءِ سٽون سٽڻ شروع ڪيون. عام ماڻهن جي واقفيت، وقت جي پابنديءَ خاطر پروگرام ۾ ڏينهن وار مفصل ڪارگذاريءَ جو ذڪر ڪيل هو.
لوڪلبورڊ عمارتن تپاسڻ، ماڻهن سان ملاقات ڪرڻ، ڳوٺن ۾ وڃڻ، رستا ڏسڻ، ميٽنگن وغيره جو ڪلاڪ وار ذڪر ڪيل هو.
هن گروه ڪليڪٽر ڪراچي مسٽر گبسن (جو خودسر ۽ بددماغ انگريز عملدارن مان هو) تي ذهن نشين ڪيو تـ خودڪليڪٽر يا ڪمشنر بہ اهڙا تفصيلوار پروگرام نـ ڪيندا آهن سواءِ گورنر ۽ وائسراءِ جي. منهنجي اهڙي پروگرام ڪڍڻ مان ڳوٺائن تي اثر ۽ رعب وهارڻ جو مطلب هو.
ازانسواءِ گشت ۾ ميٽنگون ۽ جلسا ڪرڻ مان ڪانگريس جي پرچار مقصد هوم. مسٽر گبسن دٻاءُ ۽ تشدد جي پاليسيءَ کان مشهور هو. هو انهن عملدارن مان هو، جن آزاد خيال هندوستانين کي هيسائي انهن مان آزاديءَ جو روح فنا ڪرڻ پنهنجو پيشو ڪري رکيو هو.
حيدرآباد ۾ ڪانگريسين مٿان سختي. سيٺ محمد جعفر خواجہ کي ناحق ڪيسن ۾ اٽڪائڻ، سندس ڪارنامن جا ڪي مثال هئا.

ان جڏھن پروگرام ڏنو تہ سخت مشتمل تي ويو.
مثال خاطر پروگرام مان ھڪ تاريخ جو ٽڪر پيش ڪجي ٿو:

١٠- تاريخ اپريل - ١٩٣٩ع.

"صبوح جو ٩ بجہ ڪراچيءَ مان نڪري ابراھيم حيدريءَ پھچبو- ١٠ڪان ١١ بجي تائين ڳوٺ ۾ رھي ماڻھن سان احوال ڪري حالتن جو جائزو وٺي. اتان نڪري ريڙھي ڳوٺ ۾ ١١ ڪان ١٢ بجي تائين رھبو. اتي لوڪلبورڊ عمارتون ڏسي- مڪاني مير بحرن جا احوال وٺي، ڳوٺ جي حالت ڏسي ۽ ڏسي ١ بجي لانڍي پھچي اتي ڌرمسالہ، بنگلہ، فارم. ڪوھہ ڏسي ماني کائي، آرام ڪري ٤ بجہ شام جو نڪري رستا عمارتون ڏسندو، ملير ۾ آسو ھندو ڳوٺ جي سڪول ۾ منعقد ٿيل جلسہ ۾ ڊائلاگ ڏسي، عام ماڻھن کي خطاب ڪبو.

پوءِ ماڻھن کان سندن شڪايتن ۽ گھرجن جا حالات معلوم ڪري، موٽي اچي لانڍي جي لوڪلبورڊ بنگلي ۾ ماني کائي آرام ڪبو"

اھڙي طرح ساري مھيني لاءِ پروگرام ٺھيل ھو.

گشت ۾ مون سان ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ اورسير مسٽر نارائنداس، ڊويزنل اورسير مسٽر ھاسومل، سڪولن جو سپر وائيزر مسٽر عبدالرسول سومرو ۽ ٻيا عملي جا ماڻھو ھئا.

پبلڪ جي قومي ڪارڪنن مان مسٽر حاتم علوي ھو.

جلسن جو انتظام عام ماڻھن ۽ اسڪول ماسترن تي ڪيو. رٿ ھئي تہ اھڙن جلسن تي ٿيندڙ خرچ جو اڌ خرچ عام ماڻھو چندي مان ڪندا، باقي رقم لوڪلبورڊ طرفان ڏني ويندي. جنھن لاءِ ضلع لوڪلبورڊ ٺھراءَ ذريعي ٧٠٠ روپيہ منظور ڪيا ھئا.

آفيسرن جي گشت وقت اھو دستور ھوندو آھي تہ ننڍي عملي ۽ دفتر، مڏي جو خرچ امپريسٽ اڪائونٽ مان ڪري پوءِ بل ٺاھي پيسا وٺي ان جو پورائو ڪيو ويندو آھي. حقيقت ۾ امپريسٽ اڪائونٽ رکڻ جو مقصد ئي اھو ھوندو آھي.

ڊسٽرڪٽ اورسير ھميشہ جي دستور موجب اڪائونٽنٽ، چيف آفيسر ۽ پريزيڊنٽ جي اجازت سان امپريسٽ اڪائونٽ مان پيسا پاڻ سان کنيا. ليڪن چيف آفيسر، منھنجي گشت ۾ وڃڻ بعد پويان ڪليڪٽر کي وڃي چيو تہ بي قانوني طور پريزيڊنٽ گشت لاءِ پيسا ڪڍائي ويو آھي.

ان تي شهرت ڪرڻ لاءِ ڪليڪٽر سندس پرسنل اسسٽنٽ کي لوڪلبورڊ آفيس ۾ جانچ لاءِ موڪليو. چيف آفيسر ڪيس بيان ڏنو ته امپريسٽ اڪائونٽ جا پيسا ڪٽل آهن جي پريزيڊنٽ بنا اجازت جي ڪڍائي ويو آهي، جڻ ته چيف آفيسر عملدار هو ۽ پريزيڊنٽ زيردست هو.

ڪليڪٽر صاحب سخت ڪاوڙيو. ان گشت ۾ مونڏي ليٽر لکي موڪليو:

” ته اوهان بيقاعدي پيسا لوڪلبورڊ آفيس مان ڪڍائي ويا آهيو اهي يڪدم موٽائي موڪليو ۽ گشت يڪدم بند ڪريو جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ان جو دائرو لوڪلبورڊ جي مقصدن ڪان ٻاهر ۽ سرڪاري پاليسيءَ جي خلاف هو. ڪراچي اچي مون سان ملو“

ٻي طرف مخالف گروه افواه ڦهلائڻ شروع ڪيا ته شاه صاحب ڪانگريس جو پرچار ڪري ٿو ۽ لوڪلبورڊ جا پيسا بي قاعدي ڪڍي ويو آهي. ان ڪري ڪليڪٽر صاحب ڪاوڙجي ڪيس جيل ۾ وجهندو وغيره.

آءٌ گشت ڪندي جڏهين نئي پهتس ته ڪليڪٽر جو ليٽر به اچي مون کي پهتو ۽ شاهنواز شاه طرفان ڦهلايل افواهن، دوستن کي انتظار ۾ وجهي ڇڏيو هو.

منصوبه ساز ماڻهن جو اهو پراڻو حربو آهي ته غلط افواهه ڦهلائي، مخالفن کي هيسائين. آءٌ عمر ۾ ننڍو هوس، لوڪلبورڊ جو چيف آفيسر مخالف هو. آفيسر مخالف هئا. ڪليڪٽر کي لوڪلبورڊ ايڪٽ ۽ ضلع عملدار هئڻ ڪري ڪيترا اختيار هئا.

ڪانگريس تحريڪ هلندڙ هئي ان جي آڙ ۾ هو ڪجهه به ڪري سگهيو ٿي.

سندس انتقامي جذبو ۽ آزاد خيال ڪارڪنن لاءِ نفرت زبان زد عام هيون.

ان ڳالهه مونکي ڳوڙهي غور ۾ وجهي ڇڏيو. هڪ طرف ڳوٺ سڌار هلچل جو خيال، عوام سان تعلقات پيدا ڪرڻ جي خواهش، ڳوٺن جي معلومات حاصل ڪرڻ جو جذبو ڪم ڪري رهيو هو.

ٻي طرف منتقسم مزاج عملدار جي مخالفت. چيف آفيسر ۽ سندس دوستن جي سازش جو ڊپ سامهون هو. ٻه راهي تي هوس يا ته مخالف جي سازشن ڪان پاڻ بچائڻ لاءِ سرتسليم خم ڪريان يا توڪل ڪري

مشڪلاتن کي منهن ڏيئي، جنهن مشن سان گشت شروع ڪيو هوم، ان کي پورو ڪريان.

اتي مون سان پيو ڪوبہ ماڻهو صلاح ونڻ جي لائق حاتم علويءَ ڪانسواءِ ڪونہ هو. مڪاني زميندارن کان صلاح ونڻ بيڪار هئي جو هنن کي عملدارن جي مخالفت ڪرڻ جي سُتي ڪانہ پيل هئي. خلافت تحريڪ جي ختم ٿيڻ ۽ ڪانگريسن جي ڪائونسلن ۽ لوڪلباڊيز ۾ گهڙي ڪم ڪرڻ بعد مون ارادو ڪيو هو تہ ڳوٺ سڌار هلچل واسطي آفيسرن جي همدردي حاصل ڪري ڳوٺن ۾ ڪم ڪندس.

انهي ڪري فيبروريءَ جي ميٽنگن ۾ ضلع جي ڏنهي ڊيپوٽي ڪليڪٽرن کي گهرايو هوم ۽ پنهنجي هر ڪاروائي ۽ تجويز کان ضلع جي عملدارن کي واقف ڪندو رهندو هوس.

مسٽر برائون ڊيپوٽي ڪمشنر ضلع گرگائون جوڳوٺ سڌارڪ هلچل بابت لکيل ڪتاب منهنجي نظر مان گذريو هو. مون سمجهيو هو تہ ان وانگر هتي بہ آفيسر منهنجي مدد ڪندا تنهن ڪري ان طرف کان مخالفت جو مون کي خواب خيال بہ ڪونہ هو. ليڪن هتي همت افزائي جي عيوض مخالفت ٿي. انهن حالتن ۾ فيصلو ڪرڻو هوم تہ ڪهڙو رستو اختيار ڪريان.

آخر حاتم جي مشوري سان ڪليڪٽر کي لکي موڪليم "تہ امپريسٽ اڪائونٽ جا پيسا پاڻ سان رکڻ ضلع عمدارن جي دستور موجب بي قاعدي نہ هئا پر جنهن صورت ۾ اوهان اعتراض ٿا ڪريو تہ اهي پيسا آفيس ۾ موٽائي موڪلجن ٿا.

پر آءٌ گشت بند نہ ڪندس. ان کي پورو ڪرڻ بعد اوهان کي اچي ملندس."

نتي مان خاتم صاحب ڳوٺائي تڪليفن ڪري موٽي ڳوٺ ويو. ان جي عيوض مولوي عبدالڪريم چشتي شڪارپور وارو ساڻ ڪنيم.

هن وقت تائين ٺٽي- ڊويزن جي چئن تعلقن، ڪراچي، ميرپور ساڪرو، گهوڙاباري ۽ ٺٽي جو گشت پورو ڪري چڪو هوس. جنهن جو مفصل احوال ڊائريءَ جي باب مان معلوم ٿي سگهندو.

هتي ڪراچي ضلع جي ڳوٺائي زندگي، مالي حالت، صحت، تعليم ۽ مڪاني هنرن بابت ١٩٢٩ع جي وقت جو احوال پيش ڪريان ٿو.

* ٺٽہ ڊويزن *

* آدمشماري اٽڪل *

١- ڪراچي تعلقہ ٤٠٠٠٠- ٢- ميرپور ساڪرو تعلقہ ٣٥٠٠٠-

٣- گهوڙا ٻاري تعلقہ ٢٥٠٠٠ - ٤- ٺٽہ تعلقہ ٨٠٠٠٠ -

ڳوٺن جي حالت نهايت خراب هئي، اڪثر گهر ڪکن جي جهوپڙن يا ڪچين لانڍين جا ٺهيل هئا. گهٽين ۾ گهرن اڳيان، مٽي، ڀاڻ، گندگيءَ جا ڍير لڳا پيا هوندا هئا.

ماڻهن جا ڪپڙا ڦاٽل ۽ ميرا هئا. منهن لٿل هئڻ ۽ بيمارين ۾ ورتل هئا. سنڌن کاڌو ڳاڙهن چانورن جي رُکي ماني يا لسي، کير سان هئي. سنڌن پيشو زراعت ڪانسواءِ فراسيون ۽ ٽوبرا ٺاهڻ، تڏا ۽ پکا جوڙڻ، مڇي مارڻ، مال ڌارڻ هئا. زميندارن جي حالت ڪجهہ بهتر هئي پر آباديءَ لاءِ پاڻي جي پوري انتظام نہ هئڻ ڪري، اهي بہ ڏتڙجي ويا هئا جنهن ڪري مالي مشڪلاتن ۾ غلطان هئا. چوپايي مال جي چوري عام هئي، ڪامورن جي رشوت، رسائي ۽ ظلم جون شڪايتون عام هيون.

پوءِ شاه بندر ڊويزن جي گشت تي ويس ان جا انگ اکر هيٺيان هئا.

شاهہ بندر ڊويزن

نمبر	تعلقہ	جملي ڳوٺ	لوڪل بورڊ اسڪول	مُلا اسڪول	سينيٽري ڪميٽيون	اسڪولن کانسواءِ ڳوٺ
١.	سجاول	١٣٠	١٠	١	١	١١٩
٢.	ميرپور بٺورو	١٦٣	١٣	٧	٨	١٤٣
٣.	جاتي	٣٧	٠٧	٤	٢	٠٢٦
٤.	شاهبندر	٤٠	١٤	٥	٤	٠٢١
ٽوٽل		٦٧٠	٤٤	١٧	١٥	٣٠٩

آدمشماري اٽڪل

١- سجاول ٣٢٠٠٠ - ٢- ميرپوربٺورو ٣٥٠٠٠ -

٣- جاتي ٢٧٠٠٠ - ٤- شاهہ بندر ٣٠٠٠٠ -

ڳوٺن جي حالت ساڳي هئي. البت سجاول ۽ ميرپوري بٺوري تعلقہ ۾ آبادي زياده هئڻ ڪري، ماڻهن جي مالي حالت ذرا بهتر ۽ پڪن ڳوٺن جو تعداد زياده هو.

اهو گشت ٢٨ - اپريل ١٩٢٩ع تي پورو ڪري ڪراچيءَ پهتس.

ٻي ڏينهن ٢٩- اپريل تي ڪليڪٽر ڪراچيءَ جي لکڻ مطابق ڪيس ملڻ ويس.

هن شرافت کي ڇڏي پڇيو تہ ڇو آيو آهين؟ جڏهن مون توکي لکيو تہ ڪونہ آئين. هاڻ توسان گفتگو ڪرڻ نٿو گهران.

پهريون دفعو اهڙي ذليل طبع انگريز سان واسطو پيو هوم.

خلافت تحريڪ جي زماني ۾ انگريزي حڪومت جي مخالفت ڪرڻ جي باوجود بہ مسٽر ٿامس ۽ هڊسن ڪمشنرن کي ملندو هوس. دل ۾ ڇا بہ هوندو هون هو نهايت مهذب نموني سان پيش ايندا هئا. هن وقت تہ حڪومت جي مخالفت بہ ڪانہ ڪئي هيم. ڳوٺ سڌارڪ تحريڪ جي ڪم سان ڳوٺن ۾ ويو هوس.

آءُ ضلع جو چونڊيل پريزيڊنٽ هوس. جنهن پنهنجي پاليسي بدلائي، عملدارن جي مدد ۽ همدرديءَ سان ڳوٺاڻي تعمير جو ڪم ڪرڻ گهريو ٿي.

سنڌس رويي منهنجي طبيعت تي هڪ عجيب رد عمل پيدا ڪيو ٻاهر نڪرڻ بعد سارو احوال دوستن سان ڪيم. ان بعد فيصلو ڪيم تہ هن ڪليڪٽر سان ڪوبہ لاڳاپو نہ رکبو. انهيءَ ساري ڪارگذاريءَ لاءِ ڪليڪٽر ۽ چيف آفيسر ۽ سنڌس دوست جوابدار هئا.

ائڪٽ موجب لوڪلبورڊ ڪاروبار مٿان نظرداريءَ جا ڪي اختيار ڪليڪٽر کي هوندا هئا جي اڪثر غير معمولي حالتن ۾ ڪم آڻنا هئن. ليڪن گبسن صاحب جي تيڏين اکين ۾ هر شيءِ تيڏي ٿي نظر آئي. تنهن ڪري هي منهنجي مخالف گروه جو حامي بنجي پيو.

انهيءَ وقت ڪان وٺي، سارو لوڪلبورڊ پريزيڊنٽي جو عرصي باوجود رات ڏينهن بي لوث خدمت ڪرڻ ۽ پنهنجي ٿوري پيدائش کي صرف ڪرڻ جي، هڪ منظم سازش ۽ مخالفت جو شڪار ٿيڻ لڳس.

ڳوٺ سڌار تحريڪ بابت سارا رٿيل پروگرام رنڊجي پيا. هر وقت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو ٿي پيو. پر ان هوندي بہ همت نہ هاري حالتن کي منهن ڏيندو آيس.

۱۲- مئي مهيني ڏاري اختلاف وڏي ويا هئا. جن جو پڙاڏو ٻڌي سيد حاجي عبدالرحيم شاه سجاول واري هڪ خط موڪليو اهو هيٺ ان احوال تي روشني وجهڻ لاءِ ڏيان ٿو:

”من از بيگان گان هرگز نه نالم

ڪه باماه رچه ڪرد آن آشنا ڪرد

اوهان کي خدائي عطا ڪيل استقلال جي مبارڪ هجي. ڀيو ڪو هجي ها نه هيتري ڇڪتاڻ تي هوند بزدل ٿي پوي ها. اميد ته اوهان انهن مڙني تڪيلفن کان لنگهي وڃي پار پوندا. انهيءَ ۾ اوهان کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ شايد خدائي خواهش آهي. دشمن جا منهن اميد ته سياهه ٿيندا. وڏو چار پڪڙيل هو، هي خارمغيلان آهن انهن جو ذڪر نه ڪبو. اوهان کي سچ جي سندري مضبوط ڪيو آهي جو روزبروز مضبوط ٿيندو ويندو“

ان کان پوءِ ڪوٽڙي ڊويزن جو گشت شروع ڪري پورو ڪيم.

اهڙي طرح ڪليڪٽر ۽ سندس حوارين جي پرواهه نه ڪري سارو ضلع گهمي، ڳوٺ سڌارڪ هلچل جو پيغام، ضلع جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائي، عام ماڻهن سان سڌا تعلقات قائم ڪري، ضلع جي ٽڪري ٽڪري جي حال کان واقف ٿيس.

ان ڪليڪٽر جي ملاقات کان پوءِ منهنجي تقريرن ۾ باوجود محتاط هئڻ جي تلخي پيريل هوندي هئي. آفيسرن جي تعاون جو آسرو ختم ٿي چڪو هو.

انهيءَ وقت هڪ خط تاريخ ٢٦ جون ١٩٢٩ع تي ڳوٺ لکيم. اهو منهنجي ان وقت جي دلي تاثرات جي آئينه طور هيٺ پيش ڪريان ٿو:

”ڳوٺ کان گهڻو وقت ٻاهر رهڻ ڪري ائين نه سمجهڻ گهرجي ته عزيز خويش، ڳوٺ راڄ وسري ويا اٿم. پر هتي ملڪي خدمت جي جنون ۾ مشغول رهڻ ڪري خط پٽ ڪونه لکيو اٿم.

جيتوڻيڪ حالت اها آهي ته هتي خدمت جي عيوض مورڳو دشمنين جو شڪار بڻو پيو اٿم. عوام ۾ بيداري ڪانه آئي آهي. وتن ريون سڀ ٻوٽ ڪاريون آهن.

ليڪن انهيءَ ڪري دل شڪستو يا ناراض نه ٿيو آهيان. تاريخ اهڙن مثالن سان ڀري پيئي آهي. امير امان الله جو مثال اکين اڳيان آهي.

حافظ انهيءَ کي نظر ۾ رکي چيو آهي:

”نيست درين قوم خدا يا مددي
يا سيرم گوهر خود رانجريدار دگر“

انهن رنڌڪن ۽ مشڪلاتن هوندي به مون ان وقت ياڻ کي سماجي، ثقافتي، اقتصادي ۽ لوڪلباڊيز جي ڪمن ۾ اهڙو مشغول ڪري ڇڏيو هو، جنهن جو اندازو هيٺين مشغولين جي لسٽ مان پئجي سگهندو:

(١) ضلع لوڪلبورڊ جي جملي ڪاميٽين ۾ حصو وٺڻ ۽ آفيسرن ۽ آفيس عملي جي عدم تعاون ۽ رنڊڪن کي منهن ڏيڻ.

(٢) ڪراچي ميونسپالٽي جي اڪثري ڪيٽنگن ۾ حاضر رهڻ جي هفتہ ۾ به دفع ٿيندي يون هيون.

(٣) ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي گارڊن ۽ ميوزم ڪميٽيءَ ۾ ميمبر طور دلچسپي وٺڻ.

(۴) فري ميسن ٿي، ان جي ڪاروبار مان واقفيت حاصل ڪرڻ.

(۵) سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جي مکيہ ڊاريڪٽر طور انجي جملي ڪميشنن ۾ ڪم ڪرڻ.

(٦) ملير ڪوآپريٽو سوسائٽين جهڙوڪ- ڪريڊٽ، سيڊ ۽ سيل سوسائٽين ۾ ملير جي آبادگارن کي، سندن مالي مشڪلاتن کان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ڪم ڪرڻ

(٧) ڪراچي ضلع جّي ڳوٺ سڌارڪ هلچل جي سيڪريٽريءَ طور تحريڪ جي پيغام کي ڳوٺن تائين پهچائڻ.

(٨) ضلع ڪراچيءَ جي زميندار ۽ آبادگار ائسوسيشن جي سيڪرٽري جون خدمتون ادا ڪرڻ.

(٩) ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ ۾ داخل ٿي، ان جي مختلف شاخن يوٿ ليگ، ايسوٽيرڪ سيڪشن ڪوميسنري ذريعي جي معلومات وسيع ڪرڻ

(١٠) ڪوآپريٽو تحريڪ کي ڳوٺن تائين پهچائڻ ۽ اقتصادي سروي ڪرڻ لاءِ ڪراچي ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ جنهن جو چيرمين مسٽر جمشيد ميهتا هو، جو سيڪرٽري ٿي ڪم ڪرڻ.

(١١) سنڌ ۽ بمبئي ڪوآپريٽو انسٽيٽيوشن ۾ ميمبر طور ڪم ڪرڻ.

(١٢) انجمن ترقي اردوَ جي مئنيجنگ ڪميٽيءَ تي اردوءَ کي زور وٺائڻ لاءِ ميمبر ٿي ڪم ڪرڻ.

(١٣) سنگ مينز ائسوسيئشن ۾ دلچسپي ورتي، ان جي ميمبر ۽ صدر جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ.
(١٤) سنڌ مدرسي بورڊ تي ڪم ڪرڻ.
(١٥) مدرسه هاشميه سجاول جي ٽرسٽي طور ڪم ڪرڻ.
(١٦) سنڌ محمدن ائسوسيئشن ۾ ميمبر طور ڪم ڪرڻ.
(١٧) ڪانگريس ڪميٽي سن جو پريزيڊنٽ ٿي ڪم ڪرڻ.
(١٨) مسلم جيمخانه ڪراچيءَ جو ميمبر ٿي رهڻ.
(١٩) ايڊاريو بلائينڊ وئيلفيئر ائسوسيئشن تي ميمبر ٿي ڪم ڪرڻ.

انهي وقت ڌاري ڪيترا اهڙا مسئلا هئا جن بابت حڪومت تائين مسلمانن جي آواز پهچائڻ جي ضرورت محسوس ٿي ڪئي ويئي. هندن جي ترجماني لاءِ سنڌ آبزور اخبار موجود هئي. ڊيلي گزيٽ حڪومت جو طرف ٿي پيش ڪيو. ان ڪري ٨ جولائي تي علامر آءِ آءِ قاضيءَ جي جاءِ تي مسلمانن جي اخبار ڪولڻ لاءِ ميٽنگ گڏ ٿي پر سرمايي نه هئڻ ڪري، اهو سوال حل ٿيّ نه سگهيو.

انهيءَ وقت ڌاري، چند قومي ڪارڪن طرفان ڪوششون ٿي رهيو هيون ته مسلمانن جي هڪ سياسي جماعت قائم ڪجي. اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان ته اهڙي هڪ ڪوشش شيخ عبدالمجيد طرفان به ٿي هئي پر زميندار طبقه جي آزاد خيال سياستدانن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي ڊپ ڪان اها ڪامياب نه ٿي سگهي هئي. جولائي ۾ وري بابا مير محمد بلوچ ميٽنگ گهرائي پر اها به سنڌ جي زميندار مسلمانن جي نه اچڻ ڪري ڪامياب ٿي نه سگهي.

جولائي جي آخر ۾ مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻي کي عرض ڪيم ته مسجدن ۾ پراڻي قسم جي خطبن جي عيوض ڪي نئين قسم جا خطبا تيار ڪري.

هن صاحب انهيءَ ڪم جي سرانجاميءَ جو وعدو ڪيو پر عدم فرصتيءَ ڪري، ان وقت اهو ڪم پورو ڪري نه سگهيو.

انهيءَ وقت ۾ خانبهادر عظيم خان سنڌ ڪاآپريٽو کاتي ۾ ڊپٽي رجسٽرار ٿي ڪم ڪري رهيو هو. هن صاحب کي ڪوآپريٽو تحريڪ کي زور وٺائڻ جو جنون سر ۾ سمايل هو. ان ڪري هو مشنريءَ جي طرح رات

ڏينهن، ننڍ ڦٽائي ان ڪم ۾ مشغول ٿي رهيو. هن سنڌ ۾ ڪنهن ٻه ڪارڪن کي، جو سنڌس نظر ۾ انهي تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ ڪارآمد ٿي سگهيو ٿي، ملي حرص ڏيارڻ ۾ ڪوتاهي نه ڪئي.

مسٽر جمشيد ميهتا جي مدد سان هن سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ ڪراچيءَ ۾ قائم ڪئي هئي. اهڙي طرح زميندراي بئنڪون، سينٽرل بئنڪ جون برانچون، ڪوآپريٽو سوسائٽين جو ڄار، سنڌ ۾ پکيڙي ڇڏيو هئائين.

هو ياروپس، مهل سر ڪم اينڊڙ، مخلص ۽ ايماندار آفيسر هو. هن کي جڏهن خبر پيئي ته آءٌ هڪ نوجوان، محنتي ڪارڪن هوس ته هن مون کي سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جو ڊائريڪٽر ٿيڻ لاءِ چيو. سگهوئي مونکي ان تي چونڊاياائين. ان وقت بئنڪ جو چيرمين مسٽر جمشيد ميهتا هو.

ليڪن بورڊ تي اڪثريت هندو ڊاريڪٽرن جي هئي. مسلمانن کي ان طرف گهٽ توجهه هو. ان وقت وياج تي قرض ڏيندڙ اڪثري هندو هئا ۽ قرضي مسلمان آبادگار هئا.

هي ڪوآپريٽو سوسائٽيون ۽ بئنڪون، آبادگارن جي مدد لاءِ برپا ڪيل هيون. آبادگارن جو وڏو حصو هندن جي قرضن ۾ ڦاٿل هو. بئنڪ جي پاليسي باوجود مسٽر جمشيد ۽ خانبهادر عظيم خان جي ڪوشش جي، ڊاريڪٽرن آبادگارن جي فائدي لاءِ نٿي هلائي. ڇي ڊپازٽون هندن جون هيون اُن ڪري انهن جي حفاظت جي تقاضا هئي ته قرض ٻاهراڙي ۾ ڇٽا ڏجن ۽ جيڪڏهن ڪو سال پوک ٺيڪ نه ٿئي ته به زوريءَ وصوليون ڪجن وغيره. عنقريب سکر براج کلڻ وارو هو. هن بئنڪ کي سنڌ جي آبادگار طبقي لاءِ وڏو اهم پارٽ ادا ڪرڻو هو. ان ڪري هن مون سان مشورو ڪيو ته ان تي ڪارگر مسلمان ڊاريڪٽر چونڊائجن. ان لاءِ حاتم علوي، خانبهادر کهڙي، ميران محمد شاهه، خانبهادر غلام نبي شاهه، سيد نور محمد شاهه، ميرزا فرخ بيگ، خانبهادر الهه بخش، شيخ غلام محمد شڪارپور وغيره کي آهستي ڪري بئنڪ تي آڻڻ جو پروگرام ناهيو ويو جو ٻن سالن جي اندر مڪمل ڪرڻو هو. ازانسواءِ هڪ غير هندو مئنيجر رکڻو هو.

جيئن ته لياقت وارو مسلمان مئنيجر ملڻ مشڪل هو، ان ڪري مسٽر ڊنشا دستور کي آندو ويو.

خانبهادر تجربيڪار، ديرينو ڪارڪن هو. سو پروگرام کي آهستہ

آهستي مظاهري سان پوري ڪرڻ جي فائدي ۾ هو پر آءُ ان کي جلد عمل ۾ آڻڻ جي فائدي ۾ هوس. ان جو مختصر احوال ڊائريءَ جي باب مان ملي سگهندو.

انهيءَ طرح ساري ڪوآپريٽو تحريڪ کي درست ڪري آبادگار طبقي جي عيوضين جي اثر هيٺ آندو ويو.

ڪراچيءَ کي ڀاڄي، ميوه، گاه وغيره پهچائڻ جو ڪم ملير جي زمينن تي ڏنو. وڌيل ضرورتن جي مطابق پاڻي مشينن جي ذريعي مهيا ڪرڻ ۽ سڌاريل ٻجن ۽ روزمره جي خرچن لاءِ آبادگارن کي قرضن جي ضرورت هئي، هن ڪان اڳ اهي پيسا هنن کي واپارين ڪان ملندا هئا. جي وياج هڪ طرف وٺندا هئن ۽ اگهن ۾ چوٽ ٻي طرف ڏيندا هئن. انهيءَ تڪليف کي دور ڪرڻ لاءِ خانبهادر عظيم خان ۽ مسٽر جمشيد ميهتا ملير ايراضيءَ لاءِ ٽي سوسائٽيون، هر هڪ ڪريڊٽ سوسائٽي، سيڊ سوسائٽي، سيل سوسائٽي برپا ڪرايون هيون. جن ذريع ٽيهه ڪن لک رپيه بئنڪ جا انهن سوسائٽين ۾ سيڙايا ويا هئا. پهرين مهاڀاري لڙائي جي وقت ۾ اگهن جي چڙهڻ ۽ خرچن جي وڌڻ، ٻه ٽي سال سٺن فصلن ٿيڻ ڪري، آبادگارن جي حالت بهتر ٿي ويئي هئي. جنهن ڪري سندن رهڻي ڪرڻي جو خرچ وڌي ويل هو. ليڪن سگهوئي اگهن جي لهڻ، فصلن جي خراب ٿيڻ ڪري هنن جا قرض بقايائن ۾ رهجي ويا.

بئنڪ جي شهري ڊپازٽ وارن عيوضين جي تقاضا هئي ته ڪيئن به ڪري قرض وصول ڪجن. جا ڳالهه زمينن کي سستي دامن ۾ نيلام ڪرڻ ڪانسواءِ پوري ٿي نه ٿي سگهي.

خان بهادر عظيم خان جو رايو هو ته اهي قرض آهستي آهستي ڪري وصول ڪجن.

ڪيس اميد هئي ته ٻه ٽي فصل سٺا ٿيڻ ۽ اگهن جي سڌرڻ ڪري اهي قرض سهوليت سان لهي ويندا. هن کي ڊپ هو ته جي اها پاليسي نه اختيار ڪئي ويئي ته ڪراچيءَ جي پرواري سموري زمين غير آبادگار طبقي جي هٿن ۾ اچي ويندي، هن مون کي آماده ڪيو ته انهن سوسائٽين جي ڪم تي بئنڪ طرفان نظرداري ڪندو رهان.

اهڙيءَ طرح سان سهوليت وارين قسطن ۾ قرض وصول ڪرڻ جي تجويز بئنڪ کان منظور ڪرائي سگهيا سون.

ليڪن آبادگارن جي فصل ڪي سيل سوسائٽي معرفت. سٺن اگهن ۾ نيڪال ڪرائڻ، پٽ وارن آبادگارن جي همت افزائي ڪرڻ ۽ فضول خرچ ۽ ڪٽين جي سخت نگراني ڪرڻ. منهنجي وقت تي گهڻو بار ودو پر اهو برداشت ڪرڻو پيم.

اهو سڀ ڪم آنرري طور ڪرڻو پيو تي.

آگسٽ ڏاري ضلع ۾ سخت ٻوڏون ۽ برساتون پيئون ان ڪري گهڻو وقت ڳوٺ ۾ رهيس.

آڪٽومبر ڏاري وري ڪراچي ۾ اچي حسب معمول ڪمن ۾ مشغول ٿيس.

لوڪلبورڊ ۾ اختلاف گهڻو وڌي ويا هئا. هڪ طرف سرڪاري آفيسر، چيف آفيسر، شاهنواز شاهه، خانصاحب گبول ۽ ٻيا هئا. ٻي طرف آءٌ هوس. جيتوڻيڪ آزاد خيال ميمبر جهڙوڪ حاجي عبدالرحيم شاه ۽ مسٽر طيب علي وغيره جي همدردي مون سان هئي پر اهي مشغول ماڻهو هئا. آفيس جي طرف کان ڪليو ڪلايو رنڊڪن، معاملي کي ڪافي پيچيده بنائي ڇڏيو هو. هيٺ مثال طور ڪي ڳالهيون پيش ڪريان ٿو، جنهن مان مخالفت جي اندازي جو پتو پئجي سگهندو.

(۱) سيد شاهنواز شاه چيرمين لوڪلبورڊ اسڪولبورڊ، سن جي زناني اسڪول جي مسواڙ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. چي اهو پريزيڊيٽ جو ڳوٺ هئڻ ڪري ان کي ڏيڻ گهرجي. گهر واري مالڪ کي اهڙو خط لکي موڪليائين، جنهن جي آڌار تي هن دعويٰ ڪري مسواڙ جا پيسا مون کان ڀرائي ورتا.

(۲) چيف آفيسر ڪليڪٽر جي حڪم جي بهاني تي گشت ۾ ڪيل جلسن تي لوڪلبورڊ طرفان منظور ڪيل پيسن ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ويچارا ماستر جن اهو خرچ ڪيو هو نهايت تنگ ٿيا. تن ائڊمنسٽريٽو آفيسر کي لکي موڪليو ته ڪين اهي پيسا ڏنا وڃن.

ان تي چيرمين اسڪولبورڊ ميان شاهنواز شاه سندس گروهه جي چرچ تي مونکي خط لکي موڪليو ته "اهي پيسا اوهان پنهنجي جيب مان ڀري ڏيو جو اهي جلسا اوهان پنهنجي صدارت ۽ سستي مشتهري لاءِ سڏايا هئا. جي اوهان اهي پيسا يڪدم نه ڀري ڏيندا ته ڪليڪٽر صاحب کي، اوهان جي اهڙي هلت لاءِ ڏيان ڇڪايو ويندو."

(۳) لوڪلبورڊ اڳيان نهراءُ آندا ويا تہ پريزيڊنٽ جي بنگلي تان ٽيليفون ڪٽائي وڃي. ضلع ڪراچيءَ جي گشت جو ڀاڙو پتو پريزيڊنٽ کان ڀرايو وڃي جو گشت سرڪار جي خلاف هو وغيره.

(۴) اهڙا نوٽ آڊٽ رپورٽ ۾ ڪرايا ويا تہ پريزيڊنٽ کي ٽيليفون نہ هجي، سندس گشت جو مقصد، لوڪلبورڊ مقصدن کان ٻاهر هو. ان ڪري پتو ڀاڙو هن کان موٽايو وڃي. آينده سندس گشت تي بندش وڌي وڃي. وغيره

ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ ۾ رستن جي ناهڻ، مرامت ۽ جاين جي تعمير ۽ مرامت تي ساليانہ لکھروپيہ خرچ ٿيندا هئا. انهيءَ خرچ ۾ سرڪار طرفان بہ ڪافي گرانٽ ملندي هئي. ليڪن اوريسئرن ڪانسواءِ، ڪوبہ ڪواليفائيڊ انجنير انهن جي نظرداري لاءِ ڪونہ هو گهٽي وقت کان سرڪار طرفان گهر ٿيندي رهي تہ انجنر رکجي. راءِ بهادر تاريندو آيو.

منهنجي زماني ۾ وري نئين سرڪار طرفان تقاضا ٿي تہ انجنير رکو نہ تہ گرانٽ بند ڪئي ويندي.

چيف آفيسر ۽ سندس گروهہ طرفان ان جي مخالفت ٿي. هنن نٿي چاهيو تہ آفيس تي سندن هڪ هٽي ٽٽي پوي ۽ ضلع جي ڪاروبار ۾ ٻيو ڪولائق آفيسر اچي ساڻن شريڪ ٿئي.

لاچار مٿان سرڪار مان زور پوڻ تي درخواستون گهرائڻ تي رضامندي ٿيا

ليڪن انهيءَ چونڊ لاءِ هڪ اهڙي سب ڪاميٽي، آفيسرن جي اثر ڪري مقرر ڪيائون جن تي سرڪار ڌر جي اڪثريت هئي. ان جا ميمبر هيٺيان هئا:

۱- پريزيڊنٽ ۲- خانصاحب گبول ۳- خانصاحب نور نبي ڊپٽي ڪليڪٽر شاه بندر ۴- ميرزا منوچهر بيگ ڊپٽي ڪليڪٽر نٿہ

۵- خانبهادر ماما (سرڪاري نامزد ميمبر) ٦- راءِ صاحب ميٺارام (سرڪاري ميمبر) انهيءَ مان معلوم ٿيندو تہ ڪليڪٽر جي اڏار تي چيف آفيسر جو گروه بورڊ ۾ طاقتور ٿي چڪو هو.

هاڻ هن گروه طرفان اها ڪوشش رهي تہ انجنير سندن هٿ ٺوڪيو ماڻهو رکيو وڃي. جو چيف آفيسر سان گڏجي ڪم ڪري ۽ منهنجي پروگرام ۾ رنڊڪون وجهندو رهي.

انهيءَ سب ڪميٽي ٢١- آڪٽومبر ١٩٢٩ع تي هيٺيان چار نالا، بورڊ کي انجنير مقرر ڪرڻ لاءِ سفارش ڪئي.

(١) چوڌري ميران بخش اولک پنجابي (خانصاحب نورنبيءَ جو سفارشي)

(٢) برجور جي مانڪ شامانا (بمبئي) (خانبهادر آدرشير ماما جو سفارشي)

(٣) ايرڪ پئٽرڪ سڪريناز (بمبئي) (مسٽر ڊسلوا پرنسل اسسٽنٽ ڪليڪٽر جو سفارشي)

(۴) محمد هاشم گزدر (سنڌي) بهترين سنديافته ۽ تجربه ڪار (حاجي مير محمد بلوچ جو سفارشي)

نومبر مهيني ۾ انهيءَ گروه طرفان ڪوشش ٿي ته بورڊ ۾ هڪ نالو موڪلي. مسٽر گزدر جو نالو ڪڍيو وڃي پر مون رولنگ ڏئي سندن انهيءَ ڪوشش کي بيڪار بنائي ڇڏيو.

انهي مهيني ۾ بمبئيءَ جو گورنر ڪراچيءَ ۾ آيو. ان کي ڪياماڙيءَ مرحبا ڪرڻ لاءِ، پريزيڊنٽ ميونسپالٽي، لوڪلبورڊ ۽ پورٽ ٽرسٽ جي چيرمن کي ڪليڪٽر ۽ ڪمشنر سان گڏ حاضر رهڻ لاءِ حڪم ڏنو ويو.

ميونسپالٽي، لوڪلبورڊ، سنڌ محمدن ائسوسيشن طرفان ڪيس ائڊريسون ڏياريون ويون. انهيءَ سال ۾ باوجود بيشمار رنڊڪ جي ڳوٺ سڌار هلچل جو پيغام ڳوٺن تائين پهچائڻ ۾ ڪوتاهي ڪانه ڪئي ويئي.

ڳوٺن ۾ مڪاني داين کي ويم لاءِ تربيت ڏيڻ واسطي مس پڪٽ کي گرانٽ ڏئي بندوبست ڪيو ويو.

عملدارن جي عيوض قومي ڪارڪنن جي مدد سان ڳوٺاٽي تحريڪ هلائيندو رهيس. اڳي آفيس کان ٻاهر مخالفت جو تجربو حاصل ٿي چڪو هوم. هاڻ آفيس ۾ رهي مخالفت ڪي منهن ڏيڻ جو تجربو پرائڻ لڳس.

سال ١٩٣٠ع

هن سال به باوجود مخالفت جي ساڳي جوش خروش سان رٿيل پروگرام موجب ڪم ڪرڻ شروع ڪيم.

٦- جنوري ١٩٣٠ع تي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جنرل باڊيءَ اڳيان انجنير جي مقرر ڪرڻ جو سوال پيش ٿيو. سرڪاري ميمبرن ۽ چيف آفيسر گروه جي مخالفت جي باوجود، مسٽر محمد هاشم گزدر کي انجنير چونڊائڻ

۾ ڪامياب ٿيس. ٻي ڏينهن هن کي ڪم جي چارج ڏياريم.

منهنجون سڏايل مختلف ڪانفرنسون ٨ جنوريءَ کان شروع ٿيون.

٨-٩ جنوري تي خالقڏنہ هال ڪراچيءَ ۾ سنڌ لوڪلباڊيز ڪانفرنس ٿيندي رهي جنهن لوڪلباڊيز بنسبت ڪيترا ٺهراءَ پاس ڪيا ويا ۽ سنڌ لوڪلباڊيز اسوسيشن جو بنياد وڌو ويو.

١٠- جنوري تي ڪراچي ضلع جي ڪوآپريٽو تحريڪ سان دلچسپي وٺندڙ ماڻهن جي ڪانفرنس مسٽر درگداس آڏواڻيءَ جي صدارت هيٺ ٿيا سافيڪل هال ۾ ڪني ٿي. جنهن ۾ ڪراچي ضلع ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ ناهي ويئي. جنهن جو پريزيڊنٽ مسٽر جمشيد ميهتا کي چونڊيو ويو ۽ سيڪرٽري مون کي ۽ جائنٽ سيڪرٽري مسٽر هاسي مل مير چنداڻي کي چونڊيو ويو.

انهيءَ طرفان ضلع ۾ ڪوآپريٽو تحريڪ کي پکيڙڻ، ڳوٺن جي اقتصادي سروي ڪرڻ ۽ ڳوٺاڻن جي مالي حالت سڌارڻ لاءِ تجويزون رٿيون ويئون. جنهن جو مفصل احوال ڊائريءَ جي باب مان معلوم ٿي سگهندو.

١١- جنوري تي ڪراچي ضلع جي مالدارن جي ڪانفرنس، بابا مير محمد بلوچ جي صدارت هيٺ ٿيا سافيڪل هال ڪراچيءَ ۾ ڪني ٿي. جتي مون ضلع جي چوپايہ مال ڌاريندڙن جي تڪليفن ۽ مشڪلاتن تي روشني وجهي، سندن حقن جي حفاظت، مال جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ڪراچي ضلع مالدار ايسوسيشن ناهڻ جي تجويز پيش ڪئي. جنهن جي دستور العمل ناهڻ وغيره لاءِ مفصل احوال ڊائريءَ جي باب مان معلوم ٿيندو. ان ۾ ڪيترا ٺهراءَ بہ پاس ٿيا.

مسٽر محمد هاشم گزدر جي انجنير مقرر ٿيڻ ڪري، مسٽر ڊسلوا پرنسل اسسٽنٽ ڪليڪٽر ڪراچي. چيف آفيسر قاضي عبدالرحمان، واسطيدار عملدار، ميمبر سڀ ناراض ٿيا هئا.

تن گڏجي انهي مقرريءَ جي رد ڪرائڻ لاءِ سازش سٽي.

هڪ طرف چيف آفيسر منهنجي (پريزيڊنٽ) منظوريءَ ڪانسواءِ هنراڌو منٽ لکي وجي ڪليڪٽر کي ڏنا. ٻي طرف گزدر جي منظوريءَ جا ڪاغذ مني سرڪار ڏي موڪلڻ ۾ ڍروڏي. ان وچ ۾ مسٽر گبسن ڪليڪٽر ڪراچي (جو اڳيم ناراض هو) کي گهٽ وڌ ڳالهيون ٻڌائي، ان کان هڪ خط لکارايو ويو. جنهن ۾ هن لکيو تہ مسٽر گزدر جهڙي سرڪاري

نوڪريءَ مان ڊسمس ٿيل ماڻهوءَ کي مون بورڊ جي ميمبرن کان حقيقتون لڪائي، برغلائي انجنير چونڊايو آهي. تنهنڪري هو بورڊ جي ٺهراءَ کي ايڪٽ موجب خاص اختيار هيٺ سسپينڊ ڪري ٿو ۽ حڪم ڪري ٿو ته اهو سوال وري بورڊ جي اڳيان دوباره غور لاءِ پيش ڪيو وڃي.

ان بعد هن ضلع جي ڊپيوٽي ڪليڪٽرن کي (جي بورڊ جا ايڪس آفيشو ميمبر هئا) گهرائي حڪم ڪيو ته هڪ درخواست بورڊ جي ميٽنگ سڏائڻ لاءِ مونڏي صحيحون وجهي موڪلين جنهن ۾ گزدر جي مقرري جي ٺهراءَ کي رد ڪرائين. ڪين اهي به هدايتون ڪيائين ته ضلع ۾ گشت ڪري زميندار ميمبرن کي لالچ يا خوف ذريعي انهيءَ ٺهراءَ جي رد ڪرڻ لاءِ تيارڪن. ڪين اهو به حڪم هو ته جي ميمبر سندن چوڻ نه ڪن تن کي ڪليڪٽر جي پرسنل اسسٽنٽ يا خود وٽس حاضر ڪن ته هو ڪين ٺيڪ ڪندا.

انهيءَ وقت لوڪلبورڊ جا سرڪاري عملدار ميمبر هيٺيان هئا:
(١) خانصاحب نور نبي خان ڊپيوٽي ڪليڪٽر ٺٽو.
(٢)ميرزا منوچهر بيگ ڊپيوٽي ڪليڪٽر شاه بندر.
(٣) مسٽر محمد حافظ ڊپيوٽي ڪليڪٽر ڪوٽڙي.
(۴) مسٽر سي جڊ سٽي ڊپيوٽي ڪليڪٽر ڪراچي.

مسٽر حافظ جي حد ۾، ٽي ميمبر هئاسون. هڪ آءٌ- ٻيو مسٽر طيب علي علوي، ٽيو سيد مقبول شاه جي ٽيئي آفيشل اثر کان ٻاهر هئاسون. پر هن سرڪاري عملدار هوندي به مخالفت ڪرڻ ۾ شرافت جا ليڪا نه لنگهيا.

باقي ٻن مسلمان ڊپيوٽي ڪليڪٽرن (جي مسلمان ۽ سنڌي ڪامورنجي حقن جي حفاظت جا نعرا هڻندا هئا) سندس انگريز آقا کي رضامند ڪرڻ خاطر، شرافت جا ليڪا لنگهي ميمبرن جي حدن ۾ منزلون ڪري، لالچ ۽ دڙڪن ذريعي سندن پاس ڪيل نهراءَ جي رد ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪانه ڪئي.

ڪليڪٽر صاحب ان حد تائين ويو جو بمبئي سرڪار طرفان ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي رستن جي مرمت لاءِ ٺيل گرانٽ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائين.

انهيءَ بابت مون بمبئي ڪائونسل جي سنڌي ميمبرن کي اطلاع

ڪيو. جن مان ڪيترا ضلع لوڪلبورڊ جا پريزيڊنٽ هئا.

جهڙوڪ- سرشاهنواز ڀٽو، سيد ميران محمد شاه، خانبهادر الهه بخش سومرو، خانبهادر غلام نبي شاه، ضلع لوڪلبورڊن جا پريزيڊنٽ هئا. خانبهادر کهڙو لوڪلبورڊ جو مکيه ميمبر هو.

ازانسواءِ بابا مير محمد بلوچ بمبئي ڪائونسل جو ميمبر هو. تن سڀني کي ڪليڪٽر طرفان ورتل روش پسند نه آئي. بمبئي ڪائونسل جو بجيٽ اجلاس هلندڙ هو. ان ۾ هنن خوب احتجاج ڪيو. جنهن تي وزير لوڪل سيلف گورمينٽ تار ڪري گرانٽ اسان کي ورتائي ڏني.

انهيءَ ڳالهه ڪليڪٽر جي انتقامي جذبي کي باڻ زور وٺايو.

۲۹- مارچ ۱۹۳۰ع تي سرڪاري ميمبرن جي عرضداشت، انجنير جي مقرريءَ جي سوال تي دوباره غور ڪرڻ لاءِ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو اجلاس ڪوٺايو.

انهن سارن مشڪلاتن ۽ رنڊڪن، منهنجي ڳوٺ سڌار تحريڪ جي ڪمن ۾ ڪابه ڪوتاهي نه ڪئي. هتي ڪجهه ذڪر صرف ان لاءِ پيش ٿو ڪريان ته عين انوقت جڏهن سرڪاري عملدار، ڳوٺ ڳوٺ ۾ منزل ڪري، ميمبرن کي برخلاف بنائي رهيا هئا ته ساڳي وقت آءٌ پنهنجي ڪم ۾ همت هارڻ کانسواءِ مشغول رهيو هوس.

مارچ مهيني ۾ انهي سلسلي جا ڪي مثال هيٺ پيش ڪريان ٿو:

(۱) ڳوٺ سڌار هلچل لاءِ ڳوٺن جي اقتصادي سروي ڪرائڻ ۽ ڪوآپريٽو تحريڪ جو پرچار ڪرڻ لاءِ ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ ڪراچي طرفان قاضي عبدالخالق مورائيءَ کي مقرر ڪيو ويو.

(۲) انهيءَ کي اول ۾ ڪراچي تعلقي جي ٽن مکيه مياڻن، ڪڏو، ابراهيم حيدري، ريڙهي جي مهاڻن ۽ ٻيڙين جي تعداد، سال ۾ مرندڙ مڇي جي تخميني، نيڪال جي طريقن، مڇيءَ جي قسمن، ان جي قيمت ۽ ان سان واسطي رکندڙ ڳالهين جي سروي ڪرڻ جو ڪم سپرد ڪيو ويو.

انهيءَ سلسلي ۾ هن ڪجهه ابتدائي انگ اکر گڏ ڪرڻ بعد اسان کي صلاح ڏني ته ابراهيم حيدريءَ ۾ منزل ڪري، اتي جي رهاڪن کي ان ڪم ۾ دلچسپي ڏيارڻ لاءِ حرص ڏياربو وڃي.

ان تي ٦ مارچ ۱۹۳۰ع تي آءٌ، مسٽر چينمل پرسرام، مسٽر حاتم علوي، مسٽر دستور ڊنشا، مسٽر هاسومل مير چندائي ابراهيم حيدري ويا

سون.

اتي ميربحرن کي سستي اگهن تي واپارين وٽ مڇي قرض عيوض وڪڻڻ کان بچائڻ، وغيره لاءِ ڪوآپريٽو سوسائٽي برپا ڪرڻ جي تجويز رٿي ويئي.

جنهن ۾ ڪوآپريٽو ايڪٽ جي خامين ڪري ڪي دشواريون پيش آيون. جهڙوڪ رچن ۽ پيڙين جي ضمانت تي قرض ڏيڻ غير تسلي بخش سمجهيا ٿي ويا.

ان لاءِ خانبهادر عظيم خان ۽ مسٽر جمشيد ميهتا سان صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ سوال مهمل ڪيو ويو.

(۳) قاضي عبدالخالق کي ڪراچي تعلقي ۾ رهندڙ مالدارن، ان جي مال، پيدا ٿيندڙ کير جي مقدار، نيڪال جي ذريعن، ڪراچيءَ ۾ کير جي کاپي، اگهن وغيره جي سروي ۽ مالدارن جي کير سٺي اگهه ۾ نيڪال ڪرڻ، مال جي سڌاري، مال جي چاري، گاهه جي انتظام وغيره بابت اسڪيم تيار ڪرڻ جو ڪم رکيو ويو. جا سروي رپورٽ هن ڪئي.

ان ۾ ڪوآپريٽو، ائگريڪلچرل، ميونسپالٽي ۽ سرڪار جي مدد سان ڪراچي شهر ۾ سٺي کير مهيا ڪرڻ جي تجويز ڏني ويئي هئي.

ان لاءِ مشنري، تنظيم ۾ گهٽي خرچ جي ضرورت هئي جا سرڪار جي مدد کانسواءِ سرانجام نيڻ مشڪل هئي. ڪراچي ميونسپالٽيءَ تي ڪانگريس جو قبضو هو. ڪانگريس ۽ حڪومت جي اختلاف سبب، سرڪاري مدد جو امڪان گهٽ هو. صرف ڪوآپريٽو کاتي وسيلي اهو مسئلو حل ٿي نہ سگهي ها.

ان لاءِ چراگاهن. گاهہ جي چاري جي انتظام، وڏن ڪنٽرل فارمن ٺهرائڻ، خانگي مالدارن کي سمجهائي، هڪ ايجنسي ذريعي کير وڪڻڻ، کير وٽي مشين ذريعي مکڻ، گيهہ، چيز وغيره ٺاهي وڪرو ڪرڻ، اسان جي طاقت کان ٻاهر هو. ان ڪري اها تجويز بہ پايہ تڪميل تي پهچي نہ سگهي.

(۴) ڳوٺن ۾ زالن کي گهرن جي صفائي، ٻارن جي نپاج، ويم جي سهوليتن، سٺي ڪاڌي ٺاهڻ، ڪپڙن سبڻ، پرت پرڻ، مڪاني گهرو هنرن کي زور وٺائڻ لاءِ، ڪراچي ضلعي واسطي هڪ جماعت وومينس ويلفيئر ائسوسيشن نالي ٺاهي ويئي.

جنهن جي پريزيڊنٽ مسز هومي ميهتا ۽ سيڪريٽري مس رڪمڻي

آڏواڻي (پوءِ مسز پرمانند آڏواڻي) هيون.

ان لاءِ هڪ وڏو پروگرام تيار ڪيو ويو ميجڪ لينٽرن ذريعي مکيہ ڪارڪن عورتون ڳوٺن ۾ وڃي زالن کي تقريرون ڪري کين هدايتون ڪن، ۽ اتي جي مکاني تڪليفن کان واقفيت حاصل ڪن، پوءِ ڪا تجويز تيار ڪري لوڪلبورڊ، سرڪار ۽ همدرد پيسہ وارن ماڻهن جي مدد سان، زالن جي تڪليفن کي دورڪن، ليڪن اڳتي هلي هيٺيون تڪليفون پيش آيون.

مسلمان عورتون اڪثري پردي ۾ هئڻ ڪري ان لاءِ موزون ٿي ڪين ٿي سگهيون باقي پارسي ۽ هندو عورتون ان ڪم ۾ دلچسپي وٺي رهيون هيون.

انهن جي گشت ڦرهائڻ ۽ سفر جي خرچ جو انتظام تہ ڪري سگهياسون ٿي پر اهڙين همدرد زالن جو پيدا ڪرڻ مشڪل مسئلو ٿي پيو ٿي، جي ڳوٺن ۾ وڃي ڪم ڪرڻ جي تڪليف گوارا ڪن.

پارسي عورتون سنڌي زبان نہ ڄاڻڻ ڪري ٻاهر وڃڻ لاءِ موزون نہ هيون نوجوان تعليم يافتہ هندو ڇوڪريون ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار ٿيون ٿي پر انهن جا مائٽ کين ٻاهر جي مسافرين جي تڪليف ۽ مسلمانن جي وچ ۾ اڪيلو موڪلڻ لاءِ رضامند نہ هئا.

آخر ۾ حيدرآباد جي ڪرشچن مشنري جي مکيہ ڪارڪن مس پگٽ ۽ وارڊ کي گرانٽ ڏئي مکاني داين کي ويم بابت سمجهاڻيون ڏيڻ، صحت ۽ صفائيءَ جي هدايت ڏيارڻ جو انتظام ڪري سگهيس پر ان ۾ ڪليڪٽر طرفان مخالفت ڪئي ويئي جو ان هر انهي ڳالهہ ۾ جا منهنجي معرفت ٿي ٿي، مخالفت ٿي ڪئي.

(۵) قاضي عبدالخالق کي مٿي ذڪر ڪيل مچي ۽ ڪير جي سروي ڪرڻ کان پوءِ ڳوٺن ۾ مکاني هنرن جي سروي ۽ ڳوٺ سڌار هلچل جي پرچار لاءِ ميجڪ لينٽرن ڏئي ضلع ۾ موڪليو ويو جنهن نهايت عمدهيونرپورٽون موڪلڻ شروع ڪيون.

مکاني هنرن جو تفصيل، پيداوار، انهن جي سڌاري لاءِ تجويزون ڳوٺن ۾ ٿيندڙ ميلا- ان تي ايندڙ ماڻهن جو تعداد، انهن موقعن تي ٿيندڙ واپار جا تفصيل، ڳوٺاڻن جي گذر معاش جي طريقن، اقتصادي سروي، تندرستي ۽ ٻين ڳالهين لاءِ تفصيلوار احوال ۽ رپورٽون موڪليون ويئون.

تجربي بعد اڳتي هلي معلوم ٿيڻ لڳو تہ ڳوٺاڻي احوال جو معلوم

ڪرڻ ايڏو مشڪل مسئلو ڪونہ هو. جهڙو انهن مشڪلاتن کي حل ڪرڻ جو سوال هو. ان لاءِ هڪ پلئنگ ڪميٽي جو قيام لازمي هو. جنهن لاءِ سرڪاري مدد، ڪثير پيسہ ۽ اڪيچار ماهرن جي ضرورت هئي. انهيءَ وقت سرڪار غير ملڪي هئي، جنهن جو توجهہ طرف ڇڪجي نٿي سگهيو. ازانسواءِ مڪاني آفيسرن جي مخالفت اسان جي سمورين تجويزن مٿان پاڻي ڦيري ٿي ڇڏيو.

حڪومت جو هيڊ ڪوارٽر بمبئيءَ ۾ هو. وزير ٻارهين مهينن ۾ هڪ دفعو ٻہ مس ايندا هئا. سي هڪ ٻن مکيہ شهرن جو دورو ڪري دعوتون کائي ويندا هئا.

بمبئي ڪائونسل ۾ ويل سنڌي ميمبر پنهنجي ذاتي ڪمن ۽ لڦبن وغيره وٺڻ ۾ مشغول هئا ازانسواءِ ڪائونسلن جا وزير، ميمبرن سان جوابدار نہ ٻنبا هئا.

بمبئي علائقي ۾ سنڌي ميمبر اقليت ۾ هئا. اتي جي ماڻهن کي هتي جي مشڪلاتن جو پتو ڪونہ هو. اهو ملڪ بارش تي آباد ٿيندڙ هو. هتي واهن تي آبادي ٿيندڙ هئي.

جڏهين ڪڙيہ ۾ پاڻي نہ هئڻ جو ذڪر ٿيندو هو تہ چوندا هئا تہ "ڪڙيہ" ڪهڙي شي آهي؟

اتي جي ماڻهن ۾ سياسي بيداري زياده هئي، سنڌ جا اڪثر ميمبر سرڪار سان ووٽ ڪندڙ هئا. تنهن ڪري اتي جي چونڊيل ميمبرن جي همدردي وڃائي وينا هئا. انهن حالتن کي نظر ۾ رکي، بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ جو احساس، ملڪ جي سمجهدار طبقي ۾ پيدا ٿيڻ لڳو هو.

شيخ عبدالمجيد سنڌي آل انڊيا جماعتن ۾ انهي مسئلي جي لاءِ ڪوشش ڪري رهيو هو سنڌ ۾ مسٽر جمشيد ميهتا، چيئمل پرسرام، مسٽر سڌوا ۽ ٻين ان ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي هئي.

انهيءَ مهيني ۾ ڊاڪٽر لالچند لالوائي، سوامي گووند آنند، مهراج لوڪرام شرما ۽ وشنو شرما، هاسارام پمناڻي جي ڪوشش سان ڪراچيءَ ۾ هڪ نوجوان سڀا جي ڪانفرنس ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو جي صدارت هيٺ ڪوٺائي ويئي. ان جو نهايت شاندار سرگس نڪتو. شام جو خالقڏنہ هال ۾ اجلاس ڪنو ٿيو، ان ۾ مسٽر چيئمل پرسرام ۽ مون کي ٻہ تقرير ڪرڻ لاءِ چيو ويو.

مسٽر جيٺمل پرسرام براج جون زمينون هارين ۾ سهوليت وارن قسطن تي ڏيڻ جي تجويز پيش ڪئي. مون ان جي تائيد ۾ تقرير ڪئي. انهيءَ شام جو ڊاڪٽر صاحب ۽ ٻين ڪانگريسن کي پنهنجي بنگلي تي دعوت تي گهرايم. ان مان منهنجي رد عمل جو پتو پئجي سگهي ٿو ته نه صرف ڪانگريس بلڪ ان جي گرم ڌر يوٿ ليگ ۾ حصو وٺي رهيو هوس.

انهن ڏينهن ۾ ڪراچي ميونسپالٽيءَ چونڊون ٿيڻ واريون هيون.

جنهن لاءِ ڪيئي اميدوار بيهڻ واسطي تيار ٿي ويا هئا. خرچ ۽ تڪليف کان بچڻ لاءِ ڪراچيءَ جي مکيه ڪارڪن جي ڪراچي اڪيڊمي هال ۾ خانصاحب بابو فضل الاهي جي صدارت هيٺ هڪ ميٽنگ ڪئي ٿي. آءٌ به حاضر هوس.

ڪيترن صاحبن جي تقريرن بعد هڪ امين بورڊ مقرر ٿيو ته اهو مسلمان اميدوارن کان درخواستون گهرائي، اميدوار چونڊي بيهاري. انهيءَ بورڊ تي هيٺيان ميمبر منتخب ٿيا.

١- خانصاحب بابو فضل الاهي. چيرمين

٢- سيد غلام مرتضيٰ شاه (آءٌ)

٣-خانصاحب عاليجاه عليڏنه علي محمد خواجه

۴- مسٽر نبي بخش محمد پناهه

۵- حڪيم مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻي

٦- مولوي محمد صديق صاحب معلم ڪڏه

٧- قاضي عبدالرحمان

انهيءَ بورڊ جي آفيس الوحيد پريس ۾ ڪئي ويئي، اميدوارن کان بورڊ درخواست گهرايو.ن ١۵ جاين لاءِ ٣٠ ڪن درخواستون آيون گهڻين ميٽنگن بعد بورڊ سندس چونڊيل اميدوارن جا نالا هڪ پبلڪ ميٽنگ ۾ ظاهر ڪيا پر صلح ٿي نه سگهيو. انهيءَ ۾ مکيه به گروه هئا- هڪ حاجي عبدالله هارون جو گروه ۽ ٻيو شيخ عبدالمجيد جوگروه- هرڪو ٻي ڌر تي اتحاد ٽوڙڻ جو الزام مڙهڻ لڳو.

جڏهن ٨- اپريل ١٩٣٠ع تي نامينيشن پيپر ڀريا ويا ته مسلمانن طرفان ١۵ جاين لاءِ ۴۵- اميدوار بيهي رهيا.

پارٽين پنهنجا اميدوار بنا مخالفت جي چونڊي موڪليا- مسلمانن ۽ هندن جي جاين تي خوب رساڪشي ٿي. نتيجي ۾ ڪي بهترين ڪارڪن

شڪست کائي ويا. جهڙوڪ قاضي خدا بخش صاحب، درگداس آڏواڻي، سوامي گووند آنند.

انهيءَ وقت ڏاري ڪن سياسي ڪارڪنن طرفان صحيح سياسي تعليم ڏيڻ واسطي هڪ نيشنل ڪلب يونين قائم ڪئي ويئي. جنهن ۾ ڪاڏي تي گڏ ٿي، مختلف مضمونن تي تقريرن ڪرڻ يا مضمون پڙهڻ جو دستور وڌو ويو.

١٥- مارچ تي اهڙي هڪ ميٽنگ ۾ مسٽر هوشننگ ڏنشا، چيٿمل پرسرام، حاتم علوي وغيره ڪنا ٿياسون. اتي مسٽر چٽي مل ٿڌاڻي سکر براج جي زمين جي ورهاست تي هڪ عالمانہ مضمون پڙهيو.

مهيني جي آخر ۾ ٢٩- تاريخ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي سماجي ميٽنگ، آفيسرن طرفان موڪليل درخواست مسٽر محمد هاشم گزدر جي مقرري تي دوباره غور ڪرڻ لاءِ ڪليڪٽر جي ڪچهري هال ۾ گڏ ٿي، ان ۾ هڪ رٿ مسٽر سي جڊ ڊپيوٽي ڪليڪٽر ڪراچيءَ طرفان پيش ٿي تہ:

"مسٽر گزدر جي مقرري جي ٺهراءَ کي رد ڪجي"

انهيءَ ٺهراءَ جي بي قاعدي هجڻ جو آفيشل گروه کي اڳ ۾ پتو هو، ڇاڪاڻ لوڪلبورڊ ائڪٽ موجب ڪوبہ ٺهراءُ ٽن مهينن کان اڳ سواءِ خاص انهي مقصد سان گهرايل ميٽنگ جي ٢ ڀاڱي ٣ حصہ ووٽن کانسواءِ رد ٿي نٿي سگهيو.

ان ڪري هنن سندن غلطي محسوس ڪندي پيا بہ ڪيترا ٺهراءَ پيش ڪيا.

ڊپيوٽي ڪليڪٽرن سندن حد جي اڪثر ميمبرن کي ٻڪرين وانگر ڪاهي، جدا پنهنجي پر ۾ اچي وهاريو. ميمبرن جا منهن لٿل هئا، رڳو ٻہ مهينا اڳ۾ هنن پاڻ ٺهراءُ ڪري مسٽر گزدر کي انجنير مقرر ڪيو هو. هاڻ آفيسرن کان ڊڄي لاچار ٿي برخلاف ووٽ ڏيڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيا هئا.

گزدر صاحب هڪ سنڌي لائق مسلمان هو. سندس ڏوهہ ٻيو ڪوبہ ڪونہ هو سواءِ ان ڄي جو مسٽر گبسن ڪليڪٽر ڪراچي، ان جو مخالف هو ۽ چيف آفيسر ان جي مقرريءَ کي سندس هڪ هٺي ٽٽڻ جي برابر ٿي سمجهيو. اهو نظارو ڏسڻ وٽان هو.

زندگيءَ ۾ پهريون دفع وڏسٽن وائسٽن مقرر ماڻهن جي اخلاقي ڪمزوريءَ جو مظاهرو منهنجي سامهون آيو هو.

آءُ اڳي لکي آيو آهيان تہ زميندار طبقي جي ائسوسيشن ڪيڏن

اميدن آسرن سان سندن ذريعي عوام جي حالت بهتر بنائڻ لاءِ ٿاهي هيم، هن گروهه ۾ سنڌ جي نهايت شاندار روايات جي خاندان جا فرد شامل هئا. جي مهمانوازي، سام ڪٽڻ، بهادري ۽ همت، فضيلت ۽ خدمت خلق جي صفتن جا مالڪ ٿي گذريا هئا پر وقت جي گذرڻ ڪري اهو طبقو ايڏو هيٺ ڪري ذليل ٿي چڪو هو جو هر قسم جون خاميون، منجهن گهر ڪري ويئون هيون. خود غرضي، باهم دشمني، لالچ، بزدلي، شخصي بداخلاقي، ظلم وغيره جون عادتون منجهن ويهي ويئون هيون. اچوڪي واقعي مون ۾ ايڏو رد عمل پيدا ڪيو جو انهيءَ ڪلاس جي سڌاري جون سڀ اميدون ختم ٿي ويئون ۽ معلوم ٿي ويو ته هي طبقو زوال پذير ٿي چڪو هو. ٿوري وقت ۾ ختم ٿيڻ وارو هو.

ڪليڪٽر صاحب هڪ پراڻي بمبئي سرڪار جي سرڪيولر جي ڪاپي ميمبرن جي اطلاع لاءِ ڏياري موڪلي جنهن ۾ چاڻايل هو ته "بمبئي سرڪار مسٽر گزدر کي نوڪريءَ مان ڊسچارج ڪيو هو ۽ ڪيس سرڪاري نوڪري ۾ نه رکڻ جو حڪم ڪيو هو"

هن کي بجوبي معلوم هو ته لوڪلبورڊز جي نوڪري سرڪاري نوڪري نه هئي ته به سندس مقصد کي هٿي ڏيڻ ۽ ميمبرن تي رعب ڄمائڻ لاءِ اهو طريقو استعمال ڪيو ويو. ميٽنگ جي ڪاروائي شروع ڪرڻ سان ڪليڪٽر جو مونکي موڪليل خط ۽ بمبئي سرڪار جو سرڪيولر پڙهي ٻڌائڻ بعد مون انهي سلسلي ۾ مليل ستن ٺهراون کي سلسليوار بورڊ اڳيان پيش ڪيو.

ٺهراءِ ڪم وبيش ساڳي قسم جا هئڻ ڪري، مسٽر جڊ واري ٺهراءَ کي اصل ٺهراءَ قرار ڏيئي باقي تجويزن کي ترميمن جي صورت ۾ پيش ڪيم. ان ۾ هڪ ترميم اها هئي ته مسٽر گزدر جي مقرري ساڳي طرح بحال رکي وڃي، ٻي اها هئي ته هن کي حال سسپينڊ ڪري بمبئي سرڪار کان سندس منظوري حاصل ڪرڻ بعد رکيو وڃي. ٻيون سڀ ترميمون ڪم وبيش ساڳي قسم جون مسٽر گزدر کي ڪڍڻ بابت هيون.

مون آخري ترميم ته گزدر کي رکجي. ٻي ترميم ته "ڪيس سسپينڊ ڪري بمبئي سرڪار کان منظوري گهرائي رکڻ" جي، هڪ ٻين جي سامهون رکي بورڊ کان راءِ طلب ڪئي. آفيسرن جو ايترو اثر هو جو اڳي سندس مقرريءَ لاءِ ووٽ ڏيندڙ ٢۴- ميمبرن مان صرف ٽن آخري ترميم لاءِ ووٽ

ڪيا. پيا سڀ مخالف ويا. تنهنڪري ڪيس سسپينڊ ڪري بمبئي سرڪار کان منظور وٺڻ واري ترميم ڪجي ويئي.

آفيسرن کي اميد هئي انهيءَ تجويز کي پين جي سامهون رکيو ويندو ۽ آخر ۾ سندس بنيادي ٺهراءُ پاس ڪرائي ڇڏيندا. پر مون ان ڪانپوءِ پين ٺهراون کي بي قاعدي ٺهرائي رولنگ ڏئي رد ڪري ڇڏيو. آفيسرن جڏهين ڏٺو ته سندن ساري محنت منهنجي رولنگ بيڪار بنائي ٿي ڇڏي ته غصي ۾ اچي ميز تي مڪون هڻڻ لڳا، ڇي رولنگ بي قاعدي آهي. وغيره.

مون ميٽنگ مهمل ڪري هال بند ڪرائي ڇڏيو ۽ چيو مان ته رولنگ کي ڪورٽ ۾ وڃي چئلينج ڪري سگهو ٿا. ڪليڪٽر هر ١٥ منٽن بعد ٽيليفون تي سندس آفيسرن کان ميٽنگ جو احوال دريافت ڪري رهيو هو. تنهن کي جڏهن اهو اطلاح مليو ته يڪدم ليٽر لکي موڪليائين ته بورڊ جي ڪاروائي يڪدم ڪيس موڪلي وڃي.

گذريل دفعي جي تجربي ڪري هن دفعي مون ڪاروائي پاڻ هلائي، چيف آفيسر کي ڪوبه ڪاغذ هٿ ۾ نه ڏنو.

اتان نڪري جاءِ تي اچي ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي چيف آفيسر مسٽر راما سيا آير ۽ ٻن ٽن مکيه وڪيلن جي صلاح سان ڪاروائي لکي شام ڌاري ڪليڪٽر کي ڏياري موڪلي، ان ساري ڪارگذاريءَ ڪري ڪليڪٽر چِتو ٿي پيو ۽ چوائي موڪليائين ته شايد توکي جيل ۾ وڃڻ جي خواهش آهي، آءُ خوف وچائي ڇڪو هوس. ساڳي ماڻهوءَ هٿ مون جواب ڏياري موڪليس ته "تون مونکي پريزيڊنٽيءَ تان لاهي جيل ۾ موڪلي سگهين ٿو، پر اسان فيصلو ڪري چڪا آهيون ته انگريزي سلطنت کي هندوستان مان ملڪ نيڪالي ڏيون."

سگهوئي ٺهراءَ موجب مسٽر گزدر جي مقرريءَ جي منظوريءَ لاءِ بمبئي سرڪار کي درخواست موڪلي ويئي.

اپريل مهيني ۾ مهاتما گانڌي جي لوڻ قاعدي ٽوڙڻ لاءِ ڊانڊي ڏي روانگي ٿي، هتي سنڌ ۾ به سول نافرماني جي تحريڪ شروع ٿي. ان ۾ جيتوڻيڪ ڪثرت تعداد هندن جو هو ليڪن ڪيترن قوم پرست مسلمانن جي همدردي انهيءَ تحريڪ سان هئي جهڙوڪ- مولوي محمد صاديق کڏه، مولوي فتح محمد سيوهاڻي، ڊاڪٽر محمد سعيد، مسٽر حاتم علوي، آءُ وغيره

آفيسرن جي دشمني ايتري قدر وڌي ويئي جو قديم وقت کان ڪراچي ضلع لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ، ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ايڪس آفيشو ميمبر رهندو آيو. ان کي هن دفعي رد ڪري ڇڏيو ويو.

هن مهيني ۾ مسٽر ڊنشا دستوري کي سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جي جنرل مئنيجري جي چارج ڏياري ويئي. جنهن جي مقرري اڳي سال ۾ ٿي هئي پر ڪيترن رنڊڪن ڪري هاڻ چارج ورتائين.

۱۹۳۰ع ۱۳- اپريل ۱۹۳۰ع تي نيٽو جيٽيءَ رامباغ ۾ هزارين ماڻهو سول نافرماني ڪرڻ لاءِ اچي ڪٺا ٿيا. ان وقت سرڪار ڪجهه نه ڪيو، پوءِ ۱٦- تاريخ تي ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، نارائڻداس ملڪاڻي، ڊاڪٽر تارا چند لالواڻي، سوامي ڪرشنا نند، وشنو شرما، مني لال وياس ۽ سوامي گووند آنند کي گرفتار ڪيو ويو.

جنهن جي احتجاج ۾ ماڻهن سرگس ڪڍيو. جنهن کي ڇڙو ڇڙ ڪرڻ لاءِ گولي هلائي ويئي. ان ۾ مسٽر جيرامداس دولترام زخمي ٿيو. سنڌ جو ڪمشنر مسٽر ٿامس ان جي طبع پرسي لاءِ اسپتال ۾ ويو ۽ اظهار افسوس ڪيائين.

۱۷- مئي ۱۹۳۰ع کان ڪراچي ضلعي جو گشت مسٽر ڄيٺمل پرسرام، مولوي عبدالخالق، هاسي مل مير چنداڻيءَ سان گڏ ڪيو ويو، جنهن ۾ اڳي وانگر هرهنڌ جلسا ٿيندا رهيا. جن ۾ نشيدار شين جي بندش، ديسي ڪپڙي جي پرچار، ڪوآپريٽو تحريڪ جي زور وٺائڻ، ڳوٺ سڌار هلچل تي تقريرون ڪندا رهياسون.

هن دفعي آفيسرن ڪجهه نه ڪيو، ڪين خبر هئي ته سندن لکئي جي پرواهه ڪرڻ وارا ڪونه هئاسون. انهيءَ اسان جي گشت کي مڪاني اخبارن نهايت شهرت ڏني.

ان جي پوري ڪرڻ بعد ڪليڪٽر طرفان لوڪلبورڊ جي چيف آفيسر کي گشت ۾ روانو ڪيو ويو.

جنهن جي ميٽنگن ۾ قاضي عبدالرحمن چيف آفيسر، انگريزن جي ثنا خواني، ڪانگريس جي گلا ۾ تقريرون ڪيون، جن کي سرڪاري اخبار ڊيلي گزيٽ وڏين سرخين سان ڇپيو. چيف آفيسر کي اهڙو بي باڪ ڪيو ويو هو. جو منهنجي اجازت وٺڻ ڪانسواءِ بورڊ جي پگهاردار نوڪر هئڻ جي باوجود انگريزن جي دلالي ۾ گشت ڪرڻ ويو.

انهيءَ ڳالهہ قوم پرست مسلمانن ۾ نهايت جوش پيدا ڪيو. حڪيم فتح محمد صاحب سيوهاڻي هڪ کليل خط قاضي عبدالرحمان جي نالي اخبارن ۾ شايع ڪرايو جو پڙهندڙن جي معلومات لاءِ هيٺ ڏيان ٿو.

”قاضي صاحب توکي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو تنخواه دار نوڪر هئڻ ڪري هي ذليل طريقو انگريزن جي دلاليءَ جو اختيار نہ ڪرڻ گهربو هو. توکي ياد هوندو تہ جڏهن تون قومي تحريڪ ۾ ڪم ڪندي جيل ۾ ويو هئين تہ مون جهڙي خاموش طبع شاعر بہ تنهنجي تعريف ۾ ڪيترو شعر چيو هو، جنهن ۾ مون تنهنجي ساراهہ سان گڏ توکي صبر جي تلقين ڪئي هئي.

اڄ تنهنجي هن ڦرتيءَ تي شعر نٿو لکان پر پنهنجي جذبات جو اظهار نثر ذريعي ڪريان ٿو.

پيارا قاضي صاحب

تون بورڊ جو تنخواه دار ملازم آهين، تنهن ڪري اهڙين حرڪتن کان باز اچ، توکي انگريزن جي طرفداريءَ ۾ سياسي ڪمن ۾ حصو وٺڻو هجي تہ نوڪري ڇڏي پوءِ اهو ڪم ڪر. سرڪار توکي انهن ميٽنگن ڪرڻ لاءِ اجازت ڏني آهي ڇا؟ توکي خبر آهي تہ سيد غلام مرتضيٰ شاهہ پريزيڊنٽ ضلع لوڪلبورڊ جو آنرري قومي ڪم ڪندڙ هو. جڏهن هن ڳوٺ سڌار هلچل لاءِ گشت ڪري تقريرون ڪيون تہ تنهنجي آقا انگريز عملدارن، ان جي مخالفت ڪئي هئي. ايتري قدر ويا جو گشت جي ڀتي ڀاڙي واپس ڪرڻ ۽ بورڊ طرفان منظور ڪيل جلسن جي خرچ ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن لاءِ عام ماڻهو ائين چئي رهيا تہ تنهنجي سازش هئي. ڇا اسڪولن ۾ جلسا ڪري، انگريزن جي ساراهہ ۾ قصيدا ڳارائڻ تنهنجي فرائض ۾ داخل آهي؟ ڇا ٻين لوڪلبورڊن جا چيف آفيسر بہ ائين ڪن ٿا؟

ڇا اهي امن سڀا جون ميٽنگون ڪرڻ لاءِ توکي لوڪلبورڊ کان تنخواه ملي ٿي؟ تو پريزيڊنٽ کان اجازت نہ ورتي آهي.

جيڪڏهن توکي قوم پرستن طرفان انگريزن جي مخالفت تي درد ٿئي ٿو تہ پوءِ موڪل وٺي وڃي سرڪاري خرچ تي اهي حرڪتون ڪر.

آءٌ عام ماڻهن کي صلاح ڏيندس تہ هو قاضيءَ کي سندس ميٽنگن ۾ بلاخوف جي چئي ڏين تہ اهو ڪم نيڪ نہ آهي پر جي هو عملدارن جي سختيءَ انتظام کان خائف هجن تہ ميٽنگن ۾ نہ وڃن.

ڪين معلوم هئڻ گهرجي تہ چيف آفيسر سندن حاڪم نہ آهي پر پگهاردار نوڪر آهي.

حڪيم فتح محمد ٢- جون ١٩٣٠ع

اڳي ٻڌايل آهي تہ ڳوٺ سڌار هلچل جي پروگرام ۾ ميربحرن، مالدارن ۽ هارين جون جماعتون ٺاهي انهن جي حقن جي حفاظت، مالي، سماجي، تعليمي ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ جو فقرو داخل هو.

ميربحرن ۽ مالدارن جون جماعتون بنجي چڪيون هيون، هاڻي هارين جي جماعت ٺاهڻي هئي، جنهن لاءِ انهيءَ تحريڪ جي همدرد ڪارڪنن جي صلاح سان اهو طي ڪيو ويو تہ پهرين ساري سنڌ جي جماعت ٺاهجي پوءِ ان جون شاخون ضلعن ۽ ڳوٺن ۾ برپا ڪجن.

ٿر پارڪر ضلع ۾ اڳيئي هڪ مخلص ڪارڪنن جو گروه انهيءَ ڏس ۾ ڪم ڪندڙ هو.

جن مان مکيہ مولوي عبدالله خان لغاري، مصري خان خاصخيلي ۽ ميان فقير محمد مگريو هئا. انهن جي صلاح سان ميرپور خاص ۾ هڪ هاري ڪانفرنس سڏائي ويئي. جنهن جي صدارت مسٽر جمشيد ميهتا کي ڪرڻي هئي ۽ مرحبا ڪاميٽيءَ جي چيرمين جون خدمات مونکي ادا ڪرڻيون هيون.

ان لاءِ ١٢- جولائي ١٩٣٠ع تي ڪانفرنس جي تاريخ مقرر ٿي. آس پاس مان هزارين ماڻهن کي ان ۾ شرڪت لاءِ ڏنيورو ڏياريو ويو.

ڪراچيءَ مان ان تاريخ تي مسٽر جمشيد ميهتا، شيخ عبدالمجيد صاحب سنڌي، پرنسيپال گوکلي انجنيرنگ ڪاليج ڪراچي، ڪامريڊ عبدالقادر بلوچ، مسٽر چيتمل پرسرام، مسٽر لالچند امر ڏنومل ۽ ٻيا ڳڏجي ان ۾ شريڪ ٿياسون. اجلاس مسافرخاني جي اندروني ميدان ۾ ڪٺو ٿيو.

منهنجي مرحبائي خطبي کان پوءِ مسٽر جمشيد ميهتا صدارتي خطبو پڙهيو. ان ۾ ڪيترائي ٺهراءَ پاس ٿيا. جن جو تفصيل ڊائري جي باب مان معلوم ٿي سگهندو.

مکيہ ٺهراءُ سنڌ هاري جماعت قائم ڪرڻ جو هو! جنهن جا سال لاءِ هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا.

پريزيڊنٽ - پرنسيپال گوکلي

سيڪريٽري ٽي چونڊيا - (١) چيتمل پرسرام (٢) شيخ عبدالمجيد سنڌي (٣) سيد غلام مرتضيٰ شاه (آئون).

ان جماعت جو دستور العمل ٺاهي، ان کي پوريءَ طرح منظم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۾ ڪين گهٽايو ويو، پر ٿوري وقت کان پوءِ اها جماعت ذرا ڪمزور ٿي ويئي جنهن کي اڳتي هلي، مسٽر حيدر بخش جتوئي، قاضي فيض محمد، غلام محمد لغاري، عبدالقادر بلوچ، عبدالخالق آزاد وغيره روح ڦوڪيو، جنهن جون اڄ ڪلهه سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي نالي سان ساري صوبي ۾ شاخون آهن.

انهيءَ سال جولائي جي آخر ۾ بمبئي ڪائونسل جون نيون چونڊيون ٿيڻ واريون هيون مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻي،مولوي محمد صادق صاحب کڏه، مسٽر طيب علي علوي ۽ ٻين دوستن جي صلاح سان ڪراچيءَ ضلع مان شيخ عبدالمجيد صاحب سنڌيءَ کي اميدوار بيهاريو ويو. ان لاءِ مون هيٺيون اشتهار ڇپائي هزارن جي تعداد ۾ ضلع ڪراچي اندر ورهايو:-

جناب من!

”ڪراچي ضلع جي رهاڪن کي ڪيترين ئي مشڪلاتون درپيش آهن. هي ضلعو سنڌ ۾ پوئتي پيل ايراضين مان هڪ آهي. هيٺيان مسئلا حل طلب آهن.

(١) سکر براج چالو ٿيڻ کانپوءِ هن ضلعي ۾ پاڻيءَ جي ڪوتاهي ٿيندي. ان لاءِ ڪراچي ضلع لاءِ جدا براج يا نوان واهه کوٽائڻ يا ضلع جي ماڻهن کي سکر براج تي زمين ڏيڻ جو انتظام ڪرڻ

(٢) گذريل سال بارش ۽ ٻوڏن ڪري فصل کي نقصان پهچڻ سبب ڏلن ۽ تقاوين جي مهلت جو سوال.

(٣) ضلع ۾ عام تعليم لاءِ پورو انتظام نه هئڻ ڪري، وڏيڪ سرڪاري گرانٽ حاصل ڪرڻ .

(٤) رستن، کوهن، مسافرخانن لاءِ گرانٽون حاصل ڪرڻ.

(٥) زميندار ۽ آبادگار طبقي جي شڪايتن کي سرڪار تائين پهچائڻ.

(٦) بي روزگاري دور ڪرڻ لاءِ بندوبست ڪرڻ.

(٧) مالدارن ۽ ميربحرن جي اهنجن دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

اهي ۽ ٻيا اهڙا سوال حل ٿي سگهندا. جيڪڏهن ڪو بي ڊپو، قابل ۽ خدمت خلق جو جذبو رکندڙ قومي ڪارڪن بمبئي ڪائونسل ۾ چونڊي

موڪلجي. ضلع جي مکيہ ماڻهن جي صلاح سان شيخ عبدالمجيد کي ڪراچي ضلع طرفان اميدوار بيهاريو ويو آهي. شيخ صاحب جي شخصيت کان هرڪو واقف آهي. سندس ئي ڪوشش ڪري الوحيد جا ڪالم عوام جي شڪايتن درج ڪرڻ لاءِ ڪليل رهن ٿا. ان لاءِ اوهان کي عرض ڪندس تہ پنهنجا ووٽ شيخ صاحب کي ڏيئي ڪامياب ڪرائيندا."

غلام مرتضيٰ.

چونڊ ١٠- سپٽمبر تي هئي. ڪيس چونڊائڻ لاءِ ساري ضلع ۾ حاجي عبدالرحيم شاه سجاول، مسٽر طيب علي علوي، سان گڏ دورو ڪيو ويو.

اليڪشن وقت عجيب غريب ماڻهن سان ملڻ جو موقعو مليو. انهن مان هڪ سيد شاه محمد شاه دريا خان سوهي جو وينڌل هو.

هو دور انديش، نيڪ نمازي، مذهبي خيال جو بزرگ هو. هن جا ميرپور بٺوري جي خواجن زميندارن سان زمين جي ڳالهين تان ڪي اختلاف هئا.

ازالنسواءِ ان وقت ڪٽر مذهبي ملن طرفان خواجن خلاف عجيب تعصب وهاريل هئا.

هن صاحب پهرين سوال پڇيو تہ خواجن وٽ ووٽن لاءِ ويا آهيون.

جواب ۾ ڪيس ٻڌايو ويو تہ اجا ڪونہ ويا آهيون. پوءِ گفتگو ڪندي ظاهر ڪيائين تہ ڪتابن لکيو آهي "تہ خوجا شيطان جي اولاد مان پيدا ٿيل آهن"

ووٽن لاءِ آيل هئاسون. ڪجيوسون ڪونہ پر ذرا ڪل آئي. ان تي ڪاوڙجي ويو چيائين تہ جي اعتبار نٿو اچيو تہ ڪٿي اچان ڪتاب؟ مناظرو ڪندا؟

اسان چپ ٿي وياسون اهڙي ماڻهو سان بحث ڪرڻ مان فائدو ڪونہ هو.

خبر نہ آهي جي هو پاڪستان نهڻ وقت جيئرو هجي ها تہ جناح صاحب جي مسلمانن جي قائداعظم ٿيڻ بنسبت سندس ڪهڙا تاثرات ٿين ها؟

ٻي طرف حيدرآباد ضلعي ۾ ميران محمد شاه جي مدد لاءِ ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃڻو پيو.

جنهن لاءِ هالن تعلقي ۾ يٽ شاهہ، مٽياري، هالا، سعدآباد، اڏيري

لعل جا دورا ڪرڻا پيا.

سعيدپور ۾ سيد محمد ڪامل شاهه وٽ ميران محمد شاهه لاءِ وفد وٺي وياسون ليڪن هن صاف جواب ڏنو تہ هن مسٽر نور محمد وڪيل کي وعده ڪري اميدوار بيهاريو هو تنهن ڪري ٻي ڪنهن کي مدد ڪري نہ سگهندو. ٽڪڙ وارن سيدن جي اليڪشن ۾ڪيس مدد گهربل هئي، ان تان هٿ ڪنيائين.

پر وعدي تان ڪين مڙيو.

مون ان جي باوجود چاچا محمد ڪامل شاهه سان سندس چونڊ ۾ مدد ڪئي، جو هو لائق، ڪارائتو، باهمت ماڻهو هو. ازانسواءِ هن جي مون سان اولاد وانگر محبت هئي ۽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي چونڊن ۾ هن مون سان مدد ڪئي هئي.

انهن چونڊن ۾ ڪراچي ضلعي مان شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ پير غلام حيدرشاهه بلڙيءَ وارو ميمبر چونڊجي ويا.

حيدرآباد ضلع مان ميران محمد شاهه، مسٽر نور محمد ۽ مير بنده علي خان ميمبر چونڊيا.

۱۵- سيپٽمبر تي زميندارن جي چونڊ ٿي ان ۾ محمد ڪامل شاهه ميمبر چونڊيو. ڪراچي شهر مان حاجي مير محمد بلوچ ميمبر چونڊيو.

لاڙڪاڻي مان- سرشاهنواز ڀٽو، خانبهادر محمد ايوب کهڙو ۽ سردار واحد بخش ڀٽو ميمبر چونڊيا.

سکر مان- خانبهادر الهہ بخش سومرو، پير رسول بخش شاهه چونڊيا.

جيڪب آباد مان – شير محمد خان بجاراڻي.

ٿرپارڪر مان – خانبهادر غلام نبي شاهه.

نواب شاهه مان – ڄام جان محمد خان جوڻيجو ميمبر چونڊجي آيا

اهڙي طرح ساري سنڌ مان ٿوري رد بدل سان گهڻو ڪري ساڳيا ماڻهو چونڊجي آيا.

انهيءَ سيپٽمبر مهيني ۾ سنڌ جي سرڪاري عملدارن جي مخالفت جي باوجود مسٽر محمد هاشم گزدر کي ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ۾ انجنير مقرر ڪرڻ جي منظوري بمبئي سرڪار کان ملي.

اها رواجي ڳالهہ هئي پر مڪاني آفيشل طبقي جي مخالفت هوندي،

منظوري جي ملڻ اهميت وارو هو، اها آفيشل طبقي مٿان قومي ڪارڪنن جي پهرين فتح هئي. ان جو اندازو سيد حاجي عبدالرحيم شاه سجاول واري مونڏي موڪليل هيٺين خط مان پئجي سگهندو:-

”شيخ عبدالمجيد جي بمبئي ڪائونسل ۾ عظيم ڪاميابيءَ جون لک لک مبارڪون هجنوَ.

حيقيقت ۾ اها ڪاميابي اوهان صاحبن جي ڪوششن جو نتيجو آهي خدا صاحب جا بيشمار احسان آهن جنهن غريب طبقي جي عيوضيءَ کي فتح حاصل ڪرائي. زماني سابق کان حق جي فتح ۾ غريب ئي حصو وٺندا آهن. وري فتح بہ اها جنهن جو خواب خيال بہ نہ هو. دوباره مسٽر محمد هاشم گزدر جي ڪاميابيءَ ۾ (حق جي فتح ۽ ڪاموري ڪلاس جي شڪست سبب) خدا صاحب جي فيض جي پالوٽ تي آهي- اسان کي شاڪر رهڻ گهرجي

(سيد حاجي، عبدالرحيم شاه)

خانبهادر عظيم خان جو ذڪر ڪري آيو آهيان تہ هو خاص دوستن مان تي ويو هو. ان سندس لکيل خط ٢٣- سيپٽمبر ١٩٣٠ع تي ميران محمد شاه، شيخ عبدالمجيد ۽ مسٽر گزدر جي ڪاميابيءَ تي مبارڪ ڏيندي لکيو تہ:

”اهو سڀ اوهان جي نيڪ نيتي جو ڪارڻ آهي“

انهيءَ وقت ۾ باوجود ڪثير سياسي مشغولين جي رمضان جو مهينو، ڳوٺ رهي عبادت ۽ مطالعي ۾ صرف ڪندو هوس.

حاجي عبدالرحيم شاه سجاول وارو پرهيزگار، عابد ۽ مذهبي خيالن جو ماڻهو هو. انهي لکي موڪليو تہ عبادت لاءِ گوشہ نشين ٿيڻ نيڪ آهي پر اوهان جيڪا خلق جي خدمت ڪري رهيا آهيو سا بہ عبادت آهي.

ان ڪري اوهان جهڙن ماڻهن لاءِ انهن ڳالهين جي ضرورت نہ آهي پر انهي ڏينهن ۾ مونتي مذهبي خيال ايترو گهرو ويٺل هو جو باوجود انهيءَ هدايت جي، ڳوٺ رهي عبادت ڪرڻ لڳس.

انهن ڏينهن ۾ جناح صاحب پير صاحب پاڳاري جي ڪيس لاءِ سنڌ ۾ آيل هو. اتان گول ميز ڪانفرنس لاءِ وڃڻ وارو هو.

صلاح بيٺي تہ ڪيس چانهن تي گهرائي سنڌ جي جدائيءَ لاءِ عرض ڪيو وڃي ۽ سندس وڏي دعوت بہ ڪئي وڃي.

ان لاءِ ٣٠- تاريخ سيپٽمبر ١٩٣٠ع تي مون پنهنجي بنگلي تي ٥ بجہ

شام جو کيس چانهن جي دعوت تي گهرايو- جنهن مجلس ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي، سيد ميران محمد شاه، خانبهادر محمد ايوب کهڙو- ختم علوي شريڪ ٿيا.

جتي هن ان سوال ۾ دلچسپي وٺڻ جو وعدو ڪيو. وڏيڪ چيائين تہ سر شاهنواز پڻ ڪي نيڪ ڪجو متان هو حڪومت جي اشاري تي مخالفت نہ ڪري.

جهڙيءَ طرح صوبہ بمبئي طرفان سائمن ڪميشن کي مدد ڪرڻ واري ڪميٽيءَ تي سنڌ جي جدائي جي مخالفت ڪئي اٿس. ٻي ڏينهن مون، سيٺ حاجي عبدالله هارون ۽ خانبهادر کهڙي گڏجي ڪارلٽن هوٽل ۾ جناح صاحب کي وڏي ڊنر ڏني، جنهن ۾ ڪيترا سياستدان ۽ آفيسر گهرايا ويا هئا.

اتي کهڙي صاحب سنڌس تقرير ۾ جناح صاحب کي سنڌ جي ماڻهن طرفان سنڌ جي بمبئي کان علحده ڪرڻ لاءِ اپيل ڪندي عرض ڪيو تہ گول ميز ڪانفرنس ۾ ان سوال جي گهر ڪري. انهيءَ ڏينهن سرشاهنواز خان ڀٽي کي گانڌي گارڊن ۾ سردار واحد بخش ڀٽي طرفان وڏو ائٽ هوم ڏنو ويو.

ٻي ڏينهن سيئي جهاز ۾ چڙهي گول ميز ڪانفرنس لاءِ روانا ٿيا.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ۾ حالتن ڦيرو - ڏو. سيد شاهنواز شاه جو قاضي عبدالرحمن جي گروه جو مکيہ ڪارڪن هو. جنهن جي انهي مقابلي ۾ ادا ڪيل پارٽ جو ڪجهہ ذڪر اڳي تي چڪو آهي. تنهن جا پيسا گهٽ ٿيڻ ڪري، سندس سنگت رخ بدلائي ڇڏيو هو.

٣٠- سپٽمبر ١٩٣٠ع تي سندس لوڪلبورڊ اسڪولبورڊ جي چيرمئن شپ تي بي اعتباريءَ جو ٺهراءُ پاس ڪري ان کان استعيفا جي گهر ڪيائون- جنهن تي مجبور ٿي، هن مون کان مدد جي تقاضا ڪئي، مون ميمبرن کي سمجهائي کيس چيرمين ٿي رهڻ لاءِ مدد ڪئي.

مسٽر محمد هاشم گزدر جي انجنير ٿي اچڻ تي ضلع لوڪلبورڊ جا ہہ مکيہ ڪم هٿ ۾ کنيا ويا.

١- ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين پڪي موٽر جي رستي ٺهرائڻ جو ڪم

(**نوٽ**)- انهن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين موٽر ذريعي اچڻ جو رستو نيڪ نہ هو، اڪثر آمدرفت ريل گاڏي ذريعي ٿيندي هئي.

٢- ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ۽ سڪولبورڊ جون عمارتون ٺهرائڻ .

(نوٽ)- انهن ڏينهن ۾ اهي ٻئي آفيسون مسهواڙ جي جاين ۾ رهنديون هيون، انهيءَ لاءِ پهرين ڪراچي ڪوٽڙي رستي لاءِ سروي ڪرڻ واسطي عملو رکي، آڪٽومبر ۾ پراجيڪٽ ٺهرائڻ شروع ڪيو ويو.

۽ لوڪلبورڊ آفيسن ٺهرائڻ لاءِ پلاٽ وٺڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويئي، ليڪن باوجود گهڻين ڪوشش جي ٻيو پلاٽ ملي نه سگهيو ان ڪري لوڪلبورڊ جي رچمند ڪرائفورڊ وٽرنري اسپتال بندر روڊ جي وسيع پلاٽ مان هڪ ٽڪرو چونڊي اتي عمارتن ٺهرائڻ لاءِ پلئن ۽ اسٽيمنٽون ٺهرائڻ شروع ڪيون ويئون. ڪليڪٽر ڪان اهڙي منظوري ورتي ويئي.

انهيءَ وقت سنڌ ۾ هڪ نئين ضلع جي ٺاهڻ جي تجويز هلي رهي هئي. عملدارن ڪوٽڙي ڊويزن کي ڪراچي ضلع مان ڪڍڻ جي سفارش ڪئي هئي، ان مان سندن مقصد اهو هو ته منهنجي ڊويزن ڪراچي ضلع ڪان علحده ٿيڻ ڪري، ڪراچي ضلع ۾ هو پنهنجا ڇاڙتو چونڊائي سگهندا.

انهيءَ تجويز جي اسان جي طرفان سخت مخالفت ڪئي ويئي، پر آفيسر نيٺ سندن سازش ۾ ڪامياب ٿي ويا.

ڊسمبر جي ٢٤- ٢٥ تاريخ هميشه وانگر سن ۾ شاه حيدر عليه رحمت جي ساليانې ميلي تي محال مانجهندن جي تنظيمي ڪانفرنس ڪئي ٿي، جنهن ۾ ڪيترا ٺهراءَ پاس ڪيا ويا.

هن سال ۾ سن ڪانگريس ڪميٽيءَ طرفان ڪيترا رضاڪار سول نافرماني ڪري جيل ۾ ويا، جن مان مکيه ڊاڪٽر پوهومل، ڊاڪٽر ٽلومل ڏيرواڻي، شيخ محمد ذڪريا هئا. انهيءَ ڪاميٽيءَ جو پريزيڊنٽ آءٌ هوس.

سال ١٩٣١ع

مون هن سال جنوري جي اول ۾ چيف ڪنسرويٽر آف فاريسٽ سنڌ مسٽر گلبرٽ کي ملي ضلعي ڪراچيءَ جي مالدار ايسوسيشن طرفان انهن جي شڪايت کي پيش ڪيو.

سگهوئي، جنوري ١٩٣١ع تي جيڪب آباد ۾ هارس شو (گهوڙن جي نماءَ) جي موقعي تي خانبهادر الهه بخش سومرو طرفان گهرايل ٻن ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ويس، جتي سنڌ جا مکيه ڪارڪن آيل هئا.

هڪ ڪانفرنس سياسي مسئلن بنسبت گهرايل هئي، جنهن ۾ سنڌ

بنسبت مختلف سياسي مسئلن تي غور ڪري ٺهراءَ پاس ڪيا ويا. اها ڪانفرنس سيٺ حاجي عبدالله هارون جي ڀي ڪانفرنس لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽن ۽ چيف آفيسرن جي هئي. جنهن ۾ لوڪلبورڊ سوالن سان واسطو رکندڙ مسئلن تي غور فڪر ڪري ڪيترا ٺهراءَ پاس ڪيا ويا.

ان موقع تي ڪمشنر صاحب جي دربار به هئي جتي وزيٽر تي ڪاروائي ڏسڻ جو موقع مليو. اتي عجيب نظارو هو. هڪ پليٽ فارم ٺهرايو ويو هو، جنهن تي ڪمشنر صاحب ۽ آفيسر ويٺل هئا. ان جي هيٺ سامهون رکيل ڪرسين تي زميندار ويٺل هئا.

جيڪي زميندار ڪمشنر ڪان آفرين نامہ وٺڻ ويا ٿي سي جُتي لاهي، اڳتي وڌي، جهڪي سلام ڪري آفرين نامي وٺڻ بعد ساڳي طرف منهن ڪندي پوئتي موٽي اچي سندين ڪرسين تي ويٺا ٿي.

انهن ۾ هزارن ايڪڙن جا مالڪ زميندار، ڪيئي لک ساليانہ پيدائش وارا سندن قومن جا سردار بہ اچي ٿي ويا. اهو سڀ انڪري ٿيو ٿي جو اتي فرنٽيئر ريگيوليشن لاڳو هئڻ ڪري، ضلع عملدار کي اختيار هو تہ بنا ڪيس هلائڻ جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي جيل ۾ موڪلي سگهي. ان تي ڪنهن ڪورٽ کي دست اندازي ڪرڻ جو اختيار ڪونہ هو.

جيئن راڄن ۾ ڪيترا فساد، خون پيا ٿين ۽ اڪثر قبيلن ۽ سردارن جا هڪ ٻين سان اختلاف ٿين ٿا تنهن ڪري هن قانون ڪري ضلع آفيسرن کي ملڪ جو مالڪ بنايو ويو هو تہ ان جي آڌار تي هو ڪنهن بہ شريف ماڻهوءَ جي پڳ لاهي ٿي سگهيو.

هن کي ڪارو قانون سڏيو ٿي ويو. ان جي رد ڪرائڻ لاءِ سياسي ڪانفرنس ۾ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو. پر اها ڪهڙي خبر هئي تہ ٣٢ سالن گذرڻ بعد پاڪستان جي مسلمان حڪومت، جا پاڻ کي اسلامي قانون جو رکپال سڏائڻ جي هام هڻي رهي آهي سا ان کي ساري مغربي پاڪستان سان لاڳو ڪري ڇڏيندي، وڌيڪ احوال ڊائري جي باب مان ملي سگهندو.

١٥- جنوري ١٩٣١ع تي مسٽر حاتم علوي، مسٽر هرچندراءِ ٺهلرام، رئيس مزار خان ملڪاڻي بلوچ سان گڏجي لوڪل سيلف گورمنٽ ڪانفرنس لاءِ سامونڊي جهاز واسنا ۾ چڙهي بمبئي ڏي روانا ٿياسون.

بمبئي ۾ اپولو هوٽل ۾ رهڻ ٿيو ١٨- ١٩ لوڪل سيلف گورمنٽ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ بعد مسٽر حاتم ۽ هرچندراءِ سان گڏ ابوجبل ۾

اچي هفتو ڪن رهي، دلوارا مندر ۾ پيون مڪيه جايون ڏٺيون سون.

هن سال رمضان جو مهينو ڪراچيءَ ۾ گذاريم. روزن نمازن سان گڏ سياسي مشغولين ڪي به نه ڇڏيم.

ان وقت ڏاري باوجود آفيسرن جي مخالفت ڪي منهن ڏيڻ، رات ڏينهن نند ڦٽائي خدمت خلق ۾ مشغول رهڻ، خرچ ڪري ملڪيت تي گهٽو بوجو وجهڻ، ڪيترن ادارن ۾ جماعتن ذريعي ڪم ڪرڻ جي، منهنجي طريقه ڪار بنسبت دوستن ۾ بد دلي پيدا ٿي ويئي هئي. جنهن جا اسباب پيش ڪرڻ کان اڳ ان جا چند مثال هيٺ پيش ڪريان ٿو، انهيءَ عوام جي بي قدري، دوستن جي ناراضگيءَ مان پتو پئجي سگهندو ته سياسي زندگي اهڙو مشغلو آهي، جنهن ۾ نه عيوضي جي اميد نه شابس جو توقع رکڻو آهي.

جنهن ۾ يا خود مطلب، بي اصول ۽ لالچي ماڻهو گذاري سگهن ٿا يا محبت انساني ۽ درد دل رکندڙ ماڻهو رواجي ماڻهن جي اتي جاءِ نه آهي.

"اتان جاءِ نهين ڪنهن دي آوڻ دي
ريءَ عشق بنا لئي پاوڻ دي" (بيدل)

ان وقت مولوي فتح محمد صاحب مسوهاٽي، جو منهنجو سرپرست همدرد ٿي رهيو هو، ان هڪ خط لکيو. ان جا ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا:-

"قاضي عبدالرحمن ڪڏه مدرسي جي گرانٽ ۾ اسڪالرشپن بابت نهايت ناجائز طريقا اختيار ڪري رهيو آهي.

ميران محمد شاه نور چشم محمد اڪبر جي مخالفت ڪري رهيو آهي، اوهان بي توجهي اختيار ڪئي آهي. پر اوهان ۾ اجان اميد اٿم ته طبيعت سالم هئڻ ڪري قديم لاڳاپا نه وساريندا"

اهڙي ماڻهوءَ کان اهڙو شڪايت وارو خط اچڻ، منهنجي حساس دل لاءِ نهايت گران هو "مون نهايت ادب سان ڪيس يقين ڏياريو ته باوجود ڪثرت ڪاروبار جي آءٌ قديم دوستن جو در نه مٽيندس."

جنهن جي جواب ۾ لکي موڪليائين ته "اوهان جي مهربانين، عنايتن ، قربن ۽ عزتن سان پريل خط پهتو رب سلامت رکندو. اوهانجي اخلاق محسنين مان اهڙو توقع هو"

حاجي عبدالرحيم شاه ٦٦- جنوري ١٩٣١ع تي هڪ ڏکهي خط ۾ نهايت شائسته نموني ۾ نقط چيني ڪندي لکي ٿو ته: "بمبئي ڪانفرنس ۾ اوهان اهڙن ميمبرن ڪي وٺي ويا جي پوري سنڌي چاٽندڙ به نه هئا (رئيس

مزار خان ڏي اشارو) جڏهن مخالف اوهان تي نقط چيني ڪن ٿا ته ارمان ٿئي ٿو. زميدناري ائسوسيشن جي جنرل سيڪرٽري جا فرض پوري طرح ادا نه پيا ڪريو. شايد ضلعن جي جدا ٿيڻ ڪري هن ضلع جي ڪم مان دلچسپي ڪڍي ڇڏي اٿو. وغيره"

اڳي جيڪڏهن ڪيس ڪو سياسي جماعت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ لکندو هو ته مون کي لکندو هو ته اوهان صلاح ڏيو. هاڻ سنڌ جي مستقبل لاءِ سياسي جماعت ٺاهڻ واسطي جڏهن ڪيس لکيم ته جواب موڪليائين "ته ملڪ ۾ گهڻيون جماعتون پيئون ٺهن. هن وقت فيصلو ڪري نه سگهبو."

سيد ميان مقبول شاه ٻين وارو اهو ماڻهو هو جنهن مون کي حرص ڏياري، لوڪلبورڊ ۾ بيهاريو ۽ پريزيڊنٽ چونڊائڻ ۾ مدد ڪئي. تنهن نندين نندين ڳالهين جهڙوڪ سندن ڳوٺ جي ڊڪ منشين جي مقررين، بدلين، ڪمپائونڊرن ڊاڪٽرن جي بدلين وغيره تان ناراض ٿيڻ شروع ڪيو.

هو هاڻ رُسي مون وٽ مهمان ٿي رهڻ جي بجاءِ ٻين جاين تي رهڻ لڳو، هڪ خط ۾ لکيائين ته "اسٽيشن تي اوهان لهي بينا، آءٌ اوهان سان گاڏيءَ مان لهي ملڻ لاءِ وڌيس، پر اوهان توجهه نه ڏنو. وري گاڏيءَ ۾ چڙهي ويا. هاڻ اوهان کي وڏن ماڻهن، انگريزي تعليم يافته دوستن جي ملاقاتن کان ڪٿي فرصت آهي، جو اسان جهڙن پراڻن سنڌي خوانده دوستن جي سنگت پسند اچيو"

رئيس فقير بخش خان ڪاڇي انهن ماڻهن مان، جنهن لوڪلبورڊ کان اڳ منهنجي تربيت ۽ لاڳاپن وڌائڻ ۾ خاص دلچسپي ورتي هئي. سو سندس چيڙاڪ طبيعت موجب وڏيڪ خفا ٿيل ڏسڻ ۾ آيو.

ڪراچي آل انڊيا ڪانگريس جي اجلاس لاءِ ان کي ڪراچي وٺي آيس، هاڻ ڪفايت شعاري سبب بنگلو ڇڏي نندي جاءِ سعيد منزل جي پر ۾ رهيل هوس. جنهن ۾ ٽي ڪمرا هئا.

هو راڄائتو ماڻهو هو. هميشه اٺ ڏهه نوڪر وٽس ڪچهري ۾ وينل هوندا هئا. چلم رکي هوندي هئي.

ان وقت ڪراچيءَ ۾ شهري آداب کان واقف ٿيڻ ڪري مون مناسب سمجهيو ته ڪيس خلاصو روم ڏيان ته ڪيس به خلاصگائي ملندي ۽ مون وٽ اينڌڙ سياستدانن کي ڳالهه ڪرڻ ۾ به سهوليت ٿيندي. پر هو ان کي سندس هتڪ سمجهي ڪاوڙجي جاءِ ڇڏي ويو هليو.

اهي چند مثال آهن جن مان آءٌ اندازو لڳائي سگهيس ته مخالفت ڪي ڇڏي، پنهنجن کي به راضي رکي نه سگهيو آهيان.

رواجي طرح سياسي زندگيءَ ۾ ڪيئي ماڻهو ڪڏهين راضي ڪڏهن ناراض ٿيندا رهن ٿا، جن سڀني کي راضي رکڻ مشڪل مسئلو ٿيو پوي. ليڪن مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ ذاتي دوستن جي ناراضگي غور ۽ فڪر لاءِ مواد ٿي پيدا ڪيو،

انهيءَ ڪري پيدا ٿيل حالات تي روشني وجهڻ لاءِ ناظرين معاف ڪندا جيڪڏهين آءٌ ذاتي ڪهاڻي ٻڌايان.

جنهن قومي خدمت جي جوش ۽ خروش، ملڪي تعمير جي نيڪ خواهشن ۽ ارادن سان هن سياسي صحرا ۾ پير پاتو هوم، تنهن سفر ۾ ڪيترين ئي مالي، علمي، سياسي طبعي ۽ عملي مشڪلاتون سامهون آيون هيم:

" عشق ٿي آسان پانيم، نيٺ ٿيو اوکو اديون "

گذر جو سمورو سهارو زرعي زمين جي پيدائش تي هو، زمين جا ٻه حصا بارش تي هئا جي سالن جا سال بارش نه پوڻ، يا گهٽ پوڻ يا گهٽي پوڻ ڪري سٺي پيدائش نه ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪو سٺو سال ٿيو ٿي ته اڳهه لهي وڃڻ ڪري پيدائش گهٽ ٿيندي هئي.

اسانجي حد ۾ هڪ ڪاري واهه نالي درياهي واهه هو جو سدائين فصل جي پڇڻ کان اڳ سُڪي ويندو هو. ڪچي جي زمين دريا پائي ويل هو. سڪرنڊ طرف واري زمين سڏريل نه هئڻ ڪري پيدائش واري نه هئي، پوئتان پاءُ، نه عزيز سمورو ڪم وڃي ڪمدارن تي پيو.

آءٌ سمورو وقت سياسي ڪمن ۾ مشغول هوس.

ڪراچي شهر ۾ بنگلو، موٽر، رکڻ مهمانوازي ڪرڻ، منهنجي طاقت کان ٻاهر هو. شاهنواز شاه جهڙي وڏي زميندار، مائٽاڻي ڇڏيل ملڪيت، واري ماڻهوءَ جو به شهري زندگي ڏيوالو ڪڍائي ڇڏيو. آءٌ ڇا هوس! البت خلافت ۽ ڪانگريس تحريڪن جي اثر ڪري مون ۾ فضول خرچي ڪانه هئي، سادو کاڌو، سادو ڪپڙو پائيندوهوس. عيش عشرت کان پري هوس ته به ڪافي خرچ ٿيندو هو. گهر ۾ وڏيون حيات هونديون هيون. گيهه، کير، اناج ۽ گهرو خرچ جي ڪفايت ۽ وڏن جي ڇڏيل ملڪيت مان پي منهنجي ڪراچيءَ جي خرچ جو پورائو ٿيو.

ليڪن چوٽي اهي ته ڪاڏي ڪوهه به ڪتيون وڃن، سو اها حالت گهڻو وقت جٽاءُ ڪري نه سگهي. وڏيون پڻيون به يڪي بعد ديگر هي دنيا ڇڏي ويئون. پيدائش جا ذريعي تنگ ٿيندا ڏسي بنگلي کي ڇڏي ننڍي فليٽ ۾ رهڻ لڳس، موٽر کي نيڪال ڪري ڇڏيم ڪراچيءَ ۾ اچڻ تي پابندي وڌم، ان ڪري خرچ گهٽو گهٽجي ويو.

ٻي طرف آءُ اڳي ٻڌائي آيو آهيان ته سنڌي، پارسي، عربي ۽ انگريزي مان اڌو ڳابرو واقف هوس، جنهن زندگيءَ ۾ گهڙيو هوس ان ۾ انگريزي جنرل معلومات جي گهڻي ضرورت هئي.

ڳوٺ ۾ هوس ته ڪتابن جو مطالعو به ڪندو هوس، ليڪن شهري زندگيءَ ۾ رات ڏينهن هل هلان سبب مطالعي لاءِ وقت به ٿورو ملندو هو.

طبيعت جي اها حالت هئي جو دير هضم ۽ بي وقتي ڪاڏي باوجود جوانيءَ جي صحت تي خراب اثر وجهي ڇڏيا هئا.

ڪم هٿ ۾ گهٽا ڪنيم. ان ۾ وقت، پيسي ۽ علم جي ڪوتاهي، سياسي رقيبن، سرڪاري عملدارن جي رڪاوٽن گهڻيون مشڪلاتون وجهي ڇڏيون هيون.

مون گهٽن ڪمن ۾ هٿ هڪ ته تعميري پروگرام جي نقطه نگاه کان وڌو هو ٻيو ته منهنجي سيمابي طبيعت جي تقاضا به اها هئي. مسٽر جمشيد جي صبوح کان شام تائين مشغولي منهنجي لاءِ مشعل راهه هئي پر اها خبر ڪانه رکيم ته مسٽر جمشيد جي پيدائش جو ذريعو واپار، ڪارخانا ۽ جايون، اهڙي مستقل ڪثير اخراجات جو بوجو برداشت ڪري سگهيون ٿي.

هو شهر جو رهاڪو هو، سندس تعليم ۽ تجربو مون کان وڌيڪ هو، ان جا ميمبر زياده بيدار ۽ آفيسري اثرن کان ٻاهر هئا. ازانسواءِ هو جوش کان هوش وڌيڪ ڪم آڻيندڙ هو.

منهنجا زميندار ميمبر بزدل ۽ آفيسرن کان ڊڄڻ وارو هئا.

چيف آفيسر ۽ سندس گروه جي منظم سازش جو مقابلو ڪرڻو هو.

جيئن دائره سياست وڌندو ويو ته معلوم ٿيڻ لڳو ته ايترين ڳالهين کي هڪ وقت منهن ڏيڻ مشڪل تي پيو هو ۽ دوست احباب شڪايت ڪرڻ لڳا هئا.

جيئن هڪ مسڪين عورت محمود غزنويءَ کي چيو هو ته ايترو ملڪ پاڻ وٽ رک جو سنڀالي سگهين. تيئن اهي به اشارو ڏيڻ لڳا.

١١- فيبروريءَ تي مون هڪ خط ڪراچيءَ جي قومي ڪارڪنن کي لکيو ته ڪانگريس جي ساليانه اجلاس جي موقعي تي سنڌ جي سوالن تي غور ڪرڻ لاءِ، هڪ جاءِ تي گڏ ٿي صلاح مشورو ڪجي پر سنڌ جا سوال انڊيا سوالن سان گڏيل پيا هئا. جنهن ڪري انهن جا پوئلڳ صوبه وار جدا سمجهوتو ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هئا. اهڙو تجربو مسٽر سي آر داس ڪيو هو.

اهو به ناڪامياب ٿيو هو، هن منهنجي سڏايل ميٽنگ ۾ مکيه قومي ڪارڪنن دلچسپي نه ورتي. تنهن ڪري ڪجهه نه ڪري سگهياسون.

فيبروريءَ جي آخر ۾ ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي آدمشماري جا ڪچا انگ اکر ظاهر ٿيا. جن موجب

هندو- ١١٠٠٠٠- مسلمان- ٧٣٠٠٠ هزار ۽ ٻيا فرقا ٩٠٠٠ ٿيا.

جمله آبادي (١٩٢٠٠٠) هڪ لک ٻيا نوي هزار ٿي.

ڪراچيءَ ۾ ٢٧ مارچ ١٩٣١ع کان آل انڊيا ڪانگريس جو ٤٥- ساليانه اجلاس سردار ولڀ ڀائي پٽيل جي صدارت هيٺ ڪنو ٿيو. ان ۾ حصو ورتم.

خان عبدالغفار خان سندس سرخپوش جماعت سان ان ۾ شامل ٿيو.

ان سان انهيءَ موقعي تي واقفيت ٿي. انهي ڪانگريس جي مرحبا ڪميٽيءَ جو چيرمين ڊاڪٽر چوئٿرام هو.

انتظام ۽ خوراڪ ڪميٽيءَ جو چيرمن مسٽر غلام علي ڇاڳلا هو.

والنٽيئرن جو ڪپتان مسٽر سنتداس عيدن مل ۽ خرانچي سيٺ ايسرداس ورندمل هئا. جنرل سيڪريٽري مسٽر رستم سڌوا ۽ تاراچند لالواڻي هئا. موجوده اسلام آباد ڪالوني واري زمين تي عيوضين جي رهائڻ لاءِ جهوپڙيون ٺهرايل هيون.

مسٽر جيرامداس دولترام ۽ مسٽر جمشيد ميهتا ساري ڪاروبار جي مٿان هئا.

ٻه ڏينهن سبجيڪٽس ڪميٽيءَ ۽ ٻه ڏينهن ڪليل اجلاس هليا. وڌيڪ احوال ٻئي باب ڏنل آهي.

جمعت العلماء هند جي اجلاس جو بہ ان باب ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان.

انهيءَ سال ١٤- جولاءِ ١٩٣١ع کان پوءِ لوڪل سيلف ڪانفرنس

لاءِ گهڻا سنڌي ميمبر ٿياسون. جتي ٻه ڏينهن رهي پوءِ مسٽر گزدر، حاجي عبدالرحيم شاهه ۽ سنڌس مئنيجر سيد مهر علي شاهه سان گڏ حيدرآباد دکن ويس. جتي ڪجهه وقت رهي گزدر صاحب موٽي سنڌ ۾ آيو. باقي اسان ٽي اورنگ آباد آگره، دهلي، پانيپت، سرهند، لاهور، راولپنڊي، مري، ڪشمير جا مختلف مڪان گهمي آگسٽ جي آخر ڌاري ڪراچي پهتاسون. انهيءَ سيرو سفر جي دوران ۾ ڪيترن مڪيه تاريخي جڳهين کي ڏٺو ويو. مکيه ماڻهن سان ملاقاتون ٿيون. جن مان خواجه حسن نظامي، شيخ عبدالله ڪشميري ، بخشي غلام محمد، قابل ذڪر بزرگ هئا. ان بابت وڌيڪ احوال ڊائريءَ جي باب مان ملندو.

هندوستان جي گشت مان موٽي آيس تہ ان وقت سنڌ جي جدائي جي هلچل زور سان هلندڙ هئي. هندن جو گهڻو حصو ان کي بمبئي کان جدا ڪرڻ جي خلاف هو.

جن ۾ مهاسيا جا ليڊر ۽ ڪي ڪانگريسي ڪارڪن متحد هئا. ليڪن ڪيترا غير مسلم ڪارڪن جهڙوڪ جمشيد ميهتا، چيئنمل پرسرام، رستم سڌوا، پروفيسر ٽيجا، انهيءَ جي جدا ڪرڻ ۾ حصو وٺڻ لڳا.

۱۵- اگسٽ ۱۹۳۱ع تي مسٽر سڌوا بيان ۾ چيو تہ سيٺ هرچندراءِ وشنداس مکيہ ڪانگريسي ليڊر بہ سنڌ جي جدائي جي فائدي ۾ هو.

۵- سيپٽمبر ۱۹۳۱ع تي مائيلس ارون جي چيرمنيءَ هيٺ سنڌ جي جدا صوبي ٿيڻ جي حالت ۾ سنڌس مالي حالت تي انڪواري ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ پهتي. ان جي اڳيان خانبهادر کهڙي، خانبهادر الهہ بخش ۽ حاجي عبدالله هارون، پرنسيپال گوکلي فائدي ۾ بيان ڏنا.

ديوان ڀوڄسنگ، پروفسر چبلاڻي، ڊاڪٽر هنگوراڻي مخالفت ۾ شاهديون ڏنيون انهي سال ۾ ضلعن جي ڦيرگهير لاءِ لکپڙهہ هلي، لاڙڪاڻي ۽ ڪراچي ضلعن مان نئين ضلع ٺاهڻ جي تجويز سرڪار اڳيان هئي.

سرڪاري عملدارن ۱۹۲۵ع کان وٺي اها ڪوشش پئي ڪئي، جنهن کي نظر ۾ رکي سيد مقبول شاهه ۽ راءِ بهادر روشنداس ضلع لوڪلبورڊ مان ان جي خلاف ٺهراءُ پاس ڪرايو هو.

هاڻ بہ تعلقہ لوڪلبورڊ ڪوٽڙي ۽ مانجهند ن اهڙا ٺهراءَ پاس ڪيا.

انهي سلسلي ۾ دادو ۽ سيوهڻ کي ضلع جي هيڊڪوارٽر بنائڻ تان

اختلاف پيدا ٿيو. سيوهڻ کي ضلع جي هيڊ ڪوارٽر ڪرڻ لاءِ سيد ميان ولي محمد شاه، مولوي فتح محمد سيوهاڻي ۽ ڪن سيوهاڻي ديوانن ڪوشش ورتي، ڇاڪاڻ جو سيوهڻ هو ته سيوهڻ تاريخي شهر ۽ قلندر شهباز جي درگاهه ڪري، خاص حيثيت رکندڙ شهر هو.

ليڪن سرڪاري عملدار دادوءَ جي فائدي ۾ هئا. سندن چوڻ هو دادو جو شهر وڏندڙ پر ۾ ڪشادا ميدان رکندڙ ۽ واپار جو مرڪز هو. سيوهڻ شهر ڦٽي ويو هو. آخر فيصلو سرڪاري عملدارن جي خواهش مطابق دادوءَ جي فائدي ۾ ٿيو. اسان انهيءَ ساري تجويز جي مخالفت ۾ هئاسون، پر ڇا ٿي ڪري سگهياسون؟

ڪراچي ضلع لوڪلبورڊ جي ٽرم کي ٽي سال گذري چڪا هئا. ليڪن ضلعن جي ڀير ڦار ڪري ساري سنڌ جي لوڪلبورڊ چونڊن کي مڪمل ڪيو ويو هو. ڪراچي ضلع جي تعمير لاءِ گهڻيون تجويزون رٿيون هوم پر سرڪاري عملدارن ۽ چيف آفيسر گروه جي مخالفت ڪري، انهن جي سرانجاميءَ ۾ رنڊڪون پئجي ويئون هيون.

انهن مان مکيه هيٺيون هيون:-

(١) ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ۽ اسڪولبورڊ جون آفيسون ٺهرائڻ.

(٢) ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين موٽر هلڻ جهڙو پڪو رستو ٺهرائڻ.

(٣) جهوڪ کان شاه بندر تائين پڪو رستو ٺهرائڻ.

(۴) سجاول کان جاتي ۽ اتان لکپت تائين رستو ٺهرائڻ.

(۵) سجاول ۾ مئٽرنٽي هوم ۽ هائي اسڪول ٺهرائڻ.

(٦) لوئر سنڌ براج ٺهرائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

(٧) بگهاڙ واهه تي ڀهارن جي نزديڪ ريگيوليٽر ٺهرائڻ لاءِ لکپڙهه ڪرڻ.

(٨) ميرپورساڪري کان ڪيٽي بندر ۽ ڳاڙهيءَ کان ٺٽي تائين پڪا رستا ٺهرائڻ.

(٩) ضلع جي مالدارن، مڪاني هنر وارن، ميربحرن جي حقن جي حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

(١٠)کوهن، اسڪولن، مسافرخانن جي گهٽي تعداد ۾ تعمير ڪرائڻ، انهيءَ بابت ورتل ڪوششن جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو

(۱) ضلع لوڪلبورڊ آفيسون:-

انهيءَ لاءِ ۱۹۲۸ع ۾ پريزيڊنٽ ٿيڻ بعد يڪدم سوال هٿ ۾ ڪنيو ويو. اول قدم اهو هو تہ آفيس ڪليڪٽر جي دفتر مان ٻاهر ڪڍي مسواڙي جاءِ ۾ آندي ويئي. سال بہ ٻلاٽ وٺي جاءِ ٺهرائڻ ۾ گذري ويا.

آخر جانورن واري اسپتال رچمنڊ ڪرافورڊ لوڪلبورڊ ڊسپينسريءَ جي پٽ تي جاءِ ٺهرائڻ لاءِ تجويز تيار ڪرايم.

پوءِ ٽينڊر گهرائي، ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ کان منظور ڪرائي جاءِ جي تعمير جو ڪم مقاطعدار کان شروع ڪرايم. مسٽر گبسن ۽ سندس حوارين کي اوچتو خيال آيو تہ اهو ڪم جي. ايم. سيد جي ايامڪاريءَ ۾ سرانجام ٿيڻ کان روڪيو وڃي. ان تي هڪ درخواست آفيسرن طرفان ڪن ميمبرن کان صحيحون وٺي مونکي ڏني ويئي تہ ڪم بند ڪرايان ۽ ڪليڪٽر بہ اهڙو ليٽر لکيو.

هن وقت ڌاري اهڙين سازشن جي مقابلي ڪرڻ جو عادي ٿي ويو هوس مون درخواست رولنگ ڏئي بي قاعدي ٺهرائي ڇڏي. ڪليڪٽر جي منع نامي جي پرواهہ نہ ڪري جاءِ تعمير ڪرائي مڪمل ڪري ڇڏي.

آخر ۾ جڏهن نئين بلڊنگ جو افتتاح ڪيو ويو تہ ڪليڪٽر، چيف آفيسر ۽ سندن حواري ميمبرن طرفان ان جو بائڪاٽ ڪيو ويو. آخر ۾ مون ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي افتتاح جو مثال سامهون رکي، مختلف مذهبن جي عالمن جي دعا سان ان جو افتتاح ڪرايو.

مفصل احوال ڊائريءَ جي باب مان معلوم ٿي سگهندو.

انهيءَ کي ڏسي ڪليڪٽر صاحب مقاطعدار کي پيسن ڏيڻ ۾ رنڊڪون وڌيون پر سيني مشڪلاتن کي منهن ڏئي لنگهي وڃي پار پياسون.

(۲) ڪراچيءَ کان ڪوٽڙي وارو رستو:-

انهي رستي جي سروي مسٽر محد هاشم گزدر چارج وٺڻ بعد يڪدم شروع ڪرائي، ڪليڪٽر ان ۾ رنڊڪ وڌي پر ان جي پرواہ نہ ڪري پراجيڪٽ تيار ڪرائي، خاص گرانٽ لاءِ گزدر کي بمبئي سرڪار ڏي موڪليو ويو، هيٺين ڪامورن جي مخالفت جي باوجود، ان لاءِ منظوري ورتي ويئي. آخر ۾ اهو سمورو رستو پراونشل روڊ ڪرائي سرڪار جي حوالي ڪرايو ويو.

(٣) جهوڪ کان شاه بندر تائين رستو:-

انهيءَ رستي تي مٽي وجهي مٽي ڪرائڻ جو ڪم شروع ڪرايو ويو. بمبئي سرڪار کي ان رستي جي پراونشل لسٽ تي آڻڻ لاءِ لکپڙهه ڪئي ويئي، جو منهنجي لوڪلبورڊ ٽرم ۾ آفيسرن جي مخالفت ڪري، پراونشل لسٽ تي نہ آيو. ليڪن ڪجهه وقت ڪانپوءِ نيٺ اهو رستو لسٽ تي آندو ويو.

(٤) سجاول کان جاتي ۽ اتان لکپت تائين رستو:-

هن رستي تاهڻ جي رٿ تڏهن رٿي ويئي جڏهن مسٽر چيتمل پرسرام سان مئي ١٩٣٠ع ۾ ضلع جو گشت ڪيو ويو هو.

ڪڇ ملڪ جي زبان ۽ روايات سنڌ سان مليل هئا. اڳي هي ٽڪرو سنڌ سان مليل هو، جنهن کي پهريان غلام شاه ڪلهوڙي ڪڇ جي راجا سان مخالفت ڪري سنڌو دريا جو پاڻي، بند ڪري ويران ڪيو ان ڪانپوءِ ١٨٠٩ع ۾ ڌرتيءَ جي زلزلي ويتر جاتي ۽ لکپت جي وچ واري حصي کي صحرا بنائي جدا ڪري ڇڏيو.

جاتيءَ جو واپار اجان تائين ڪڇ سان ان رستي هلندڙ هو، پر صحرائي رنڊڪن ڪري وڌي نٿي سگهيو.

تنهن ڪري ان رستي لاءِ اسڪيم ٺهرائي ۽ ڪڇ جي رياستي حڪومت سان لکپڙهه ڪئي ويئي. ليڪن منهنجي ٽرم جي اندر فيصلو نہ ٿي سگهڻ ڪري اهو معاملو اتي ئي رهجي ويو، سنڌ جي جدا ٿيڻ بعد ان سوال تي مڪاني سياسي اختلافن، وزارتن جي ڦيرين گهيرين، آل انڊيا آئيني سوالن جي ڪري غور ٿي نہ سگهيو.

پاڪستان بنجڻ بعد ڪڇ سنڌ کان جدا ٿي هندوستان ۾ وڃڻ ڪري اسانجو پراڻو خواب شرمنده تعبير ٿيڻ کان رهجي ويو ممڪن آهي غيب جي پردي ۾ ڪجهہ لکل هجي ۽ اهو حصو موٽي اچي وري سنڌ سان ملي، ڪنهن کي ان راز جي خبر آهي؟

(٥) سجاول ۾ مئٽرنٽي هوم ۽ هائي اسڪول:-

هي تجويزون منهنجي لوڪلبورڊ ٽرم ۾ پوريون نہ ٿي سگهيون. ان ڪانپوءِ مڪمل ٿيون.

(٦) لوئر سنڌ براج لاءِ ڪوشش:-

زميندار ۽ آبادگار جماعت طرفان، اخبارن ذريعي، آفيسرن سان

وفدن ۾ ملي ۽ بمبئي گورنر کي روبرو ملي عرضداشت ڪرڻ سان لوئر سنڌبراج لاءِ ڪوشش ڪندا رهياسون. جنهن جو ان وقت سواءِ دلاسن جي ٻيو ڪو نتيجو نہ نڪتو. ليڪن سنڌ جدا ٿيڻ بعد اها تجويز نيٺ پايہ تڪميل کي وڃي پهتي. جنهن تجويز لاءِ ڏهہ سال اڳي ڪوشش ڪيل هئي.

(٧) بگهاڙ واه تي ريگيوليٽر:-

ان جي ضرورت بہ گشت وقت معلوم ٿي ان لاءِ گهر زميندار ائسوسيشن طرفان ڪئي ويئي، جا سگهوئي منظور ٿي.

(٨) ٻوين ٽن تجويزن بابت اڄان تائين گهٽو ڪجهہ ٿي ڪين سگهيو آهي.

انهي وقت ڏاري ڪراچي ضلع ۾ زمينداري بئنڪ ناهڻ لاءِ خان بهادر عظيم خان جي مدد سان ڪوشش ڪئي ويئي جا نيٺ حيدرآباد ۾ لوئر سنڌ زميني بئنڪ جي نالي سان برپا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿياسون، ان جو احوال ڊائري جي باب مان ملندو.

هيترو سارو وقت ڪراچي ۾ مختلف جاين تي مسواڙي جڳهن تي رهندو هوس ان وقت مسٽر طيب علي علوي ڪمشنر سنڌ سان لکپڙهہ ڪري مسلم هائوسنگ سوسائٽيءَ لاءِ هڪ ٽڪرو زمين جو منظور ڪرايو جنهن جي منظوري ٢- نومبر ١٩٣١ع تي ملي.

مسٽر حاتم علوي سوسائٽيءَ جو پريزيڊنٽ هو. ان جي صلاح سان ٻہ هزار روپيہ پلاٽ لاءِ ڊپازٽ ڀياريم. سگهوئي پلاٽ ملڻ بعد پنهنجو بنگلہ ٺهرائڻ شروع ڪيم جو ٻن سالن بعد ١٩٣٣ع جي وچ ڌاري ٺهي راس ٿيو.

ان وقت پيسي نہ هئڻ ڪري بئنڪ مان قرض ڪڍي جاءِ ٺهرائي ويئي جو قرض گهڻي وقت ڪانپوءِ ادا ڪري سگهيس.

مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان سيد شاهنواز شاهہ کي دوست بنائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي هيم پر هو قاضي عبدالرحمن وغيره جي محبت ۾ ڦاسي وڃڻ ڪري مونکي پنهنجو رقيب سمجهي، مخالت ڪرڻ لڳو هو. پر ٽن سالن ۾ حالتن ڦيرو ڪاڌو. سنڌس اڳيان دوست مخالف ٿيڻ ڪري، هن دوستيءَ جو هٿ ڊگهيريو هو.

٢٢- آڪٽوبر ١٩١٣ع تي هڪ خط لکيائين جو هيٺ ڏجي ٿو.

"آئون اوهانکي ملڻ لاءِ اُيس پرڪونہ هئا. منهنجي تڪليفن جو دور شروع ٿي ويو آهي. مونکي اميد آهي تہ اوهان جي مدد ۽ همدرديءَ سان انهن

مان لنگهي پار پوندس، دعا گهرندا.

منهنجي مڪيه غلطي اها هئي ته هن ساري عرصي ۾ مونکي اها ڳالهه محسوس نه ٿي ته اوهان خيرخواهيءَ جا پتلا آهيو.

مونکي اهو عقل نه هو جو باوجود عمر ۾ ننڍي هئڻ جي خدا سائين اوهان کي عطا ڪيو آهي نه ته حالتون هن حد تي نه رسن ها. مونکي نهايت ارمان آهي ته مون اوهان جي دوستانه تعاون جي هٿ جهلڻ کان انڪار پي ڪيو آهي، هاڻ جڏهن حالتن ڦيرو کاڌو آهي ته دماغ درست ٿيو اٿم. اوهان جي مدد، دوستي ۽ رهبري جو خواستگار ٿيو آهيان.

اوهان منهنجي عيبن ڏي نظر نه ڪندا. جي گهڻا آهن، آءٌ سچيءَ دوستيءَ جو ڳولائو آهيان جا دنيوي مطلبن کانسواءِ ڪن روحاني بنيادن تي بڌل هجي، وغيره"

سگهوئي ملاقات ٿي. مالي مشڪلاتن مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ بئنڪ کان ڪيس قرض وٺائي ڏنو ويو. جنهن مان مشين خريد ڪري زمين سڌارڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ پراڻا قرض به لاٿا ڪيائين.

ٻيا مکيه مخالف قاضي عبدالرحمٰن ۽ ميان محمد عثمان سومرو هئا. پر سندن مخالفت جي باوجود مون ساڻن انتقامي طريقو اختيار نه ڪيو ۽ اخلاقي معيارن کي هٿ مان نه ڇڏيو. انهيءَ منهنجي پاليسيءَ کي ڪي منهنجا دوست ڪمزوري ۽ بزدليءَ سان تعبير ڪرڻ لڳا هئا. ان جو اندازو مسٽر محمد هاشم گزدر جي هيٺين خط ١٦- ڊسمبر ١٩٣١ع مان پئجي سگهندو:-

"قاضي عبدالرحمٰن، سرڪاري عملدارن جي اشاري تي اوهان جي هر طرح مخالفت ڪري رهيو آهي پر اوهان ڦلهڙي ۽ ڪمزور پاليسي اختيار ڪيو اچو. اوهان کي مضبوط ٿيڻ گهرجي"

اڳتي هلي پڙهندڙن کي معلوم ٿيندو ته ڪيئن نه انهيءَ پاليسيءَ آخر ۾ قاضي عبدالرحمٰن کي نادم ڪري منهنجي ساٿ ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيو. ليڪن ان ۾ ذرا دير ٿي، شاهنواز شاه جلد آيو. قاضي دير سان آيو پر ٻئي مخالفن مان ڦري موافق ٿي پيا. ان مان اندازو ڪري سگهبو ته سياسي زندگيءَ ۾ دوستيون ۽ دشمنيون حالتن، ضرورتن، وقتي تقاضائن مطابق پيئون بدلبيون آهن تنهنڪري قديم سنڌي چوڻي موجب ته "وڙهندي اهو ڪريو جو پرچندي مهل آڏو نه اچي" جي پاليسي زياده موزون آهي.

سال ۱۹۳۲ع

سکر براج جو ڪم ورهن کان پي هليو ۽ ڪروڙ روپيہ ڪاڏا هئائين، سو نيٺ نهي راس ٿيو ۽ ان جي کولڻ جو مهورت ۱۳ جنوري ۱۹۳۲ع تي سکر ۾ وائسراءِ هند لارڊ ولنگڊن ڪيو. سنڌ جي مکيہ ماڻهن کي ان موقعي تي گهرايو ويو هو

آءٌ ۽ ميران محمد شاه گڏجي هڪ ڏينهن لاءِ اتي وياسون. ڪيترا ماڻهو آيل هئا جن سان ملاقات جو موقعو مليو.

انهيءَ سال آءٌ، ميران محمد شاه ۽ حاتم علوي گڏجي بمبئيءَ ۾ لوڪل سيلف گورمنٽ ڪانفرنس لاءِ ۱۸ فيبروري ۱۹۳۲ع تي وياسون. هفتو کن اتي رهيس اپولو هوٽل ۾ رهياسون.

ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ ۾ چيف آفيسر قاضي عبدالرحمٰن مسٽر گبسن ڪليڪٽر ڪراچي جي اشاري تي مخالفت ڪندو آيو. ان کي دور ڪرڻ لاءِ ڪراچي لوڪلبورڊ ۾ چيف آفيسر ۽ انجنيئر جي پوسٽ گڏي، اتي مسٽر گزدر کي رکڻ ۽ قاضي عبدالرحمٰن کي اسڪولبورڊ جو ائڊمنسٽر آفيسر ڪري موڪلڻ جي تجويز مسٽر هوڊ ڪليڪٽر ڪراچي جي مشوري سان رٿي ويئي.

مسٽر هوڊ هڪ شريف، سمجهدار ۽ قابل انگريز عملدار هو. مسٽر گبسن وانگر پرمتيڙو، ذليل ذهنيت ۽ انتقامي جذبہ رکندڙ نہ هو. هن ان تجويز کي لوڪلبورڊ جي ڪاروبار کي چڱيءَ طرح هلڻ لاءِ مفيد سمجهيو پر مسٽر گبسن جو ان وقت ائڪٽنگ ڪمشنر تي ڪم ڪري رهيو هو، تنهن سندس ان ڳالهہ کي ذاتي عزت ۽ وقار جو سوال سمجهي قاضيءَ جي حمايت ڪئي.

آخر اهو سوال ۳۱- مارچ ۱۹۳۲ع تي لوڪلبورڊ جي ميٽنگ اڳيان پيش ٿيو. ڪليڪٽر آفيسرن کي هڪ قسم جو حڪم ڪيو، ڪمشنر گهرائي ٻي طرح سمجهايو. جي مجبور ٿي پيا جن آخر ۾ ڪمشنر جو حڪم مڃي ٺهراءَ جي مخالفت ڪئي پر ٺهراءُ تہ بہ پاس ٿي ويو.

۲۳-۱۹۳۲ع تي ڪراچي لوڪلبورڊ اسڪولبورڊ بہ اهو ٺهراءُ پاس ڪيو. پوءِ اهو ٺهراءُ بمبئي سرڪار ڏي منظوري لاءِ موڪليو ويو. ڪليڪٽر فائدي ۾ لکيو. ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر فائدي ۾ لکيو. ڪمشنر برخلاف لکيو. گهڻي وقت تائين لکپڙهہ هلندي رهي ٻر ڪمشنر جي شخصي دست

اندازيءَ ڪري سرڪار منظوري نہ ڏني.

١٨- اپريل ١٩٣٢ع تي ڪراچيءَ ۾ خالقڏنہ هال منجهہ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي صدارت هيٺ، سنڌ آزاد ڪانفرنس جو اجلاس ڪٺو ٿيو، جنهن ۾ ڪيترائي ٺهراءُ پاس ڪيا ويا. مزحبا ڪميٽيءَ جو چيرمين آءٌ هوس.

١٨ ڪان ٢٢ جون ١٩٣٢ع تائين سيد ميران محمد شاه پريزيڊنٽ ضلع لوڪلبورڊ حيدرآباد جي ڪوشش سان ڀٽ شاه تي شاه عبداللطيف عليه رحمت جي ميلي جي موقعي تي هيٺين ڪانفرنس ۽ نمائش جو انتظام ٿيو:-

١- ائگريڪلچر شو ٢- سوديشي بازار
٣- سنڌ هنري نمائش ٤- ڪوآپريٽو ڪانفرنس
٥- راڳ جي مجلس ۽ ادبي ڪانفرنس ٦- زميندارن جي ڪانفرنس
٧- صوفي سماگم ۽ روح رهاڻ.

انهيءَ ڪم ۾ مسٽر منگهارام ٿهلراماڻي، چينمل پرسرام، چاموٺ محمد علي شاه، مخدوم ميان غلام حيدر صاحب، ۽ مون ڪيس پوريءَ طرح مدد ڪئي. ڪراچيءَ ڪان پهريون دفعو ڪيترا مرد ۽ عورتون ان مجلس ۾ شريڪ ٿيا. ڪرار جي ڍنڍ جي ڪناري تي تنبن ۾ رهڻ جو انتظام ڪيو ويو هو.

پير پاڳارا ابتدا ۾ ڪن غلط فهمين ڪري مخالفت ڪئي پر سگهوئي رضامند ٿي ويا. ان کان پوءِ آهستہ آهستہ ٿي اهو ساليانہ ميڙ وڌي، موجوده ثقافتي مرڪز ۽ ادبي ڪانفرنس جي درجي تائين پهتو آهي.

سگهوئي لوڪلبورڊ جي نين چونڊن ٿيڻ جون تياريون ٿيڻ لڳيون.

مسٽر محمد هاشم گزدر، جو ان وقت ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو انجنير ۽ منهنجو دست راست ۽ مدد گار ٿي ڪم ڪري رهيو هو. ان ۽ ٻين دوستن جي راءِ هئي تہ نئين دادو ضلع ۾ اسان جي ڊويزن وجهڻ ڪري ڪراچيءَ ضلع جي باقي رهيل حصہ تي مسٽر گبسن جي چاڙتن جو قبضو ٿيندو ويو. انهيءَ ڳالهہ کي روڪڻ لاءِ آءٌ ڪراچي ضلع ۾ بہ ميمبر رهندو اچان. قانون ڏنو ويو تہ ٻنهي ضلعن ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو ميمبر رهي سگهيس ٿي. البت منهنجي وقت ۽ خرچ تي وڏيڪ بوجو پوڻ جو امڪان هو. دوستن جي رضامنديءَ خاطر اهو برداشت ڪرڻ قبوليم.

حاجي عبدالرحيم شاهه سجاول واري سندس زمين جو ٽڪر منهنجي نالي ڪري ڏل پياري ووٽرن ۾ نالي لکائڻ جو ذمون کنيو. ليڪن سرڪاري گروهه طرفان محمد عثمان سومري اعتراض اٿاريو تہ آءٌ ٻي ضلع جو رهاڪو آهيان، تنهن ڪري منهنجو ووٽن جي لسٽ ۾ نالو نہ پوڻ گهرجي پر نيٺ ووٽ داخل ٿي ويو.

١٩٣٢ع جو گهڻو حصو خانبهادر عظيم خان جي چوڻ تي ڪواپريٽو تحريڪ جي ڪمن ۾ صرف ڪندو رهيس. جنهن جو وڏيڪ احوال ڊائريءَ جي باب مان پئجي سگهندو.

پهرين سپٽمبر ١٩٣٢ع تي ائسوسيشن جي ميٽنگ خانبهادر ولي محمد حسنعلي سيڪريٽريءَ جي بنگلي تي سڏائي. جنهن ۾ سنڌ جي جدائيءَ لاءِ حيدرآباد ۾ سنڌ آزاد ڪانفرنس سڏائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ٻين سوالن تي بہ ٺهراءَ پاس ٿيا.

ساڳي سال سپٽمبر جي ٻي تاريخ بمبئي ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ جي ميٽنگ لاءِ بمبئي ۾ هفتي کن لاءِ ويس.

ساڳي سال ۾ مون کي ٿياسافيڪل سوسائٽي جي يوٽ لاج جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو، ليڪن سمورو ڪاروبار ٿهلراماڻي هلائيندو رهيو.

انهي سال ١٥- ١٦ نومبر ١٩٣٦ع تي حيدرآباد سنڌ ۾ علامہ يوسف عليءَ جي صدارت هيٺ سنڌ آزاد ڪانفرنس جو اجلاس هو مسٽيڊ هال حيدرآباد ۾ ڪنو ٿيو. جنهن ۾ ساري سنڌ کان مکيہ ماڻهو اچي شريڪ ٿيا.

اتي سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرڻ لاءِ جدوجهد هلائڻ لاءِ پروگرام ٺاهيو ويو ۽ ٺهراءَ پاس ڪيا ويا. آزاد سنڌ نالي جماعت برپا ڪئي وئي، جنهن جو صدر سرشاهنواز خان ڀٽو ۽ جنرل سيڪريٽري سيد ميران محمد شاهه چونڊيا ويا.

انهيءَ ڪانفرنس حاجي عبدالله هارون کي ١٦- ١٧ نومبر ١٩٣٢ع ۾ ڊيلي گزيٽ اخبار ۾ ڇپيل ڪاروائي دهلي موڪلڻ جو انتظام ڪيو ويو. هن صاحب مرڪزي اسيمبليءَ ۾ سنڌ جي جدائي بابت ڪي سوال پڇيا. انهن جا جواب ڪجهہ قدر تسلي بخش مليا.

انهيءَ سال جي آخر ۾ ٦- ڊسمبر ١٩٣٢ع تي شيخ عبدالمجيد، الهہ آباد يونيٽي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ويو پر انهي ڪانفرنس مان ڪو

نتيجو ڪونہ نڪتو.

سال ۱۹۳۳ ع

هن ســال ۾ ۱۳ جنوري ۱۹۳۳ع تي سنڌ جي جدائيءَ جو ڏينهن ساري سنڌ ۾ ملهايو ويو. جلسا ٿيا- نهراءَ پاس ٿيا.

انهيءَ مـهـيني ۾، ضلع لوڪلبـورڊن جي چونڊن لاءِ هرهنڌ ڪم شروع ٿي ويو.

ڪوٽڙي تعلقي مان آءٌ ۽ رئيس فقير بخش خان ڪاڇي، دادو ضلع لوڪلبورڊ تي بنا مخالفت جي چونڊجي وياسون، وڏيڪ جاءِ نہ هئڻ ڪري سيد مقبول شاه ميمبر چونڊجي نہ سگهيو، ڪوٽڙي تعلقہ جي ٽي جاءِ لاءِ چاڪر خان شوره ۽ مٽياري جي سيد حاجي علي اصغر شاه جي وچ ۾ مقابلو ٿيو. شورا قوم جا ووٽ گهڻا هئڻ ڪري وڏيرو چاڪر خان چونڊجي ويو.

آءٌ دوستن جي اصرار تي ڪراچي ضلع جي جهرڪن واري تڪ مان اميدوار بيٺس. انهيءَ تڪ مان ۱۹۲۸ع ۾ بہ اميدوار بيهي ڪامياب ٿيو هوس.

اڳي دفعي ٺٽي جي ديوانن، ميان غلام محمد خان جاڪري کي اميدوار بيهاريو هو. هن دفعي محمد عثمان سومري ۽ قاضي عبدالرحمان آفيسرن جي اشاري ۽ مدد سان ارباب ولي محمد ٻہر اميدوار بيهاريو ويو. جيئن تہ اهو صاحب مڪاني اثر وارو ماڻهو هو.

راڄن جي صلاح ۽ مدد سان اميدوار بيٺو هو ان ڪري مقابلو شدت وٺي ويو.

آءٌ ضلع لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ رهي چڪو هوس. ملڪي سياست ۾ خاصو حصو ورتو هوم.

هڪ گمنام وڏيري جي مقابلي ۾ شڪست کائڻ وڏي بي عزتيءَ جو باعث بنجي ها.

عام ماڻهن ۾ تميز ڪانہ هئي. اها شڪست پبلڪ جي طرفدارن جي شمار ڪرڻ ۾ اچي ها ۽ ڪاميابي آفيسر طبقي جي چاڻڻ ۾ اچي ها. ان ڪري سارو جنوري مهينو اتي رهي سخت ڪوشش ڪيم، پر مڪاني اثرن جي قلعي کي ڪوبہ سوراخ ڪري نہ سگهيس.

ان اليڪشن ۾ جن صاحبن منهنجي مدد ڪئي، تن مان مکيہ هيٺيان هئا:

۱- پير سيد محمد باقر شاه جيلاني، ٽاٽو بولاخان ۲- ملڪ شير دل خان، ڪوٽڙي

۳- سيد محمد ڪامل سعيد پور ۴- پير سيد محمد مهدي شاه جهنڊي وارو

۵- سيد پير غلام حسين شاه پال پوچڙا ٦- پير غلام نبي شاه صديقي بڪيرا

۷- سيد حاجي عبدالحڪيم شاه ٽڪڙ وارو ۸- سيد ميران محمد شاه حيدرآباد ۽ سندس والد سيد زين العابدين شاه

۹- سيد حاجي قنبر علي شاه ٽڪڙ

۱۰- رئيس گل محمد خان لغاري سجاول ۱۱- سيد حاجي اميد علي شاه شال

ظاهري سڀ ڪوششون بيڪار ڏسڻ ۾ آيون. آخر وقت تي ملڪ شيردل خان ۽ پير محمد باقر شاه تنهن حافظ شاه ۾ وجي ارباب سليمان دل کي ٿاهي سندس دوستن سيد امير شاه سميت منهنجي مدد لاءِ آماده ڪيو.

انهي طرح سان دل راڄ ٺهڻ ڪري راڄن جي اتحاد جي ديوار ٽٽي پيئي. باقي به ڪافي ڏپ هو. ان کي ختم ڪرڻ جو سهرو سيد حاجي عبدالحڪيم شاه جي سرتي پيو. جنهن ميان عبدالرحيم صاحب درس ملاڪاتيار جي بزرگ (جو ۲۰ سالن .کان پنهنجي لوڙهي جي حد کان ٻاهر نه نڪتو هو. جنهن ۾ هن طرف جي ماڻهن جو سخت اعتقاد هو) کي چاڙهي شال ۾ آندو. ان جي اچڻ سان ميان ولي محمد کي پنهنجي ڪاميابيءَ ۾ شڪ پيو، ازانسواءِ چوطرف جي ست ستاء ڪري مجبور ٿي هٿ ڪڻڻ تي راضي ٿيو. ڪيس اليڪشن جي ڪم تي آيل خرچ پري ڏنو ويو.

جيئن ته هٿ ڪڻڻ جو وقت پورو ٿي چڪو هو، ان ڪري ۷ فيبروري ۱۹۳۳ع تي اليڪشن جي ڏينهن آيل ووٽرن کي ماني ڪارائي ووٽ ڏيڻ کانسواءِ واپس ڪيو ويو.

انهن مان صرف ۴۸- ووٽرن کان ووٽ ڏياريا ويا. جن پنهنجا ووٽ ڪليءَ طرح پولنگ آفيسرن جي رضامنديءَ سان ۳۲- ووٽ مون کي ۽ ۱٦- ميان ولي محمد کي ڏنا.

اهڙيءَ طرح ان اليڪشن ۾ ڪاميابي حاصل ٿي.

هي رواجي لوڪلبورڊ چونڊ نه هئي پر سموري حڪومت جي اثرن

جو مقابلو ڪرڻو هو. تنهنڪري ان لاءِ اهڙي ڊڪ ڊوڙ ڪئي ويئي، جهڙي اسيمبليءَ جي اليڪشن لاءِ ڪجي ها. لوڪلبورڊ چونڊون پوريون ٿيڻ بعد پريزيڊنٽيءَ جي لاءِ ڊڪ ڊوڙ ٿيڻ لڳي، اسانجي طرفان صرف مهر علي شاه، سيد حاجي عبدالرحيم شاه جي اثر ڪري اميدوار بيهي سگهي ها، پر هو آفيسرن جي خوف ڪان اميدوار نه بيٺو ازانسواءِ سرڪاري نامزد ميمبر به هو.

٢٣- جنوري ١٩٣٣ع تي حيدرآباد ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ باهمي سمجهوتي سان لوڪلبورڊ جون چونڊون ڪرائڻ لاءِ حاجي عبدالرحيم شاه هڪ ميٽنگ سڏائي، پر مخالف ڌريون ان ۾ نه آيون، تنهن ڪري سمجهوتو ٿي ڪين سگهيو.

وڏيري محمد عثمان سومري منهنجي ١٩٢٨ع جي پريزيڊنٽيءَ جي چونڊ ۾ مدد ڪئي هئي، هو هرويرو آفيسرن جو پوئلڳ ڪونه هو پر چونڊ ڪان پوءِ سگهوئي. مخالف گروه ۾ شامل ٿي ان جو سرگروه ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. ان جا مکيه هيٺيان ڪارڻ هئا:

١- محمد سومارو زن ڪش جو دوست هو. جو لوڪلبورڊ مقاطعن ڪري، قاضي عبدالرحمن جي دوستيءَ ۾ اچي ويو هو.

٢- ميان امام بخش خان ڳاهو، محمد عثمان جو دوست هو. قاضي عبدالرحمن هشيار، آفيسرن ۾ مقبول هئڻ ڪري، هن تي اثر ڪري ويو هو، تنهن ڪري ان جي لاڳاپي ڪي به ان ۾ دخل هو.

٣- ڪيترن ٽني وارن سيدن جي وڏيري محمد عثمان سومري سان مخالفت هئي. مون ڪي سيدن جي مدد ملڻ ڪري هن تي اثر ويهي ويو هو ته منهنجو اثر وڌڻ، اڻ سڌيءَ طرح سيدن جي اثر وڌڻ جي برابر هو.

هن ساري پريزيڊنٽيءَ جي وقت ۾ مخالفت ڪئي، ويندي هن دفعي لوڪلبورڊ جي ميمبريءَ جي لاءِ اميدوار بيهاريو هئائين.

پر جڏهن هن ڏٺو ته باوجود سندس ڪوشش جي آءٌ تڪ مان ڪامياب ٿي ويس ته هن اهو رويو بدلي مخالفت ڍري ڪئي.

٨- فيبروري ١٩٣٣ع تي محمد عثمان سومري جهرڪن جي چونڊ جي پٺي ڏينهن منهنجي سيٺ محمد رجب شفيعاڻي ڏي لکيل خط جي جواب ۾ لکيو ته:-

"اوهان جو سيٺ محمد رجب ڏي لکيل خط نظر مان گذريو،

منهنجا خيال هاڻ بدليا آهن. حقيقت ۾ امير امان الله خان ۽ جي. ايم. سيد جو سياست ۾ ڏوهه اهو آهي ته هو وقت کان اڳ تڪڙو قدم کڻن ڪري مخالفت جا نشانا بنيا آهن، ورنه سندن نيتن ۽ ارادن ۾ ڪابه خامي نه آهي. اڄ ڪان وٺي مونکي پنهنجو نيازمند ڪري سمجهندا"

٧- اپريل ١٩٣٣ع تي ڪراچيءَ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي نئين بلڊنگ جو مهورت ڪيو ويو. وڌيڪ احوال ڊائريءَ جي باب ۾ ملندو.

مون ١١- تاريخ اپريل ١٩٣٣ع تي رٽائرنگ پريزيڊنٽ جي حيثيت ۾ نئين پريزيڊنٽ لاءِ چوند ڪرائي، جنهن ۾ خانبهادر الهه بخش خان گبول بنا تڪليف جي پريزيڊنٽ ٿي ويو. اها آفيشل طبقي جي مڪمل فتح هئي.

اتان دادو ضلع جي لوڪلبورڊ پريزيڊنٽ جي چونڊ لاءِ وڃڻ ٿيو. انهيءَ لاءِ ٽي اميدوار هئاسون.

١- خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙو ٢- مسٽر يار محمد جوڻيجو ٣- آءٌ. ڪوٽڙي ڊويزن جا صرف ٧- ميمبر هئا ٻيا سڀ دادو ميهڙ جي طرف جا هئا. جن سان اڳي واقفيت ڪانه هئي، ان طرف به اثر وارا ماڻهو خانبهادر ڪلهوڙو ۽ مسٽر يار محمد جوڻيجو اميدوار هئا. مسٽر يار محمد پڙهيل، رلٽو ملٽو، مهل سر ماڻهن کي ڪم ايندڙ هو پر خانبهادر ڪلهوڙي واريون خاصيتون منجهس ڪونه هيون.

هن وٽ پيسو جام هو، آفيسرن ۽ ميمبرن تي خرچ ڪري سگهيو ٿي، نئين ضلع ٿيڻ بعد ساري ضلع ۾ آفيسرن، گورنر ۽ ڪمشنر جي رسائي ڪرڻ، پارٽيون ڏيڻ، موٽرگشت لاءِ ڏيڻ، سندن حڪم جو تابعدار ٿي هلڻ ۾ هو يڪتا هو.

ميهڙ تعلقه ۾ اصل جا مکيه زميندار جتوئي، ٿيبا ۽ مهيسر هئا. پر انهن مان وڏا گذر ڪري وڃڻ ڪري، باقي ننڍا وڃي بچيا هئا تن کان هي زور وٺي ويو هو.

هيءُ ضلع به آفيسرن جي دٻاءَ هيٺ هو، "ضلع جو ڪليڪٽر راءِ بهادر جگت سنگ آڏل مل، هڪ شريف، صوفي منش، ٿيا

سافٽ ۽ ياروپس عملدار هو. درازن ۽ ٿيا سافي جي تعلق ڪري مونکي اميد هئي. ته هو اليڪشن ۾ دست اندازي نه ڪندو. پر سنڌيءَ ۾ چوٽي مشهور آهي ته "ڪامورو نه دوست، اوجهري نه گوشت" هي پنهنجو

جدا ڪلاس رکن ٿا.

انهن جي زندگيءَ جو ڪوڊ ئي علحده آهي. ڳالهيون ڪهڙيون به ڪن، ليڪن هنن جو طريقو محدود ۽ خود مطلبيءَ تي ٻڌل رهي ٿو."

هيءُ مون وٽ ڳوٺ اچي مهمان ٿي ٽڪندو هو، صوفيانه، اخلاقي گفتگو ڪندي هئي پر هن اليڪشن ۾ خانبهادر ڪلهوڙي کي مدد ڪئي. ان جا هيٺيان سبب هئا:

١- ڪمشنر مسٽر گبسن منهنجي مخالف هو. تنهنڪري منهنجي چونڊجڻ ڪري ان جي ناراضپي جو خوف هوس.

٢- خانبهادر پيسو خرچ ڪندڙ ۽ جي حضور هو.

انهن سببن ڪري آخر ۾ خانبهادر ڪلهوڙي سان سمجهوته ڪري وائيس پريزيڊنٽ ٿي رهڻ قبول ڪيم.

مونکي خيال هو ته جيڪڏهين پنهنجي مرضي موافق مسٽر ٿهلراماڻي کي چيف آفيسر مقرر ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس ته لوڪلبورڊ جو ڪاروبار بغير پريزيڊنٽ ٿيڻ جي سهوليت سان حسب منشا سر انجام ڪرائي سگهندس.

مسٽر منگهارام ٿهلراماڻي، همدرد، خدمت خلق جو جذبو رکندڙ، قابل ۽ اعتبار جوڳو ماڻهو هو.

ازانسواءِ سنڌ جي جدائيءَ جو اعلان ٿي چڪو هو. سنڌ اسيمبليءَ جو چونڊون به ٿيڻ واريون هيون. آءٌ لوڪلبورڊ دائري کان نڪري، اسيمبليءَ ۾ وڃڻ جو ارادو ڪري چڪو هوس. لوڪلبورڊ ۾ صرف نئي ضلع جي ماڻهن سان واقفيت پيدا ڪرڻ لاءِ داخل ٿيو هوس.

اليڪشن گذرڻ کانپوءِ خانبهادر جو رويو ڪجهه وقت تائين نيڪ رهيو. جنهن جو ثبوت هن مونکي ٣٠- اپريل تي ڳوٺ دعوت تي گهرائي تعلقات وڌائڻ سان ڏنو.

ليڪن ٿوري وقت ۾ راءِ بهادر جگت سنگ هن کان هڪ آرڊر ڪرايو، جنهن ۾ هن ڪراچي ۽ دادو ضلع جدا ٿيڻ وقت، مون جيڪو لوڪلبورڊ عملي جي بدلين جو آرڊر ڪيو هو انکي روڪيو هو.

هن آرڊر کي رد ڪرڻ مهل مون کان پڇيو به ڪونه. راءِ بهادر سندس عزيز کي چيف آفيسر مقرر ڪرڻ جو هن کان وعدو ورتو. انهيءَ مان مونکي معلوم ٿي ويو.

جتي آفيشل طبقي جو سوال هوندو هي هميشہ سندن ساٿ ڏيندو ايندو ۽ جنهن صورت آفيسرن سان منهنجو اختلاف هلندو آيو ٿي، تنهنڪري اهڙين حالتن ۾ هن تي ڀروسو رکي نہ ٿي سگهيس.

حيدرآباد ضلع ۾ بہ تبديلي ٿي. ٢٥- مارچ ١٩٣٣ع تي اليڪشن ۾ مير قائم خان، ميران محمد شاه کي پريزيڊنٽيءَ ۾ شڪست ڏيئي پريزيڊنٽ چونڊجي ويو هو.

ڪراچي ضلع لوڪلبورڊ سڪولبورڊ ۾ محمد عثمان سومرو چيرمن چونڊجي ويو.

ڪانگريس تحريڪ کي دٻائڻ لاءِ لارڊ ولنگڊن، جا سختي اختيار ڪئي هئي، ان جي اثر هيٺ هر هنڌ ڪاموراشاهي زور وٺڻ لڳي، هر جڳهہ تي سندن هٿ ٺوڪيا ماڻهو چونڊجڻ لڳا.

ڪراچي ضلع ۾ خانبهادر الهہ بخش گبول کي ضلع لوڪلبورڊ تي پريزيڊنٽ چونڊائڻ بعد مسٽر گبسن سندس پراڻي انتقام وٺڻ خاطر ان ڪان اهو قدم کڻايو هو تہ ١٣ جون ١٩٣٣ع تي مسٽر گزدر کي نوڪريءَ کان ڪڍي، ڪيس هڪ مهيني جو پگهار نوٽيس جي عيوض ۾ ڏياريائين.

مهر علي شاه شڪست جو تاب نہ سهي، مسوريءَ ۾ سندس تندرستيءَ جي درست ڪرڻ خاطر وڃي رهيو هو. ان وقت آفيسرن جي دست اندازيءَ ڪري ضلع لوڪلبورڊ جو جيڪو حال هو، ان جي جهلڪ مهر علي شاه جي مسوريءَ مان لکيل خط مان ملي سگهندي:-

"اوهان مونکي محمد هاشم گزدر کي مدد ڪرڻ لاءِ راءِ صاحب مينارام کي چوڻ واسطي لکيو آهي. پر راءِ صاحب کي چوڻ بيڪار آهي. ڏسڻ ۾ شريف آهي پر آفيسرن جو ٻانهن ٻڌو ٻيلي آهي، اجان محمد عثمان سومرو ڪجهہ همت ڪري سگهي ٿو.

لوڪلبورڊ جو ڪاروبار، عملدارن جي دست اندازيءَ ڪري بدمعاشن ۽ لوفرن جي هٿ ۾ اچي ويو آهي. ٻلي هو پنهنجيون مَن مانيون ڪن. آءٌ ڇاڪري سگهان ٿو؟ پنهنجي تندرستي ٺيڪ ڪرڻ ۾ مشغول آهيان (٩- اگسٽ ١٩٣٣ع) ٻن مهينن ڪانپوءِ راءِ بهادر جڳت سنگهہ نوڪريءَ مان رٽائرڊ ڪري ويو.

ڪامورن جو اثر سندن ايامڪاريءَ تائين محدود ٿئي ٿو. هن جي وڃڻ ڪانپوءِ خانبهادر ڪلهوڙي ڦيرو ڪاڏو ۽ ٺهلراماڻيءَ کي دلاسو ڏئي وڃي

باليشاه ۾ پنهنجي ڪم ۾ رڪيائين. سکهوئي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ وارو ڪيس چيف آفيسري تي مقرر ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪيو.

راءِ بهادر ڪانپوءِ دادوءَ جو ڪليڪٽر صاحبزاده سردار محمد خان مقرر ٿيو.

هو رڄ چڱو مڙس هو. عزت واري گهراڻي جو فرد ۽ ڪم آزار شخص هو. خانبهادر محمد پريل ٺهلراماڻي ڪي باليشاه ۾ پاڻ وٽ وهاري، لوڪلبورڊ ۾ شخصي ڪم ڪار ڪرائيندو رهيو، ليڪن اندران اندر سازش ڪندو رهيو.

ايتري قدر جو لوڪلبورڊ جي ٺهراءَ جي باوجود گورمينٽ ڪي ان جي مقرري جي خلاف لکيائين ۽ ڪليڪٽر ڪي هڪ مخفي ليٽر لکيائين.

جنهن ۾ چيف آفيسر ۽ انجنير جي عهدي ڪي توڙي ٻه عهدا گهٽ پگهار جا قائم ڪرڻ جي منظوري گهريائين.

ڪمشنر گبسن وٽ ته منهنجو نالو هر ڳالهه ۾ خطري جو نشان هو. ان ڪي ذهن نشين ڪيو ويو هو ته ٺهلراماڻي ڪانگريسي ۽ جي. ايم. سيد جو دوست هو، سيد ضلع تي پنهنجو سياسي تسلط ڄمائڻ لاءِ ان ڪي چيف آفيسر ڪرائڻ گهريو ٿي.

ڪراچي ضلع ۾ سيپٽمبر ١٩٢٣ع تي مسٽر محمد هاشم گزدر جو سوال ضلع لوڪلبورڊ اڳيان دوباره غور لاءِ آيو پر مسٽر گبسن ۽ ان جي حواري ٽولي جي اثر ڪري، هن لاءِ ڪجهه نه ٿي سگهيو، آخر مسٽر گزدر نوڪريءَ تان آسرو لاهي آرڪيٽيڪٽ ٿي شهر ۾ ڪم ڪرڻ لڳو..سکهوئي سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ ڪيس پنهنجو صلاڪار آرڪٽيڪٽ مقرر ڪيو. مسٽر گزدر قابل، يار ويس، باهمت شخص هو. بورڊ لاءِ انجو وجود مفيد هو. ليڪن مسٽر گبسن ۽ انجي حوارين جي خيال ۾ اها ڳالهه وينل هئي. هن ڪي بورڊ جي نوڪريءَ ڪان ٻاهر ڪڍي سزا ڏئي رهيا هئا. پر پرده غيب پٺيان ڪجهه ٻيو راز ڇپيل هو.

٢٦- ڊسمبر ١٩٢٣ع تي حاجي مير محمد بلوچ سندس هم قوم بزرگ وفات ڪئي. جنهن ڪري بمبئي ڪائونسل جي ميمبري جي جاءِ خالي ٿي. ان لاءِ هي اميدوار بينو. ٿوري وقت ڪانپوءِ هي ڪامياب ٿي ويو. چوندا آهن بندي جي من ۾ هڪڙي صاحب جي من ۾ ٻي- اهو ساڳو گزدر صاحب سنڌ وزارت ۽ پاڪستان جي ڊپٽي اسپيڪر جي وڏن عهدن تي رهيو

هو.

انهيءَ جو مخالف مسٽر گبسن گورنري کان محروم ٿي واپس وڃي وطن پهتو. انهيءَ جا حواري نامعلوم زندگيءَ ۾ رهجي ويا.

دادو ضلع ۾ خانبهادر ۽ محمد پريل کي هٿيو بنائي، آفيشل طبقہ مسٽر ٿهلراماڻي خلاف سازش ڪندو رهيو. هن جو ڏوهہ صرف اهو هو تہ هو هندو ۽ منهنجو دوست هو. منهنجو ڏوهہ اهو هو تہ آءُ انگريزي سامراج جو مخالف هوس ۽ لوڪلباڊيز کي آفيسرن جي اثر کان ڪڍي، عوام جي عيوضين جي ماتحت ڪرڻ جو حامي ۽ ڳوٺن جي سڌاري ۽ عوام ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ جو خواهشمند هوس.

سردار محمد خان ڪليڪٽر دادو جي بدلي ٿيڻ بعد، خانبهادر نور نبي ڪليڪٽر ٿي آيو. اِهو اُهو ساڳيو ماڻهو هو، جنهن سندس آقا، گبسن جي رضامنديءَ خاطر ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي مسٽر گزدر کي ڪڍڻ لاءِ ميمبرن کي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي.

هن ظاهر داري ٺيڪ رکي. مون وٽ منزل ڪري چانهہ پيڻ، اٿڻ وهڻ، ملاقات ۾ رخ سٺو ڏيکاريائين. اندر رڌو پيو هوس. ازانسواءِ گبسن جي هوندي ڪيئن ٿي مون سان سٺو هلي سگهيو؟

ان بابت اڳتي هلي پڙهندڙن کي سمورو حال معلوم ٿيندو.

انهيءَ وقت ڏاري لنڊن ۾ جائنٽ پارليامينٽري ڪميٽيءَ اڳيان سنڌ جي جدائيءَ بابت شاهدي ڏيڻ لاءِ پريزيڊنٽ سنڌ محمدن اسوسيشن کي خط آيو تہ اوڏانهين ڪو عيوضي موڪليو وڃي. لنڊن وڃڻ لاءِ ٽي چٽا ڪارائتا هئا.

١- خانبهادر محمد ايوب کهڙو. ٢- شيخ عبدالمجيد سنڌي

٣- ميران محمد شاه.

خانبهادر کهڙي سنڌ جدائي تي هڪ ڪتاب انگريزي ۾ لکارائي ورهايو هو ۽ ان بابت هلچل ۾ سرگرم بهرو وٺندڙ رهيو ٿي.

شيخ صاحب تہ ابتدا کان ان تجويز جو روح روان هو، آل انڊيا جماعتن، مسلم ليگ خلافت ڪانفرنس، ڪانگريس، آل پارٽيز ڪنوينشن اڳيان انهي سوال کي پيش ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪوتاهي ڪانہ ڪئي هئائين.

الوحيد اخبار جا ڪالم جا سندس زير اهتمام هلندي هئي. انهيءَ هلچل جي فائدي لاءِ وقف ڪري ڇڏيا هئائين.

سيد ميران محمد شاه جنهن بمبئي ڪائونسل طرفان سائمن ڪميشن کي مدد ڪرڻ لاءِ جا ڪاميٽي مقرر ٿي هئي، تي اختلافي نوٽ ۾، سنڌ جي جدائيءَ جي حمايت ڪئي هئي.

سنڌ آزاد ڪانفرنس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري هو.

آخر ان چونڊ لاءِ ٢٣- مئي ١٩٣٣ع تي لاڙڪاڻي ۾ سر شاهنواز خان ڀٽي جي صدارت ۾ سنڌ محمدن ائسوسيشن جي ورڪنگ ڪميٽيءَ ۾ خانبهادرکهڙي کي ولايت ۾ شاهدي ڏيڻ لاءِ چونڊيو ويو. شيخ صاحب ۽ ميران محمد شاه زياده موزون ٿين ها پر انهن جو خرچ ڀين کي پرٽو پوي ها، قوم ۾ اها بيداري ڪانه هئي جو چندو ڪري، بهترين نمائندا چونڊي موڪلي، تنهنڪري خانبهادر کهڙو ولايت ويو.

اڃان تائين پيسي ۽ ذاتي اثر رسوخ کي سنڌي سياست ۾ گهڻي اهميت حاصل آهي.

قومي خدمت، لياقت ۽ سياسي اخلاق هميشه شمار ۾ ڪونه پيا آندا وڃن.

دادو ضلع ۾ زميندارن جي پاڻي، ڍلن وغيره جا سوال حل طلب هئا.

ان لاءِ ڪين صلاح ڏيڻي ٢٣- جولاءِ ١٩٣٣ع تي خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙي جي جاءِ تي ميٽنگ سڏائي نهراء پاس ڪيا ويا ۽ زميندار ۽ آبادگار اسوسيشن جو بنياد وڌو ويو. پر اها هلي نه سگهي.

ڊسمبر ڌاري جدا سنڌ جي حڪومتي انتظام هلائڻ لاءِ مسٽر ڊو (بعد ۾ سر) جي چيرمنيءَ هيٺ هڪ ڪميٽي مقرر ٿي، خانبهادر کهڙو به ان جو ميمبر هو. منهنجي بنگلي ۽ خانبهادر کهڙي جي هوٽل واري ڪمري ۾ انهي ڪميٽيءَ اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ مسلمانن جي حقوق بنسبت تجويزون ٺيندڙيون رهيون. سيڪريٽريٽ نهڻي هئي، سڀ ڪنهن کاتي جا عملدار مقرر ٿيڻا هئا. خرچ جو خيال رکڻو هو. سي سڀ سوال زير ويچار هئا. هن وقت ڌاري مون سنڌ جي ڀين ضلعن جي سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو هو. ان وقت نواب شاه ضلع ۾ ٻه طاقتور گروه هئا. هڪ خانبهادر امام بخش خان جتوئي جو گروه هو، ٻيو خان صاحب حاجي گل محمد خان ڪيڙي جو.

ٻنهي گروهن جي اختلافن ڪري لوڪلبورڊ چونڊ ۾ ميرزا فرخ بيگ کي هندو لوڪلبورڊ پريزيڊنٽيءَ مان ڪڍائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، ان جي جاءِ

تي رئيس رسول بخش خان انڙ، ڪيڙن جي مدد سان چونڊجي ويو. انهي ڳالهہ کي مدنظر رکي نواب شاه ضلع جا مکيہ زميندار نواب شاه شهر جي جامع مسجد ۾ منهنجي صدارت هيٺ ١٧- ڊسمبر ١٩٣٣ع تي گڏ ٿيا. ٻنهي گروهن جي سمجهوتي لاءِ ڪوشش هلي، ڪيڙا ۽ جتوئي پاڻ ۾ عزيز هئا پر خانگي ڳالهين تان سندن اختلاف وڌي، ساري ضلع جي سياست تي اثرانداز ٿي ويا هئا. ان لاءِ ڪيتريون نشستون ٿيون. عارضي طرح ڪي فيصلا بہ ٿيا، ليڪن انهيءَ مان ڪوبہ پائدار صلح ٿي ڪونہ سگهيو.

اهو صلح ڪيئن ٿي سگهيو ٿي، جڏهن سندن ساري سياست جو مدار شخصن جي ذاتي اقتدار ۽ گروهي مفاد تي مبني هو. وڌيڪ احوال ڊائريءَ جي باب مان ملي سگهندو.

سال ١٩٣٤ع

هن سال جي ابتدا ۾ ڪراچي ضلع جي مڪاني لوڪلبورڊ سياست ۾ تبديلي آئي. شاهنواز شاه اڳيئي قاضي عبدالرحمن کان علحيده ٿي چڪو هو. هاڻ وڏيرو محمد عثمان سومرو بہ ان جي مخالف ٿي ويو. ان جو مکيہ ڪارڻ قاضي عبدالرحمن جو، محمد سومار وزن ڪش جا پيسا ڪائي وڃڻ هو.

جنهن تي محمد عثمان سومرو مونکي ٢٣ فيبروري ١٩٣٤ع تي هڪ خط لکيو تہ

"٩--١٠٠-١١- مارچ ١٩٣٤ع تي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچي جون ميٽنگون رکيل آهن. انهيءَ ۾ قاضي عبدالرحمن کي نوڪري مان خارج ڪرڻ جو سوال بہ رکيل آهي. اوهان مهرباني ڪري اچي اسان کي مدد ڪريو. متان هو آفيسرن جي مدد سان جند ڇڏائي وڃي"

آءٌ ٧- تاريخ مارچ تي ڪراچي لوڪلبورڊ ميٽنگن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ پهتس.

هن وقت ميمبرن جي اڪثريت قاضي صاحب جي ڪارنامن ڪري، سندس مخالف ٿي ويل هئي ان ۾ منهنجو هٿ ڪونہ هو، البت ميمبرن کي منهنجي رهنمائي ۽ مدد جي ضرورت محسوس پئي ٿي.

هنن کي پڪو ڀروسو هو تہ جنهن ماڻهوءَ منهنجي پريزيڊنٽيءَ جي سموري دور ۾ آفيسرن جو ايجنٽ ٿيٖ مخالت ڪئي هئي، جو مسٽر گزدر جي مقرريءَ جي خلاف هو ۽ سندس ڪيڏائڻ جو ڪارڻ بنيو، جنهن لوڪلبورڊ

جو پگهاردار نوڪر ٿي انگريزن جي ساراهہ ۾ گشت ڪري تقريرون ڪيون هيون. جو اخلاقي معيار ڪان ڪريل هو. تنهن جي مخالفت ۾ آءٌ ضرور مدد ڪندس.

آءٌ اها هام ڪونہ ٿو هڻان تہ منهنجي سياسي پاليسيءَ جو سمورو مدار سدائين اصولن ۽ اخلاقي بنيادن تي ٻڌل رهيو هو ۽ ان ۾ شخصي تعصبات ڪي ڪوبہ دخل ڪونہ هو. ڪوبہ انسان مڪمل نہ آهي.

ليڪن هي ڳالهہ چوڻ ۾ زيادتي نہ ٿيندي تہ درد دل ۾ محبت انساني ڪي مون هٿن مان نہ ڇڏڻ جي حتي الا مڪان ڪوشش پئي ڪئي آهي. خدمت خلق، اصول ۽ همت جيڪڏهن منهنجا ساٿي رهيا آهن تہ انهن جو ڪارڻ بہ مٿيون ڳالهيون هيون.

قاضي بيشڪ برو پر ان ڪي نوڪريءَ مان ڪڍڻ جا مقصد ڪهڙا هئا؟

محمد سومار وزن ڪش جا پيسا ڪائڻ!

ان ماڻهوءَ ڪي سدائين هن پي نوازيو هو. ان جي عيوض ۾ سندس سنگتين پئي قاضي صاحب جي پنيرائي ڪئي جا درحقيقت آفيشل طبقہ جي مدد هئي. ان وقت هنن ڪي اصول ۽ لوڪلبورڊ جي فائدي جو خيال ڪونہ آيو، هن وقت آيو هو. اهي سڀ ڳالهيون منهنجي سر ۾ چڪر هڻي رهيو هيون.

٧- تاريخ شام جو مسٽر حاتم طيب جي جاءِ تي ڪين ملڻ ويس. بيگم طيب جي لوڪلبورڊ سڪولبورڊ جي ميمبرياڻي هئي لوڪل پالٽيڪس ۾ حصو وٺندي هئي. مون سان سٺا تعلقات هئس. بيگم صاحبہ مون ڪان پڇيو تہ قاضي عبدالرحمٰن ڪي لوڪلبورڊ مان ڪڍڻ جو سوال لوڪلبورڊ ۾ اچڻ وارو آهي ڇا؟ مون ڪيس ٻڌايو تہ انهي لاءِ ميمبرن مونکي خط لکيا آهن، ڏسڻ ۾ ايئن پيو اچي تہ سندس دوست بہ برخلاف ٿي ويا اٿس. تنهن ڪري شايد اهو ٺهراءُ پاس ٿي وڃي. عين انهيءَ وقت تي اتفاق سان يا اڳي مقرر ڪيل انجام تي قاضي عبدالرحمٰن بہ اچي نڪتو.

ان تي بيگم صاحبہ مون ڪي چيو تہ هن غريب ڪي ڇو ٿا بيروزگار بنايو. مون ڪيس ٻڌايو تہ هن جي گناهن جو وڏو چنو آهي هن دفع سندس دوستن طرفان تحريڪ شروع ٿي آهي

مون ڪي صرف ٻڌندڙ ٻيڙيءَ ڪي لت هڻڻ جو ڪم ڪرڻو پوندو. ان تي قاضي صاحب اڪين ۾ پاڻي آڻي چيو تہ شاہ صاحب منهنجا گناهہ بيشڪ

گهٽا آهن پر شاهه نواز شاهه ۽ محمد عثمان سومرو به مون سان انهي گناهن ۾ ڪم وبيش شريڪ هئا. جيڪڏهين منهنجي رحمدل طبيعت، انهن کي معاف ڪري سگهي ٿي ته مونتي چو نه رحم اچڻ گهرجي، منهنجي گناهن خاطر منهنجي اولاد کي، مون کي بيروزگار بنائي سزا نه ڏيو.

مون کي هن جي ڳوڙهن، سندس ٻارن جي گذر معاش، انساني همدردي جي جذبه ڇڪ ڏني. مون دوستن جي پيڇڻ ڪانسواءِ عين جنگ جي وقت ڪٽي هٿيار ڇڏيا. ڪيس چيم ته مون توکي بخش ڪيو آئنده درست ٿي هلج. هن دفعي آءٌ تنهنجي مخالفت نه ڪندس، هن يڪدم وجي اها ڳالهه مشهور ڪئي ته شاه صاحب کي مون ٿاهي ڇڏيو آهي، هو مخالفت نه ڪندو.

اها ڳالهه ٻڌي ڪيترا ميمبر مون وٽ پڇندا آيا ۽ ٻچا ڪيائون ته اها ڳالهه ڪيتري قدر درست هئي. هنن کي اعتبار نه پي آيو. جڏهن مون ان ڳالهه جي تصديق ڪئي ته جملي دوست ۽ ٻيا ميمبر نهايت ناراض ٿيا. آفيسر ۽ ٻيا ڪمزور ميمبر اڳيئي قاضي صاحب جي فائدي ۾ هئا. منهنجي اڳواٽيءَ ڪانسواءِ اهو نهراءُ پاس ٿيڻ مشڪل هو.

هو چوڻ لڳا ته بيڪار اڳواڻ آهين. مخالف تنهنجي ڪمزورين مان فائدي وٺي عين موقع تي توکي ڊرو ڪري ڇڏيو آهي. اها حقيقت هئي. ان کان انڪار ڪري نه ٿي سگهيس پر دل دماغ تي فتح پائي ويل هئي، ڇا ٿي ڪري سگهيس. قاضي صاحب ان دفعي بچي ويو.

مون کي اميد هئي قاضي صاحب بدليل حالتن مان سبق وٺي، پنهنجي سموري رويي کي درست ڪندو پر هن ائين نه ڪيو مو رڳو وڏيڪ آفيسرن جي اثر هيٺ ڪم ڪندو رهيو.

جنهن ڪري سندس مخالفت گهٽجڻ بدران وڌندي ويئي.

قاضي صاحب جي دشمني جو شڪار ميان محمد هاشم گزدر بمبئي ڪائونسل جو ميمبر بنجي چڪو هو. محمد عثمان سومرو لوڪبورڊ جو باهمت ميمبر مخالف تي چڪو هوس، جنهن جو پٽن سان خاص رستو هو. سر شاهنواز لوڪل سيلف گورمنٽ کاتي جو وزير بنجي چڪو هو. سنڌ جي جدائي ۽ نون سڌارن جي اعلان ڪري آفيسرن جو اثر گهٽجڻ لڳو هو.

ميمبرن ۽ عام ماڻهن جا حوصلا وڌي چڪا هئا. ليڪن قاضي صاحب راه راست تي نه آيو. نيٺ محمد عثمان سومرو تنگ ٿي ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر ٽيلر وٽ قاضي جي خلاف هڪ درخواست ڪئي. جنهن ۾ مٿس

ڪيئي الزام مڙهيل هئا. اِنتي سرڪار مسٽر گور والا هڪ ايماندار ۽ سينئر آئي سي ايس آفيسر کي انڪواري ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو. جنهن انڪواري ڪرڻ بعد هن کي سسپينڊ ڪري، ڪيس هلائڻ جي رپورٽ ڪئي.

ليڪن ان سموري ڳالهه کي لٽي مٽي ڪرڻ لاءِ قاضي صاحب سندس دوست آفيسرن جي معرفت لوڪلبورڊ ۾ ٺهراءُ آڻي نئين سر انڪواري ڪرڻ لاءِ، لوڪلبورڊ طرفان هڪ ڪميٽي مقرر ڪرائي. جنهن تي هيٺيان ميمبر منتخب ٿيا.

(١) خانبهادر الهه بخش خان گبول - پريزيڊنٽ لوڪلبورڊ.
(٢) مسٽر توبن ڊيپوٽي ڪليڪٽر ٺٽو .
(٣) مسٽر نور محمد طوطل ڊيپوٽي ڪليڪٽر شاه بندر.
(۴) جي. يم. سيد. (آءُ) اڳوڻو پريزيڊنٽ.
(۵) راءِ بهادر شيوارام ڏيون مل .
(٦) سيد مهر علي شاه بخاري.
(٧) سيٺ محمد جعفر خواجه.

جيئن ته اجان تائين مسٽر گبسن سنڌ جو ڪمشنر هو، جو قاضي صاحب جو شفيق هو. آغا غلام حسين ان جو جنرل اسسٽنٽ به ان ڪري سندس حامي هو. تنهن ڪري گبول صاحب ۽ ٻه آفيسر سندس فائدي ۾ ويا. باقي چئن ميمبرن قاضي صاحب مٿان مسٽر گور والا جي جانچ ڪيل رپورٽ جي تائيد ڪئي.

هن تي مقاطعدارن کان ٺڳي ڪري پيسا ڪائڻ، ڪوڙيون ڊائريون ڀري ڀتو ڀاڙو وصول ڪرڻ جون چارجون ثابت ٿيل هيون. ليڪن وري به ان کي آفيسر، مسٽر گبسن جي چوڻ تي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي.

انگريز قوم. سندس بلند اخلاقي، همت ۽ اصولن جي پيرويءَ ڪري دنيا جي مهذب قومن مان شمار ٿيندي هئي. انهي ڪري هو اڌ دنيا تي قابض ٿي ويا.

ليڪن جڏهين انهي ۾ مسٽر گبسن جهڙا فرد پيدا ٿيا ته هنن جو ستارو به غروب ٿيڻ کي نزديڪ آيو.

مسٽر گبسن باوجود ايترن ثابتين ۽ جانچن جي آخر وقت تائين قاضيءَ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندو آيو.

جڏهن لوڪلبورڊ اڳيان ڪميٽيءَ جو رپورٽ پيش ٿي ته وري

آفيسرن زور وڌو تہ انهي ساري معاملي کي ختم ڪري ڇڏيائين. ليڪن ڪثرت سان اڪثريت واري رپورٽ بحال ٿي ويئي.

قاضي صاحب کي سسپينڊ ڪري ڪيس هلائڻ جو بورڊ نهراءِ پاس ڪيو. ليڪن مسٽر گبسن سنڌ جي جدائيءَ تائين ان مسئلي کي اينگهائيندو رهيو. ان کان پوءِ قاضيءَ کي لوڪلبورڊ مان رخصت ملي.

هر حڪومت جي مضبوطيءِ ترقيءَ جو باعث ايماندار، لائق ۽ خدمت خلق جو جذبو رکندڙ عملدار ٿين ٿا. حڪومتون تباهہ بہ انهن جي رشوت خوري، فرعونيت، ظلم ۽ استبداد ڪري ٿين ٿيون. انگريزي حڪومت جي مضبوطي بہ انهن جي ذريعي ٿي ۽ انهن جي زوال جو ڪارڻ بہ اهيئي بنيا.

هن سال ۾ سنڌ جي جدائي جو سوال قطعي طور فيصل ٿي ويو هو.

ٻي سال ۾ نين چونڊن لاءِ تياريون ٿيڻ واريون هيون. هن وقت تائين سنڌ مان ڪائونسلن ۾ جيڪي ميمبر ٻي چونڊيا هئا تن اڪثريت اهڙن ماڻهن جي هئي جي وڏا زميندار، پيسي وارا، ذاتي اثر رسوخ رکندڙ ۽ ڪامورن جا پوئلڳ هئا.

شخصي ٽڪيٽن تي چونڊيا ٿي، شخصي اقتدار ۽ مفاد لاءِ ڪم ڪيائون ٿي. بمبئي ڪائونسل ۾ سندن حڪومت سان ملي قوم پرست پارٽين جي مخالفت ڪين بدنام ڪري ڇڏيو هو. انهي مصيبت کان بچڻ لاءِ قوم پرست ۽ خادم ملڪ افراد طرفان اها ڪوشش هلندڙ هئي تہ آئنده چونڊون ڪن اصولن جي بنياد تي نهيل سياسي پارٽين طرفان لڙيون وڃن.

ووٽرن جي سامهون پارٽين طرفان پروگرام پيش ڪيو وڃي، جن جي آڌار تي هو ڪين چونڊي موڪلين، آئنده لاءِ اهو انهي آڌار تي هر ميمبر جي ڪارگذاريءَ تي فيصلو ڪري ووٽ ڏين. انهيءَ مقصد کي نظر ۾ رکي مون ڪن دوستن جي صلاح سان هڪ تجويز تيار ڪري سنڌ جي مکيہ ڪارڪنن کي پنهنجي بنگلي تي ڪراچيءَ ۾ ١٢- جون ١٩٣٤ع تي گهرايو.

ان ميٽنگ جي صدارت سرشاهنواز ڀٽي ڪئي، جنهن ۾ هيٺيان ڪارڪن شريڪ ٿيا:

١- سر شاهنواز ڀٽو ٢- ڄاموٽ سيد محمد علي شاه ٣- خانبهادر الهہ بخش سومرو ۴- سيد ميران محمد شاه ۵- مسٽر حاتم علوي ٦- حاجي مولا بخش سومرو ٧- پير بقادار شاه ٨- سيد شاهنواز شاه ٩- خانبهادر چاڪر خان سهرياڻي ١٠- سيد محمد علي شاه ڊيري وارو ١١-

جي. ايم. سيد (آءُ)

ٻن ڏينهن جي ڪاروائيءَ بعد ان ۾ دستور العمل پاس ٿيو ۽ عارضي عهديدار چونڊيا ويا.

١- سرشاهنواز خان ڀٽو- ليڊر- ٢- خانبهادر الهه بخش سومرو ۽ ميران محمد شاه ڊپيوٽي ليڊر چونڊيا ويا- مسٽر حاتم علوي کي سيڪرٽري ۽ مون کي جائنٽ سيڪريٽري چونڊيو ويو. پارٽي جو نالو سنڌ پيپلس پارٽي رکيو ويو وڌيڪ تفصيل ڊائري جي باب مان ملندو.

مرڪزي اسيمبليءَ جون چونڊون نومبر ۾ ٿيڻ واريون هيون. ڪيترن دوستن جي راءِ ٿي ته پيپلس پارٽيءَ لاءِ زمين هموار ڪرڻ واسطي آزمودي لاءِ انهي گروه جي طاقت جو اندازو ڪرڻ لاءِ نبي بخش خان ڀٽي کي اميدوار بيهارجي.

آخر اليڪشن جو ڪم شروع ٿيو. ٻن جائين لاءِ ٽي اميدوار بيٺا

١- شيخ عبدالمجيد سنڌي ٢- حاجي عبدالله هارون ٣- نبي بخش خان ڀٽو. پهريان ٻه اميدوار زياده لائق ۽ قومي ڪارڪن هئا. نبي بخش خان ڀٽي جي لياقت ٻي ڪابه نه هئي سواءِ ان جي جو سردار واحد بخش خان ڀٽه جو ڀاءُ هو جنهن جواني ۾ وفات ڪرڻ جي باوجود وڏو دائره شخصي دوستن جو ڇڏيو هو. ۽ سر شاهنواز خان ڀٽي جو عزيز هو جنهن کي زميندار طبقه جو عيوضي ۽ غير فرقيوارانه ذهينت جو ليڊر سمجهيو ٿي ويو.

جيتوڻيڪ هڪ سياسي پارٽي ٺهي چڪي هئي پر سنڌ جي سياست ان وقت ٽن گروهن ۾ ورهايل هئي ١- گروه عوام جي نمائندگي ٿي ڪئي جنهن جو اڳواڻ شيخ عبدالمجيد هو ٢- ٻي گروه ڪاموره ڪلاس ۽ تاجر طبقي جي نمائندگي ٿي هئي جنهن جو اڳواڻ سر غلام حسين هو.

٣- گروه آبادگار ۽ زميندار طبقي جي نمائندگي ٿي ڪئي جنهن جو اڳواڻ سرشاهنواز ڀٽو هو.

پهرين گروه شيخ صاحب جي مدد ٿي ڪئي جن ۾ خلافت جا ڪارڪن، پڙهيل ۽ هيٺيون ڪامورو ڪلاس هو.

ٻي گروه مسٽر نبي بخش خان ڀٽي کي مدد ٿي ڏني- ان ۾ سرشاهنواز خان ڀٽو، خانبهادر الهه بخش سومرو، سيد ميران محمد شاه، مسٽر محمد هاشم گزدر، خانبهادر غلام نبي شاه، مخدوم صاحب هالا، نواب شاه جا سيد، آءُ، محمد عثمان سومرو حاجي عبدالرحيم شاه ۽ ٻيا

هٽاسون.

ڪم وراهي ڪنيو ويو. اپر سنڌ جو ذمون خانبهادر الهه بخش ڪنيو ۽ لوئر سنڌ جي ڪم جي چارج مون ورتي. سيپٽمبر، آڪٽومبر ۽ نومبر جا مهينا آءٌ حيدرآباد جي آفيس جي چارج ۽ گشت ۾ رهيس.

١۵- آڪٽومبر ١٩٣۴ع تي نامينيشن پيپر پريا ١۴- نومبر تي چونڊ ٿي.

١٧- تاريخ نتيجا ظاهر ٿيا- جنهن ۾ ووٽ هيٺين طرح مليا:

نبي بخش خان ڀٽو	حاجي عبدالله هارون	شيخ عبدالمجيد
٩٣٢٨	٩١١١	٦٢٢٨

ضلع وار تفصيل ڊائريءَ مان ملندو- نتيجو هيٺين طرح هو ته:

جيڪب آباد ۽ سکر ۾ جملي رڪارڊ ٿيل ووٽن مان ڀٽي کي ١٣٣٠ ووٽ مليا ۽ سندس مخالف کي ٣٩۵٢ ووٽ مليا. ان مان نتيجو اهو ٿي نڪتو انهي ٻنهي ضلعن ۾ خانبهادر الهه بخش ۽ ڀٽن جو اثر چوٿون حصو مس هو.

لاڙڪاڻو ضلع ۾ خانبهادر کهڙي ۽ عام ماڻهن جا ووٽ گڏي ٢۴٣٢ ٿيا ۽ رڳو ڀٽي کي ٢٨٣٨ ووٽ مليا. يعني ٻنهي اميدوارن جي طاقت ڪان گهٽا.

انهيءَ جو مکيه سبب سردار واحد بخش جي شخصي رهائي هئي. ڀٽي خاندان جو اثر اميدوار ضلعي جاهوڻ هئا. ليڪن باوجود ان جي ڌارين لاءِ کهڙي وارا تقريباً اڌو اڌ ووٽ کٽي ويا.

لوئر سنڌ جتي ڀٽن جو ذاتي اثر تمام گهٽ هو. اتي ڀٽي کي ۵١٦٠ ووٽ مليا. حاجي عبدالله هارون کي ۵٣٧۵ مليا ۽ شيخ صاحب کي ٣٧٧٩ ووٽ مليا. انهيءَ ليڪشن مان اندازو ٿي ويو ته ان وقت ڌاري عام ماڻهن ۾ بيداري چوٿين حصي کان به گهٽ هئي. جنهن جو اندازو شيخ صاحب جي ووٽن مان پئجي سگهيو.

سر ڀٽو گروه ۽ سر غلام حسين گروه ڪم وبيش اڌو اڌ وڃي بيٺا. ان محنت ۽ اليڪشن مان آئنده جي شخصي طاقت جي توازن جو پتو پئجي ويو.

انهي وقت ۾ دادو ضلع ۾ خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙو وڏي طاقت وارو ٿي پيو هو.

ان جا ڪارڻ هيٺيان هئا:

١- ضلع لوڪلبورڊ جي ميٽنگن وقت اڪثر ميمبرن کي پاڻ وٽ رهائي ماني کارائيندو هو. نہ صرف ايترو پر هر ميٽنگ جي موقع تي سَوها ماڻهن کي ترغيب ڏيئي ڪمن يا تماشو ڏسڻ جي ارادي سان گهرائيندو هو. سيني جي ڪاڏي جو انتظام خانبهادر طرفان ٿيندو هو.

٢- ڊڪ منشگيريون. سڪالرشپون. بيلدار. ماسترن جون جايون هو ميمبرن کي راضي رکڻ لاءِ سندن چوڻ موجب ڏيندو هو.

جي جايون گهٽ ٿي پونديون هيون تہ نيون پيدا ڪري يا نوڪريءَ وارن کي ڪڍي يا موڪل وٺائي بہ ميمبرن جي تقاضائن کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

٣- آفيسرن جي رسائي، دعوتون. ويندي گهر سوڏو خرچ. موٽر سواريءَ لاءِ ڏيڻ ۾ هو ماهر هو. انهيءَ ڪري هو بورڊ ۾ اهڙو طاقتور ٿي ويو هو جو سندس اختيار ڪيل پاليسي يا ڪنيل قدم جي مخالفت لاءِ ڪنهن کي مجال ڪانہ هئي.

ميان يار محمد جوڻيجو وڪالت جي ڪم ۾ مشغول هئڻ ۽ مخالفت جي فن ۾ ماهر نہ هئڻ ڪري ڍرو ٿي ويل هو.

خانبهادر مون کي هر طرح راضي رکڻ جي ڪوشش ڪئي. لڪي موڪليندو هو تہ ڊڪ منشي وغيره جي وراهست ۾ اوهان جي حصي ۾ هيتريون جايون آهن، ماڻهو موڪليو تہ رکان، ليڪن مون نہ سندس ها ۾ ها ملائي، نہ ان مال غنيمت مان حصو ورتو.

ضلع جي ترقي ۽ سڌاري طرف هن جو ڪوبہ توجهہ نہ هو. سندس ذاتي پيسي ۽ لوڪلبورڊ کي هن سندس شخصي اقتدار وڌائڻ لاءِ ڪتب آڻڻ جو رويو اختيار ڪيو.

مون سندس ضلع جي سڌاري ۽ لوڪلبورڊ جي ڪاروبار کي غلط نموني هلائڻ بابت توجهہ ڇڪايو. هي ڳالهيون ڪيس پسند نہ آيون. هن جڏهن ڏٺو تہ لفظي خوشامد ۽ چند جاين تي منهنجا سفارشي ماڻهو رکڻ جو طريقہ مون کي رضامند رکڻ لاءِ بيڪار ثابت ٿيو هو تہ هن ٺهلراماڻيءَ تي سختي ڪرڻ ۽ بي پرواهي ڏيکارڻ جو رستو اختيار ڪيو. ضلع آفيسرن جي ٽيڪ- مسٽر گبسن جي سهاري، ميمبرن جي رضامنديءَ سندس دماغ ۾ گهمنڊ پيري چڙهيو.

آخر حالتون برداشت ٿيڻ کان ٻاهر لڳيون. حيف آفيسر ۽ منهنجي

مشوري ان تي ڪوبہ اثر نہ ڪيو مسٽر تاراچند اڪائونٽنٽ جي چوڻ تي هن غلط ڪم ڪرڻ شروع ڪيا. شاگردن کي ڏنل سڪالرشپون بنا سبب جي بند ڪري حند ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ ٻين کي ڏيڻ شروع ڪيون ويئون. ڪوڙا مسٽرول پري انهن جا پيسا آفيسرن جي دعوتن ۽ رساين تي خرچ ڪرڻ لڳو. آخر ميمبرن جي مهمانوازيءَ جو ڪم بہ لوڪلبورڊ فندس مان ٿيڻ لڳو، ڊڪ منشي ٻن مهينن لاءِ رکي وري ڪڍي ٻيا رکيا ويندا هئا.

آخر تنگ ٿي مون هن کان ڪي سوال پڇيا. جن جي جواب ڏيڻ کان انڪار ڪيائين.

مون جهڙي حزب مخالف جي تجربيڪار ماڻهوءَ لاءِ اهو چئلينج هو.

ان تي مون مخالف ميمبرن کي منظم ڪري باقاعدي باز پرس شروع ڪئي.

ڪلهوڙو صاحب ناراض ٿيو ۽ ڪليڪٽر خانبهادر نور نبي ان جي طرفداري شروع ڪئي. پر آءِ گبسن جهڙي عملدار جو ناراضپو برداشت ڪري سگهيو هوس، هي انهيءَ جي سامهون ڪا حيثيت رکندڙ نہ هئا. ازانسواءِ هٿ پاڪ نہ هين.

ميان يار محمد جوڻيجو اڳ ۾ مخالف هو هن جڏهن مخالفت ٿيندي ڏٺي تہ اچي شريڪ ٿيو.

ڪوٽڙي ۽ سيوهڻ تعلقن جا ميمبر اڳ ۾ مون سان ٻڌل هئا.

نتيجو اهو نڪتو تہ مٿس انهن الزامن جي جانچ ڪرڻ لاءِ لوڪلبورڊ طرفان هڪ انڪواري ڪميٽي مقرر ٿي. ان تي بہ ڊيپوٽي ڪليڪٽر، آءِ، مسٽر نجم الدين ڊڪي ٻيا ميمبر هئاسون. ان جي نتيجي ۾ ڪيترين چارجون ثابت ٿيون. ان تي ڪليڪٽر گهڻو ناراض ٿيو.

هو ايتري قدر ٿي پيو جو منهنجي غير حاضريءَ ۾ مختيارڪار موڪلي، ٽن سون ڏن ۾ منهنجي بنگلي کي سيل مهر ڪرائي نيلام ڪرڻ جو حڪم ڪديائين.

ان ساري معاملي ۾ هڪ سرڪاري عملدار مسٽر آڏارام ڊيپوٽي ڪليڪٽر ڪوٽڙي همت ۽ ان آزادانہ طور اسان سان انهيءَ ڪميٽيءَ جي جانچ ۾ مدد ڪئي- آخر رپورٽ سرڪار ڏي موڪلي ويئي، ڪليڪٽر لاچار ٿي ڪاغذ مٿي موڪليا.

جيتوڻيڪ ان لاءِ نہ ڪميٽي رپورٽ ڪئي هئي نہ وٽس ڪا ثابتي

هئي. پر جي. ايم. سيد جي دوستيءَ ۽ ڪانگريسي هئڻ جي چارج مڙهي مٿي رپوٽ ڪيائين. مسٽر گبسن ڪمشنر سنڌ لاءِ اهي ٻہ چارجون ڪافي هيون، تنهن بہ ان جي پٺڀرائي ڪئي.

جڏهن ڪاغذ مٿي بمبئي سرڪار ۾ ويا. اتي سر شاهنواز خان ڀٽو وزير لوڪل سيلف گورمينٽ هو. پر هو سمورو سيڪرٽريٽ جي هٿ ۾ هو، ان ڪري ان بہ خانبهادر ڪلهوڙي سان گڏ چيف آفيسريءَ تان مسٽر ٿهلراماڻيءَ جي خارج ڪرڻ جو حڪم ڪيو.

سال ۱۹۳۸ع

هي سال پنجن مکيہ مشغولين ۾ مصروف رهيس

۱- لوڪلبورڊ دادو ۾ خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙي جي مخالفت ۽ ٿهلراماڻي جي بچاءَ ۾ ڪم ڪيو ويو.

۲- ڪوآپريٽو جي ڪمن ۾ دلچسپي ورتي ويئي.

۳- ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچي ۾ قاضي عبدالرحمن تي انڪواري بابت وڏيڪ قدم کنيا ويا.

۴- سياسي جماعت ٺاهڻ لاءِ ڪوششون

۵- سنڌ جي مستقبل جي اليڪشن لاءِ تياريون ۽ مکيہ ماڻهن سان تعلقات وڌائڻ

۱- لوڪلبورڊ دادو:-

خانبهادر ڪلهوڙي خلاف انڪواري مٿي وجي چڪي هئي. لوڪلبورڊ ۾ باوجود آفيشل مدد جي هو اڪثريت وڃائي ويٺو هو. حد کان وڏيڪ بي قاعدگين ڪري خود آفيسر بہ مجبور ٿي پيا تہ بي جا طرفداريءَ ۾ پاڻ بدنام نہ ٿين. ڪاموري جي دوستي مطلب سان هوندي آهي. جڏهن کين معلوم ٿيندو آهي تہ ڪو ماڻهو سندن لاءِ ڪارآمد ٿيڻ جي عيوض هڪ بوجو ٿي پيو آهي تہ بازاري عورت وانگر رخ بدلائڻ ۾ دير ئي نہ ڪندا آهن.

خانبهادر نور نبي خان جڏهن ڏٺو تہ ڪلهوڙي صاحب کي بچائي نٿو سگهي تہ ان سان گڏ ٿهلراماڻي کي بنا سبب جي ڏوهاري ٺهرائي رپورٽ ڪيائين. ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ خانبهادر ڪلهوڙي سان گڏ ٿهلراماڻي کي نوڪريءَ کان خارج ٿيڻ جو بمبئي سرڪار آرڊر ڪڍيو. ليڪن چوڻ آهي تہ "بندي جي من ۾ هڪڙي خالق جي ٻي" وانگر هو ۲٦- اگسٽ ۱۹۳۵ع تي بدلي ٿي ويو. ان جي جاءِ تي مسٽر بي. ڪي. پٽيل ڪليڪٽر

آيو.

ان کي جڏهن اها حقيقت معلوم ٿي تہ هن ٺهلراماڻي کي مدد ڪرڻ ضروري ڄاتو.

۴- سپٽمبر ۱۹۳۵ع تي سرڪار جي حڪم مطابق خانبهادر کلهوڙو ڇهن مهينن جي موڪل تي ويو. رواجي طرح وائيس پريزيڊنٽ هئڻ ڪري مونکي پريزيڊنٽ ٿي ڪم ڪرڻو هو. ليڪن آفيسرن يا ميمبرن تي ذهن نشين ڪرڻ لاءِ تہ خانبهادر جي مخالفت ڪن اصولن موجب ۽ پبلڪ جي ڀلي خاطر ڪئي هيم ۽ نہ پريزيڊنٽي هٿ ڪرڻ لاءِ، مون ڪلهوڙي جي بورڊ کان موڪل جي درخواست منظور ڪرائي، پنهنجي وائيس پريزيڊنٽيءَ جي استعيفا ڏني. ان کان پوءِ خانبهادر يار محمد جوٽيجي کي وائيس پريزيڊنٽ چونڊايو. جنهن ڪري هو بورڊ جو ائڪٽنگ پريزيڊنٽ ٿي سمورو ڪاروبار هلائڻ لڳو.

۱٦- نومبر ۱۹۳۵ع تي بمبئي سرڪار جو آرڊر مسٽر ٺهلراماڻيءَ کي نوڪري کان خارج ٿيڻ بابت پهتو. انهيءَ تي آءٌ ٻي ڏينهن سموري حقيقت سر شاهنواز ڀٽو وزير لوڪل سيلف گورمنٽ کي ٻڌائڻ لاءِ بمبئيءَ ڏانهن ويس. سر شاهنواز خان ڀٽو پيپلس پارٽيءَ جي ليڊر رهو. جنهن جي ڪونائيندڙ ۽ روح روان آءٌ هوس.

پارٽيءَ جي لحاظ کان شيخ عبدالمجيد ۽ حاجي عبدالله هارون جهڙن ماڻهن جي مخالفت ڪري نبي بخش خان ڀٽي جي ڪاميابي لاءِ ڪوشش ڪئي هيم. ازانسوءِ سردار واحد بخش خان ڀٽہ جي ڪري ساڻس دوستانہ تعلقات هئا. مون کي قوي اميد هئي تہ سارو قصو ٻڌي، انصاف موجب فيصلي ڪرڻ لاءِ مدد ڪندو. پر هن مونکي ڏهن منٽن کان وڌيڪ وقت نہ ڏنو ۽ چيائين تہ غلط يا صحيح عملدارن جي خلاف هو ڪوبہ فيصلو ڪري نٿو سگهي.

ان سموري معاملي مونکي هن بنسبت ويئل اعتقاد ۾ گهٽو ڦيرو آندو.

ڇا هي عوام جو عيوضي هو يا ڪامورن جو؟ آفيس جي ڪرسيءَ ۾ وهڻ بعد، هن جو دماغ ايترو خراب ٿي ويو هو جو سنڌ کان ڪهي آيل دوست کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ۱۰ منٽن ۾ واپس ڪري ڇڏيائين.

اها ڳالهہ مون ميران محمد شاه سان ڪئي، ان کي مسٽر نور محمد

وڪيل سان سر غلام حسين جي دوستاڻا تعلقات هئڻ ڪري مجبوراً پٽي صاب جي پنيان هلڻ جو شوق هو. ان جڏهن ڏٺو تہ ان جو نتيجو پٽي صاحب جي گروه لاءِ ٺيڪ نہ ٿيندو تہ ڪيس وچي مليو ۽ حقيقت پيش ڪيائين.

پٽي صاحب، ڏهن منٽن ۾ مون کي واپس ڪرڻ لاءِ طبيعت ٺيڪ نہ هئڻ جو عذر پيش ڪيو. ليڪن وري ساڳي ڳالهہ دهرائي تہ ڪليڪٽر ۽ ڪمشنر جي سفارش ڪانسواءِ هو ان تجويز تي غور بہ نہ ڪري سگهندو. مون ان وقت لوڪل سيلف گورمينٽ جي انگريز سيڪريٽري سان ملاقات ڪري حقيقت پيش ڪئي هئي. ان چيو تہ ٿهلراماڻيءَ جي درخواست سموري حقيقت سان ڪيس موڪلي وچي، هو انصاف ڪندو.

ان وقت خانبهادر يار محمد خان پريزيڊنٽ تي چڪو هو. خانبهادر نور نبي ڪليڪٽر وچي چڪو هو. ڪليڪٽر مسٽر پٽيل هو. ڪمشنر گبسن صاحب موڪل تي ويل هو

حالتون اهڙيون بنيون جو لوڪلبورڊ يڪراءِ ٿهلراماڻي کي بي قصور ٺهرائي ڪيس رکڻ جي سفارش ڪئي. ڪليڪٽر ۽ ڪمشنر ان جي پٺڀرائي ڪئي.

سيڪريٽريءَ صاحب ٿهلراماڻي جي فائدي ۾ گورنر کان اپيل فيصل ڪرائي موڪلي ڇڏي. سر شاهنواز ڀٽي ۾ باوجود ڪيترين خاصيتن جي هيءَ ڪمزوري هئي تہ هو آفيسرن اڳيان ڪجهہ ڪونہ هو. ظاهري دوستيءَ جي باوجود، سندس دوستيءَ تي اعتبار رکڻ بي سود هو.

ڪامورن وانگر هو انصاف يا دوستي خاطر ڪوبہ اهڙو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو جنهن سان ڪيس نقصان جو انديشو هجي.

۲۳- ڊسمبر ۱۹۳۵ع تي خانبهادر ڪلهوڙو پڪيءَ طرح لوڪلبورڊ کان استعيفا ڏئي ٻاهر نڪري ويو ۽ خانبهادر يار محمد خان کي ضلع جو پريزيڊنٽ چونڊيو سون. ٿهلراماڻي وري لوڪلبورڊ نوڪريءَ ۾ رهجي ويو.

(۲) ڪوآپريٽو تحريڪ ۾ دلچسپي:-

آءٌ اڳي ٻڌائي آيو آهيان تہ خانبهادر عظيم خان جي دوستيءَ تحريص ڪري، آءٌ پنهنجو گهڻو وقت ڪوآپريٽو تحريڪ کي زور وٺائڻ ۾ صرف ڪرڻ لڳو هوس.

سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جو ڊاريڪٽر ٿي جملي دوستن سان

گڏ ڪوآپريٽو تحريڪ کي مضبوط بنائڻ لاءِ حصو وٺندو رهيو هوس. لوئر سنڌ زميينداري، ڪواپريٽو بئنڪ حيدرآباد، ملير سوسائيٽن وغيره ۾ حصو پي ورتم. خانبهادر عظيم خان گذريل سال ڪليڪٽر ٿي ڪوآپريٽو تحريڪ کان علحده ٿي ويو هو. ان جي جاءِ تي مسٽر نورالدين صديقي آيو. هي نهايت ايماندار ۽ قابل عملدار هو. ليڪن خانبهادر عظيم خان جهڙو سيني ڌرين سان رهائڻ جو هن وٽ ڍنگ نہ هو. ڪن ڳالهين تان سنڌس مسٽر جمشيد چيرمين بئنڪ سان اختلاف ٿي پيو. ان تي هندو اخبار هن کي نهايت تنگ ڪيو. مسٽر جمشيد نهايت ايماندار ۽ همہ صفت موصوف ماڻهو هو پر واپاري ۽ شهري هئڻ ڪري دهقاني مفاد جي اهميت کان گهٽ واقف هو. خانبهادر عظيم خان جي ڏينهن ۾ سنڌس وڏي عزت جي باوجود اسان جا اختلاف ٿي پيا هئا پر خانبهادر عظيم خان صلاحيت سان ڪم هلائيندو پي آيو.

هاڻ اسان کي آبادگارن جي ڀلي خاطر صديقيءَ جو طرف وٺڻو پيو. جنهن تيا سافيڪل سنگت ۾ ناراضپو پيدا ڪري ڇڏيو.

(٣) ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچي:-

انهيءَ ۾ مسٽر گبسن، گزدر صاحب کي رخصت وٺائي چڪو هو. گبول صاحب پريزيڊنٽ هو پر قاضي ان کي ايرڻ نہ ڏنو.

ميمبرن کان بي پرواهہ ٿي ڪي ڪوتا ڪم ڪرڻ لڳو. عياشي ڪري فضول خرچ ٿي پيو هو.

پڳهار مان پورت نہ ٿيڻ ڪري اهڙا ڪم ڪيائين جن ڪري دوست مخالف ٿي پيس، ڪليڪٽر انڪواري ڪرائي، بورڊ انڪواري ڪميٽي وهاري جن بہ مخالف رپورٽ ڪئي. بورڊ نهراءُ ڪري ڪيس نوڪريءَ مان ڪڍي ڪيس هلائڻ جو نهراءُ پاس ڪيو

پر سال جي آخر تائين ڪمشنر صاحب جي مدد سان بورڊ ۾ هلندو آيو.

ٻي سال ۾ حالتن بدلجڻ ڪري ڪيس نوڪري مان خارج ٿيڻو پيو.

(٤) سياسي جماعت ناهڻ:-

اڳين سال جي احوال ۾ ڄاڻائي آهيان، گذريل سال منهنجي بنگلي تي هڪ سياسي جماعت "پيپلس پارٽي" نالي سان سرشاهنواز ڀٽي جي ليڊريءَ هيٺ ناهي هئي سون. ان جو نالو تہ عوامي هو ليڪن، اها حقيقت ۾ ڀٽي

گروه سان منسوب ٿي ويئي. نہ شيخ عبدالمجيد صاحب، نہ حاجي عبدالله هارون، نہ سر غلام حسين ۽ کهڙو صاحب يا ٻين صاحب اقتدار يا قومي ڪارڪنن جي انهي سالن همدردي هئي. انڪري گهڻي فڪر بعد مختلف قومي ڪارڪنن جي صلاح سان هڪ سوالنامو تيار ڪري مئي مهيني ۾ سنڌ ۾ موڪليو ويو.

جنهن ۾ سياسي پارٽي ٺاهڻ ۽ انهي جي پروگرام بابت ڪي سوال پڇيا ويا هئا.

ڪٿان جواب آيا ڪٿان ڪونہ آيا.

آخر آيل جوابن جي بنياد تي مون پنهنجي بنگلي تي سڀني سياسي ۽ قومي ڪارڪنن کي جماعت ٺاهڻ لاءِ دعوت ڏني. ڪانگريس وارا ان ۾ ڪونہ آيا جيتوڻيڪ انهن کي دعوت موڪليل هئي. باوجود همدرديءَ جي هو جدا جماعت ٺاهڻ لاءِ ڪو ٺايل ميٽنگ ۾ شريڪ ٿي ڪين ٿي سگهيا.

سنڌ مان ڪيترا سياسي ڪارڪن ٣٠- تاريخ جون ١٩٣٥ع تي اچي ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيا. جن مان مکيہ هيٺيان هئا:-

١- علامہ آءِ آءِ قاضي ٢- مولوي محمد صادق کڏه وارو ٣- مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻي ۴- شيخ عبدالمجيد سنڌي ۵- خانبهادر الهہ بخش سومرو ٦- خانبهادر محمد ايوب کهڙو٧- پير علي محمد شاه راشدي ٨- مسٽر حاتم علوي ٩- مسٽر طيب علي علوي ١٠- ميران محمد شاه ١١- مسٽر ريواچند ٽڏاڻي ١٢- راءِ بهادر هوتچند چاندومل ١٣- مسٽر چيٺمل پرسرام١۴- مسٽر لالچند جڳتياڻي ١۵- سر غلام حسين هدايت الله ۽ ٻيا

ليڪن گهڻي بحث مباحثي بعد ڪو فيصلو ٿي نہ سگهيو.

حقيقت اها هئي تہ مختلف شخصي مفاد هڪ هنڌ ڪٺو ٿي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا.

ازانسواءِ سياسي پروگرام ۽ اصولن جي بنيادن تي ڪم ڪرڻ کان مکيہ صاحب اقتدار ماڻهو ڊنا ٿي.

جڏهن مون ڏٺو تہ ساري محنت رائگان ويئي تہ شيخ عبدالمجيد ۽ مولوي فتح محمد صاحب سان گڏجي هڪ پارٽي ٺاهڻ جي رٿ رٿي ويئي.

ليڪن جڏهن سنڌ جي سياسي ڪارڪنن کي ان جماعت ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ چيو ويو تہ انهن ان لاءِ ڪابہ دلچسپي ڪانہ ڏيکاري.

انهيءَ وقت ٻن خيالن جا ماڻهو اسان ۾ موجود هئا. هڪڙا ان کي

صرف مسلمانن جي فرقيوار جماعت بنائڻ جا حامي هئا. ٻيا ان کي غير فرقيوار بنائڻ جا طرفدار هئا.

پهرين گروه جو مکيه حامي شيخ صاحب هو ۽ ٻي گروه جو طرفدار حاجي عبدالله هارون هو. زميندار ۽ صاحب اقتدار ڪارڪنن جو اصولن، فرقيوار وغيره ڳالهين سان واسطو نه هو. هو حالتن جي تقاضا، شخصي مفاد ۽ سهوليت موجب هلڻ گهريا ٿي.

انهيءَ ڏس ۾ نا اميد ٿي آخر حاجي عبدالله هارون سان مشورو ڪري نئين غير فرقيوار جماعت جي ناهڻ لاءِ رٿون رٿيون ويئون جنهن جو مزيد ذڪر هن ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي ۾ آئنده سال ١٩٣٦ع ۾ ڏنو ويندو.

(۵) مستقبل اليڪشن لاءِ تياريون:-

پارٽي ناهڻ جي ڪوشش سان گڏ موجوده حالتن جي بنياد تي دوست ۽ تعلق وارن ماڻهن جو گروه ڪٺو ڪري، آئنده اليڪشن ۾ بيهارڻ جون رٿون تيار ٿينديون رهيون. ان لاءِ حيدرآباد، ڪراچي، دادو، ٿرپارڪر ۽ نواب شاه ضلعن ۾ لائق ماڻهو پيدا ڪري، انهن جي ايندڙ سنڌ اسيمبليءَ جي اليڪشن ۾ بيهڻ لاءِ همت افزائي ڪرڻ شروع ڪئي ويئي.

ميران محمد شاه، خانبهادر غلام نبي شاه، سيد حسن بخش شاه، رئيس رسول بخش خان انڙ، وڏيري محمد عثمان سومري وغيره سان گڏجي، اميدوار بيهارڻ جو پروگرام تيار ڪيو ويو.

اتر سنڌ ۾ شخصي اثر نه هئڻ ڪري، خانبهادر الهه بخش ۽ خانبهادر کهڙي سان تعلقات قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.

پر پهريون سر پٽي ۽ ٻيو سر غلام حسين گروه سان ملحق هئڻ ڪري آزادانه قدم کڻڻ لاءِ تيار نه هئا.

وڌيڪ احوال ٻي ڀاڱي مان ملي سگهندو.

باب چوٿون

شخصي، نفسياتي تجربا ۽ ذهني معلومات

هن باب ۾ پنهنجي شخصي زندگيءَ ۾ حاصل ٿيل معلومات ۽ تجربن جو ذڪر ڪرڻ لاءِ، انهب جي هيٺن مختلف پهلوئن تي روشني وجهندس.

١- مذهبي ٢- سياسي ٣- نفسياتي ۴- ذهني

(١) مذهبي معلومات ۽ تجربا:-

منهنجي ڊائري تي نظر وجهڻ مان معلوم ٿيندو ته ابتدا کان وٺي، مذهب جو مون تي گهڻو اثر پي رهيو آهي. نماز جي پابندي، رمضان مهيني ۾ روزا رکڻ ٿورو ڪائڻ، راتيون جاڳي تهجد پڙهڻ، چلا ڪڍڻ، وظيفا پڙهڻ، بزرگن جي مزارن جون زيارتون ڪرڻ، ختما ڏيارڻ- عرس، يارهيون ڪرڻ، اضيحون ڪرڻ، فطرا ڪڍڻ، ماڻهن کي زوريءَ نمازون پڙهائڻ، روزا رکائڻ منهنجا خاص مشغلا پي رهيا هئا.

مسجدون ٺهرائڻ، وعظ ڪرڻ، شريعتي احڪام جي پابندي ڪرڻ ۾ بہ خاص دلچسپي پي ورتي هيم.

اول ۾ آدم جي بهشتي زندگي وانگر سادگي ۽ اڻ ڄاڻائي ڪري پڪو اعتقاد هوم تہ ساري ڪائنات خدا سائينءَ پيدا ڪئي آهي.

ماڻهن جي پيدا ڪرڻ، مارڻ، رزق ڏيڻ، ڏک سک سان واسطو رکندڙ ڳالهيون سندس شخصي نگراني ۽ حڪم هيٺ هلي رهيون هيون.

جي ڪنهن تي راضي ٿئي تہ مالا مال ڪري ڇڏي جي ناراض ٿئي تہ خانو خراب ڪري ڇڏي. انساني روح روز الست جي پيدا ڪيا اٿس. انهي وقت کان عالم ارواح ۾ رهن ٿا جتان مقرر وقت تي دنيا ۾ تقدير جي لکئي موجب وقت گذاري مرڻ کان پوءِ ڪجهہ وقت عالم برزخ ۾ رهي قيادت ڏينهن حساب ڪتاب ڏيڻ بعد سندن عملن جي عيوض بهشت يا دوزخ ۾

وچن ٿا.

هر ماڻهوءَ جي روزمره جا ڪم ٻه ملائڪ ڪراماً ڪاتبين لکي رهيا آهن.

مرڻ کان پوءِ ليکو منڪر نڪير وٺندا.

ماڻهو عبادت ڪري خدا کي خوش رکندو ته هن دنيا ۾ به ڪيس نفعو ٿيندو ۽ آخرت ۾ به فائدو حاصل ٿيندس، بهشت جون باغن ۽ نهرن سان سجايل عاليشان محلاتون، سهڻيون حورون، عمده غلمان، طرح طرح جا ميوات ۽ ڪاڏا خاص ذڪر ڪرڻ جي لائق ڳالهيون هيون.

جي ماڻهوءَ خدا جي عبادت نه ڪئي يا شريعت جي حڪم موجب نه هليو ته انهيءَ جي پاداش ۾ ڪيس پهرين قبر ۾ عذاب ڏنو ويندو، پوءِ دوزخ ۾ موڪليو ويندو جتي باهه جا آڙاهه لڳي پيا هوندا نهايت خطرناڪ فرشتا گرز کڻيو گناهگارن کي عذاب ڏيڻ لاءِ رات ڏينهن مشغول هوندا.

غريب انسان مشڪلاتن ۾ ڦاٿل هو. جن مان هڪ تقدير هئي جنهن روز الست کان سندس هٿ بند ڪري، سڀ ڪجهه ان لاءِ اڳ۾ مقدر لکي ڇڏيو هو.

باقي جيڪا ذرو پرزو ماڻهوءَ کي چڱي ڪم ڪرڻ لاءِ آزادي مليل هئي. ان کان ڪيس ڪارڻ لاءِ شيطان هر وقت حيلا هلائي رهيو هو.

جيتوڻيڪ هر ماڻهوءَ کي ٻي دنيا ۾ سندس ذاتي عمل ۽ خدا جو رضامندو (جنهن جو گهڻو مدار عبادت تي رکيل هو) ڪم اچڻ وارا هئا پر سندس پوين جا عمل به ڪم اچي سگهيا ٿي. ان ڪري قران جا ختما پڙهائڻ، مانيون ڪارائڻ، سندس نالي ۾ خير خيرات ڪرڻ جو دستور به مروج هو.

اهي سڀ ڳالهيون اعتبار ۾ آيل هيون. ان ڪري خدا جي رضامنديءَ لاءِ عبادت ڪرڻ، شريعت جي حڪمن جي پيروي ڪرڻ، ختم دردو ڏيارڻ، خير خيرات ڪرڻ ۾ دنيا ۾ آخرت جي نجات تصور ڪندي مذهبي زندگي گذاري رهيو هوس.

پر ٿوري وقت کان پوءِ مختلف مذهبن جي ماڻهن سان ملڻ، بحث مباحثا ڪرڻ، مختلف علمن پڙهڻ ۽ غور فڪر ڪرڻ بعد، انهيءَ خوش اعتقادي جي آهني ديوار ۾ آهستي ٿي شڪن جا شگاف پوڻ لڳا. جن جو مختصر احوال ڊائريءَ جي باب مان پئجي سگهندو.

جن سوالن انهيءَ طرف توجهه ڇڪايو، سي هيٺين قسمن جا هئا:
١- ڪائنات جو پيدا ڪندڙ، پاليندڙ، فناڪندڙ خدا سائين ڪٿي آهي؟
ڪهڙي صورت اٿس؟
٢- ڪائنات جي وجود، روح ماده وغيره جي معلومات.
٣- ساهه وارين شين جي پيدائش جو اصل ۽ ڪارڻ
٤- حيات بعدالممات جي حقيقت ۽ نظريه.
٥- جبر ۽ قدر جو مسئلو.
٦- گناه ۽ ثواب جو مسئلو.
٧- مذهب هڪ هو يا گهڻا هئا- انهن جا بنيادي متا ڪهڙا هئا؟
٨- مذهب ۾ اجتهاد ۽ تقليد جو مسئلو.
٩- حق ۽ ناحق، سچ ۽ ڪوڙ جي پرڪا.
١٠- ڪثرت ۽ وحدت جي تشريح ۽ لاڳاپو.
انهن ۽ اهڙي قسم جي سوالن جي حل ڪرڻ لاءِ ١٩٢٠ع کان وٺي اڄ يعني ١٩٦٣ع تائين ڪوشش ڪندو رهيو آهيان.
غور ۽ فڪر بعد جن نتيجن تي پهتو آهيان، انهن جو اختصار هيٺ ڏيان ٿو

(١) خدا سائين ڪٿي آهي ۽ صورت ڪهڙي اٿس:-

هر مذهب ڪنهن نه ڪنهن نموني ۾ خدا جي وجود جو قائل آهي. خدا جو ابتدائي تصور بائبل جي چوڻ موجب انسان جهڙو آهي. هر مذهب ۾ خدا جي انساني تصور جو خيال موجود آهي. البت ڪن مذهبن ماڻهن کي خدا بنايو. جهڙوڪ رام، ڪرشن، اپولو، سيزر، فرعون وغيره. ڪن ان کي آسمان ۾ هڪ ڪرسي تي ويٺل ماڻهوءَ جي شڪل جهڙو اعليٰ هستي ڪري تصور ۾ آندو. اسان جي مذهب ۾ خدا جو شخصي تصور موجود هو.

ان کي اڪيون، ڪن، هٿ، پير هئا. مون به ان ۾ اعتقاد رکيو. نماز پڙهي، هٿ مٿي ڪري آسمان ڏي نهاري دعا گهرندو هوس ته هو ڏسي رهيو آهي، ٻڌي رهيو آهي،

هوئي هر ڳالهه ۾ منهنجو مددگار ٿي سگهيو ٿي. انگريزي ۾ ان کي " پرسنل گاڊ" يعني شخصي خدا ڪري سڏيو ٿي ويو. ليڪن اڳتي هلي جڏهن سوال اٿيا ته آسمان ڪٿي آهي ته ملن کان معلوم ٿيو نه جملي ست

آسمان آهن جي هڪ ٻي مٿان تهن وانگي چڙهيل هئا. انهن مان ستين اسمان تي ڪرسي رکيل هئي، ان تي خدا ويٺل هو.

جڏهين نئين معلومات مان ظاهر ٿيو ته مٿان نيلي رنگ واري جيڪا آسمان نالي سان ڇت ڏسڻ ۾ اچي ٿي سا خلا آهي. تارا ان ۾ ٽنگيل ڪونه آهن، ڪروڙن ميلن جي پنڌ تي هڪ ٻي کان پري خلا ۾ بيٺل هئا. جنهن کي ست آسمان سڏيو ٿي ويو. اهي سج جي چوڌاري ڦرندڙ سيارا هئا. ڇت جهڙن آسمانن جو وجودئي ڪونه هو.

جڏهن مذهبي عالمن جو توجهه ان معلومات ڏي ڇڪايو ويو ته هڪڙن قران ۽ حديث جا حوالا ڏئي، ان معلومات کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ٻين انهي سيني اعتراضن کان بچڻ لاءِ خدا جو نئون ۽ جدا تصور پيش ڪيو.

ڇي: هو هر جا ۽ حاضر ناظر آهي. بي رنگ، بي مثال، بي صورت، مڪان، زمان ۽ خيال ۾ سمائجي سگهڻ کان ٻاهر هو. انهيءَ جواب سائنس ۽ فلسفي جي ڪيترن اعتراضن کان جان جند ڇڏائي ڇڏي. ليڪن يقين ۽ ويساه ۾ خال وجهي ڇڏيائين.

ڪيئي سال انهيءَ حقيقت جي ڳولا ۾ رهيس. عبادت جو مفهوم بدلجي ويو. هڪ مقرر ڪيل جڳهه تي مقرر هستيءَ جو تصور سولو هو. ليڪن خيال، قياس، گمان ۽ فهم کان مٿي هستي، منهنجي سمجهه ۽ نظر کان مٿي هئي

. شيده ڪي بود مانددیده"

اڳتي هلي هڪ طرف کان ٻڌڻ ۾ آيو ته خدا ماڻهوءَ کي پنهنجي شڪل تي پيدا نه ڪيو آهي پر ماڻهوءَ، خدا کي پنهنجي شڪل ۽ خيال مطابق ٺاهيو آهي.

جي خدا آهي ئي ڪونه، هيءَ ساري ڪائنات ڪنهن جي بنايل نه آهي، بلڪ حادثي جي پيداوار آهي. نه خدا ڏسي ٿو نه ٻڌي ٿو. نه رحم ڪري ٿو نه رزق ڏئي ٿو.

اهي سڀ ڳالهيون دل جي بهلائڻ ۽ اندر کي آٿت ڏيڻ لاءِ ماڻهن پاڻ ٺاهيون آهن. جي رزق ڏيندڙ ۽ رحيم هجي ها ته ڪروڙها انسان ڪيئن بک، بيماريءَ ۽ مصيبت ۾ مبتلا هجن ها. هيترو ظلم، بي انصافي، مسڪيني ڇو هجي ها. هيتري ساري وقت گذرڻ، غور ۽ فڪر ڪرڻ بعد ان معما جو حل

ڪلي نہ سگهيو آهي. مذهب جا اڪثري عقيدا زمانہ جاهليت جا باقيات ثابت ٿي مون تان سندن اثر وڃائي ويٺا آهن- ليڪن حقيقي معنيٰ سان قطعاً ان دائره کان ٻاهر نڪري نہ سگهيو آهيان. "ماخلقت هذا باطلا" يعني هي ساري ڪائنات مقصد ڪانسواءِ پيدا ڪئي ويئي آهي ڇا؟ ڪنن ۾ گونجي رهيو آهي. سرمدي ميدان ۾ پهچي چڪو آهيان. ان کان اڳتي ٻہ طرف آهن.

يا منصور بنجڻو پوندو يا دهريو- پر هن وقت تہ:

"نہ هن پار نہ هُن پار ويچاري وهہ وچم." جو عالم آهي

(٣) ڪائنات جي وجود، روح، ماده وغيره جي معلومات:-

مذهب ڪائنات کي ماده ۽ روح ۾ تقسيم ڪري پيش ڪيو آهي. جڏهن "اهل شريعت" يعني فقهي ملن کان انهيءَ جي تشريح پڇي ٿي ويئي تہ جواب ڏيڻ کان عاري هئا.

سندن چوڻ هو تہ عبادت ڪري، ورد ظيفا ڪدي اندر اجاريو تہ ڪائنات جي مخفي رازن جو پتو پئجي ويندو. انهي لاءِ ڪي خاص بزرگ انهي ڳالهہ ۾ خاص مهارت رکندڙ مڃيا پي ويا. مونکي بہ انهن مخفي رازن جي معلوم ڪرڻ جي سڌ پيدا ٿي.

ڪيترن بزرگن وٽ وڃي احوال معلوم ڪرڻ گهريم- جن قلبي ذڪر ڏئي، چلارڪائي، تهجدون پڙهائي، انهن ذريعي معلومات ڪرڻ جي تلقين ڪئي، پر ڪو خاطر خواه فائدو ڪو نہ پهتو."

هي سوال ساڳي طرح حل طلب رهجي ويا.

پوءِ فلسفي جي ڪتابن مان مدد وٺي ڳولا ڪرڻ لڳس جن ٻڌايو تہ ماده يا جسم پنجن حواسن جي وسيلي معلوم ٿي سگهيو ٿي. اهو مڪان، زمان ۽ اسباب جي دائري ۾ اچي سگهيو ٿي ۽ روح يا جوهر انهن جي وسيلي معلوم نہ ٿي سگهيو مڪان، زمان ۽ اسباب ۾ نہ ٿي سمائجي سگهيو. روح لاءِ بہ ڪيئي نظريا مروج هئا-

ڪن مذهبن، انساني روح کي ٻي حيوانات کان علحده ڪري انهن کي روز الست خدا جي حڪم" ڪُن" سان پيدا ڪري عالم ارواح ۾ محفوظ رکيو ٿي.

ان ۾ ساهہ وڌو هو. ماڻهو هن دنيا ۾ رهي وري عالم برزخ ۾ ويندا. جتان روز قيامت عملن موجب بهشت دوزخ ۾ ويندا.

ڪن مذهبن روح کي ترقي ۽ تنزل جي قانون جو پابند سمجهيو آهي. روح جمادات نباتات. حيوانات مان ترقي ڪندو. انسان ۾ آيو هو- روح تناسخ جي نظريي مطابق ڪرمن جي ڦل موجب سنسار جي چڪر ۾ ڦرندو رهي ٿو- جيستائين ڪ کيس نجات حاصل نه ٿي آهي.

ٽئين گروه روح کي سمنڊ وانگر سمجهيو ٿي. جنهن جا قطرا هوائن ۾ چڙهيو مختلف جڳهين گهميو وري اچيو سمنڊ ۾ پيا ٿي-

انهيءَ فلسفي جي هڪ گروهه مرڳو ماده جي وجود کان انڪار ڪيو ٿي. سندن چوڻ موجب روح ذات هئي، ماده صفات هو- صفت جو جدا وجود ئي ڪونه هوندو آهي.

(٢) ماده بابت فلسفي جو چوڻ هو ته اهو پنجن عنصرن مان ٺهيل هو-

ڪن ان کي ابدي ۽ ازلي ٿي سڏيو ڪن حادث.

ڪي ته ان حد تي ويا ٿي ته روح ماده جي باهمي عمل جي پيداوار هو، ان جي جداگانه هستي ڪانه هئي. جيڪي هو سو ماده هو.

مطلب ته ٻئي نظريا ايڏا دقيق نظر آيا جو اجان تائين ڪو آخري فيصلو نه ٿي سگهيو آهي، دنيا هن وقت دوئيءَ جي عالم ۾ ڦاٿي پيئي آهي-

تفاوت صرف هي آهي ته ماڻهن مان ڪي ماده جي اصليت ۾ يقين رکن ٿا. ڪي روح جي اصليت ۾، ڪي ٻنهي کي جدا وجود مڃين ٿا.

آءُ صوفين جي سمجهاڻي موجب ٻنهي کي هڪ ڳالهه جا ٻه پاسا ڪري سمجهڻ طرف زياده مائل آهيان، پر اهو لاڙو جذباتي بنيادن تي انحصار رکي ٿو نه تجرباتي معلومات جي بنياد تي. تنهن ڪري انهي جو اثر مون تائين محدود ۽ شخصي عقيدو آهي.

(٣) ساهه وارين شين جي پيدائش جو اصل ۽ ڪارڻ:-

مسلمانن، ڪرشچنن، يهودين جي مذهبن، انسان جو جد اول[٩] آدم کي قرار ڏني، انساني پيدائش جي عرصي کي گهٽائي چند هزار سالن تائين پهچايو ٿي.

هندو ۽ ٻڌ مذهب وارن، انهن کي لکها سالن تائين پهچايو ٿي. ليڪن ٻنهي ذرين ٻين جاندار شين جو وجود گهٽي وقت کان پيدا ٿيل سمجهو ٿي. سڀني مذهبن انهي جي پيدائش جو ڪارڻ خدائي ارادو ۽ حڪم ڄاتو ٿي

اڄ ڪلهه جا سائنسي تجربا ۽ معلومات انهي تي روز بروز نئي روشني وجهي رهيا آهن. ممڪن آهي انهي مخفي رازن تان اڃان به پردو کڄي ۽ وڌيڪ معلومات حاصل ٿئي. ليڪن پهرين ٿن مذهبن بيان ڪيل آدم جو انسان جي جد اول وارو قصو تاريخ ۽ حقيقتن جي ڪسوٽي تي غلط ثابت ٿي چڪو آهي.

(۴) حيات بعدالممات بابت تفتيش:-

آءٌ مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته روح جي آئنده زندگيءَ بابت مسلم مفسرن صرف هي ٿي ٻڌايو ته روز الست کان وٺي لکها ورهه، روح انساني زندگيءَ ۾ اچڻ تائين معطل رهيو هو. وري به قيامت تائين عالم برزخ ۾ معطل رهندو-

ان ڪانپوءِ قيامت ڏينهن حساب ڪتاب بعد بهشت يا دوزخ ۾ ويندو-

اهو نظريو عقل جي ڪسوٽيءَ تي بيڪار ٿي پيو ٿي. خدا سائين جو روح خلقي، لکهن ورهين تائين بيڪار رکي، صرف پنجن ڏينهن يا سو ورهن لاءِ دنيا ۾ موڪلي وري بيڪار رکڻ مان مطلب ڪهڙو آهي؟

ازانسواءِ ساري زمين تي ٿي سو ڪروڙ کن ماڻهو جي رهن ٿا سي هر دفعي نوان اچن ٿا. سا ڳالهه فضول ڏسڻ ۾ آئي.

ٻي طرف هندو نظريه روح هو. جنهن مطابق ساڳيو روح ڪرمن جي ڦل مطابق جدا جوڻ وٺي ٿو، ذرا هن نظريه کان بهتر ڏسڻ ۾ آيو.

موجوده سائنسي معلومات موجب جملي ساهه واريون شيون بقاع اصلح جي بنياد تي ترقي ڪنديون رهن ٿيون، اهڙي طرح روح به ترقي ڪندو مٿي چڙهي ٿو.

ليڪن ان موجب هر روح، جداگانه ڪرمن موجب ترقي ۽ تنزل جي هڪ اهڙي سنساري مهاچار ۾ ڦاسيو پوي جتان سندس نجات مشڪل پئي نظر اچي.

ٽيو نظريو صوفي جو هو ته روح عالم ارواح جي بحر مان هتي آيو آهي، وري ان ۾ گم ٿي وڃي ٿو. انهن مٿي ذڪر ڪيل ٻنهي نظرين کان بهتر ۾ نظر آيو.

ليڪن چوٿين گروه کان ٻڌڻ ۾ آيو ته روح جي جسم کان ٻاهر جدا هستي ئي ڪانه هئي. اهي اهي ڳالهيون هيون جن قديم ٻڌل گهڻن نظرين مان

وبساهه ڪيدي ڇڏيو ٿي.

البت پوين ٻن نظرين ۾ ڪجهه يڪسانيت ڏسڻ ۾ اچي ٿي جهڙي طرح ماده جا مختلف اجزا گڏجي بدن بنائين ٿا. وري وقت ڪانپوءِ جداٿي وڃيو پنهنجي مختلف مخزنن ۾ ملن ٿا. اهڙي طرح زندگي به جيڪڏهن پنهنجي عالم مان اچي عمل ڪريو وريو موٽي، پنهنجي عالم ۾ ملي هڪ ٿي وڃي ته اها ڳالهه خلاف عقل نٿي ڏسڻ ۾ آئي. انهي پوين ٻنهي اصولن کي مڃڻ بعد مذهب طرفان پيش ڪيل ڳالهيون جهڙوڪ:- ڪرمن جو ڦل، روز محشر جو حساب ڪتاب، بهشت، دوزخ ۽ ان سان متعلق ڳالهيون ختم ٿيو وڃن، هن وقت اهي ڳالهيون دماغ ۾ چڪر لڳائي رهيون آهن.

انهيءَ مسئلي جو خاطر خواه حل معلوم نه ٿي سگهيو اٿم.

(۵) جبر ۽ قدر جو مسئلو:-

انهي سوال به اسان جي مذهبي اعتقادن جي موڙڻ ۾ گهٽو اثر وڌو آهي

هڪڙن انسان کي ويچارو بنائي ڇڏي ڪٺي پاٿيءَ ۾ وڌو هو پوءِ به مذهب جي نالي ۾ ڪيس هدايتون ٿي ڪيائون ته هينئن يا هونئن ڪري، پاڻ کي گناهن جي پاڻي ۾ پسڻ کان بچائي.

نندي هوندي کان ڇڏندو آيو هوس ته " لکيو منجهه نراڙ، قلم ڪياڙيءَ نه وهي"

يا "لاتحرڪ شئيَ اِلا بِاذن الله" ادا حالت ذري گهٽ اهڙي هئي جهڙي اڄ ڪلهه ڪميونسٽ ملڪن ۾ سوسائٽيءَ جي اڪيان فرد جي هئي. شخصي آزادي نهايت محدود ٿيل هئي. نه خيال جي آزادي هئي نه عمل جي، هڪڙيون ڳالهيون خدا جي هٿ ۾ هيون ته ٻيون خدا جي نالي ۾. شريعت مٿس مڙهيون ٿي.

خدا جا حڪم ڦري نٿي سگهيا، ان ۾ نه تبديلي جي اجازت هئي نه خيال ۽ فڪر جي. ڪميونسٽ سوسائٽي ۽ مذهبي سوسائٽي ۾ تفاوت صرف اهو هو ته هُتي جماعت جي ڀلي ۽ واڌاري جي نالي ۾ شخصي آزادي روڪي ٿي وئي هتي خدا، رسول، مذهب جي نالي ۾ هڪ گرو ماڻهن تي قابض رهڻ ٿي چاهيو.

ٻيو مذهب ۾ گروهه فيلسوف ۽ صوفين جي پوئلڳيءَ وارو هو. جنهن

انسان کي ايترو آزاد ڪرڻ تي چاهيو جو جماعت قاعدا قانون سندس محتاج هئا ۽ نہ هو جماعت جو. انهيءَ نظريہ شخصي آزادي انهيءَ حد تائين مروج ڪرڻ چاهي، جنهن ۾ هرشخص اهڙي طرح آزاد هوندو جهڙي حالت هن وقت سرمائيدار سوسائٽيءَ وارن ملڪن جي آهي، انهي نظريہ جي بوئلڳن جا ننگو تي گهمڻ، جماعت نظام جي هر ڳالهہ جي مذاق اڏائڻ، پاڻ کي خدا سڏائي هر بندش ۽ قانون کان آزاد رهڻ چند مثال آهن.

آءٌ سمجهان ٿو تہ پنهي نظرين جي سمجهوتي جو اصول ئي انهيءَ اختلاف کي دور ڪري سگهندو. انهيءَ نظريہ جي اختلافن نہ صرف اسلام کي جدا گروهن ۾ وراهي ڇڏيو آهي

پر هر مذهب، انهي جي زد کان بچي نہ سگهيو آهي. ان جا اثر موجوده انساني سوسائٽي ۾ بہ نمايان نظر اچي رهيا آهن.

(٦) گناهہ ۽ ثواب جو مسئلو:-

هر مذهب ٽن جدا ادارن ۾ وراهيل آهي.

١- الاهيات ٢- اخلاقيات ٣- عبادات

پهرين پنجن نقطن ۾ ذڪر ڪيل سوال ڪم و بيش پهرين اداري سان تعلق رکندڙ هو. گناهہ ثواب اخلاق سان واسطو رکندڙ آهن.

جا مذهبي معلومات فقهي ملا کان مونکي ننڍپڻ ۾ معلوم ٿي. ان ماٺهوءَ کي چوطرف گناهن جي چار ۾ ڦاسائي ڇڏيو ويو هو. جنهن کان آزادي نا ممڪن ڄاڻي درويشن کي ائين ٿي چوڻو پيو تہ:

"عدل آءٌ نہ ڇٽي ڪو ڦيرو ڪج فضل جو"

"پيرو جو پاپن جو سو چوٽيءَ تائين چور."

پلا آخر گناهن جي لسٽ جي بہ ڪا حد ٿيندي آهي. مثال طور ڪي هيٺ ڏجن ٿا.

١- پيڙيءَ کان هيٺ سٿڻ پائڻ گناهہ.

٢- بيٺي پيشاب ڪرڻ گناهہ.

٣- ڪعبي يا ڪنهن بزرگ طرف پيشاب ڪرڻ يا پير ڪري سمهڻ گناهہ.

٤- غير محرم عورت يا مرد جو منهن ڏسڻ گناهہ

٥- دير سان نماز پڙهڻ گناهہ.

٦- بيٺي پاڻي پيڻ گناهہ.

۷- پيشاب ڪرڻ ڪانپوءِ وٽ نہ چيٽڻ گناهہ.
۸- ڪي جانور ڪائڻ گناهہ- خاص نموني ڪانسواءِ ڪٺل جانور ڪائڻ گناهہ
۹- مٿو اگهاڙو ڪري نماز پڙهڻ گناهہ
مطلب تہ "ڳڻ ڳاڻيٽو نہ آهہ ڪو آهن اپر بي اپار"
هر ڳالهہ ۾ خدا جو ناراضپو هو، انهن اثرن منهنجي ابتدائي زندگي محدود بنائڻ ۾ ڪابہ ڪثر نہ ڇڏي.
اڳتي هلي جڏهين ٻين مذهبن بنسبت معلومات ٿي تہ انهن سيني ۾ ڪم وبيش ساڳيون بندشون ڏٺيون ويئون. ملا، پادري، پنڊت، ربيءَ، مذهب کي اهڙي طرح جڪڙي رکيو هو جو هر ڳالهہ ۾ ماڻهو سندن محتاج هو. اهو سڀ خدا ۽ بزرگن جي نالي ۾ ڪيو ويو ٿي.
ماڻهن کي اها اجازت ڪانہ هئي تہ انهيءَ ڳالهہ تي غور ڪن تہ جنهن شيءِ کي اخلاق سڏيو وڃي ٿو جنهن جي بنياد تي گناهہ ثواب نهن ٿائ سوبيئل پاڻي وانگر ڪن حدن ۾ محدود نہ هو. ان جو ملڪي ماحول، قديم روايات، سوسائٽي جي ضرورتن، ماڻهن جي ڀلائي ۽ برائي سان تعلق هو، اهو مٿي ذڪرڪيل حالتن جي تبديلي سبب بدلجي سگهيو ٿي.
پر جي اهو اصول قبول ٿي ڪيو ويو. تہ خدا طرفان آيل ڪتابن جي تشريح جي هڪ هٿي مٿي ذڪر ڪيل طبقي جي هٿن مان نڪرڻ جو امڪان هو.
مذهب جي هڪ وقت انسان ذات جي محبت، امن ۽ ترقي جا ذريعا ڪري ليکيا ٿي ويا تن کي مذهبي مهندارن انسان کي محڪوم، مجبور ڪري سندن طبقاتي مفاد لاءِ ڪتب پي آندو. انهيءَ طبقي مذهب کي اهڙو مذحقہ خيز بنايو هو جو هر آزاد خيال ماڻهوءَ کي مذهبن لاءِ رد عمل پيدا ٿيو ٿي. اڄ ڪلهہ تہ انهيءَ سبب ڪري ماڻهن جو قريباً ٽيو حصو مذهب کان منڪر ٿي ويو آهي.
مونکي بہ انهيءَ معلومات بعد ردعمل پيدا ٿيو آهي. جنهن ڪري مذهب سندس منظر ۽ فروعاتي صورت ۾ مون تان اثر وڃائي ويئو آهي. البت صوفين ۽ فلسفين جي تفسير واري مذهب جا پوئلڳ گهٽا آهن.
عام ماڻهن ۾ جنهن مذهب جو اثر آهي، اهو پهرين گروه سان واسطو رکي ٿو.

فلسفي، صوفي ۽ پاڪستاني حڪام جي تصوير ۾ وينل مذهب جو سڪو اڄ ڪلهہ چالو نہ آهي. تنهن ڪري جيڪو سڪو چالو نہ آهي اهو کوٽو سڏبو.

باوجود مون جهڙي صوفي طبع ماڻهو جي مذهب لاء نيڪ ارادن جي مذهبن جي موجوده صورت ۾ بچڻ جو امڪان ڪونہ ٿو ڏسجي. خاص ڪري جڏهين مذهب بستري مرگ تي بيمار پيو آهي تہ عين انهيء وقت ان جا پوئلڳ خسيس موشگافين تان هڪ ٻين جا متا قاڙي رهيا هجن.

(۷) مذهب هڪ هو يا گهڻا، انهن جا بنيادي متا کهڙا هئا؟:-

تاريخ تي نظر ڪبي تہ معلوم ٿيندو تہ مذهب اصل ۾ خوف ۽ وهم جي پيداوار آهي.

جنهن ۾ اڳتي هلي عالمگير مذهب جي بانين محبت، امن ۽ انساني ترقي جي بنيادن تي چند اصول داخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

ليڪن انهن بہ اصل مذهبن جي ڪيترن اعتقادن کي ڪڏهن ڇڏڻ کان پاسو ڪيو، ڇاڪاڻ تہ ڪين ڊپ هو تہ متان ماڻهو صفا نئين ڳالهہ جي مڃڻ لاء تيار نہ ٿين.

اها حالت قريباً هرهڪ عالمگير مذهب جي آهي.

مذهب اسلام بہ اهڙين خامين کان خالي نہ آهي جهڙوڪ:

١- جانورن جي قرباني

٢- ڪعبي جي چوطرف طواف ڪرڻ، شيطانن کي مينا ۾ پٿريون هڻڻ ۽ ڊوڪون پائڻ.

٣- بهشت ۽ دوزخ جو تصور، پلصراط، ميزان وغيره.

۴- ختم ڏيارڻ، تعوين، ڌاڳا ٻڌڻ، مزارن تي عرس ۽ ميلا لڳارائڻ ۽ زيارتون ڪرڻ.

۵- بزرگن جي ڪتابن کي الهامي ۽ آخرين سمجهڻ وغيره.

مونکي مُلن کان اسلام بابت هي ڳالهہ معلوم ٿي تہ

١- اهو آخرين ۽ مڪمل مذهب آهي. جنهن ۾ انسان ذات لاء مڪمل لائحہ حيات ڄاڻايل آهي، جنهن جو سمورو ذڪر قران ۾ آهي.

٢- ساري دنيا کي آخر اسلام ۾ اچڻو آهي، ٻيا مذهب ناقص ثابت ٿي چڪا هئا.

انهن جي پوئلڳن کي خوشيءَ يا زور سان اسلام ۾ داخل ڪرڻو هو. ان ڪري جهاد، اسلام جي بنيادي اصولن مان هڪ هو.

٣- اهو دين منظم آهي تنهن ڪري انجي نظام هلائڻ لاءِ سياست ۽ مذهب کي گڏي هلائڻو هو.

اڳتي هلي معلوم ٿيو تہ دنيا جي هر عالمگير مذهب جي پوئلڳن جي اهائي دعوىٰ پئي رهي آهي. هاڻ سوال اٿندو تہ سچو ڪير؟

خود اسلام ۾ سوهاف رقن مان هرهڪ جي دعوىٰ اها پئي رهي آهي اهو ناجي آهي، ٻيا ناري آهن.

انهي ڳالهہ مون کي منجهائي ڇڏيو. تہ ڪهڙو مذهب حق تي آهي ۽ ڪهڙو ناحق تي؟ قرآن ۾ ذڪر تہ يهودي نصارن کي ناحق تي ۽ پاڻ کي حق تي سمجهندا هئا ساڳيءَ طرح نصارا يهودين کي ناحق تي سمجهندا هئا. اهڙي حالت قريباً هرهڪ عالمگير مذهب جي هئي. ليڪن حق ناحق جو فيصلو اجان ٿي ڪونہ سگهيو آهي.

ان جي خلاف صوفي ڪان مذهب جي ٻي تعبير ڏڏي ويئي. جي مذهب گهڻا ڪونہ آهن اصل ڪان مذهب هڪ ٿي رهيو آهي.

جو ابتدائي حالتن ڪان ترقي ڪندو، آخري طور ٽن مکيہ اصولن جو حامل وڃي بيٺو آهي.

١- محبت ٢- امن. ٣- ترقي انسان.

موجوده عالمگير مذهب سيئي انهن اصولن جا قائل آهن. ظاهري فروعاتي ڪثرت جي پويان باطني وحدت لڪل اٿن.

ان ڪري صوفي جي مذهبي تشريح ملان جي ذڪر ڪيل مٿين ٽن اصولن جي تشريح ڪان جداگانہ هئي. صوفيءَ جو چوڻ هو تہ:

١- اسلام جيڪو پيغام آندو هو سو مسلمانن جي مذهب برتريءَ جو نہ هو پر سيني عالمگير مذهبن جي بنيادي اصولن جي ساڳي هئڻ جو هو.

٢- زور زبردستي، دين جي بنيادي اصولن جي خلاف هئي. اهو پيغام محبت ذريعي پکڙبو نہ زور زبردستي- ڪليل مقابلي ۾ صالح شيءِ ڪامياب ٿيڻ واري هئي، تنهن ڪري سياست ۽ مذهب جدا ڪري هلائڻا هئا.

٣- هر اهو ماڻهو جو خدا، مستقبل کي مڃي ٿو، سٺا ڪم ڪري ٿو. محبت، امن، ترقي عالمءَ ۾ اعتقاد رکي ٿو سو مسلمان (مذهبي) آهي پوءِ ڪٽي ظاهر اهو ڪهڙي بہ جدا مذهب يا فلسفہ يا نظريہ جو قائل هجي.

جو انهن ڳالهين ۾ اعتقاد نٿو رکي ۽ عمل نٿو ڪري، اهو باوجود مسلمان مذهب جي دائري ۾ داخل هئڻ جي مسلمان نہ آهي

ان ڪري اسلام جهڙي عالمگير پيغام کي چند اعتقادن ۽ روايات تي مبني جماعت يا گروه ۾ محدود ڪرڻ ۽ دين منظم ۾ شمار ڪرڻ اسلامي روح جي خلاف آهي.

٨- مذهب ۾ اجتهاد ۽ تقليد جو مسئلو:-

گهڻو ڪري هر مذهب ۾ انهن ٻن نظرين جا مڃيندڙ ماڻهو موجود پي رهيا آهن. ڪن مذهبن تہ اجتهاد جو دائرو ايترو تنگ ڪري ڇڏيو جو مذهب، پنڊت، پادري، ربي وغيره جي هڪ هٿي ٻنجي پيو. ڪنهن بہ شخص کي غور فڪر هلائي آزاد پاليسي اختيارڪرڻ جو حق ڪونہ هو. انهيءَ طبقي جو هر اکر بنا چون و چرا جي مٺو هو.

مذهب اسلام بہ انهي خامين کان بچي نہ سگهيو. قران ۽ حديث کي بنياد بنائي ملا انهي جي تشريح ڪئي. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي حق نہ هو جو انهي جي صداقت کان انڪار ڪري سگهي. ڪن وٽ قران آخري فيصلہ ڪن هو. ڪن ان سان گڏ حديث ۽ سنت نبويءَ کي گڏيو تي پر اجتهاد جي اجازت نہ هئي. جي ڪن اجتهاد ڪيو تي تہ صرف تشريح ۾.

ليڪن انهي ٻنهي شين مان هڪ يا ٻنهي جي صداقت کان انڪار ڪرڻ جي اجازت ڪانہ هين.

البت مسلم صوفي ۽ مسلم فلسفي ملا کان جدا رستو ورتو. ليڪن بنيادي طور ساڳيو مقصد نڪتو تي.

صوفي ملا کي صرف، ڪرن جو پابند سمجهي، غلط ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تي.

ليڪن ان جي جاءِ تي الهام يا اندر جي آواز کي پيش ڪري وري خلق خدا کي پنهنجي تقليد طرف راغب تي ڪيو. تنهن ڪري مسلمان هڪ طرف ملائن جا پوئلڳ بنيا تہ ٻي طرف صوفين جا. مذهب ۾ آزادي ڇتي هئي. مسلم فلسفي البت سمورين ڳالهين جي جانچ پڙتال عقل جي ڪسوٽيءَ تي ڪرڻ گهري تي. منجهان اڪثر مذهب جي بنيادي عقيدن کي عقل جي وسيلي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

سواءِ ٿورن جي ڪنهن بہ خدا. حيات بعد الممات، سزا، جزا، بهشت، دوزخ، قرباني، حج، نماز روزي وغيره ڳالهين کي رد ڪرڻ جي

ڪوشش نہ ڪئي.

انهي مان موجوده سائنس ۽ علم جو ڄاڻو اهو نتيجو ڪڍي سگهيو تہ مذهب صرف تقليد آهي.

تنهن ڪري جيڪڏهن عقل جي پيروي ڪرڻي آهي ۽ قديم بيڪار عقيدن کان آزاد ٿيڻو آهي ۽ ملا، پير، مذهبي سياستدانن جي چنبي مان جند ڇڏائڻي آهي تہ مورڳو مذهب کان منڪر ٿيڻو ضروري هو.

اهو جهيڳڙو ڏسي منهنجي طبيعت اعتدال ڏي مائل ٿي رهي آهي.

مذهب جي ڪيترين مٿي ذڪر ڳالهين ۾ انتها پسنديءَ کان علحده ٿي وچون رستو وٺڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي اٿم پر هاڻ اهو احساس ٿيڻ لڳو آهي تہ مذهب جا مٿي ذڪر ڪيل گروه سندن طبقاتي مفاد جي نقطي کان مذهب کي ايڪسپلائٽ ڪرڻ کان باز نہ ايندا ۽ سندن باهمي اختلاف دور ٿيڻ جو ظاهري امڪان ڪونہ ٿو ڏسجي. تنهنڪري ممڪن آهي تہ ٿوري گهٽي ڏينهن مذهب سندس اثر، افاديت وڃائي وهي ۽ لامذهبي زور وٺي وڃي.

٩- حق ۽ ناحق، سچ ۽ ڪوڙجي پرکا:-

ابتدا کان وٺي جدا جدا مذهبن، انهن جي فرقن ۽ فردن جي وچ ۾ صحيح ۽ غلط، سچ ۽ ڪوڙ بنسبت بحث ۽ اختلاف ٿي رهيا آهن.

انهي گفتگو جو موضوع زياده تر اخلاق ٿي رهيو آهي ليڪن الاهيات ۽ عبادات جا پاڳا بہ انهي کان بچيل نہ ٿي رهيا هئا.

عام چوڻي آهي تہ "حسن ۽ عقل ۾ ڪوبہ پاڻ کي گهٽ ڪونہ ٿو ڄاڻي"

ٻي طرف ڇو ويجون؟ مسلمانن جي مذهب ۾ جنهن کي دنيا جو آخري مذهب ۽ مڪمل دين سڏيو وڃي ٿو ان ۾ اٽڪل ٣٥٠ کن فرقا ٿي ويا آهن. رسول جي هڪ حديث موجب مسلمانن ۾ جي ٧٣- فرقا ٿيڻ وارا هئا. انهن ۾ هڪ ناجي ۽ باقي سڀ ناري هئا پنجاب ۾ ٿيل فسادن جي انڪواري ڪميشن جي رپورٽ ۾ فاضل ججن ان مسئلہ تي نهايت مدلل طور روشني وڌي آهي. سندن چوڻ آهي تہ جڏهين هنن پاڪستان جي مکيہ عالمن کان پڇا ڪئي تہ "مسلمانن جا ڪي چئجي" تہ ڪي بہ ٻہ عالم هڪ ڳالهہ تي متفق نہ هئا. هرهڪ وٽ مسلمان جو تخيل جدا هو. انهي کان ٻاهر هن ٻي ڪنهن کي صحيح مسلمان نٿي ڄاتو.

جيڪڏهن سيني تي اعتبار ڪبو تہ اسان سڀ اسلام جي دائري مان

نڪري ويندا سون. هڪڙي جي نظر ۾ مسلمان ته ٻين جي نظر ۾ ڪافر ٿي پوندا سون.

هن مان ڪيترن جي نقطه نگاه موجب چوڌري ظفرالله ڪافر هئڻ ڪري واجب القتل ٿيو پوي. ڇاڪاڻ ته هن پنهنجي رضا خوشي سان اسلام جو اهو عقيده قبول ڪيو آهي جو عالمن وٽ ناقابل قبول آهي.

هن عالمن کان سوال پڇيو ته "مسلمانن ۾ مرتد ڪير آهي، ته ان لاءِ به ساڳي طرح ڪوبه گروه سان شامل راءِ نه ٿيو. هڪ جي نظر ۾ ٻيو مرتد ۽ ٻي جي نظر ۾ ٽيو. اهڙي طرح سڀ مرتد ٿي وڃن ٿا. ۽ اسلامي قانون مطابق اهي واجب القتل ٿيو پون.

انهي ۽ ٻين ڳالهين کان متاثر ٿي آءُ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته سچ ۽ ڪوڙ مختلف قومن، مذهبن، فرقن، شخصن جي نقطه نگاه کان جدا جدا رنگن ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

تن کي ڪنهن قوم، مذهب، فرقي، شخص جي هڪ هٽي ڪري، محدود ڪرڻ خلاف فطرت آهي. صوفي انهن ڳالهين کان ڪڪ ٿي چوي ٿو ته

ڏسڻ جي ڏسنين ته همه کي حق چوين
شارڪ شڪ نه نين انڌا انهيءَ ڳالهه ۾ (شاه)

اها ڳالهه نه صرف مذهب سان واسطو رکي ٿي پر سياسي، نفسياتي ۽ ذهني ڳالهين سان به تعلق رکي ٿي، ان ڪري "لکم دينکم ولي دين" جي بنياد تي باهمي رواداري جي نقطه نظر سان انهيءَ ڳالهه کي ڏسڻ کان سواءِ ڪو چارو نه ڪونهي.

١٠- ڪثرت ۽ وحدت جي تشريح ۽ لاڳاپو:-

وحدت ۽ ڪثرت کي جدا جدا علمن مطابق جدا نالا مليل آهن.

صوفين ڪثرت کي صفات، جز، مايا نالن سان منسوب ڪيو آهي اهي وحدت کي ذات، ڪل، حقيقت ڪوٺين ٿا.

فلسفين جي هڪ گروه، ان کي جو هر ۽ جسم سڏيو آهي

ٻين علم وارن اصول ۽ فروع ڪري ورتو آهي.

هر مسئلي ۾ انهن نقطن جي سمجهڻ، انهن جي لاڳاپي جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي.

صفات، جز، مايا، ايتري قدر پلائيندڙ آهن، جيڪڏهن انهن کي

ملائي، انهن جي پويان ڪم ڪندڙ وحدت کي ڳولڻ جي ڪوشش نه ڪبي ته زندگيءَ جو ڪوبه مسئلو پوريءَ طرح حل ڪري نه سگهبو.

اڄ ڪالهه دنيا جي اختلافن جو مکيه ڪارڻ اهوئي آهي. ڪوبه مسئلو حل ٿي نه سگهندو

جيستائين هر تصوير جا ٻئي رخ نه ڏسبا.

ان ۾ تصوف منهنجي گهڻي رهبري ڪئي آهي:

پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين

هئا اڳهين گڏ، پر ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

سو هي سو هو سو اجل سو الله

سوپرين سو پساهه سو ويري سو واهرو.

انهن نتيجن تي پهچڻ لاءِ مون کي ڪيئي ور ڏسڻا پيا. جن عالمن سان ملاقاتون ڪري احوال پڇيم انهن مان مکيه هيٺيان هئا.

١- مولانا محمد صادق کڏه وارو ٢- مولانا حسين احمد مدني ديو بند

٣- ميرزا قليچ بيگ صاحب ۴- علامه آءِ آءِ قاضي

٥- خواجه حسن نظامي ٦- مولانا غلام احمد صاحب ملڪاڻي

٧- راڌا سوامي بزرگ الهه آباد وارو ٨- چيتمل پرسرام

انهن وٽان گهڻا شڪ دور ٿيا ۽ ڪي مسئلا حل طلب رهجي ويا

انهيءَ سان گڏ روحاني بزرگن سان ملي به حال اوريندو رهيس جن مان مکيه هيٺيان هئا:

١- قاضي بصرالدين سيوهاڻي ٢- خواجه حسن جان سرهندي

٣- سخي قبول محمد درازائي ۴- ميان عبدالرحيم درس ملاڪا تيار

٥- پير محمد شاه ذڪر سڪرنڊ ٦- ڪرشنا مورتي

انهن مان هرهڪ پنهنجو اثر مون تي ڇڏيو.

ازانسواءِ انهيءَ معاملي ۾ قرآن، گيتا، مختلف مذهبن جي ڪتابن، سرسيد احمد جي تفسير، تصوف جي نقطن، فلسفي جي ڪتابن، ٿيا سافيڪل سوسائٽي جي تربيت ۽ ڪتابن- مولانا روم، حافظ، جامي، شمس تبريز، عطار، سنائي مان به ڪافي پلائي پهتي. اردو جي شاعرن مان غالب،

سنڌي شاعرن مان شاه، سچل، بيدل، خير محمد، روحل، شاه نصير، بيشڪ منهنجي زند ۽ خيالات کي موڙڻ ۾ چڱو حصو ورتو..

انهن بابت مختصر احوال ڊائريءَ جي باب مان معلوم ٿي سگهندو.

هتي هي ذڪر ڪرڻ کان رهي نٿو سگهان تہ منهنجي دلي تعصبات ۽ دماغي مونجهہ دور ڪرڻ ۾ متيريلزم (ماديت) جي تعليم ۽ عشق جي تجربي گهڻي مدد ڪئي ۽ ڪيترا بت ڀڃي ڇڏيائون. ۽ ڪثرت کان وحدت جي ويجهو ڪيائون.

جنهن مان آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ انساني معلومات انهيءَ ذڪر ڪيل ٻن ڳالهين متيريلزم ۽ عشق کان سواءِ مڪمل ٿيڻ مشڪل آهي.

(٣) سياسي معلومات ۽ تجربا:-

آءٌ پهرين جلد ۾ بيان ڪري آيو آهيان تہ سياسي دنيا سان روشناسي ڪرائڻ لاءِ مسٽر حامد علي ۽ ميان معين الدين ۽ اخبارون جوابدار هيون.

سياست ۾ حصو وٺڻ لاءِ ٻن قسمن جا محرڪ جذبا ڇڪي وجي ماڻهوءَ کي سياسي دنيا ۾ داخل ڪندا آهن.

(١) غلاميءَ کان آزاديءَ جي خواهش، خدائي رضامندي جي تمنا، خدمت خلق جو شوق

(٢) ناليءَ ۽ عزت جي خواهش، اقتدار جي بک، ذاتي فائدي جي لالچ.

آءٌ اڳين جلد ۾ بيان ڪري آيو آهيان تہ پندرهن ورهن جي عمر ۾ مون خلافت تحريڪ ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. ان مان صاف ظاهر آهي تہ ٻي قسم جي جذبي لاءِ ڪو سبب ڪونہ هو. پهرين قسم جي جذبہ هيٺ بہ پهرين خواهش مون کي ڇڪي وجي ان طرف راغب ڪيو هو.

درويشن جي صحبت ۽ صوفين جي تعليم مون کي سياسي ڪم ۾ رضامندي خدائي جي تمنا ۽ اڳتي هلي، سياسي فلسفي، هدايت صالحين مان خدمت خلق جو شوق جاڳيم باوجود نيڪ نيت ۽ سالم جذبي جي آءٌ سمجهان ٿو تہ هوش کان جوش منهنجي سياسي ڪارگذاري تي گهڻو اثر ٻي وڌو آهي.

اڳتي هلي سياست جي مختلف نظرين مان واقف ٿيڻ لاءِ ڪيئي ڪتاب پڙهيم پاڻ کي سٺن اصولن تي ٻڌل جماعتن ۾ داخل ڪري، جمهور

جي آواز پنيان هلڻ جي حتي الامڪان ڪوشش پي ڪئي اٿم. پر اڪثري رد عملن جي ڪُنَ ۾ پي چڪر پاتا اٿم. تنهن جو مکيه ڪارڻ منهنجي سياست جو مدار عقل کان زياده جذبي تي هئڻ هو.

هن وقت سياسي نظريي جا ٻه مکيه رجحان دنيا ۾ مروج آهن:

١- عقل جي بنياد تي سموري سياسي پاليسي حساب ڪيل نموني تي مشين وانگر هلائڻي آهي

٢- اصولن ۽ اعليٰ خيالن جي باوجود دل جو دخل سياسي پاليسيءَ ۾ ضروري ڄاتو وڃي ٿو.

آءٌ اڪثري پوئين رجحان جو پوئلڳ پي رهيو آهيان. پڙهندڙن کي منهنجي زندگيءَ مان ڪيترائي مثال ملندا. جي باوجود نيت نيڪ ۽ جذبه سالم هئڻ جي به عقل ۽ تجربي جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ بعد صحيح ثابت نه ٿا ٿين.

قاضي عبدالرحمٰن جنهن سمورو وقت شخصي اقتدار حاصل ڪرڻ ۽ انگريزي عملدارن جي اشاري تي مون کي هر طرح تڪليفون پي پهچايون ۽ ملڪ ۽ قوم جي تعميري ڪمن ۾ رنڊڪون پي وڌيون انهن کي عين انهي وقت جڏهن سندن دوستن جي تجويز ڪيس نوڪريءَ مان ڪڍڻ لاءِ بورڊ اڳيان پيش ٿي. پنهنجي دوستن جي صلاح کان سواءِ معافي ڏيئي بچائڻ. ڪيترن سياسي ڪمن ۾ بقول مسٽر گزدر، ڦلهڙي ۽ ڪمزور پاليسي اختيار ڪرڻ. اڳتي هلي مرحوم الهه بخش جي چند ڪوتاهين ۽ سنڌ جي ڪن ڪانگريسي ڪارڪنن جي غلط قدمن ڪري، ڪانگريس جهڙي غير فرقيوارانه، آزاديءَ لاءِ لڙندڙ ۽ بهترين سچن خادمن جي جماعت مان نڪري مسلم ليگ جهڙي فرقيوارانه، انگريزن جي اشاري تي هلندڙ، خود مطلب ۽ اقتدار جي بکين ڪارڪنن ۾ وڃي داخل ٿيڻ. ان کان پوءِ انتقامي جوش ۾ اچي هندن جي نفرت واري نعره ۾ ڦاسي فسطائي طريقه سياست جو پوئلڳ ٿي، هندوستان کي غلط نظرين جي بنياد تي وراهي پاڪستان جي حصول لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۽ عين انهيءَ موقعي تي جڏهن منهنجيون مسلم ليگ ۾ ڪيل محنتون برثواب ٿيڻ واريون هجن، ان کي ڇڏي مخالفت ۾ وڃڻ. سڀ ڳالهيون انهيءَ رجحان جو نتيجو آهن.

البت پاڪستان بنجڻ کان پوءِ منهنجو سياسي رجحان، جوش کان هوش طرف زياده مائل ٿيندو پي ويو آهي ۽ اڪثري ڳڻي ڳوتي قدم کڻڻ جي

ڪوشش پئي ڪئي اٿم.

اسلام، پاڪستان ۽ مسلم قوم جي نالي ۾ ڏوڪا مون تي اثر نٿا ڪن پر ڇاڪاڻ ته دل جي پوئلڳي ڇڏي، صرف مشين جي پرزي وانگر عقل جو انڌو، مقلد ٿيڻ لاءِ تيار نه آهيان. اڃان تائين عشق منهنجو رهبر راهه آهي.

هيٺيان الفاظ منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيا آهن.

متان مٺي ڇڏئين پاڻان پرينءَ
ڪٿوري ڪٿو مڙهي مڙهج من ۾.

۳- نفسياتي تجربا ۽ معلومات:-

ننڍپڻ کان حسن پرستي منهنجي طبيعت جو جزو بنجي ويل هئي.

سمنڊ ۽ دريائن جا ڪنارا، سبزه زار مڪان، عمده نظارا، حسين شڪليون، منهنجي دل تي اثر وجهنديون رهيون هيون.

" خدا سائين حسين آهي ۽ هر هڪ حسن واري شيءِ کي پسند ٿو ڪري" جو آواز سدائين منهنجي ڪنن ۾ گونجندو رهندو هو.

البت ملا جي مذهب ۽ جماعت جي دستورن انهيءَ جذبي جي ڪليل اظهار جي راهه ۾ ڪيئي رڪاوٽون وجهي منهنجي فطري لاڙي کي روڪي ڇڏيو هو.

غير محرم عورت طرف نگاهه ڪرڻ ڏوهه هو. ڏاڙهي ڪوڙائڻ بدعت هئي، نفيس ڪپڙا پائڻ غير شرعي ڳالهه هئي، راڳ ٻڌڻ گناهه هو، ساز منع ٿيل ڳالهين مان هو.

مطلب ته ملا وارو مذهب، هر فطري خواهشن جي اڳيان آهني ديوار بنيو بيٺو هو.

جڏهن ڳوٺاڻي دائري مان نڪري شهري سوسائٽي تائين پهتس ته حالتن مجبور ڪري ان ۾، سوراخ ڪرڻ شروع ڪيا.

ٿيٽر ۾ وڃي ناٽڪ ڏسڻ، راڳ ٻڌڻ، حسين عورتن کي آزاديءَ سان گهمندو ڏسڻ، ساز سرود جي مجلسن ۾ شرڪت ڪرڻ، ڏاڙهي ڪوڙيلن کي هزارن جي تعداد ۾ ڏسڻ طرح طرح جي لباس وارن ماڻهن سان ملڻ، اهڙيون ڳالهيون هيون جي زندگيءَ اثر وجهڻ کان نه ٿي رهيون.

دنيا جي آخري ۽ مڪمل دين چوائڻ وارن جي ڳالهه سمجهه ۾ نٿي آئي ته ڇو زالن کي بي اعتبار سمجهي انهن کي چوديوار اندر بند ڪيو آهي، ڇو بداخلاق ٿيڻ جي خوف کان ڪين دنياوي تعليم نٿي ڏياري وڃي. ڇو ٻاهر

نڪرڻ مهل برقعا پارائجن ٿا. ڇو مرد کي هڪ کان وڌيڪ زالن جو حق ڏياريو ويو آهي. ليڪن زال کي، هڪ کان وڌيڪ تعلق رکڻ جي ڏوهہ ۾ سنگسار يا قتل ڪرڻ جو حڪم هجي.

پر مذهب جو ايترو اثر ويٺل هوم جو جيڪڏهن ڪنهن اهڙي مجلس ۾ جتي زالون ويٺل هونديون هيون، وڃڻ ٿيندو هو تہ شرم کان نگاهون هيٺ هونديون هيون.

مردن جي هڪ ٻي سان دوستي جائز هئي ليڪن زال سان دوستي کي گهري شڪ سان ڏٺو ٿي ويو.

محبت عالمگير مذهبن جي بنيادي اصولن مان ليکي ٿي ويئي، ليڪن ڌارين زال سان محبت رکڻ جرم ٿي سمجهيو ويو. ظاهري

طرح اها ٻن فردن جي وچ ۾ شڪل جي پسنديءَ، طبيعت جي هم جنسيءَ، يا هم خيالي ڪري پيدا ٿئي ٿي.

شاديون مائٽن جي رضامندي، قبيلن جي دائري اندر اڪثري بنا ڏسڻ جي ٿيون ٿي.

مذهب کي نفس پرستي (سيڪس) کان اهڙو خوف ويٺل هو جهڙو هٽلر دور جي جرمن کي يهودين کان يا اڄ ڪلهہ جي پاڪستان حڪام کي هندن کان آهي.

نفس پرستيءَ جو ڀوت ايترو مسلمانن تي سوار هو جو سندن بهشت جو تصور بہ حورن ۽ غلمانن سان پرپور هو. هر هڪ چڱي ڪم لاءِ ڪين حورن جي چڱي خاصي تعداد جو دلاسو ڏنل هو. ليڪن زالن کي هن دنيا ۾ بہ هڪ مرد وٽ ٻين عورتن سان گڏ رهڻ جو حڪم هو.

آخرت ۾ تہ هزار حورن سان گڏ ياڳي پائيوار ٽيٺو ٿي پيو. زال، مرد جي نفس پرستي ۽ ٻارن پيدا ڪرڻ جي مشين ٻي سمجهي ويئي.

اول ۾ ڌاري عورت سان گهمڻ، ڳالهائڻ، سنگت رکڻ کان ٻي ڇرڪيس پر آهستہ آهستہ تي حضرت عشق انهي مذهب جي ڪڙي ڪيل ديوارن جا پردا بنياد کان اکوڙڻ شروع ڪيا، ڪيترن عورتن سان واقفيت، دوستي، لاڳاپا پيدا ٿيا، انهن مان ڪن جو تعلق روزمرهہ جي سياسي، سماجي ڪاروبار ۾ ساٿيءَ تائين محدود هو.

ليڪن ڪن سان جذباتي، هم طبعي ۽ هم خياليءَ جي لحاظ کان گهرا دوستانہ تعلق پيدا ٿيا.

عام ماڻهن ۾ هن وقت اڃي ڪان ڪٽرپڻو گهڻو گهٽ ٿي ويو آهي. جيڪڏهن انهن سمورن جا نالا سندن روح رهاڻن جا قصا، خطن ذريعن جذبات جي اظهار جا واقعا، هتي بيان ڪريان ته سمجهان ٿو ته ڪو عيب نه آهي، پر ڏپ اٿم ته هڪ ته هي داستان ڊگهو ٿي ويندو. ٻيو ته هي ناتا اهڙا نازڪ آهن جن ڪي، بي دردن اڳيان ظاهر ڪرڻ بي معنيٰ ٿيندو.

البت انهن مان ڪن جو ذڪر ڊائريءَ جي باب، ادبي مضمونن ۽ دوست عورتن جي خطن مان معلوم ٿي سگهندو.

مطلب ته عشق، مختلف جزن جو مرڪب نوشدارو آهي. جو بي انتها قوت ۽ طاقت جو باعث بنجي ٿو.

"عشق سيڪاريون نيون نيون ڳالهيون سلڻ نه جهڙيون."

آخر ان نتيجي تي پهتو آهيان ته حضرت عشق جو اختيار نه صرف شخصي ۽ نفسياتي زندگيءَ تي رهي ٿو، ليڪن، مذهب، سياست ۽ خود ذهني دنيا به انهيءَ جي زد ڪان ٻاهر نه ٿي رهي. مٽيريلسٽ فلسفي چوي ٿو ته ڪائنات جي پيدائش هڪ حادثو آهي.

شاعر چوي ٿو ته عشق به حادثو آهي.

صوفي چوي ٿو ته

عشق دل وچ نه مايس، پوش فقيري پايس
دليان لتاوڻ دي ڪيتي، جانب جوڳي ٿي آيا.

اهي سڀ ڳالهيون گهري ويچار جي لائق آهن.

(۴) ذهني تجربا ۽ معلومات:-

هر جاندار شيءِ کي قدرت طرفان ٻه نعمتون عطا ٿيل آهن. هڪ نفس، ٻيو عقل. نفس جو مختصر ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان، هتي پنهنجي ذهني معلومات جو احوال ڪندس.

ٿورو گهڻو عقل هر جانور ۾ ٿئي ٿو، ويندي ڪيئن، تنڊڻ، مڪ ۾ عقل جو ڪجهه حصو معلوم ڪيو ويو آهي. انسان کي اشرف المخلوقات صرف عقل جي زياده هئڻ ڪري سڏيو وڃي ٿو، ليڪن ماڻهن ۾ به عقل هڪ جهڙو نه آهي، انهي جو مدار سٺي تربيت، علمي معلومات، زندگيءَ جي مختلف تجربن جي حاصلات، غور ۽ فڪر جي ماده ۽ جستجو جي خواهش تي رهي ٿو.

آءٌ جيڪڏهن سڀ ڪان گهٽ ڪنهن لباس سان ملبوس هوس ته اهو

اثر علم جو هو. ان جا مکيه ڪارڻ ٻه ٿي هئا. جهڙوڪ

ڳوناڻي زندگي، درسي علم جي گهٽتائي، آس پاس جي ماحول جو محدود دائره. ليڪن انهن سڀني ڪوتاهين هوندي، قدرت مونکي ننڍپڻ کان غور ۽ فڪر جو ماده عطا ڪيو هو، جنهن مونکي جستجو ڪندي. عالمن ۽ صالحن جي محبت، ڪتابن پڙهڻ جو شوق، سياسي، مذهبي، سماجي ڪاروبار ۾ تجربن حاصل ڪرڻ جو موقعو ميسر ڪيو.

زندگيءَ جي ڪٺن سفر ۾ بي سمر داخل ٿيو هوس آهستہ آهستہ ٿي محنت ۽ مزدوريءَ سان ڪجهه ميراث ڪٺي ٿيڻ لڳي

عشق جيڪڏهن منهنجي ساري تگ ودو ۾ طاقت ۽ همت جو ڪم ٿي ڏنو تہ غور ۽ فڪر جي حاصلات مشعل راه ٿي ٿيا.

ابتدا ۾ هوش کان جوش زياده هوم، آهستہ آهستہ ٿي عمر ۽ آمودي موجب هوش وڌندو ويو.

اڄ تائين واڳ جذبہ جي هٿ ۾ ٻي رهي اٿم. ليڪن ذهني لياقتن کي وڌائڻ لاءِ مسلسل ڪوشش ۾ رهيو آهيان.

مذهب، سياست، نفسيات ۽ زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي معلومات وڌائڻ جي هر موقعي کي ٻي ڪتب آندو اٿم، انهيءَ ڏس ۾ ڳوناڻي فرصت، سير و سياحت، جيل ۽ نظربندي جي زندگي ۽ تاريخ، فلسفہ، تصوف، عام معلومات ۽ سياست جي ڪتابن جي مطالع چڱي مدد ٻي ڪئي آهي، ليڪن باوجود انهي معلومات جي هن نتيجي تي پهتو آهيان تہ

"مندي ماڪوڙي ڪوهہ ۾ پيئي ڪيچي اپ"

وانگر هيڏي ساري ڪائنات جنهن ۾ ڪروڙها سج سندن نظام شمشي جي دائرن ۾ هزار ورهہ روشني جي ميلن جي پنڌ تي پنهنجي دورن ۾ مشغول هجن. ان ۾ هن محدود مغز واري کوپريءَ کي ڪهڙي مجال آهي جو ان اڻ کٽ خزاني جي معلومات کي پاڻ ۾ سمائي سگهي.

جيتري قدر معلومات ٿي اوتري قدر پنهنجي ڪم مايگي، بي علميءَ جو راز کليو

نيٺ شيخ سعدي وانگر چوٹو پيو تہ:

ايـن مدعيان در طلبـش بي خبر انند- ڪانراڪہ خبر شد خبرش بازنيامد
اي برتراز خيال وقياس وگمان وفهم- وازهر چہ گفتہ اند. شنيديم خوانده ايم
مجلس تمام گشت باآخر رسيد عمر- ماهمچنان دراول وصف تو مانده ايم.

باب پنجون

سماجي ۽ ثقافتي اصلاح لاءِ ڪوششون

سال ۱۹۲۵ع

سماجي ۽ ثقافتي ڳالهين سان دلچسپي نانديڙ ڪان هوندي هئي، جنهن جو مختصر احوال هن ڪتاب جي پهرين جلد ۾ ڏنو ويو آهي. ڪانگريس ۽ خلافت تحريڪن ۾، سماجي ڪمن سان دلچسپي جي شروعات ٿي چڪي هئي.

هن سال ڪانگريس جا ڪيترا ڪارڪن ان ڏس ۾ ڪوشش ڪري رهيا هئا. لوڪلباڊيز ۾ به انهيءَ مقصد لاءِ داخل ٿي ڪم ڪرڻ لڳا هئا. ان ڪري مون به ان طرف زياده توجهه ڏيڻ شروع ڪيو. ان سال جي ابتدا ۾ محال مانجهندن جي ننڍن ڳوٺن ۾ وڃي جمعي نماز جي موقعي تي ماڻهن کي نماز پڙهڻ، بدرسمن ۽ فضول خرچين کي ترڪ ڪرڻ، ڳوٺن ۾ جماعتون ناهي، سماجي ڪاروبار هلائڻ، باهمي جهڳڙن کي خانگي طرح فيصل ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ لڳس.

مخدوم بلاول عليه رحمت جي درگاه دادوءَ جي هر مهاپهري جمعي رات هزارها ماڻهو ايندڙ هئا، ان تي به اڪثري وڃي پرچار ڪرڻ شروع ڪيم.

هن سال جي ۲۸- فيبروري ۱۹۲۵ع تي پهريون دفعو شاه حيدر عليه رحمت جي ساليانه ميله (عرس) جي موقعي ڪيترن دوستن ۽ آس پاس جي مکيه ماڻهن کي دعوت ڏئي گهرائي سماجي معاملن لاءِ صلاح مصلحت ڪرڻ جو دستور وڌم.

سن شهر لاءِ عيدگاه ميدان کي ديوار ڏياري جدا جاءِ مقرر ڪئي

ويئي

ڪراچيءَ ۾ هاڻ زميندار ائسوسيشن يا لوڪلبورڊ ميٽنگن لاءِ وڃڻ لڳو هوس.

اتي انجمن ترقي اردو جو ميمبر ٿيس ۽ اردو ڪانفرنس ۾ حصو ورتم. اها ڪانفرنس مسٽر مولا بخش همدم ۽ ڪن ٻين اردو جي شاعرن ۽ اديبن جي ڪوشش سان ڪئي ٿي هئي. ان جي صدارت سردار ولي محمد خان ڊويزنل سپرنٽنڊنٽ نارٿ ويسٽرن ريلوي ڪئي اهو ڪلاڪ کن دير سان اجلاس ۾ آيو. صبوح جي هوندي به نشي ۾ غلطان هو. پر اهو ان وقت جو دستور هو ته اهڙن اجلاسن جي صدارت ڪو وڏو ماڻهو ڪري پوءِ اهو آفيسر هجي يا ڪو نواب صاحب.

انهي موقع تي بزم مشاعرو به ٿيو جنهن ۾ گهڻن شاعرن طبع آزمائي ڪئي، طرح هئي ته

" تماشا ديد کي قابل هي تيري بي قرارون کا"

ڪراچيءَ ۾ انهن ڏينهن ۾ هڪ شيوارام نالي ٿيٽر هوندو هو. جنهن ۾ اڪثر ڪيل ٿيندڙ هئا. جن مان انڊرنسيا، وطن، غيبي تلوار، خاص ذڪر ڪرڻ جي لائق هئا. انهن کي دلچسپيءَ سان ڏسندو هوس. سگهوئي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ سڪولبورڊ جو ميمبر ٿيس. جنهن جو چيرمين خانبهادر ولي محمد هو. جنهن کي سندس والد مرحوم ميان حسنعلي افنديءَ وانگر تعليم ۾ خاص دلچسپي هئي.

سال ١٩٢٦ع

سن ۾ شبينه اسڪول، عربي ۽ فارسي مدرسو، انگريزي ٿي درجا کولارايم.

٥- آڪٽومبر ١٩٢٦ع تي شيخ عبدالمجيد صاحب سنڌ نو مسلم ڪانفرنس سڏائي جنهن ۾ مسلمانن جي تنظيم ۽ تبليغ جي مسئلن تي غور ٿيو. ان ۾ شرڪت ڪئي ويئي.

گذريل سال وانگر ڳوٺن جي سڌاري لاءِ ڪوشش ڪندو رهيس

هاڻ راڳ ٻڌڻ لڳو هوس. ڳوٺ ۾ هڪ ٻن ماڻهن کي غالب، جامي، شاه، سچل ۽ بيدل جا ڪلام سيکاري مجلسون ڪرڻ شروع ڪيم.

سال ١٩٢٧ع

سال جي شروعات ۾ ٦-٧ فيبروريءَ تي سن ۾ شاه حيدر عليه رحمته جي ساليانه ميلي جي موقعي تي، محال مانجهندن جي تنظيمي ۽

تعليمي ڪانفرنس ڪرايم. جنهن ۾ سنڌ جا مکيہ ليڊر جهڙوڪ- مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻي، مولوي محمد صادق گڏه وارو ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ ٻيا زميندار گهرايل هئا. محال مانجهندن جا مکيہ ۽ عام ماڻهو گهڻي تعداد ۾ آيل هئا.

جنهن ۾ مسلمانن جي ديني ۽ دنيوي تنظيم، بد رسمن کي ترڪ ڪرائڻ، فيصلا ڪورٽن جي عيوض، خانگي امين بورڊن جي ذريعي ڪرائڻ، ماڻهن جي مالي، اخلاقي، تعليمي حالت درست ڪرڻ لاءِ ڪيتريون تجويزون ويچار هيٺ آيون. جنهن جو مختصر احوال ڊائري جي باب مان معلوم ٿي سگهندو.

اتي رٿيل پروگرام مطابق، ٩- جون ١٩٢٧ع تي سن شهر جي ماڻهن کي گهرائي بدرسمن ۽ فضول خرچ دستورن تي بندش وڌي ويئي. جن جو تفصيل ڊائريءَ جي باب مان ملندو.

اسان جو طرف واهن نہ هئڻ ۽ بارش گهٽ پوڻ ڪري پنتي پيل ۽ غريب هو. ليڪن ان ۾ شادين، غمين جي موقعي تي ماڻهو وڏا خرچ ڪندا هئا. ڪجريون گهرائي هڪ ٻي جي چٽاپيٽي ۾ پيسا ڏيندا هئا.

زيورن ۽ لباس ۾ سادگي ڪانہ هوندي هين. انهن سيني ڳالهين بابت فيصلا ڪري ماڻهن کان ان تي هلڻ لاءِ وعدا ورتا ويا.

جولاءِ جي مهيني ۾ پونہ وڃڻ وقت اتي شيوا سڌن نالي ڪانفرنس ۾ حصو ورتم ۽ معلوم ڪيم تہ ٻين ملڪن ۾ ڪهڙي طرح معاشرتي سڌاري لاءِ ڪوششون هلي رهيون هيون.

٢٨- آڪٽومبر تي ڪراچيءَ ۾ شيخ عبدالمجيد صاحب سنڌ مسلم تبليغي ۽ تنظيمي ڪانفرنس سڏائي، ان ۾ حصو ورتم. ان موقعي تي شيخ صاحب طرفان مسلمانن جي تنظيم لاءِ هڪ وڏو پروگرام ڪتابي صورت ۾ شايع ڪري ورهايو ويو.

تنظيم جو پروگرام ڏاهڻ سولو هو. ليڪن اهو سواءِ هڪ ڪثير تعداد مخلص ڪارڪنن جي عمل ۾ اچڻ مشڪل هو. ان ڪري باوجود شيخ صاحب جي الوحيد دوران پروپگينڊا جي اهو ڪامياب ٿي نہ سگهيو.

سال ١٩٢٨ع

انهيءَ سال جي ابتدا ۾ ٢٨- ٢٩ جنوري سن ۾ شاه حيدر عليہ رحمت جي ميلہ تي هميشہ وانگر، محال مانجهندن جي سڌاري لاءِ ڪانفرنس

منعقد ٿي. جنهن ۾ اڳي کان وڌيڪ قومي ۽ سماجي ڪارڪن آيل هئا.

ان موقعي تي سنڌي ادب کي زور وٺائڻ لاءِ مجلس منعقد ٿي. شهر جي ٻاهران وڏي دروازي تي اديبن جي همت افزائي لاءِ باب قليچ نالو رکيو ويو. جنهن جو افتتاح مولوي فتح محمد سيوهاڻي ڪيو. ميران محمد شاهه، شيخ عبدالحئ، ڊاڪٽر دائود پوٽه، مسٽر طيب علي علوي ۽ ٻيا اديب ان موقع تي آيل هئا. تقريرون ڪيائون. انهيءَ موقعي تي تعلقه جي رهاڪن جي صحت لاءِ جماعت ٺاهي تجويزون رٿيون ويئون، جنهن جو پريزيڊنٽ راءِ صاحب منگهرمل ٽيڪچند چونڊيو ويو.

اڳي مجلسون صرف مسلمانن جي تنظيم لاءِ ڪوٺايون وينديون هيون. هاڻ ان کي غير فرقيوارنه اجلاس جو رنگ ڏنو ويو.

انهيءَ سال ۾ ڪراچيءَ جي ٿيا سافيڪل سوسائٽي ءجو ميمبر ٿيس. جتي مذهبي، علمي، اخلاقي ۽ معاشر تي مسئلن تي گفتگو، بحث ٿيندا هئا جنهن جي ذريع منهنجي شخصي معلومات ۾ هڪ طرف اضافو ٿيو ۽ سوشل تعلقات ۾ ٻي طرف واڌارو ٿيو.

مسٽر جمشيد ميهتا، علامه قاضي، چيٺمل پرسرام، ڪاڪا ڪوٺوال، غلام علي چاڳلا جهڙن بزرگن سان واقفيت حاصل ٿي. جن جي صحبت ۽ تربيت مان گهڻو ڪجهه پرايم.

هن سال جي آخر ۾ ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو پريزيڊنٽ چونڊجڻ ڪري، پنهنجي سماجي ۽ ثقافتي ڪوشش جي دائري کي ضلع ڪراچي تائين وسيع ڪرڻ جون رٿون رٿيم.

سال ١٩٣٩ع

هن سال جي ابتدا ۾ ڳوٺ سڌار هلچل جو بنياد وجهي "ڳوٺ سڌار جماعت"

مسٽر جمشيد ميهتا جي صدارت هيٺ ٺاهي ضلع ۾ ڪم شروع ڪيو ويو. ان جو جنرل سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيم. اهڙي طرح زالن جي تربيت، تعليم، سوشل سڌاري لاءِ هڪ جماعت ٺاهي مسز هومي ميهتا جي صدارت ۽ مس رڪمني آڏواڻي (بعد ۾ مسز پرمانند آڏواڻي) جي سيڪريٽري شپ سان ڪم شروع ڪيو ويو.

ڪوآپريٽو تحريڪ ذريعي مير بحرن، مالدارن، زميندارن، آبادگارن جي مالي حالت سڌارڻ جو ڪم، خانبهادر عظيم خان ۽ مسٽر جمشيد ميهتا

جي مدد سان شروع ڪيو ويو.

انهيءَ سال ۾ ڪراچي ضلعي جي ڏکڻي گشت ذريعي عام ماڻهن جي مالي، اخلاقي، هنري، تعليمي، تندرستي ۽ رهڻي ڪرڻي جي حالتن ڪان واقفيت حاصل ڪيم ۽ ڳوٺ سڌار هلچل جو پرچار ڪيم.

ڳوٺاڻي داين جي تربيت لاءِ مس پڳٽ جي معرفت انتظام ڪرايم.

ساڳي سال ۾ قديم زماني جي مخفي جماعتن مان هڪ جماعت فري ميسنري جو ميمبر ٿي سندس امداد باهمي، خدمت خلق ۽ اخلاقي معيارن جي مقصدن مان واقف ٿيس.

سهڪوئي معلوم ٿيم ته جيتوڻيڪ انهي جماعت جا مقصد عمده هئا، مگر اها جماعت ٻين وڏين تحريڪن يا مذهبي ادارن وانگر اصلوڪو جوش خروش ختم ڪري، صرف چند دستورن ۽ ڪريا ڪرمن جو ادارو وڃي رهي هئي.

انهيءَ سال ۾ ميرزا قليج بيگ صاحب سان لکپڙهه ذريعي مشوره ڪيم ته سنڌي ادب کي وڌائڻ لاءِ چو نه "دارالمصنفين" معرفت ڪتابن ٺاهڻ، ترجما ڪرڻ، ڇپائڻ جو انتظام ڪجي.

ان جي جواب ۾ هن صاحب لکي موڪليو ته تجويز نهايت ڪارگر هئي. ليڪن عملي طرح موجوده حالتن ۾ عام ماڻهن جي ان طرف گهٽ توجهه ڪري اهڙي اداره جو قائم ڪرڻ ۽ ڪاميابي سان هلائڻ مشڪل مسئلو هو.

ان خواهش جي تڪميل ١٩٤١ع ۾ تعليمي وزير ٿيڻ بعد، ادبي بورڊ قائم ڪرڻ سان پوري ڪيم. ليڪن اڃان تائين اهو سنڌي ادبي بورڊ لطف ڪرم جو محتاج آهي.

عام ماڻهن جي مدد نه هئڻ ڪري سنڌس فروغ تي ڪيئي بندشون آهن.

انهي سال ۾ سن جي سالياني ميلي جي موقعي تي ٿيندڙ ڪانفرنس ۾ سڀني درگاهن جي سجاده نشين کي اپيل ڪئي ويئي ته سندن درگاهن جي ميلن جي موقعن تي ماڻهن جي تنظيم، ادب ۽ ثقافت جي ترقيءَ لاءِ ڪانفرنسون گهرائڻ جو رواج وجهن.

هن سال ۾ مدرسه هاشميه سجاول ۽ مسجدن لاءِ سنديافته پيش امام پيدا ڪرڻ واسطي هڪ تجويز پيش ڪيم.

جنهن ۾ حاجي عبدالرحيم شاه صاحب مدرسي جي بانيءَ گهڻي دلچسپي ورتي. ليڪن مدرسہ جي مهتمم حاجي مهر علي ان جا ڪاغذ گم ڪري تجويز کي عملي جامو پهرائڻ کان محروم ڪري ڇڏيو.

۹- ۱۰- ڊسمبر ۱۹۲۹ع دنيا جي ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ سان تعلق رکندڙ مشهور عالم ڪرشنا مورتي سان ملاقاتون ۽ مجلسون ٿيون. جنهن جي تعليم منهنجي ذهني معلومات ۾ چڱو اضافو ڪيو.

سال ۱۹۳۰ع

انهيءَ سال جي ابتدا ۾ ڪراچيءَ ۾ سوشل ترقي لاءِ هيٺيون ڪانفرنس سڏايم

۱- سنڌ لوڪلباڊيز ڪانفرنس.

۲- ڪراچي ضلع مالدار ڪانفرنس.

۳- ڪراچي ضلع ڪوآپريٽو ڪانفرنس.

۴- زالن جي بهتريءَ لاءِ ڪانفرنس.

انهن ڪانفرنس ۾ مختلف جماعتون برپا ڪيون ويئون ۽ ضلعي جي مسئلن حل ڪرڻ لاءِ تجويزون سوچيون ويئون. وڌيڪ احوال ڊائري جي باب مان معلوم ٿي سگهندو.

انهي سال ۾ هارين جي تنظيم، حقن جي بچاءُ سڌاري لاءِ، ميرپورخاص ۾ ڪانفرنس ڪوٺائي هاري ڪميٽيءَ جو بنياد وڌو ويو.

سال ۱۹۳۱ع

سال جي وچ ڌاري هندوستان جي جدا جدا ڀاڱن، بمبئي، پونہ، حيدرآباد دکن اورنگ آباد، آگره، دهلي، پاني پت،سرهند،لاهور، ڪشمير جو سير ڪيم.

جتي تاريخ مقامات، عجائب گهر، درگاهون، خانگاهون، تعليمي ادارا، قوالين جون مجلسون ڏنيون ويئون. گهڻي معلومات حاصل ٿي.

سال جي آخر ۾ قلندر شهباز جي ميلي تي مسٽر پنيا ايڊيٽر سنڌ آبزرور- مسٽر گزدر ميران محمد شاه سان گڏجي وڃڻ ٿيو. جتي ملاڪڙو، ميندي ڌمال ڏنا ويا.

ٻاهران آيل راڳيندڙن جو راڳ ٻڌو ويو. صلاح مصلحت ڪئي ويئي تہ انهيءَ ميليءَ کي ڪيئن ملڪ جي ثقافتي ۽ ادبي ترقي لاءِ ڪتب آڻجي، پر

ماحول سازگار نہ ڏسي صلاح بيٺي تہ شاه لطيف جي ميلي تي اهڙين مجلسن سڏائڻ جو انتظام ڪجي.

سيد ميران محمد شاه ان ڪم جي سرانجاميءَ جو ذمون کنيو.

سال ۱۹۳۲ع

هن سال ۾ ۱۸- کان ۲۱ جون تائين پهريون دفعو شاه عبداللطيف عليه رحمت جي ميلي جي موقعي تي سيد ميران محمد شاه پريزيڊنٽ ضلع لوڪلبورڊ حيدرآباد جي ڪوشش سان ادبي ۽ ثقافتي پروگرامن جي ڪانفرنس جي شروعات ٿي. ان موقعي تي ٻيون بہ ڪيتريون ڪانفرنسون ۽ نماءِ رکيا ويا هئا. ان ڪم ۾ مسٽر چيتمل پرسرام مسٽر منگهارام ٺهلراماڻي، مخدوم ميان غلام حيدر، چاموٽ محمد علي شاه ۽ مون ڪيس حتي الامڪان مدد ڪئي.

موقعي نهايت ڪامياب ٿيو.

جتي راڳ، صوفيانہ گفتگو ۽ ادبي مضمون تي گفتگو ٿي.

انهيءَ سال ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي يوٿ لاج جو پريزيڊنٽ چونڊيس. جنهن جو مکيہ ڪم ڪلچرل مجلسن ۽ سوشل ملاقاتن ذريعي هڪ وسيع ادبي ۽ ثقافتي گروه جي منظم ڪرڻ هو.

انهيءَ سال ۾ ملڪي هنرن کي زور وٺائڻ لاءِ هڪ سو ديشي نمائش ڪئي ويئي. جنهن ۾ مکيہ حصو مسٽر دستور، مسٽر عالم گدواڻي ۽ ٺهلراماڻي ورتو مون بہ انهن سان باءِ انڊين تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ مدد ڪئي.

سال ۳۳- ۳۴- ۱۹۳۵ع

انهن ۾ اڪي ڏيکاريل ادبي، ثقافتي، سماجي تحريڪن جي ڪمن ۾ دلچسپي وٺندو رهيس.

ليڪن گهڻو وقت سياسي خلفشارن ۾ صرف ٿيو.

البت مسلم پراويڊنٽ سوسائٽي مسٽر حاتم علويءَ جي چيرمنيءَ ۾ برپا ٿيل ۾ خاص دلچسپي ورتي ويئي.

ڪوآپريٽو تحريڪ جي معاملن ۾ ڪافي وقت صرف ڪندو رهيس.

سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي مجلسن ۾ حاضر ٿي مختلف عالمن طرفان پيش ڪيل مضمون پڏڻ ۽ راڳ جي مجلسن ڪوٺائڻ ۾ چڱي دلچسپي ورتي ويئي.

باب ڇهون

ڊائريءَ جا ڪي چونڊيل ورق

سال ١٩٢٨ع

٨- جنوري ١٩٢٨ع:- ڪراچي

ڪراچي ضلع لوڪلبورڊ جي سماهي ميٽنگ جي موقع تي. آءٌ، سيٺ ڏيارام ۽ مقبو لشاه - زميندار ائسوسيشن ٺاهڻ جي سلسلي ۾ وياسون.

٢- ٻجي منجهند جو لوڪلبورڊ جي ميٽنگ شروع ٿي. ان جي خاتمي بعد لوڪلبورڊ ميمبرن ۽ آيل زميندارن سان مشوري بعد فيصلو ٿيو ته ڪراچي ضلعي جي زميندار ۽ آبادڪار طبقي جي حقن جي حفاظت، تنظيم ۽ ترقي لاءِ هڪ ائسوسيشن ٺاهجي.

ان جي دستورالعمل ۽ روس ٺاهڻ لاءِ هيٺين سب ڪميٽي مقرر ڪئي ويئي:

١- سيٺ محمد جعفر خواجه - ميرپور بٺورو

٢- ديوان ننديرام آوتراءِ - ڳاڙهو

٣- ديوان هرچندراءِ ٺهلرام - ٺٽو

٤- غلام مرتضيٰ شاه (آءٌ)

هن ڪميٽيءَ کي دستورالعمل ٺاهڻ جو ڪم سپرد ڪيو ويو. ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي اينڊڙ سماهي ميٽنگ جي موقعي تي ڪراچي ضلعي جي زميندارن جي ڪانفرنس سڏائي، ان ۾ اهو دستورالعمل پاس ڪرائي، جماعت ٺاهي چونڊون ڪرائيبيون هيون.

انهيءَ ڏينهن شام جو مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻي سان ملاقات ٿي. رئيس فقير بخش خان ڪاڇيءَ سان ملڻ ٿيو. شام جو شيولرام ٿيٽر ۾ غيبي تلوار کيل ڏٺو ويو.

٩- جنوري ١٩٢٨ع:- ڪراچي

رئيس فقير بخش خان ڪاڇيءَ تي ڪراچيءَ جي سٽي ماجسٽريٽ

مسٽر رچرڊسن جي ڪورٽ ۾ قلم ١١٠ ڪيس هلي رهيو هو. پوليس رئيس فتح محمد خان ۽ رسول بخش خان لغارين کي ڪوڙا شاهد ناهي، رئيس فقير بخش خلاف شاهدي ڏيڻ لاءِ وٺي آئي هئي. مون رئيس عليمران خان لغاري جي معرفت کين ڪوڙي شاهدي ڏيڻ کان منع ڪرائي. جمعي نماز بولٽن مارڪيٽ جي پرواريءَ مسجد ۾ پڙهيم. شاه فريئر هال ڪراچيءَ وٽ بئنڊ ٻڌڻ لاءِ وڃڻ ٿيو. اتي حاجي محمد شاه مٽارين واري ۽ پير محمد امام شاه جهنڊي واري سان ملاقات ٿي.

١٧- جنوري ١٩٣٨ع:- رني ڪوٽ

اڍائي بجي صبوح جو انن تي چڙهي سن کان مٿي جبل ۾ رني ڪوٽ مڪان ڏسڻ لاءِ روانو ٿيس. ٢٢- ميل پري هو. ١٠ بجه صبوح جو ميري نالي هڪ ننڍي رهائشي قلعي وٽ پهتاسون. چوڻ ۾ اچي ٿو ته هي ڪوٽ ميرن جو اڏايل هو پر ان جي اڏاوت جي نموني، خرچ جي تخميني، تعمير تي لڳل وقت تي غور ڪرڻ بعد اهو گمان نڪري ٿو ته اها اڏاوت گهڻو اڳ ٺيل هجي. ممڪن آهي ايراني حڪومت جي ڏينهن جي ٺهيل هجي.

ڪوٽ جي ديوار اٽڪل ١٥- ميلن جي دائري ۾ جبلن جي چوٽين تائين وڃي ٿي.

ان جي مکيه جڳهين تي ننڍا قلعا ۽ ٣٠- کن برج ٺهيل آهن، جن مان هڪ قلعي کي ميري، ٻي کي شيرڳڙهه، ٽئي کي مٿي دروازي جي بيٺڪ ڪري ڪوٺين ٿا.

ان ڪوٽ کي چار دروازا آهن. هڪ نئين موهن جي داخل ٿيڻ واري جڳهه تي، ٻيو اتر طرف، ٽيو اوپر طرف نئين موهن جي نڪرڻ جي جاءِ تي، چوٿون ڏکڻ طرف ڳرڻ جي لڪ ڏي وڃڻ لاءِ آهي.

ڪوٽ جي ديوار ڪن جاين تي سمنڊ جي مٿاڇري کان ١٨٠٠ سو فوٽن جي بلندي تائين وڃي ٿي.

ان قلعي اندر اٽڪل سوڪن ميلن جو رقبو اچي وڃي ٿو.

منجهس آباديءَ لاءِ زمين، وهندڙ پاڻيءَ جا چشما ۽ آبشار آهن، جن چشمن ۾ مڇيون رهن ٿيون.

ميري ۾ رهڻ واريون جايون بارڪن جي نموني جون آهن.

جنهن ۾ جدا جدا ڪٽنبن جي رهڻ لاءِ ننڍيون ديوارون آيل آهن.

جن مان ڪي لنگهه ٺيل هئا جي وري بند ڪرايل ڏسجن ٿا، انهن

جي جديد تعمير جا نشان نمايان پيا ڏسجن.

اهو ٻيري وارو قلعو هڪ ٽڪري تي اڏيل آهي. ان ۾ تمام اونهو کوهه به آهي. هن وقت ان ۾ پاڻي ڪونه هو. ساري قلع جي تعمير آرڪيٽيڪٽ نهايت هشيار ۽ جنگي فن جو ماهر ٿو ڏسجي.

ان تي لاڳت انگل- ١٠- ڪان ١٥٠ ڪروڙن تائين آيل پاندي ٿي. ان جي سموري اڏاوت پٿرن ۽ چيروئي سان ٿيل ڏسجي ٿي. هن جي ناهڻ ۾ ڪم ازڪم ١٥ ورهه لڳا هوندا. جنهن تي ٻن ڪان چئن هزارن ماڻهن هر روز ڪمايو هوندو. نزديڪيءَ ۾ ڪو ڳوٺ ڪونه آهي تنهن ڪري ٻاهران ماڻهو آڻي اتي رهائڻ، کاڌي پيتي جي انتظام، نظرداري لاءِ هڪ شهري بستي ٻڌائي هئائون.

اتان شام اڌائي بجي واپس ورانو ٿي ٨ بجي رات جو سڱي ڏينهن ڳوٺ سن ۾ واپس پهتس.

٢٣- جنوري ١٩٢٨ع :- سرائي سولنگي

صبوح جو وهٽن تي چڙهي سن کان ڇهن ميلن جي پنڌ تي سرائي سولنگين جي ڳوٺ وڃي ماڻهن کي جمع نماز پڙهايم. ان کانپوءِ کين تقرير ۾ بدرسمن ۽ فضول خرچين کي ترڪ ڪرڻ، پاڻ مان نفاق دور ڪرڻ، ڳوٺ جي جماعت پنچاتي نموني تي ناهڻ روزي نماز جي پابندي، برن ڪمن کان پاسي ٿيڻ جي هدايت ڪيم.

کين جامع مسجد کي وڏو ڪري ٺهرائڻ لاءِ چيم ان ۾ پنجاه روپيه خيرات ڏنم، شام جو موٽي ڳوٺ آيس.

٢٨- جنوري ١٩٢٨ع :- سن

رئيس عليمراد خان لغاري جاگيردار ڳوٺ مير خان لغاري، جنهن سان قديم خانداني دوستانه تعلقات هئا بمع سندس فرزند رئيس فتح محمد خان، سندس ماتيجي ڀائن رسول بخش خان ۽ هادي بخش خان سان مهمان ٿي آيو.

هتان سندس جاگير خيرپور ناٿن شاه ڏي ويا. مسٽر جيوترام چيف آفيسر لوڪلبورڊ ڪراچي مهمان هو.

مولوي الهه بخش کان عربيءَ جو سبق ورتم.

٢٩- جنوري ١٩٢٨ع:- مخدوم بلاول

صبوح جو سن کان گاڏيءَ ۾ چڙهي قلجي اسٽيشن تي لهي پنڌ

ڪري مخدوم بلاول جي درگاه تي زيارت لاءِ ويڻ ٿيو. (مخدوم صاحب سيد حيدر عليه رحمت جو مرشد هو. ان ڪري اتي اڪثر وڃڻ ٿيندو هو)

خليفن ميان ولي محمد ۽ خير محمد وٽ مهمان ٿي رهيس. مهاپهري جمع رات هئڻ ڪري سَوها ماڻهو آيل هئا.

رات جو مولودخواني ۽ وعظ ٿيندا رهيا. مولوي محمد سليمان ٽرڙي محبت وارو ۽ جيوڻ شاه مليا.

۴- فيبروري ۱۹۲۸ع:- سن

ٽپال لکڻ جو ڏينهن هو. هيٺيان خط موڪليم.

۱- سيد ميان پڊل شاه نواب شاه واري کي خط لکي پڇا ڪيم ته متياري سيدن جي ڏڪري واري ڪانفرنس تي ڏنل دعوت موجب ڪانفرنس گهرائڻ جو ارادو رکي ٿو يا خيال لاهي ڇڏيو اٿس؟

۲- هڪ خط سيڪرٽري سنڌ ايڊيوڪيشنل ڪانفرنس حيدرآباد موڪليم ته چندي جا پيسا ميران محمد شاه کي موڪليا اٿم جي اوهان کي پهچائيندو.

۳- ديوان هر چندراءِ ٿهلرام ٺٽه ۽ سيٺ محمد جعفر خواجه ميرپور بٺوري کي خط لکيم ته ديوان همت سنگهه سيڪرٽري زميندار ائسوسيشن ٽنڊو محمد خان ڊويزن کان زميندار ائسوسيشن جي دستورالعمل جي ڪاپي گهرائي اٿم. سگهوئي انهي ۽ پين ائسوسيشن جي رولن کي سامهون رکي ڪراچي ضلع زميندار ۽ آبادگار ائسوسيشن جو مسودو ٺاهي، ڪين ملاحظ لاءِ موڪليندس.

۷- فيبروري ۱۹۲۸ع :- مانجهند- سن

صبوح جو مانجهدن ۾ مسٽر عبدالرحيم پيرزاده ڊپيوٽي ڪليڪٽر ڪوٽڙيءَ وٽ سيٺ تيجومل، سيٺ منگهر مل ۽ آءٌ گڏ ٿياسون. لڪيءَ جي مسجد تان ٿيل اختلاف جي صلح بابت ڳالهيون هليون. فيصلو ڪونه ٿيو. موٽي ڳوٺ آيس.

رئيس عليمراد خان لغاريءَ وارا جاگير تان موٽي واپس آيا. رات ٽڪي صبوح جو دريا اڪري ڳوٺ ڏي روانا ٿيا.

۱۲- فيبروري ۱۹۲۸ع- ڪراچي

رئيس فقير خان ڪاڇيءَ تي سٽي ماجسٽريٽ ڪراچيءَ وٽ ۱۱۰ قلم هيٺ هلندڙ ڪيس ۾ سندس همدردي ۽ مدد لاءِ ڪراچيءَ ويو هوس.

سندس پٽ شهمير خان جي ڪمري، هارون بلڊنگ عيدگاهہ جي سامهون واري ۾ رهياسون.

رات جو شيوارام ٿيٽر ۾ ”وطن“ کيل ڏسڻ وياسون، ٻي ڏينهن مون ۽ سيد بهاول شاهہ ٺٽيءَ واري رئيس جي بچاءَ ۾، سٽي ماجسٽريٽ مسٽر رچرڊسن جي ڪورٽ ۾ شاهديون ڏنيون.

سيد محمد حسين شاهہ تقوي ڊپٽي سپرنڊنٽ پوليس، مولوي عبدالرحيم مگسي، مولوي فتح محمد سيوهاڻيءَ سان ملاقاتون ٿيون.

٢٣- فيبروري ١٩٢٥ع - عامري

پيرزاده عبدالرحيم ڊيپوٽي ڪليڪٽر ڪوٽڙي، شيخ بهاؤالدين آبڪاري انسپيڪٽر ڪوٽڙي ۽ آءٌ عامريءَ جي پر ۾ ٺٽي جي ڪچي ۾ شڪار تي وياسون پر شڪار ڪونہ لڳو.

٢٧- فبيروري ١٩٢٥ع:- سن

شاهہ حيدر عليه رحمت جو ساليانہ عرس هو. ان موقعي تي محال مانجهند ۽ ٻاهر جا مکيہ ماڻهو آيل هئا تن سان ميلي کي تنظيمي ۽ تعليمي ڪانفرنس بنائڻ ۽ محال جي سڌاري لاءِ تجويزن بابت صلاح مشورو ڪيو ويو. صبوح جو دستور موجب ختمو بخشارائي آيل زائرين کي ماني کارائي ويئي. شام جو ملاڪڙا لڳو. حاجي محمد شاهہ مٽارين وارو، حاجي علي اڪبر شاهہ، قاضي محمد ڪامل هالا، ميان نور محمد ٻيٽي وغير مهمان رهي پيا.

١٣- مارچ ١٩٢٥- سن

خانبهادر سيد حسنعلي شاهہ مٽارين واري وفات ڪئي. اهڙو اطلاح آيو.

٢٧- مارچ ١٩٢٥ع- سن

رمضان شريف جي مهيني هئڻ ڪري روزا رکيم، نمازون تراويحن سان باجماعت پڙهندو رهيس. قران شريف معنيٰ ۽ ترڪيب سان مولوي الهہ بخش وٽ پڙهيم.

عربي درس ۾ غومير پڙهي ڪافيہ ۽ شرح جامي پڙهڻ شروع ڪيم. ماڻهن کي زوريءَ نمازون پڙهايم.

٢٨- اپريل ١٩٢٥ع- ڪراچي

سن کان ڪراچي ميس ديوان ريواچند سن واري جي جاءِ سيزر بلڊنگ رام باغ گاڏي کاتي ۾ رهيس رات جو ڪنگ ڪارنيوال ڏسڻ ويس.

۳۰- تاريخ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي سماهي ميٽنگ ڪانپوءِ ڪراچي ضلع جي زميندار ۽ آباگارن جي ميٽنگ، ڪليڪٽر جي ڪچهري هال ۾ ڪئي ٿي. جنهن ۾ ڪميٽيءَ طرفان پيش ڪيل دستورالعمل پاس ٿيو. ڪراچي ضلع زميندار آبادگار ائسوسيشن جا سال لاءِ عهديدار چونڊيا ويا.

١- صدر- سيد حاجي عبدالرحيم شاه سجاول وارو

٢- نائب صدر٣- خانصاحب خير محمد خان چانڊيو، ديوان هر چندراءِ، سيد مقبول شاه چونڊيا.

٣- جنرل سيڪرٽري - سيٺ محمد جعفر خواجہ - ميرپور بٺورو

۴- جائنٽ سيڪرٽري- ١- مسٽر نند يرام آوتراءِ ٢- سيد غلام مرتضيٰ شاه (آءٌ)

پهرين مئي تي ائسوسيشن جي چونڊيل ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ راءِ بهادر شيوارام ڏيون مل جي جاءِ تي ٿي.

۱۴-۱۵ مئي ۱۹۲۸ع- ڪلري

ڪلري جي ڳوٺ ۾ وڏيري محمد يوسف گائنچي جي پٽ غلام رسول جي شاديءَ تي ويس. سيني آيل چاچين ڪي جي هزار کن هئا زوريءَ جمع جي نماز پڙهائي وئي. جي مسجد ۽ صحن ۾ نهي نہ سگهيا، ٻاهر گهٽي ۽ اوتاري تائين بيهي ويا. نماز کان پوءِ ماڻهن کي بدرسمن، فضول خرچين ترڪ ڪرڻ ۽ ٻرن ڪمن کان پاسي رهڻ، ٻارن کي تعليم ڏيارڻ ۽ روزي نماز جو پابند رهڻ لاءِ تقرير ۾ هدايت ڪئي وئي. مسجد کي وڏو ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪيم.

۲۹- مئي ۱۹۲۸ع- سن

پير محمد شاه ذڪر وارو ۵۰ کن جماعتين سان مهمان ٿي آيو. ڏاڍي خوش الحالي سان ذڪر ڪيائون ٿي، تارَ پوري ڪرڻ لاءِ ٻہ ٽي اکر وچ ۾ وڌائون ٿي.

سندس مريدن کي شام جي نماز کان پوءِ حال پيو ٿي. ڪيترا ليٽيا ٿي، ڪن مٿو هلايو ٿي، ڪي ٽپيا ڪڏيا ٿي. پير صاحب جي ڇاتي زور سان لڏي ٿي. ٻہ ڏينهن رهي ڳوٺ موٽي ويو.

(نوٽ)

(هي گهنڊيا جي ڳوٺ تعلقي سڪرنڊ ۾ رهندو هو اتان لڏي سڪرنڊ جي پر ۾ چواهٽن جي ڳوٺ ۾ وڃي وينو هو. وفات بہ اتي ڪيائين)

سندس حياتيءَ جو بيان باب ستين جي نمبر ۴۷- ۾ ڏنل آهي.

۱- جون ۱۹۲۸ع- مانجهند

مانجهندن ۾ تعلقہ لوڪلبورڊ ميمبريءَ لاءِ ٻن تڪن مان فارم ڀريم. ٻنهي مان بنا مخالفت جي چونڊجي ويس.

(نوٽ)

پوءِ هڪ مان استعيفا ڏئي ٻي ماڻهوءَ کي چونڊايم.

۴- جون ۱۹۲۸ع- ڪوٽڙي

ڪوٽڙيءَ جي ڊپٽي ڪليڪٽر وٽ ڊسترڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي ميمبريءَ لاءِ، مانجهند جي تڪ مان فارم ڀريم، ٻي ڪنهن فارم نہ ڀريو بنا مخالفت جي ميمبر چونڊجي ويس.

۱۰- جون ۱۹۲۸ع - گرواري

گرواريءَ جي ڳوٺ ۾ ويس جتي ڳائنچہ قوم جا ماڻهو رهندڙ آهن. اهو ڳوٺ سن کان ۴ ميل مٿي ٽڪرين ۾ آهي. اتي ماڻهن کي گهرائي تعليم پرائڻ، پاڻ ۾ تڪرار نہ ڪرڻ، روزي نماز تي پابند رهڻ جي نصيحت ڪيم. اتي مسجد ڪانہ هئي. ماڻهن مان چندو وصول ڪري هڪ امين جي هٿ ۾ ڏئي مسجد ٺاهڻ جو ڪم سپرد ڪري موٽي ڳوٺ آيس.

هنن ماڻن جو واڻ وٽڻ ۽ بارش جي آباديءَ تي گذر آهي، شڪار جا شوقين آهن.

۱۱- جون ۱۹۲۸ع- سن

ٽپال جا خط لکي موڪليم. ۱- مخدوم ظهيرالدين صاحب عرف پرو ڄام صاحب انجمن سادات متياريءَ جي ترقي ۽ ڪارگذاريءَ بابت خط لکي احوال پڇيو هو. تنهن کي جواب موڪليم.

۲- سيد حاجي عبدالرحيم شاه سجاول واري ۳- سيد ميران محمد شاه، ۴- سيد مقبول شاه کي مختلف ڳالهين بابت خط موڪليم.

۱۵- جون ۱۹۲۸ع- ڇڇر

سن کان ڇڇرن جي ڳوٺ ۵- ميل اتر پنڌ تي وڃي پيرلعل ڏنہ شاه نورائي واري جي اوطاق ۾ لٿس- جمع نماز پڙهڻ بعد ماڻهن کي تقرير ۾ فضول خرچين، بدرسمن، چوري، نفاق کان پاسي رهڻ لاءِ هدايت ڪيم.

تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ زياده تاڪيد ڪيم. جامع مسجد وڏائڻ لاءِ بار رکيم. پوءِ موٽي ڳوٺ آيس.

١٦- جون ١٩٣٨ع - ڪوٽڙي

مسٽر پيرزاده عبدالرحيم ڊپوٽي ڪليڪٽر ڪوٽڙي بدلي ٿي ميرپورخاص ويو ٿي. ان سان دوستانہ تعلقات هئڻ ڪري راءِ صاحب منگهر مل ۽ آءٌ کيس الوداع ڪرڻ وياسون.

(نوٽ)

جتي ٿوري وقت ڪان پوءِ اوچتو انتقال ڪيائين. شڪ هو تہ کيس زهر ڏنو ويو هو پر خاطري سان پتو پئجي نہ سگهيو.

١٧- جون ١٩٣٨ع- سجاول

ڪوٽڙي کان گاڏيءَ ۾ چڙهي، جنگشاهي اسٽيشن تي لهي اُتي کان سجاول پهتاسون.

سيٺ ڏيارام، سيد مقبول شاه ۽ آءٌ ڪوٽڙي طرف کان عيوضي ٿي زميندار ۽ آبادگار ائسوسيشن جي ميٽنگ منعقده ١٨- تاريخ وياسون. ان ميٽنگ ۾ ٢٧- مکيہ عيوضي ضلع کان آيل هئا. اسان حاجي عبدالرحيم شاه جا مهمان هئاسون، ميٽنگ انسپيڪشن بنگلہ ۾ ٿي، شاه صاحب جا نهرايل جامع مسجد ۽ مدرسہ هاشميہ ڏٺا ويا.

محمد رمضان شورو ٻداپور واري ريزيڊنٽ ماجسٽريٽ سجاول جي سرشتيدار سان ملڻ ٿيو.

(نوٽ)

(شورو صاحب پوءِ ڪليڪٽر جي عهدي تي پهچي رٽائرڊ ٿيو هينئر حيدرآباد ۾ مقيم آهي).

ٻي ڏينهن موٽڻ تي ٺٽي جي مڪلي مقام جا ڀہ تي مقبرا ڏٺا ويا. جن ۾ ميرزا عيسيٰ جي رانڪ ۽ نواب شرفا خان جو مقبرو قابل ذڪر هئا. اتان ڪراچيءَ اچي، ڪجهہ رهي ٢٤- تاريخ سن واپس پهتس.

٢٨- جون ١٩٣٨ع- سن

فجر نماز پڙهڻ بعد ڪجهہ ڪلاڪ مراقبي ۾ ويهي هيٺين مسئلن تي غور ۽ فڪر ڪيم.

١- ڪائنات جي پيدائش ٢- حيات بعدالمعات ٣- زندگيءَ جو مقصد ٤- دائمي خوشي ڪهڙي آهي ٥- چڱي مدي- پاڪ پليت جي سڃاڻپ ڪيئن اچي؟

٧- جولاءِ ١٩٣٨ع- سن

منهنجي والد جي ڏينهن کان ڪاروبار هلائيندڙ منشي حاجي چتا بادلاڻي، ٢ بجہ ڏينهن جو ڪهڻي وقت سلهہ جي بيماري ڪاڻڻ بعد وفات ڪئي.

هن کي منهنجي والد هشيار ڇوڪرو سمجهي ١٨٩٢ع ۾ پنهنجي زمينداري ڪم جي سنڀال ۾ رکيو هو. سرڪار سان ٿيندڙ ڪيسن، زميننداري معاملن، عام لکپڙهہ جي چارج، سندس حوالي ۾ هوندي هئي، ان ڪري ڪافي لياقت حاصل ڪري ويو هو.

هڪ وقت ڪرستان بہ ٿيو هو. وٽس ڪرشچنٽي تي اردو ۾ ڪتاب گهڻا هئا. طب جي علم مان چڱي طرح واقف هو.

والد کان پوءِ منهنجي وڏي ٿيڻ بعد منهنجو ڪاروبار سنڀالڻ لڳو. ڪيس تي پٽ ٿيا.

جن مان وچون گل محمد نالي اجان تائين طبابت ڪندو آهي.

هيءَ بہ ٻيءُ وانگر بنا لالچ جي وفاداري ۽ خلوص دل سان اسان جي خدمت ڪندو رهي ٿو.

هن خود مطلب دنيا ۾ اهڙي بي لوث خدمتگارن جو ملڻ مشڪل آهي. اهي هاڻ لپ آهن جن جي جيئڻ پوءِ تيئن گهٽتائي ٿيندي ويندي.

١٤- آگسٽ ١٩٢٨ع- سيوهڻ.

سيوهڻ ۾ چاچي ولي محمد شاه سان رهڻ ٿيو. شام جو چاچي اسدالله شاه باجارن واري سان گڏجي، قاضي بصرالدين صديقيءَ کي ملڻ ويس.

هو عالم، حڪيم، درويش، زاهد، گوشہ نشين بزرگ هو. سارو وقت عبادت ۽ تنهائي ۾ گذاريندو هو. ڪن چوند ماڻهن کان سواءِ ٻين سان ڪونہ ملندو هو.

ٻي ڏينهن چاچي ولي محمد شاه گڏجي منڇر جي سير تي وياسون گهڻا ماڻهو هئا. شام جو موتي ڳوٺ آيس.

١٧- اگسٽ ١٩٢٨ع- ڪراچي.

ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي سماهي ميٽنگ جي موقعي تي رکيل زميندار ائسوسيشن جي ميٽنگ لاءِ ويس. شام جو حاجي عبدالرحيم شاه کي مقبول شاه سان گڏ حاجي احمد ڏوسل ڪتري جي جاءِ تي ملڻ ويس. سندس ڪچهري روڊ واري جاءِ نئين سر تعمير ٿي رهي هئي. ضلع

لوڪلبورڊ جا نوان ميمبر چونڊجي چڪا هئا. نون عهديدارن جي چونڊ جو چوپچو هو. ڪيترن ئي جي ماڻهن جو رايو هو ته راءِ بهادر شيوارام ڏيون مل کي ايندڙ ٽرم لاءِ پريزيڊنٽ نه چونڊجي. ڳالهه چرڻ تي حاجي عبدالرحيم شاهه، راءِ بهادر جي جاءِ والارڻ لاءِ لائق مسلمان ميمبرن جا نالا پڇيا. مون ڪيس مير ايوب خان ۽ مسٽر عبدالرحمن بئرسٽرن جا نالا پيش ڪيا. پهرين لاءِ عذر ڏنائين ته ماڻهن سان ملي جلي نٿو. ٻي لاءِ چيائين ته سندس ضلع جي ماڻهن سان وقفيت نه آهي. حاجي ڏوسل جڏهن مٿس زور رکيو ته هن دفعي ضرور مسلمان کي چونڊائي. پاڻ مون کي اميدوار بيهڻ لاءِ چيائين، مون غير تجربه ۽ ننڍي عمر جي ڪري انڪار ڪيو.

۱۸- اگسٽ ۱۹۲۵ع- ڪراچي

ڪراچيءَ ۾ راءِ بهادر شيوارام جاءِ تي زميندار ائسوسيشن جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ٿي. جتان نڪري پنهنجي رهڻ واري جاءِ بلڊنگ رام باغ گاڙي ڪاتي ۾ آياسون.

خانصاحب خير محمد خان چانڊيو، سيد مقبولشاهه، پير غلام حيدرشاهه بلڙي، سيٺ محمد جعفر خواجه گڏ ٿيا. اتي وري به پريزيڊنٽ جي چونڊ بابت ڳالهه نڪتي. حاجي عبدالرحيم جي راءِ ڪان ڪين مقبول شاهه واقف ڪيو. سيني چيو ته شاهه صاحب جي مدد کانسواءِ ڪوبه اميدوار ڪامياب نه ٿي سگهندو. شاهه صاحب جي ديوانن سان گهرن تعلقات کي نظر ۾ رکي، سيني اها راءِ ڏني ته جڏهن پاڻ ازخود توکي بيهڻ لاءِ چوي ٿو ته توکي انڪار ڪرڻ نه گهرجي.

پوءِ پيرغلام حيدر شاهه کي ڪائونسل آف اسٽيٽس ۾ مدد ڪرڻ لاءِ سيني آيل صاحبن مدد جون وعدو ڪيو. مون کي چيو ويو ته حيدرآباد وڃي سندس مدد لاءِ ڪجهه وقت رهان.

مهينو سپٽمبر ۱۹۲۵ع- حيدرآباد شهر ۽ آيل پاس.

هن مهيني جو گهڻو حصو پير غلام حيدر شاهه بلڙي واري جي ورڪ لاءِ حيدرآباد ۽ آس پاس ۾ ويندو رهيس. ان جي خلاف اڳوڻو ميمبر آنربل علي بخش اميدوار هو. سندس ڀاءُ خانبهادر نبي بخش حسين شڪارپور وارو مئنيجر انڪمبرڊ اسٽيٽس هو. هي بااثر آفيسر هو.

هي چونڊ زميندار طبقه ۽ آفيشل طبقي جي طاقت آزمائي جو موقع هو. پر ان زماني ۾ آفيسرن جو ايڏو زور هو جو زميندار ۽ مٿياري سيد، جن

جا پير صاحب سان گهاٽا تعلقات هئا ڪيس مدد جا وعدا ڪري ڦري ويا. جنهن ڪري ڪيس لاچار هٿ ڪڍڻو پيو.

٢٣- آڪٽومبر ١٩٢٥ء- ڪراچي

سن مان ڪراچي آيس. ٢٦- آڪٽومبر تي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچي جي پريزيڊنٽ جي چونڊ هئي. منهنجي مدد ۾ محمد سليم شاه سعدپور وارو. محمد ڪامل شاه جو ڀاءُ، پير پلڻ شاه، آيل هئا. ٻي طرف ٺٽي شهر جي مکيه رهاڪن جي مسٽر عبدالرحمن جي چونڊ لاءِ ڪوشش هلندڙ هئي. منهنجي طرفدارن سيد حاجي عبدالرحيم شاه سجاول، سيٺ محمد جعفر خواجه، ارباب حاجي خميسه ميمڻ سان گفتگو ڪئي، جن جي آڌار تي بيٺو هوس. انهن عذر ڏنو ته آءٌ عمر جو ننڍو ۽ اڻ آزمودگار هوس، تنهنڪري ميمبر مون کي چونڊڻ لاءِ تيار نه هئا.

جڏهين اسان جي طرفان مسٽر عبدالرحمن جو نالو وٺڻ پيش ٿيو ته جواب ڏنائون ته هي شهري ماڻهو هئڻ ڪري، زميندارن سان سندس لاڳاپو نه هو. مهل سرڪين ڪم اچي ڪين سگهندو. جڏهن ٺٽي جي باشندن يا پڙهيل مسلمانن طرفان هندو پريزيڊنٽ کي چونڊائڻ جو عتاب تي ڏنو ويو ته چوڻ لڳا ته مسلمانن ۾ اتفاق نه هو ٻن اميدوارن ۾ ووٽ وراهجي وڃڻ ڪري راءِ بهادر چونڊجي ويندو. جڏهين مون مسٽر عبدالرحمن جي فائدي ۾ هٿ ڪڍڻ جو ارادو ڏيکاريو ته سمورو راز پڌرو ٿي پيو. هو راءِ بهادر سان وعدا ڪري چڪا هئا. ڪنهن به صورت ۾ ان کي ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئا. سيٺ محمد جعفر، شاه صاحب تي ميار رکڻ لڳو. شاه صاحب سيٺ صاحب کي ذميوار ٿي ٺهرايو. آخري وقت ۾ هنن مسلمانن جي عتاب کان بچڻ ۽ مون سان وعدو ڪري ڦري وڃڻ جي خيال کان، منهنجي طرفدار دوستن کي ستائي مون کي وائيس پريزيڊنٽ چونڊجڻ تي رضامند ڪيو. وڌيڪ چيائون ته تجربه حاصل ڪرڻ بعد هو ٻي دفع مون کي پريزيڊنٽ چونڊائيندا.

٢٦- تاريخ آڪٽومبر ١٩٢٥ع سمجهوتي سان چونڊ ٿي.راءِ بهادر شيوارام پريزيڊنٽ ۽ آءٌ وائيس پريزيڊنٽ چونڊياسون.

مسٽر عبدالرحمن مسلمان زميندارن جي اها حالت ڏسي هٿ ڪڍي ويو.

ان موقعي تي سيد محمد زمان شاه رضوي ٺٽي جي نوجوان شاعر ٺٽي جي مسلمانن جي جذبات کان هڪ سهڻي نظم ۾ شاه صاحب کي اپيل

ڪئي پر شاه صاحب چوندو رهيو تہ
”هَل جَزا ۇ الا حسان الا الاحسان“ يعني راءِ بهادر جي احسانن جو بدلو ڏيان ٿو.
آءٌ ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر چوند يس.

٢٧- تاريخ چوندَ ڪان پوءِ زميندار ائسوسيئيشن ڪراچي جي راءِ بهادر شيوارام جي جاءِ تي ميٽنگ ٿي جتي ڪيترا ٺهراءَ پاس ٿيا.

حاجي عبدالرحيم شاه ۽ سيٺ محمد جعفر خواجہ طرفان، مون کي حڪم ٿيو تہ ڪراچيءَ ۾ جاءِ رکي آفيس ۾ ويندو رهان. جيئن ڪم مان واقف ٿي وڃان.

٣- نومبر کان ١١ نومبر ١٩٢٥ع- سيوهڻ.

سيد گل محمد شاه سيوهڻ واري جي ختنہ جي تقريب هئي. مون کي ۽ رئيس فقير بخش خان کي شاه ميان ولي ميان ولي محمد شاه ان ڪم ۾ مدد ڏيڻ ۽ شموليت لاءِ اڳواٽ گهرايو هو.

جيئن تہ شاه صاحب جو گل محمد شاه اڪيلو فرزند هو ۽ ساري خاندان جو چشم چراغ هو، ان ڪري وڏي ڌام ڌوم سان موقعو ملهايو ويو. ڪيترا ڏينهن جدا جدا طرفن جا راڄ ۾ مکيہ ماڻهو پي آيا ۽ دعوتون پئي کاڌائون.

لاهور کان ٻہ مشهور ڳائيندڙ طوائفون گهرايل هيون. جن جا نالا هر هڪ زبين ۽ خورشيد هئا. طهر جي رسم ٨ نومبر مطابق ٢١ ربيع الاخر ١٣٤٤سن هہ تي ادا ٿي. انهيءَ موقعي تي گوڏ جي رنگ ڏيڻ لاءِ ڳاڙهي رنگ جون ديڳيون ٺاهيون ويئون هيون.

جي هوليءَ وانگر ماڻهن جي ڪپڙن تي اڇلائڻ سان خوشي ملهائي ويئي.

٢٩- نومبر ١٩٢٥ع- مانجهند.

تعلقہ لوڪلبورڊ مانجهند جي عهديدارن جي چوند ٿي. آءٌ پريزيڊنٽ ۽ سيٺ ڏيارام، وائيس پريزيڊنٽ. بنا مخالفت جي چوند ياسون.

١٥- ڊسمبر ١٩٢٥ع- ڪراچي

ڪراچيءَ ۾ مختلف ڪمن لاءِ آيل هوس. ١٧- ڊسمبر تي خانبهاد ولي محمد حسنعلي سيڪرٽري سنڌ محمدن ائسوسيشن، ورڪنگ ڪاميٽي ميمبرن کي لنچ ڪئي.

اتان سڀ ميمبر ڪمشنر جي بنگلي تي وياسون جتي ائسوسيشن طرفان، بمبئيءَ جي گورنر کي ائڊريس ڏني ويئي، جا ان جي پريزيڊنٽ سرشانواز ڀٽي پڙهي.

ساڳي ڏينهن ٣ بجه شام جو سنڌ جي ڪمشنر، سنڌ زميداري ڪاليج لاءِ گڏ ٿيل پيسن جي ڪتب آڻڻ لاءِ مسٽر هئريسن پرنسپال سنڌ مدرسه جي چونڊ تي ميٽنگ ڪوٺائي.

جتي مسلمانن جي ڪاليج برپا ڪرڻ بابت گفتگو هلي. ليڪن جملي آيل زميندارن، پيسن ڏيڻ جي خوف کان تجويز پيش ڪئي تہ مسلمانن کي ڪاليج سرڪار کولي ڏي.

جيتوڻيڪ اتي گڏ ٿيل ماڻهن مان ڪيترا اهڙا هئا جن مان هڪ بہ انهيءَ ڪم جي سرانجامي ڪري سگهن ها.

ان تاريخ تي ڪراچي لوڪلبورڊ سڪولبورڊ ميمبرن چونڊڻ لاءِ صلاح مصلحت ڪئي ويئي ۽ خانبهادر ولي محمد حسنعلي کي سڪولبورڊ چيرمين چونڊڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

انهيءَ موقعي تي ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ مان مسٽر جيوترام چيف آفيسر کي ڪڍي نوجوان چيف آفيسر رکڻ لاءِ پريزيڊنٽ لوڪلبورڊ کي ميمرن طرفان درخواست پيش ڪئي ويئي.

جنهن تي صحيحون. حاجي عبدالرحيم شاه، سيٺ محمد جعفر خواجه، خانصاحب خير محمد خان، سيد غلام علي شاه عرف حاجي شاه ياڏائي، سيد منور شاه، مسٽر عبدالرحمن بئرسٽر، مير مقبول خان، الهہ بخش خان گبول ۽ مون ڪيون.

اهو چيف آفيسر پريزيڊنٽ جو خاص ماڻهو هو. تنهن ڪري اها پريزيڊنٽ جي خلاف ڀهرين تحريڪ هئي.

شام جو ساڍي ۴ بجه گانڌي گارڊن ۾ سنڌ محمدن ائسوسيشن طرفان، بمبئيءَ جي گورنر کي ائٽ هوم ڏنو ويو.

١٨- ڊسمبر ١٩٣٥ع- ڪراچي

ڪراچي ضلع ڪلبورڊ جي نئين هرمن موهاتافرم ڪراچي جي ٺاهيل جهاز، جو نئہ سجاول پٽڻ تي هلڻ وارو هو، جو ڪياماڙيءَ تي مسٽر هڊسن ڪليڪٽر ڪراچي مهورت ڪيو.

راءِ بهادر شيوارام ائڊريس پڙهي، ڪليڪٽر جواب ڏنو، جملي آيل

ماڻهن کي چانهه پياري ويئي ۽ جهاز ۾ چاڙهي سير ڪرايو ويو.

٢٣- ڊسمبر ١٩٢٥ع- سن

سن شهر کان سن اسٽيشن تائين پڪي ميٽلڊ رستي ٺاهڻ لاءِ مسٽر نارائنداس ڊسٽرڪٽ اورسيئر ڪراچي رستي جي ماپ ڪري اسٽيمنٽ ٺاهي ويو.

تعلقه لوڪلبورڊ مانجهندن جي آفيس مانجهند مان ڦيرائي سن ۾ آندم- اهو ڳوٺ منهنجي رهڻ جو هنڌ ۽ تعلقي جي وچ ۾ هو.

٣٠- ڊسمبر ١٩٢٥ع- سن

سيد ميران محمد شاه شڪار لاءِ سن آيو- ايندڙ بمبئي ڪائونسلن جي چونڊن ۾ اميدوار بيهڻ جو ارادو ڏيکاريائين، ڪيس مدد ڪرڻ جو وعدو ڪيم.

سال ١٩٢٦ع

٨- جنوري ١٩٢٦ع- ڪراچي.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ سڪولبورڊ ڪراچي جا نامينيشن پريا ويا. جنهن لاءِ- خانبهادر ولي محمد حسنعلي، مولوي فتح محمد سيوهاڻي، سيد مقبول شاه، حاجي عبدالرحيم شاه مون، سيٺ محمد رجب شفيعاڻي، مس ڊي ابرو، راءِ صاحب مينارام، اجيت سنگهه، مسٽر عبداللطيف سلاوٽ ۽ پين پيپر پريا.

٢١- جنوري ١٩٢٦ع- ڪراچي.

٢٤- ٢٥- تاريخ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي سماهي ميٽنگ هئي. جنهن ۾ اسڪولبورڊ جي ميمبرن جي چونڊ ٿي.

بمبئيءَ جي گورنر، سنڌ ۾ مال جي چوري جي ڪارڻن معلوم ڪرڻ يا ان جي سد باب لاءِ انڪواري واسطي ڪئٽل لفٽنگ انڪواري ڪميٽي مسٽر ٽانٽن جي چيرمني هيٺ مقرر ڪئي جنهن تي ڪراچي ضلعي مان سيٺ محمد جعفر خواجه ميمبر مقرر ٿيو.

١٠- فيبروري ١٩٢٦ع- سن

سيد ميران شاه خط لکي ٿو ته قاضي اسدالله ٽڪڙ وارو اڄ انتقال ڪري ويو.

١- مارچ ١٩٢٦ع - ڪراچي.

ڪراچي ۾ ڪئٽل لفٽنگ انڪوائري ڪميٽيءَ اڳيان شاهدي ڏيڻ لاءِ

ويس.

ارباب حاجي خميسو. سيٺ محمد جعفر خواجه سيد عبدالواحد شاه ڏاڏاهي مون وٽ مهمان هئا.

۴- تاريخ شاهدي ڏنم.

محمد عثمان سومرو، امام بخش ڳاهي سان گڏ جي نيپئر روڊ تي وزير جان ڪيجريءَ جو راڳ ٻڌو ويو.

خانبهادر ولي محمد حسن عليءَ کي سڪولبورڊ جو چيرمن چونڊيو ويو.

۹- مارچ ۱۹۲۶ع - سن.

تعلقہ لوڪلبورڊ مانجهندن جي ميٽنگ هئي، سن ۾ اسپتال ۽ مسافرخانا نهرائڻ لاءِ نهراءَ پاس ٿيا. انهي موقعي تي تعلقہ مانجهندن جي زميندار ائسوسيشن سيٺ ڏيارام ريجهومل جي پريزيڊنٽيءَ هيٺ ويئي.

۱٦ مارچ کان ۱۳- اپريل ۱۹۲٦ع- سن

سارو مهينو رمضان شريف هٿڻ ڪري ڳوٺ ۾ رهيس، روزا رکيم، تراويحون پڙهيم.

ماڻهن کي زور سان نمازون پڙهايم. ڪتابن جو مطالعو ڪيم.

صبوح جي وقت حياتيءَ سان واسطو رکندڙ مختلف ڳالهين تي غور ۽ فڪر ڪندو رهيس.

۱۵- اپريل ۱۹۲٦ع- سن

سيد محمد ڪامل شاه سعدديور واري کان اطلاع پهتو تہ سندس ڀاءُ سيد محمد سليم شاه ۱۲ بجہ رات جو اڄ وفات ڪري ويو.

۸-۹- مئي ۱۹۲٦ع- مجيد ڪيريو.

ديهہ ماروي نمبر ٦ جي قتل ۽ آباديءَ جي اڻ لائق زمين مراد ڪيريہ واري کان خريد ڪئي ويئي.

اڌ جا پيسا ٻہ هزار روپيہ بر وقت ڏنا ويا. ٻيا آهستہ ڪري ڏبا. زمين سڌارڻ جو سمورو خرچ مون کي ڪرڻو هو. ان جو عيوض ڪيرين کي ڏيڻو ڪونہ هو. کاتا بدلايا ويا. زمين ۾ اڌ منهنجو ۽ اڌ ڪيرين جو ٿيو.

۱۷- مئي ۱۹۲٦- سن.

ميران محمد شاه خط لکي اطلاح ڏنو تہ اڄ جڊيشل ڪمشنر سنڌ

وٺ سب ججيءَ جي چونڊ لاءِ ويو هو پر ڪيس ڄڃهه نہ مليو. مسٽر محمد بخش ميمڻ ۽ رحيم بخش شيخ سب جج چونڊجي ويا.

١٢- ١٣ جون ١٩٣٦ع- سن.

شيخ عبدالمجيد سنڌي هنن تاريخن تي سکر ۾ سنڌ خلافت ڪميٽيءَ جي ميٽنگ تي وڃڻ لاءِ اطلاع ڏنو. پر ڪمن سبب ان ۾ وڃي ڪونہ سگهيس.

٢- جولاءِ ١٩٣٦ع- سن.

حاجي عبدالرحيم شاه سجاول مان خط موڪليو تہ الوحيد ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌ مسلم پولٽيڪل پارٽي ناهڻ لاءِ لکيو آهي. جنهن ۾ اهو بہ ڄاڻايل آهي تہ سر پٽو، خانبهادر کهڙو، حاجي عبدالله هارون شريڪ ٿيندا- ڪيس بہ دعوت آيل هئي. ڪيس صلاح موڪليان تہ ان ۾ شريڪ ٿئي يا نہ؟

١٤- اگسٽ ١٩٣٦ع- ڪراچي

ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي نئين واٽر ورڪس کولڻ جو مسٽر ڪيڊل ڪمشنر سنڌ افتتاح ڪيو.

انهيءَ مجلس ۾ شرڪت ڪيم.

انهيءَ مهيني ۾ مسٽر جيوترام چيف آفيسر لوڪلبورڊ ڪراچيءَ کان استعيفا ڏيارائي ان جي جاءِ تي ڪمشنر سنڌ جي آفيس مان سنيئر گريڊ ڪلارڪ مختيارڪار جي گريڊ واري مسٽر فيض محمد کي چيف آفيسر ڪري رکايو ويو.

شيخ عبدالحق کي ڪراچي ضلع جي اسڪولن جو ائڊمنسٽريٽو آفيسر مقرر ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪيو ويو.

٣١- اگسٽ ١٩٣٦- سن.

بمبئي ڪائونسل جو ٽرم پورو ٿيو. نين چونڊن لاءِ تاريخون مقرر ٿيون.

٢- سپٽمبر ١٩٣٦ع- حيدرآباد.

حيدرآباد ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ سڪولبورڊ جي چيرمنيءَ جي چونڊ تي ميران محمد شاه اميدوار هو. ڪيس مدد ڪرڻ لاءِ حيدرآباد ويس. هو چونڊجي ويو.

١٨- سپٽمبر ١٩٣٦ع- ڪراچي.

بمبئي ڪائونسل جي ميمبريءَ لاءِ ساري سنڌ مان اميدوارن

نامينيشن پيپر پريا.

ڪراچي ضلع مان مون، پير غلام حيدر شاه بلڙيءَ واري. خانصاحب فضل محمد خان لغاريءَ پيپر پريا. ميمبري جون جايون ٻه هيون. سيدن گڏجي مون کي هٿ ڪٽايو. جنهن ڪري باقي ٻه اميدوار بنا مقابلي جي چونڊجي ويا.

شام جو پير غلام حيدر شاه منگهي پير جي لوڪلبورڊ بنگلي تي وڏي دعوت ڪئي، جتي وڃڻ ٿيو.

٢٨- سپٽمبر ١٩٢٦ع- ڪراچي

ڪراچيءَ ۾ ضلع لوڪلبورڊ جي سماهي ميٽنگ هئي. ان ۾ راءِ بهادر شيوارام جي مخالف پارٽيءَ، ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ طرفان تعلقه گهوڙا ٻاريءَ ۾ تيل خرچ جي جانچ لاءِ هڪ انڪواري ڪميٽي مقرر ڪرڻ جي تجويز پيش ٿي، جا پاس ٿي ويئي.

ان تي هيٺيان ميمبر چونڊيا. گهوڙا ٻاري تعلقه جو پريزيڊنٽ ديوان هر چندراءِ. راءِ بهادر شيوارام جو سوٽ هو.

١- سيد غلام مرتضيٰ شاه (آءٌ) چيرمين

٢- مير ايوب خان

٣- سيد مقبول شاه

٤- سيٺ محمد جعفر خواجه.

٢٩-. سپٽمبر ١٩٢٦ع- سن.

شيخ عبدالحق ائڊمنسٽريٽو آفيسر لوڪلبورڊ سڪولس جيڪب آباد کي سندس مقرريءَ جي اطلاع سان گڏ مون خانگي خط لکي اصرار ڪيو هو ته هو ڪراچي اچڻ قبول ڪري. ان جي جواب ۾ خط لکي موڪليائين ته اوهان جو خط ڪراچي ضلع ۾ اچڻ لاءِ پهتو. مون کي حيدرآباد ضلع ۾ وڃڻ جو شوق هو. پر اوهان جي ڪشش ۽ محبت پريو خط مجبور ٿو ڪري ته ڪراچيءَ اچان. انشاءالله پهرين آڪٽومبر کان موڪل تي ويندس. ان جي پوري ٿيڻ بعد اچي ڪراچيءَ ضلع سڪولس جي چارج وٺندس.

٢- آڪٽومبر ١٩٢٦ع- ڪراچي.

سنڌ محمدن اسوسيشن طرفان ڪراچيءَ جي سرڪاري باغ ۾، سنڌ جي ڪمشنر مسٽر ڪيڊل کي الوداعي دعوت ڏني ويئي هئي تنهن ۾ شرڪت ڪيم.

١٥- آڪٽومبر تي شيخ عبدالمجيد سنڌي طرفان ڪراچيءَ ۾ سڏايل سنڌ نو مسلم ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي ويئي. ان ۾ مسلمانن جي تنظيم، نومسلم شيخن جي آبادڪاري ۽ اسلام جي تبليغ لاءِ تجويزون پاس ٿيون.

٨- آڪٽومبر ١٩٢٦ع- سن.

رئيس فقير بخش خان ڪاڇيءَ کي مون، ميان ولي محمد حسنعليءَ کي مرڪزي اسيمبليءَ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ خط لکيو هو. جنهن جي جواب ۾ خط موڪليائين ته ميان ولي محمد سان سندس تعلقات سندس ڊپٽي ڪليڪٽر جي وقت کان نيڪ نه رهيا آهن

ازانسواءِ محمد پناهه ڊکڻ کي مدد ڏيڻ لاءِ ڪيس فقير روشن الدين صوفيءَ جو بار پيل آهي. ان ڪري هو ووٽ ڏياري نه سگهندو.

٩- نومبر ١٩٢٦ع- سن.

بمبئي ڪائونسل جي ميمبرن جون چونڊون ٿيون. ڪراچيءَ ضلع مان منهنجي هٿ ڪٽڻ ڪري اڳيم بنا مخالفت جي اميدوار چونڊجي ويا هئا.

ميران محمد شاه کي سر غلام حسين دلاسا ڏئي هٿ ڪڍايو هو.

باقي منهنجي دلچسپي وچي چاچا محمد ڪامل شاه جي چونڊ سان رهي هئي. جا ١٥- نومبر تي ٿي. آءٌ سندس لاءِ مانجهندن ۾ ووٽ ڏئي، سيوهڻ ۾ ووٽ ڏيارڻ ويس.

(نوٽ)

سگهوئي مرڪزي اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون. جن ۾ سردار واحد بخش ڀٽو، حاجي عبدالله هارون ۽ ولي محمد حسنعلي کي مدد ڪيم.

٣٠- نومبر ١٩٢٦ع- ڪراچي.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي سماهي ميٽنگ هئي. ان ۾ سيد مقبولشاه پين واري رٿ ڏني. راءِ بهادر وشنداس نهالچند ان کي ٽيڪو ڏنو ته ڪوٽڙي تعلقو ڪراچي ضلع کان جدا نه ڪيو وڃي. جو نهراءُ متفق راءِ پاس ٿي ويو.

٢٧- ڊسمبر ١٩٢٦ع- سن

شيخ عبدالمجيد سنڌي خط موڪليو ته اوهان جي آس پاس ۾ ڪهڙيون اڇوت قومون رهن ٿيون. ان جو اطلاح ڏيو ته ڪين مسلمان بنائجي.

جنهن جو ڪيس جواب موڪليم تہ هتي ڪي بہ اڇوت قومون ڪونہ هيون جبل ۾ بلوچ ماڻهو رهندا هئا جي اڳيئي مسلمان هئا.
(نوٽ)
اڳتي هلي جواب موڪليائين تہ انهن بلوچن کي پڪو مسلمان بنائڻو آهي.

سال ١٩٢٧ع

٦-٧- فيبروري ١٩٢٧ع- سن.

سن ۾ شاهہ حيدر عليه رحمت جي ساليانہ ميلي تي محال مانجهندن ۽ ٻاهرين ليڊرن کي دعوت ڏني، محال جي تعليمي ۽ تنظيمي ڪانفرنس لاءِ گهرايو ويو. ڪانفرنس ۾ هيٺيان سوال زير ويچار هئا.

١- محال مانجهندن جي مسلمان جي ديني ۽ ديوي تنظيم.
٢- مسلمانن مان بدرسمن ۽ فضول خرچين کي دور ڪرڻ.
٣- ڪورٽن ۽ پوليس جي خرچن کان بچڻ لاءِ راڄن ۽ شخصن جا اختلاف امين بورڊن ذريعي فيصل ڪرائڻ.
۴- محال جي رهاڪن جي مالي حالت سڌارڻ لاءِ تجارت ۽ زراعت واسطي تجويزون سوچڻ. محال جي اخلاقي ۽ تعليمي حالت درست ڪرڻ.

انهي موقعي تي مڪاني مکيہ ماڻهو هيٺيان آيا هئا:
١- قاضي حڪيم يار محمد ڪلهوڙو - ڦبي ٢- وڏيره رستم خان برهماڻي - ڦبي
٣- موسيٰ خان پنوهر ۴- وڏيرو محمد يوسف ڏيٿو ۵- خليفہ دين محمد شاهہ - اويس
٦- وڏيرو خدا بخش ٧- نور محمد ۽ ٨- محمد عثمان گولاڙا ٩- سيد اسماعيل شاهہ - هالاڻي
١٠- مولوي محمد عيسيٰ ل- اڪڙي ١١- خليفو محمد يوسف ميمڻ - لاڪا
١٢- وڏيرو وڪيو چانڊ لاکو ١٣- محراب خان ۽ ١۴- قادر بخش سولنگي
١۵- محمد فاروق پيرزاده - مانجهند ١٦- ارباب خميسو ميمڻ ١٧- حاجي فتح محمد ميمڻ
١٨- حاجي ٺارو ١٩- وڏيرو لاکو ٢٠- وڏيرو الهڏنو - مانجهند

٢١- وڏيرو فضل محمد گائنچو ٢٢- وڏيرو محمد يوسف گائنچو
٢٣- وڏيرو حاجي محمد صالح گائنچو
٢٤- وڏيرو محمد خان چچر ٢٥- وڏيرو فيض محمد چچر ٢٦- سيد ميان عيسٰي شاه عامري
٢٧- سيد ميان علي محمد شاه - عامري ٢٨- سيد مان ڏٺي بخش شاه - عامري
٢٩- سيد ميان الهه کير شاه - عامري ٣٠- سيد نبي بخش شاه - ٽيپاٽ ٣١- وڏيرو محمد يعقوب پنوهر ٣٢- آخوند ميان محبوب حويہ آباد ٣٣- سيد ويڏل شاه - لڪي ٣٤- سيد ميان صفر شاه - لڪي ٣٥- سيد محمد وارث شاه - لڪي ٣٦- رئيس ميان فقير بخش خان ڪاڇي.

نزديڪيءَ جا سيد- سيد ميان ڏٺي بخش شاه - ٻاٽوٽ، سيد مقبول شاه - ٻيان، قاضي محمد ڪامل - هالا، سيد غلام حسين شاه - هالا.

ٻاهريان - مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، مولانا محمد صادق کڏي وارو آيل هئا.

اتي هيٺيان ٺهراءَ پاس ٿيا:

١- هي ڪانفرنس بمبئي سرڪار جو ڌيان ڇڪائي ٿي تہ محال مانجهندن ۾ آباديءَ لاءِ پوري پاڻي ميسر نہ هئڻ ڪري ماڻهن جي حالت نهايت تنگ آهي. تنهن ڪري سرڪار منڇر، ڊريننج مان شاخ ڪڍائي، پاڻيءَ جو انتظام ڪري. يا مشنري رستي دريا مان پاڻي ڏيارڻ لاءِ انتظام ڪري.

٢- محال مانجهندن جي مسلمانن جي تنظيم ۽ ترقيءَ لاءِ هڪ انجمن قائم ڪئي ويئي. جنهن جون شاخون هر هڪ ڳوٺ ۾ کولٽيون هيون.

٣- مسلمانن کي واپار ۾ دلچسپي وٺڻ لاءِ آيل صاحبن کي اپيل ڪئي ويئي تہ مڪاني ماڻهن کي ترغيب ڏئي دڪان کولائين.

٤- محال ۾ تعليم کي زور وٺائڻ لاءِ سڪولن کولائڻ جو ڪم سيد غلام مرتضٰي شاه ۽ مقبول شاه تي رکيو ويو.

٥- بدرسمن ۽ فضول خرچين کان بچڻ لاءِ آيل حضرات کي اپيل ڪئي ويئي تہ ڳوٺاڻن کي هدايت ڪن ۽ اهڙو پروگرام ڇپائي ورهائڻ جي تجويز پاس ٿي .

٦- مير بحرن جي حالت درست ڪرڻ لاءِ نهراءُ ٿيو تہ ڪين پلن جي مقاطعو ڏيارڻ لاءِ ڪوشش ڪجي نہ تہ بٺائي جو حصو گهٽائي پنجون ڪرائڻ لاءِ سرڪار سان لکپڙهہ ڪجي.

٧- مالدارن جي پيلن مان تڪليفن دور ڪرائڻ جو بار غلام مرتضيٰ شاه تي رکيو ويو تہ پيلي عملدارن کي ملي ڪوشش ڪري.

٢٣- فيبروري ١٩٣٧ع- ڪراچي.

ڪراچيءَ ۾ ٢٣- تاريخ لوڪلبورڊ سڪولبورڊ جي ميٽنگ ۾ شريڪ ٿي، ڪيترن تجويزن تي غور ڪيو ويو. ٢٤- فيبروري ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچي جي سماهي ميٽنگ ٿي. ان ۾ بجيٽ تي بحث ڪري پاس ڪئي ويئي. سال لاءِ نئين ورڪنگ ڪاميٽي چوندي ويئي ميمبر هي هئا:

١- راءِ بهادر شيورام پريزيڊنٽ ٢- سيد غلام مرتضيٰ شاه وائيس پريزيڊنٽ

٣- مسٽر عبدالرحمٰن بارسٽر ٤- مير ايوب خان بارسٽر

٥- سيد مقبول شاه پيان ٦- سيٺ محمد جعفر خواجہ

٧- مسٽر الهہ بخش خان گبول ٧- راءِ صاحب ميتارام اجيت سنگهہ

پلن جو مقاطعو پهرين جنوري کان ٣١- ڊسمبر تائين سيٺ شيوڪرام ڪوٽڙيءَ واري کي ٧٥- هزار روپين ۾ ڏنو ويو. پريزيڊنٽ نيلام ڪيو.

٣- مارچ ١٩٣٧ع- سن.

سن ۾ نائيٽ اسڪول ۾ انگريزي ڪلاس اڳيئي هئا. هاڻ جامع مسجد سن ۾ عربي مدرسو کولارائي، مولوي محمد صالح سيال دادوءَ واري کي ان جي چارج ۾ رکيو ويو. آءٌ بہ ان وٽ عربي پڙهڻ لڳس.

٩- اپريل کان ١٤- اپريل ١٩٣٧ع- ڪراچي.

سڪولبورڊ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ميٽنگن لاءِ ڪراچيءَ ۾ هوس. جن ۾ ڪيترا نهراءَ پاس ٿيا.

٢٨- اپريل ١٩٣٧ع- گهوڙاباري تعلقہ.

آءٌ، سيٺ محمد جعفر خواجہ، سيد مقبول شاه ڪراچيءَ کان جنگشاهيءَ ۾ لهي، موٽر ۾ چڙهي، چيف آفيسر مسٽر فيض محمد کي ساڻ ڪري گهوڙاباري تعلقہ ۾ ديوانن طرفان ڪرايل ناجائز خرچ جي انڪواري

لاءِ آياسون. اتي ۵ ڏينهن ڪن رهي سموري ڪرايل ڪم کي نظر مان ڪڍيوسون. ڪوڙن مسترولن ۾ ڏيکاريل نالن وارن ماڻهن ڪان بيان ورتا ويا.

موريون، رستا، جاين جو اڌورو ٿيل ڪم ڏنو ويو. تعلقہ لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ مسٽر هرچندراءِ ٿهلرام هو. سب اورسير مسٽر شامداس.

جانچ ڪري پريزيڊنٽ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ کي رپورٽ ڪئي ويئي.

جنهن ۾ سب اورسيئر کي سسپينڊ ڪري، ڪاغذ پوليس کي موڪلڻ جي سفارش ڪئي هئي.

(نوٽ)

راءِ بهادر ان کي وري بورڊ اڳيان رکيو. جتي وري ڪميٽيءَ کي مسٽر گبول جي اضافي سان دوباره رپورٽ ڪرڻ لاءِ چيو ويو. جڏهين انهن رپورٽ موڪلي تہ بہ سارو سال نتائي ڪجهہ قدم نہ ڪنيو ويو.

٣- مئي ١٩٢٧ع- سن.

لاڙڪاڻي ۾ ۴- بجہ شام جو لوڪلبورڊ هال ۾ سنڌ محمدن اسوسيشن جي ميٽنگ هئي. جنهن اڳيان هيٺيان خاص سوال هئا. آءُ ڪثرت ڪمن ڪري وڃي نہ سگهيس.

١- سنڌ مدرسي بورڊ تي اسوسيشن طرفان ٢ عيوضي چونڊڻ

٢- سنڌ کي بمبئيءَ کان ڌار صوبو بنائڻ لاءِ تحريڪ هلائڻ

١٧- مئي کان ٢٣ مئي ١٩٢٧ع- ڪراچي.

ڪراچيءَ ۾ ضلع لوڪلبورڊ ۽ سڪولبورڊ جي ميٽنگن لاءِ وڃڻ ٿيو. ڪيترا ٺهراءَ پاس ٿيا.

لوڪلبورڊ ۾ مخالف گروه کي مضبوط بنائڻ لاءِ ڪوشش جاري رهي.

٩- جون ١٩٢٧ع- سن

شهر سن جي مسلمانن مان مُکيہ ماڻهن کي گهرائي، هنن کان هيٺين ڳالهين تي عمل ڪرڻ لاءِ انجام ورتو ويو.

١- شاديءَ تي شاهوڪار ماڻهو بہ پنجن ديڳين طعام کان مٿي نہ ڪارائي ۽ غريب جج نہ ڪري.

٢- ختنہ جي موقعي تي جج ڪرڻ جي منع ڪئي ويئي

٣- موت جي حالت ۾ سواءِ رواجي ختمن جي دعوت عام يا ماني نہ ڪئي ويندي
٤- شادين جي موقعي تي راڳيندڙ يا ڪجرين کي نہ گهرايو ويندو ۽ نہ پيسا ڏنا ويندا. شاديءَ جو طعام سڀ مجلس ۾ ڪارايو ويندو. گهرن ۾ ماني نہ ورهائبي- پٽو يا مدد نہ ڏني ويندي.
٥- گهور سپني ڪاسبين، مڱڻهار، حجام، کي جملہ هڪ روپيہ کان وڌيڪ في گهر نہ ڏني ويندي.
انهي مجلس ۾ هينيان ماڻهو حاضر هئا.
١- بادل مير بحر ٢- پخالي مير بحر ٣- موريو ميربحر ٤- ناخو بچو مير بحر
٥- مولا بخش ميربحر ٦- آخوند محمد سمن ميمڻ ٧- خالقڏنو عابد ميمڻ
٨- آخوند ٽئونر ميمڻ ٩- محمد صوف علي محمد ميمڻ ١٠- استہ عطا الله رازو ميمڻ
١١- حاجي محمد علي ميمڻ ١٢- آخوند محمد موسيٰ ميمڻ ١٣- وڏيرو سومر پليجو
١٤- ڪندو پليجو ١٥- سبحان فقير مڱڻهار.

٢٨- جون کان ٢٩- جون ١٩٢٧ع- ڪراچي.

ڪراچيءَ ۾ سڪولبورڊ، لوڪلبورڊ جي ميٽنگن لاءِ هوس.

١٥- جولاءِ کان ٢٨ جولاءِ ١٩٢٧ع- بمبئي- پونہ.

حيدرآباد کان پوني لوڪل سيلف گورنمينٽ ڪانفرنس ۾ شموليت لاءِ روانا ٿياسون.
الهہ بخش خان گبول، مسٽر حاتم علوي وائيس پريزيڊنٽ ڪراچي ميونسپالٽي، ٽي. ايل. پوجواڻي ڊيپوٽي چيف آفيسر ميونسپالٽي ڪراچي، ڊاڪٽر روچيرام اميشر ميمبر ميونسپالٽي گاڏيءَ ۾ ساڻ هئا.
آءٌ ۽ گبول ١٧- تاريخ صبوح جو بمبئي اچي آل انڊيا هوٽل ۾ رهياسون.
مسٽر ايم ڏيلمل حيدرآباد جو سنڌ ورڪي جو سيلون وچي رهيو هو. واقف ٿيو.
انهيءَ بمبئيءَ جي زندگيءَ جا مختلف پهلو ڏيکاريا جن ۾ وڏيون

شاپون، مکيہ جايون، انڊرگرائونڊ دنيا جو سير بہ شامل هئا.

ٻي ڏينهن صبوح جو بوري بندر تان ڊيڪن ڪئين ٽرين ۾ چڙي پوني پهچي ڪئنات هوٽل ۾ رهياسون.

اتي ٢٣- ٢۴ جولاءِ تي لوڪل سيلف گورمينٽ ڪانفرنس جي اجلاس ۾ شرڪت ڪيم.

ٻين بہ ڪيترن ڪانفرنس ۾ ويس. جن ۾ شيوا سڌن، پرائمري ايڊيوڪيشن ڪانفرنس جا مسٽر پوچسنگ سکر واري جي صدارت ۾ ڪرلوسڪر ٿيٽر ۾ گڏ تي، ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ خاص هيون. پوني جا مختلف مقام گهميا ويا. اتي وڃڻ بعد بخار تي پيو- ڊاڪٽر روچيرام علاج ڪيو- ٢٨- تاريخ موٽي ڳوٺ پهتس.

٢٧- اگست ١٩٢٧ع- ڪراچي.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ۽ سڪولبورڊ جي ميٽنگن لاءِ ڪراچي ويس.

ان ۾ گهوڙاٻاري انڪواري بابت ٺهراءُ پيش ٿيا. راءِ بهادر شيوارام ڏيون مل مجبور ٿي شامداس اورسير کان استعيفا ڏياري.

پاڻ ٻي مهيني ۾ استعيفا ڏيڻ جو وعدو ڪيائين.

(نوٽ)

قاضي عبدالرحمٰن ايڊيٽر الوحيد جو لوڪلبورڊ ۾ نوڪريءَ لاءِ منتظر هو تنهن سان راء بهادر سمجهوتو ڪري الوحيد ۾ ايڊيٽوريل لکايو تہ راءِ بهادر کي استعيفا نہ ڏيڻ گهرجي، جو عام ماڻهن جي همدردي ساڻس هئي. ان تي هن آئنده هلي استعيفا ڏيڻ کان انڪار ڪيو. حقيقت ۾ استعيفا لاءِ گهر مسٽر هرچندراءِ پريزيڊنٽ تعلقہ لوڪلبورڊ گهوڙاٻاري کان هئي. جنهن خلاف انڪواري ۾ ڪيتريون ڳالهيون ظاهر ٿيون هيون. ليڪن ان ڪيس نہ مڃيو. تنهنڪري پاڻ استعيفا ڏيڻ جو واعدو ڪيو هئائين.

٣- سيپٽمبر ١٩٢٧ع- سن.

سيٺ محمد جعفر خواجہ خط موڪليو "تہ هو پهرين سيپٽمبر ١٩٢٧ع کان ڪراچيءَ مان نڪري ٺٽي ۾ خليفہ غلام محمد جاتي واري ۽ سيٺ محمد رجب شفيعاڻي سان مليو.

سيٺ محمد رجب واعدو ڏنو تہ هو وڏيري محمد عثمان سومري کي سمجهائي، مخالف گروه ۾ نيندو. جي راءِ بهادر شيوارام وعدي موجب پريزيڊنٽيءَ تان استعيفا نہ ڏني تہ صلاح ڪري مٿس بي اعتباريءَ جو ٺهراءُ

آتبو. وغيره"

٦- آڪٽومبر ١٩٢٧ع- سن.

حاجي عبدالرحيم شاه مديني منور مان خط لکي پنهنجي حال کان واقف ڪيو ۽ اطلاح ڏنو تہ اتي بارشون جام پيون هيون. پوءِ راءِ بهادر جي استعيفا ڏيڻ جي افواه مان واقف ٿيڻ گهريائين.

١١- آڪٽومبر ١٩٢٧ع- سن.

شيخ عبدالمجيد سنڌي خط لکي دعوت ڏني تہ ٢٤- آڪٽومبر تي هن ڪراچيءَ ۾ ٻہ ڪانفرنسون هر هڪ تبليغي ڪانفرنس ۽ تنظيمي ڪانفرنس رکيون هيون. ان ۾ شريڪ ٿيان ۽ ڪيس پروگرام ناهڻ مدد ڪريان.

٢٤ کان ٣٠- آڪٽومبر ١٩٢٧ع- ڪراچي.

ڪراچيءَ ۾ شيخ صاحب جي سڏايل ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ويس.

جتي مولانا حسين احمد مدني بہ آيل هو.

ان ۾ ڪيترا ٺهراءَ پاس ٿيا ۽ شيخ صاحب مسلمانان سنڌ لاءِ هڪ تنظيمي پروگرام ڇپائي پڌرو ڪيو.

ان موقعي تي مولانا حسين احمد مدني کان هيٺين مسئلن کي سوال پڇيم:

١- روح پهرين کان خلقيل آهن يا بدن سرجڻ يا جڙڻ مهل ٺهن ٿا.

جي اڳي پيدا ٿيل آهن تہ ڪڏهين پيدا ٿيا؟ روح ماڻهو ۾ اچڻ کان اڳ هيترو وقت ڪٿي هئا؟

٢- روح اصل ۾ هڪ شي آهي يا جدا جدا آهن ؟

٣- مرڻ کان پوءِ روح زنده رهي ٿو يا نہ؟ جي ها تہ جسم سان ڪهڙو واسطو رهيس ٿو؟ قبرستان سان بہ لاڳاپو اٿس يا نہ؟ ختمہ ۽ خيرات مان ڪين کو فائدو پهچي ٿو يا نہ؟

٤- قيامت ڏينهن وري جيئري ٿيڻ وقت روح کي ساڳو قالب ملندو يا بيو؟

٥- ميدان قيامت هن زمين تي ٿيندو يا ڪنهن ٻئي هنڌ.

٦- روح خلق آهي امر؟

٧- عالم برزخ ڇا آهي، منڪر نڪير، پلصراط، ميزان، روز ميثاق، بهشت دوزخ بابت معلومات حاصل ڪرڻ گهريم
٨- جن، شيطان ۽ ملائڪن بابت سوال پڇيم.
٩- حضرت آدم ڪڏهن پيدا ٿيو. ان کان اڳي ماڻهو هئا يا نه؟
١٠- ياجوج ماجوج ڪير آهن ۽ ڪٿي هئا؟
١١- طوفان نوح بابت احوال.
١٢- صوفين جي مسئلہ همہ اوست بابت سندس چوڻ ڇا هو.

پاڻ حتي الامڪان قديم روايتي اعتقادن کي نظر ۾ رکي عقل جي ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيائين، ليڪن جواب تسلي بخش نہ هئا.
پوءِ هيٺين ڪتابن پڙهڻ جي هدايت ڪيائين.
١- الطاف قدس شاه ولي الله ٢- عوارف المعارف- شهاب الدين سهروردي ٣- ابريز شاه عبدالعزيز.

٢٦- آڪٽومبر ١٩٢٧ع تي سنڌ ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ طرفان گانڌي گارڊن ۾ رائل ائگريڪلچرل ڪميشن کي ائٽ هوم ڏنو ويو.

١٢- نومبر کان ٢١ نومبر ١٩٢٧ع- ڪراچي.

١٢- نومبر تي وائسراءِ هند لارڊ ولنگڊن کي سنڌ محمدن اسوسيشن طرفان فريئر هال ڪراچي ۾ ائڊريس ڏني ويئي، لوڪلبورڊ ۽ سڪولبورڊ جي ميٽنگن ۾ شرڪت ڪئي ويئيڪ

١٢- نومبر تي خواجہ حسن نظامي يا ٻي ڪنهن بزرگ کان، جنهن جو نالو ياد نٿو اچي
هيٺيان سوال پڇيا ويا:
١- حضرت آدم کان اڳي ماڻهو هئا يا نہ؟
٢- روح جو سڀ کان گهٽ درجو ۽ سندس ارتقا ڪيستائين هلندو؟
٣- قيامت ۽ ان سان واسطي رکندڙ ڳالهين جو مفهوم ڇا آهي؟
٤- نظريہ تناسخ- چوراسي لک جوڻيون، ڪرمن جو ايندڙ زندگيءَ تي اثر روح جي اڳ ۾ تجربو ڪري آيو آهي تہ اڳيون ڳالهيون ڇونٿيون ياد اچن؟

ننڍي هوندي ۽ وڏي هوندي جي عقل ۾ مساوات ڇو نہ آهي؟ روح آواگون جي چڪر مان ڪيئن نڪرندو- بابت سوال پڇيم تسلي بخش

جواب ڪونہ مليا.

۲۳- نومبر ۱۹۲۷ع- سن.

سيٺ محمد جعفر خواجہ خط لکيو تہ "۱۵- نومبر کان جيئن ڪراچيءَ مان نڪري جنگشاهي اچي رهيو هو تہ اسٽيشن تي مسٽر هرچندراءِ زميندار وٽ بيٺو هو.

گاڏيءَ مان ڪليڪٽر جي لهڻ تي ڪيس هار پاتوئون."

وري لکي ٿو تہ "هو ڪهڙا بہ طريقا اختيار ڪن ليڪن هاڻ بچي نٿا سگهن."

سيٺ صاحب راءِ بهادر شيوارام خلاف لوڪلبورڊ ميمبرن کان ملامت تي صحيحون وٺي رهيو آهي. ڪيس اميد هئي تہ راءِ بهادر کي پريزيڊنٽي تان لاهڻ ۾ ڪامياب ٿيندو.

۱۰- ڊسمبر کان ۱۵ ڊسمبر ۱۹۲۷ع- ڪراچي.

۱۱- تاريخ امير امان الله خان والي افغانستان ڪراچيءَ آيو، ولايت ڏي سير ڪرڻ لاءِ ويو ٿي.

ان کي شهرين طرفان گانڌي گارڊن ۾ وڏي دعوت ڏني ويئي. مسٽر حاتم علوي ائڊريس پڙهي- ڪراچي اسٽيشن تي لهڻ وقت وڏي ڌام ڌوم سان سندس استقبال ڪيو ويو ۽ ڏينهن رهي پوءِ بمبئي ويو.

۱۲- تاريخ خانبهادر ولي محمد حسنعلي بنگلي تي سنڌ محمدن اسوسيشن جي ميٽنگ ٿي. جنهن ۾ هيٺيان سوال زير ويچار آيا.

۱- سڌارن جي ڪميشن (سائمن ڪميشن) بابت سنڌ محمدن ائسوسيشن جو رويہ معلوم ڪرڻ.

۲- سرڪار طرفان ڪراچي ضلع کان جوري جو حق کسڻ واري رٿ تي غور ڪرڻ. انهن تاريخن تي لوڪلبورڊ ۽ سڪولبورڊ جون ميٽنگون ٿيون انهن ۾ مسٽر شامداس سب اورسيئر کي سسپينڊ ڪيو ويو.

۱۷- ڊسمبر ۱۹۲۷ع- سن.

مسٽر خان محمد نظامائيءَ کي پاڻ وٽ انگريزي پاڙهڻ لاءِ ٽيچر ڪري رکيم.

۲۷- ۲۷ ڊسمبر ۱۹۲۷ع- سيوهڻ.

ميران محمد شاه سان گڏ سيوهڻ ويس جتان منڇر جي سير تي چاچا ولي محمد شاه سان گڏجي وياسون. شڪار ڪونہ لڳو.

۲۹- تاريخ آءُ موٽي ڳوٺ آيس. ميران محمد شاه حيدرآباد ويو رستي تي لڪيءَ ۾ ميران محمد شاه چشمن ۾ غسل ڪرڻ لاءِ لٿو، آءُ به ساڻس هوس.

سال ۱۹۲۸ع

۱۰- جنوري ۱۹۲۸ع- سن.

سيد مقبول شاه خط لکيو ته ”اوهان اسٽيشن تي بيٺا هئا. آءُ گاڏيءَ مان لهي اوهان کي ملڻ آيس ته اوهان گاڏيءَ ۾ چڙهي ويا مونڏي توجهه نه ڏنو. پڌڻ ۾ آهي ته اوهان هاڻ انگريزيدانن يا فيشن وارن ماڻهن ڪانسواءِ سنڌي ڪاته ماڻهن ڏي توجهه ڏيڻ گهٽائي ڇڏيو آهي“

۲۷- ۲۹ جنوري ۱۹۲۸ع- سن.

سن ۾ شاه حيدرعليه رحمت جي ساليانه ميلي تي محال مانجهندن جي تنظيمي ڪانفرنس جو ٽيو اجلاس ڪئو ٿيو. جنهن ۾ آس پاس ڪان اٽڪل چار هزارکن ماڻهو آيل هئا. ٻاهرين مان هيٺيان صاحب آيل هئا:

۱- مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻي ۲- مولوي محمد عثمان دهلوي ۳- سيد ميان ولي محمد شاه سجاده نشين قلندر شهباز ۴- سيد ميان پير شاه جيئندل شاه، محراب پور ۵- مسٽر حاتم علوي ڪراچي ٦- سيد ميران محمد شاه حيدرآباد ۷- شيخ عبدالحق ائڊمنسٽريٽو آفيسر لوڪلبورڊ سڪولس ڪراچي ۸- سيد اسدالله شاه، باجارا ۹- مخدوم معين الدين، ڪنياريون ۱۰- رئيس حاجي ولي محمد خان چانڊيو ۱۱- رئيس حاجي ولي محمد خان چانڊيو محراب پور.

مڪاني ماڻهن مان سڄي محال مانجهندن جا مکيه ماڻهو آيل هئا. جن مان

۱- رئيس فقير بخش خان ڪاڇي ۲- وڏيرو الهڏنه خان. مانجهند
۳- سيٺ تيجومل لکي ۴- سيٺ ڏيارام مانجهند
۵- سيٺ منگهر مل ٦- سيٺ آئيداس مل خاص هئا.

مجلس جو صدر سيد ولي محمد شاه کي چونڊيو ويو.

اول ۾ ميان معين الدين استقباليه ڪميٽي طرفان خطبه پڙهيو. جنهن ۾ هن محال مانجهندن جي ايراضي ۲۷٦۸۳۱- ايڪڙ ٻڌائي- جن مان سروي اڻ سروي پيلن، جبلن، هيٺ ويل ايراضي جا تفصيل پيش ڪيا. ريوينيو جمع بندي ۴۰۳٦۲ روپيه ظاهر ڪئي. آدمشماري ۱۷۴۹۵ ماڻهو ٻڌائين.

بوءِ ملڪ جي مختلف مسئلن تي روشني وڌي. سند ـ جي عـمن ثوابن جو ذڪر ڪيو. ان کان پوءِ صدر طرفان مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻي خطبہ صدارت پڙهيو بعد ۾ مون گذريل سال ۾ ڪـ ـ ڪمن جي رپورٽ پيش ڪئي. جنهن ۾ گذريل سال جي ڪيل ٺهراون لاءِ جي سرانجامي بابت ڪيل ڪوششن جو ذڪر هو.

بعد ۾ ٻيهرن جي ماني ڪائڻ لاءِ ميٽنگ مڪمل ٿي.

سيد ميان ولي محمد شاه قلندر شهباز جي درگاھ جي خدمت لاءِ موٽي ڳوٺ ويو.

شام واري مجلس جي صدارت ميان پير شاه محراب پور واري ڪئي.

ان ۾ ڪيترا ٺهراءَ پاس ٿيا. جي طوالت سبب هت نٿا ڏجن.

سن سٽيشن کان شهر تائين رستو ميٽلڊ ٿي چڪو هو. جنهن جي شروع ۾ سن سنڌي اسڪول جي پير ۾ هڪ وڏو دروازو ٺهرايو. ويوهو (جو بعد ۾ طوفان ۾ ڪري پيو) ان تي باب قليچ نالو رکيو ويو.

شام جو ان جي افتتاح لاءِ مجلس ميران محمد شاه جي صدارت هيٺ ڪٺي ٿي.

پهرين مون مهمانن کي رستي تي ميرزا صاحب جي ادبي خدمتن ڪري نالي رکڻ. ان ۾ شريڪ ٿيڻ تي سندن شڪر گذاريءَ جو ذڪر ڪيو.

پوءِ سيد ميران محمد شاه، محمد ابراهيم رازي ۽ مسٽر گاگنداس اورسير کي رستي جي تعمير ۾ محنت وٺڻ ڪري انعام ڏنو.

بعد ۾ مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻي دروازي کولڻ جو مهورت ڪيو جنهن ڳاڙهي ربين کي ڪٽيو. ۽ سنڌي ادب ۽ ثقافت جي ترقيءَ لاءِ دعا گهري. پوءِ ڪيترا صاحب موٽر ۾ چڙهي ان شاهراه ادب تان سواري لاءِ روانا ٿيا

جن جا فوٽا ورتا ويا. اهي مسٽر حاتم علوي، ميران محمد شاه، مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻي ۽ شيخ عبدالحق صاحب هئا. اتي آيل سيني حضرات کي چانهه پياري ويئي.

شام جو محال مانجهندن جي صحت جي ترقيءَ لاءِ هڪ پبلڪ هيلٿ ائسوسيشن سيٺ منگهرمل جي صدارت هيٺ ڪٺي ٿي

اڳي تنظيمي ڪانفرنس مسلمانن لاءِ مخصوص هئي هن دفعي ان جو نالو بدلائي غير فرقيوار جماعت ڪيو ويو. هندن به ان ۾ حصو ورتو.

ٻي ڏينهن ٢٩- تاريخ ١١ بجي واري گاڏيءَ ۾ لاڙڪاڻه ڪان شيخ عبدالمجيد سنڌي مسٽر طيب علي علوي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو، سيد شاهنواز شاهه، سيد جمال الدين بخاري اچي مجلس ۾ شريڪ ٿيا.

ان مجلس ۾ ٻاهران آيل صاحبن جا همدردي جا خط پڙهيا ويا

١- ميرزا قليچ بيگ لکيو ته نالي رکڻ لاءِ مهرباني. اهڙي موقعي تي اچي گهڻن دوستن جي ملاقات ڪريان ها پر ڪمزوريءَ ڪان اچڻ ۾ شرم تو ٿئي.

٢- مير ايوب خان بارسٽر ٣- مير غلام محمد خان ٽالپر ٤- حاجي عبدالله هارون ٥- حاجي عبدالرحيم شاهه سجاول واري جا نالا خاص ذڪر ڪرڻ جي لائق هئا جي اچي نه سگهيا ۽ همدرديءَ جا خط موڪليائون.

اجوڪي مجلس جي صدارت شيخ عبدالمجيد ڪئي. جنهن سنڌس تقرير ۾ عوام جي تنظيم جا مقصد بيان ڪيا. پوءِ ميران محمد شاهه، ڊاڪٽر دائود پوٽو، مسٽر طيب علي علوي تعليم تي تقريرون ڪيون ۽ ڪي تجويزون به پيش ڪيون

پوءِ منهنجي ٺاهيل پروگرام ڪي وراهيو ويو جملي ١٦ ٺهراءَ پاس ٿيا.

٢٢ فيبروري ١٩٢٨ع- سن.

ميرزا قليچ بيگ ڪي جڏهين رستي جي افتتاح ۽ تنظيمي ڪانفرنس جي ڪاروائي ڪان واقف ڪيو ته جواب موڪليائين ته ڪاش! اتي حاضر هجان ها ته ڪيترن دوستن سان ملاقات جو موقعو ملي ها. پر حياتي آهي ته ڪنهن وقت اتان ٿي ويندس.

١٣- مارچ ١٩٢٨ع- مطابق ٢٠ شعبان ١٣٤٦هه- سن.

آخوند محمد سمن ولد ملان محبوب وفات ڪئي. هن مون ڪي قرآن شريف پڙهايو هو ۽ هي خلافت ڪانفرنس ۽ ٻين موقعن تي ڪم جي نظرداري ڪندو هو

انجمن سن جو سيڪريٽري هو. تجارت ڪندو هو.

١٧- مارچ ١٩٢٨ع- هالا.

سيد ميران محمد شاه ڪي اليڪشن بمبئي ڪائونسل ۾ مدد ڏيڻ لاءِ رئيس فقير بخش خان ڪاڇيءَ سان ڳڏجي هالن ۾ مخدومن وٽ رهيس.

١٨- اپريل ١٩٢٨ع- سن.

سيٺ محمد جعفر خواجہ خط لکي ٿو تہ ٢٨- ٢٩- اپريل سڪولبورڊ ڪراچيءَ جي ميٽنگن تي ايندا. ڪيترا احوال ڪرڻا آهن.

وڏيڪ اطلاع ڏي ٿو تہ بلوچن ۽ سندن گرو جي وچ ۾ جو تڪرار هو، جنهن ڪري ٻنهي گروهن جا ڪيس هلندڙ هئا. تنهن جو ناهہ ٿي ويو هو.

٥ مئي کان ٨ مئي ١٩٢٨ع- هالا ۽ سيڪاٽ.

پهرين هالن ۾ ويس پوءِ اتان ڳڏجي مخدوم ميان غلام حيدر صاحب جي شاديءَ لاءِ سيڪاٽ پهتاسون. شادي ميان حاجي طيب سمي جي نياڻيءَ سان ٿي. اتي ميان غلام حيدر ۽ مون آئنده لاءِ پروگرام ناهڻ تي گفتگو ڪئي.

جنهن موجب شادين غمين تان فضول خرچين ڪي گهٽ ڪيو ويندو.

١٥ مئي کان ٢٤ مئي ١٩٢٨ع تائين ڪراچي.

ڪراچيءَ ۾ ضلع لوڪلبورڊ سڪولبورڊ ۽ ٻين مختلف ڪاروبار جي سلسلہ ۾ ويس.

٣٠ مئي ١٩٢٨ع- سن.

سيٺ محمد رجب شفيعائي خط لکيو تہ "نئي ميونسپالٽي وارن ميمبرن، ديوان هرچندراءِ پريزيڊنٽ تي بي اعتباريءَ جو ٺهراءُ پاس ڪيو. جنهن ڪري هن استعيفا ڏني آهي.

نئي وارن پاڻ ملهايو هاڻ ڏسجي تہ ضلع وارا ڪڏهن پاڻ ملهائي، ضلع ڪراچيءَ کي ديوان شيوارام مان آزاد ڪرائين ٿا."

١٣جون ١٩٢٨ع- سن.

سيد ميران محمد شاه خط لکي ٿو تہ "سر غلام حسين هدايت الله بمبئي سرڪار جو ايگزيڪيوٽو ميمبر ٿي وڃڻ ڪري، سندس تڪ واري جاءِ خالي ٿيڻ واري آهي.

ان مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ ١٤- جون تي هيٺيان صاحب ايندا. آءٌ بہ ان مجلس ۾ شريڪ ٿيان.

١- محمد عالم شاه ڏاڏاهي ٢ محمد ڪامل شاه، سيد ٣- پير

محبوب شاه ۴- پير ميان الهيار شاه مٽياري ۵- پير بقادار شاه مساري.

(نوٽ)

آءُ ان مجلس ۾ ڪونہ ويجي سگهيس.

٢٠- جون ١٩٢٨ع- سن.

سيد ميران محمد شاه لکي ٿو تہ "اڄ حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جي اليڪشن جو نتيجو ظاهر ٿيو. هو چوٿين نمبر وارڊ مان پهريون نمبر چونڊيو آهي"

"انهي تاريخ تي سنڌ جي هندوستان مسلم ناهہ بابت ڪي ڳالهيون الوحيد اخبار ۾ ڇپيون.

٢۴ جون ١٩٢٨ع- ڪراچي.

سيد حاجي عبدالرحيم شاه سڄاول واري کي حج تان موٽڻ بعد، حاجي مير محمد بلوچ سنڌس گارڊن واري بنگلي ۾ سولجر بازار جي نزديڪ دعوت ڏني، ان ۾ شرڪت ڪئي ويئي.

٣ جولاءِ ١٧ جولاءِ ١٩٢٨ع- حيدرآباد ضلع.

سر غلام حسين هدايت الله جي بمبئي ڪائونسل واري خالي ٿيل جاءِ تي اڄ نامينيشن پيپر ڀَريا ويا. هيٺيان اميدوار بيٺا:

١- شيَخ عبدالمجيد سنڌي ٢- ميرزا سڪندر بيگ ٣- سيد ميران محمد شاه.

مون ميران محمد شاه کي اڳ ۾ وعدو ڏيڻ ڪري مدد ڪئي ۽ سمورو وقت سنڌس ڪم ۾ هوس.

١٧- جولائي تي چونڊ هئي ان تاريخ تي هالن پولنگ اسٽيشن تي هوس.

ٻن ڏينهن کان پوءِ نتيجہ ظاهر ٿيا. ووٽ هيٺين طرح مليا

سيد ميران محمد شاه	شيخ عبدالمجيد سنڌي	ميرزا سڪندر بيگ
٢۴٢٩	١٦٩٣	١۵١٩

٣١ جولائي ١٩٢٨ع- ڪوٽڙي.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي نين چونڊن لاءِ نامينيشن فارم ڀريا ويا.

آءُ جهرڪن جي تڪ مان اميدوار بيٺس. سيٺ طيب علي علويءَ کي منجهند تڪ مان فارم ڀرايو ويو

جتان اڳي آءٌ جوندبو هوس. پنهنجي زمين سندس ڪاتي چاڙهائي. ووٽ داخل ڪرائي اميدوار بيهاريم.

(نوٽ)

رواجي طرح پنهي جاين تي مخالفت نہ ٿئي ها پر راءِ بهادر شيوارام وارن کي معلوم هو تہ هن سال آءٌ پريزيڊنٽيءَ لاءِ اميدوار بيهڻ وارو هوس. (تن رئيس فقير بخش خان ڪاڇيءَ کي جو قلم ١١٠ ماتحت سزا هيٺ اچي پڪن ضامنن تي آزاد ٿيو هو) کي آفيسرن سان ناهڻ جا دلاسا ڏيئي، طيب علي جي سامهون اميدوار بيهاريو.

ان جاءِ تان ٽن ماڻهن نامينيشن ڀريا.

١- حاجي محمد شاه مٽارين وارو ٢- رئيس فقير بخش ڪاڇي ٣- مسٽر طيب علي علوي.

قاضي عبدالرحمٰن طيب عليءَ جي ايجنٽ طور پنهي مخالفن جا فارم رد ڪرايا.

ليڪن ديوانن جي مدد سان رئيس فقير بخش خان جو پيپر وري بحال ٿيو. رئيس کي مون ۽ مقبول شاه سمجهايو پر باز نہ آيو. آخر ۾ مولوي فتح محمد سيوهاڻي. مون، قاضي عبدالرحمٰن، شيخ عبدالمجيد گڏجي سيد ميان ولي محمد شاه کي چيو، جنهن کيس گهرائي هٿ ڪڍايو.

مسٽر طيب علي بنا مقابلي چوندجي ويو.

منهنجي سامهون وڏيري غلام محمد جاڪري سوندن واري کي ديوانن جهرڪن تڪ مان ڪڙو ڪيو هو جو مخالفت ۾ آخر تائين بيٺو رهيو. ليڪن ڪوٽڙي وارن ملڪن، بولا خان واري پيرن، ٽکڙ وارن سيدن، ميرزا قربان علي ٽپيدار مانجهوءَ جي مدد ڪري آءٌ ڪثرت راءِ سان ١١- سيپٽمبر ١٩٢٨ع تي ميمبر چوندجي ويس.

٣- اگسٽ ١٩٢٨ع- سن.

ميران محمد شاه پوني مان خط لکي اطلاع ڏنو تہ "اسان سنڌي مسلمانن يڪ مشت ٿي بمبئي سرڪار سان ساٿ ڏئي سائمن ڪميشن سان تعاون جو ٺهراءُ بمبئي ڪائونسل ۾ پاس ڪرائي. اڄو منهن ڪيو"

" هڪ ڪميٽي صوبي طرفان سائمن ڪميشن سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿي آهي. ان تي سنڌ مان ڪيس ۽ سر شاهنوا ڀٽي کي چوندبو هئائون"

۲٦- اگست کان ۲۸- اگست ۱۹۲۸ع- ڪراچي.

لوڪلبورڊ جي سٽنڊنگ ڪميٽي ۽ سڪولبورڊ جي ميٽنگن لاءِ ڪراچي ويس

۲۸- تاريخ واري سٽنڊنگ ڪاميٽيءَ ۾ قاضي عبدالرحمٰن کي چيف آفيسر لوڪلبورڊ ڪراچي چونڊڻ جي بورڊ کي سفارش ڪئي ويئي.

(نوٽ)

قاضيءَ جي راءِ بهار کي استعيفا ڏيڻ کان بچائڻ لاءِ الوحيد ۾ مضمون لکڻ تي مير ايوب خان ۽ سيٺ محمد جعفر خواجه برخلاف هئا. ليڪن مولوي فتح محمد سيوهاڻي ۽ شيخ صاحب جي چوڻ تي مون ۽ مقبول شاه ڀين کي منٿ ڪري مخالفت بند ڪرائي. انهي موقعي تي مولوي فتح محمد سيوهاڻي جي جاءِ تي، حاجي عبدالرحيم شاه، شيخ عبدالمجيد، شاهنواز شاه، طيب علي، قاضي عبدالرحمٰن وغيره گڏ ٿيا. جتي فيصلو ٿيو ته مون کي ضلع لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽيءَ لاءِ اميدوار بيهاريو ويندو ۽ شاهنواز شاه اميدواريءَ تان هٿ ڪنيو هن کي لوڪلبورڊ سڪولبورڊ جي چيرمنيءَ لاءِ مدد ڪبي.

۱۱- سپٽمبر ۱۹۲۸ع- ڪوٽڙي.

جهرڪن تڪ جي چونڊ ٿي. جنهن ۾ غلام محمد خان جاڪرو ۽ آءٌ اميدوار بيٺا هئاسون، آءٌ ڪامياب ٿيس.

۱۵- سپٽمبر ۱۹۲۸ع- سن.

سيد حاجي عبدالرحيم شاه خط لکيو ته "اوهان جا خط ۽ تار پهتا، اوهان جي جهرڪن واري تڪ تان هيڏي مخالفت جي باوجود ڪاميابيءَ تان ساهه قربان ڪجي. ملهه ٻه ملهن جهڙي ڪٽي اٿو. مخالف ڏر وس ۾ ڪين گهٽايو. هاڻ ويچارن جو ساهه لکيءَ ۾ هوندو"

(نوٽ)

حاجي عبدالرحيم شاه جو اڳي دفعي ديوانن جو طرف هو. هن وقت منهنجي مسلسل محنت ۽ همت کان متاثر ٿي ڪليو منهنجي طرف ٿي بيٺو هو.

۲۹- سپٽمبر ۱۹۲۸ع- سن.

سيد حاجي عبدالرحيم شاه وري خط لکي تو ته "سيد شاهنواز شاه ٿيل سمجهوتي کان ڦري ويل آهي. هن مون کي خط لکيو آهي ته آءٌ

پريزيڊنٽيءَ لاءِ اميدوار بيهان "مون کيس لکيو آهي تہ آءٌ غلام مرتضيٰ شاه کي مدد ڪندس"

۴- آڪٽومبر ۱۹۲۸ع- سن.

سيٺ محمد رجب شفيعاڻي خط ۾ لکي ٿو تہ "هن طرف جا سيئي دوست اوهان جي پريزيڊنٽيءَ جي فائدي ۾ آهن. ان ڳالهہ تان شاهنواز شاه نهايت غصي ۾ آهي. وغيره"

۱۷ کان ۲۵- آڪٽومبر ۱۹۲۸ع- شاهہ بندر ڊويزن ۽ ڪراچي.

سيد محمد ڪامل شاه سعيد پورو وارو، حاجي عبدالحڪيم شاه ٽکڙ وارو، حاجي محمد شاه ۽ مولڏنو شاه متارين وارا ۽ حاجي عبدالرحيم شاه سجاول واري سان گڏجي، ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽيءَ جي مدد لاءِ چريٽائين ۾ خانبهادر خير بخش خان لغاريءَ وٽ ويس. جو ديهہ تي هو. جتي ڪيس ملي انجام وٺي پوءِ سجاول ۾ اچي رات رهياسون. صبوح جو خانصاحب خير محمد خان چانڊيي کي ملي شام جو جاتيءَ ۾ ملڪ فريد خان وٽ آياسون. جنهن هيڏي ميڙ کي ڏسي چيو تہ "مون ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي جو هيڏيون بلائون اچي مونتي نازل ٿيا آهيو؟"

ان کي حال ڀڏائي وعدو وٺي موٽي سجاول آياسون.

سيد محمد ڪامل شاه ارباب حاجي خميسي کي سندس فرزند محمد سليمان جي ووٽ ۽ پير پلڻ شاه کي مدد لاءِ چوڻ جو ذمون ڪٽي موٽي ڳوٺ ويو.

آءٌ نٽي، ساڪري ڪان ٿيندو ۲۰- تاريخ ڏاري ڪراچي پهتس. جتي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي سماهي ميٽنگ هئي. جنهن ۾ قاضي عبدالرحمٰن کي چيف آفيسر مقررڪيو ويو.

۲۵- تاريخ راءِ بهادر شيوارام ڪيس چارج ڏياري.

۲۵- آڪٽومبر ۱۹۲۸ع- سن.

سيد حاجي عبدالرحيم شاه سجاول مان خط لکي ٿو " انشاءالله فتح پنهنجي آهي. پنهنجي موٽي اچڻ ڪان پوءِ، ملڪ فريد خان ڳونان دلجاءِ جهڙو خط لکي موڪليو آهي، شاهنواز شاه جا پائر صاحبان شاه ۽ ملڪان شاه ڪهٺا موٽر ڊوڙائي رهيا آهن. پر فضول، سيد محبوب شاه سکر واري سنڌ سادات ڪانفرنس جي صدارت ڪرڻ لاءِ تار ڪٽي آهي پر مون عذر واريو آهي"

۲۸ آڪٽومبر ۱۹۲۸ع- سن.

ـ ـ حاجي عبدلرحيم شاه وري لکي ٿو تہ "اوهان جي خط جا جواب موڪليا اٿم. قاضي عبدالرحمن لاءِ اجان بہ گمان ڪيو پيو وڃي تہ هو شاهنواز شاه لاءِ ڪوشش ڪندو.

اوهان ڪيس پنهنجي هٿن سان چيف آفيسر بنائي اهو آزار پاڻ لاءِ پيدا ڪيو آهي.

جي اوهان مدد نہ ڪريوس ها تہ چيف آفيسر نہ ٿئي ها.

راءِ بهادر هوتچند چاندومل ڊيپوٽي ڪليڪٽر ۽ مير ايوب خان سخت مخالف هئس.

قاضي چيف آفيسر جو شايد ميمبرن تي ڪجهہ اثر پوي. آءُ ۲۹- تاريخ ڪراچي ايندس وڌيڪ حال احوال روبرو ڪبا"

۲۹- آڪٽومبر ۱۹۲۸ع- ڪراچي.

۲۹- سڪولبورڊ جي ميٽنگ هئي. ۳۱- آڪٽومبر تي سنڌ محمدن اسوسيشن طرفان بمبئي جي گورنر کي فريئر هال ۾ ائڊريس ڏني ويئي.

۳- نومبر ۱۹۲۸ع تي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچي طرفان سر يسلي ولسن بمبئي جي گورنر کي الوداعي ائڊريس فريئر هال ۾ ڏني ويئي.

۱۲- نومبر ۱۹۲۸ع- ڪراچي.

سائمن ڪميشن کي ڪراچي ڪلب ۾ سنڌ جي مسلمان بمبئي ڪائونسل ۽ مرڪزي اسيمبلين جي ميمبرن طرفان، ڪراچي ڪلب ۾ ائٽ هوم ڏنو ويو. آءُ ان ۾ ڪونہ ويس.

۱۴- نومبر ۱۹۲۸ع- ٺٽو

هڪ ڏينهن اڳ ڪراچيءَ مان نڪري صبوح جو ٺٽي آيس. لطف علي خان انسپيڪٽر پوليس (مانجهندن واري) سيٺ محمد رجب شفيعاڻي، محمد عثمان سومري کي مليو، حاجي عمر خان، منذير ڳاڙهي ۽ حاجي محمد اسماعيل ميمڻ ڪيٽي بندر ميمبرن لوڪلبورڊ جي چونڊ جي تاريخ گهرائڻ جو انتظام ڪري، ڳوٺ سن موٽي آيس.

۱۷- نومبر ۱۹۲۸ع- بدين.

اڄ سر غلام حسين هدايت الله بمبئي سرڪار جي انجنيري کاتي جي ميمبر لاڙ جي زميندارن جي ڪانفرنس سندن شڪايتن ٻڌڻ لاءِ بدين ۾

ڪهراڻي. آءٌ لوڪلبورڊ پريزيڊنٽيءَ اليڪشن جي سلسلي ۾ اتي ويس جو هڪ جاءِ تي ڪيترن ئي ماڻهن سان ملي سگهڻ وارو هوس. شام جو موٽي آيس.

١٨- نومبر ١٩٢٨ع- سن.

مولوي فتح محمد سيوهاڻي خط لکيو ته "حاجي عبدالرحيم شاهه ڪالهه ڪراچيءَ آيو.

اڄ مون وٽ صبوح جو آيا ڏيڍ بجي تائين هئا. قاضي عبدالرحمن، مولانا محمد صادق، شيخ عبدالمجيد سڀ اتفاقاً گڏ ٿي ويا. چڻ ڪوٽڙي جنڪشن هئي. حاجي عبدالرحيم شاهه تسلي بخش ڳالهيون ڪيون. قاضي عبدالرحمن هاڻ سچو ڏسڻ ۾ آيو. شاهه صاحب ڪي چيائين ته غلام مرتضي شاهه چڻ ته پريزيڊنٽ چونڊيو پيو آهي.

مون جايون گهٽيون هٿن ڪيون آهن جتي ميمبرن ڪي اڱوات ڪني ڪرڻ جو انتظام ڪندا"

٢٠- نومبر کان ٢٨- نومبر ١٩٢٨ع- شاهه بندر ڊويزن- ڪراچي.

سن ڪان نڪتي آيس. اتان سجاول مان ٿي پوءِ خانصاحب خير محمد خان ڪي لاڏين مان ڪٽي جاتي ۾ خليفي حاجي غلام محمد ۽ خليفه حاجي ماڪرپيه، ملڪ فريد خان ۽ سندس ڀاءُ ملڪ عبدالله خان ڪي ساڻ ڪري ٢٣- تاريخ ڪراچي پهتاسون.

لغاري ميمبرن ۽ ملڪ مزار خان ڪي مسٽر هر چندراءِ اڳيئي ڪٽي ڪراچي پهچي ويو هو. ميمبرن ڪي ڪچهري روڊ تي، خانبهادر ولي محمد حسنعلي جي جاين ۾ رهايو ويو.

اسان وٽ تڪيل ميمبرن هيٺيان هئا:

١- سيد مقبول شاهه ٢- امام بخش خان ڳاهو ٣- وڏيرو محمد عثمان سومرو ٤- رئيس حاجي عمر خان منڌير ٥- خليفه ماڪر پيو ٦- خانصاحب خير محمد خان ٧- سيد شاهنواز شاهه ٨- رئيس ميران علي خان ٩- يار محمد خان جوکيو.

راءِ بهادر شيوارام وٽ- رئيس گل محمد خان لغاري، مولوي خان لغاري، ملڪ مزار خان، مصري خان جاکرو، رئيس فقير بخش خان ٻه وٽن سندن مدد لاءِ تڪيل هو. ٢٦- نومبر ١٩٢٨ع ١١- بجه صبوح جو لارين ۾ ميمبرن ڪي چاڙهي ڪليڪٽر جي ڪچهري هال ۾ آياسون. جتي لوڪلبورڊ

جون ميٽنگون ٿينديون هيون.

ٿيئي ڊيپوٽي ڪليڪٽر رستي تي ٿي بيٺا تہ ميمبرن کي راءِ بهادر لاءِ چون. ليڪن ميمبر نهي آيا هئا. هلندي چوڻ جو مٿن اثر ڪونہ پيو.

ديوانن طرفان وقتي چيرمين لاءِ مسٽر سيمنگٽن اسسٽنٽ ڪليڪٽر ٺٽي جو نالو ڏنو ويو. انهيءَ خيال سان تہ زميندار ميمبر شايد اڇي چمڙي خلاف ووٽ نہ ڪن.

اسان جي طرفان مسٽر طيب علي علويءَ جو نالو پيش ٿيو. ان تي ١٩ مسٽر علوي کي ۽ ١٣- سيمنگٽن کي مليا. علوي چيرمين ٿي ڪم هلايو.

پوءِ پريزيڊنٽيءَ لاءِ بہ نالا پيش ٿيا. هڪ منهنجو ٻيو راءِ بهادر شيوارام، ڏيون مل جو. ساڳيا ووٽ مونکي مليا ۽ آءٌ چونڊجي ويس. ان وقت آءٌ ٢۴ ورهين جو هوس.

ان چونڊ ۾ سنڌ جي جن مکيہ ماڻهن منهنجي مدد ڪئي سي هيٺيان هئا.

١- حاجي عبدالله هارون ٢- شيخ عبدالمجيد سنڌي ٣- بابا مير محمد بلوچ ۴- ميران محمد شاه ۵- مولوي فتح محمد سيوهاڻي ۽ ٻيا.

ان اليڪشن ۾ ڪيترا سرڪاري آفيسر راءِ بهادر جي طرف هئا. خاص ڪري ميرزا منوچهر بيگ. ليڪن مسٽر ڊسلوا ڪراچيءَ ڪليڪٽر جي پرسنل اسسٽنٽ منهنجي مدد ڪئي. جو هن ڪن ڳالهين تان راءِ بهادر جي مخالف هو.

ان جي ڪري مونکي راءِ صاحب ميٺارام اجيت سنگهہ، راءِ صاحب نارائڻدس ٽيڪچند، مسٽر گبول الهہ بخش جا ووٽ مليا.

ووٽن جي پول وٺڻ تي ميمبرن جي هيٺين طرح ووٽنگ ٿي.

منهن جي فائدي ۾	راءِ بهادر شيوارام جي فائدي ۾	
١- سيد حاجي عبدالرحيم شاه	١-راءِ بهادر شيوارام ڏيون مل ٽاڻيل	
٢- خانصاحب خير محمد خان چانڊيو	٢- خانبهادر آزاد شير ماما	=
٣- ملڪ فريد خان ملڪاڻي	٣- سٽي ڊيپوٽي ڪليڪٽر	=
۴- ملڪ عبدالله خان ملڪاڻي	۴- مسٽر سيمنگٽن اسسٽنٽ ڪليڪٽر ٺٽو	=
۵- خليفہ ماڪر پيو جاتي	۵- ميرزا منوچهر بيگ = = ڪوٽڙي	=
٦- ارباب محمد سليمان ميمڻ دڙو	٦- ڊيپوٽي ڪليڪٽر شاه بندر	=
٧- راءِ صاحب ميٺارام اجيت سنگهہ	٧- راءِ بهادر وشنداس نهالچند	چونڊ

٨- سيد شاهنواز شاهہ	٨- مسٽر هرچند راءِ ٽهلرام	=
٩- وڏيرو محمد عثمان سومرو	٩- رئيس مصري خان جاکرو	=
١٠- رئيس امام بخش خان ڳاهو	١٠- ملڪ مزار خان	=
١١-حاجي عمر خان منڌير ڳاڙهو	١١- مولوي محمد خان لغاري	=
١٢- حاجي محمد اسماعيل ميمڻ ڪيٽي بندر	١٢- رئيس گل محمد خان لغاري چونڊيل	
١٣- مير علي خان ملڪاڻي	١٣- سيٺ ريوامل جاٽي	=
١۴- وڏيرو يار محمد جوکيو	ـــــ	
١۵- خان صاحب الهہ بخش گبول	(نوٽ)	
١٦- مسٽر طيب علي علوي	جملہ ٣٢- ميمبر هئا.	
١٧- سيد مقبول شاهہ پيان	مون ووٽ نہ ڏنو.	
١٨- راءِ صاحب نارائندس	ـــــ	

ان چونڊ ۾ خانصاحب گبول وائيس پريزيڊنٽ چونڊيو.

٢٨- نومبر ١٩٢٨ع- ڪراچي.

ميرزا قليچ بيگ صاحب خط موڪليو تہ "مونکي پڌڻ ۾ آيو آهي تہ هن دفعي اوهان ڪراچي ضلع لوڪلبورڊ جا پريزيڊنٽ چونڊيا آهيو. اها خبر پڌي خوشي ٿي، مبارڪباد ڏيان ٿو. اميد تہ اوهان اهڙي طرح ڪم ڪندا جو هندو توڻي مسلمان اوهان مان راضي رهندا".

٣٠- نومبر ١٩٢٨ع - سن.

ڪراچيءَ کان سن آيس. ڳوٺ وارن نهايت خوشيءَ جو اظهار ڪيو. بازار سينگاريائون، ڳوٺ کان ٻاهر اچي مرحبا ڪري هار پاتائون.

٣٠- نومبر ١٩٢٨ع - سن.

مولوي فتح محمد صاحب خط لکيو تہ " اوهان خير سان رات ڳوٺ روانا ٿي ويا. مون ميز تي چاٻي جاءِ جي نہ ڏٺي. سمجهيم تہ اوهان ڪراچي ۾ هئا. پوءِ ڪم سان ڊاڪٽر اي سعيد وٽ ويس. ان مون کان پڇيو تہ واقعي سيد لائق آهي، جو هن عمر ۾ پريزيڊنٽ چونڊيو آهي يا مسلمانن زور ڪري ڪيس هندؤ جي مقابلي ۾ کڻي چونڊيو آهي.

مون اوهان جي تعريف ۾ جو ڪجهہ چيو، ان جو ذڪر ڪرڻ ضروري نہ آهي. ليڪن منهنجي احوال پڌڻ ڪانپوءِ يڪدم موٽر ۾ چڙهي اوهان ڪي ملڻ آيو پر اوهان ڪونہ هئا.

اوهان هندو اخبارن جي نڪته چينيءَ تي دل نه لاهجو. اميد ته اوهان پنهنجي متانت ۽ تدبر سان مخالفن کي ثابت ڪري ڏيکاريندئو ته اوهان لائق هئو ۽ آهيو.

ٻيو منهنجو عرض ته اهڙي رمز وٺجو جو قاضي گبول وغيره به راضي رهن. دشمن ۽ مخالف نه ٿي پون ۽ اوهان جي پوزيشن به قائم رهي. پر تنهن هوندي به هي منهنجي صلاح ٻڌي ڇڏيندا جو متان روبرو گفتگو لاءِ وقت نه ملي ته پريزيڊنٽيءَ جي اختيارات مان هڪ ذرو به وائيس پريزيڊنٽ کي نه ڏجو. چاهي ڪيترو به اوهان تي صلاح ڪارن جو زور پوي. الوحيد کي امداد ڏيڻ لاءِ مون کان پڇيو هوو، سو ضرور ڏيڻ گهرجي.

تنهن ڪانسواءِ هي صلاح منهنجي ڪارگر ڄاڻجو ته سرڪار پرست نه ٿي وڃجو.

قومي خودداري ۽ قومي ڳالهين جي اخلاقي حمايت نه ڇڏجو. اندروني طرح قومي ڪارڪنن کي مدد ڏيندا رهندا.

شيخ صاحب ڀاري ماڻهوءَ کي قومي وقتن ۾ اخلاقي مدد ڏئي ڪيس همتائيندا رهندا.

مثلا هو ڪلڪتي ڪانگريس ۾ ويٺا آهن ته اهڙي وقت ۾ بطور ڪرايه وغيره جي ڪجهه روپيه پس غائبانه موڪلي ڏيندا ته پهتر آهي. شيخ صاحب کي رب نٿو ڇڏي.

اوهان جهڙا گهٽائي همدرد اٿس، اوهان جي مدد معمولي حالت ۾ شايد قبول به نه ڪري. مگر ڪانگريس يا ٻين ڪانفرنس جي موقعي تي خرچ لاءِ جي ڪرايي طور ڪجهه رقم ڏياري موڪليندا ته شايد انڪار نه ڪري، ڪڏه مدرسه کي گرانٽ به پنهنجي ايام پريزيڊنٽيءَ ۾ ضرور ڏيارجو.

آءٌ رات بيمزه هوس. انهي ڪري سودا پڇائيندي هي خيال ان وقت دل تي تري آيم. اوهان کي صلاح طور لکي موڪليان ٿو"

۳۰ نومبر ۱۹۲۸ع- سن

ميرزا قليچ بيگ کي سندس خط جي جواب ۾ هڪ ڊگهو خط لکي موڪليم. جنهن ۾ پنهنجي ارادن کان ڪيس آگاه ڪيم (اهو خط منهنجي خطن جي نمبر ۱٦٧ فائيل ۾ آهي.)

۴- ڊسمبر ۱۹۲۸ع- سن.

مير غلام محمد ٽالپر ٽنڊي باگي مان "پريزيڊنٽ چونڊجڻ تي

مبارڪباد ڏيڻ سان گڏ تعليم جي طرف توجهه ڇڪايو. وغيره"

٦- ڊسمبر ١٩٢٨ع- ڪراچي.

سنڌ ڪاليجيٽ يونين طرفان مولانا محمد علي ۽ شوڪت عليءَ کي ميٺارام هاسٽل ۾ لنچ ڏني ويئي. شيخ رحمت الله سيڪيٽري يونين دعوت موڪلي. ان ۾ قاضي فضل الله، ايل ايل بي شاگردن طرفان مرحبائي تقرير ڪئي.

١٨- ڊسمبر ١٩٢٨ع- ڪراچي.

هڪ خط پوئتي پيل قومن جي يونين جي سيڪيٽري ڏي لکيم ته

"اڇوتن جي حالت سڌارڻ لاءِ اوهان منهنجيون خدمات حاصل ڪري سگهو ٿا".

١٨- ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي پهرين ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ جي صدارت ڪيم.

١٩- ٢٠- ڊسمبر ١٩٢٨ع- ڪراچي.

ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي پهرين سماهي ميٽنگ منهنجي صدارت ۾ ڪيلڪٽر ڪراچي جي ڪچهري هال ۾ گڏ ٿي. جنهن ۾ ڪيترائي ٺهراءَ پاس ٿيا.

٢٣- ڊسمبر ١٩٢٨ع- ڪراچي.

مولوي فتح محمد صاحب لکي ٿو ته "اوهان لاءِ آئي سڪيورا جو بنگلو ستر روپيه مسواڙ تي هٿ ڪيو اٿم. پهرين جنوري کان قبضو ونبو. حال سادو فرنيچر خريد ڪبو. بيو مسواڙ تي ونبو. نه ترڙائي سان رهبو نه بي شانائتو، ممتدل درجو رهڻ گهرجي. هرويرو پاڻ کي زخمي نه ڪري وجهبو"

٢٨- ڊسمبر ١٩٢٨ع- سيوهڻ.

حاتم علوي، فدا حسن شيخا. اسماعيل جي نپال ۽ آءٌ منڇر ۾ سير ۽ شڪار لاءِ وياسون چاچي ولي محمد شاه ذريعي، رهائڻ جو انتظام چاچا اسدالله شاه ڪيو. ٻيڙين ۾ تي ڏينهن رهياسون.

٢٨- ڊسمبر ١٩٢٨ع- تي ريڊ ڪراس سوسائٽيءَ جي پريزيڊنٽ مسٽر هيڊسن ڪليڪٽر ڪراچيءَ کان منهنجي ڳوٺ سڌار هلچل بابت خط جو اميد افزا جواب پهتو

٢٩- ڊسمبر ١٩٢٨ع- مطابق ٢١ شعبان ١٣٤٧هه تي مخدوم

ظهيرالدين صاحب عرف پروچام هالن جي وفاتيءَ جو اطلاع مليو.

سال ۱۹۲۹ع

۱- جنوري ۱۹۲۹ع- سيوهڻ.

هڪ خط مختلف صاحبن کي موڪليم. (نوٽ)

جيئن ته انهي خط جو مسودو ۽ جن ماڻهن کي موڪليو ويو هو. انهن جا نالا هن ڪتاب جي ٽئي باب ۾ ڏنل آهن اتڪري دباره هتي نه ٿو ڏجي".

۲- جنوري ۱۹۲۹ع- سن.

حاتم علويءَ وارن سان سيوهڻ طرف جو سيرڪري ڳوٺ آيس. هو ڪراچي ويا.

اتان ٻي ڏينهن ڪراچي ويس.

۳- جنوري ۱۹۲۹ع- ڪراچي.

مسٽر هري لعل ڊيسائي وزير لوڪل سيلف گورمينٽ بمبئيءَ کي گبول سان گڏ ڪراچي ڪلب ڊنر ڏنيم.

جتان موتي ڪوٺڙي آيس. ۴- تاريخ صبوح جو تعلقه لوڪلبورڊ ڪوٽڙيءَ جي چونڊ هئي هڪ طرف مقبول شاه اميدوار هو. ٻي طرف راءِ بهادر سيٺ وٺنداس نهالچند اميدوار هو.

جو ڪيئي ترم پريزيڊنٽ رهي چڪو هو.

رئيس فقير بخش خان ڪاڇي راءِ بهادر جي مدد ۾ آيو هو ۽ وٽن ٽڪيل هو.

راءِ بهادر کي دلاسو ڏنو هئائين ته مقبول شاه کي هٽ ڪٽائيندو.

مقبول شاه رئيس جي پٽيءَ جو پٽ هو. راءِ بهادر انهن ڏينهن ۾ سخت بيمار هو اٿي ويهي به نٿي سگهيو. صرف پراڻي شان شوڪت لاءِ اميدوار بينو هو. سندس وري چاق ٿي جي اميد ڪانه هئي. تعلقه مان ۱۱- ميمبر مسلمان هئا مون مقبول شاه کي مدد ڪئي. رئيس حتي الامڪان مقبول شاه کي هٽ ڪٽائڻ جي ڪوشش ڪئي پرهن هٽ نه ڪنيو. مقبول شاه پريزيڊنٽ چونڊجي ويو.

شام جو ميران محمد شاه سان گڏجي حيدرآباد ۾ ميان مريد علي خان ناريجي جي والده جي عذرخواهي ڪيم. ميان نصير محمد نظاماڻي خاڪسار ۽ مسٽر حافظ ڊيپوٽي ڪليڪٽر ڪوٽڙيءَ سان مليس. ٦ تاريخ

مقبول شاه سان گڏجي پين آيس.

۵- جنوري ۱۹۲۹ع

سيد مهر علي شاه خط لکي موڪليو تہ "۲۰- ڊسمبر ۱۹۲۸ع تي سيد علي محمد شاه بارسٽر جي پاءُ سيد غلام علي شاه وفات ڪئي ۽ ۳ جنوري ۱۹۲۹ع تي سيد بچل شاه وفات ڪئي (پويون سيد حاجي عبدالرحيم شاه جي همشيرا پرٽيل هو. پهريون سندس پاٽيجو هو)

۷- جنوري ۱۹۲۹ع- سن

راءِ بهادر سيٺ وشنداس نهالچند وفات ڪري ويو.

(نوٽ)

ان وقت هرڪو چوڻ لڳو تہ مقبولشاه صبر ڪري ها تہ پريزيڊنٽ بہ ٿئي ها ۽ هن بزرگ کي بہ آخر وقت ۾ خوشي ٿئي ها. " پر غيب جي ڪنهن کي خبر هئي. انسان بي صبر آهي."

۸- جنوري ۱۹۲۹ع - ڪراچي.

سن مان ڪراچي نئين ڪرايي واري بنگلي آئي سڪيورا واري ۾ اچي رهيس.

مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻي کي هميشه وانگر ماڪيءَ جو دٻو دوائن لاءِ نذرانو ڏنم.

۹- جنوري ۱۹۲۹ع- صبوح جو آفيس جو ڪم لاٿم. شام ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي ميٽنگ ۾ ويس. پريزيڊنٽ جي حيثيت ۾ ميونسپالٽيءَ جو ايڪس آفيشو ميمبر هوس.

۰ ١جنوري ۱۹۲۹ع- منهنجي موڪليل خط جو جواب خانبهادر ولي محمد حسنعلي موڪليو جنهن ۾ لکيائين تہ اوهانجن ارادن ۽ مقاصد سان همدردي اٿم. ليڪن پروگرام وڏو آهي، ان مان صرف تعليم ڪٽو.

۰ ١- جنوري ۱۹۲۹ع- مسٽر سڌوا جواب موڪليو تہ پروگرام پڙهي خوشي ٿي. هر طرح مدد ڏيڻ لاءِ تيار آهن. ميٽنگ گهرائي صلاح مصلحت ڪرڻ جو مشورو ڏئي ٿو.

۱۱- ۱۲- جنوري ۱۹۲۹ع- آفيس ۾ هر روز ويندو رهيس. دوستن حاتم علوي، مولوي فتح محمد، غلام علي چاڳلا سان مليس. مولوي مصطفيٰ خان ايڊيٽر اسلامڪ ورلڊ سان ملاقات ٿي. جمال الدين بخاريءَ کي دعوت تي گهرائي، تبادلہ خيالات ڪيا ويا

١۴- جنوري ١٩٢٩ع- فري ميسزي جي ٽيمپرنس ۽ بينيوونس لاج ۾ ويس (انيشين ٿي)

١۵- ١٦- جنوري ١٩٢٩ع- سن.

سن ۾ شاه حيدر عليه رحمت جي ميلي جي موقعي تي هميشه وانگر ١٦- تاريخ تنظيمي ڪانفرنس جو چوٿون اجلاس ٿيو. سيد ولي محمد شاه جي صدارت هيٺ.

ان ۾ هيٺيان ٺهراءُ مکيه پاس ڪيا ويا:

١- محال مانجهند ۾ زوري ۽ مفت تعليم شروع ڪرڻ لاءِ سرڪار کي درخواست ڪجي ته پر جي حال اهو ممڪن نه ٿي سگهي ته هيٺين ڳوٺن ۾ سڪول کوليا وڃن.

١- گولاڙا ٢- قبي ٣- معروفاٽي ۴- عاقل تنگهياٽي ۵- ٽيباٽ.

٢- بمبئي سرڪار کي عرض ڪجي ته هن محال جي آباديءَ لاءِ سکر براج يا مشين ذريع انتظام ڪيو وڃي يا هتي جي ماڻهن کي براج تي زمينون ڏنيون وڃن

٣- سنڌ جي سيني ميلن تي ادبي ۽ ثقافتي ڪانفرنس سڏائڻ لاءِ سجاده نشين کي عرض ڪجي ٿو.

۴- هيءَ ڪانفرنس بمبئي سرڪار کي عرض ٿي ڪري ته ڪين ڪراچي ضلعي سان ڳنڍيل رکيو وڃي. لاچار ته دادو ضلعي سان ملايو وڃي ليڪن حيدرآباد ضلع سان نه ملائڻ ۾ اچي.

۵- هن سال چاري جي گهٽتائيءَ ڪري سرڪار کي عرض ڪجي ٿو ته ٻيلن مان مالن تان پنچري معاف ڪئي وڃي وغيره.

رئيس فقير بخش خان، مقبول شاه، مسٽر عبدالحق شيخ، غلام حسين شاه، مخدوم عبدالڪريم محالڪاري مانجهند، ميلي تي آيا. هزارها ماڻهو آيا. ملاکڙو لڳو. عام ماڻهن لاءِ ڪاڌي جو هميشه وانگر درگاه طرفان انتظام هو ۽ خاص ماڻهن لاءِ مون ڪيو.

١٨- جنوري ١٩٢٩ع- سن.

شيخ عبدالمجيد ۽ حاجي عبدالله هارون خط لکي منهنجي ضلعي ڪراچي جي ڳوٺ سڌار پروگرام جي تائيد ڪئي.

١٩- جنوري ١٩٢٩ع- حيدرآباد.

مير ن محمد شاه کي ضلع لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽ چونڊائڻ لاءِ

حيدرآباد ويس. ٻي ڏينهن ٻقادارشاه کي نٿاهي. پير غلام حيدرشاه بلڙيءَ واري وٽ ويس. شام جو شاه عنايت جي زيارت ڪيم ۽ صوفي ميان عبدالستار صاحب سان مليس. پير غلام حيدرشاه کي وٺي رات جو حيدرآباد آيس.

۳۱- جنوري ۱۹۲۹ع- سيد ميران محمد شاه ضلع ڪلبورڊ حيدرآباد جو پريزيڊنٽ چونڊيو. مسٽر چوهڙمل وائيس پريزيڊنٽ ٿيو.

پير ٻقادارشاه جي چيرمن سڪولبورڊ حيدرآباد چونڊائڻ لاءِ ڪم ڪيو ويو.

۲۳- جنوري کان ۳۰ جنوري ۱۹۲۹ع- ڪراچي.

۲۳- ڪراچي ۾ آفيس جو ڪم ڪيم. مولوي فتح محمد ۽ شيخ عبدالمجيد جي حاضري ڏني ويئي. رات جو مسٽر بشير احمد افغان ڪونسل وٽ ماني کاڌم.

۲۳- لوڪلبورڊ ۽ ميونسپالٽي جي ميٽنگن ۾ شرڪت ڪيم. رات جو مسٽر بشير احمد افغان ڪائونسل ۽ شاهنواز شاه کي مانيءَ تي گهرايم. شاهنواز شاه ڏاڙهي ڪوڙائي. مسٽر غلام علي چاڳلا کي مليس. ٿيا سافيڪل سوسائٽي ۾ ويندو رهيس.

لوڪلبورڊ جي ميٽنگن ۾ ويندو رهيس.

۲٦- تاريخ رات جو ينگ مين مسلم ائسوسيشن جي ميٽنگ ۾ وڃي مولوي عصمت الله ۽ مولوي عبدالحق جون تقريرون ٻڌم ۽ ان جو ميمبر ٿيس.

۲۷- شاهنواز شاه منگهي پير تي مسٽر ڊسلوا پرسنل اسسٽنٽ ڪليڪٽر ڪراچيءَ جي دعوت ڪئي. قاضي عبدالرحمن، خانصاحب گبول به هئا. مونکي به دعوت هئي. لوڪلبورڊ بنگلي ۾ ضيافت جو انتظام هو. اتي هنن خوب ڪاڌو پيتو هو.

آءٌ صوفي هئڻ ڪري تنگ ٿي بهانو ڪري ٻاهر گهمڻ ويس، مانيءَ وقت آيس خانصاحب شير دل خان ڪوٽڙي وارو، منگهي پير تي مليو.

۷- فيبروري کان ۷ مارچ ۱۹۲۹ع- ڪراچي.

سارو رمضان جو مهينو ڪراچيءَ ۾ هوس. سڀئي روزا رکيم. نمازون پڙهيم، ٻي عبادت ڪيم. ڪتاب پڙهندو رهيس. غور ۽ فڪر طرف زياده توجهه ڏنم. لوڪلبورڊ جي ميٽنگن ۾ ويندو رهيس. ميونسپالٽيءَ جون

مينگون بہ اڪثر اٽينڊ ڪندو رهيس.

۹ فيبروري ۱۹۳۹ع-

آئي سڪيورا بنگلي تي منهنجي سڏايل قومي ڪارڪنن جي ميٽنگ ڪٺي ٿي. جنهن ۾ اٽڪل ۳۵- مکيہ ڪارڪنن شرڪت ڪئي. ان جي غور ڪرڻ لاءِ هيٺين ايجنڊا رکي ويئي:

(۱) بي علميءَ کي دور ڪرڻ لاءِ ننڍين خواه وڏن جي تعليم لاءِ انتظام.

(۲) ديسي ۽ مڪاني هنرن کي زور وٺائڻ لاءِ تجويزون سوچڻ.

(۳) بيروني ملڪن ۾ ٿيندڙ ترقي جي احوال کان عوام کي واقف ڪرڻ لاءِ رٿون رٿڻ.

(۴) ڳوٺاڻن جي معيار زندگي بلند ڪرڻ لاءِ تجويزون رٿڻ.

(۵) عام مان پراڻا ۽ فرسوده خيال دور ڪرڻ لاءِ پر چار.

(٦) فضول خرچ رسمن رواجن جي اصلاح آڻڻ.

(۷) ڳوٺاڻن جي پيدوار جي نيڪال ۽ سندس ضروريات زندگي، سستي اگهن تي مهيا ڪرڻ جو انتظام ڪرڻ.

(۸) ڳوٺن ۾ لڳندڙ ميلن کي سڌاري، انهن کي واپار، تنظيم عوام، عام معلومات ميسر ڪرڻ ۽ تفريح جا مرڪز بنائڻ لاءِ رٿون رٿڻ.

(۹) سنڌي ادب کي زور وٺائڻ لاءِ ڪوشش.

(۱۰) ڳوٺن جي صحت، صفائيءَ جي لحاظ سان نئي سر تعمير ڪرڻ.

(۱۱) بالغن جي تعليم لاءِ شبينہ سڪول کولائڻ.

(۱۲) ڇوڪرين جي تعليم لاءِ خاطر خواه انتظام ڪرائڻ.

(۱۳) ڳوٺن ۾ زالن لاءِ گهرن جي صفائي، ٻارن جي پرورش، ويم جي سهوليتن، سئي ڪاڌي ناهڻ، ڪپڙا سبڻ، رواجي زنانہ بيمارين لاءِ تربيت ۽ معلومات ميسر ڪرڻ جو انتظام ڪرڻ.

(۱۴) هارين جون جماعتون تيار ڪري انهن جي حقن جي حفاظت ۽ ترقي لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

(۱۵) مالدارن جون جماعتون قائم ڪرڻ، انهن جي حقن جي حفاظت ۽ ترقيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

(١٦)ميربحرن= = = = = = = = = = = = = = = = = =

=

(١٧)سماجي براين جهڙوڪ ننڍپڻ جي شادين بند ڪرائڻ، فضول خرچ رسمن ۽ رواجن کي بند ڪرائڻ لاءِ سماجي ادارا ٺاهي انهن ذريع پرچار ڪرڻ.

(١٨) ڳوٺن ۾ رستن، اسڪولن، مسافرخانن، کوهن، اسپتالن ۽ تفريح گاهن لاءِ انتظام ڪرڻ.

(١٩) ڪوآپريٽو تحريڪ ذريعي ڳوٺاڻن جي مالي حالت درست ڪرڻ.

(٢٠) نشيدار شين جي بندش لاءِ طريقه سوچڻ.

(٢١) تعليم کي زوريءَ ۽ مفت ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

(٢٣) ڳوٺن جي صحت ۽ صفائيءَ لاءِ انتظام ڪرڻ.

(٢۴) سوديشي شين جي وڻ پوکائڻ ۽ پوکيل وڻنجي حفاظت ڪرڻ.

(٢۴) سوديشي شين جي استعمال لاءِ چاه پيدا ڪرڻ.

(٢۵) بيروزگاري دور ڪرڻ لاءِ آفيسون کولي معلومات حاصل ڪري انهن جي گهٽائڻ لاءِ حتي الامڪان ڪوشش ڪرڻ.

(٢٦) ڳوٺ سڌار جماعت ٺاهي، انهيءَ ذريعي مٿين رکيل پروگرام کي پايه تڪميل تي پهچائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

انهيءَ ميٽنگ جي صدارت مسٽر جمشيد ميهتا ڪئي.

اتي مختلف آيل صاحبن پنهنجي خيالات جي اظهار ذريع ظاهر ڪيو ته پروگرام تمام وڏو آهي. انهيءَ جي سرانجاميءَ لاءِ هڪ مهارن جي پلئننگ ڪميٽيءَ جي تقرر جي ضرورت هئي.

جي هر مسئله جي گهراين ۾ وڃي غور ڪرڻ بعد ڪو منصوبه تيار ڪن. پر ان ۾ سرڪار جي مدد جي سخت ضرورت هئي. جنهن جو رويو غير همدردانه هو. ازانسواءِ ان لاءِ پيسن جي ضرورت هئي. جنهن جي پورائي پنهنجي حڪومت کان سواءِ تيڻ مشڪل هئي بهرحال اهو بهتر ٿيندو ته عوام جو توجهه انهن ڳالهين ڏي ڇڪائڻ لاءِ ڪراچي ضلع واسطي رورل رفارم ائسوسيشن ناهي وڃي. جنهن جي مقصدن ۾ مٿيون ڳالهيون درج هجن. اها جماعت غير سياسي ۽ غير مذهبي هئڻ گهرجي.

انهيءَ جماعت جي ناهڻ ۽ ان جي دستورالعمل ۽ پروگرام بنائڻ لاءِ

هيٺين ڪميٽي چونڊي ويئي:
١- مسٽر جمشيد نسروانجي ميهتا چيرمين ٢- مسٽر سڌوا ميمبر
٣- مسٽر حاتم علوي ميمبر ۴- راءِ بهادر هوتچند چانڊومل ميمبر
٥- مسٽر اين ڊي ملڪ ميمبر ٦- قاضي عبدالرحمن ميمبر
٧- سيد شاهنواز شاه ميمبر ٨- سيد جمال الدين بخاري ميمبر
٩- مسٽر جي. ايم. سيد ميمبر سيڪريٽري.

٢٦- فيبروري مطابق ١٥- رمضان ١٣۴٧هه تي صبوح آئي سڪيورا بنگلي جي اتر واري روم ۾ (جو بنگلو پوءِ رام ڪرشن مٺ وارن خريد ڪيو هو) ستو پيو هوس.

۴ بجه صبوح جو روزو رکي ڪتاب پڙهڻ وينس. ٻاهر چانڊوڪي رات ۾ دلچسپ نظارو پسند آيو. وضو ڪري نماز پڙهي سبحان الله جي تسبيح پڙهڻ وينس حافظ جو هيٺيون بيت دل تي تري آيو

" رونق عهدشباب است دگر بستان را
مي دهد مژده گل بلبل خوش الحال را"

اکين مان زار زار پاڻي وهڻ لڳو. چند سوال دل تي تري آيا. انهن تي غور ڪرڻ ۾ مستغرق ٿيس.

١- الله ۽ ان جي پاڪيزگي ڇا آهي؟
٢- انسان ۽ الله جي وچ ۾ لاڳاپو ڪهڙو آهي؟

انهي خيال ۾ تسبيح پڙهندي محويت طاري ٿي ويئي. ڇا ٿو ڏسان ته سمنڊ جي وچ ۾ آهيان. پاڻ کي ان جو قطرو سمجهي رهيو آهيان، عجيب عالم هو.

صبوح صادق جي چانڊوڪيءَ ۾ لهريون جستجو واري مضطرب دل کي سڪون ڏيڻ لاءِ هندوري جو ڪم ڏيئي رهيون هيون. حسن ۽ جمال پنهنجي ڪمال تي هو. سگهوئي حالت بدلي. مان آفتاب عالم تاب جهلڪ ڏيکاري ۽ جمال مان بدلجي جلال جو نظارو نظر ۾ اچڻ لڳو. ساري سمنڊ ۾ سڪون عيوض بي قراري پيدا ٿي ويئي. ان جا قطرا هڪ ٻين کان جدا ٿيڻ لڳا. ڪن ٻاڦ بنجي ڪڪرن جي صورت اختيار ڪئي، ڪن وير ۾ ٻاهر زمين تي اچي ننڍن تالابن جي شڪل ورتي.

ڪڪرن هوا جي زور تي مختلف جڳهين تي وڃي ڪيئي ملڪ سيراب ڪيا. انهن مان ڪن پهاڙن جي چوٽين کي چانديءَ جا ڪلس پهرايا.

ڪٿا منجهہ قرار هٿا هيڪاندا سنگ ۾
ڳاهي ڳاهہ فراق جي ڪيا ڏارون ڏار
نجاٿان پيهار ٿيندو ميلو سڄڻين (شاهہ)

اهي قطرا هر وڻ جي رڳن، پنن، گلن ۽ ميون ۾ سمايل نظر آيم. اهيئي هر جانور جي خوف ۾ ڦرندڙ ڏٺم. اهي گل ۽ بلبل ٻنهي جي زندگيءَ جو سهارو ڏسڻ ۾ آيم. اهيئي عمدا تالاب جي رونق هئا. اهيئي ٻين آلائشن گڏجڻ ۽ وهڪري وڃائڻ ڪري بدبودار تلائن جي صورت اختيار ڪري ويل هئا.

انهيءَ محويت جي عالم ۾ زندگيءَ جي جهلڪ جا ڪيئي نظارا ڏٺم. جنهن مان مٿي ذڪر ڪيل سوالن جي ڪنجي ملي ويم. معلوم ٿيم تہ ڪيئن ان بحرني پايان جا قطرا مختلف صورتن ۽ مرحلن مان گذري ٿوري گهڻي ڏينهن وريو اچيو پنهنجي وطن ۾ پهتا ٿي.

ميم جي معنيٰ ملي ويئي هئي. ڪل ۽ جز، وصال ۽ فراق، لطيف ۽ ڪثيف، پاڪ پليت جو پرو پوڻ لڳو. جهولڻ لڳس.

۽ وقت بوقت اچاري رهيو هوس.

”معنيٰ ميم جي ملي ويئي. من تان مٽجي ويو مونجهارو“ (محمد فقير ڪتياڻ)

٢٧- فيبروري ١٩٢٩ع- فري ميسنري لاج ٽيمپرنس ۽ بينوولسن ۾ ميمبر ٿيڻ لاءِ مون کي داخل ڪيو ويو.

١- مارچ ١٩٢٩ع- آئي سڪيورا وارو بنگلہ مٿائي منگهي پير روڊ تي چئن سيمنٽ وارن بنگلن مان پهرين نمبر ۾ اچي رهڻ لڳس.

مولوي فتح محمد، حاتم علوي، ٿياسافيڪل سوسائٽي اڪثري منهنجي وچڻ جو مرڪز بنجي پيا.

٨- مارچ کان ١٩ مارچ ١٩٢٩ع- سن ۾ رهيس.

٢٠ مارچ ١٩٢٩ع- ڪراچي.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي سٽيڊنگ ڪاميٽي، جنرل باڊي ۽ ٻين مختلف ڪميٽين ۽ آفيس جي ڪم ۾ مشغول رهيس

٢٨- مارچ ميران محمد شاه حيدرآباد مان خط لکي ٿو تہ ”هو ٻي ڏينهن ڪراچي ايندو جتان سائمن ڪميشن جي سلسلہ ۾ دهلي وڃي پوءِ

مهابليشور ۾ رهي رپورٽ لکندا.

۱۵- اپريل ڏاري موٽي حيدرآباد ايندو.

بمبئي ڪائونسل جي چونڊن جي نئين سر تياري ڪندو. ڪيس شيخ عبدالمجيد جي بيهڻ جو خطرو هو. قاضي عبدالقيوم ڪيس واعدو ڏنو هو ته هو شيخ صاحب کي حيدرآباد مان بيهڻ واسطي نه همتائيندو. وري لکي ٿو ته بابا مير محمد بلوچ کان پڇندا ته واقعي آءٌ ڪائونسل ۾ ٺيڪ ڪم ڪري رهيو آهيان يا نه. وغيره"

۱- اپريل ۱۹۲۰ع- سن.

سيد ميران محمد شاه دهليءَ مان لکي ٿو ته "نئي دهلي ۾ رهيل آهي. اتي آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ ويندو آهي. مرڪزي اسيمبليءَ جو اجلاس به ڏسندو رهي ٿو. باقي وقت بمبئي پراونشل ڪميٽي سائمن ڪميشن جي ڪم ۾ گذريس ٿو. البت شام جو دهلي جي سوشل زندگيءَ جو لطف وٺي ٿو. ٻي ڏينهن بمبئي روانو ٿيندو.

۱۵- تاريخ موٽي سنڌ ۾ ايندو"

٦- اپريل ۱۹۲۹ع- ڪراچي.

سن کان ڪراچي آيس. جتي ٽي ڏينهن رهي ۱۰- اپريل کان ۲۹- اپريل تائين ڪراچي ضلع جي گشت ۾ رهيس. روزانه ڊائري هيٺ ڏجي ٿي.

۱۰- اپريل ۱۹۲۹ع- لانڍي.

صبوح جو گشت ۾ نڪرڻ جي عيوض شام ۲ بجي حاتم علوي. ڊسٽرڪٽ اوورسيئر ۽ ٻي لوڪلبورڊ عملي سان ضلع جي گشت لاءِ روانو ٿيس. موٽر جي سواري هئي جو شيروليٽ ۴- سلينڊر نئون مسٽر نارائنداس موٽر ڊيلر کان قسطن تي ورتو هوم. ڪراچيءَ کان ابراهيم حيدري پهتاسون. رستو وارياسو هو. رستي تي هڪ پراڻو کوهه ۽ ڪچيون کوهيون ڏٺيون ويون، جي مال کي پاڻي پيارڻ لاءِ ڪتب ايندڙ هئا.

ابراهيم حيدري ڪراچيءَ کان ۹ ميل پري، سمنڊ جي ڪناري تي مڇي مارينڊڙن جو ڳوٺ آهي ۽ ان جي آدمشماري ۱۴۳٦ ماڻهو آهي. چوڻ ۾ ٿي آيو ته سٺي موسم ۾ هر روز ۴۰ کان ۵۰ مڻ مڇي هر روز ڪراچيءَ ۾ هتان ويندڙ هئي. جنهن مان ڪا تازي ۽ ڪا سڪائي موڪليندا هئا.

واپار تي چند واپارين جو قبضو هو، جن شهر جي اڳهه کان ڏهه روپيه گهٽ مير بحرن کي ڏنو ٿي. ان جو مکيه سبب ميربحرن کي غير موسم

۾ ڪاڏي ۽ ٻيڙين وغيره لاءِ قرض ڪڻائڻ جو هو.

ڪوآپريٽو بئنڪن مان پيسي جي انتظام ڪرڻ سبب هنن جو فائدو ٿي سگهيو ٿي. هتي لوڪلبورڊ تلاءُ سٺي حالت ۾ نه هو. ٻه ملا مڪتب هئا. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين گڏ تعليم ورتي ٿي. ماڻهن ۾ چاءِ، سگريٽ ۽ پان جو گهڻو چاهه هو. ڪيترا هوٽل هئا.

اڪثر ماڻهو شاهه عبدالڪريم ۽ شاهه عبداللطيف جي درگاهه سان واسطو رکندڙ مريد هئا. خليفن ڪي ڪارا پٽڪا هئا. اتان ڪلراٺو رستو ڏٺي، واگهو ڏر تي آياسون. اتي جبل مان مٺو پاڻي نڪري رهيو هو. سمنڊ جي ڪناري تي هو ان جاءِ جو نظارو عمدو هو. ٻيڙين وارا پاڻي هتان ڀرڻ ايندا هئا.

. اتان ريڙهي ۾ آياسون. سپن جي ڇلرن جا ڍڳا ڏٺاسون ڇوڻ ۾ آيو ٿي ته ڪنهن وقت ان جي ڀر مان موتي نڪرندا هئا. هتي جا ماڻهو به ميجي ماريندڙ ۽ شاهه لطيف ۽ شاهه ڪريم جا طالب هئا. اتان نڪري لانڍيءَ آياسون. لوڪلبورڊ بنگلي ۾ لهي، شام جو آسو هندوءَ جي ڳوٺ ۾ سڏايل جلسي ۾ آياسون. هزار ڪن ماڻهو آيل هئا.

- ڇوڪرن ڊائلاگ ۽ ڊراما ڪيا. ماستر رپورٽ ۾ مڪاني حالت ڪان واقف ڪيو. رات جو موٽي اچي لانڍيءَ جي بنگلي تي رهڻ ٿيو. لانڍيءَ جي هوا ڪراچيءَ کان وڌيڪ سٺي معلوم ٿي.

١١- اپريل ١٩٣٩ع- گهارو.

صبوح جو اٿي، لانڍيءَ جي آس پاس لوڪلبورڊ عمارات ڏسي. پوءِ وٽيجي جي باغ ڪي ڏٺوسون. منجهس ڪجن جا وڻ ۽ پاڻي سٺو هو. سمنڊ جي ڪناري تي هو. ڏابيجي ريلوي سٽيشن کان ٣- ميل ڪن آهي. هتي جي هوا عمدي آهي. ڪراچيءَ لاءِ تفريح گاهه جوڪم ڏيئي سگهي ٿو.

اتان ڀنيور جي ڳوٺ آياسون. هڪ قتل ڏٺو هو. سمنڊ جي ڪاريءَ جي ڀر ۾ آهي. سسئي پنهون جي آڪاڻيءَ جي ڪري مشهور آهي. اتي ڀر ۾ هڪ جاءِ ڪبير ڀڳت جو آستاني جي نالي سان ڏٺوسون.

پوءِ گهاري ۾ اچي لوڪلبورڊ بنگلي ۾ رهياسون. شام جو ڀاڀرن جي ڳوٺ ۾ آياسون. سينٽري ڪانه هئي پاڻ ۽ گندگي جا ڍڳا لڳا پيا هئا. پوءِ اتان گجي واري رستي کان موٽي گهاري آياسون. جتي واريءَ جا ڍڳا هئا (هن وقت اهو ڪراچي- حيدرآباد رستي ۾ آيل آهي) شام جو گهاري

اسڪول ۾ ٻ سڏايل هو. اس پاس جا سوها ماڻهو ايل هئا.

هيڊ ماستر ڪيمچند گهنشام داس هو. چوڪرن سٺا ڊائلاگ ڪيا. ڳوٺ ۾ هندن جو تعداد گهڻو هو. منجهن نفاق هو.ڪين اتفاق جي هدايت ڪئي ويئي. ڳوٺ سڌار هلچل جو پرچار ڪيو ويو. اتي ميرپورساڪري جو مختيارڪار مسٽر ڪشنچند مليو. هو صوفي منش هو. هن عوام جي ڀلي جون ڪيتريون تجويزون ڏنيون. رات جو شهر جي ماڻهن سان تبادلہ خيال بعد آرام ڪيو ويو.

١٢- اپريل ١٩٢٩ع- منزل ميرپور ساڪرو.

صبوح جو گهاري مان نڪري ميرپورساڪري آياسون. ڪچو رستو هو. بارش جي ڏينهن ۾ رستو سواريءَ لائق نہ ٿي سگهندو. شهر ۾ لوڪلبورڊ عمارات ڏنيون ويٺون.

شام جو گهوڙاٻاري جي ڳوٺ ڪوتڙي الهرکيي شاه ڏي سانولپور وارو رستو ڏئي ميرپور ساڪري آياسون. ان ڪي پيچرو سڏڻ بہ ٺيڪ نہ ٿيندو. ١١- ميل ڪن رستو اڍائي ڪلاڪ وٺي ويو. رات جو ميرپور ساڪري جي اسڪول ۾ جلسو هو. چوڪرن ڊائلاگ ڪيا. هيڊ ماستر واڌومل ٽيڪچند هو. ماڻهن کي ڳوٺ سڌار هلچل جي مقصدن کان آگاه ڪيو ويو. رات جو ڳوٺائن سان تبادلہ خيالات ڪري آرام ڪيو.

١٣- اپريل ١٩٢٩ع- ميرپور ساڪرو.

صبوح جو گهاري وارو رستو وٺي وچان پاٻڙن ڪان ڦري، غلام الله وياسون جو سڌو رستو ٺيڪ ڪونہ هو. اتي جو مکيہ ماڻهو حاجي خواجہ هو. اتي جي ماڻهون اسڪول جي گهر ڪئي. وري ميرپور ساڪري موٽي آياسون جتان سيد محمد شاه بخاري جي دعوت تي، سندس ڳوٺ وياسون. اهو جمن شاه حقي واري جو والد هو.

هو سخي، محبتي ۽ نيڪ انسان هو. جيڪڏهن هن وٽ ٢٥ مهمان ويندا هئا تہ هرهڪ کي حقو، ماني ۽ بسترو علحده ڏيندو هو. اسان کي ماني کارائي، لونگيون ڏنائين

انڪار ڪرڻ تي سخت ناراض ٿي پيو. هن جو وڏو سخي ابراهيم شاه بخاري، شاه عبدالڪريم بلڙيءَ جي مرشدن مان هو.

اتان پر ۾ نوريءَ جي مياڻ هئي جتي مڇي گهڻي مُئي ٿي. جيڪڏهين موٽر جو رستو ٺهرائجي تہ روزانو هو مڇي ڪراچي موڪلي سگهندا. بگهاڙ

واه تي موريءَ جي ضرورت هئي.

اتان ڀهارن جي ڳوٺ وياسون. اسڪول ۾ جلسو ٿيو سوَها ماڻهو آيا چوڪرن صحت تي ڊائلاگ ڪيو. شام جو موٽي ساڪري ۾ آغا خاني خوجن جا اسڪول ڏٺا ويا.

چوڪرن اسماعليہ فرقہ جي چڱي سمجهاڻي پيش ڪئي ٿي. رات جو شهر ۽ آس پاس جي ماڻهن سان ملاقات ٿي. جن مان رئيس خير محمد بگهياڙ پريزيڊنٽ تعلقہ لوڪلبورڊ ۽ شير محمد خان هديہ وئيس پريزيڊنٽ خاص طور ذڪر جي لائق هئا.

اتان رئيس مزار خان ۽ مير عالي خان بلوچ ضلع لوڪلبورڊ جا ميمبر هئا.

۱۴- اپريل ۱۹۳۹ع- منزل سانولپور.

صبوح جي ميرپورساڪري مان نڪري ڀهارن واري رستي ڪان بگهياڙ واهہ پيڙيءَ ۾ ٽپي، گهوڙاٻاري تعلقي جي حد ۾ آياسون رستو ڪلرائو هو. جتان ڳاڙهي جي مسافري ۾ آياسون. اتان جهورملوڪ شاه ڏسڻ وياسون. وري موٽي ڳاڙهي اچي، پوءِ رئيس عمر خان منذير جي ڳوٺ آياسون. هو ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو ميمبر هو. ماني ٻپهرن جي هن وٽ ڪاڌي سون. هو وڏو مهمانواز هو. رهڻي ڪرڻي سادي هيس.

عوام ۾ مقبول هو.

سندس گهٽو گذارو مال تي هو. سندس ڳوٺ جي ڀر ۾ هڪ سرهندي بزرگ گوشہ نشين زندگي گذاريندو هو. جنهن جي خاطر تواضع هي ڪندو هو.

اتان ڪوٽڙي الهرکيہ شاه ۾ آياسون. اهو گهوڙاٻاري تعلقي جو هيڊ ڪوارٽر هو. ڳاڙهي ڪان ڪوٽڙي الهرکيہ شاه تائين رستو ٻيلي مان هيٺ ٿي وڃڻ ڪري اونهاري ۾ هلڻ لاءِ ڪار گرڪونہ هو.

ڪوٽڙي الهرکيہ شاه تمام ننڍو ڳوٺ هو سرڪار آفيسن ۽ عملي ڪانسواءِ تمام ٿورا گهر منجهس هئا. رات جو سانولپور جي بنگلي ۾ رهياسون. جتي سيد موليڏنہ شاه باقيل پوٽہ متارين واري جي زمين هئي. جنهن جا مهمان ٿي رهياسون.

۱۵- اپريل ۱۹۳۹ع- منزل سانولپور.

ڪوٽڙي الهرکيہ شاه جي لوڪل بورڊ عمارتن جومعائنو ڪري علي

بخش خان ڳاهي جي ڳوٺ وياسون. جتي رئيس امام بخش خان ڳاهي. ميمبر ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ کي ملياسون. اتي اسڪول جي گهر ڪيائون. اتان دريش جي ڳوٺ آياسون. اسڪول ۾ جلسو هو. جتي ڇوڪرن راڳ ڳايا. ماڻهن کي ڳوٺ سڌار هلچل مقصدن کان واقف ڪيو ويو.

پر ۾ پيلو هو. مالدارن پنهندن شڪايتون بيان ڪيون. ڪين سندس جماعت ناهڻ لاءِ چيو ويو ۽ وعدو ڏنو ويو ته پيلي آفيسرن کي ملي اهي شڪايتون سندن ڏيان تي آڻيندس.

(نوٽ)

(بعد ۾ مسٽر بروڪس ڊويزنل فاريسٽ آفيسر کي ملي، هڪ سال لاءِ پنچري معاف ڪرايم)

رات جو موٽي سانولپور بنگلي ۾ اچي رهياسون.

١٦- اپريل ١٩٢٩ع- منزل مڪلي ٺٽو.

صبوح جوسانولپور بنگلي مان نڪري علي بخش ڳاهي جي ڳوٺ کان گليل وارو رستو ڏئي، پير پٺي آياسون، رستو هيٺ ڪچين ڦڙين سبب تڪليف ده هو. پير پٺي جي زيارت ڪئي ويئي. ان جي پر ۾ هڪ پراڻي گرجا ۽ عيدگاه ڏني ويئي پانئجي ٿو ته هن جي پر ۾ ڪو وڏو شهر هو. جنهن ڪري گرجا ۽ ايڏي عيدگاه ٺاهي هئائون.

ان وقت درگاه جو سجاده نشين شيخ جلال الدين هو.

سندس فرزند شيخ محمد عثمان تعلقه لوڪلبورڊ جو ميمبر هو. شيخن جو راءِ بهادر شيوارام وارن سان رستو هو. اتي سيد ميان اشرف شاه بخاري سيد رهي ٿو. جنهن جا عزيز جيڪب آباد ضلعي جا وينل آهن. هي سياسي طرح آزاد خيال، دستار بند مولوي آهي.

پير پٺي کان وَرَ جي ڳوٺ آياسون. وَرَ جي ڳوٺ ۾ هندو ۽ خوجه واپاري رهندڙ هئا. ڳوٺ جي مسافرخاني کي بدلائي بنگلو ڪيو ويو آهي. ان ڪري ٻاهران ايندڙ ماڻهن کي تڪليف هئي.

اتي جو معزز ميان امام بخش شاه شيخ مليو. اهي پير پٺي وارن شيخن جا عزيز آهن. ڳوٺ ۾ آغاخاني خوجن جا اسڪول چڱو ڪم ڪري رهيا هئا. ڳوٺ بگهاڙ جي ڪناري تي هو ته به پيڻ جي پاڻيءَ جي تڪليف هين. کوه جي ضرورت ٻڌايائون ٿي. ڳوٺ واپار جو مرڪز هو. اسڪول ۾ جلسي جو انتظام ڪيل هو. ڊائلاگ ٿيا.

ماڻهن کي ڳوٺ سڌار هلچل جا مقصد ذهن نشين ڪيا ويا. اوني فراسيون آس پاس ۾ نهندڙ هيون جي ڳوٺ ۾ وڪري لاءِ ايندڙ هيون.

اتان موتي پير پني اچي ٺٽي آياسون. ٺٽي جي سنڌي اسڪول ۾ جلسو رتيل هو. جتي هزارها ماڻهو آيا، ڇوڪرن ڊائلاگ ڪيا ۽ غزل ڳايا. ڳوٺ سڌار هلچل جا مقصد ماڻهن کي ٻڌايا ويا.

مهمانوازي جا فرائض سيٺ محمد رجب شفيعاڻي بجا آندا. مڪلي جي بنگلي تي رهڻ ٿيو.

١٧- اپريل ١٩٢٩ع- مڪلي ٺٽو.

صبوح جو موٽر ۾ چڙهي مڪلي جو قبرستان ڏسي انجا فوٽا ورتا ويا. شروعات سيد مير عالي جي مقبره کان ڪئي سون اتان ڄام نظام الدين، پوءِ سندس سپهہ سالار ۽ وزير، سنڌ جي محافظ ۽ محب وطن شهيد سنڌ نواب مبارڪ خان عرف درياه خان دولهہ جو مقبرو ڏسي، ميرزا جاني بيگ، نواب شرفا خان، ميرزا عيسيٰ خان ترخان وغيره جا مقبرا ڏٺا ويا.

آرڪيالاجي وارن جو پورو توجهہ مرامت وغيره لاءِ ڪونہ هو.

(نوٽ)

(مرامت طلب جين جي لسٽ تيار ڪرائي آرڪيالا جي وارن کي بعد ۾ موڪلي ويئي)

شام جو گجي طرف وڃڻ ٿيو رستو تمام خراب هو.

(نوٽ)

(اهو هاڻ ڪراچي. حيدرآباد رستي ۾ داخل آهي)

ٺٽي جي جامع مسجد ۽ شهر ڏٺا ويا.

ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر مسٽر گبسن چيف آفيسر جي چور تي گشت بند ڪرڻ لاءِ ليٽر موڪليو. جنهن جو مفصل احوال تي باب ۾ ڏنل آهي، مسٽر حاتم علوي موڪلائي واپس ڪراچيءَ ويو. مولوي عبدالڪريم شڪارپور وارو اچي گشت ۾ شامل ٿيو.

١٨- ١٩- اپريل ١٩٢٩ع- قاضي عبدالرحمن ۽ قاضي يار محمد ولد محمد روشن هالن وارن جون شاديون مسٽر عبدالجبار وڪيل وٽان ٿيون. گشت ۾ هئڻ ڪري ان ۾ شريڪ ٿي ڪين سگهيس.

١٨- اپريل ١٩٢٩ع- منزل سجاول.

صبوح جو ٺٽي کان جهرڪن وارو رستو ڏئي، محمد سومري جي

ڳوٺ وڏيره محمد عثمان سومري ميمبر ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ وٽ وياسون. هن جي رهڻي ڪرڻي سادي هئي.

آس پاس جي ماڻهن ۾ اثر هوس. اتان موٽي نٽي اچي، جنگشاهي اسٽيشن جو ڳوٺ ڏسي، پوءِ موٽي جهاز تان ماڇين واري پتڻ کان اڪري سجاول پهتاسون. سجاول ۾ حاجي عبدالرحيم شاه جا مهمان ٿياسون. ڏينهن ٿاري شام جو مراداڻن کان ميرپور ٻٺوري وارو رستو ڏئي پيلي ڳوٺ وياسون. اسڪول ۾ جلسي جو انتظام هو. هيڊ ماستر اڏارام پيراج مل هو. هڪ هزار کن ماڻهو آيل هئا. مون ۽ مولوي عبدالڪريم چشتي ڳوٺ سڌار هلچل جي مقصدن تي تقريرون ڪيون. اتان موٽي سجاول آياسون. مون حاجي صاحب کي چيف آفيسر ۽ڪليڪٽر جي سازش کان واقف ڪيو.

١٩- اپريل ١٩٢٩ع- منزل سجاول.

صبوح جو شيخ حسين بخش ڊيپوٽي ڪليڪٽر شاه بندر سان گفتگو ٿي. پوءِ سجاول جاتيءَ واري رستي کان ميرزي لغاريءَ جي ڳوٺ ويس. جتي سيد نواز علي شاه، حاجي عبدالرحيم شاهہ جو ڀاءُ (ٻي والده مان) سان ملاقات ڪئي ويئي.

شاه صاحب باهمت، مهل سر ڪم ايندڙ، يار ويس ماڻهو هو. پوءِ موٽي سجاول آياسون. شهر ۾ شاه صاحب جي ٺهرايل جامع مسجد، عربي فارسي مدرسي، دڪان وغيره ڏٺا ويا. مدرسو سندس وڏي ڀاءُ هاشم شاه جي نالي ٺهرايو هئائين. مدرسي لاءِ زرعي زمين وقف ٿيل هئي. لوڪلبورڊ گرانٽ ۽ دڪانن جي پيدائش بہ انهيءَ ڪم ۾ ايندي هئي.

مدرسي جو انتظام ترسٽين جي حوالي هو. ليڪن مکيہ نظرداري سيد مهرعلي شاه جي حوالي هئي. جنهن جي پاليسيءَ مان معلم ۽ شاگرد، ناراض نظر ٿي آيا.

مهر علي شاه سيد حاجي عبدالرحيم شاه جي ٿٽي مان ڪيل شاديءَ جي بي بي جي ڀاڻيجو هو.

هو اول ۾ روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ هو. ان کي نوڪري ڇڏائي شاهہ صاحب بي بي صاحبہ جي چوڻ تي پڳهار تي نوڪر ڪري رکيو هو.

شام جو اسڪول ۾ جلسو هو. جتي آيل ماڻهن کي ڳوٺ سڌار هلچل جي مقصدن کان واقف ڪيو ويو.

هيڊ ماستر شفي محمد محمد سومار سجاول جو رهاڪو هو. تعلق

لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ حاجي عبدالرحيم شاه هو.

۲۰- اپريل ۱۹۲۹ع- چوهڙ جمالي.

صبوح جو سجاول شهر ۾ لوڪلبورڊ عمارات ۽ ادارا ڏسي. اسپتال ۾ ويس. جتي اڪين جو ڊاڪٽر مسٽر سچانند آيل هو. عام ماڻهن جي رهائش ۽ ڪاڌي جو انتظام ڪونہ هو، جو ڪرايو ويو.

پوءِ چوهڙ جماليءَ ويندي رستي تي ٽنڊه عالم ڏٺو ويو. بهاوي پور بند جي پي. ڊبليو ڊي بنگلي ۾ رهڻ ٿيو. شام جو لاڏين جي پر ۾ خانصاحب خير محمد خان چانڊيو ميمبر ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ وٽ وڃڻ ٿيو. اتان لاڏين ۾ ويس. رات جو موٽي بنگلي تي آيس. تعلقہ لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ راءِ صاحب مينارام اجيت سنگهہ هو.

۲۱- اپريل ۱۹۲۹ع- چوهڙ جمالي.

صبوح جو چوهڙ جمالي مان نڪري شام بندر وارو رستو ڏيئي گونگاڻي وياسون جتان سيد سوڍل شاه مٽيارين جي زميندار کي سندس ڳوٺ وچي ملياسون. پوءِ جئند زنگيجہ جي ڳوٺ لوڪلبورڊ عمارتون ۽ اسڪول ڏسي ماڻهن کان حال احوال وٺي شاه بندر آياسون. هي ڳوٺ ڦٽي ويل هو.

هن ڊويزن جي پيداوار ڪراچيءَ ۽ ڪڇ موڪلڻ لاءِ هي بندر ڪارائتو ٿي سگهي ٿو. بشرطيڪ رستو درست ڪرايو وڃي. شاه بندر کان هڪ رستو ڇيچ جهان اچي ٿو پر ڦٽل هئڻ ڪري ان کي ڏسي نہ سگهياسون. موٽندي قائم خان جلباڻيءَ جو ڳوٺ ڏسندا لاڏين ۾ اچي اتان ڇيچ جهان وياسون.

پوءِ خانصاحب خير محمد خان جي ڳوٺان ٿي، رات جو چوهڙ جمالي جي اسڪول واري جلسي ۾ شرڪت ڪئي ويئي. ڇوڪرن چڱا کيل ڏيکاريا ۽ راڳ ڳايا.

مون ڳوٺ سڌار هلچل تي تقرير ڪئي. پوءِ راءِ صاحب مينارام وٽ سندس اوطاق ستاهہ واهہ تي رات جي ماني کائي اچي بند واري بنگلي تي سمهڻ ٿيو.

۲۲- اپريل ۱۹۲۹ع- جاتي.

صبوح جو بهادي پور بنگلي تان نڪري شاه بندر جو رستو ڏيئي، ابن شاه جا ٽڪر ڏٺاسون. چوطرف ميدان آهي، وچ ۾ هڪ ٽڪر تي ابن شاه جي مزار آهي. مٿي چڙهڻ لاءِ پڪي چاڙهي اٿس نظارو نهايت عمدو هو. فوٽا

ورتا ويا. اتان شاه يقيق تي آياسون زيارت ڪئي ويئي اتي چيٽ مهيني جي پهرين تاريخ ميلو لڳندا آهي. چار پنج هزار ماڻهو ايندا آهن.

اتي جو خليفو ميان حاجي محمد هو. غريب، شريف ماڻهو ڏسڻ ۾ تي آيو. پوءِ جاتيءَ جو رستو ڏئي اتي آياسون انجنيري بنگلي ۾ رهڻ ٿيو. جاتي تعلقہ لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ خليفو حاجي غلام محمد صاحب هو وائيس پريزيڊنٽ خليفو محمد بچل هو لوڪلبورڊ جو ڪم ڪار اهو هلائيندو هو.

جاتي تعلقي جا رستا خراب هئا. شام جو سنڌي بندر آياسون ڳوٺ جي آدمشماري ٣ سوڪن هئي اتي هڪ ڪسٽمس آفيسر رهيو ٿي جو شهر جي سينٽري ڪميٽيءَ جو چيرمن هو. اڳي هتان ڪڇ ڏي مال ويندو هو پر هاڻ سمنڊ پري ٿيڻ ڪري سمنڊ تائين انن تي بار ويندو آهي. ان ڪري تڪليف ۽ باربرداريءَ جي خرچ سبب آمدرفت گهٽجي ويئي آهي. ان جو ڪارڻ گونگري واهہ ڪي ڳنديو ڏيڻ چيو وڃي ٿو.

سنڌي بندر ڪان ڪجهہ مفاصلي پنڌ تي هڪ ڪڏو بندر نالي شهر هو جو ١٨١٩ع واري زمين جي زلزلي ۾ زبون ٿي ويو.

موٽندي ڇچ گولي خان ڪان جاتي وارو رستو نيڪ نہ هوڻ ڪري سڌو جتيءَ آياسون.

درگاه مفلين جي زيادت لاءِ وڃڻ ٿيو. ان جو ميلو ٢٧- ڦڳڻ تي ٿيندڙ آهي. قبي ۾ اندر وڃڻ اجازت نہ هئي. چوڻ ۾ آيو ٿي تہ اندر مزار ڪانہ هئي صرف هڪ ڏيو هڪ ڏيوري ۾ ٻرندو آهي. ٻاهر هڪ ڪٽ رکيل هئي. صبوح جو ساڍا ٧ ۽ ٻنپهرن جو هڪ بجہ ۽ شام جو سورج جي غروب وقت دروازو کولي خليفا اندر وڃن ٿا.

خليفہ حاجي غلام محمد ولد خليفو ماڪرپيو جي چوڻ موجب بزرگ جي تاريخ وٽن هئي.

خليفو صاحب درويش صفت، نمازي نيڪ بخت هو. البت شادين جو شوق هوس.

سندس فرزند جو نالو ماڪرپيو آهي جو ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچي جو ميمبر آهي.

جاتيءَ جو شهر واپار جو مکيہ مرڪز هو.

تعلقہ ۾ مکيہ ماڻهو خليفہ. ملڪراج جا ملڪاڻي بلوچ. سيٺ

ريوامل هئا

شهر جي آبادي ٧٢ ١٧ هئي. هتان ڪليڪٽر ڪراچيءَ جي حڪم موجب عملي لاءِ ڪنيل امپريسٽ اڪائونٽ جا پيسا موٽايا ويا. سندس گشت بند ڪرڻ واري حڪم ڪي نہ مڃيو ويو.

٢٣- اپريل ١٩٢٩ع- جاتي.

صبوح جو خليفي حاجي غلام محمد ۽ خليفي محمد بچل کي ساڻ ڪري درگاه مغل پين (مڪرين) ويس اتي ٽيندڙ رسمن جو احوال معلوم ڪيو ويو. ان ڪان پوءِ لڪپٽ وارو رستو ڏسڻ وياسون ٣٦- ميل رڻ ۾ اندر وياسون.

هي رستو ٺهڻ ڪري ڪڇ سنڌ سان ڳنڍجي سگهي ٿو ۽ واپار سڌو لارين ذريع يڪڇ سان ٿي سگهي ٿو. اتان ڪيترا ماڻهو هر روز ڪڇ ڏي ايندا ويندا آهن واٽ ۾ ملڪراڄ جو ڳوٺ آهي، جنهن ۾ ملڪ فريد خان ۽ ملڪ عبدالله خان ضلع لوڪلبورڊ جا ميمبر رهن ٿا.

انهي رستي تي هڪ مسافرخانو انجاهي مڪان تي ٺهيل آهي ان جي چوطرف هڪ ٿلهو پوڏ ڪان بچڻ لاءِ، ٺهرائڻ جو ڪم هلندڙ آهي. اتان آنهواري مڪان تائين وياسون.

اتي سيٺ پهلاجراءِ ۽ لوڪلبورڊ جا مسافرخانہ آهن.

هن وقت اتي ٽانڪي رکيل آهي پر پاڻي پيرڻ جو انتظام نہ آهي.

اتان اجاري مڪان کي ڏٺوسون اتي لوڪلبورڊ جو ٿلهو ٺهي رهيو آهي. اڳتي پاڻي هئڻ ڪري وڃي نہ سگهياسون. رستو متي ٽيڻ ڪري لڪپٽ جي ڪاري تائين آمدرفت جهڙو ٿي سگهندو. ان تاريخ ١٥- چنڊ جي هئڻ ڪري وير جو پاڻي آيل هو.

٦ بجہ شام جو جاتيءَ جي اسڪول ۾ جلسو هو. چوڪرن ڪيل ڏيکاريا. ڪين ڳوٺ سڌار هلچل جي مقصدن ڪان واقف ڪيو. اتي جو هيڊ ماستر ڏيئومل هيرومل هو

جنهن جي مرحبائي تقرير نهايت شائستہ لفظن ۾ هئي. هي سنڌي زبان ۾ ماهر ٿي ڏٺو.

٢٤- اپريل ١٩٢٩ع- جاتي.

صبوح جو مولوي چشتي مسافريءَ ڪري تنگ ٿي پيو. ازانسواءِ هو سياسي ۽ مذهبي تقريرن جو ماهر هو، تنهن کي هن ڳوٺ سڌار هلچل جي

حدن اندر تقرير ڪرڻ ڏکي ٿي لڳي موڪلائي ويو. انهن ڏينهن ۾ جاتيءَ کان بدين وارو رستو گروڙيءَ جي ڳوٺ تائين ڏنم.

پوءِ موتي اچي جاتيءَ ۾ رهيس ۽ اتي جي مکيہ ماڻهن سان تبادلہ خيالات ڪيم ۽ مڪاني حالتن کان واقف ٿيڻ جي ڪوشش ڪيم.

۲۵- اپريل ۱۹۲۹ع- منزل ميرپور بٺورو.

صبوح جو جاتيءَ جون لوڪلبورڊ عمارتون ۽ ادارا ڏسي ملڪ فريد خان سان گڏ ميرپور بٺوري روانا ٿياسون. وچ ۾ ملن جو ڳوٺ ڏٺو ويو. اتي جا ماڻهو شاه عبدالڪريم بلڙي جا معتقد هئا. وچ ۾ هڪ ڳوٺ ڏسي شاهڪپور ۾ آياسون ان جي پر ۾ سامراه نالي هڪ قتل شهر سومرن جي گاديءَ جا ڪنڊر ميلن ۾ ڏنا ويا.

شاهڪپور جو چڱو مڙس سيد دورو شاه بخاري هو. اڳتي هلي دريا خان سوهي جي ڳوٺ آياسون. جتي سيد شاه محمد شاه سان ملاقات ٿي. پوءِ ميرپور بٺوري ۾ انجنيري بنگلي ۾ اچي لهڻ ٿيو. اتي تعلقہ لوڪلبورڊ جا ميمبر آيل هئا. انهن سان گفتگو ٿي، شام جو جهوڪ وڃڻ ٿيو.

اتي شاه عنايت صوفيءَ جي زيارت ڪري، سجاده نشين ميان عبدالستار صاحب صوفي سان ملاقات ڪئي ويئي. واپس ميرپور بٺوري ۾ آياسون. شام جو اسڪول ۾ جلسو هو. هزارها ماڻهو آيل هئا. ڇوڪرن ڪيل ڏيکاريا، راڳ ڳايا. پوءِ ڳوٺ سڌار هلچل جي مقصدن کان ماڻهن کي واقف ڪيو ويو.

شام جو سيٺ محمد جعفر خواجہ اڳوٽي لوڪلبورڊ رفيق ۽ حزب مخالف جي ليڊر ۽ سيٺ الهبچايہ خواجہ، سيٺ امام بخش خواجہ. سيٺ محمد سومار ميمڻ، سيد ميان بچل شاه ولد شاه محمد شاه سان ملاقاتون. گفتگو ٿي حال احوال معلوم ڪيا ۽ ڏنا ويا.

ميرپور بٺوري جي آدمشماري ۱۵۵۱ هئي. اتي پير مهر شاه جو ميلو ۱۲ کان ۱۵ پوهہ تي هر سال لڳندو آهي.

۲٦- اپريل ۱۹۲۹ع- منزل ميرپور بٺورو.

صبوح جو نڪري ٻني وارو رستو ڏيئي ابڙال جي ڳوٺ ۾ آياسون.

آدمشماري ۱۲۵ ماڻهو هيس. اتي جو اسڪول هڪ وڏيره جي اوطاق ۾ تلاءَ جي ڪناري سٺي نظاري تي هو. رستي جي پر ۾ هڪ پراڻن وڻن سان ڇانيل شهر جو ڪنڊر ڏٺو ويو. اتان راهوٽ جي ڳوٺ آياسون.

ادمشماري ۴۸۵ هيس. اتي سيد ستار ڏنـہ شاهہ متياري سيد سان ملاقات ٿي، جو گهڻن متياري سيدن جي وچہ رسي بنيل هو.

سندس هڪ نياڻي، پير غلام دستگير ٻال پوچران جي گهر ۾ . ٻي سيد محمد سليم شاه سعيدپور واري وٽ. ٽي حاجي عبدالحڪيم شاه نڪڙ واري وٽ ۽ چوٿين پير غلام حيدر شاه بلڙيءَ وٽ هيس. راهوٽ مان نڪري ٻني جي ڳوٺ آيس، اتي جي آدمشماري ۷۳۹ ماڻهو هئا.[۲]

اسڪول ڏسڻ وقت ماستر وڏيره عبدالحي پليجي جو پٽ پيش ڪيو جنهن جو والد وفات ڪري ويل هو. ڇوڪرو نهايت چالاڪ ۽ هشيار ڏسڻ ۾ آيو. ان کي سڪالرشپ ڏئي ڪراچي موڪلڻ جو انتظام ڪيو ويو.

(نوٽ)

اهو نوجوان مدرسہ ۾ پڙهي نالي وارو سياسي ڪارڪن ٿيو وڏيره نور محمد سندس نالو آهي.

اتان نڪري باغ ڏمن کان ٿيندا لائقپور جي ڳوٺ وياسون آدمشماري ۴۸٦ هيس. اتي جو مکيہ ماڻهو سيٺ تاراچند هو. پوءِ اتان ير ۾ سيد محمد علي شاه متيارين واري کي سندس ڳوٺ ۾ ملڻ ويس ساڳو رستو ڏئي ٻنڌ کان ڦري بچل گگہ جي ڳوٺ آياسون.

جتان دڙي جي شهر ۾ آياسون. اهو ٻنوري تعلقي ۾ ٻيو نمبر شهر هو.

سندس رهاڪو پڙهيل، سياسي طرح بيدار ۽ دست رسي وارا هئا. اسڪول ۾ جلسہ هو ڇوڪرن کيل ڏيکاريا، راڳ ڳايا. مون کين ڳوٺ سڌار هلچل کان واقف ڪيو.

شهر جا مکيہ ماڻهو ارباب محمد سليمان ولد حاجي خميسو ميمڻ، حاجي محمد صالح ميمڻ، وڏيرو الهڏنـہ ميمڻ، سيد احمد شاه هئا. ارباب حاجي خميسي جي انتقال تي سندس فرزند سان عذر خواهي ڪئي ويئي. اسڪول وڏو ۽ وڏندڙ هو. عمارت ڪافي نہ هيس.

ماڻهن زناني اسڪول لاءِ گهر ڪئي.

۲۷- اپريل ۱۹۲۹ع- منزل ميرپور ٻنورو.

صبوح جو ٻنوري مان ٻيو دفعو جهوڪ شريف وڃڻ ٿيو. اتي اسڪول ۾ جلسو هو، ڇوڪرن کيل ڏيکاريا. راڳ ڳايا، آيل ماڻهن کي ڳوٺ سڌار هلچل جي مقصدن کان واقف ڪيو ويو. ماستر محمد حسين ڪراچيءَ

جو جهونو ماستر اتي مليو. پوءِ شاهه عنايت جي زيارت ڪئي ويئي. اتي هڪ هندو درويش ويٺل هو. ان وٽ شاهه عنايت صوفي جي زندگيءَ جو احوال ۽ سندس ٻن طالبن جا ديوان، هر هڪ ديوان مراد ۽ ديوان مير سيد جانعلي شاهه روهڙي واري جا موجود هئا. انهن جو هٿ ڪري ڇپائڻ ضروري ڄاتو ويو. هتي هر سال ١٧- صفر تي ميلو لڳندو آهي جتي هزارها مخلوق ايندي آهي. اتي وڏي مسافرخاني ٺهرائڻ جي ضورت محسوس ٿي.

پوءِ بلڙيءَ ۾ اچي شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ جي زيارت ڪئي ويئي ۽ سندس سجاده نشين پير غلام حيدر شاهه سان گڏجي موٽي مير پور بٺوري آياسون.

بلڙي ۽ جهوڪ جي وچ ۾ هڪ پراڻي ڳوٺ ميران پور جا ڪنڊر هئا.

تعلقي بٺوري جي ڪنڊرن کوٽائي مان تاريخ سنڌ جي وسريل سونهري باب جو پتو پئجي سگهندو. ميرپور بٺوري ۾ جنڊي، ڪپڙن تي ڇر جاد ڪان ڏنا ويا.

پوءِ شام جو وڏيرو حاجي عبدالله ڪانڌڙي جي ڳوٺ آياسون. اتي ويهي اسڪول ڏسي، حال احوال ڪري ارباب سليمان جي دڙي مان دعوت کائي، رات جي موٽي ميرپور بٺوري آياسون.

٢٨- اپريل ١٩٢٩ع- ميرپور بٺورو ۽ ڪراچي.

صبوح جو ميرپور بٺوري مان نڪري سجاول کان دريا اڪري جنگشاهي تان گاڏيءَ ۾ چڙهي ڪراچيءَ پهتاسون.

٢٩- اپريل ١٩٢٩ع- ڪراچي.

صبوح جو ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ڪانه ٿي. پوءِ مسٽر گبسن ڪراچيءَ جي ڪيلڪٽر جي لکئي موجب ڪيس ملڻ ويس. ان وقت سندس پرسنل اسسٽنٽ آغا غلام حسين قادر داد خان پٺاڻ شڪارپور جو ويٺل هو سندس والد خيرپور ميرس جو ناميارو وزير ٿي گذريو هو. هي آزاد خيال ۽ رشوت کان پري عملدار هو. ليڪن هن ۾ انگريز پرستي سرايت ڪري ويل هئي. انگريزن وانگر رهڻ، هلڻ ۽ انهن کي خوش ڪرڻ سندس طبيعت جا مکيه جزا هئا. ان کي ملي پوءِ مسٽر گبسن وٽ ويس. هو سندس حڪم موجب منهنجي گشت بند نه ڪرڻ تي ڪاوڙيل هو

هي هڪ خردماغ، ذليل قسم جو انگريز هو يڪدم پڇيائين ته ڪيئن آيو آهين؟

مون ڪيس چيو تہ تنهنجي لکڻ تي. ورندي ڏنائين تہ ان وقت چوڪين آئين؟ هن وقت آءُ توسان گفتگو ڪرڻ نٿو گهران. منهن ڳاڙهو غصي ۾ پريل هوس.

مونکي پهريون دفعو اهڙي ماڻهوءَ سان واسطو پيو هو.

آءُ يڪدم ٻاهر هليو آيس ۽ دوستن کي انهي ملاقات جو احوال ٻڌايم.

(نوٽ)

ان کان پوءِ ان کي ڪونہ مليس، ۽ سندس ملاقات منهنجي پاليسيءَ ۾ وڏو ڦيرو آڻي ڇڏيو.

انگريز سلطنت جو وڏو مخالف بنجي پيس.

زندگيءَ ۾ اهڙي قسم جي ٻي ملاقات ٢٤- آڪٽومبر ١٩٤٥ع تي مسٽر محمد علي جناح سان ٿي. ذهنيت ساڳي هئي. منهن ان جو بہ سرخ ۽ غصي سان ڀريل هو تفاوت ٻنهي شخصيتن ۾ هي هو تہ اهو انگريز سلطنت جي عملدار شاهي طبقہ جو عيوضي هو جنهن ۾ انگريزن جون خوبيون ڪونہ هيون، ليڪن خاميون سڀ اچي ڪٺيون ٿيون هيون.

هي انگريزن جي نمڪ پرورده مسلمان عملدار ۽ شاهوڪار جي سرپرست هو. جو طبقہ اسلام جي خوبصورت نالي ۾ عوام کي ڌوڪو ڏئي گمراهہ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويل هو.

هي صاحب بہ مسلمانن جو گريٽ ليڊر سڏائڻ جي باوجود بہ اسلام جي حقيقي تعليم کان بي بهره ۽ سندس آقائن جي عفتن سان پرپور هو. سندس انهيءَ ملاقات کان پوءِ مون نہ وري سندس منهنجي ڏٺو ۽ نہ مُئي کان پوءِ قبر تي ويس. منهنجي ساري سياسي نظرين، پاليسين ۾ عجيب انقلاب آڻڻ واري اهائي ملاقات هئي.

اسلام، مسلم قوم، مسلم ليگ ۽ پاڪستان بابت ويٺل ويساهن جي ڪل ٿي ڪلي پيئي.

٣٠- اپريل ١٩٢٩ع ۽ پهرين مئي ١٩٣٩ع- ڪراچي.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ هئي جن ۾ ڪيترا سوال زير ويچار آيا.

١٢- مئي ١٩٢٩ع- ڪراچي

سيد حاجي عبدالرحيم شاه سجاول مان لکي ٿو تہ خط پهتو احوال

معلوم ٿيو.

من ازبيگانگان هرگز ننالم، ڪہ بامن هرچہ ڪرد آن آشناڪرد

اهانڪي خدائي عطا ٿيل استقلال جي مبارڪ هجي. ٻيو ڪو هجي ها تہ ايتري چڪتاڻ تي هوند بزدل ٿي پوي ها. پر اوهان ڪي انهن تڪليفن کان پار لنگهائي ٻاهر ڪيڏي مضبوط ڪرڻ لاءِ خدا جي خواهش ذميوار آهي. اميد تہ مخالف روسياه ٿيندا، وڏو چار پڪڙيل هو. اهي خار مغيلان آهن، جن جو انديشو نہ ڪرڻ گهرجي،

اوهان ڪي سچ جي سندري مضبوط ڪيو آهي"

١٣- مئي ١٩٢٩ع- ڪراچي.

نتي ۾ آيس ۽ رئيس امام بخش خان ڳاهي تي عملدارن طرفان ڪيل ڪوڙي ڪيس ۾ سيشن ڪورٽ ۾ شاهدي ڏئي موٽي شام جو ڪراچي آيس ۽ فري ميسنري جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪيم.

١٧ مئي ١٩٢٩ع. سن.

سيد شاهنواز شاه چيرمين ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ سڪولبورڊ لکي موڪليو

"تہ سن جي زناني اسڪول لاءِ پٽيوالي منظور ڪري نٿا سگهون"

اهو خط مونڏي موڪليو ويو.

١٨- مئي ١٩٢٩ع- منزل سن.

صبوح جو سن مان نڪري ضلع ڪراچيءَ جو رهيل ڪوٽڙي ڊويزن جو گشت شروع ڪيو ويو.

سڌو لڪيءَ ۾ آيس. اتي لوڪلبورڊ عمارتون ۽ ادارا ڏسي ماڻهن سان ڳوٺ سڌار هلچل جو پيغام پهچائي پوءِ عامريءَ ۾ آيس اتي بہ ساڳي طرح ماڻهن سان مليس. پوءِ چڇرن ڳائنچن جي ماڻهن ۾ ملندو ڳوٺ سڌار هلچل جو پيغام پهچائيندو. سڪول ۽ ٻيون عمارتون ڏسندو موٽي سن آيس. شام جو سن جي اسڪول ۾ جلسو ٿيو. چوڪرن ڪيل ڏيڪاريا آيل ماڻهن کي ڳوٺ سڌار هلچل جي مقصد کان واقف ڪيو ويو.

٢٢- مئي ١٩٢٩ع- منزل مانجهند.

صبوح سن مان نڪري معروفاٿين. چاندين، نورپور، ماڇين، ڪماڻ، لاڪا جا ڳوٺ ڏسي ماڻهن سان ملي لوڪلبورڊ ادارا ۽ عمارتون ڏسي، ڪاڇين جي ڳوٺ ۾ رئيس فقير بخش خان ڪاڇيءَ وٽ اچي رهيس. شام جو ان کي

ڪٽي مانجهندن ۾ آيس جتي لوڪلبورڊ عمارتون ڏسي پوءِ سڪول جي جلسي ۾ آياسون. ڇوڪرن گيت ڳايا، کيل ڏيکاريا. پوءِ ماڻهن کي ڳوٺ سڌار هلچل کان واقف ڪيم. رات انجنيري بنگلي ۾ رهيس.

٢٣- مئي ١٩٢٩ع- منزل ڪوٽڙي.

صبوح جو مانجهندن مان نڪري خاصائي، گوپانگ، خانوٽ جا ڳوٺ ڏسي ماڻهن سان ملي پين جي ڳوٺ ۾ سيد مقبول شاهه ميمبر ڊسٽرڪٽ لوڪبورڊ ڪراچيءَ پريزيڊنٽ تعلقي لوڪلبورڊ ڪوٽڙي وٽ اچي پيهرو ڪيو ويو. اتي لوڪلبورڊ عمارتون ڏسي ماڻهن کي ڳوٺ سڌار هلچل جي مقصدن کان واقف ڪري پوءِ ٻڍاپور، انڙپور، مانجهو، پيٽاري، بادن ۽ رائلي جي ڳوٺن مان ٿيندو دير سان ڪوٽڙيءَ پهتس.

٢٤- ٢٦ مئي ١٩٢٩ع- متياري.

صبوح جي ڪوٽڙيءَ مان نڪري متيارين سيد محمد علي شاهه جاموٽ موسيٰ پوٽي جي شاديءَ جي سلسلي ۾ آياسون. رئيس فقير بخش خان ڪاڇي به ساڻ هو. ٽي ڏينهن اتي رهياسون. پوءِ ٢٧- تاريخ موٽي ڪوٽڙي آياسون

جتي شام جو ميونسپل اسڪول ڪوٽڙيءَ ۾ جلسو هو. سوها ماڻهو آيل هئا. اتي جي هيڊ ماستر مسٽر روپچند مرحبائي تقرير ۽ سڪول بابت رپورٽ پيش ڪئي. پوءِ ڇوڪرن کيل ڏيکاريا ۽ راڳ ڳايا. مون ڪين ڳوٺ سڌار هلچل جي مقصدن کان واقف ڪيو.

ان موقعي تي مسٽر حافظ ڊيپوٽي ڪليڪٽر ڪوٽڙي، مسٽر هوندراج پارواڻي ۽ مسٽر عبداللطيف سيلاٽي تقريرون ڪيون ماڻهن سان خيالن جي ڏي وٺ ٿي. لوڪلبورڊ عمارات ڏنيون ويئون.

٢٨- مئي ١٩٢٩ع- ٽاٽو بولا خان.

صبوح جو ڪوٽڙيءَ مان نڪري ٽاٽي بولاخان آياسون. رئيس فقير بخش خان ڪاڇي ساڻ هو.

ڊسٽرڪٽ بنگلي ۾ رهڻ ٿيو. لوڪلبورڊ کوهن، رستن، عمارتون ۽ سڪولن کي ڏٺو ويو شام جو سڪول ۾ جلسو ٿيو.

اتي ڳوٺ سڌار هلچل مقصد ٻڌايا وياسون. ڳوٺ جي مکيه ماڻهن ملڪ سردار خان، پير باقر شاهه، پير محمد بخش شاهه سان ملاقاتون ٿيون. ان طرف جي حالات کان واقفيت حاصل ڪئي ويئي.

٢٩- مئي ١٩٢٩ع- جهرڪ.

صبوح جو ٺاٽي بولا خان کان نڪري مختلف رستہ، لوڪلبورڊ عمارتون، اسڪول ڏسندا، ڳوٺن جي ماڻهن سان ملندا شام جو جهرڪن ۾ پهتاسون ڊسٽرڪٽ بنگلہ ۾ رهڻ ٿيو.

اسڪول ۾ جلسہ هو. هزارها ماڻهو آس پاس کان آيل هئا. ڇوڪرن ڪيل ڏيکاريا ۽ راڳ ڳايا. ڳوٺ سڌار هلچل بابت تقرير ڪيم ڳوٺ ۽ آس پاس جي ماڻهن سان ملاقات ۽ حال احوال ڪيا ويا.

٣٠- مئي ١٩٢٩ع- ڪراچي.

صبوح جو جهرڪن مان نڪري سونڊا، هيلايہ جا ڳوٺ. لوڪلبورڊ جايون، رستا، اسڪول ڏسي ٺٽي پهتاسون. اتي لوڪلبورڊ بارجز جي نيلام جي ميٽنگ ۾ صدارت ڪيم. جنگشاهيءَ مان ڪراچي آيس.

١ جون کان ١٣- اگسٽ ١٩٢٩ع- ڪراچي.

انهي عرصي ۾ لوڪلبورڊ جي مختلف ڪميشنن جي صدارت ڪيم. آفيس جو ڪاروبار هلائيندو رهيس. ميونسپل ڪارپوريشن ۽ ان جي گارڊن ڪميٽي جي ميٽنگن ۾ شرڪت ڪيم.

سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ ۽ ان جي ڪميٽين ۾ ڪم ڪيم. ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ ۾ دلچسپي ورتيم. شهر جي سوشل معاملات ۾ حصو ورتو ويو.

٢٩ جون ١٩٢٩ع- تي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي ميٽنگ ۾ بمبئي سرڪار جي لکئي موجب انجنير مقرر ڪرڻ لاءِ درخواست گهرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

٣٠ جون ١٩٢٩ع رورل رفارم ائسوسيشن ۾ سنڌ لوڪلبورڊ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي ويئي.

٧- ٨ جولاءِ ١٩٢٩ع- بابا مير محمد بلوچ مسلم پولٽيڪل ڪانفرنس ڪوٺائڻ لاءِ ميٽنگ گهرائي. ان ۾ شرڪت ۾ ڪيم.

٢٩- جولاءِ ١٩٢٩ع- پيهرن جو علامہ آءِ آءِ قاضي وٽ لنچ ڪاڌم. شام جو ميونسپالٽي جي ميٽنگ ۾ ويس.

٢- اگسٽ ١٩٢٩ع- ملير ڪوآپريٽو سوسائٽين جي ميٽنگن ۾ ويس. پرمانند آڏواڻيءَ جي شادي هئي.

١٢- اگسٽ ١٩٢٩ع- سن.

اگسٽ ۽ سپٽمبر جا مهينا سن ۾ رهيس. پوڙهن ۽ ٻارڙن ٿيون ڪالرا جي بيماري پيئي.

٢٣- اگسٽ ١٩٢٩ع. سن.

خانبهادر عظيم خان سري نگر مان سموري گشت جو احوال لکندي ٻڌائي ٿو تہ ”اتان سمل ويندو پوءِ هندوستان جو سير ڪندو. آڪٽومبر ڏاري سنڌ پهچندو. ڪوآپريٽو بئنڪ جي مختلف مسئلن بابت احوال پڇي ٿو. سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ ڪراچي جي سڪر براڄ ڪان پوءِ اهميت جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ ان تي خانبهادر کهڙي کي اين ڊي ملڪ جي جاءِ تي چونڊي ڇڏاءِ. ملير ڪوآپريٽو بئنڪ جي ڪم جي پارٽ ڪري ٿو.“

٣- آڪٽومبر ١٩٢٩ع- ٺٽو.

سيد حاجي علي بخش شاه بخاري. سيد حاجي عبدالرحيم شاه جي سالي جي فرزند سيد حسنعلي شاه جي انتقال ڪري سندس عذرخواهي لاءِ ٺٽي آيس.

٣- تاريخ سيد علي گوهر شاه جي ڪيس ۾ بچاءَ جي شاهدي ڏئي

٤- تاريخ ڪراچي پهتس.

٤- آڪٽومبر ڪان ٢٨- آڪٽومبر ١٩٢٩ع- ڪراچي.

١٨- آڪٽومبر لوڪلبورڊ انجنير لاءِ گهرايل درخواستن مان سب ڪميٽيءَ ١٣- نالا چونڊيا.

٢٨- آڪٽومبر ١٩٢٩ع- سن.

جنهن پڦيءَ مون کي نپايو هو، ان جي بي چاڪائي جي نياپي اچڻ تي ڳوٺ آيس.

انهيءَ ٨- نومبر ١٩٢٩ع تي وفات ڪئي. ان ڪان پوءِ ڏهہ ڏينهن ڳوٺ رهي ڪراچي آيس.

١٨- نومبر ١٩٢٩ع- ڪراچي.

٢٠- نومبر گورنر بمبئي کياماڙيءَ تي لٿو. ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو پريزيڊنٽ مسٽر جمشيد ميهتا، ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ آءٌ رپورٽ ٽرسٽ جو چيرمين، ڪمشنر سنڌ، ڪليڪٽر ڪراچي ساڍا ٨ بجہ صبوح جو ان کي وٺڻ وياسون. شام جو فريئر هال ۾ پهرين ميونسپالٽي ۽ پوءِ لوڪلبورڊ طرفان ڪيس ائڊريسون ڏنيون ويئون.

نومبر تي سنڌ محمدن ائسوسيشن طرفان بمبئي جي گورنر کي ڊس ائڊريس سر شاهنواز خان ڀٽي پڙهي ان ۾ شرڪت ڪيم.

شام جو گورنر جي اعزاز ۾ چانهن جي دعوت ۾ شرڪت ڪيم.

۲۳- **نومبر** لوڪلبورڊ آفيس ۾ انجنير چونڊڻ واري سب ڪميٽي ۱۳ نالن مان وري چار نالا چونڊيا تفصيل اڳي باب ۾ ڏنل آهي. مهيني جي آخر ۾ موٽي ڳوٺ سن آيس.

۷- ڊسمبر ۱۹۲۹ع- ڪراچي.

حيدرآباد کان ٿيندو ڪراچي آيس.

۸- **ڊسمبر** تي ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ ۾ سچل سرمست ڏينهن ملهايو ويو. مون، چيتمل پرسرام ۽ ٻين حصو ورتو.

۹- ۱۰- **ڊسمبر** تي ڪرشنا مورتيءَ جا ڪلاس اٽينڊ ڪيا ويا ۽ گهڻو وقت سنڌس حاضري ۾ گذاريو ويو. جنهن جو گهڻو اثر ٿيو.

۳۰- **ڊسمبر** تائين ڪراچيءَ جي مختلف ڪميٽين جي ميٽنگن ۽ سوشل فنڪشن ۾ حصو وٺندو رهيس.

هن مهيني ۾ شهمير خان ولد رئيس فقير بخش خان ڪاڇي. ڊي جي ڪاليج جي پروفيسر راوتياڻيءَ کي ڪاليج فنڪشن جي موقعي تي چماٽ هنئين. ان ڪري پرنسپال ٻناڻي ڪيس ڪاليج مان خارج ڪري ڪڍي ڇڏيو. سنڌس وري داخلا لاءِ ڪوشش ڪئي ويئي.

سال ۱۹۳۰ع

۴- جنوري ۱۹۳۰ع- ڪراچي

ڳوٺان ڪراچي آيس

۵- **تاريخ** سٽنڊنگ ڪميٽي، ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ميٽنگ جي صدارت ڪيم.

۲- ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي جنرل باڊيءَ جي ميٽنگ هئي.

جنهن ۾ آفيسرن ۽ چيف آفيسر گروه جي مخالفت جي باوجود، مسٽر محمد هاشم گزدر کي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو انجنير مقرر ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ٿيو.

ٻي ڏنهن ۷ تاريخ ڪيس چارج ڏياريم.

۷- **جنوري** ٿياسافيڪل سوسائٽي ڪراچيءَ جي هال ۾ مسٽر جمشيد ميهتا جي جنم جو ڏينهن ملهايو ويو.

٨- ٩ جنوري ١٩٣٠ع- ڪراچي.

خالقڏنہ هال ڪراچيءَ ۾ سنڌ لوڪلباڊيز ڪانفرنس منعقد ٿي ان ۾ شرڪت ڪيم.

١٠- جنوري ١٩٣٠ع- ڪراچي.

مسٽر درگداس آڏواڻي جي صدارت هيٺ ضلع ڪراچيءَ جي ڪوآپريٽرن جي ڪانفرنس ٿي جنهن ۾ ڪراچي ضلع ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ جو بنياد وڌو ويو. جنهن جو صدر مسٽر جمشيد نسروانجي ميهتا ۽ سيڪريٽري مونکي چونڊيائون. مسٽر هاسومل مير چنداڻي جائنٽ سيڪريٽري چونڊيو. ڪانفرنس ٿياسافيڪل هال ۾ گڏ ٿي تفصيل ڊائري جي جنرل نوٽن ۾ داخل آهي.

١١- جنوري ١٩٣٠ع- ڪراچي.

ڪراچي ضلع جي مالدارن جي ڪانفرنس بابا مير محمد بلوچ جي صدارت هيٺ ٿياسافيڪل هال ۾ گڏ ٿي جنهن ۾ ضلع مالدار ائسوسيشن جو بنياد وڌو ويو. ڪيترائي ٺهراءَ مالدران جي حقن جي حفاظت، ترقي ۽ مال جي سڌاري لاءِ پاس ڪيا ويا. ان جا عهديدار چونڊيا ويا.

١- حاجي مير محمد بلوچ - پريزيڊنٽ
٢- راءِ صاحب ميٺارام اجيت سنگهہ - وائيس پريزيڊنٽ
٣- جنرل سيڪريٽري غلام مرتضيٰ شاه (آءٌ)
٤- جائنٽ = حاجي پير محمد عقيلي - ٺٽہ

ان ڪانفرنس ۾ ضلع مان هڪ سو کن ماڻهو آيل هئا.
جن مان مکيہ جا نالا هيٺيان هئا.

١- سيٺ ڪيمچند ٺيڪدار ٢- ارباب غلام محمد هنگورو - جاتي ٣- عبدالله خان ملا - جاتي ٤- رئيس گل خان لغاري - ٻنورو ٥- سيد ٻچل شاه - ٻنورو ٦- سيد حاجي عبدالرحيم شاه ٧- راءِ صاحب ميٺارا اجيت سنگهہ - شاه بندر ٨- ديوان وورومل - شاه بندر ٩- مسٽر چيتمل پرسرام گلراجاڻي ١٠- راءِ بهادر پريتمداس - حيدرآباد ١١- وڏيرو يار محمد جوکيہ - ملير ١٢- سيٺ هارون مقاطعدار ١٣-عمر مالدار سجاول ١٤- هوتو خان، چيڙ خان، سعد خان جلباڻي - ماڙي سڪرنڊ ١٧- سيد چگل شاه (محراب پور- سڪرنڊ ١٨- نور محمد شاه زميندار - ساڪرو ١٩- قاضي حبيب الله - ساڪرو ٢٠- حسن شورو - ڪوٽڙي ٢١- وڏيرو ماڪن

شورو - ڪوٺڙي ٢٢- سيد مقبولشاهه - بيان.

جنوري جا پويان ٻه هفتا سن ۾ هوس.

٩- فيبروري ١٩٣٠ع- سن.

مسٽر گزدر خط لکي ٿو تہ "ميران محمد شاهه ۽ ٻيا ايم ايل سي ١٤- ١٥ تاريخ بمبئيءَ وڃي رهيا آهن. اوهان منهنجي ڪم لاءِ ڪين لکو".

قاضي عبدالرحمن ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جا منٽ پاڻ لکي اوهان جي ڏيڪارڻ ۽ منظوريءَ ڪانسواءِ ڪليڪٽر کي ڏئي آيو آهي. مسٽر طيب علي ۽ شيخ عبدالمجيد چون ٿا تہ ڪليڪٽر جي خط جو اوهان کي انتظار نہ ڪرڻ گهرجي. آئنده خط مون کي گهرَ جي ائڊريس تي موڪليندا. آفيس جا خط چيف آفيسر گم ڪري ٿو".

١١- فيبروري ١٩٣٠ع- سن.

مسٽر گبسن ڪليڪٽر ڪراچي سندس مرضيءَ جي خلاف مسٽر گزدر محمد هاشم کي بورد جي انجنير مقرر ڪرڻ تي ناراض ٿي ليٽر موڪليو تہ مسٽر گزدر کي نوڪري ۾ نہ هلايو وڃي ۽ سندس چوڻ تي سٽي ڊيپوٽي ڪليڪٽر مسٽر جڊ ميمبر لوڪلبورڊ ٺهراءُ موڪليو تہ مسٽر گزدر جي مقرري رد ڪجي.

١٩- فيبروري ١٩٣٠ع- سن.

سيد ميران محمد شاهه بمبئي ويندي جهاز مان پوربندر وٽان لنگهندي، هڪ ادبي خط لکيو. جنهن ۾ شاهه لطيف جا بيت ڏنا اٿس.

٢٤- فيبروري ١٩٣٠ع- سن.

مسٽر محمد هاشم گزدر خط لکي ٿو "تہ سندس مقرري خلاف ڪليڪٽر خط لکيو آهي ۽ مسٽر جڊسٽي ڊيپوٽي ڪلڪيٽر ٺهراءُ موڪليو آهي. اهي خط بورڊ جي ايجنڊ اتي رکڻ گهرجن. چيف آفيسر کي لکڻ گهرجيو تہ ڪليڪٽر ڪراچيءَ سان سڌو لکپڙهہ نہ ڪري. اوهان ڪراچيءَ مارچ جي اوائل ۾ ايندا يا نہ؟"

٢٦- فيبروري ١٩٣٠ع- سن.

سيد ميران محمد شاهه بمبئي مان خط لکي ٿو تہ "ڪليڪٽر ڪراچيءَ مسٽر گزدر جي مقرري سبب ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ کي بمبئي سرڪار کان رستن جي مرامت لاءِ ملندڙ گرانٽ بند ڪئي هئي. ان تي

مون ڪائونسل ۾ زوردار تقرير ڪئي آهي. وزير لوڪل سيلف گورنمينٽ وعدو ڪيو آهي ته هو تار ڪري گرانٽ ڏياريندو.

مسٽر گزدر جي منظوريءَ لاءِ لکپڙهه هلندڙ آهي."

٢٧- فيبروري ١٩٣٠ع- سن.

مسٽر محمد هاشم گزدر لکي ٿو ته "هُن خانبهادر نور نبي ٺٽه جي ڊيپوٽي ڪليڪٽر سان ڳالهايو آهي. هن جو چوڻ آهي ته ڪليڪٽر مسٽر گبسن ڪين حڪم ڏنا آهن ته سندس (مسٽر گزدر جي) مقرر رد ڪرائڻ لاءِ ميمبرن تي زوربار آڻين".

سرڪاري ميمبر ۽ ٿاڦيل ميمبر ائين ڪليڪٽر جي مخالفت ڪري مخالف ٿي ويندا. پر معلوم ٿيو آهي ته حاجي عبدالرحيم شاهه به ان ميٽنگ ۾ نه ايندو.

جي خود اهوئي ڪمزوري آهي ته پوءِ ته استعيفا ڏئي وڃان هليو. اوهان ڪيس لکو"

٢٨- فيبروري ١٩٣٠ع- سن.

محمد هاشم گزدر لکي ٿو ته "حاتم علوي سرمانتيگو ويب کي ملي سموري حقيقت ڪئي آهي جو اوهان سان ملڻ گهري ٿو.

حاتم ۽ مولوي صادق گڏجي حاجي عبدالرحيم شاهه کي مضبوط ڪرڻ وڃن ٿا.

مون اوهان جو حڪم دل تي رکيو آهي "ته باوجود قاضي عبدالرحمن جي شرارت ۽ مخالفت جي، سوشل تعلقات تهذيب جي دائري ۾ رکندو اچان"

شيخ عبدالمجيد ذرا ٿڌو ڏسجي ٿو. قاضي عبدالرحمن جو مٿس اثر آهي تنهن ڪري گهڻي دلچسپي نٿو وٺي.

١- مارچ ٩٣ اع- سن.

محمد هاشم گزدر لکي ٿو "ته ميران محمد شاهه بجيٽ جي موقع تي ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر ۽ سندس پرسنل اسٽنٽ خلاف ڏاڍا چوهه چنبڙيا آهن. اها تقرير اخبارن کي ڏيئي آيو آهيان."

٦- مارچ ١٩٣٠ع- ڪراچي- ابراهيم حيدري.

مسٽر جيٺمل پرسرام، حاتم علوي، هاسي مل ميرچنداڻي، قاضي عبدالخالق ۽ مسٽر دستور سان گڏجي، ابراهيم حيدريءَ وياسون. اتي

ميربحرن کان واقف ٿي. شام جو موٽي ڪراچيءَ آياسون.

١٠- مارچ ١٩٣٠ع- سنڌ

ٽيمپرنس ۽ بنيوولسنس فري ميسن لاج ۾ ماسٽر ميسن جي ڊگري ورتم.

١٥- مارچ ١٩٣٠ع- سن.

سن ۾ منهنجي زمين جي ڪم هلائيندڙ محمد پريل ولد محمد ابراهيم خاصخيلي شام جو دل ٽتڻ ڪري وفات ڪئي. هي سندس مائٽن وانگر اسان جو خانداني خدمتگارهو. هي اول ۾ منهنجي والد وٽ نوڪريءَ ۾ هو ان جي شهادت کان آخر دم تائين منهنجي ڪم ڪار ۾ هو. آءٌ ٻاهر رهندو هوس تہ ڪم جي سنڀال ڪندو هو. ان جا ٻہ پٽ هر هڪ محمد آچر ۽ محمد ابراهيم بہ اسان جي ڪم ۾ آهن. اهڙائي سچا آهن.

اڄ ڪلهہ سيڪو سک جو ساٿي آهي هي تہ ڏک سک ۾ سات ڏيندا اچن ٿا.

(نوٽ)

محمد آچر ٢٨- ڊسمبر ١٩٦٢ع تي دادوُ ۾ اسان جي ڪم سان وچڻ مهل وفات ڪري ويو.

١٨- مارچ ١٩٣٠ع- ڪراچي.

ڊاڪٽر تاراچند لعلواڻي، سوامي گووند آنند، مهراج لوڪرام شرما، وشنو شرما، پروفيسر هاسارام پمناڻي جي ڪوشش سان ڪراچيءَ مان هڪ نوجوان سڀا جي ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي. ان جي صدارت لاءِ ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو کي گهرايو ويو. ان جو عاليشان سرگس ڪڍيو ويو. شام جو خالقڏني هال ۾ ميٽنگ ٿي ان ۾ ڊاڪٽر ڪچلوُ کان پوءِ ڪيترن ئي تقريرون ڪيون مون کي ۽ مسٽر جيٺمل پرسرام کي بہ تقرير لاءِ سڏيو ويو.

مسٽر جيٺمل ان ڪانفرنس اڳيان سکر براج جي زمين کي بي زمين هارين ۾ سهوليت وارين قسطن تي ڏيڻ جو ٺهراءُ پيش ڪيو. ان رٿ کي مون ٽيڪو ڏنو.

ساڳي ڏينهن شام جو ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلوُ کي سندس ساٿين سميت پنهنجي بنگلي تي دعوت تي گهرايم.

٢٠- مارچ ١٩٣٠ع- ڪراچي.

وڏيري محمد عثمان سومري خط لکيو تہ ”خانبهادر نور نبي ٺٽي

جو ڊپٽي ڪليڪٽر ڪيس شاهنواز شاهه ۽ مصري خان کي گهرائي گزدر جي خلاف ووٽ ڏيڻ لاءِ زور رکيو آهي“

خانبهادر عظيم خان ڊپٽي رجسٽرار ڪواپريٽو سوسائٽيز لکي ٿو تہ:

”اوهان جو خط سنڌ سينٽرل ڪواپريٽو بئنڪ لاءِ ساري سنڌ مان مکيہ ماڻهن کي چونڊي بورڊ تي ڪٽڻ بابت پهتو. آءٌ اوهان سان شامل راءِ آهيان، ليڪن اها ڦير ڦار آهستہ آهستہ ڪري آڻي پوندي نہ تہ دانهن ٿي پوندي.

وري لکي ٿو تہ اوهان جي مرضي آهي تہ پلي مسٽر دستور کي پهرين اپريل کان بئنڪ جي مئنيجري جي چارج وٺارايو. پوءِ سينٽرل بئنڪ جي آفيس، جمشيد جي آفيس کان جدا ڪري وڏيڪ صلاح مصلحت ڪئي ويندي. مسٽر جمشيد ميونسپالٽي ڇڏي ٿو پوءِ اميد تہ سمورو توجهہ ڪرآپريٽو تحريڪ طرف ڏيندو“.

۲۴- مارچ ۱۹۳۰ع- ڪراچي.

اج ڪراچي ميونسپل جي نين چونڊن ۾ بيهندڙ اميدوارن جي درميان صلح ڪرائڻ خاطر ڪراچي ائڪيڊمي هاءِ اسڪول ۾ هڪ عام جلسو خانصاحب بابو فضل الاهيءَ جي صدارت هيٺ ڪئو ٿيو. ان ۾ ڪيترن صاحبن چونڊن لڙي، خرچ ڪرڻ جي عيوض باهمي سمجهوتي سان اميدوار بيهارڻ تي زور ڏنو. آخر ۾ انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ هيٺين ميمبرن تي مشتمل هڪ امين بورڊ مقرر ڪيو ويو.

۱- خانصاحب بابو فضل الاهي
۲- = عاليجاهہ عليڏنہ علي محمد خواجہ
۳- مسٽر نبي بخش محمد پناه
۴- حڪيم مولوي فتح محمد سيوهاڻي
۵- مولوي محمد صديق صاحب - ڪڏه
٦- سيد غلام مرتضيٰ شاه (آءٌ)
۷- قاضي عبدالرحمن

انهن ميمبرن کي پنهنجو چيرمن ۽ سيڪريٽري چونڊڻو هو

۲۹- مارچ ۱۹۳۰ع- ڪراچي.

۱۱- بجي صبح جو ڪليڪٽر جي ڪچهري هال ۾ ڊسٽرڪٽ

لوڪلبورڊ ڪراچيءَ :- سماهي ميٽنگ گذ ٿي. ان ۾ هڪ رٿ مسٽر جڌ سٽي ڊيپوٽي ڪليڪٽر ڪراچي طرفان اڳيئي ايجنڊا تي هئي ته ”مسٽر محمد هاشم گزدر کي لوڪلبورڊ جي انجنير مقرر ڪرڻ وارو ٺهراءُ (جو ٦ جنوري تي پاس ٿيو هو) رد ڪيو وڃي“

اهو ٺهراء بي قاعدي محسوس ڪندي چاڪاڻ ته لوڪلبورڊ جو پاس ڪيل ٺهراءُ ٽن مهينن کان اڳ، خاص ان ڪم لاءِ سڏايل ميٽنگ ۾ ٢ ڀاڱي ٣ حصه ميمبرن جي ووٽن ڪانسواءِ رد ٿي نه ٿي سگهيو. آفيشل گروه طرفان ٻيا ٺهراءَ به پيش ڪيا ويا.

ڊيپوٽي ڪليڪٽر ميمبرن کي ڀڪرين وانگر گڏي اچي سندن پر ۾ وهاريو هو. هنن جا منهن لٿل هئا. چاڪاڻ ته اهي ساڳئي ميمبر هئا جن مسٽر گزدر کي ووٽ ڏيئي چونڊيو هو. پر هاڻ آفيسرن جي دٻاءَ ڪري مجبور ٿي اچي. مخالف ووٽ ڏيڻ لاءِ ويٺا هئا. ڪليڪٽر گورنمينٽ بمبئيءَ جو اڳي ڪڍيل سرڪيولر ميمبرن کي موڪليو هو ته ”مسٽر گزدر کي سرڪاري نوڪري ۾ نه رکڻ ۾ اچي“.

جيتوڻيڪ هي نوڪري سرڪاري نه هئي پر هن ميمبرن تي رعب وهارڻ لاءِ ائين ڪيو هو.

جمله ست رٿون مون کي ڏنيون ويئون. ان ۾ هڪ اها هئي ته مسٽر گزدر کي ساڳي طرح نوڪريءَ ۾ قائم رکيو وڃي. ٻي اها هئي ته ان کي سسپينڊ ڪري بمبئي سرڪار کان منظوري وٺي پوءِ رکجي. باقي سڀ رٿون ٿوري تفاوت سان هڪ جهڙيون مسٽر گزدر کي نوڪري مان ڪڍڻ بابت هيون. مون انهن سڀني تجويزن مان مسٽر جڌ واري اڳي موڪليل تجويز کي اصل رٿ ٺهرائي، ٻين کي ترميمون ڪري هڪ ٻئي جي پويان رکيو.

آخري ترميم سندس رکڻ جي هئي. ان کي ٻندس سسپينڊ ڪرڻ واري رٿ جي سامهون رکي ووٽ ورتم. سندس رکڻ جي فائدي واري رٿ جي فائدي ۾ صرف ٽي ووٽ ويا. باقي سڀ سسپينڊ ڪرڻ جي فائدي ۾ ويا. آفيسرن کي اها اميد هئي ته اها ترميم پاس ٿيڻ بعد وري ٻين ترميمن جي مقابله ۾ ڪنئي ويندي پر سندن اميدن جي خلاف مون باقي سڀ رٿون خلاف قاعدي ٺهرائيندي رد ڪري ڇڏيون. جنهن تي هو سخت ناراض ٿيا. ڪليڪٽر کي سندس حڪم موجب شام جو ڪارروائي جي ڪاپي موڪلي ڏيئي. وڌيڪ مفصل احوال ٽي باب ۾ ڏنل آهي

۱- اپريل ۱۹۳۰ع- ڪراچي.

مسٽر ڊنشا دستور کي نيٽ سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جو جنرل مئنيجر ڪري چارج ڏياري ويئي. جنهن ۾ ڪيتريون رنڊڪون پيئون.

۵- اپريل ۱۹۳۰ع- ڪراچي.

عيدگاه ميدان تي عام جلسي جي سامهون ڪراچي ميونسپل چونڊ لاءِ مقرر ڪيل امين بورڊ سندن چونڊيل نالن جو اظهار ڪيو. اڪثر اميدوارن اهو فيصلو قبول نہ ڪيو. انهن ۾ پہ مکيہ ڌريون هيون. هڪ سيٺ عبدالله هارون جي ٻي شيخ عبدالمجيد جي. ٻنهي صلح ٽوڙڻ جو الزا ٻيءَ ڌر تي رکيو. مسلمانن جي ۱۵- جڳهين لاءِ ۱۵- اميدوار بيهي رهيا.

۸- اپريل ۱۹۳۰ع تي ميونسپل جي اميدوارن نامينيشن پيپر پريا.

۱۲- اپريل ۱۹۳۰ع تي ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، نارائڻداس ملڪاڻي، ڊاڪٽر تاراچند لعلواڻي، سوامي ڪرشنا نند، وشنو شرما، مني لال وياس، سوامي گووند آنند سول نافرماني جي سلسلي ۾گرفتار ٿيا.

گرفتارين تي احتجاج ڪرڻ لاءِ هزارها ماڻهو سرڪس ناهي شهر ۾ گهمي رهيا هئا تہ پوليس طرفان انهن تي لٺيبازي ڪئي ويئي ۽ گولي هلائي ويئي. جنهن ڪري مسٽر جيرامداس دولترام زخمي ٿيو. مسٽر ٿامس ڪمشنر سنڌ ڪيس اسپتال ۾ڏسڻ ويو. ۽ افسوس جو اظهار ڪيائين.

۱۷- اپريل ۱۹۳۰ع- سن.

ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ۾ مسٽر گزدر کي انجنير ڪري رکڻ لاءِ بمبئي سرڪار کي پاس ٿيل ٺهراءَ موجب منظوري لاءِ ڪاغذ موڪليو.

۲۳- اپريل ۱۹۳۰ع- سن.

مسٽر حاتم علويءَ خط لکيو تہ "مسٽر جمشيد مسٽر ٿامس ڪمشنر سنڌ کي مليو تہ هميشه جي دستور مطابق هن دفعي بہ ڪراچيءَ ميونسپالٽيءَ تي پريزيڊنٽ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ کي ايڪس آفيشو ميمبر ڪري رکڻ ۾ اچي پر هن انڪار ڪيو".

وري لکي ٿو تہ "سکر براج جي زمين سک ۽ هندو ڪٺي ويندا. سنڌ جي مسلمانن کي سنڊيڪيٽ ناهي ڪٺڻ گهرجي اهو ڪم تون هٿ ۾ ڪڻ. هي ي ڊزن ڪمن جا هٿن ۾ ڪنيا اٿئي، سي ٻي فائدا آهن"

۲۵- اپريل ۱۹۳۰ع- سن.

مسٽر منگهارام ٿهلراماڻي لکي ٿو تہ: ”انسان جو بدن خدا جو گهر آهي. ان جي پاڪيزگي ۽ صحت مذهبي فرض آهي. بدن کان جيترو ڪم وٺجي، اوتري سنڀال بہ ڪجي، تون پنهنجي تندرستيءَ جو خيال رکندو ڪر.

سٺن جذبات جو هئڻ ضروري آهي. ليڪن انهن تي قبضو رکڻ بہ لازمي ڳالهہ آهي. گهڻا ڪم هٿ ۾ کڻڻ وڏي جوابداري آهي. مهرباني ڪري وعدو ڪري ڇڏ تہ آئنده ڪوبہ ڪم جذبي هيٺ اچي تڪڙ ۾ ڪونہ ڪندين. هر ڳالهہ لاءِ هفتو ترسي پوءِ قدم کڻندين. ڪيس نواب شاه ۾ پٽ ڇائو هو. سندس نالو لال رکيو اٿس.“

۳٦- اپريل ۱۹۳۰ع- سن.

مسٽر حاتم علوي خط لکي ٿو تہ ”سيٺ حاجي عبدالله هارون ۴- مئي تي سکر ۾ مسٽر جناح ۽ سر محمد شفيع کي دعوت ڏني آهي. جتي سکر براج ۽ گول ميز ڪانفرنس بابت غور ڪندا. سنڌ محمدن اسوسيشن جي ميٽنگ بہ اتي رکيل آهي تون ان ۾ ضرور وڃج“

۳۹- اپريل ۱۹۳۰ع- سن.

خانبهادر کهڙو خط لکي ٿو تہ ”سيف حاجي عبدالله هارون مسٽر جناح ۽ سر محمد شفيع کي ۴- مئي تي سکر ۾ دعوت ڏني آهي ۽ سنڌ محمدن ائسوسيشن جي ميٽنگ بہ آهي. ان ۾ ضرور اچج. پاڻ ۱۳-۱۴ مئي جي ڪراچيءَ اچي مون وٽ رهندو.

۵- کان ۲۰ مئي ۱۹۳۰ع- ڪراچي.

ڪراچي ميونسپالٽي جي چونڊ ٿي. حاتم علوي جي مدد ڪئي ويئي.

۱۴- ۱۵ مئي ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي سٽنڊنگ ڪميٽيءَ جون ميٽنگون سٽاف جي شيڊيول پاس ڪرڻ لاءِ منعقد ٿيون. سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جي بورڊ جي ميٽنگ هئي. کهڙو صاحب ۽ ميران محمد شاه مون وٽ رهيا. سنڌ جي جدائي لاءِ صلاح مشورا ٿيا.

۱۸- مئي ۱۹۳۰ع- ڪراچي.

اڄ منهنجي بنگلي منگهي پير روڊ واري تي ڪراچيءَ جي مکيہ ماڻهن جي تڪڙي ميٽنگ گڏ ٿي. جنهن جوصبوح موٽر رستي اطلاع ڏنل

هو. هيٺيان صاحب گڏ ٿيا:
۱- سيٺ حاجي عبدالله هارون ۲- خانبهادر محمد ايوب کهڙو ۳- سيٺ طيب علي علوي ۴- ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو ۵- سيد ميران محمد شاه ٦- بابا مير محمد بلوچ ۸- سيٺ حسين ڀائي بندوق والا ۸- مولوي عبدالخالق مورائي ۹- مولوي محمد عثمان بروهي ۱۰- مولوي نور الحق ۱۱- سيد شاهنواز شاه ۱۲- قاضي عبدالرحمٰن ۱۳- سيد علي محمد شاه راشدي ۱۴- شيخ عبدالحق ائڊمنسٽريٽو آفيسر لوڪلبورڊ سڪولس ۱۵- مسٽر حاتم طيب جي ۱٦- واجا فقير محمد درا خان ۱۷- مسٽر حاتم علوي ۱۸- خانصاحب الهہ بخش خان گبول ۱۹- محمد هاشم گزدر ۲۰- غازي محمود پاشا ۲۱- جي . ايم . سيد.

سنڌ جي جدائي. انگريزي اخبار جي ڪيڻ ۾ مسلمانن جي ٻين سياسي مسئلن تي گفتگو ٿي.

هڪ وفد مقرر ٿيو جنهن جناح صاحب کي ڪلفٽن تي پرنسپال شهاڻين جي بنگلي تي ملي سنڌ جي جدائيءَ لاءِ عرض ڪيو.

جناح صاحب شام جو پير صاحب پاڳاري جي ڪيس جي سلسلہ جي سکر ڏانهن روانو ٿي ويو. مون واري بنگلي جي ميٽنگ ۾ ۲۸- ۲۹ جون تي ڪراچيءَ ۾ سنڌ مسلم پولٽيڪل ڪانفرنس سڏائڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

(نوٽ)

جا سرشاهنواز ڀٽي طرفان مخالفت ڪري گڏ ٿي نہ سگهي.

۱۹- مئي ۱۹۳۰ع- ڪراچي.

سرشاهنواز خان ڀٽو لکي ٿو "تہ ۱۴- مئي تي ڪراچيءَ ۾ ميٽنگ لاءِ اچڻ جو خط ڀوٽ رهڻ ڪري دير سان پهتو. اوهان لاڙڪاڻي جي بجاءِ ڀوٽ خط لکندا ڪريو. تنهن ڪري اچي نہ سگهيس".

وري ساڳي تاريخ ٻيو خط لکي ٿو "تہ حيدرآباد ۾ رئيس جان محمد خان پرڳڙيءَ جي بنگلي تي ۳۱ تاريخ سنڌ جي سياسي مسئلن تي غور ڪرڻ لاءِ ميٽنگ سڏايل آهي ان ۾ ايندا".

۲۰- مئي ۱۹۳۰ع- گشت

خانبهادر محمد ايوب کهڙو لکي ٿو تہ "۲۸- ۲۹- ۳۰ ڪراچي اچو تہ صلاح مصلحت ڪجي. سرشاهنوا خان ڀٽو ڪراچيءَ ۾ ڪانفرنس ڪرڻ جي خلاف آهي. هن کي ڊپ آهي تہ گرم ڏر سياسي خيال وارا ان تي

قبضو ڪري ويندا. ممڪن آهي گول ميز ڪانفرنس جي بائڪاٽ ڪرڻ جو نهراء پاس ڪن. گول ميز ڪانفرنس ۾ نہ وڃڻ ڪري سنڌ جي سوال کي نقصان پهچندو. وغيره".

١٩- مئي کان ٢٧ مئي ١٩٣٠ع تائين.

مسٽر چيتمل پرسرام، هاسي مل ميرچنداڻي، قاضي عبدالخالق سان گڏ ڪراچي ضلع جو گشت ڪيو ويو. جنهن جو مختصر احوال ٿئي باب ۾ ڏنل آهي تفصيلوار احوال ڊائري جي نوٽن واري ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

٧- جون ١٩٣٠ع- سن.

ڪراچي ميونسپل سڪولبورڊ جي ميمبرن جي چونڊ ٿي. ان ۾ مسز طيب جي کي ٢٣ ووٽ مليا. مس چيني سپاهيملاڻي کي ٢٦- ووٽ مليا جنهن ڪنيو- اهڙو اطلاح خط ۾ مليو.

٧- ٨-٩ جون ١٩٣٠ع- سن.

مسٽر هاسي مل ميرچنداڻي لکيو تہ "متين تاريخن تي حيدرآباد ۾ سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ڪانفرنس ٿيڻي آهي. جنهن جا سيڪريٽري وشن جڳتياڻي، ملڪاڻي هئا. ان ۾ مسٽر چيتمل پرسرام، مسٽر جيرامداس دولترام، پرنسپال گوڪلي وغيره ايندا اوهان ايندا".

(نوٽ)

پرڪن ضروري ڪمن ڪري وڃي نہ سگهيس.

١٠ جون کان ٣٠ جون ١٩٣٠ع.

قاضي عبدالرحمن چيف آفيسر ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪليڪٽر ڪراچيءَ جي اشاري تي اسان جي مئي مهيني واري ڪيل گشت ڳوٺ سڌار هلچل جي مخالفت ڪرڻ لاءِ ضلع ڪراچيءَ جي گشت تي ويو. مون کان اجازت کانہ ورتائين. ان گشت ۾ ڊيپوٽي ڪليڪٽرن ۾ مختيار ڪارن ماڻهو گڏ ڪيا ۽ ميٽنگن ۾ هن ڪانگريس جي مخالفت ۽ انگريزن جي تعريف ڪئي.

انهي طرح هن عملدارن تي ذهن نشين ڪيو تہ اسان سرڪار جا دشمن ۽ هو هنن جو وفادار هو.

انهيءَ گشت جي ڪارروائي ڊيلي گزيٽ اخبار ۾ وڏين سرخين سان ڇپي. قومي ڪارڪنن ۾ سخت ناراضگي پيدا ٿي.

مولوي فتح محمد سيوهاڻي هڪ ڪليل خط اخبارن ۾ موڪليو. جو

ٿئي باب ۾ ڏنل آهي.

٣٠- جون ١٩٣٠ع- ڪراچي

سنڌ محمدن اسوسيشن جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ وڃڻ جو نوٽيس پهتو. جنهن ۾ سنڌ طرفان گول ميز ڪانفرنس ۾ سنڌ جي مسلمانن طرفان عيوضي چونڊڻ تي غور ٿيو.

٢١ جون ١٩٣٠ع- ڪراچي.

سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جي ١١- ساليانه جنرل ميٽنگ ٿي. جنهن ۾ هيٺيان ڊائريڪٽر چونڊيا

١- مسٽر جمشيد ميهتا ٢- درگداس آڏواڻي ٣- ڪنولسنگ ٤- مسٽر حاتم علوي ٥- مسٽر روچيرام . حصيدارن طرفان

سوسائٽين طرفان -١- جي. ايم. سيد ٢- وڏيرو الهڏنه ميمڻ ٣- سيد ميران محمد شاه ٤- راءِ بهادر پريتمداس

١- خانبهادر کهڙو زميندار بئنڪ طرفان- خانبهادر ڪلٽرڪ سرڪار طرفان

٢٦- جون ١٩٣٠ع- سن.

سيد حاجي عبدالرحيم شاه مون کي خط موڪليو "ته اوهان مدرسه هاشميه جي سڌارڻ لاءِ جي تجويزون موڪليون هيون. اهي مهر علي شاه وٽائي ڇڏيون آهن. تنهن ڪري هو ميٽنگ نٿو سڏائي "مهر علي شاه جو خط جنسي مون کي موڪليائين.

٢٧- جون ١٩٣٠ع- ڪراچي.

سرشاهنواز خان ڀٽو مون کي خط لکي ٿو ته "ڪراچيءَ ۾ سياسي ڪانفرنس سنڌ جي جدائيءَ لاءِ سڏائڻ نيڪ نه آهي. گرم ڌر کي موقعو ملندو ان تي قبضي ڪرڻ جو.

سنڌ طرفان گول ميز ڪانفرنس تي ڪير عيوضي چونڊجي ان ۾ عوام جو کهڙو واسطو؟

وائسراءِ هند پاڻهي سنڌ طرفان عيوضي چونڊي موڪليندو.

٢٩- جون ١٩٣٠ع- ڪراچي.

حاتم آءُ صبح جو ڪلفٽن تي الهه آباد واري رادها سوامي مهنت جو ليڪچر ٻڌڻ ويا ..ون.

ان ڏينهن سنڌ مدرسہ بورڊ جي ميٽنگ ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽہ کي سنڌ مدرسہ جو پرنسپال چونڊيو ويو.

۲- جولائي ۱۹۳۰ع- ڪراچي.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ منهنجي صدارت هيٺ ڪٺي ٿي جنهن ۾ ڪيترا اهم ٺهراء پاس ٿيا.

٦- جولائي ۱۹۳۰ع- ڪراچي.

ٿياسافيڪل سوسائٽي جي دوستن سان گڏ بند مراد خان تفريح طبعي ۽ روح رهاڻ لاءِ وياسون. جيٺمل پرسرام، منگھارام ٿهليراماڻي، جهمٽ مل ٿڌاڻي، ريجهو مل آڏواڻي، ۽ ٻيا زالون مرد هئا.

۱۱- جولائي کان ۱۴ جولائي ۱۹۳۰ع- ميرپور خاص.

صبح جو موٽر ذريعي ڪراچيءَ مان نڪري ميرپور خاص پهتاسون. اسان جي ڪراچيءَ مان آيل قافلي جا مکيہ ماڻهو هيٺيان هئا:

۱- مسٽر جمشيد نسروانجي ميهتا ۲- شيخ عبدالمجيد سنڌي ۳- پرنسپال گوڪلي انجنيرنگ ڪاليج

۴- مسٽر جيٺمل پرسرام ۵- لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي ٦- مسٽر عبدالقادر بلوچ (ڪامريڊ)

(۷) مسٽر ڊنگومل ٿڌاڻي ۸- آءٌ.

ڪانفرنس جو وقتي صدر مسٽر جمشيد کي چونڊيو ويو ۽ مرحبا ڪميٽيءَ جي چيرمين جا فرائض مون کي سونپيا ويا.

۱۲- تاريخ صبوح جو ميونسپل مسافرخانہ ۾ ڪانفرنس گڏ ٿي. ان ۾ باقي رهيل حضرات جي اچڻ تائين مرحبا ڪميٽيءَ جي ميمبرن ۽ هاري ڪميٽيءَ جي عيوضين، ڪانفرنس ۾ پيش ڪرڻ لاءِ ٺهراون تي غور ڪيو ويو.

شام جو ٻاهران آيل صاحبن ملڪ جي مختلف مسئلن تي تقريرون ڪيون. جن ۾ خاص مضمون هارين جي حقن، بالغن جي تعليم، ڳوٺاڻن هنرن کي زور وٺائڻ، ڪواپريٽو تحريڪ مان فائده وٺڻ جا هئا. پرنسپال گوڪلي رات جو ميجڪ لينٽرن ڏيکاري تقرير ڪئي .

۱۳- تاريخ ۸ بجي صبوح جو آيل مهمان فروٽ فارم ڏسڻ ويا جتان واپس موٽڻ تي ۱۱ بجي ڪانفرنس جي ڪليل اجلاس ۾ شريڪ ٿيا.

پهرين مون مرحبا ڪميٽيءَ طرفان ٻاهران آيل مهمانن، هاري عيوضين جي، مرحبا ڪندي شڪر ادائي ڪئي. پوءِ هاري جماعت قائم ڪرڻ جي فائدن ۽ ان جي مقاصد جي تشريح ڪئي. بعد ۾ مسٽر جمشيد پنهنجو خطبه صدارتي پڙهيو.

پوءِ سبجيڪٽس ڪميٽي ٺاهي ڪانفرنس اڳيان پيش ٿيل ٺهراءُ غور ڪرڻ لاءِ ان جي سپرد ڪيا ويا.

ٻه بجي کان ۵ بجي تائين سبجيڪٽس ڪميٽي جي ميٽنگ ٿي. شام جو ٦ بجي کليل ڪانفرنس جو اجلاس ڳڍ ٿيو

ان ڪانفرنس ۾ سنڌ هاري ڪميٽي قائم ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ٿيو.
ان جا هڪ سال لاءِ هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا.

١- پرنسپال گوڪلي پريزيڊنٽ
٢- مسٽر چينمل پرسرام جنرل سيڪريٽري
٣- شيخ عبدالمجيد ۽ مون کي جائنٽ سيڪرٽري چونڊيو ويو.

هڪ ورڪنگ ڪميٽي عهديدارن ۽ ٻين ورڪرن تي مشتمل چونڊي ويئي

ان ڪانفرنس ۾ ٻيا هيٺيان ٺهراءُ پاس ٿيا.

١- بمبئي سرڪار کي هن ٺهراءُ ذريعي عرض ٿو ڪجي ته سکر براج هيٺ آيل جملہ سرڪاري زمين کي مڪاني هارين کي سستي مالڪاڻي ۽ سهوليت وارن قسطن تي ڏنو وڃي. ان لاءِ هارين کان درخواستون گهرائي سرڪار تائين پهچايون وڃن.

٢- بمبئي سرڪار کي عرض ٿو ڪجي ته زميندارن جي قبضي وارين زمينن تي، هارين جي حقن محفوظ رکڻ واسطي ٽينسي ائڪٽ پاس ڪيو وڃي

٣- آينده ســـذارن جي وقت، ٻي زمين هارين کي ووٽ جو حق ڏنو وڃي

۴- سرڪار طرفان ڳوٺن ۾ زوري ۽ مفت تعليم جاري ڪئي وڃي ۽ بالغن جي تعليم لاءِ ٻه بندوبست ڪرڻ ۾ اچي

۵- هارين کي ڪواپريٽو سوسائٽين مان قرض ملڻ لاءِ ڪوآپريٽو ائڪٽ ۾ رولن ۾ درستي ڪئي وڃي

٦- سنڌ لاءِ مارگيج بئنڪ قائم ڪئي وڃي.

٧- سنڌ هاري جماعت جو هيڊ ڪوارٽر ڪراچيءَ ۾ ڪجي.
ان جو دستورالعمل ٿاهي ٻي ساليانہ اجلاس ۾ بحال ڪرايو وڃي.
ميمبرسازيءَ جو ڪم جلد شروع ڪجي. ساري سنڌ ۾ ابتدائي هاري ڪميٽيون برپا ڪري ضلع ڪاميٽيون ٺاهجن.

انهي ڪانفرنس جو مڪاني طرح انتظام ميان فقير محمد مگرٽي ڪيو.

ازانسواءِ ٻين هيٺن مڪاني ماڻهن ان ڪانفرنس کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ڪوشش ورتي. مولوي عبدالله خان لغاري، حاجي خميسو خاصخيلي ۽ ٻيا.

٢١- جولاني ١٩٣٠ع- سن.

رئيس فقير بخش خان ڪاڇي خط ۾ لکيو تہ:

" ١- ڪائونسل آف اسٽيٽ لاءِ سردار واحد بخش خان ڀٽو اميدوار بيٺو آهي. ان کي مدد ڪريان

٢- سيد محمد ڪامل شاه ميران محمد شاه جي مخالفت ڪري ٿو. تنهن ڪري اوهان محمد ڪامل شاه جي مخالفت نہ ڪجو ڇاڪاڻ تہ هو اوهان جو هميشه مددگار رهيو آهي. ازانسواءِ وڏو باهمت ۽ مرد ماڻهو آهي.

ڪيس جواب موڪليم تہ سردار واحد بخش کي مدد ڪبي.
ميان محمد ڪامل شاه منهنجو سائين آهي انجي مدد ڪري رهيو آهيان. اوهان کي غلط اطلاع پهتو آهي"

٢٨- ٢٩- ٣٠ جولاني ١٩٣٠ع- ڪراچي.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي جنرل بورڊ جون ميٽنگون رولس ۽ با٠ لاز پاس ڪرڻ لاءِ ٿيون.

١٣- جولاني تي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ميٽنگ ۾ ڪيترا اهم ٺهراءَ پاس ڪيا ويا.

انهيءَ تاريخ سيد عبدالرحيم شاه خط موڪليو تہ:

" بارشن ۽ ٻين ڪمن ڪري لوڪلبورڊ جي ميٽنگن ۾ اچي ڪين سگهيو آهي، پير غلام حيدر شاه بلڙيءَ وارو بمبئي ڪائونسل جي چونڊڻ لاءِ مون کان مدد جو واعدو وٺي ويو آهي. اوهان سان دوستانہ تعلقات اٿس پر وري بہ مون تي بار رکيو اٿس تہ اوهان کي چوان. ميٽنگ جي ڪارروائي بابت مختصر احوال موڪليندا".

٥- اگسٽ ١٩٣٠ع- ڪراچي.

سيد حاجي عبدالرحيم شاه خط لکي ٿو تہ :

”تار پهتي ڏاڍو عجب ٿيو تہ اوهان صلاح ڪانسواءِ شيخ عبدالمجيد کي بمبئي ڪائونسل لاءِ اميدوار بيهاريو آهي. هت اسان ٻين سان پڪ ڪري ويٺا آهيون جنهن بابت منهنجو خط بہ پهتو هوندو“.

آءٌ تار تي يڪدم اچان ها پر مرحوم علي محمد شاه جي فرزند فتح محمد شاه جي شاديءَ ڪري اچي نٿو سگهان. وڌيڪ ”ناقص عقل موجب پنهنجي جي راءِ روبرو عرض رکندس“

(نوٽ)

ان جي باوجود بہ ڪيس ماڻهو موڪلي گهرايم. جتي چند دوستن جهڙوڪ مولوي صادق کڏي وارو، مولوي فتح محمد سيوهاڻي، بابا مير محمد بلوچ، سيٺ طيب علي علوي، محمد هاشم گزدر سان گڏ شاه صاحب کي منت ڪري شيخ عبدالمجيد جي مدد ڪرڻ لاءِ رضامند ڪيو ويو.

١٤- اگسٽ ١٩٣٠ع- سن.

سيد حاجي عبدالرحيم شاه خط لکي ٿو تہ ”سردار واحد بخش پڻ ڪائونسل آف اسٽيٽ جي ميمبريءَ لاءِ اميدوار بيهڻ کان هٿ کنيو آهي. کيس خانبهادر غلام محمد خان اسراڻ بمبئي ڪائونسل جي جاءِ ڀاڻ هٿ کڻي ڏني آهي. ان ڪري اوهان آنربل علي بخش کي مدد ڪندا“.

سارو مهينو اگسٽ- شيخ بدالمجيد، سيد ميران محمد شاه، چاچا محمد ڪامل شاه جي اليڪشن ۾ ڪم ڪرڻ ۾ صرف ڪيم. ان لاءِ ڪراچي ضلع جو گشت ڪيم جتي سيد شاه محمد شاه، درياه خان سوهي جهڙن ماڻهن جي بہ ملاقات تي جنهن جو ذڪر ٿي باب ۾ ڪري آيو آهيان. حيدرآباد ۾ ميران محمد شاه جي ڪم لاءِ متارين جي سيدن، ڀاٽوٽ، پٽ، سعدآباد، مخدومن وٽ هالن ۾ ويس. چاچا محمد ڪامل شاه لاءِ سيوهڻ. سڪرند تعلقہ گهمي پوءِ ميان شفي محمد شاه وٽ متالهہ تعلقہ سنجهوري ۾ ويس. جنهن سان گڏجي چام ڪانيو خان وٽ ويس.

سپٽمبر جا پهريان ڏهہ ڏينهن سمورو وقت چوندن جي ڪم ۾ مشغول هوس.

١٠- سپٽمبر ١٩٣٠ع- هال.

بمبئي ڪائونسل جي چوند هئي. ان تاريخ ميران محمد شاه جي

مدد لاءِ هالن ۾ مخدومن صاحبن وٽ هوس

سپٽمبر ۱۹۳۰ع- سيوهڻ.

ڇ ڇ محمد ڪامل شاه جي مدد لاءِ پهرين مانجهندن ۾ پنهنجو ووٽ ڏيئي،

پوءِ سيوهڻ ۾ ووٽ ڏيارڻ ويس.

۱۸- سپٽمبر ۱۹۳۰ع- سن.

مسٽر محمد هاشم گزدر انجنير ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي منظوريءَ جا ڪاغذ، بمبئي سرڪار ڪان پهتا. ڪيس ان تاريخ واپس چارج ڏياريم.

۲۱ سپٽمبر ۱۹۳۰ع- ڪراچي.

سيد حاجي عبدالرحيم شاه خط لکي ٿو تہ: شيخ ماجد جي عظيم ڪاميابيءَ جون لک لک مبارڪون هجنوَ. حقيقت ۾ اها ڪاميابي اوهان صاحبن جي ڪوشش جو نتيجو آهي. خدا صاحبَ جا بيشمار احسان آهن جنهن غريب طبقي کي فتح حاصل ڪرائي، هميشہ زمانہ سابق کان غريبن کان ٿي مدد حاصل ٿيندي آهي. وري فتح بہ اها جا خواب خيال ۾ نہ هئي. دوباره مسٽر گزدر جي ڪاميابي ۾ خدا صاحب جي فضل جي پالوٽ ٿي ويئي آهي.

(نوٽ)

(چاڪاڻ تہ ان ۾ ڪاموري ڪلاس جي شڪست هئي)

اسان کي شاڪر هئڻ گهرجي، اوهان ووٽن جي نتيجہ ظاهر ٿيڻ بعد تار نہ ڪئي ان جي ميار اٿو".

۲۲ سپٽمبر ۱۹۳۰ع- ڪراچي.

خانبهادر کهڙو خط لکي ٿو تہ "ڪيس هي ڳالهہ ٻڌي وڏي خوشي ٿي آهي تہ سيد ميران محمد شاه وڏي ميجارٽيءَ سان ڪامياب ٿيو آهي. وري چوي ٿو تہ اهو سڀ تنهن جي همت ۽ مدد ڪري ائين ٿيو آهي." هو ۲٦ تاريخ ڪراچيءَ اچي مون وٽ رهندو ڪيس گاڏي تي موٽر موڪليان".

۲۳- سپٽمبر ۱۹۳۰-ع ڪراچي.

خانبهادر عظيم خان ڊيپوٽي رجسٽرار ڪوآپريٽو سوسائٽيز خط لکي ٿو تہ:

"۱- سيد ميران محمد شاه ۲- شيخ عبدالمجيد ۳- مسٽر گزدر

جي ڪاميابيءَ تي مبارڪ هجيو.

اهو سڀ اوهانجي نيڪ نيتيءَ نتيجو آهي. آءٌ ٢٧ تاريخ ڪراچي پهچندس، ان تاريخ سينٽرل بئنڪ جي ميٽنگ آهي. احوال روبرو ڪبا.

خانبهادر کهڙو ۽ ميران محمد شاه به ايندا پر اوهان به ڪين لکي ڇڏيندا ته اچن"

ڪي ضروري ڳالهيون ڪرڻيون آهن. ٣٠ تاريخ ملير ڪواپريٽو سوسائٽيءَ جي ميٽنگ رکيل آهي،

انهي تاريخ تي شيخ محمد عثمان پير پنه واري خط موڪليو ته "سندس والد شيخ جلال الدين ١٢- ربيع الآخر ١٣٤٩ هه مطابق ٦ سپٽمبر ١٩٣٠ع تي وفات ڪري ويو".

٢٤ سپٽمبر ١٩٣٠ع- ڪراچي.

خانبهادر کهڙو خط لکي ٿو ته "اوهان جو خط پهتو. مونکي ازخود مسٽر جناح ۽ سرشاهنواز خان ڀٽي کي گول ميز ڪانفرنس تي وڃڻ مهل دعوت ڏيڻ جو شوق هو. مون اها دعوت بمبئي ڪائونسل جي مسلمان ميمبرن ۽ سنڌ محمدن ائسوسيشن طرفان ڏيڻ گهري ٿي. پر مونکي ڏاڍي خوشي ٿي آهي ته اوهان ۽ حاجي عبدالله هارون ان ڳالهه کي هٿ ۾ ڪنيو آهي. اها دعوت پهرين آڪٽوبر تي ٿيڻ گهرجي."

٢٨- سپٽمبر ١٩٣٠ع- ڪراچي.

سرشاهنوا خان ڀٽو لاڙڪاڻي مان خط لکي ٿو "ته اوهانجي ٣٠- تاريخ سپٽمبر ٥ بجه مسٽر جناح لاءِ سڏايل ميٽنگ ۾ آءٌ اچي ڪين سگهندس. پهرين آڪٽوبر تي ڪرچي ايندس."

٣٠ سپٽمبر ١٩٣٠ع- ڪراچي.

شام جو ٥ بجه مون مسٽر جناح کي چانهه تي گهرايو. جنهن دعوت تي علامه آءِ آءِ قاضي، مسٽر حاتم علوي، خانبهادر کهڙو، سيد ميران محمد شاه آيل هئا. هن سان سنڌ جي جدائي بابت ڳالهيون ڪيون ويئون هن ان ڪم ۾ مدد ڪرڻ جو وعدو ڪيو. ساڳي وقت چيائين ته سرشاهنواز ڀٽي کي نيڪ ڪجو متان هو انگريزن جي اشاري تي مخالفت نه ڪري جهڙيءَ طرح صوبه بمبئي طرفان سائمن ڪميشن کي مدد ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيل ڪميٽي تي ڪئي اٿس".

١- آڪٽوبر ١٩٣٠ع- ڪراچي.

٥ بجي شام جو سردار واحد بخش ڀٽي ڪي گانڌي گارڊن ۾ وڏي ڊام ڌوم سان ائٽ هوم ڏنو جنهن ۾ ٥٠٠ کن دعوتي آيل هئا. بئنڊ به گهرايل هو.

رات جو ٨بجي حاجي عبدالله هارون، خانبهادر کهڙي ۽ منهنجي طرفان مسٽر محمد علي جناح ۽ سرشاهنوا ڀٽي کي ڪارلٽن هوٽل ۾ ڊنر دعوت ڏني ويئي جتي ٥٠ کن چونڊ ماڻهو گهرايل هئا. "خانبهادر کهڙي ڪين سنڌ جي جدائي بابت عرض ڪيو"

٣ آڪٽوبر ١٩٣٠ع- ڪراچي.

سردار واحد بخش ڀٽي، خانبهادر الهه بخش، ميران محمد شاه جي سنگت ۾ طوائفن جو راڳ ٻڌو ويو.

٢٠- آڪٽوبر ١٩٣٠ع- سن.

مسٽر محمد هاشم گزدر لکي ٿو ته "ڪوٽڙي ڪراچي رستي جي سروي ڪرائي ڇڏي اٿس جلد پراجيڪٽ نهرائيندو. ڪوٽڙي کي ڪراچي ضلع کان علحده ڪرڻ جي سازش، عملدارن طرفان هلي رهي آهي ان جي سخت مخالفت ڪرڻ گهرجي"

(نوٽ)

آڪٽوبر کان لوڪلبورڊ ڪم کان موڪل وٺي ڳوٺ اچي رهيس. جو رمضان جو مهينو اچڻ وارو هو.

انٽي حاجي عبدالرحيم شاه ٢٧- آڪٽوبر ١٩٣٠ع تي خط لکيو ته:

"موڪل ورتي اٿو، عبادت ڪرڻ ٺيڪ آهي، پر اوهان جو ڪم ڪري رهيا آهيو سو به عبادت آهي.

پر ڀلي دل جو سرور حاصل ڪريو"

٣١ آڪٽوبر ١٩٣٠ع- سن.

شيخ عبدالمجيد صاحب خط لکي ٿو ته " اوهان مونکي چونڊائي وچي ڳوٺ وينا آهيو. ڪائونسل جي ڪم جو بوجو گهٽو آهي. پوليس جي رشوت خوري، سکر ۾ عملدارن جي ڏاڍائي وغيره ڪمن لاءِ اوهان سان صلاح مصلحت ڪرڻي آهي. جلد ڪرچيءَ اچو ته بهتر آهي"

٣ نومبر ١٩٣٠ع- سن.

ميران محمد شاه حيدراباد مان خط لکي ٿو ته "ڪيس وزارت ملڻ

جي اميد ختم ٿي ويئي"

١٧ نومبر ١٩٣٠ع- ڪراچي.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ۽ سينٽرل بئنڪ جون ميٽنگون ٿي چار ڏينهن هليون.

١٨- نومبر ڪراچي جي ڪليڪٽر مسٽر هوڊ کي ڪراچي ڪلب ۾ الوداعي ڊنر جي دعوت ڏنيم.

(نوٽ)

مسٽر گبسن جي روش ڪري آءٌ فيسرن سان تعلق ڪونہ رکندو هوس

پر مسٽر هوڊ سندس ايامڪاري ۾ نہ صرف چڱي نموني سان هليو پر مسٽر گزدر جي مقرر ڪرائڻ ۾ مدد ڪيائين ان ڪري هيءَ دعوت ڏنيم".

١٩- نومبر ١٩٣٠ع. ضلع ڪراچي زميندار اسوسيشن جي ميٽنگ سيد حاجي عبدالرحيم شاهہ جي صدارت هيٺ سندس بنگلہ تي ڪئي ٿي ان ۾ ڪيترا ٺهراء پاس ڪيا ويا، آءٌ جنرل سيڪرٽري هوس.

٢١- نومبر١٩٣٠ع- منهن جي بنگلي تي مسلمانن جي انگريزي اخبارڪڍڻ لاءِ صلاح مصلحت واسطي ميٽنگ ڪئي ٿي جنهن ۾ حاجي عبدالله هارون، علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

پرٿن لکن روپين جي ڪٺي ڪرڻ جي اميد نہ ڏسي اهو معاملو اتي ئي رهجي ويو، زميندارن طرفان ان ۾ مدد ملڻ جي اميد ڪانہ هئي.

٢٥- نومبر ١٩٣٠ع- ڪراچي.

بمبئي جو گورنر ڪراچي ۾ آيو. ان سان ملاقات ۾ سنڌ جي مسلمانن جي ضرورتن بابت هڪ ڊگهو عريضہ پيش ڪري، بحث ڪيو ويو. اهو عريضو علامہ قاضي صاحب جي مدد سان تيار ڪيل هو.

٢ ڊسمبر ١٩٣٠ع- سن.

سيد مهر علي شاهہ لکي ٿو تہ "سيد شاهنواز شاهہ بنسبت اوهان لکيو آهي تہ ڪيس معافي ڏيڻ گهرجي آينده هو. ميمبرن کي ناراض نہ ڪندو ۽ اڳوڻي غلط صحبت ڪان گوشہ ڪرڻ جو وعدو ڪري ٿو وغيره"

"اوهان اهو تصوير جو هڪ طرف پيش ڪيو آهي، پر سڀ ڪان

سندس تصوير جو بدنما طرف هي آهي تہ هو سندس بدافعالن ڪري هاڻ ڳتي پيو آهي، ماسترن کان وٺي بالا عملدارن تائين قرض کنيا اٿس، اهڙي ماڻهوءَ کي هن اعليٰ عهدا تي رکڻ ڪيتري قدر جائز ٿيندو. پوءِ سندس بد ڪمن جا مثال پيش ڪري لکي ٿو تہ اوهان چيو آهي تہ ڪيس موڪل تي وڃڻ جي اجازت ڏجي پر ان حالت ۾ مسٽر نارائڻداس وائيس چيرمين هندو کي چيرمن جي چارج ملندي. جنهن مان مسلمانن جي تعليم کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي، شاهنواز شاه کي استعيفا ڏيڻ گهرجي ورنہ تہ آءٌ بورڊ تان استعيفا ڏئي نڪري ويندس".

۲۰- ڊسمبر ۱۹۳۰ع- سن.

قاضي عبدالرحمٰن لکي ٿو تہ "اڄ مقبول شاه، امام بخش ڳاهو، محمد عثمان سومرو، سڪولبورڊ جي ميٽنگن لاءِ آيل هئا. هنن جو چوڻ آهي تہ لوڪلبورڊ جون ميٽنگون ۱۱- ۱۲-۱۴ جنوري ۱۹۳۱ع تي رکڻ گهرجن. حڪم موڪليو تہ ڪهڙيون تاريخون مقرر ڪجن.

سن جي درگاه جو ميلو ۲۴- ۲۵ ڊسمبر تي آهي جيتوڻيڪ دعوت ڪانہ موڪلي اٿو پر اچان ٿو. وري ٻي خط ۾ ساڳي تاريخ اطلاح ڏئي ٿو شاهنواز شاه تي سڪولبورڊ جي ميمبرن، بي اعتباريءَ جو ٺهراءُ پاس ڪري هن کان استيعفا گهري آهي"

۲۸- ڊسمبر ۱۹۳۰ع- سن.

قاضي عبدالرحمٰن لکي ٿو "تہ شيخ صاحب جي طبيعت خراب ٿي پيئي. ان ڪري سن جي ميلي تي نہ آيو. مير محمد بلوچ کي ڪاروبار ويڙهي ورتو آهي.

شيخ صاحب ۲۶- ڊسمبر ۱۹۳۰ع جو الهہ آباد آل انڊيا مسلم ليگ اجلاس لاءِ ويجي ٿو. اتان ۴ تاريخ جنوري دهلي لاهور کان ٿي موٽندو پوءِ جيڪب آباد ۾ خانبهادر الهہ بخش سومري جي سڏايل ميٽنگن لاءِ هلنداسون. جي ۷-۸-۹ جنوري ۱۹۳۱ع تي رکيل آهن".

۲۴-۲۵ ڊسمبر ۱۹۳۰ع- سن.

سن ۾ شاه حيدر عليہ رحمت جي درگاهہ جو ساليانہ ميلو ٿيو. ان ۾ هميشه وانگر محال مانجهند جي ادبي ءِ تنظيمي ڳالهين تي تقريرون ٿيون ءِ ٺهراءَ پاس ٿيا.

سال ١٩٣١ع

٣ جنوري ١٩٣١ع- سن.

چيف ڪنسرويٽر فاريٽس سنڌ مسٽر گلبرٽ سان سن جي منزل وقت ملاقات ڪري ضلع جي مالدارن جي اهنجن ايذاون بابت لکيل تجويزون پيش ڪيون ويئون. جن مان ڪيترين ڳالهين لاءِ بحث بعد، مالدارن جي فائدي جا فيصلا ڪيائين.

٧- جنوري ١٩٣١ع- جيڪب آباد.

خانبهادر الهه بخش سومرو سنڌ جي مسلم سياستدانن جي ميٽنگ گهوڙن جي نمائش جي موقعي تي گهرائي هئي. ان لاءِ آءٌ ۽ ميران محمد شاه جيڪب آباد وياسون. ٻيا عيوضي نه اچڻ ڪري ٻي ڏينهن لاءِ ميٽنگ ملتوي ٿي.

ان ڏينهن پوليس جون رانديون ۽ زراعتي نماءُ ڏٺو ويو.

٨- جنوري ١٩٣١ع- سنڌ جي مسلم سياستدانن جي ميٽنگ ٿي. جنهن ۾

ميران محمد شاه، شيخ عبدالمجيد، خانبهادر غلام نبي شاه، ميرزا فرخ بيگ، خانصاحب علي حسن هڪڙو ۽ ٻيا آيل هئا. سنڌ جي جدائي ۽ ٻين ڪيترن سوالن تي غور ڪيو ويو.

ساڳي ڏينهن شام جو سنڌ جي ضلع لوڪلبورڊ پريزيڊنٽن ۽ چيف آفيسرن جي ميٽنگ ٿي جنهن ۾ باهمي مفاد جي ڪيترن سوالن تي ٺهراء پاس ٿيا. سنڌ لاءِ لوڪلبورڊ اسوسيشن ٺاهي ويئي. رات جو ٿيٽر ڏٺو ويو.

٩- جنوري ١٩٣١ع- صبوح جو وري سياستدانن جي اجلاس جي ٻي نشست ڪئي ٿي. جنهن ۾ مختلف مسئلن تي غور ڪيا ويا

ٻپهرن جو لوڪلبورڊ جي نمائندن جي ميٽنگ ٿي.

شام جو ڪمشنر سنڌ جي دربار ۾ وزيٽر جي حيثيت ۾ وڃي حالت ڏني سون ته سنڌ جي مکيه زميندارن کي ڪيئن نه پير اگهاڙا ڪري ڪمشنر کان انعام وٺي وري پوئين پيرين هٽي اچي پنهنجي جي جڳهه تي وهٽو ٿي پيو.

آفيسر ۽ هڪ ٻه مکيه ماڻهو ڊائيس تي هئا ۽ ٻيا سڀ ميکيه ماڻهو هيٺ سامهون ڪرسين تي ويٺل هئا.

١٠- جنوري ١٩٣١ع- سيوهڻ.

جيڪب آباد کان سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جي ميلو تي آياسون. شيخ عبدالمجيد، قاضي عبدالرحمن، ميران محمد شاه گڏ هئا. ڏمال، ميندي، ملاڪڙو ڏسي رات جو پنجاب کان ميان ولي محمد شاه جي گهرايل طوائفن جو راڳ ٻڌي. وري ڪراچيءَ لاءِ روانا ٿياسون.

١١- کان ١٤جنوري ١٩٣١ع-

ڪراچيءَ ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي مختلف ميٽنگن ۾ مشغول هوس. ڪانگريس جي سول نافرماني هلچل زور تي هئي هر روز سرڳس نڪتا تي جن تي حڪومت طرفان لاٺيبازي ڪري ڪين چڙو چڙ ڪيو ٿي ويو.

١٥- جنوري ١٩٣١ع- بمبئي لاءِ جهاز ۾.

شام جو مسٽر حاتم علوي، مسٽر هرچندراءِ ٿهلرام، رئيس مزار خان سان گڏ پراونشل لوڪل سيلف گورنمينٽ ڪانفرنس لاءِ واسنا جهاز ۾ بمبئيءَ ڏانهن روانا ٿياسون.

١٧- جنوري صبوح جو بمبئي پهتاسون. شهر گهمياسون. سينيما ۽ ٿيٽر ڏٺو ويو. ١٨- ١٩ جنوري لوڪل سيلف گورمنٽ ڪانفرنس جي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ويئي.

لوڪل سيلف گورنمينٽ جي وزير مسٽر وڪيل ۽ سيڪريٽريءَ سان ملڻ ٿيو.

١٩ جنوري ١٩٣١ع.

شام جو مسٽر حاتم علوي، مسٽر هرچندرائي سان گڏ گاڏيءَ ۾ چڙهي واپس موٽندي ٢٠- تاريخ مائونٽ ابو اسٽيشن تي لهي بس ۾ چڙهي، ابو پهاڙ تي ڊاڪ بنگلي ۾ اچي رهياسون. ٢١- ٢٢- ٢٣- ٢٤- تاريخ اتي رهياسون. هيٺيان خاص مڪان ڏٺاسون.

ڊيڊ جو چوطرف، سن سيٽ پائنٽ، دلوارامندر، اچر ديوي مڪان، فوٽا ورتا ويا ٢٤- تاريخ اتان نڪري سنڌ ڏي روانا ٿي ٢٥- تاريخ ڪراچيءَ پهتاسون .

٢٨- تاريخ ڳوٺ آيس.

٢٧- جنـــوري ١٩٣١ع- ڪراچيءَ مان مولوي فتح محمد سيوهاڻي،

هڪ ڊگهو خط قاضي عبدالرحمن بابت لکيو ”تہ هن ڪيئن نہ سندس ۽ مولانا محمد صادق کڏي واري جي کڏي مدرسي جي گرانٽ لاءِ وٺس وڃڻ تي بي عزتي ڪئي هئي وغيره“.

(نوٽ)

انجو جواب مون نهايت سنو موڪليو. جنهن تي وري لکيائين تہ اوهان مان اهڙي اميد هئي. اوهان جي اخلاق محسنين جو شڪر گذار آهيان“

۱ فيبروري ۱۹۳۱ع - ڪراچي.

گارڊن ڪوارٽر منگهي پير روڊ وارو بنگلو ڇڏي حاجي امام بخش چانڊيو بلڊنگ سعيد منزل جي پر ۾ اچي رهيس.

۹- فيبروري ۱۹۳۱ع- ڪراچي.

سادي ۳ بجي شام جو سنڌ سينٽرل ڪواپريٽو بئنڪ جي ميٽنگ هئي.

ميران محمد شاه، خانبهادر الهہ بخش ۽ خانبهادر عظيم خان ڪي رات جو ماني تي گهرايو ويو. رجسٽرار ڪواپريٽو سوسائٽيز بہ بئنڪ جي ميٽنگ تي آيل هو.

۱۰- فيبروري ۱۹۳۱ع- ڪراچي.

الوحيد پريس ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي سنڌ خلافت ڪميٽيءَ جي ميٽنگ سڏائي. ان ۾ شرڪت ڪئي ويئي. الوحيد خلافت ڪميٽيءَ جي ملڪيت هئي.

۱۲- فيبروري ۱۹۳۱ع- ڪراچي.

ڪراچيءَ جي ڪيترن هندو مسلمانن جي ميٽنگ پنهنجي بنگلي تي گهرايم. ٿوري نوٽيس ملڻ ڪري گهٽ ماڻهن شرڪت ڪئي. تنهن ڪري ڪترن سنڌ جي مسئلن تي غور ٿي نہ سگهيو. هيٺن ماڻهن کي دعوت موڪليل هئي.

۱- مسٽر جمشيد ميهتا ۲- مسٽر جيسواڻي ايڊيٽر انگلش ڊيلي ۳- پرنسپال گوکلي ۴- مسٽر پنيا ايڊيٽر سنڌ آبزرور ۵- مسٽر چتومل ٿڌاڻي ۶- مسٽر دستور ۷- لالچند جگتياڻي ۸- ايسرداس ورند مل ۹- مسٽر بوچ

۱۰- مسٽر درگراس آڏواڻي ۱۱- جيٺمل پرسرام ۱۲- شيخ عبدالمجيد ۱۳- مسٽر غلام علي چاڳلا ۱۴- قاضي عبدالرحمن ۱۵- حاتم

علوي ١٦- مسٽر گزدر ١٧- مسٽر تارا چند لالواڻي ١٨- مسٽر طيب علي علوي ١٩- مسٽر حاتم طيب جي.

١٣- فيبروري ١٩٣١ع- سن.

ڪراچيءَ ڪان موٽي سن آيس. ٢٠ تاريخ رمضان جي عيد هئي.

٢٢- فيبروري ١٩٣١ع- حيدرآباد.

سن ڪان حيدرآباد ويس. پيهرن جي ماني علامه آءِ آءِ قاضي وٽ ڪاڌيم. ان موقعي تي مسٽر ڪنڪيڊ آءِ سي ايس به هو.

(نوٽ)

جنهن سنڌ جي آڪاڻين تي انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيو هو. صاحب جلدئي سمنڊ ۾ وهنجندي ٻڏي ويو. نهايت يارويس ۽ هندوستان ۽ سنڌ جي مسئلن سان گهري دلچسپي رکندڙ هو.

حاتم علوي ۽ مون سان دوستانه تعلقات هوس.

٢٦- فيبروري ١٩٣١ع- پاڻوٽ.

سيد ماني پير بخش شاه پاڻوٽيءَ جي عذرخواهي لاءِ پاڻوٽ ويس ۽ ٢٨- تاريخ هالن ۾ مخدوم ميان غلام حيدر سان ملاقات ڪئي ويئي.

٥ مارچ ١٩٣١ع- ڪراچي.

ڪراچي ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ميٽنگن لاءَ آيس. ٨ تاريخ موٽي ڳوٺ ويس.

١٠- مارچ ١٩٣١ع- سن.

سيد ميران محمد شاهه بمبئي مان خط لکيو ته "اسان گهڻي ڪوشش ڪئي ته تعلقه ڪوٽڙي ڪراچي ضلع ڪان جدا نه ٿئي پر سرڪار نه ٻڌو ۽ ان کي دادو ضلع سان گڏي ڇڏيائون"

١٤- مارچ ڪان ٨- اپريل ١٩٣١ع- ڪراچي.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي آفيس جي ڪم، لوڪلبورڊ ميٽنگن ۽ سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جي ميٽنگن ۾ حصو وٺندو رهيس.

آل انڊيا ڪانگريس اجلاس جون تياريون هيون.

٢٧- مارچ ١٩٣١ع- ڪراچي.

ٻالڪن جي ٻاري جو اجلاس مسز ڪملا چٽو پڌيا جي صدارت هيٺ ڪنو ٿيو. مس جيني سپاهيملاڻي جماعت جي پريزيڊنٽ ۽ سنتي آڏواڻي سيڪريٽري هئي.

ان ۾ شرڪت ڪئي ويئي.

٢٧- مارچ ١٩١٣ع- ڪراچي.

آل انڊيا ڪانگريس جو ۴۵- اجلاس بندر روڊ ايڪسٽنشن تي (موجوده اسلامہ ڪاليج)

سردار ولڀ ڀائي پٽيل جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو. ٻاهر ميونسپل واٽر ورڪس (موجوده اسلام آباد) جي پر ۾ ڪچيون لانديون ڊيليگيٽن جي رهائش لاءِ ٺهرايون ويئون هيون.

مرحبا ڪميٽيءَ جو چيرمن صوبہ سنڌ ڪانگريس ڪميٽيءَ جو پريزيڊنٽ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي هو ڪانگريس جي پنڊال ۽ نگرن جي تعمير جوڪر، مسٽر جمشيد نسروانجي جي مدد سان ٿيو.

ڪئمپ جي کاڌي خوراڪ جو چيرمين سيٺ غلام علي چاڳلا هو. سيڪريٽري مهاراج ريواچند رتن چند هو. والنٽيئرن جو ڪپتان مسٽر ستنداس عيدن مل وڪيل هو.

خزانچي مسٽر ايسرداس ورندمل ۽ مسٽر لاچند بانا هئا. زالن والنيٽيرين جي مهندار پارپتي گدواڻي هئي. مرحبا ڪميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري مسٽر رستم سڌوا ۽ تاراچند لالواڻي هئا. جائنٽ سيڪرٽري مني لال وياس رام بي موتواڻي. مولجي نرسي هئا.

مسٽر جيرا مداس دولترام مکيہ نظرداري جو ڪم ڪندو رهيو.

ٽي ڏينهن اجلاس هليو. هر نشست ۽ سجيڪٽس ڪميٽيءَ جي ميٽنگن ۾ ويندو رهيس.

رئيس فقير بخش خان ڪاڇي ۽ سيد ميران محمد شاه بہ اجلاس ڏسڻ لاءِ آيل هئا.

مون وٽ رهيا هئا.

٣٠ تاريخ شام جو ساڍي ۵ بجي خان عبدالغفار خان سرخ پوش جي مهندار کي پنهنجي جي جاءِ تي جاءِ لاءِ گهرايم. هو سرخ پوش جٿي سان ڪانگريَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيو هو.

٢٩- مارچ ١٩٣١ع- تي سنڌ تعليمي ڪانفرنس بوري جماعت خانہ فريئر روڊ ڪراچيءَ تي ڪٺي ٿي.

١- اپريل ١٩٣١ع - ڪراچي.

جمعيت العلماء هند جو اجلاس مولانا ابوالڪلام آزادي جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو.

ان ۾ مولانا محمد صادق کڏه، مولوي محمد صديق کڏه، مولوي فتح محمد سيوهاڻي ۽ ٻين سنڌ جي عالمن شرڪت ڪئي.

جنرل سيڪرٽري مولوي فتح محمد ۽ مرحبا ڪميٽيءَ جو چيرمن مولانا محمد صادق هئا مون ۽ ٻين دوستن ان ۾ شرڪت ڪئي.

٤- اپريل ١٩٣١ع- ڪراچي.

اردو ڪانفرنس جو اجلاس ڪٺو ٿيو جنهن ۾ پڻ شرڪت ڪيم.

١٤- اپريل ١٩٣١ع- سن.

قاضي عبدالرحمن خط لکي ٿو ته "ڪراچي- حيدرآباد رستي جو پراجيڪٽ ٺاهي مسٽر گزدر بمبئي سرڪار کان منظوري وٺڻ لاءِ بمبئي ڪٺي ويو آهي.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ آفيس جي جاءِ ٺهرائڻ لاءِ ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر اجا جواب ڪونه موڪليو هو.

رڇهندوٽرنري اسپتال جي پلاٽ جي پر واري حصي تي جايون ٺهرائڻ لاءِ لکپڙهه ڪيل هئي"

٣ مئي کان ١٣- ١٩٣١ع- ڪراچي

ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي مختلف ڪميٽين جي ميٽنگن، آفيس جي ڪم، سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ، ملير ڪوآرپيٽو سوسائٽيءَ ۽ ٻين مڪاني ڪميٽين ۾ حصو وٺندو رهيس.

١٤- مئي ١٩٣١ع- سن.

علامه آءِ آءِ قاضي انگلنڊ مان هڪ وڏو نصيحت آميز خط موڪليو.

٢٩- مئي ١٩٣١ع- سن.

قاضي عبدالرحمن ڪراچيءَ مان خط موڪلي ٿو ته "عيد مبارڪ هجنوَ.

پٽيوالو چيڪ، ڪاغذ ۽ گذريل ميٽنگن جي ڪارروائي صحيح ڪرائڻ لاءِ ڪٺي اچي ٿو. گزدر اجان بمبئيءَ مان ڪونه موٽيو آهي. ڪمشنر، ڪوٽڙي، ڪراچي رستي جي ٻئي ٻيڪٽ جي سفارش ڪرڻ وارو

آهي. ڪم هن سال ئي شروع ڪرائي سگهجي ٿو بشرطيڪ انجنيري وارا دير نہ ڪرائين. وٽرنري اسپتال مان آفيس جي زمين ڏيڻ واسطي ڪليڪٽر سفارش ڪئي آهي. وغيره.

۳۰- مئي ۱۹۳۱ع- سن.

مسٽر دستور، مئنيجر ڪوآپريٽو سينٽرل بئنڪ لکي ٿو تہ "اسٽاف ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۳ جون تي رکيل آهي ان ۾ ضرور ايندا".

ساڳي تاريخ ميران محمد شاه حيدرآباد مان لکي ٿو تہ "اريگيشن بل جي مخالفت ڪرڻ لاءِ زميندارن جي ميٽنگ سڏائڻ ضروري آهي وغيره"

۳ جون ڪان ۱۲ جون ۱۹۳۱ع- ڪراچي.

ڪراچي ۾ سنڌ سينٽرل ڪواپريٽو بئنڪ اسٽاف ڪميٽي جي ميٽنگن ۾ ويندو رهيس.

لوڪلبورڊ ميٽنگون ۽ آفيس جو ڪم ڪندو رهيس.

شهر جي سوشل تقريبن ۾ حصو ورتم.

۲۹ جون ۱۹۳۱ع- سن.

حاتم علوي ڪراچيءَ مان لکي ٿو "سگهوئي سنڌ سينٽرل ڪواپريٽو بئنڪ جي جنرل باڊيءَ جي ڊاريڪٽرن جي نئين چونڊ ٿيڻ واري آهي، ڪيترا اميدوار ميدان ۾ نڪري ڪم ڪري رهيا آهن خانبهادر عظيم خان ڪي لکو تہ حصيدارن ۽ سوسائٽين جا گهڻا عيوضي گهرائي جو ۳ جولاءِ ٿيڻ واري آهي".

۳ ڪان ۸ جولاءِ ڪراچي.

سنڌ سينٽرل ڪواپريٽو بئنڪ جي ساليانہ جنرل ميٽنگ ڪڏ ٿي ان ۾ نوان ڊاريڪٽر چونڊيا ويا جي اسان جي رٿيل پروگرام موجب هئا.

۷ جولاءِ سٽنڊنگ ڪميٽي ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي ميٽنگ هئي جنهن ۾ ڪيترا ٺهراءَ پاس ٿيا.

۱۲- جولاءِ ۱۹۳۱ع- سن.

قاضي عبدالرحمٰن ڪراچيءَ مان لکي ٿو "تہ ۱۴ جولائي سڀ پوني لوڪل سيلف گورمنٽ ڪانفرنس ۾ هلڻ لاءِ حيدرآباد ۾ اچي ڪٺا ٿيندا. قاضي عبدالرحمٰن، الهہ بخش خان گبول، مسٽر هرچند راءِ، محمد عثمان سومرو، محمد هاشم گزدر، حاجي عبدالرحيم شاه، مهر علي شاه ڪراچي

مان اچڻ وارا هئا".

١٥- جولاءِ ١٩٣٠ع- حيدرآباد ۾ گاڏي.

پوني ڪانفرنس لاءِ ڪراچيءَ مان آيل عيوضين ۾ رئيس فقير بخش خان ڪاچي، پير بقادار شاهه، سيد ميران محمد شاه سان گڏ حيدرآباد کان بمبئي لاءِ روانو ٿيس.

١٧ جولاءِ ١٩٣١ع- بمبئي ۾ پونه.

صبوح جو بمبئي پهتاسون سارو ڏينهن وڪٽوريه ٽرمينس جي رٽائرنگ روم ۾ رهي، ٻي ڏينهن صبح جو پوني پهتاسون. نيشنل هوٽل ۾ رهياسون.

ٻه ڏينهن لوڪلباڊيز ڪانفرنس جي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ويئي.

ٻه ڏينهن بمبئي ڪائونسل جو اجلاس ڏٺو ويو. زميندار ائسوسيشن ڪراچيءَ جي وفد سان ڪيترن وزيرن کي مليس.

٢٣ جولاءِ ١٩٣١ع- پونه.

بمبئي جي گورنر سرهاسٽن ۾ ليڊي هاسٽن دعوت تي گهرايو. اڌ ڪلاڪ ڪن دروازي تي مصافحه جي رسم لاءِ بيهڻو پيو جتي هرهڪ جي واقفيت ڪرائي ٿي ويئي. هزار ڪن مرد ۽ عورتون آيا هئا. ڏاڍي شان ۽ شوڪت سان دعوت ڪيل هئي.

٢٤ جولاءِ ١٩٣١ع- پوني کان حيدرآباد دکن لاءِ روانگي.

رات جو پوني مان حاجي عبدالرحيم شاه، مهر علي شاه، محمد هاشم گزدر سان گڏ گاڏيءَ ۾ چڙهي، حيدرآباد دکن لاءِ روانا ٿياسون. جتي ٢٥ تاريخ ٢ بجه شام جو بيگم پلي اسٽيشن تي لهي خورشيد ميرزا ڊاريڪٽر مائينس وٽ اچي مهمان ٿي رهياسون.

چار ڏينهن حيدرآباد ۾ رهي مختلف جايون ڏٺيون سون جن ۾ خاص ذڪر ڪرڻ جي لائق هينيون هيون.

مڪي مسجد- چار مينار دروازو، بازار، عثمان ساگر، اردو يونيورسٽي، مشرقي علوم جي ليبروي، شاهي محل، شفاخانه، هاءِ ڪورٽ.

ڪيترن صاحبن دعوتون ڏنيون. جن ۾ سيد سميع الله سيڪريٽري نظام ڪلب خاص ذڪر جو لائق هو.

٢٨ جولاءِ ١٩٣١ع- حيدرآباد دکن کان اورنگ آباد.

گزدر صاحب اتان واپس سنڌ روانو ٿيو. حاجي عبدالرحيم شاه مهر علي شاهه ۽ آءٌ اتان شام جو اورنگ آباد روانا ٿي ٻي ڏينهن صبوح جو اتي پهتاسن. جتي ڊاڪ بنگلي ۾ اچي رهڻ ٿيو. رات جو نواب رضانواز جنگ بهادر، ڊاڪٽر مختار احمد انصاري دهلوي جي ياء وٽ ماني کاڌي سون جو اتي صوبيدار (ڪمشنر) هو.

٢٩- ٣٠ جولائي ١٩٣١ع- اورنگ آباد.

اتي خلدآباد، چاندمينار، هاٿي حوض، جامع مسجد، چيني محل، ميڊها توپ، بالاحصار، ڏول ڍال توپ ڏٺيون ويئون. ازانسواءِ هيٺيون تاريخي جڳهيون ۽ بزرگن جون درگاهون ڏٺيون ويئون.

١- مقبره شهنشاهه اورنگ زيب ولادت ١٠٢٧هه گادي نشين ١٠٦٥هه. وفات ١١١٨ هه

٢- مخدوم حاجي نظام الدين پيش امام- عرس ١- ربيع الاول. هر سال ٿئي ٿو

٣- خواجه بهاؤالدين انصاري خواجه شمس الدين ٩- ذوالحج.

٤- خواجه منتخب الدين زري زربخت ٦- ربيع الاول تي ڏينهن

٥- خواجه زين الدين خليفه خواجه برهان الدين ٢١ کان ٢٥ ربيع الاول

٦- پيراهن انحضرت صلعم ١٢ربيع الاول

٧- بي بي بصري اورنگ زيب جي راڻي جو تاج محل جي نموني تي هو.

٨- ايلورامندر جي جبل مان کوٽي کڍيل هئا. جن ۾ وڏو کيلاش مندر هو.

٣٠ جولائي ١٩٣١ع- اورنگ آباد کان آگره.

شام جو اورنگ آباد کان نڪري منعد، برهانپور، ڀوپال کان لنگهندا- ٢ تاريخ آگسٽ صبوح جو آگري پهتاسون.

١-٢-٣ اگسٽ ١٩٣١ع- آگره.

هوٽل ۾ رهي هيٺيون مکيه جڳهون ڏٺيون ويئون.

١- شهر جون بازارون-٢- جامع مسجد، تاج محل، مقبره اعتماد

دولتہ والد ممتاز محل سڪندريہ (مقبره اڪبراعظم) فتح پورسـ ـري ۾ سلطان اڪبر جا شاهي محل ۽ پڊايل شهر خواجہ سليم چشتي جو مقبرو- بلند منار- جامع مسجد ڏٺا ويا. اتان ۴ تاريخ شام جو نڪري- ۵ تاريخ صبوح جو دهلي پهتاسون.

۴- ۵ - ٦- اگست ۱۹۳۱ ع- دهلي.

هتي خانبهادر سيد نواب علي شاه وٽ ۳۰۵ ڪيلنگ روڊ نئي دهلي ۾ رهياسون. جنهن نهايت شاندار نموني خاطر تواضع جا فرض بجا آندا. سيئي ڏينهن سندس موٽر اسان جي حوالي هئي. اتي هيٺيون جايون ڏٺيون ويئون.

۱- چاندني چوڪ- قاضي حوض- نئي دهلي

۲- جامع مسجد- لعل قلعو - سرمد شهيد جي مزار

۳- همايون جو مقبره، خواجہ ناظم الدين اولياءَ جو مقبرو، خواجہ قطب الدين بختيار ڪاڪي جو مقبره، قطب مينار. ۽ ٻيا پراڻا تاريخ مڪان.

۵- اگست ۱۹۳۱ع- تي خواجہ حسن نظامي سان رات جو سندس جاءِ تي ملڻ ٿيو.

۸- اگست ۱۹۱۳ ع- پاني پٽ.

دهلي مان صبوح جو موٽر ۾ چڙهي پاني پٽ آياسون. رستي ۾ هندوستان جي مکيہ جنگين جا ميدان ڏسندا آياسون جتي تي چار دفعا مکيہ لڙايون لڙيون ويئون هيون جن ۾ هندوستان جي قسمت جو فيصلو پي ٿيو هو.

پاني پٽ ۾ حضرت بوعلي قلندر عليه رحمت جي درگاه جي زيارت ڪئي ويئي. رات جو اتان گاڏيءَ ۾ چڙهي سرهند جي اسٽيشن اچي لٿاسون.

۸- اگست ۱۹۱۳ ع- سرهند.

سرهند ۾ حضرت خواجہ احمد سرهندي ملقب بہ مجددالف ثاني ۽ سندس عزيزن جي مزارن جي زيارت ڪئي ويئي. اتان شام جو لاهور لاءِ روانا ٿي، صبوح جو ٻي ڏينهن لاهور ۾ پهتاسون.

۹- ۱۰- اگست ۱۹۱۳ ع- لاهور.

هوٽل ۾ لٿاسون. شهر کان علاوه هيٺيون جايون ڏٺيون ويئون.

۱- جامع مسجد ۲- شاهي قلع ۳- سک گرن جا مقبرا ۴- حضرت

داتا گنج بخش جو مقبرو ٥- مقبرو ميان مير صاحب ٦- مقبرو جهانگير بادشاه ٧- مقبرو بيگم نور جهان ٨- شاليمار باغ ٩- عجائب گهر ١٠- لارينس باغ- وغيره

١٠ تاريخ رات جو اتان چڙهي ٻي ڏينهن ١١- تاريخ راولپنڊيءَ ۾ پهتاسون.

شهر گهمي رات جو اچي ڪوه مري جي هڪ هوٽل ۾ رهڻ ٿيو.

١٢- تاريخ اگسٽ ١٩٣١ع- سري نگر.

صبوح جو ڪوه مري مان موٽر ۾ چڙهي شام ڌاري سري نگر ۾ پهتاسون.

"بلبل" نالي هائوس بوٽ ۾ رهڻ ٿيو.

ڪشمير ۾ جملي ٩- ڏينهن رهڻ ٿيو. ان عرصي ۾ هيٺيون جايون سري نگر ۾ ڏٺيون وٺيون

١- حضرت بل ٢- جامع مسجد ٣- شاليمار باغ ٤- چنار باغ، تخت سليمان، ڊل ڍنڍ، شهر جون گهٽيون وغيره.

ازانسواءِ سري نگر کان ٻاهر- اسلام آباد، ويري ناگ، پهل گام، گل برگ، سونا مرگ وغيره مقام به ڏٺا ويا.

اتي شيخ عبدالله سان هائوس بوٽ ۾ ميان غلام محمد ٽيڪسي ڪمپنيءَ جي مالڪ معرفت واقفيت ٿي، هن کي هائوس بوٽ ۾ دعوت تي گهرايو ويو. حضرت بل جي مسجد ۾ پبلڪ ميٽنگ ڏٺي ويئي. رياست ۾ راجا طرفان ٿيل ظلمن جو احوال معلوم ٿيو. شيخ عبدالله ۽ ٻين طرفان سڌارن لاءِ ٿيل هلچل جو احوال معلوم ٿيو.

١٥- اگسٽ ١٩٣١ع-

سنڌ جي اخبارن ۾ مسٽر رستم سڌوا بيان ڏنو ته سيٺ هرچندراءِ وشنداس سنڌ جدائي جي فائدي ۾ هو. انهي وقت مسٽر ريواچند ٽڏاڻي به سنڌ جي جدائيءَ جي فائدي ۾ بيان ڏنو.

٢١- اگسٽ ١٩٣١ع- سري نگر مان روانگي.

صبوح جو موٽر ۾ چڙهي سري نگرمان رولپنڊيءَ لاءِ روانا ٿياسون.

رستي ۾ شيخ عبدالله طرفان ڏنل ڪاغذ اسان وٽ مظفر آباد جي سامهون ڊوميل جي ناڪي وٽ تلاشيءَ مان نڪتا. رات جو پرواري ڊاڪ بنگلي ۾ پوليس جي پهري هيٺ نظر بند رکيو ويو. بيان ورتا ويا. مون ۽ مهر

علي شاه خر ـــبون ڪيون.

حـاجي صـاحب سـڄي رات "لاالہ الاانتَ سـبحنڪ اِني ڪُنتُ مِن الظالِمين" جو وظيفو پڙهيو. ٻي ڏينهن ١٢- بجہ اسان کي رياست مان ٻاهر نڪـرڻ جي اجازت ملي. سـاڳي ڏينهن ٢٢- تاريخ شـام جو راولپنديءَ پهتاسون. جتان رات جو گاڏيءَ ۾ چڙهي ڪراچيءَ لاءِ روانا ٿي ٢۴- تاريخ صبوح جو ڪراچيءَ پهتاسون.

١- ٣- سپٽمبر ١٩٣١ع- سن.

سيد ميران محمد شاه خط لکي ٿو تہ " اوهان خير سان هندوستان جو سير ڪري ڳوٺ پهتا.

آءٌ پهرين تاريخ ڪراچيءَ آيس اوهان ڪونہ مليا.

سنڌ فِنانس انڪواري ڪميٽي (مائيلس ارونگ ڪميٽي) اڳيان ٣- تاريخ شاهدي ڏيٽي آهي. خانبهادر الهہ بخش ۽ خانبهادر کهڙي مواد ڪٺي ڪرڻ جو ذمہ کنيو آهي.

آءٌ ان ڪم لاءِ انگلنڊ وڃڻ گهران ٿو پر پيسو ڪٿان اچي ورِي ٻي خط ۾ لکي ٿو تہ

"اوهان جي ڪشمير مان واپسي مهل ڦاسڻ جون دلچسپ خبرون مهر علي شاه کان معلوم ٿيون."

۵ سپٽمبر ١٩٣١ع- سن.

قاضي عبدالرحمٰن ڪراچيءَ مان خط ذريعي اطلاع ڏي ٿو تہ

"سنڌ فنانس انڪواري ڪميٽي ١- سپتمبر تي پوني مان هتي پهچڻ واري هٿي پر وات تي مـارواڙ ۽ حيدرآباد جي وچ ۾ ريلوي لائين ٽٽڻ ڪري هو دهلي کان ڦري اڄ هتي پهتا آهن. سيٺ حاجي عبدالله هارون ۽ ٻين مسلمان بمبئي ڪائونسل جي ميمبرن کانْ پڇا ٿي ويئي. سومر ڏينهن ڊاڪٽر هنگوراڻي، ۽ ٻين هندو شاهدن کان پڇا ڪرڻ بعد ڪميٽي جا ميمبر سمل روانا ٿي ويندا."

۵- سپٽمبر ١٩٣١ع- (سن)

سنڌ فنانشل انڪـواري ڪمـيـٽيءَ جي چيرمن ۽ مـيـمـبـرن کي سرشاهنوْاز خان ڀٽي، خانبهادر الهہ بخش سومري، خانبهادر کهڙي، سردار واحد بخش ڀٽي طرفان رات جو مسلم جيم خانہ ۾ دعوت ڏني ويئي.

انهيءَ تاريخ تي خانبهادر کهڙي، خانبهادر الهہ بخش، حاجي عبدالله

هارون ۽ پرنسپال گوڪلي سنڌ جي مالي حالت ٺيڪ هئڻ بابت شاهديون ڏنيون.

پوءِ پروفيسر ڇبلاڻي، ديوان وچسنگ برخلاف شاهديون ڏنيون پروفيسر ٻتيجا سنڌ جي جدائي بعد نيڪمالي حالت بنسبت اخبارن ۾ مضمون ڇپايو.

٢٩ سپٽمبر ١٩٣١ع- سن.

سيد ميران محمد شاه پوني مان خط لکي ٿو ته "پوني ۾ نيشنل هوٽل جي ان روم ۾ رهان ٿو. جتي گذريل جولائي ۾ تون رهيو هئين.

پوءِ پوني جي رنگين سوسائٽيءَ جو ذڪر اديبانه انداز ۾ ڪري. اطلاع ڏي ٿو ته ١١- آڪٽومبر ١٩٣١ع تي موٽي سنڌ ۾ ايندو".

١- آڪٽومبر ١٩٣١ع-

دادو ضلع ٺهيو جنهن ۾ ڪراچيءَ ضلع مان محال ڪوهستان، ڪوٽڙي تعلقه، محال مانجهند جي ايراضي ۽ لاڙڪاڻه ضلع مان ميهڙ ڊويزن گڏي ويئي. جنهن جا ١- ميهڙ ٢- ڪڪڙ ٣- دادو ۴- جوهي ۵- سيوهڻ تعلقا هئا

راءِ بهادر جگت سنگهه آئل مل ڀيريون ڪليڪٽر مقرر ٿيو. لوڪلبورڊ ساڳيا هلندا آيا.

۴- آڪٽومبر ١٩٣١ع- سن.

مسٽر ٿهلراماڻي ڪراچيءَ مان لکي ٿو ته "ٿياسافيڪل سوسائٽي جي ايسوٽيرڪ سيڪشن جي ميمبريءَ لاءِ فارم ڀري موڪل ته توکي ميمبر ڪرايون".

١٦- آڪٽومبر ١٩٣١ع- سن.

خانبهادر عظيم خان خط لکيو ته "سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جي ٢۴- آڪٽومبر تي ضروري ميٽنگ آهي. اوهان مهرباني ڪري ضرور ايندا جو ڪيترا احوال ڪرڻا آهن."

٢٢- آڪٽومبر ١٩٣١ع- سن.

سيد شاهنواز شاه ٺٽه مان خط لکي ٿو ته "مهيني جي اول ۾ ڪراچيءَ اوهان جي جاءِ تي ملڻ آيس پر ڪونه ملي سگهيا. ڳوٺ روانا ٿي ويل هئا. منهنجي تڪليفن جو دور شروع ٿي ويل آهي. وغيره."

٢٨- آڪٽومبر کان ١ نومبر ١٩٣١ع- ڪراچي.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ميٽنگن ۾ سنڌ سينٽرل ڪواپريٽو بئنڪ جي ميٽنگن ۾ حصو ورتم.

سيد شاهنواز شاه کي سندس مالي مشڪلاتن مان ڪڍڻ لاءِ بئنڪ کان قرض وٺي ڏنم.

مڪاني سوشل فنڪشن ۾ حصو ورتم.

١- نومبر ١٩٣١ع- سن.

اڄ خانبهادر کهڙي لاڙڪاڻه مان خط لکيو "ته بمبئي جو گورنر ١٧-١٨ جنوري ١٩٣٢ع تي ڪراچيءَ پهچندو. سنڌ محمدن ائسوسيشن طرفان ڪيس ائڊريس ڏيڻ جي تجويز ٿي آهي. اوهان سٽنڊنگ ڪميٽيءَ جا ميمبر آهيو پنهنجي راءِ موڪليو"

٢- نومبر ١٩٣١ع- سن.

حاتم علوي ڪراچيءَ مان خط موڪلي اطلاع ڏي ٿو ته

" ڪمشنر سنڌ مسلم هائوسنگ سوسائٽي جي سولجر بازار جي پروارن پلاٽن جي منظوري ڏني آهي. تنهن جو چيڪ پلاٽ لاءِ مليو آهي. بئنڪ کي موڪليان ٿو".

(نوٽ)

حاتم علوي مسلم هائوسنگ سوسائٽي جو پريزيڊنٽ هو.

٦ نومبر ١٩٣١ع- سن.

شيخ عبدالمجيد سنڌي خط لکي ٿو ته "٢٤- نومبر تي هو ۽ مير محمد بلوچ سن ايندا جتان مون سان گڏجي ميهڙ ۾ خلافت ڪانفرنس جي جلسي ۾ هلندا. پوءِ ٢٧- تاريخ بمبئي ڪائونسل جي اجلاس لاءِ بمبئي روانا ٿيندا".

٢١- نومبر ١٩٣١ع- سن.

سيد مقبول شاه پين وارو لکي ٿو ته "دادو ضلع ٺهيو آهي. محال مانجهند ڪوٽڙي تعلقي سان گڏيو اٿن. هاڻ اوهان کي ڪراچيءَ جي عيوض دادو ضلع طرف زياده توجهه ڏيڻ گهرجي".

١- ڊسمبر ١٩٣١ع- سن.

سيد ميران محمد شاه بمبئي مان لکي ٿو ته "پهريون دفعو بمبئي سرڪار کي ڪائونسل ۾ شڪست آئي آهي. سنڌي ميمبرن مس همت ڏيکاري آهي.

سرڪاري بل ٿڏجي ويو. سرڪار کي ٢۴ ووٽ مليا ۽ مخالفت ۾ ٦٩- ووٽ ويا.

سنڌ مان صرف ڄام جان محمد جوڻيجو سرڪار سان ووٽ ڪيو ۽ سنڌين جي اتحاد ۾ شامل نہ ٿيو. ڇي لقب ملڻ جو آسرو اٿم" (پھرين پيٽ پنجوءَ جو پوءِ پار ٻچا)

١٣- ڊسمبر ١٩٣١ع- سن.

سيد ميران محمد شاھ حيدرآباد مان لکي ٿو تہ "٢٧- ڊسمبر ١٩٣١ع تي سن ايندو. جتان مون سان گڏجي قلندر شهباز جي ميلي تي هلندو.

١٦- ڊسمبر ١٩٣١ع - سن.

مسٽر محمد هاشم گزدر لکي ٿو تہ "جيتوڻيڪ قاضي عبدالرحمٰن تنهنجي مخالفت ڪري رهيو آهي پر اوهان قلهڙي ۽ ڪمزور پاليسي اختيار ڪندا اچو مضبوط ٿيڻ گھرجيو"

١٧- ڊسمبر ١٩٣١ع- سن.

سيد ميان ولي محمد شاھ سيوهڻ مان خط لکي ٿو تہ "قلندر شهباز جو ميلو ٢٩- ٣٠- ٣١ ڊسمبر ١٩٣١ع تي ٿيندو. اوهان قاضي عبدالرحمٰن ۽ ميران محمد شاھ ضرور ايندا.

پنجاب کان راڳ لاءِ ڪجريون گھرايل آهن. انهن جو راڳ ٻڌڻ جو لائق آهي"

٢١- ڊسمبر ١٩٣١ع- سن.

سيد ميران محمد شاھ لکي ٿو "تہ شاھ عبداللطيف جي ورسي ٢- جنوري ١٩٣٢ع تي حيدرآباد ۾ رکيل آهي. مسٽر چيٺمل پرسرام ۽ ٻين دوستن کي پاڻ سان آڻيندا. ان کان اڳ منجر تي بہ هلبو ۽ قلندر جو ميلو بہ ڏسبو".

٢٢- ڊسمبر ١٩٣١ع. سن.

مسٽر گزدر ڪراچيءَ مان خط لکي ٿو تہ "مسٽر پنيا ايڊيٽر سنڌ آبزرور ۽ هو ٻئي قلندر جي ميلہ لاءِ مهيني جي آخر ۾ سن ايندا. رهائڻ جو انتظام ڪرائجو".

٢٣- ڊسمبر ١٩٣١ع- سن.

مسٽر منگھارام پرسرام ٺهلراماڻي ڪراچيءَ مان خط لکي ٿو تہ

”تون ٿياسافيڪل سوسائٽي جي ايسوٽيرڪ سيڪشن جو ميمبر چونڊيو آهين ڪاغذ توکي روبرو ملندا.

تون شايد دادو ضلع جي ڪم ۾ مشغول ٿو ڏسجين. اهو لوڪلبورڊ شايد ١٩٣٣ع جي اپريل کان شروع ٿئي. نئي بورڊ جون چونڊون نومبر ١٩٣٢ع ۾ ٿين“.

٢٨- ڊسمبر ١٩٣١ع- سن - سيوهڻ.

مسٽر محمد هاشم گزدر ۽ مسٽر پنيا ايڊيٽر سنڌ آبزرور سن آيا. جتان گڏجي قلندر شهباز جي ميلي تي سيوهڻ وڃي سيد ميان ولي محمد شاه جا مهمان ٿياسون.

٢٩- ٣٠- ٣١ ڊسمبر ١٩٣١ع تي ٽيئي ڏينهن سيوهڻ هئاسون. ميران محمد شاه بہ ساڻ هو. ميران محمد شاه، پنيا، گزدر منڇر گهمڻ ويا. ملاڪڙو، ميندي، ڏمال ڏنا ويا ٻاهران آيل ڪيرين جو راڳ ٻڌو ويو. جي شاه صاحب ڪهرايون هيون.“

سال ١٩٣٢ع

١٣- جنوري ١٩٣٢ع- سکر.

وائسراءِ هند لارڊ ولنگڊن، سکر براج جي کولڻ جو افتتاح ڪيو. آءٌ، ميران محمد شاه ان جي ڏسڻ لاءِ رياسون. سوَها زميندار آيل هئا.

ڏاڍي ڏامر ڏوم سان اهو موقعو ملهايو ويو. اسان ٻئي چيف آفيسر مسٽر اختر جا مهمان ٿي رهياسون.

١٧- جنوري ١٩٣٣ع- ڪراچي.

سرسائيڪس ۽ ليڊي سائيڪس بمبئي جي گورنر کي ڪراچي ڪئنٽونمينٽ تي ڪراچي ميونسپل پريزيڊنٽ مسٽر جمشيد ۽ ٻين آفيسرن سان گڏ آءٌ لوڪلبورڊ طرفان مرحبا لاءِ ويس. هو ٣ بجي واري گاڏيءَ ۾ سنڌ کان موٽيو هو.

١٩- جنوري ١٩٣٢ع- ڪراچي.

مسٽر هڊ ڪليڪٽر ڪراچيءَ کي ملي لوڪلبورڊ ۾ امن آڻڻ لاءِ. قاضي عبدالرحمٰن کي سڪولبورڊ ۽ مسٽر گزدر کي لوڪلبورڊ ۾ رکڻ جي صلاح ڪئي ويئي هن همت افزائي ڪئي.

٥-٦-٧ فيبروري ١٩٣٢ع- سن.

مسٽر ڊنشا دستور جنرل مئنيجر سنڌ سينٽرل بئنڪ ڪراچيءَ هڪ ڊگهو خط، سنڌس اضافہ جي گهر لاءِ لکيو. جنهن ۾ ڄاڻايو هئائين تہ سنڌس اڪائونٽنٽ مسٽر چتومل ٽڏاڻي هن ڪان وڏيڪ پگهار ڪٽي رهيو هو.

١٤- فيبروري ڪان ١٧ فيبروري ١٩٣٢ع- ڪراچي.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ، ڪوآپريٽو بئنڪ، ملير سوسائٽي جي ڪمن سان ڪراچيءَ ۾ هوس.

١٨- فيبروري ١٩٣٢ع- ڪراچيءَ ڪان بمبئي.

واسنا جهاز ۾ مسٽر حاتم علوي، ميران محمد شاه، مسٽر گزدر، بمبئيءَ ڏانهن روانا ٿياسون.

جتي ڪوآپريٽو ڪانفرنس هئي. اتي هفتہ ڪن رهڻ بعد وري موٽي سنڌ ڏي آياسون.

اپولي هوٽل ۾ ميران محمد شاه ۽ آءٌ گڏ رهياسون.

ان موقع تي ميران محمد شاه طرفان هڪ خوبصورت يوريشن عورت ذريعي، مونکي آدم وانگر، ڪٽڪ جي داڻي چکڻ لاءِ حرصائڻ جي هرطرح ڪوشش ٿي.

ليڪن اخلاقي تربيت ۽ قوم استقلال ذريعي آزمائش مان چڙهي پار پيس. ميران محمد شاه ان کي غير معمولي ڳالهہ تصور ڪيو. ليڪن مون سواءِ بدني تڪليف جي ٻي ڪابہ مشڪلات پيش نہ آئي. مائي سندس ڪوشش ۾ ناڪاميابي تي خار ڪائيندي، واپس موٽي ويئي. ٻي ڏينهن وڏيڪ حملن جي خطري ڪان بچڻ لاءِ سنڌ موٽڻ ۾ سلامتي سمجهيم.

٢١- فيبروري تي فرينچ برج واري بلئوٽڪسي ٿياسافيڪل هال ۾ اي. ايس جي ميٽنگ ۾ ويس.

٥- مارچ ١٩٣٢ع- ڪراچي.

ڪراچيءَ ۾ ١٨- اپريل ١٩٣٢ع تي سنڌ آزاد ڪانفرنس گهرائڻ لاءِ، سيٺ حاجي عبدالله هارون، بابا مير محمد بلوچ ۽ شيخ عبدالمجيد طرفان سرڪيولر نڪتو.

ڪراچيءَ ۾ ڏهہ ڏينهن ڪن هوس. لوڪلبورڊ، بئنڪن، ملير سوسائٽي جي ڪم ۽ سوشل فنڪشن ۾ حصو ورتم.

٣١- مارچ ١٩٣٢ع- ڪراچي.

٣١- مارچ ١٩٣٢ع- ڪراچي.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي جنرل باڊي جي ميٽنگ ٿي. ان ۾ چيف آفيسر ۽ انجنير جي پوسٽ کي گڏڻ جو ٺهراءُ پيش ٿيو.

ڪمشنر سنڌ مسٽر گبسن سرڪاري ميمرن کي انهي ٺهراءُ جي مخالفت لاءِ چيو ۽ ڪليڪٽر مسٽر هڊ ان ٺهراءَ کي واجبي سمجهي همدردي ڏيکاري. جيتوڻيڪ آفيشل ميمبر ڪمشنر جي چوڻ تي مخالفت ۾ ويا ته به ٺهراءُ پاس ٿي ويو.

سيد مقبولشاه، قاضي عبدالرحمن کي ناراض ڪرڻ جي ڊپ کان آخر تائين ووٽ نہ ڪيو.

جو سندس چئي موجب بدليون وغيره ڪرڻ مدد ڪندو هوس.

مسٽر گزدر کي گڏيل جاءِ تي رکڻ جي سفارش تي ۽ قاضي عبدالرحمن کي لوڪلبورڊ سڪولس جي ائڊمنسٽريٽو آفيسر ڪري رکڻ جي تجويز بحال ٿي.

١١- اپريل ١٩٣٢ع- سن.

خانبهادر کهڙو خط لکي ٿو تہ "هو ڪراچي آيل آهي. تنهن ڪري آءٌ ڪراچي وڃان جو هن کي مون سان سنڌ جي سياسي مسئلن بنسبت صلاح مصلحت ڪرڻي آهي".

١٨- اپريل ١٩٣٢ع- ڪراچي.

ڪراچيءَ ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي صدارت هيٺ سنڌ آزاد ڪانفرنس اجلاس ڪٺو ٿيو. جنهن ۾ ڪيترا ٺهراء پاس ٿيا.

خانبهادر کهڙي، سيٺ حاجي عبدالله هارون، بابا مير محمد بلوچ، ميران محمد شاه، مون ۽ ٻين ڪيترن سنڌ جي سياسي ڪارڪنن ان ۾ حصو ورتو.

٢٩- اپريل ١٩٣٢ع- ڪراچي.

سيد ميران محمد شاه لکي ٿو تہ "٣٠- اپريل تي ايندو. ان تاريخ تي آءٌ ڪراچيءَ ۾ هجان. صلاح مصلحت ڪرڻي اٿس".

١٦- مئي ١٩٣٢ع- سن.

سيد شاهنواز شاه خط لکي ٿو تہ "اوهان جي حڪم موجب ٢٣- مئي تي قاضي عبدالرحمن کي لوڪبورڊ سڪولس جو ائڊمنسٽريٽو آفيسر ڪري رکڻ لاءِ سڪولبورڊ جي ميٽنگ رکي اٿم مدد ڪندا تہ ٺهراءُ پاس ٿيندو".

۱۹- مئي ۱۹۳۲ع- سن.

سيد ميران محمد شاه حيدرآباد مان خط لکي ٿو ته ”شاهه ڀٽ جي ميلي تي شاه عبداللطيف جي ورسي ملهائڻ لاءِ ادبي ڪانفرنس واسطي ميدان ڏسي آيو آهيان. ڪيس ڊپ هو ته پير ڀٽائي شايد ناراض ٿيندا پر ڪيس اميد هئي ته هو ڪين سمجهائي باز آڻيندو.

وڏيڪ لکي ٿو ته سردار واحد بخش خان ڀٽي جي انتقال ڪري بمبئي ليجلسيٽو ڪائونسل جي جاءِ خالي ٿي آهي. اها جاءِ دادو ضلع کي ڏيڻ گهرجين. ان لاءِ فيبروري ۾ بمبئي ڪائونسل اندر دانهون ڪيون سون پر ڪنهن نه ٻڌو.

هن حالت ۾ اوهان اميدوار بيهندا يا نه“

۲۱- ۲۲ مئي ۱۹۳۲ع.

پنجين سنڌ سڪولبورڊ ڪانفرنس سکر ۾ خانبهادر کهڙي جي صدارت هيٺ ڪئي ٿي.

آءٌ ان ۾ وڃي ڪين سگهيس. ڪيترا ٺهراءُ پاس ٿيا.

۲۳- ۲۲ مئي ۱۹۳۲ع-

ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ سڪولبورڊ ٺهراءُ پاس ڪري، قاضي عبدالرحمٰن کي ضلع سڪولس جو ائڊمنسٽريٽو آفيسر مقرر ڪيو.

٦- جون کان ۱۷ جون ۱۹۳۲ع.

قاضي عبدالرحمٰن چيف آفيسر لوڪلبورڊ ڪراچي لوڪل سيلف گورمينٽ ڪانفرنس لاءِ موڪل وٺي بمبئي ڏي روانو ٿيو.

(نوٽ)

هن ظاهري چاٽايو ته سندس ائڊمسٽريٽو آفيسر ٿيڻ لاءِ ڪوشش ڪندو ليڪن اندران مسٽر گبسن ڪمشنر سنڌ جي مدد سان ڪوشش ڪرائي، ٻنهي بورڊن جي ٺهراون خلاف بمبئي سرڪار کان منظوري رد ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو“

۷- جون ۱۹۳۲ع- سن.

مختيارڪار سجاول ليٽر لکي ٿو ته ”اوهان جي ووٽ سجاول تعلقه ۾ ڊل ڀيارڻ جي آڏار تي داخل ٿيڻ جي خلاف وڏيري محمد عثمان سومري درخواست ڪئي آهي. اوهان هن ضلع ۾ رهائش جو ثبوت ڏيو“

۷ - جون ۱۹۳۲ع- سن.

مسٽر ٿهلراماڻي لکي ٿو تہ "سندس والد مسٽر پرسرام کي تخفيف جي بهاني تي سپر وائيزري سڪولس تان لاهين ٿا جي ٿي سگهي تہ مدد ڪريانس".

وري ٻي خط ۾ لکي ٿو تہ "ميران محمد شاہ سان گڏجي ڀٽ شاہ تي ادبي ڪانفرنس جي لاءِ جاءِ ڏسڻ واسطي وڃي رهيو آهي. ڪراچيءَ مان ٥٠ ڪن ماڻهن کي ڀٽ جي ميلہ تي هلڻ تيار ڪيو اٿس".

٨ - جون ١٩٣٢ع- سن.

برادرم سيد شهاب الدين شاہ ولد ستابو شاہ منهنجي سوٽ سندس ڳوٺ هاشم جي وهڻ ۾ گهڻي وقت بيمار رهڻ کان پوءِ وفات ڪئي. بروقت سندس ٻن پٽن نندين کي ٻئي ڪنهن عــزيز نہ هٿڻ ڪري ڳوٺ وٺي اچي پنهنجي گهر ۾ رهايم.

٩ - جون ١٩٣٢ع- سن.

سيد ميران محمد شاہ لکي ٿو تہ "شاہ لطيف جي ميلي ڪري هو لوڪل سيلف گورمينٽ ڪانفرنس لاءِ بمبئي نٿو وڃي. چڪلہ بند ڪرڻ سبب پير پٽائي ڪيس ٻڌڻ ۾ ايو آهي تہ ناراض ٿيا آهن.

حيدرآباد لوڪلبورڊ چار سو روپيہ ميلہ جي انتظام لاءِ منظور ڪيا آهن. اوهان ڀاٽوٽ واري سيدن ذريع انتظام رکائڻ لاءِ مدد ڪندا"

١٤- جون ١٩٣٢ع- سن.

سيد ميران محمد شاہ حيدرآباد مان لکي ٿو تہ "ڊاڪٽر ڏيارام ۽ مسٽر ٿهلراماڻي سان گڏ شاہ جي ڀٽ تي وڃي ڪانفرنس لاءِ زمين ڏسي آيو آهي.

١٧- جون تي ڀٽ تي اچڻ لاءِ دعوت ٿو ڏي. ڄاموٽ محمد علي شاہ ۽ اوهان تي راڳيندڙن گڏ ڪرڻ جو بار رکيل آهي. ادبي ڪانفرنس جو ڪم صوفي سماگمِ دادا چينمل پرسرام وارن جي چارج ۾ هوندو. ٿهلراماڻي پنڊال ٺهرائڻ، ايليڪٽريسٽي، لائوڊ اسپيڪرن آڻڻ جو بار ڪنيو آهي".

١٨- جون کان ٢١ جون ١٩٣٢ع- ڀٽ شاهہ

ڀٽ شاہ ۾ شاہ عبدللطيف جي ساليانې ميلي جي موقعي تي سيد ميران محمد شاہ طرفان پهريون دفعو هيئن ڪانفرنس سڏائڻ جو انتظام ڪيو ويو.

هو ضلع لوڪلبورڊ حيدرآباد جو پريزيڊنٽ هو.

ائگريڪلچرل نمائش، سوديشي بازار، سنڌ هنري نمائش، ڪوآپريٽو ڪانفرنس، ادبي مجلس، راڳ جي مجلس، زميندارن جي ڪانفرنس، صوفي روح رهاڻ ڪراچيءَ مان ۴۰ ڪن مرد ۽ عورتون ان ۾ شريڪ ٿيا هئا

جن ۾ چيتمل پرسرام، لعل چند امرڏنومل، منگهارام ٿهلراماڻي، پرنسپال گوڪلي وغيره هئا. ڄاموٺ محمد علي شاه، مخدوم ميان غلام حيدر ۽ مون مڪاني طرح ڪم ۾ مدد ڪئي.

۱ - جولاءِ ۱۹۳۲ع- سن.

سيد ميران محمد شاه لکي ٿو تہ " ۲- جولاءِ تي برادرم شهاب الدين شاه جي عذرخواهي لاءِ سن ايندو- وڌيڪ لکي ٿو تہ سنڌ ڪائونسل تي مسٽر گبسن ڪمشنر سنڌ حيدرآباد جو عيوضي قاضي عبدالرحمان چيف آفيسر ڪراچي لوڪلبورڊ کي رکيو آهي. هنن ان جي مخالفت ڪئي هئي.

۱۳ جولائي ۱۹۳۲ع- سن.

مونکي پهريون فرزند ڄائو. سندس نالو سيد امير حيدر رکيو ويو.

۱۸- جولاءِ ۱۹۳۲ع- سن.

قاضي عبدالرحمان ڪراچيءَ مان لکي ٿو تہ "سنڌ ڪاليج بورڊ تي ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ پرنسپال پناڻي جدا جدا ميمبر مقرر ڪرائڻ گهرن ٿا: ڪيس ڊاڪٽر گربخشاڻي کي نالا چونڊائڻ لاءِ ڏنا آهن وغيره"

۲۸ جولاءِ ۱۹۳۲ع- سن.

خانبهادر عظيم خان لکي ٿو تہ" اوهان خط ۾ شڪايت ڪئي آهي تہ مسٽر جمشيد ٻنهي ۽ بورڊ جي منظوريءَ ڪانسواءِ عملو مقرر ڪندو وڃي ٿو.

جنهن ۾ مسلمان نٿو رکي، تنهن ڪري اوهان ڪيس اعتراض طور لکي رهيا آهيو مهرباني ڪري خط لکڻ کان اڳ ان جو مسودو مون کي ڏيکاريندا. بزرگ ماڻهو سان سٺي نموني پيش اچڻو آهي. اهڙي خط ٻين سان مشورو ڪري پوءِ موڪلڻ گهرجي"

۲- اگسٽ ۱۹۳۲ع- سن.

مسٽر چيتمل پرسرام حيدرآباد مان خط لکي ٿو تہ

"مون کي حيدرآباد ڏاڍي وڻي ٿي. ڪراچيءَ ۾ ناٽي گڏ ڪرڻ جو هَوَس ايترو ماڻهن کي ويڙهي ويو آهي جو روح جي راحت جو سامان نئي وٺان

حاصل ٿئو ٿئي. حيدرآباد ۾ سرشاهنواز ڀٽو، ديوان بهادر هيرانند، مسٽر سنتداس سان مليو اهيان. سنڌ جي جدائي بابت ڳالهيون ڪيون ويئون.

۴- تاريخ شيخ عبدالمجيد ۽ فقير محمد مگريه ملڻ وارا آهن".

١٩ اگسٽ ١٩٣٢ع- سن.

قاضي عبدالرحمن لکي ٿو ته "لوڪلبورڊ ڪراچيءَ ڪي رستن لاءِ سرڪاري گرانٽ ١٧ هزار ڪن ملڻ واري آهي. سنڌ ڪاليج بورڊ جي ميمبريءَ ۾ هو ۽ راءِ بهادر سيٺ ليلارام چونڊجي نه سگهيا.

ڪراچي- ڪوٽڙي رستي لاءِ سرڪار پراونشل روڊ جي لسٽ تي آڻڻ جي منظوري ڏني آهي.

هاڻ اهو رستو سرڪار ٺهرائيندي".

٢٢- اگسٽ ١٩٣٢ع- سن.

سرشاهنواز ڀٽو خط لکي ٿو ته "فرقيوارانه سوال تي غور ڪرڻ لاءِ خانبهادر ولي محمد حسنعليءَ جي جاء تي ميٽنگ رکايل آهي. ان ۾ ايندا ته صلاح مصلحت ڪجي."

١-سپٽمبر ١٩٣٢ع- ڪراچي.

خانبهادر ولي محمد حسنعليءَ جي جاءِ تي سنڌ محمدن اسوسيشن جي ميٽنگ گڏ ٿي. ان ۾ ڪيترن سياسي سوالن تي غور ڪيو ويو.

سنڌ جي جدائي، گڏيل يا جدا چونڊن جا سوال به هئا.

٣ کان ٨ سپٽمبر ١٩٣٢ع-بمبئي- پونه.

ڪراچي مان ساموندي جهاز رستي حاتم علوي، مسٽر دستور، مسٽرگزدر ۽ آئون بمبئي وياسون جتان پوني ۾ ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري موٽي بمبئي کان سنڌ پهتاسون موٽندي جهاز ۾ هوائن ڪري سمنڊ ۾ تمام گهڻي تڪليف درپيش آئي.

هن مهيني ۾ مونکي ٿياسانيڪل سوسائٽيءَ جي يوٿ لاج جو پريزيڊنٽ ۽ مس جمني ٿڏاڻيءَ ڪي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو.

١٠- سپٽمبر ١٩٣٢ع- ڪراچي.

سيد ميران محمد شاه، سرشاهنواز خان ڀٽو، شيخ عبدالمجيد سنڌي هڪ گڏيل خط ذريعي سنڌين کي سنڌ جي جدائي جي ڏينهن ملهائڻ لاءِ اپيل ڪئي.

١٣ - سپٽمبر ١٩٣٢ع- ڪراچي.

مسٽر هوڊ ڪليڪٽر ڪراچي کي ڪلرني هوٽل ۾ رات جو ڊنر ڏنيم جتي ڪيترن دوستن کي مدعو ڪيم. هن صاحب ڪمشنر مسٽر گبسن جي راءِ خلاف مون سان لوڪلبورڊ معاملن ۾ تعاون ڪيو هو. هاڻ هو رٽائرڊ ڪري ولايت، وڪالت ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هو.

۳۰ - سپٽمبر ۱۹۳۲ع- سن.

قاضي عبدالرحمٰن لکي ٿو تہ "سندس لوڪلبورڊ سڪولبورڊ جي ائڊمنسٽريٽو آفيسر مقرر ڪرڻ جا ڪاغذ بمبئي سرڪار موڪليا آهن."

۲۴ - سپٽمبر ۱۹۳۲ع- سن.

مسٽر نارائنداس اورسير لکي ٿو تہ" اوهان جي بنگلي سولجر بازار مسلم ڪالوني جي تعمير جو ڪم مقا طعدار هلائي رهيو آهي. مسٽر آغا آرڪٽيڪٽ نظرداري ڪري پيو. بنيادن جو ڪم ٻن ٽن ڏينهن ۾ پورو ٿيندو. پوءِ پٽيون ڪجنديون."

۲۸- آڪٽوبر ۱۹۳۲ع- سن.

آچاريہ گدواڻي خط موڪلي ٿو تہ "باءِ انڊين ڪانگريس جو اجلاس پنڊت مدن موهن مالويہ جي صدارت هيٺ ۹- آڪٽوبر تي ڪراچي ۾ ٿي رهيو آهي. ان ۾ شرڪت جي دعوت ڏيان ٿو".

۹- آڪٽوبر ۱۹۳۲ع-سن.

قاضي عبدالرحمان خط لکي ٿو تہ "مسٽر ڪالنس نئون ڪليڪٽر ڪراچيءَ جو اوهان سان ملڻ گهري ٿو. جڏهن اچو تہ ڪيس ملندا. شايد اوهان کي لوڪلبورڊ آفيس جو ڪم بند ڪرڻ لاءِ چوي".

(نوٽ)

ڪيس مليس نهايت شريفانہ نموني پيش آيو. ڳوٺ سڌار هلچل ۾ دلچسپي ڏيکاريائين. ان ڪري ڪيس گشت وقت هڪ اهڙي ميٽنگ جي صدارت ڪرڻ لاءِ چيو ويو. جا ڳالهہ قبول ڪيائين.

۱۱- آڪٽوبر ۱۹۳۲ع- ڪراچي.

ميران محمد شاهہ پوني مان هڪ وڏو ادبي نموني جو خط موڪليو. جنهن مان اتي جي سوسائٽيءَ جي جهلڪ پئجي سگهندي.

۳۰ -آڪٽوبر ۱۹۳۲ع- سن.

مسٽر ٿهلراماڻي لکي ٿو تہ "باءِ انڊين نمائش ۲۳- آڪٽوبر ۱۹۳۲ع تي کلندي. ان موقعي تي ڪراچيءَ وڃان".

٢٦ - آڪٽوبر ١٩٣٢ع - سن.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي ڪيترن ميمبرن جي صحيح سان رٿ پيش ٿي ته ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي آفيس جي تعمير جو ڪم بند ڪجي.

(نوٽ)

هيءَ رٿ مسٽر گبسن ۽ چيف آفيسر گروه طرفان ڏياريل هئي. ان جاءِ لاءِ پلاٽ مسٽر گبسن پاڻ منظور ڪيو هو. اسٽيمنٽ تي منظوري سندس سفارش تي سرڪار ڏني هئي.

ان ڪانپوءِ ٽينڊر اخبارن ذريعي گهرائي بورڊ مقاطعو ڏنو. جڏهين ڪم شروع ٿيڻ وارو هو ته هيءَ درخواست پيش ٿي. انجو مقصد سواءِ هن جي ٻيو ڪونه هو ته اهو ڪم منهنجي ايامڪاريءَ ۾ پورو نه ٿئي، اها حالت ڏسندي مون رٿ بيقاعدي ٺهرائيندي بورڊ جي سامهون اچڻ نه ڏني.

ڪم هلندو رهيو.

١٢ نومبر ١٩٣٢ع - ميرپورساڪرو.

مسٽر ڪالنس ڪراچي جي ڪليڪٽر- اڄ ميرپورساڪري ۾ سڏايل ڳوٺ سڌار ميٽنگ ۾ شرڪت ۽ صدارت ڪئي. ان ۾ مون هلچل جا مقصد بيان ڪيا.

(نوٽ)

هي ميٽنگ ان لاءِ سڏايل هئي ته مڪاني عملدارن کي ذهن نشين ٿئي ته ڳوٺ سڌار هلچل جي مخالفت مسٽر گبسن جي طرفان شخصي هئي نه سرڪار جي پاليسي هئي.

ان ڪري هلچل ۾ رنڊڪن گهٽ پوڻ جو امڪان هو.

١٥-١٦ نومبر ١٩٣٢ع - حيدرآباد سنڌ.

حيدرآباد ۾ علامه يوسف علي جي صدارت هيٺ سنڌ آزاد ڪانفرنس جو اجلاس ڪٺو ٿيو. ساري سنڌ مان ڪيترن ماڻهن ان ۾ شرڪت ڪئي. اتي ڪيترا ٺهراءَ پاس ڪيا ويا.

٢٨- نومبر ١٩٣٢ع - سن.

قاضي عبدالرحمان خط لکي ٿو ته "سنڌ جي جدائيءَ لاءِ حاجي عبدالله هارون سخت ڪوشش وٺي رهيو آهي. هن مرڪزي اسيمبليءَ ۾ سنڌ جي جدائيءَ تي ڪي سوال پڇيا آهن، جن جي جواب ۾ ڪجهه دلاسو مليو

اٿس.

حيدرآباد سنڌ آزاد ڪانفرنس جي ڪارروائيءَ جون خبرون هندوستان جي اخبارن ۾ شايع نہ ٿيون آهن. ڊيلي گزيٽ جي ١٦- ١٧ نومبر وارن پرچن ۾ پير غلام حيدر ائڊووڪيٽ (هاڻ سيشن جج) جون موڪليل ڪارروايون ڇپيون هيون، سي ڪاپيون وٺي ڪيس موڪليان ٿو"

شيخ عبدالمجيد ٦- ڊسمبر تي الهہ آباد يونيٽي ڪانفرنس لاءِ ويجي رهيو آهي، پر ان ۾ فيصلي ٿيڻ جو ڪوبہ امڪان نہ آهي. لوڪلبورڊ جي نين چونڊن جا نوٽيس نڪري چڪا آهن".

٣٠- نومبر ١٩٣٢ع- سن.

منگهارام پرسرام ٿهلراماڻي ڪراچيءَ مان خط لکي ٿو تہ:

"تنهنجو خط پهتو ، وري وري پڙهيم. معلوم ٿئي ٿو تہ اڄڪلهہ موج ۾ آهين.

ان خط مان پتو پوي ٿو تہ باطني تعليم لاءِ هرويرو ظاهري تعليم ڪا لازمي ڳالهہ نہ آهي. ٻين دوستن کي خط ڏيکاريم. جهمٽ مل ٺڏاڻي تي ان جو اثر نہ ٿيو. تنهن جي عشق جي تعريف مان هو غلط مطلب ڪڍي ٿو. هن کي ڊپ آهي تہ اهي ڳالهيون ٻڌي هو ڪٿي قاسي شادي ڪري وڃهندو. ان ڪري سندس ڪنواري رهڻ جو پرڻ پڄي پوندو"

١٢- ڊسمبر ١٩٣٢ع- سن.

ٿهلراماڻي لکي ٿو تہ"باءِ انڊين ليگ مان دستور ۽ گدواڻي سان اختلاف ٿيڻ ڪري هن سندس هٿ ڪڍي ورتو آهي. ٢٣-٢٤ ڊسمبر تي يوٿ لاج ٿياسافيڪل سوسائٽي جون ميٽنگون آهن.

پريزيڊنٽ هئڻ ڪري تنهن جو اچڻ ضروري آهي.

٢٠ جنوري ١٩٣٣ع تي ڪرشنا مورتي ڪراچي ايندو اميد تہ ان موقعي تي تہ تون ضرور ڪراچي ايندين".

٢٤- ڊسمبر ١٩٣٣ع- سن.

سيد ولي محمد شاه سيوهڻ مان لکي ٿو "تہ ٩- جنوري ١٩٣٣ع ڪليڪٽر دادوءَ جي سيوهڻ ۾ منزل آهي، ڪيس درگاه جي معاملہ تان اختلاف ڪري، فرنٽيئر ريگيوليشن هيٺ رجوع ڪيو اٿن. ان جو ضامن ڏيٺو آهي. انڪري ٨- تاريخ اچي ضامن پوندا".

٢٧- ڊسمبر ١٩٣٢ع- سن.

رئيس فقير بخش خان ڪاڇي لکي ٿو تہ "مون مخدوم ميان غلام حيدر هالا کي ميران محمد شاه جي ووٽن لاءِ چيو آهي پر ماڻهو سندس خلاف ڏسجن ٿا.

سائين ميان ولي محمد شاه جو آءُ فرنٽيئر ريگيوليشن هيٺ ضامن پئجي آيو آهيان. اوهان ٩- تاريخ وجي ضامن پوندا".

سال ١٩٣٣ع

٨-٩ جنوري ١٩٣٣ع- سيوهڻ.

سيل ميان ولي محمد شاه سيوهڻ واري جو فرنٽيئر ريگيوليشن هيٺ ضامن پيس پوءِ موٽي ڳوٺ آيس.

١٣- جنوري ١٩٣٣ع- سن.

سيد ميران محمد شاه خط لکي ٿو تہ" اڄ ساري سنڌ ۾ سنڌ جي جدائي جو ڏينهن ملهايو ويو"

٢٣- جنوري ١٩٣٣ع- سن.

سيد حاجي عبدالرحيم شاه سجاول واري حيدرآباد ۽ ڪراچي ضلعن لاءِ لوڪلبورڊ اميدوارن ۾ صلح ڪرائڻ لاءِ ميٽنگ سڏائي پر بي ڏر مير صاحبن جي نہ اچڻ ڪري ان مان ڪوبہ نتيجو نہ نڪتو.

٢٥ - جنوري ١٩٣٣ع- ڪراچي.

سيد ميران محمد شاه لکي ٿو تہ "سنڌ آزاد ڪانفرنس جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ حيدرآباد جي ڊاڪ بنگلي ۾ گهرايل آهي. ان ۾ ايندا. ان ۾ وزير هند جو سنڌ جي جدائيءَ لاءِ اعلان، سنڌ هندو ڪانفرنس ٢٩- جنوري جي ڪارروائي ۽ مستقبل لاءِ پروگرام تي غور ڪيو ويندو"

٢٦ - جنوري ١٩٣٣ع- ڪراچي.

بمبئي جي گورنر کي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ طرفان ائڊريس ڏني ويئي جا پريزيڊنٽ هئڻ ڪري مون پڙهي.

٢٧ - جنوري ١٩٣٣ع- ڪراچي.

سيد ميران محمد شاه خط لکي ٿو تہ "جهرڪ تڪ لاءِ لوڪلبورڊ چونڊ ۾ مدد ڪرڻ واسطي ماڻهو موڪلي رهيو آهي. سيد قاسم علي شاه سندس ڀاءُ جي شادي ١٠- فيبروري تي رکيل هئي جا هن ان ڪري بدلائي ١٣ فيبروري تي رکي آهي.

٣١ - جنوري ١٩٣٣ع- ڪوٽڙي.

سيد ميران محمد شاه خط موڪلي ٿو تہ." پير غلام نبي بڪيرن واري، پير سيد غلام حسين شاه ڀال ڀوچڙن واري ڪي ونڻ لاءِ پانڌي خان ڪانڌڙي کي موڪلي رهيو آهي.

ميان عبدالرحيم درس ڪاتيارن جي بزرگ کي، حاجي عبدالحڪيم شاه سان وٺي جلد ڪوٽڙي پهچندو. اميد تہ ميون اچڻ سان ارباب ولي محمد کي هٿ ڪٿائيندو".

٧- فيبروري ١٩٣٣ع- جهرڪ.

جهرڪن جي تڪ مان ڪراچي ضلع لوڪلبورڊ جي ميمبريءَ جي چونڊ جو ڏينهن هو ٻہ اميدوار هئاسون. هڪ ارباب ولي محمد ٻيو آءٌ ملڪ شير دل خان، پير باقر شاه، ميان عبدالحڪيم شاه جي ذريعي آيل ميان عبدالرحيم درس ڪاتيار واري ميان ولي محمد پير ڪان هٿ ڪٿايو. ڪيس اليڪشن لاءِ ڪيل خرچ ڏنو ويو. پوءِ آيل ووٽرن ڪان نالي جا ووٽ ڪرايا ويا- ٣٢ مونکي ميا ١٦- هن کي، ٻيا ووٽر ماني ڪارائي ووٽ ڏيڻ ڪانسواءِ موٽايا ويا.

٨- فيبروري ١٩٣٣ع- جهرڪ.

وڏيري محمد عثمان سومري خط لکيو تہ "جي. ايم. سيد ۽ امير امان الله جو ڏوهہ صرف اهو آهي تہ وقت کان اڳ تڪڙو قدم کڻڻ ڪري، مخالفت جو شڪار ٿيل آهن ورنہ سندن نيڪ نيتن ۽ ارادن ۾ ڪابہ خامي نہ آهي. آئنده لاءِ هو يقين ٿو ڏياري تہ نياز مند ٿي رهندو".

٣٠ - فيبروري ١٩٣٣ع- ڪراچي.

ڪراچيءَ ۾ لوڪلبورڊ عمارتن جي تعميري ڪم ڏيڻ، لوڪلبورڊ جي ٻي ڪاروبار، سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ، ملير سوسائٽيءَ وغيره جي ڪمن لاءِ هفتہ کن رهيس.

٧ - مارچ ١٩٣٣ع - سن.

سيد يران محمد شاه خط لکي ٿو تہ "٣٠- اپريل ١٩٣٣ع تي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ حيدرآباد جي پريزيڊنٽيءَ جي ميٽنگ رکڻ جو ارادو ڪيو آهي. ورڪ ڪري رهيو آهي. آءٌ وڃي ڪيس مدد ڪريان".

٩ - مارچ ١٩٣٣ع- سن.

مسٽر گزدر ٻن ٽن خطن ذريعي هيٺيون احوال موڪلي ٿو:

"سولجر بازار جو بنگلو تيزيءَ سان ٺهي رهيو آهي، ان جي فرش،

ڪاٽ جي ـــــر وغيره لاءِ هدايتون موڪليو يا ڏسي وڃو. سرشاهنواز ڀٽي جي پروگرام جي خبر اٿو يا نه؟

قاضي عبدالرحمن ڊسٽر لوڪلبورڊ آفيس جي افتتاح جي موقعي ملهائڻ جي، گبسن جي اشاري تي مخالفت ڪري رهيو آهي. بهتر آهي ته اوهان پنهنجي هم خيال ماڻهن سان ان جو افتتاح ڪريو.

قاضي عبدالرحمن نئين ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي نامزد ميمبرن لاءِ ڪليڪٽر ڪراچيءَ سان ساز باز ڪري رهيو آهي"

١٢ - مارچ ١٩٣٣ع - ڪراچي.

ڪوميسنري ٿياسافيڪل سوسائٽي ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيس.

١٣- مارچ ١٩٣٣ع- سن.

سيد مهر علي شاه سجاول مان لکي ٿو ته" صحت جي خرابيءَ ڪري هو نئي ضلع لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽيءَ لاءِ اميدوار نه بيهندو. لوڪلبورڊ پريزيڊنٽيءَ جي چونڊ جي تاريخ جيڪا وڌيو سا رکو".

(نوٽ)

هي نامزد ميمبر هٽڻ ڪري آفيسرن جي اميدوار جي مخالفت ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. جو هن ماڻهوءَ ۾ خود مطلبي ڪانسواءِ پبلڪ جي خيرخواهيءَ جو مادو نه آهي.

١٤- مارچ ١٩٣٣ع- سن.

مسٽر گزدر لکي ٿو ته"اوهان ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي نئين پريزيڊنٽ چونڊڻ جي تاريخ ١١-اپريل ١٩٣٣ع تي رکي آهي.

پر جنهن صورت ۾ اوهان جي نئين ضلع دادوءَ جي پريزيڊنٽيءَ جي چونڊ ١٦-اپريل تي رکيل آهي، ان ڪري اها تاريخ بدلائي ۴- اپريل تي رکو"

١٦-مارچ ١٩٣٣ع

شيخ عبدالمجيد سنڌي بمبئي مان سيد حاجي عبدالرحيم شاه کي لکي ٿو ته:

"اوهان جو خط پهتو. جي. ايم. سيد سان ڪيترا اختلاف اٿم پر تنهن هوندي به سندس لاءِ عزت اٿم. ڪيس ضلع لوڪلبورڊ دادوءَ جي پريزيڊنٽيءَ لاءِ ووٽ ڏيڻ واسطي مولوي حبيب الله پنوهر کي خط لکان ٿو".

(نوٽ)

شيخ صاحب بمبئي ڪائونسل ۾ چونڊ جي وڃڻ ڪانپوءِ قاضي عبدالرحمٰن چيف آفيسر سان الوحيد جي ڏينهن کان تعلقات هئڻ ڪري، ڪن ڳالهين ۾ مدد ڪئي. جيئن تہ اهو منهنجي برخلاف ۽ گبسن جي پوئلڳ هو. ان ڪري غلط فهمي ٿي پيئي هئي.

٢٧ مارچ ١٩٣٣ع- ڪراچي.

ڪراچي ضلع لوڪلبورڊ جي نئين عمارت کولڻ جو مهورت شام جو ٥ بجي ٿيو. ان کي آفيسر گروه طرفان بائيڪاٽ ڪرڻ سبب ڪراچي ميونسپالٽي جي بلڊنگ واري مهورت وانگر سڀني مکيہ مذهبن جي عالمن طرفان دعا گهرائڻ سان کيو ويو.

١- مسلمانن طرفان- مولوي محمد صادق کڏه واري ۽ غلام علي چاڳلا دعا گهري.

٢- هندن طرفان- پنڊت وشوانات شرما دعا گهري.

٣- پارسين طرفان- ڊاڪٽر دستور ڍالا ان ۾ حصو ورتو

٤- عيسائن طرفان- ريورنٽ اي ايل گريه

٥- سکن طرفان- ڀائي ڌرم سنگهہ هئا

چيف آفيسر ۽ سندس گروه محمد عثمان سومري وارن ان ۾ مسٽر گبسن جي ناراضگيءَ جي ڊپ کان حصو نہ ورتو. آيل ماڻهن کي چانهہ پياري ويئي".

٢٨- مارچ تي ڪراچي ضلع ڪوآپريٽو انسٽيٽيوٽ جي مئنيجنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ هئي.

٩- اپريل ١٩٣٣ع- ڪراچي.

ڪراچي ضلع لوڪلبورڊ بلڊنگ ۾ مون کي شهرين ۽ دوستن طرفان ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ تان رٽائرڊ ڪرڻ جي اعزاز ۾ دعوت ڪئي ويئي. ان ۾ چيف آفيسر گروه وارا نہ آيا.

١١- اپريل ١٩٣٣ع- ڪراچي.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچي جي نئين بورڊ جي ميٽنگ هئي. جنهن ۾ پريزيڊنٽ ۽ وائيس پريزيڊنٽ جون چونڊون ٿيڻ واريون هيون.

ان ۾ پريزيڊنٽ خانصاحب الهہ بخش گبول ۽ وائيس پريزيڊنٽ وڏيرو امام بخش خان ڳاهو چونڊيو.

اهي ٻئي سرڪاري گروهہ جا ميمبر هئا. اها چونڊ آفيشل طبقہ جي

پوئلڳن جي ڪاميابي هئي.

١٦- اپريل ١٩٣٣ع- دادو.

راءِ بهادر جڳت سنگهہ آئل مل ڪليڪٽر دادو جي دادو ضلع لوڪلبورڊ جي عهديدارن لاءِ ١١- بجہ صبوح جو لوڪلبورڊ آفيس ۾ ميٽنگ رکي . جنهن ۾ خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙي کي پريزيڊنٽ ۽ مونکي وائيس پريزيڊنٽ چونڊيائون.

٢٠- اپريل ١٩٣٣ع- حيدرآباد.

حيدرآباد ۾ پريزيڊنٽ ضلع لوڪلبورڊ حيدرآباد جي چونڊ ٿي. ان ۾ مير قائم خان پريزيڊنٽ چونڊجي ويو. ميران محمد شاه نہ چونڊيو.

٢٠- اپريل ١٩٣٣ع.

مسٽر ٿهلراماڻي خط لکي ٿو تہ "ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن تہ خط نہ لکيو اٿئي. شايد دادو ضلع لوڪلبورڊ جي اليڪشن ۾ مشغول هئين جنهن جو احوال اڄ اخبارن ۾ پڙهيم. شاهنواز شاه وٽ سندس زمين تي ويا هئاسون. ڪيس وري پيسن جو ڪپ پيو آهي

٢٧ تاريخ بئنڪ جي ميٽنگ آهي. ڪيس مدد ڪج.

نئين لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽ راءِ بهادر جڳت سنگهہ ڪليڪٽر جي چوڻ تي ڪراچي لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽ وقت تنهن جا بدلين جا ڪيل آرڊر رد ڪرايا آهن. ڪلهوڙو صاحب اعتبار جهڙو نٿو ڏسجي. چيف آفيسر جو سوال راءِ بهادر جڳت سنگهہ جي ڪيلڪٽري تائين نہ ڪٽڻ گهرجي ، هو ٻن مهينن کان پوءِ رٽائرڊ ڪندو".

٢٥- اپريل ١٩٣٣ع- سن.

سيد مهر علي شاه خط لکي ٿو تہ "رڳو اوهان وائيس پريزيڊنٽ چونڊيا. پيون جايون سيني ضلعن مان سيدن کان کسجي ويئون. هو اسڪولبورڊ جي چيرمنيءَ لاءِ اميدوار بيٺو هو ٣٠- مئي تي سڪولبورڊ جي ميمبرن لاءِ چونڊ ٿيڻي هئي ڪيس وڃي مدد ڪريان".

(نوٽ)

جڏهن ضلع لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽيءَ لاءِ ڪيس صلاح ڪئي ويئي تہ ان وقت صحت ٺيڪ نہ هيس. جاڪاڻ تہ ان ۾ آفيشل طبقہ جي مخالفت جو ڊپ هوس. هاڻ طبيعت ٺيڪ ٿي ويس. ان مان سندس ذهنيت جو اندازو ٿي سگهندو.

۳۰- اپريل ۱۹۳۳ع- سن.

خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙو خط لکي سندس ڳوٺ وڃڻ لاءِ دعوت ڏي ٿو ۱ ۽ ۲ مئي باليشاهه ۾ وڃي سندس دعوت کاڌيم.

۵- مئي ۱۹۳۳ع- سن.

ميران محمد شاهه سيد مهابليشور مان خط لکي ٿو "ته ڪراچي ميونسپل بل تي غور ڪرڻ لاءِ سليڪشن ڪميٽيءَ جي ميٽنگ تي آيل آهيان.

پوءِ ملڪ جي خوبصورتي تي اديبانه انداز ۾ احوال ڏئي ٿو"

۱۲- مئي ۱۹۳۳ع- سن.

سيد ميران محمد شاهه حيدرآباد مان خط لکي ٿو ته "سرشاهنواز خان ڀٽي پريزيڊنٽ سنڌ محمدن اسوسيشن ڪي جائنٽ پارليامينٽري ڪميٽيءَ وٽان سنڌ جي جدائي جي مسئله تي شاهدي ڏيڻ لاءِ عيوضي موڪلڻ واسطي خط پهتو آهي. ان لاءِ هن ۲٦ مئي تي لاڙڪاڻه ۾ ميٽنگ رکي آهي مهرباني ڪري اوهان هلجو. آءٌ ان ڪميٽي تي شاهدي ڏيڻ لاءِ عيوضي ٿي وڃڻ گهران ٿو"

۱٦- مئي ۱۹۳۳ع- سن.

مسٽر ٿهلراماڻي خط لکي ٿو ته "دادو ضلع جي چيف آفيسر مقرر ڪرڻ لاءِ گهرايل درخواستن تي سفارش ڪرڻ لاءِ، جا سب ڪميٽي مقرر ٿي آهي. ان واسطي محمد پريل ڪلهوڙي ڪي نالهڻ لاءِ ڪراچيءَ ايندين ته صلاح ڪبي"

۳۰- مئي ۱۹۳۳ع- ڪراچي.

ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ميٽنگ ۾ لوڪلبورڊ سڪولبورڊ جي ميمبرن جي چونڊ ٿي. آفيشل گروهه ٺهراءُ ۵٦ موجب مسٽر گزدر ڪي نوڪري مان سندس پوسٽ ختم ڪرڻ جي ٺهراءُ پاس ڪرائڻ سان ڪڍي ڇڏيو. ڪيس هڪ مهيني جو پگهار نوٽيس عيوض ڏياريو ويو. سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جون ميٽنگون هيون.

ملير ڪوآپريٽو سوسائٽي جي ميٽنگن ۾ شرڪت ڪئي ويئي. هفته ڪن ڪراچي هوس.

۲- جون ۱۹۳۳ع- حيدرآباد.

حيدرآباد لوئر سنڌ زميداري بئنڪ جي ڊائريڪٽرن جي پهرين ميٽنگ هئي. ان ۾ شرڪت ڪيم.

(نوٽ)

ان بئنڪ تي ١٩٢٢ع کان ١٩٣٦ع تائين ڊائريڪٽر رهيس.

٧- جون ١٩٣٣ع- سن.

سيد شاهنواز شاه خط لکي ٿو تہ ”سندس مالي حالت وري خراب ٿي ويئي.

سندس اڳوڻا دوستن آفيسرن ذريعي ڪيس تڪليف ۾ آڻي گهرن ٿا. وري ڪيس بئنڪ مان قرض ڪٽائي تڪليف مان ڪيان“.

١٤- جون ١٩٣٣ع- سن.

محمد هاشم گزدر لکي ٿو تہ ”هو لاڙڪاڻہ بمبئي ڪائونسل جي ميمبرن وٽ ڪراچي لوڪلبورڊ جي ڪيس مسٽر گبسن جي چوڻ تي نوڪري ڪڍڻ لاءِ حال ڪرڻ وڃي ٿو. ان بي قاعدي ٺهراءَ رد ڪرائڻ لاءِ شايد بمبئي سرڪار وٽ مدد ڪري سگهن.“

١٦- جون ١٩٣٣ع- سن.

سيد ميران محمد شاه خط لکي ٿو تہ ”اوهان لکيو آهي تہ لنڊن شاهدي ڏيڻ لاءِ جي شوق اٿئي تہ قرض ڪٿي پوءِ وڃ. پر بابو چوڻ ٿو تہ بي هنڌان پيسا ملنئي تہ وڃج نہ تہ قرض ڪٿي وڃڻ جو ضرور نہ آهي. ان ڪري اوهان ڪٿان پيسن جو انتظام ڪرائيندا“.

٢٢- جون ١٩٣٣ع- دادو

ڪراچيءَ ۾ منهنجي نئين مسلم ڪالوني واري بنگلي تي سيد ميران محمد شاه سنڌ آزاد ڪانفرنس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ رکي هئي پر ان ۾ دادو ضلع لوڪلبورڊ جي ميٽنگ هئڻ ڪري وڃي ڪين سگهيس. ضلع لوڪلبورڊ دادو ڪيترائي اهم ٺهراءَ پاس ٿيا. موٽندي سيوهڻ مان چاچا ولي محمد شاه خط پهچڻ تي اتان ٽيندو ڳوٺ آيس.

٤- جولائي کان ٨ جولاءِ - ١٩٣٣ع- ڪراچي.

٤- تي ملير ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ جي ميٽنگ هئي. ٥ تاريخ سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جي بورڊ جي ميٽنگ هئي.

٥ بجي شام خانبهادر عظيم خان ۽ مسٽر دستور بنگلي تي ملڻ آيا. جتي ڪوآپريٽو معاملن تي صلاح مصلحت ڪئي ويئي.

٢٢- جولائي ١٩٣٣ع- دادو.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ دادو جي ميٽنگ ٿي جنهن ۾ ڪيترا ٺهراءَ پاس ٿيا.

٢٣ جولائي ضلع دادو جي زميندار جي ميٽنگ دادو ۾ خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙي جي جاءِ تي سندس صدارت هيٺ ڪئي ٿي. جنهن ۾ ڪيترا ٺهراءَ پاس ڪيا ويا.

ٺهلراماڻيءَ کي خانبهادر ڪلهوڙي چيف آفيسريءَ لاءِ دلاسو ڏئي باليشاه ۾ پاڻ وٽ رکيو.

اهو ان ڪري ڪيائين جو راءِ بهادر جگت سنگهه جي رٽائرڊ ٿيڻ جو وقت ويجهو آيل هو.

٢- اگسٽ ١٩٣٣ع- سن.

راءِ بهادر جگت سنگهه ڪليڪٽر دادو رٽائرڊ ٿيو ۽ ان جي جاءِ تي سردار محمد خان ماجزاده دادو جو ڪليڪٽر ٿي آيو.

٩- اگسٽ ١٩٣٣ع- سن.

سيد مهر علي شاه مسوريءَ مان منهنجي ڪيس موڪليل خط جي جواب ۾ لکي ٿو ته "اوهان لکيو آهي ته مسٽر گزدر کي مدد ڪرڻ لاءِ راءِ صاحب ميٺارام اجيت سنگهه کي خط لکان. پر ان کي چوڻ بيڪار آهي. هو نهايت شريف ماڻهو آهي پر آفيسرن جو پڪو غلام آهي. ان کان بهتر آهي ته محمد عثمان سومري کي چئجي. مسٽر گزدر جي حالت تي رحم ٿو اچي پر چا ڪجي. ضلع لوڪلبورڊ ڪراچيءَ ۾ هي دور آفيسرن جي مدد سان لوفرن ۽ بدمعاشن جو اچي ٿيو آهي. ڀلي پنهنجون من مانيون ڪن.

آءٌ هتي پنهنجي صحت جي درستيءَ لاءِ ويٺو آهيان."

١٣- اگسٽ ١٩٣٣ع- سن.

خانبهادر عظيم خان خط لکي ٿو ته "منهنجي فلئٽ ڇڏڻ تي اوهان جي بنگلي ۾ اچي رهڻ بابت خط پهتو مهرباني. ٻي مهيني جڏهين ڪراچي ايندس ته صلاح مصلحت ڪبي".

١٦- اگسٽ ١٩٣٣ع- سن.

خابهادر عظيم خان خط لکي ٿو ته "حيدرآباد سنڌ لوئر زميندراي بئنڪ جي ميٽنگ ٢٥- آگسٽ رکيل آهي. ان ۾ ضرور وڃان. جو ان موقعي تي ڪي ضروري صلاح مصلحتون ڪرڻيون آهن".

١٧- اگسٽ ١٩٣٣ع- سن.

سيد ميان اسدالله شاه باجارن وارو خط لکي ٿو تہ ”سيد ميان جيندل شاهہ آراضيءَ ۽ مخدوم هالا جي ٻنيءَ تان اختلاف دور ڪرڻ واسطي ڳالهين لاءِ ميان غلام حيدر صاحب آراضي اچڻ وارو آهي. اوان ڪي تاريخ معلوم ڪرڻ تي اطلاع ڏينداسون.

مهرباني ڪري ان تاريخ تي هتي ايندا“.

١٩- اگسٽ ١٩٣٣ع- سن.

خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙو لکي ٿو تہ ”وعدي موجب سن دعوت تي اچي نٿو سگهان.

آءٌ سائين جن جو حياتيءَ تائين نيازمند ۽ ٻڪو خادم آهيان ٻي دفعي اچي حاضري ڏيندس ۽ شڪار بہ ڪندس“.

٢٦- اگسٽ ١٩٣٣ع- سن.

مسٽر ٿهلراماڻي باليشاهہ مان لکي ٿو تہ ”وڏيري موسيٰ خان ڪلهوڙي جو چوڻ آهي تہ خانبهادر محمد پريل جلد ڪراچيءَ ويندو. ان جي رهائش لاءِ تنهنجي بنگلي جون چاٻيون ڪيس وٺي موڪليان. وري لکي ٿو تہ ڪراچيءَ ۾ قاضي عبدالرحمان مليو هوم. ان ڪيس ٻڌايو تہ گبسن سان سندس گفتگو ٿي هئي. جنهن ڪيس چيو تہ جي. ايم. سيد ٿهلراماڻيءَ جي چيف آفيسر مقرر ڪرڻ ۾ انهي ڪري دلچسپي وٺي رهيو آهي جو ٿهلراماڻي ڪانگريسي هو. انتي قاضي ڪيس ٻڌايو هي ٿهلراماڻي ڪانگريسي ڪونہ آهي بلڪ ٻيو ٿهلراماڻي ڪانگريسي هو. هن ڪي سيد جي مدد ڪرڻ جا بہ ڪارڻ آهن. هڪ تہ هن جو پي ڪيترا سال سن جي درنيڪيولر اسڪول جو هيڊ ماستر هو ۽ سيد ۽ ٿهلراماڻي ٻئي ٿياسافٽ آهن. وري لکي ٿو تہ اڄڪلهہ قاضي سني رخ ۾ آهي“.

٣- سيپٽمبر ١٩٣٣ع- سن.

سيد شاهنواز شاه لکي ٿو ”تہ اوهان جي مدد سان ٻيو دفعو قرض مليو.

لهڻيدارن کي قرض ڏيئي مشين ورتي اٿم. اوهان ڪراچيءَ اچي مهر علي شاه ۽ حاجي عبدالرحيم شاه کي ناهي ڏيندا.“

٥- سيپٽمبر ١٩٣٣ع- سن.

رئيس فقير بخش خان ڪاڇي خط لکي ٿو تہ ”مون دادوءَ ۾ اوهان وٽ شهمير خان کي انگريزي ماستريءَ لاءِ موڪليو. اوهان ڪيس جواب ڏنو

تہ ”دير سان اچڻ ڪري حال جايون ڀرجي ويئون آهن. هاڻ ڪجھہ وقت وري انتظار ڪرڻو پوندءِ“

”اوهان کي ٿهلراماڻيءَ ڪانسواءِ ٻي جي ڪم ڪرڻ لاءِ دل ئي نٿي ٿئي“

۵ - سپٽمبر ۱۹۳۳ع- سن.

ريجهومل آڏواڻي لکي ٿو تہ ”تون هن دفعي ڪراچيءَ آئين. ڪنهن بہ دوست کي ڪونہ مليئين. ڪٿي هئين؟ اها ڳالھہ واجب نہ آهي“

۵ - سپٽمبر ۱۹۳۳ع سن.

خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙو خط لکي ٿو تہ ”ڊڪ منشگيرين جون جايون، ميمبرن جي سفارشين ۾ ورهايون اٿم. انهن مان هڪ اوهان جي ماڻهوءَ لاءِ رزورڊ ڪئي اٿم. ڪوبہ ماڻهو موڪليو تہ ان کي ڏيان.“

۷- سپٽمبر ۱۹۳۳ع- سن.

خانبهادر ڪلهوڙي کي جواب موڪليم تہ ”نوڪريون ڪم جي ضرورت پٽاندڙ لائق ۽ مستحق ماڻهن کي ڏيڻ گهرجن ۽ نہ ميمبرن کي رضامند ڪرڻ خاطر ورهائڻ گهرجن. آءٌ ان مال غنيمت مان بهرور ٿيڻ نٿو گهران“

۹- سپٽمبر ۱۹۳۳ع- سن.

سيد ميران شاه سمل مان خط لکي ٿو ”جنهن ۾ اتي جي سهڻن نظارن ۽ رنگين سوسائٽيءَ جو ذڪر نهايت اديبانہ انداز ۾ پيش ڪري ٿو“.

۳۰ سپٽمبر ۱۹۳۳ع- ڪراچي.

سيد مهر علي شاه مسوريءَ مان ”وقف ايڪٽ بابت احوال موڪلي ٿو ۽ پڇي ٿو تہ :

۱۹ سپٽمبر ۱۹۳۳ع مسٽر گزدر بابت ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ميٽنگ ۾ چا ٿي گذريو. هو آڪٽومبر جي آخر تائين مسوريءَ ۾ هوندو“

۲۳- آڪٽومبر ۱۹۳۳ع- سن.

مسٽر محمد هاشم گزدر لکي ٿو تہ ”لوڪلبورڊ کان ٻاهر نڪرڻ بعد آرڪٽيڪٽ جو ڪم شروع ڪيو اٿس. سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جو ڪم مسٽر دستور ڪيس ڏيڻ جو نهراءِ بورڊ اڳيان پيش ڪيو آهي، وٺائي ڏيڻ ۾ مدد ڪريا.

۲۳- آڪٽومبر ۱۹۳۳ع- سن.

جهمٽ مل ٽوئنرمل ٽذاتي خط لکي ٿو تہ ”ٺهلراماڻي ۽ ريجهومل آڏواڻيءَ کي نوڪريون وٺائي ڏنئي، باقي سنگت مان هو رهجي ويو آهي (هي واپاري ۽ ملڪيت وارو هو) ان جو خدا قيامت ڏينهن حساب وٺندءِ.“ هي خط مذاق طور لکيل هو.

٨ - نومبر ١٩٣٣ ع- سن.

خانبهادر محمد ايوب کهڙو خط لکي ٿو تہ ”ڪيس سرڪار سنڌ ائڊمنسٽريٽو ڪميٽيءَ جو ميمبر مقرر ڪيو آهي هو ڪراچيءَ ۾ آفيس ڪندو.“

١٣ - نومبر ١٩٣٣ ع- حيدرآباد.

حيدرآباد بيسنٽ هال ٿياسافيڪل سوسائٽي ۾ هندو مسلم سوال تي غور ڪرڻ لاءِ هڪ ميٽنگ گڏ ٿي. جنهن ۾شيخ عبدالمجيد، خانبهادر کهڙي، پير غلام مجدد، مير بنده علي، مسٽر عبدالجبار، مسٽر نور محمد وڪيل، هيرانند کيمسنگ، مکي گوبندرام، پرڀداس شيوڪرام سنتداس منگهارام، چيتمل پرسرام وغيره شرڪت ڪئي.

١٢- ١٧ نومبر ١٩٣٣ ع- دادو.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جون ميٽنگون هيون.

١٩- نومبر ١٩٣٣ ع- دادو.

سيد ميران محمد شاه حيدرآباد مان لکي ٿو تہ ”سندس ڀاءُ قاسم شاهہ کي فرزند ڄائو آهي نالو قمرالزمان رکيو ائٿونس.“

٢٠- نومبر ١٩٣٣ ع- سن.

مسٽر ٺهلراماڻي باليشاهہ مان لکي ٿو تہ ”١٧ تاريخ دادوءَ کان ٽون ڳوٺ وڃين پوءِ مونکي ڪراچي موڪليو ويو. ڪليڪٽر دادوءَ جو ميهڙ ۾ پروگرام هو انجي اعزاز ۾ ٢١ تاريخ خانبهادر ڪلهوڙي پارٽي ڏني تي پر اها رد ٿي. خانبهادر ڪلهوڙو چوي ٿو تہ ڪليڪٽر اڃا ڪيس مونکي لوڪلبورڊ جي چيف آفيسريءَ جي چارج ڏيارڻ جي اجازت نہ ڏني آهي. ڪليڪٽر کي آءٌ ملڻ وارو آهيان. خانبهادر ڪلهوڙو ٢٩- تاريخ شهدادپور ڪمشنر صاحب کي ڏسڻ ويندو. آءٌ ساڻس ويندس.“

٢٣- نومبر ١٩٣٣ ع- سن.

مسٽر ٺهلراماڻي لکي ٿو. باليشاهہ مان، ”ڪليڪٽر سردار محمد خان کي مليو آهي هو سنو ۽ شريف ماڻهو آهي“ خانبهادر محمد پريل لاءِ

لکي ٿو تہ ان سان خبرداري سان خط وڪتابت ڪندو ڪج، هوشڪي ماڻهو آهي. اعتبار رکڻ جهڙو نہ آهي."

٢٨ نومبر ١٩٣٣ع- سن.

ميران محمد شاه حيدرآباد مان لکي ٿو تہ اڄڪلهہ لال ڪر پالاڻي جي ڪيس ۾ قاتل آهي. مير محمد شاه عامريءَ واري لاءِ سفارش ڪري ٿو تہ سندس جان ڪيس مان آزاد ڪرايان"

٣- ڊسمبر ١٩٣٣ع- سن.

مسٽر ٺهلراماڻي باليشاهہ مان لکي ٿو تہ "خانبهادر ڪلهوڙو شهدادپور ڪمشنر کي ملڻ لاءِ هليو پر اتي ڪمشنر جي ملڻ ڪانسواءِ موٽي آيو. هن اوچتو آفيسر ۽ انجنير جي جاءِ جدا ڪرڻ جي تجويز ڪئي آهي. ان جو مقصد سمجهي نٿو سگهان.

شايد ان مان مونکي ڪيڻ جو مقصد هجيس. خبر نہ آهي حالتون ڪٿي بيهن. شايد ڪليڪٽر دادؤ جو ان سازش ۾ هٿ نہ هجي"

٣- ڊسمبر ١٩٣٣ع- سن.

سيد ميران محمد شاه ڪراچيءَ مان لکي ٿو تہ "تو واري ڪراچيءَ جي بنگلي تي با قبيلي رهيل هوس هاڻ ڳوٺ وڃان ٿو. گهڻو آرام آيو.

تنهنجا ٻئي دوست حاتم علوي ۽ مسٽر گزدر بابا مير محمد بلوچ جي وفاتيءَ سبب بمبئي ڪائونسل جي ميمبريءَ جي خالي ٿيل جاءِ اميدوار بيٺا آهن. انهن کي سمجهاءِ."

٥ - ڊسمبر ١٩٣٣ع- سن.

مسٽر حاتم علوي ڪراچيءَ مان لکي ٿو تہ "تو شهمير خان ڪاڇيءَ کي سنڌ مدرسي ۾ نوڪري وٺي ڏيڻ لاءِ خط لکيو آهي. هي ماڻهو ڪارگر نہ آهي.

گهڻو وقت ٿيو تہ مون کان اڌارا پيسا وٺي ويو آهي اڃان نہ موٽايا اٿس. ڇا تون مسلمانن جي ٻچن جي سنڀال اهڙي ماڻهوءَ جي هٿ ۾ ڏيڻ گهرين ٿو؟"

٦- ڊسمبر ١٩٣٣ع- حيدرآباد سنڌ.

آغا گل حسن جي دعوت تي سندس فرزند آغا عبدالنبي جي شاديءَ ۾ حيدرآباد ٨ بجہ شام جو شرڪت ڪئي ويئي.

١٣- ڊسمبر ١٩٣٣ع- سن.

سيد ميران محمد شاه سنڌ آزاد ڪانفرنس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ١٩- تاريخ منهنجي ڪراچيءَ جي بنگلہ تي رکي جنهن جو اطلاح ڏنائين.

پر ان ۾ وچي ڪين سگهيس. ان ۾ ڊو صاحب جي چيرمني هيٺ سنڌ ائڊمنسٽريٽو ڪميٽيءَ اڳيان پيش ٿيڻ وارن سوالن تي غور ڪرڻو هو"

١٥- ڊسمبر ١٩٣٣ع- سن.

مسٽر ٿهلراماڻي خط لکي ٿو تہ "سيوهڻ ۾ ڪيلڪٽر سان مليو. هو هاڻ همدرد ڏسڻ ۾ آيس. هن چيو پگهار گهٽائڻ لاءِ خانبهادر ڪلهوڙي بورڊ جي اطلاع ڪانسواءِ مخفي ليٽر لکي موڪليو هو. مسٽر محمد بخش جج سيوهڻ آغا عبدالنبي پرسنل اسسٽنٽ ڪليڪٽر دادو جا ساٿس همدرد هئا. تون هاڻ خانبهادر کي اچي سمجهاءِ تہ مون کي چارج ڏيارڻ لاءِ ڪليڪٽر کي خط لکي موڪلي تہ هو يڪدم اجازت ڏيندو. خانبهادر ڪلهوڙي ۽ تاراچند اڪائونٽنٽ گڏجي جيڪي ڪم ڪيا آهن. انهن چوپولو پيدا ڪري ڇڏيو آهي. خانبهادر ظاهر ۾ هڪڙي ڳالهہ ٿو ڪري اندارن ٻي. تنهن ڪري سندس ڳالهہ تي اعتبار نٿو اچي."

١٧- ڊسمبر ١٩٣٣ع- نواب شاه.

جامع مسجد نواب شاه ۾ منهنجي صدارت هيٺ نواب شاه ضلعي جي مکيہ سياستدان مسلمانن جو ميڙ ڪٺو ٿيو. تہ خانبهادر امام بخش خان جتوئي ۽ خانصاحب گل محمد خان ڪيڙي جي گروهن ۾ صلح ڪرائي اختلاف دور ڪرائجن.

ان مجموعي ۾ جيڪي صاحب آيا تن مان مکيہ ماڻهن جا نالا هيٺيان آهن:

١- خانبهادر حاجي امام بخش خان جتوئي ٢- ميرزا فرخ بيگ ٣- سيد امام علي شاه پريا ۴- سيد قرارو شاهہ ڊيرو ۵- خانصاحب حاجي دوست محمد ميمڻ ٦- نواب ڪانپو خان جوڻيجو ٧- خانصاحب گل محمد خان ڪيڙو ٨- پير قربان علي صاحب ٩- سيد ميان خير شاهہ ١٠- ميان محمد لقمان ١١- رئيس رسول بخش خان انڙ ١٢- خان محمد خان جلباڻي.

ان ميٽنگ ۾ ابتدائي گفتگو ٽن ڪلاڪن تائين هلي. وري ميٽنگ کي وڌيڪ ڳالهين هلائڻ لاءِ ٧ جنرري ١٩٣۴ع تي ملتوي ڪيو ويو.

سال ۱۹۳۴ع

۱ جنوري ۱۹۳۴ع- ننئو.

نئي ۾ دوستن جي ملڻ لاءِ ويڻ ٿيو، سيد شاهنواز وٽ مهمان رهيس.

۴- جنوري ۱۹۳۴ع- سن.

مسٽر ٿهلراماڻي، حاجي اسدالله شاهه باجارن وارو ۽ سيد حاجي فضل علي شاهه ڀانن وارو مهمان هئا. هي آراضي جي سيدن ۽ مخدومن جي اختلاف دور ڪرڻ لاءِ صلاح مصلحت واسطي آيل هئا.

ساڳي ڏينهن ٻيڙي ۾ چڙهي ڀاڻوٽ تعلقه هالا ۾ ويس. جتي ٻه ڏينهن رهي ٦ تاريخ شام جو نواب شاه پهتس. سيد ميان ٻڍل شاهه وٽ رهڻ ٿيو.

۷ - جنوري ۱۹۳۴ع- نواب شاهه.

اڳي دفع مهمان ٿيل گفتگو وري بحث هيٺ آئي. سارو ڏينهن مختلف تجويزون زير ويچار رهيون. جن جو احوال ميٽنگ جي ڪارگذاري جي فائيل مان ملي سگهندو.

وري ١٢- تاريخ تي گڏ ٿياسون. آخر ١٣- تاريخ فيصلا ٿيا.

پريزيڊنٽي لوڪلبورڊ جي هڪ ڏر کي ملندي ۽ اسيمبليءَ جون جايون ٻنهي ڌرين ۾ برابري طور وراهيون ويندي‌يون. نواب شاهه ۽ شهدادپور سنجهوري طرف جون جايون آزاد رهندي‌يون.

(نوٽ)

اڳتي هلي اهو صلح قائم نه رهيو ڇاڪاڻ ته انجو بنياد شخصي خود غرضي جي بنيادن ٻڌل هو. گروهن مان شخصن جي ڦير گهير سهوليت خاطر ٿيندي رهي.

۱۴- جنوري ۱۹۳۴ع- محراب پور.

خانبهادر امام بخش خان جتوئي ايندڙ اسيمبليءَ جي چونڊ ۾ ووٽن لاءِ سيد ميان پير شاه وٽ آيو. جنهن کيس جواب ڏنو ته سندس ووٽن جو فيصلو پير حاجي شاه نورائي واري کي ڪرڻو آهي. ان ڪري ان کي ڏسڻ گهرجيس.

۱۸- جنوري ۱۹۳۴ع- سن.

سوامي رام تيرٿ جا امريڪا ۾ ڏنل ليڪچر مشرقي تعليم تي پڙهي پورا ڪيم.

۽ سوامي وويڪانند جا ليڪچر پڙهڻ شروع ڪيم.

۲٦- ۲۷ جنوري ۱۹۳۴ع- ڪراچي.

ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ميٽنگن ۾ شرڪت ڪيم.

سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جي ميٽنگ ۽ ملير سوسائٽي جي ميٽنگ ۾ ويس.

۳۱ جنوري ۱۹۳۴ع- ميرپور بٺورو.

پير مهرشاه جي ميلي تي ويس. ان جو خاص مقصد اتي گڏ ٿيندڙ ماڻهن سان ملي ايندڙ سنڌ اسيمبليءَ جي اليڪشن بابت سياسي سروي ڪرڻ هو. ٻي ڏينهن موٽي ڪراچي آيس. جتي سنڌ ائڊمنسٽريٽو ڪميٽيءَ اڳيان شاهدي ڏنيم.

۸ - فيبروري ۱۹۳۴ع- ٺٽو ۽ نور محمد قناد جو ڳوٺ.

ٺٽي اچي وڏيري محمد عثمان سومري کي ساڻ ڪٺي نور محمد قناد جي ڳوٺ آياسون. جتي ان سان گفتگو ڪري واپس موٽياسون.

۱۰- فيبروري ۱۹۳۴ع- نواب شاهه.

خانبهادر عظيم خان سان نواب شاهه ۾ لوئر سنڌ زميندار بئنڪ جي حصن گڏ ڪرڻ لاءِ ويس. جتان خانبهادر سان گڏجي ۱۱- تاريخ سڪرنڊ آياسون.

۱۳- فيبروري ۱۹۳۴ع- قاضي احمد.

رئيس رسول بخش خان انڙ جي دعوت تي جمال شاهه جي ميلي تي ويس. جتان ٻي ڏينهن موٽي مجيد ڪيريي ڳوٺ اچي پوءِ ڳوٺ آيس.

۱۷ کان ۲۰ فيبروري ۱۹۳۴ع- دادو.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ دادو جي ميٽنگن لاءِ دادو ۾ هوس.

۲۱ فيبروري ۱۹۳۴ع- سن.

خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙو، وڏيرو موسيٰ خان ڪلهوڙو سن ۾ دعوت تي آيا. مسٽر ٿهلراماڻي چيف آفيسر لوڪلبورڊ ساڻ هو. ٻي ڏينهن رني ڪوٽ گهمياسون. سن سڪول وارن پريزيڊنٽ جي اعزاز ۾ جلسو ڪيو.

۳ فيبروري ۱۹۳۴ع- سن.

وڏيري محمد عثمان سومري خط لکيو تہ ” ۹- ۱۰- ۱۱ مارچ ۱۹۳۴ع تي ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جون ميٽنگون رکيل آهن. جن ۾ قاضي عبدالرحمان جي ڪيڻ جو سوال بہ اچڻ وارو هو. ان ۾ ضرور وڃان متان جند ڇڏائي نہ وڃي.

(نوٽ)- ان ميٽنگ ۾ ڪونہ ويس.

۲۸ فيبروري ۱۹۳۴ع- ڪراچي.

سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جي جنرل باڊيءَ جي ميٽنگ هئي.

پيهرن جو طيبجيءَ وارن وٽ لنچ هيم. شام جو سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ ۾ مسٽر اي، بي، آڏواڻي ”سنڌ ۾ انگريزن جي اوائلي واپار تي، مضمون پڙهيو“

٦- مارچ ۱۹۳۴ع- حيدرآباد.

حيدرآباد ۾ قاضي محمد اڪبر وٽ مهمان رهيس. ٻي ڏينهن لوئر سنڌ زميندراي بئنڪ جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪيم- ۸-۹ تاريخ مارچ يا متيارين ۾ چاموٽ محمد علي شاهہ جي دعوت تي ويس.

۲۷- مارچ ۱۹۳۴ع- حيدرآباد.

حيدرآباد ۾ زميندراي بئنڪ جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ آيس.

ان ۾ مسٽر هرچندراءِ ٺهلرام کي مئنيجر ڪري رکيو ويو. ٻي ڏينهن ڪوٽڙيءَ ۾ ملڪ شيردل خان جي پائٽي جي عذرخواهي لاءِ وٽس ويس.

۲۹- مارچ ۱۹۳۴ع- ڪراچي.

صبوح جو ڪوٽڙيءَ مان ٺهلراماڻيءَ سان گڏ موٽر ۾ چڙهي، ٿاڻي بولا خان لاءِ روانا ٿياسون موٽر بارن جي نئين ۾ گپي پيو. ان ڪري، آءٌ اڪيلو پنڌ موٽي، گاڏيءَ ۾ چڙهي ڪراچيءَ آيس.

۴- اپريل ٽائين اتي هوس- صوفي سماگم، سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جي ميٽنگن ۾ شرڪت ڪيم. خانبهادر کهڙي ۽ ميران محمد شاهہ سان آئنده سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊن بابت گفتگو ٿي.

۳- اپريل ۱۹۳۴ع تي سرشاهنواز ڀٽي لاڙڪاڻي ۾ سندس فرزندن مسٽر امداد علي ۽ سڪندر علي ڀٽي جي شادين ۽ ذوالفقار علي ڀٽہ جي ختنہ جي تقريب ۾ شرڪت لاءِ دعوت موڪلي پر وڃي ٿي سگهيس.

۵- اپريل ۱۹۳۴ع- مجيد ڪيريو ڳوٺ.

اتي برادرم غلام حسين شاه هالن واري منهنجي زمين مجيد ڪيريي جي عام مختيار جي شاديءَ جي تقريب ۾ شرڪت ڪيم.

۸- اپريل ۱۹۳۴ع- دادو.

ضلع لوڪلبورڊ دادو جي ستنڊنگ ڪميٽيءَ ۾ شرڪت ڪيم

ضلع لوڪلبورڊ لاءِ ميان علي محمد سيال کي ائڊمنسٽريٽو آفيسر مقرر ڪيو ويو.

۹- اپريل صبوح جو موٽر ۾ چڙهي، باليشاه ۾ خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙي وٽ وياسون. جتان ۱۰- تاريخ موٽر رستي موهن جي دڙي ڏسڻ لاءِ وياسون

رستي ۾ لاڙڪاڻي، ڏوڪري، نصيرآباد، قنبر، وڳڻ، باڊه، ڏسندا رات جو موٽي باليشاه آياسون.

۲۳- اپريل ۱۹۳۴ع- سن.

سردار محمد خان ڪليڪٽر دادوءَ جي بدلي ٿي ۽ انجي جاءِ تي خانبهادر نور نبي خان اچي چارج ورتي.

۲۷- اپريل ۱۹۳۴ع- حيدرآباد ۽ ڪراچي.

حيدرآباد ۾ لوئر سنڌ زمينداري بئنڪ جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪري ڪراچي آيس.

۲۸- تاريخ سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جي ميٽنگ تي. ان حاتم علوي کي وائيس چيرمن چونڊيو ويو. ٻيا به ڪيترا اهم سوال فيصل ٿيا.

۲۹- تاريخ سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي جي ميٽنگ ۾ مسٽر ايچ سي ملڪاڻي شڪارپور جي"عشقيه داستان" تي مضمون پڙهيو.

(نوٽ)

هن وقت ڏاري آءٌ عجيب ذهني ۽ نفسياتي ڪشمڪش ۾ مبتلا هوس. هڪ طرف آزاد سنڌ اندر سنڌي سياست کي شخصي اقتدار پرستي جي دائري کان ڪڍي ڪن اصولن جي بنياد تي پروگرام تيار ڪري پارٽي ٺاهي ڪم ڪرڻ جو سودا سمايل هو.

ٻي طرف سياسي اختلافن، دشمنين، جنگ اقتدار کان تنگ ٿي سياست کي ترڪ ڪري جذباتي ۽ ثقافتي زندگي گذارڻ لاءِ ڪي خيال سوچي

رهيو هوس.

پوئين قسم جي خيالن کي مضمون جي صورت ۾ قلم بند ڪندو ويس جن جا سِرا تاريخ وار هيٺ ڏيان ٿو. اهي خيال منهنجي عشق مجازي مان حاصل ڪيل تجربہ جا نتيجا هئا.

١- دوست سان پہ ٿي ڳالهيون	١- مئي ١٩٣٤ع
٢- فراق جون گهڙيون	٥- مئي ١٩٣٤ع
٣- تنهنجي غلاميءَ جا ڏينهن	٧- مئي =
٤- قريب جو قرب	٩- مئي =
٥- محبوب جو مڪتب	١٠- مئي =
٦- برهہ جو بحر	٣١- مئي =
٧- دوست کان دور	١- جون =
٨- پرين جي پلاند ۾	٤- جون =
٩- پير کان پير تائين	٢٠- جون =
١٠- عشق جي راهہ ۾	٢- آڪٽوبر =
١١- مجاز جو نقشو	١٤- جنوري ١٩٣٥ع.

پنهي مان هڪ کي چڏي ٻي کي وٺڻ جو فيصلو ڪري سگهيس سياست ۾ ڪافي گهپي چڪو هوس جنهن مان جند آزاد ڪرائڻ مشڪل مسئلو هو.

تنهن ڪري ساڳي وقت ٻئي تجربہ ڪندو رهيس.

٦- مئي ١٩٣٤ع- سن.

مسلم ادبي سوسائٽيءَ جو ٽيو ساليانو اجلاس حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جي صدارت هيٺ ڪٺو ٿيو. سوسائٽيءَ جو پريزيڊنٽ سيد ميران محمد شاه ۽ سيڪرٽري مسٽر محمد صديق ميمڻ هئا.

ان ۾ شرڪت ڪري ڪونہ سگهيس.

١٥- مئي ١٩٣٤ع- سن.

مسٽر حاتم علوي خط لکي ٿو تہ "مسلم هائوسنگ سوسائٽيءَ جي سامهون واري رستي تي خانصاحب شيخ محمد بخش جي چوڻ تي، سچل فقير روڊ نالو رکڻ لاءِ ميونسپالٽيءَ ڪراچيءَ جي چيف آفيسر کي هن خط لکيو آهي.

٢٧- مئي ١٩٣٤ع- ڪراچي.

سيد ميران محمد شاه سنڌ آزاد ڪانفرنس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو اجلاس، منهنجي بنگلي مسلم ڪالوني تي رکيو هو. جنهن ۾ شرڪت ڪيم. سنڌ سينٽرل بئنڪ جي ميٽنگن ۾ شرڪت ڪيم. ملير سوسائٽي جو ڪم ڏٺم . دوستن ڪي ملندو رهيس. هفتو ڪن ڪراچيءَ هوس.

۴- جون ۱۹۳۴ع- ڪراچي.

سيد ميران محمد شاه لکي ٿو تہ "اوهان پيپلس پارٽيءَ جي ميٽنگ ۲۸- جون تي رکي آهي، سا تاريخ بدلائڻ گهرجي جو پير غلام حيدر شاه مشهد وڃڻ وارو آهي. ڪيس انهيءَ تاريخ تي بمبئيءَ ۾ سينيٽ جي ميٽنگ هئي. ٦جون تي حيدرآباد قاضي محمد اڪبر ڪي حيدرآباد ميونسپل چونڊن ۾ مدد ڏيڻ لاءِ جڏهن ويس تہ ميران محمد شاهہ جي صلاح سان تاريخ بدلائي ۱۲- جون رکي ويئي.

۱۴- جون ۱۹۳۴ع- ڪراچي.

منهنجي بنگلي مسلم ڪالوني ۾ سرشاهنواز خان ڀٽہ جي صدارت هيٺ ۵ بجہ شام جو ميٽنگ ٿي. جنهن ۾ هيٺيان مکيہ سياسي ڪارڪن حاضر هئا:

۱- سر شاهنواز خان ڀٽو ۲- چاموٽ سيد محمد علي شاهہ متياري ۳- خانبهادر الهہ بخش خان سومرو ۴- سيد ميران محمد شاهہ ۵- مسٽر حاتم علوي ٦- حاجي مولا بخش سومرو ۷- پير بقادار شاهہ ۸- جي. ايم. سيد

صلاح مصلحت بعد فيصلو ٿيو تہ سنڌ ۾ "پيپلس پارٽي" نالي هڪ سياسي جماعت ٺاهي وڃي. پوءِ ميٽنگ ٻي ڏينهن تي مهمل ٿي.

۱۳- جون ساڳي جاءِ تي صبوح جو ۱۰ بجي ميٽنگ گڏ ٿي. سرشاهنواز ڀٽي جي غيرحاضريءَ ۾ خانبهادر الهہ بخش صدارت ڪئي. ان ۾ ڪالهہ وارن ڪارڪنن ڪان سواءِ وڌيڪ هيٺيان صاحب حاضر ٿيا.

۱- سيد محمد علي شاه - ڏيرو ۲- خانبهادر چاڪر خان سهرياڻي. ۳- سيد شاهنواز شاه - ٺٽو- ان ميٽنگ ۾ پارٽيءَ جو دستور العمل پاس ٿيو. پارٽيءَ جا هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا.

۱- ليڊر- سرشاهنواز ڀٽو
۲- ڊپوٽي ليڊر- خانبهادر الهہ بخش، ميران محمد شاه
۳- جنرل سيڪرٽري- حاتم علوي

۴- جائنٽ سيڪرٽري- جي ايم سيد
ليڊر کي ۴۰- ڄڻن جي ورڪنگ ڪميٽي نامزد ڪرڻي هئي.
سنڌ ۾ پارٽيءَ جي ڪاروبار کي زور وٺائڻ لاءِ هيٺين ڄڻن جي ڪاميٽي منتخب ٿي.

١- ضلع سکر- خانبهادر الهه بخش سومرو.
٢- ضلع لاڙڪاڻو- سردار نبي بخش خان ڀٽو.
٣- ضلع حيدرآباد- سيد ميران محمد شاهه.
۴- ضلع دادو - خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙو.
۵- = ڪراچي- حاجي عبدالرحيم شاهه.
٦- = نواب شاه- ميرزا فرخ بيگ.
٧- = ٿرپارڪر- خانبهادر غلام نبي شاهه
٧- = اپرسنڌ- خانبهادر چاڪر خان سهرياڻي

ان ڏينهن سرشاهنواز ڀٽي وزير لوڪل سيلف گورمنٽ کي ينگ مين بورا ائسوسيشن پيهرن جو ڪراچي ڪلب ۾ دعوت ڏني

١۴- تاريخ سرشاهنواز بمبئي روانو ٿيو.

٢٧- جون ١٩٣۴ع- سن.

خانبهادر عظيم خان خط لکي ٿو ته "۴- جولائي حيدرآباد ۾ لوئر سنڌ زميندار ي بئنڪ تان مسٽر هرچند راءِ جي استعيفا ڏيڻ تي مسٽر سامتاڻي کي مئنيجر مقرر لاءِ ميٽنگ ۾ شرڪت ڪريان.

١۴- تاريخ سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جي ميٽنگ لاءِ ڪراچيءَ وڃان. جو ضروري ڪم آهن."

۴ جولائي ١٩٣۴ع- حيدرآباد سنڌ.

حيدرآباد لوئر سنڌ ڪوآپريٽو بئنڪ جي ميٽنگ ٿي. ان ۾ مسٽر هرچندرا ، جي استعيفا ڏئي وڃڻ ڪري مسٽر سامتاڻيءَ کي مئنيجر چونڊيو ويو.

٧- کان ١١ جولائي ١٩٣۴ع- دادو.

دادو ۾ لوڪلبورڊ جي ميٽنگن لاءِ ويو هوس. ان وقت سيد محمد حسين شاه نقوي ڊپيوٽي سپرنڊنٽ پوليس دادو هو جنهن سان دوستانه تعلقات هئڻ ڪري ملندو رهيس.

١١- تاريخ خانبهادر بي قاعدي ٺهرايو هو. ان تي هن سول

ڪورٽ ۾ دعوي ڪئي هئي. ان تي سندن وچ ۾ صلح ڪرايو ويو

ريجهومل آڏواڻي دادؤ ۾ مسلم پراويڊنٽ فنڊ جي پرچار لاءِ آيو

۱۴ جولائي کان ۳۱ جولائي ۱۹۳۴ع- ڪراچي.

۱۴- تاريخ سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪيم. ملير ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ جي نظرداري ڪيم.

۱۳- تاريخ حاتم علويءَ جي نوجوان بورا رفارمسٽ گروهه آدم مسجد واڌومل روڊ تي جمع نماز لاءِ وڃڻ گهريو. بورن انهن کي اندر اچڻ کان منع ڪئي. آءٌ ۽ بيگم جي سرزمين تي حاضر هئاسون. بورن حاتم کي پير جي هئڻ ڪري، قتل ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني.

۲۱- جولائي حاتم علوي خانبهادر عظيم خان کي ڪليڪٽر ٽيڻ تي چانهه پارٽي ڏني.

۲۲- جولائي مون خانبهادر کي رات جي ماني‌ءَ تي گهرايو. راڳ جو انتظام ڪيل هو.

۱۹- جولائي ۱۹۳۴ع- ڪراچي.

مسٽر ٿهلراماڻي دادؤ مان خط لکي ٿو ته "۱۷- ۱۸ تاريخن وارا ضلع لوڪلبورڊ تي سنڌ آبزرور جا ايڊيٽوريل ملاحظه لاءِ موڪليان ٿو.

خانبهادر ڪلهوڙو روز بروز نامناسب روش اختيار ڪندو وڃي ٿو.

لکپڙهن تي اڪائونٽنٽ جي صلاح سان عجيب نوٽ لکي ٿو. هتي تجربيڪار بدمعاش سان ڪم پيو اٿم. جنهن ۾ نه شرم جو مادو آهي نه وفاداريءَ جو.

۲۳- جولائي ۱۹۳۴ع- ڪراچي.

مسٽر ٿهلراماڻي دادؤ مان خط لکي ٿو ته "سندس گريڊ جي منظوريءَ لاءِ مسٽر گزدر، ميران محمد شاهه ۽ سر پٽي کي لکان.

پوءِ لکي ٿو ته جهمٽ چوي ٿو "مسٽر سيد چوي پيو ته سياسي زندگيءَ مان ڪڪ ٿي پيو آهي پر هن دفعي جڏهن ڪراچيءَ هو ته سارو ڏينهن، رات انهن ڪمن ۾ مشغول هو.

ان جو مطلب ڇا آهي."

ان تي ٿهلراماڻي لکي ٿو "هن کي خبر نه آهي ته زندگي ساري تحريڪ آهي. ان ڪري جي سيد باوجود ناپسنديءَ جي ان جي وهڪري ۾ وهي وڃي ٿو ته ان ۾ سندس ڪهڙو قصور چئبو."

٢٢- جولائي ١٩٣٤ع- ڪراچي.

سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي ميٽنگ ۾ مسٽر اي جي مير چندائي "مسٽر ناٿن ڪرو" جي سنڌ بابت احوال تي مضمون پڙهيو.

٢٨- جولائي ١٩٣٤ع- ميران محمد شاهه سنڌ آزاد ڪانفرنس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ منهنجي بنگلي تي ڪئي ٿي.

٢٩- جولائي ١٩٣٤ع- سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ جي جنرل باڊيءَ جي ميٽنگ ڪئي ٿي. ان ۾ نوان ڊائريڪٽر چونڊيا ويا. بئنڪ جو نالو بدلائي سنڌ پراونشل ڪوآپريٽو بئنڪ رکيو ويو. آيل دوستن سان آزاد سنڌ جي ايندڙ چونڊن بابت صلاح مشوره ڪيو ويو.

٢- آگسٽ ١٩٣٤ع- ڪاڇي.

رئيس شهمير خان ولد فقير بخش خان ڪاڇي جي شاديءَ جي تقريب ۾ شرڪت ڪيم.

٨- آگسٽ ١٩٣٤ع- حيدرآباد.

حيدرآباد لوئر سنڌ زميداري بئنڪ جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪيم .

خانبهادر عظيم خان وٽ رات جو ماني ڪائي ڪيترن مسئلن تي گفتگو ڪئي ويئي.

٩ ڪان ١٤- اگسٽ ١٩٣٤ع- ڪراچي.

١٠- ١١ تاريخ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ميٽنگن ۾ شرڪت ڪيم.

١٣- تاريخ ڪراچي ميونسپالٽيءَ جي اليڪشن هئي.

١١- آگسٽ ١٩٣٤ع- ڪراچي.

ميران محمد شاهه حيدرآباد مان لکي ٿو ته "تنهنجو خط مسٽر حاتم طيب جي ڪراچي ميونسپالٽيءَ تي نامزد ڪرائڻ لاءِ پهتو. سر پٽي جو چوڻ آهي ته ان لاءِ ڪليڪٽر جي سفارش ضروري اٿس. ان جو انتظام ڪرڻ گهرجيس."

٢٨- آگسٽ ١٩٣٤ع- سن.

سيد ميران محمد شاه لکي ٿو ته "ايندڙ مرڪزي اسيمبليءَ جي چونڊ لاءِ سر پٽي الهه بخش سوميو کي بيهڻ لاءِ تيار پيو ڪري پر هو انڪار ڪري ٿو. شايد مولا بخش کي بيهاري، ان کان بهتر آهي ته نبي بخش پٽو بيهي. وڏيڪ خرچ ڪرڻ سبب سندس ڪاميابيءَ جو امڪان ٿي سگهي ٿو.

٣ - سيپٽمبر ١٩٣٤ع - سن.

مسٽر ٿهلراماڻي سن آيو. اتي ديوان روپچند ڪر چند ۽ منهنجي وچ ۾ ٿيل غلط فهمين کي دور ڪرايائين.

٦- سپٽمبر ١٩٣٤ع - سن.

سيد ميران محمد شاھ پوني مان ١٨- صفحن جو هڪ ڊگهو خط لکي اتي جي سوسائٽيءَ جي ادبيانہ انداز ۾ هڪ جهلڪ پيش ڪري ٿو.

٢٧- سپٽمبر ١٩٣٤ع - سن.

سيد ميران محمد شاھ لکي ٿو تہ "پير غلام حيدر شاھ بلڙيءَ واري ۽ پير الهيار شاھ مٽيارين واري، مرڪزي اسيمبليءَ جي ووٽن ڏيڻ بابت فيصلو ڪرڻ لاءِ هڪ ميٽنگ ٣٠- تاريخ حيدرآباد ۾ گهرائي آهي. اوهان ان ۾ ايندا."

٣٠- سپٽمبر ١٩٣٤ع - سن.

مسٽر ٿهلراماڻي. چينمل پرسرام، محمد بخش ميمڻ سب جج سيوهڻ ۽ ٻيا دوست سن ۾ ملڻ آيا.

آڪٽومبر مهينو سارو وقت مسٽر نبي بخش پٽہ جي اليڪشن جي ڪم سان حيدرآباد ۾ هوس. جتي لوئر سنڌ جي اليڪشن ورڪ جي چارج هيم.

آفيس ميران محمد شاھ جي بنگلہ جي پر ۾ هئي. انهي وقت ۾ حيدرآباد، ڪراچي، ٿرپارڪر، نواب شاھ ضلعن جا گشت ڪيم.

١٥- آڪٽومبر ١٩٣٤ع - حيدرآباد.

اڄ مرڪزي اسيمبليءَ جي ميمبرن لاءِ ڪراچيءَ جي ڪمشنر وٽ ٽن اميدوارن، ٻن جاين لاءِ نامينيشن پيپر پريا. ١- حاجي عبدالله هارون ٢- شيخ عبدالمجيد. ٣- نبي بخش خان پٽو.

١٧- تاريخ سڪروٽني ۾ ٽيئي نالا بحال ٿيا.

اسان نبي بخش خان کي مدد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

خانبهادر الهہ بخش کي اپر سنڌ جي ڪم جي چارج ڏني ويئي.

۽ مون دادو- حيدرآباد- ڪراچي، ٿرپارڪر ۽ نواب شاھ ضلعن جي چارج هٿ ۾ ڪئي.

١٤- نومبر ١٩٣٤ع - سڪرنڊ.

مرڪزي اسيمبليءَ جي چونڊ هئي. آءٌ سڪرنڊ پولنگ اسٽيشن تي هوس.

١٧- نومبر ١٩٣٤ع- حيدرآباد.

مرڪزي اسيمبليءَ جي چونڊ جا نتيجا ظاهر ٿيا:

نبي بخش ڀٽي کي ٩٣٢٨ — سيٺ حاجي عبدالله هارون ٩١١١ — شيخ عبدالمجيد ٦٢٢٨

ضلع وار ووٽن جو تفصيل هيٺيون نڪتو:

نمبر	ضلع	نبي بخش خان ڀٽو	سيٺ حاجي عبدالله هارون	شيخ عبدالمجيد
.١	ڪراچي شهر	٤٣٩	٥٨٨	٢٨٦
.٢	= ضلع	٦١٣	٥٩٠	٦٨٥
.٣	دادو	٩٠٣	٧٤٣	٤٩٥
.٤	لاڙڪاڻو	٢٨٣٨	١٦٢٩	٦٠٣
.٥	جيڪب آباد	٥٧٧	١١١١	٩٠٧
.٦	سکر	٧٥٣	٩٩٥	٩٣٩
.٧	نوابشاهه	١١٧١	١٣٠٦	٥٤٩
.٨	ٿرپارڪر	١٠١٨	٧٠٦	١٠٧٩
.٩	حيدرآباد	١٠١٦	١٤٤٣	٦٨٥
	ٽوٽل	٩٣٢٨	٩١١١	٦٢٢٨

٤ ڊسمبر ١٩٣٤ع- سن.

خانبهادر نور نبي ڪليڪٽر دادو، ڪوٽڙي کان دادو وينديء، سن ۾ ڪجهه وقت مون وٽ ترسي چانهه پي روانو ٿيو.

١٨- ١٩- ڊسمبر ١٩٣٤ع- دادو.

دادو ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جون ميٽنگون هيون. تفصيل ڪارروائيءَ جو فائيل ٢٠٨ مان ملندو.

سال ١٩٣٥ع

(نوٽ)

انهيءَ عرصي ۾ خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙي پريزيڊنٽ لوڪلبورڊ ۽ منهنجي وچ ۾ لوڪلبورڊ دادوءَ جي ڪيترن سوالن تان اختلاف

پيدا ٿي پيا. لوڪلبورڊ جو پيسو اجايو خرچ ڪيو ويو ٿي. انتظام باقاعده نٿي هليو. ان تي مون ڪيس ڪي سوال لکي موڪليا. هن نه انهن جو جواب ڏنو نه بورڊ اڳيان سوالن کي رکيائين.

جنهن تي مون مسٽر ٿهلراماڻيءَ کي لکي موڪليو ته ڪيس سمجهائي نه ته ڪورٽ ۾ وڃي سندس انهن ڳالهين جي اپٽار ڪئي ويندي. ٣- جنوري تي ٿهلراماڻي جواب ڏنو "ته ڪليڪٽر کي انهي بابت لک ۽ ترس ته ڪهڙو ٿو جواب ملي."

١٧- جنوري ١٩٣٥ع- سن.

مسٽر محمد هاشم گزدر خط لکي ٿو ته "تنهن جي مذهبي عقيدن بنسبت مونکي نهايت افسوسناڪ خبرون ملي رهيون آهن."

٢٥- جنوري ١٩٣٥ع- ڪراچي.

مسلم پراوڊنٽ سوسائٽيءَ جي ڊائريڪٽرن جي ميٽنگ منهنجي بنگلي تي ٿي. شام جو سنڌ پراونشل ڪوآپريٽو بئنڪ جي ميٽنگ ۾ وياسون.

٣- فيبروري ١٩٣٥ع- سن

خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙي پريزيڊنٽ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ دادوءَ کان لوڪلبورڊ بابت ڪي سوال پڇيم. تفصيل فائيل نمبر ٢٩٢.

١٨- فيبروري ١٩٣٥ع- سن.

سيد مهر علي شاه خط لکي ٿو ته "وڏيرو محمد عثمان سومرو قاضي عبدالرحمان کان ناراض ٿيو آهي. ڪيس ڪيڏانهن ٿو گهري. ٢٢ فيبروري ١٩٣٥ع تي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ميٽنگ آهي. مهرباني ڪري ان ۾ شريڪ ٿي، احمد خان ۽ پين جا ووٽ وٺي ڏي.

حاجي عبدالرحيم شاهه ٢٢ تاريخ حج تي وڃي ٿو"

٤- مارچ ١٩٣٥ع- سن.

رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙيءَ جي ١١- ورسي ٩ مارچ ١٩٣٥ع تي ٿياسافيڪل سوسائٽي هال ڪراچيءَ ۾ ملهائڻ جو انتظام ڪيو ويو هو. ان ۾ شامل ٿيڻ لاءِ- مسٽر ريجهومل آڏواڻيءَ اطلاع ڏنو.

٧ - مارچ ١٩٣٥ع- سن.

مسٽر ٿهلراماڻي دادوءَ مان خط موڪلي ٿو ته "٢٧ تاريخ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ميٽنگ رکي ويئي آهي .جنهن ۾ سندس سوال پيش

ٿيندو. مسٽر محمد بخش ميمڻ ڪيس گهڻي مدد ڪئي آهي. سڀاڻي ٽون هتي اچين ته خانبهادر محمد پريل وٽ اچي مهمان ٿج. هيٺيان خط مسٽر گزدر ،ميران محمد شاه، مسٽر ڀوڄواڻي ڊپٽي چيف آفيسر ڪراچي ميونسپالٽيءَ کي راءِ وٺڻ لاءِ موڪلج. سرشاهنواز خان ڀٽو دادو ۾ منزل وقت مسٽر پروچا ڊسٽرڪٽ سپرنڊنٽ پوليس وٽ اچي رهندو نه ڪليڪٽر وٽ، ٽون هتي ٩- تاريخ مارچ اچج."

١٨- مارچ ١٩٣٥ع- سن.

مسٽر ٺهلراماڻي دادوءَ مان لکي ٿو ته "دادو ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ميٽنگ جي ايجنڊا ٽوڪي پهتي هوندي. منهنجو سوال ان تي آهي. پريزيڊنٽ کي ڪليڪٽر ۽ عيساني مونکي رکڻ لاءِ چيو آهي. هو آفيسرن کي انڪار ڪري نٿو سگهي. پوءِ دل ۾ ڇا به هجيس. موسيٰ خان منهنجو همدرد آهي.

البت موسيٰ خان کي ٽنهنجي خلاف حسد آهي. ڇاڪاڻ ته هن مسٽر گلبرٽ چيف ڪنسرويٽر فاريٽس سنڌ کي ڪوٽڙي اسڪول جي چوڪرن کان اسٽيشن تي جا آڌر ڀاءُ ڪرائي هئي. ان تي مسٽر سترامداس ٽولاڻي بمبئي ڪائونسل ۾ سوال پڇيو هو ته فاريسٽر جي ڪنسر ويٽر کي اسڪول چوڪرن کان آڌر ڪرائڻ ۾ چيرمن، سڪولبورڊ موسيٰ خان، جو ... جو مقاطعدار هو. پنهنجي عهدي جو ناجائز فائدو ورتو آهي. هو ان سوال ... ٽنهنجي طرفان سازش پيو سمجهي.

منهنجو سوال ٺيڪ ٿي ويندو بشرطيڪ ٽون پنهنجي خانبهادر خلاف غص... تي قبضو رکي چپ رهندين. مسٽر اڏارام ڊپيوٽي پلي ظاهر ٿئي.

منهنجي سوال لاءِ مسٽر يار محمد جوڻيجو اڳواڻي ڪندو. حالتن موجب خانبهادر ڪلهوڙو انڪواريءَ جي نتيجه ڪري ٽن مهينن کان وڌيڪ رهي نه ... سگهندو.

رئيس فقير بخش خان ڪاڇي کي پاڻ سان آڻج. مسٽر محمد بخش ميمڻ سب جج سيوهڻ ١٣- تاريخ مارچ بدلي ٿي شهدادپور ويو آهي.

٢٠- مارچ ١٩٣٥ع- ڪراچي.

سنڌ پراونشل ڪوآپريٽو بئنڪ جي ميٽنگ ۾ ٻين مختلف ڪمن جي لاءِ ٻن ٽن ڏينهن واسطي ڪراچي رهيس.

٢٧- مارچ ١٩٣٥ع- دادو.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ دادو جي جنرل باڊيءَ جي ميٽنگ هئي. جنهن ۾ ٿهلراماڻيءَ کي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ دادو جو چيف آفيسر ۽ انجنير پڪيءَ طرح ڪري رکيو ويو.

٣١- مارچ ١٩٣٥ع- سن.

سيد ميران محمد شاه حيدرآباد مان لکي ٿو ”تہ ڪالهہ بمبئيءَ کان هتي پهتو آهيان، اوهان ڪراچيءَ ڪڏهن ايندا. سرشاهنواز پنهنجي اوهان وارو پروگرام قبول نہ ڪيو. سندس سارو پروگرام دوستن جي عيوض آفيسرن جي هٿ ۾ ڇڏيو اٿس. آءٌ ڪيس ١٥- اپريل ڌاري لنچ ڪندس. ٿهلراماڻي جي نوڪريءَ جو احوال موڪلج.“

٣- اپريل ١٩٣٥ع- سن.

مسٽر ٿهلراماڻي لکي ٿو تہ ”خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙي جي گهر واري ڪالهہ گذر ڪري ويئي آهي. ان کي تعزيت جو خط لکي ڇڏج. مسٽر يار محمد جوڻيجي جي ڪليڪٽر دادو سان ملاقات ٿي آهي. ان تو وانگر گفتگو ڪئي آهي.

مسٽر يار محمد ۽ مسٽر اڏارام جي راءِ آهي تہ لوڪلبورڊ ۾ بيلدار رکڻ. اسڪالرشپون ڏيڻ، اماني طرح ڪم ڪرائڻ جو سرشتو بند ڪجي. انهيءَ ذريعي پريزيڊنٽ پيسہ هضم ڪري ٿو ۽ ميمبرن کي راضي رکي ٿو.“

٤- اپريل ١٩٣٥ع- سن.

مسٽر ٿهلراماڻي لکي ٿو تہ ”تنهنجو هدايت وارو خط پهتو جنهن ۾ تو لکيو آهي تہ (انهن جي وفاداري پهرين پريزيڊنٽ سان هئڻ گهرجي) آءٌ مخالفت ۾ آهيان ان ڪري مون لاءِ سواءِ واجبي سهوليت ڏيڻ جي ٻي ڪابہ اهڙي ڳالهہ نہ ڪر جا زيرڊست جي آفيسر سان روش جي خلاف هجي.

اها صلاح اکين تي. وغيره“

١٢- اپريل ١٩٣٥ع- دادو.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ دادو جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ هئي.

١٣- اپريل سرشاهنواز خان ڀٽو وزير لوڪل سيلف گورمينٽ دادو ۾ منزل انداز هو.

ڪيس لوڪلبورڊ طرفان ائڊريس ڏني ويئي.

٢٣- اپريل ١٩٣٥ع- سن.

سيد ميران محمد شاهہ لکي ٿو تہ ”ڪيس فيملي سان ڪراچي حڻ جو ارادو آهي. تنهن جو بنگلو مهين ڪان قرارو شاهہ والاريو وينو آهي. جو خوشي سان ڪونہ نڪرندو.

پير الهيار شاهہ بہ ڪراچي ۾ آيو تہ تنهنجي بنگلي ڪي والاريل ڏسي وجي هوٽل ۾ لٿو.

جنهن ڪري رنج ٿي ويو. تون بہ بنگلي هوندي هوٽل ۾ رهين، اها ڳالهہ ڪيتري قدر مناسب آهي. جلد بنگلو خالي ڪراءِ.“

۲۵- اپريل ۱۹۳۵ع- سن.

مسٽر ٿهلراماڻي لکي ٿو تہ ”ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ طرفان ڏنل ائڊريس جي جواب ۾ سرشاهنواز خان پنهنجي ڪليڪٽر مسٽر گبسن جي تعريف ڪئي آهي. جنهن جو رڪارڊ سياهہ آهي.

رڪي آڏواڻيءَ جي ۱۷- اپريل ۱۹۳۵ع تي پرمانند آڏواڻيءَ سان شادي ٿي.“

”موسي خان ظاهر ۾ خانبهادر محمد پريل ڪي هيسائڻ خاطر مخالفت ڪري ٿو. ليڪن هو چاهي ٿو تہ خانبهادر جي سياسي طرح ختم ٿيڻ سان پاڻ بہ ختم ٿي ويندو. وغيره“

۱- مئي ۱۹۳۵ع ڪراچي.

مسٽر ٿهلراماڻي دادؤ مان لکي ٿو ”تہ تون هن وقت ڪراچيءَ ۾ آهين. اها ڪتان ليي، پلي اتي آرام وٺ. ۱۵- جون ڏاري ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي ميٽنگ ٿيندي. مهر علي شاهہ خط لکي ٿو تہ ”۲- مئي تي تو مونکي ڪراچيءَ اچڻ لاءِ لکيو آهي بي چاق هئڻ ڪري اچي ڪين سگهندس.“

۱۵- مئي ۱۹۳۵ع- ڪراچي.

مسٽر ٿهلراماڻي لکي ٿو تہ مسٽر غلام صديق عيسائي ڊپوٽي ڪليڪٽر نواب شاهہ بدلي ٿي ويو. مسٽر اڏارام ڊپوٽي ڪليڪٽر چوي ٿو تہ سيد جهڙو ايماندار بي ڊپو ۽ با اصول سياستدان سنڌ ۾ ڪو ورلي ہوندو. وغيره“

(نوٽ)

هيءُ مهينو گهڻو ڪري ڪراچيءَ ۾ رهيس. سنڌ جي جدائيءَ بعد سنڌي سياست ڪي شخصي اقتدار ۽ مفاد جي دائري ڪان ڪڍي اصولن جي

بنياد ـي ٿاهڻ جو خيال دامنگير هو.

اڳين سال ۾ ٺاهيل پيپلس پارٽي صرف سرشاهنواز ڀٽي جو گروه شمار ٿيڻ لڳي هئي. ان سان شيخ عبدالمجيد ۽ حاجي عبدالله هارون جهڙن آل انڊيا سياستدانن جو واسطو نہ هو. نہ سر غلام حسين جي گروه جو واسطو هو. جو مڊل ڪلاس ڪاموري جو طرفدار ۽ حامي هو.

سر شاهنواز ڀٽو غيرفرقيوار ذهنيت جو ماڻهو ۽ زميندار طبقي جو سرگرم ڪارڪن هو. ليڪن سنڌس پاليسي سرڪار جي پوئلڳي واري هئي.انهيءَ ڪري چند دوستن سان مشوره ڪري هڪ اهڙي سياسي پارٽي ٺاهڻ جو خيال هوم جا وسيع دائره واري هجي ۽ ان جو مقصد ۽ مراد شخصي اقتدار کان ٻاهر قومي مفاد تي ٻڌل هجي. انهيءَ لاءِ هڪ سوالنامو تيار ڪري، مکيہ قومي ڪارڪنن ڏي موڪليم.

۽ جماعت ٺاهڻ لاءِ جون جي ٣٠ تاريخ ڪراچيءَ ۾ پنهنجي بنگلي تي ميٽنگ جا دعوت ناما موڪليم.

١٠- جون ١٩٣٥ع- سن.

ٿهلراماڻي لکي ٿو تہ "تنهنجو خطرناڪ ٺهراءُ پڙهي پوڙهو خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙو ڳتيءَ ۾ پئجي ويو. ٺهراءُ هرويرو زور ڪري پاس نہ ڪرائج. تون شايد ١٥- تاريخ هتي ايندين. ان وچ ۾ آءُ ميهڙ وڃان ٿو."

١٨- جون ١٩٣٥ع- سن.

مسٽر ٿهلراماڻي دادوءَ مان لکي ٿو تہ "ڪليڪٽر خانبهادر نور نبي تنهنجي، خانبهادر ڪلهوڙي جي مخالف هئڻ ڪري تو تي رنج ٿي پيو آهي. ڊل جي مهلت نہ ڏني اٿس. شايد توکي ڪيترن شخصي ۽ زميندارِي ڳالهين ۾ تڪليف ڏيئي."

(نوٽ)

هن مهيني ۾ ڪليڪٽر. مختيار ڪار ڪوٺڙيءَ کي سن موڪليو. آءٌ ڪونہ هوس. جو ٣ سو روپيہ ۾ بنگلہ کي سيل مهر ڪري نيلام ... ڪي ويو. وٽس اچڻ تي پيسا ڏني آزاد ڪرايم.

١٨- جون ١٩٣٥ع- سن.

سيد ميرار محمد شاه خط لکي ٿو ـ. سرشاهنواز ڀٽي جي گروه کي جڏن نہ گهرجي. سر غلام حسين جي گروه تي اعتبار نہ آهي. مسٽر نور محمد ... ۾ هي خانبهادر الهہ بخش سومري ۽ ستر گرذر کي ٣٠- تاريخ

واري ميٽنگ ۾ ضرور گهرائج.

بهتر ته اها ڳالهه هئي ته صلاح ڪري اڪوتي ٿهيل پيپلس پارٽي، کي وري زنده ڪجي ها پر هاڻ جنهن صورت ۾ ميٽنگ گهرائي ويو آهين ته ان ۾ اچي شريڪ ٿيندس."

۲۴- جون ۱۹۳۸ع- ڪراچي.

سيد ميران محمد شاهه خط لکي ٿو ته "ان گڏيل پارٽي نالي تي مون اچان رايو ڪونه قائم ڪيو آهي. بهرحال ۳۰- تاريخ ان ۾ ايندا سون. علي محمد راشديءَ کي به ان ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ چيو اٿم. مختلف مفاد ۽ گروهن جي ماڻهن کي هڪ لڙيءَ ۾ پوئڻ نهايت ڏکيو ڪم آهي."

۳۰- جون ۱۹۳۸ع- ڪراچي.

صبوح جو ۱۱- بجي منهنجي بنگلي مسلم ڪالوني ڪراچيءَ ۾، سنڌ جي مختلف سياسي ڪارڪنن جي بنا فرق گروه جي ميٽنگ ڪئي ٿي ان ۾ مکيه ماڻهو هيٺيان شامل ٿيا.

۱- علام آءِ آءِ قاضي ۲- مولوي فتح محمد سيوهاڻي ۳- مولوي محمد صادق کڏه ۴- شيخ عبدالمجيد سنڌي ۵- خانبهادر الهه بخش سومره ۶- خانبهادر محمد ايوب کهڙو ۷- پير علي محمد شاه راشدي ۸- مسٽر حاتم علوي ۹- مسٽر طيب علي عوي ۱۰- مسٽر ريواچند تڌاڻي ۱۱- راءِ بهادر هوتچند چاندومل ۱۲- سيد ميران محمد ساه. ۱۳- مسٽر چيٽمل پرسرام ۱۴- مسٽر لعل چند جگتياڻي ۱۵- سر غلام حسين هدايت الله ۱۶- جي. ايم. سيد ۽ ٻيا.

ميٽنگ جي ڪاروائي شروع ٿيڻ کان اڳ ٺحويز پيش ٿي. وقتي صدارت جا فرائض عـ ـ ـ قاضي ٰد ڪري. جنهن تي هن چيو ته هو سياستدان نه هو. ٻيو ڪو ماڻهو چونڊيو وڃي. ن وچ ۾ سر غلاه حسين اچي ازخود صدارت واري خالي ـل ڪرسي والاري.

قاضي صاحب چيو ته حق به حقدار رسيد ڪارروائي سر غلام حسين جي صدارت ۾ شروع ٿي. ميٽنگ ۾ ٿي ڪلاڪ بحث هليو ـر نتيجه ڪجهه نه نڪتو. سر ٻئي گروه ء سر غلام حسين گروهه جي ٻوٿلگن ٔ باهمي سڪ. سبب گڏجي ڪم ڪ ـ ڏکيو ـي لڳو. ـن ڪري ڪوبه فـسو ٿي ڪونه سگهيو.

۱ - جولائي ۱۹۳۸ع- ڪراچي.

شيخ عبد مجيد، فتح محمد سيوهاڻي ۽ مون ڳڌ تي سنڌ جي زميندار ڪلاس جي ڪالهوڪي ميٽنگ ۾ ظاهر ڪيل ذهنيت کان تنگ ٿي. هڪ ترقي پسند جماعت جي ٺاهڻ جي اپيل تيار ڪئي.

(نوٽ)

اها اپيل مون صحيح لاءِ پنهنجي مختلف سياسي دوستن ڪي موڪلي. جن ان گروه کي سنڌ مفاد لاءِ خطرو ڄاڻي صحيح نہ ڪئي.

هندو بزرگن ڪي درخواست نہ ڪيل هئي جو شيخ صاحب ۽ مولوي صاحب ان جماعت کي مسلمانن جي جماعت بنائڻ جا حامي هئا.

۱۲ - جولائي ۱۹۳۸ع - سن.

مسٽر دستور مئنيجر سنڌ پراونشل ڪواپريٽو بئنڪ لکي ٿو تہ "مسٽر علي بخش چن سيڪرٽري مسلم هائوسنگ سوسائٽي ڪراچيءَ سان مليو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ تون سوسائٽيءَ جي قرض جون ۳۵۰۰ روپين جون قسطون ادا ڪري نہ سگهيو آهين.

ازانسواءِ بنگلي جي مقاطعدار جا ۳۵۰۰ روپيہ رهيل اٿئي. هن وقت تنهنجي پيدائش اهڙي ڪانہ آهي جو اٺ هزار روپيہ ڏئي سگهين. ان ڪري بهتر صلاح اها اٿئي تہ بنگلو وڪڻي ڇڏ."

۱۵ - جولائي ۱۹۳۸ع - سن.

مسٽر محمد هاشم گزدر پوني مان دادو ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ بابت منهنجي لکيل خط جو جواب موڪلي ٿو.

۱ - آگسٽ ۱۹۳۸ع - حيدرآباد.

حيدرآباد زمينداري بئنڪ جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪيم. ڪيترا ٺهراءَ پاس ٿيا.

۹ - آگسٽ ۱۹۳۸ع - سن.

مسٽر ٺهلراماڻي دادوءَ مان خط لکي ٿو تہ "خانبهادر نور نبي خان ڪليڪٽر دادو تنهنجي سخت برخلاف ٿي ويو آهي. هن جي دماغ ۾ اها ڳالهہ ويهي ويئي آهي تہ ڪلهوڙي جي مخالفت ان لاءِ ڪرين ٿو تہ تون دادو لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ ٿيڻ گهرين ٿو. هن کي پبلڪ ڀلي خاطر ۽ لوڪلبورڊ جي ڪاروبار درست ڪرڻ جي خيال کان مخالفت ڪرڻ جو خيال وهم ۽ گمان ۾ بہ نٿو اچي. ڪراچي. جي لوڪلبورڊ وقت پيدا ٿيل تعصب اڃا ڪونہ نڪتا اٿس. ڪراچي وڃڻ تي هن ڪمشنر کي بہ تنهنجي

خلاف ڳالهيون ٻڌايون آهن."

١٥- آگسٽ ١٩٣٥ع- سن.

سيد ميران محمد شاه خط لکي ٿو ته "١٨- اگسٽ تي بمبئي يونيورسٽي جي سينيٽ ميٽنگ لاءِ وڃي ٿو. ٣١- آگسٽ تي مون وٽ ڪراچيءَ ايندو.

وڌيڪ لکي ٿو ته ايندڙ سنڌ اسيمبلي، چونڊن لاءِ بقادار شاهه ۽ مخدوم غلام حيدر هالن تڪ مان اميدوار بيهن ٿا. ٽنڊي الهيار مان پاٽولي ۽ مير بنده علي خان بيهندا. حيدرآباد شهر تمام ڏکيو آهي. سرشاهنواز کي لک ته وزارت يا ڪم ازڪم سنڌ ائڊمنسٽريٽو ڪائونسل جي پريزيڊنٽي مونکي ڏياري.

خانبهادر الهه بخش به ان لاءِ اميدوار آهي. صلاح ڏي ته ڳڏيل تڪ ڪجن يا جدا. زميندارن جو فرنچائيز گهٽائي ٥ سو روپيه ڍل تي آڻجي.

خانبهادر کهڙو سنڌ آزاد ڪانفرنس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ ۾ جدا تڪ واري سوال تي توسان شامل راءِ نه آهي. هو ڳڏيل تڪ جي فائدي ۾ آهي.

اهڙو نهراءُ باوجود ميٽنگ ۾ ڪورم نه هئڻ جي به پاس ڪري سرڪار کي موڪلڻ لاءِ مونکي چوي ٿو. وغيره"

١٦- اگسٽ ١٩٣٥ع- سن.

مسٽر ٿهلراماڻي لکي ٿو ته "خدا ڪارساز آهي. ڪيلڪٽر توکي نقصان پهچائي. ان ڪان اڳ پاڻ ختم ٿي ويو. ڪيس بمبئي ۾ سرڪاري پرنٽنگ پريس ۾ مئنيجر ڪري رکيو ويو آهي. وغيره"

٢٣- اگسٽ ١٩٣٥ع- سن.

مون سرشاهنواز ڀٽو وزير لوڪلباڊيز بمبئي سرڪار کي مسٽر ٿهلراماڻيءَ جي لاءِ لکيو ته "ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ دادو ٿهلراماڻيءَ جي اضافي لاءِ سفارش ڪئي. ڪليڪٽر وري ڪيس ڪيڻ لاءِ سفارش ڪئي آهي. جنهن لاءِ ڪوبه سبب ڪونه ڏنو اٿس، تون انساف ڪج."

٢٦- اگسٽ ١٩٣٥ع- ڪراچي.

خانبهادر نور نبي ڪليڪٽر دادوءَ جي چارج ڇڏي. ان جي جاءِ تي مسٽر بي ڪي پٽيل ڪليڪٽر ٿي آيو.

٢٧- آگسٽ ١٩٣٥ع- حيدرآباد سنڌ.

حيدرآباد ۾ زميــ ـري بئنڪ جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪيم. ڪيتر
ٺهر ء پاس ٿيا.

۲۸- اگست ۱۹۳۵ع- ڪراچي.

سند پراونشل ڪواپريٽو سنڪ ۽ پين ڪمن سان ڪراچيءَ چند
ڏينهن لاءِ وٿس.

۴- سپٽمبر ۱۹۳۵ع دادو.

ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ د دو جي ميٽنگ ٿي. جنھن ۾ خانبهادر محمد
پريل ڪلهوڙي پريزيڊنٽيءَ لوڪلبورڊ ڇهن مهينن لاءِ موڪل تي وڃڻ جي
درخواست ڪئي.

ان وقت صدارت جا فرائض مون بجا اندا. ھا درخواست بورڊ کان
قبول ڪرائي پوءِ پنھنجي وائيس پريزيڊنٽيءَ جي استعيفا جي درخواست پيش
ڪري قبول ڪرايم. پنھنجي جاءِ تي يار محمد جوڻيجه کي وائيس پريزيڊنٽ
چونڊايم. جنھن ڪري هو ازخود ائڪٽنگ پريزيڊنٽ ٿي ڪم ڪرڻ لڳو.

(نوٽ)

اهو ان ڪري قدم کنيم ته ماڻهن کي خبر پوي ته منهنجي خانبهادر
ڪلهوڙي جي مخالفت، خود غرضي جي بنياد تي نه هئي بلڪ پبلڪ مفاد جي
نقطه نگاه کان هئي.

۳۰- سپٽمبر ۱۹۳۵ع- سن.

سيد شاه نوازشاه ٽتي ملن لکي ٿو ته" سيد پيارعلي شاه ۽ ميان
پير محمد عقيلي مسٽر دلاور حسين کي نواب شاه مان بدلي ڪرائي،
ڪراچيءَ ۾ رکڻ لاءِ ستايو آهي. مهرباني ڪري انجي بدلي ڪراچيءَ
ڪرايو."

۱۲- آڪٽوبر ۱۹۳۵ع- سن.

سيد ميران محمد شاه پوني مان خط لکي ٿو ته" مسٽر پنجابي
رجسٽرار ڪوآپريٽو سوسائٽي بمبئي تنه جي ڏکهي عرصي جي قرض ملڻ لاءِ.
سنڌ پراونسل ڪوآپريٽو بئنڪ کي سفارش ڪئي آهي. هاڻ سنڌ پراونشل
بئنڪ لوئر سنڌ زميندار بئنڪ کي اوهان کي قرض ڏيڻ جو اختيار ڏيندي.
اوهان زمين بـ سداري سگهندا. بنگلي جي قرض جون قسطون بہ ادا ڪري
سگهندا."

۱۷- آڪٽوبر ۱۹۳۵ع- سن.

سيد مهر علي شاهه خط لکي ٿو تہ "سندس ء شاهه عبدالرحيم شاهہ تي هلنڌڙ ڪيس سرڪار ڏل جا پيسا تپيدارن جي صلاح سان نہ ڏيڻ ڪري جو ڪيس داخل ٿيو آهي. ان ۾ ڪوٺڙي تعلقي جا ڪي تپدار شاهد آهن. انهن کي سمجهايان. سرشاهنوا پٽي کي لوڪلبورڊ ٽرم وڌائڻ لاءِ لکان."

۳-۴-۵-٦ نومبر ۱۹۳۵ع- دادو.

لوڪلبورڊ دادو جي ميٽنگن جي ڪم سان دادو ۾ هوس.

۸ کان ۱۱ نومبر ۱۹۳۵ع- ڪراچي.

ڪراچيءَ ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ڪراچي، سنڌ پراونشل ڪوآپريٽو بئنڪ ڪراچي، ملير سوسائٽي ۽ ٻين سياسي، سماجي ۽ ثقافتي ڪمن ۾ حصو ورتم.

۱۲- نومبر ۱۹۳۵-سن.

مسٽر ٿهلراماڻي ميهڙ مان خط لکي ٿو تہ "شمس الدين ولد محمد پريل ڪلهوڙي کي بمبئي سرڪار تعلقہ لوڪلبورڊ ميهڙ جي پريزيڊنٽيءَ تان لاهي ڇڏيو آهي.

وري ساڳي ڏينهن دادو مان لکي ٿو تہ بمبئي سرڪار جا هيٺيان آرڊر اڄ دادو ۾ پهتا آهن:

۱- خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙو دادو ضلع لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽيءَ تان ۱۵ ڏينهن اندر استعيفا ڏئي.

۲- پياري خان لغاري جو معاملہ سندس جواب اچڻ بعد فيصل ڪيو ويندو.

۳- مسٽر ٿهلراماڻي چيف آفيسر ضلع لوڪلبورڊ دادو کي نوڪري کان برطرف ڪجي ٿو."

۱۲- نومبر۱۹۳۵ع- سن.

سيد ميران محمد شاهہ لکي ٿو تہ "اوهانجو خط مون سيني عزيز ۽ دوستن کي پڙهي ٻڌايو. جنهن ۾ اوهان مونکي پير بقادار شاهہ جي سامهون، هالن تڪ مان اميدوار نہ بيهڻ جي هدايت ڪئي هئي.

تنهنڪري حيدرآباد مان بيهڻ جي صلاح قائم بيني.

ڪامريڊ عبدالقادر ۽ جيٺمل پرسرام ٽنڊي جام ۾ هارين جي ڪانفرنس سڏائي آهي. ٻڌڻ ۾ آهي تہ مسٽر نور محمد اتي ويندو ۽ هاري

ورڪران جي ڏ... ي ۾ اعلان ڪندا. اوهان کين سمجهائيندا"

١٦ نومبر ١٩٣٥ع- سن.

مسٽر ٺهلراماڻي دادوءَ مان لکي ٿو ته "سندس نوڪريءَ کان برطرفي جو آرڊر بمبئي سرڪار کي ڪيڏو هو، پر ڪمشنر ريز وليوشن پڙهي، ضلع لوڪلبورڊ کي لکي موڪليو آهي ته مسٽر ٺهراماڻيءَ کي نوڪريءَ مان ڪڍيو وڃي نه ته گرانٽ نه ڏبي"

١٦- نومبر ١٩٣٥ع- حيدرآباد کان بمبئيءَ ويس. ٢٣٠ نومبر تائين اُتي هوس.

ٺهلراماڻيءَ جي ڪم سان بمبئيءَ ويس. لوڪلبورڊ طرفان سندس خلاف ڪابه شڪايت نه هئي، صرف خانبهادر نور نبي ڪليڪٽر جي لکڻ تي ڪيس بنا سبب جي برطرف ڪيو ويو هو. سا نيڪ ڳالهه نه هئي.

سرشاهنواز ڀٽي. وزير لوڪل سيل گورمينٽ کي وڃي مليو، سموري حقيقت پيش ڪيم پر هن ان کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. ڇي سرڪاري عملدارن جي لکئي جي هو ڪهڙي طرح مخالت ڪري ٿو سگهي.

انتي آءُ نااميد ٿي موٽي آيس، اپولي هوٽل ۾ رهيو هوس، سيڪريٽري لوڪلباڊيز کي ملي واپس آيس.

١٨-نومبر ١٩٣٠ع- بمبئي صبوح جو سينٽرل سٽيشن تي لهي اپولو هوٽل ۾ اچي رهيس روم نمبر ٩٨ ۾ ٨ روپيه روزانه هئا. پوءِ تاج محل هوٽل ۾ اچي حاتم علوي کي روم نمبر ٤٠٧ مليس. تولاڻي مسٽر امداس سان روم نمبر ١٠٨ ۾ مليس. گزدر سان روم نمبر ١١٢ ۾ مليس. مسٽر ڪرپالاڻي جنرل سيڪريٽري بمبئي سرڪار سان ملي ٺهلراماڻيءَ بابت احوال ڪيم. جنهن سرشاهنواز ڀٽو سان ملي احوال ڪرڻ لاءِ چيو پوءِ ڪائونسل ۾ وڃي سرشاهنواز ڀٽي سان ملي احوال ڪيم. ان رخ ڪونه ڏنو. رات جو ڇاموٽ، محمد علي شاه متيارين واري سان ملي تارا پوريوالا جي دڪان تان ڪتاب خريد ڪري، اچي هوٽل ۾ ويٺس.

١٩- نومبر ١٩٣٥ع- بمبئي صبوح جو مير بنده علي خان ۽ خانبهادر کهڙي سان ملي پوءِ سيڪريٽريٽ ۾ مسٽر ڪرپالاڻيءَ کي ملي ڀٽي بابت احوال پڌايم. پوءِ ڪائونسل هال ۾ ويهي. شام جو پوهوڪل برادرس جي ڪونيءَ جا موليڏني مسافرخاني جي سامهون هئي. اتان ٿي رات جو موٽي آيس. هوٽل ۾ مسٽر تولاڻيءَ جي روم ۾ نوجوان يوروپين عورتون ڏٺم.

٢٠ - نومبر ١٩٣٥ ع- بمبئي صبوح جو مسٽر پٽي ائڪزنمز اڪائونننٽ کي مليس پو. خانبهادر غلام نبي خان، چام جان محمد جوڻيجي. سردار بهادره جي جاءِ تي ويسر. جي ڪونه هئا. موٽي ايس. وري اچي تارابوريوالا ڪان ڪتاب خريد ڪيم. پوءِ پوهومل برادرس وٽ مسٽر ڏيارا، وٽ ماني کاڌم شام جو ميران محمد شاه سان مليس جو ان ڏينهن پهتو هو. رات جو ميران محمد شاه مون سان گڏ اچي هوٽل ايولو ۾ رهيو. مس فلورين ۽ مس ادرين مليون. سيلز ڪنٽرول جو ثبوت بيش ڪيو ويو.

٢١- نومبر ١٩٣٥ ع- بمبئي صبوح جو ڏيارام کي ڪٽي بريل ۾ سروج مووينون سٽڊيو ۾ وياسون. ڪجهه ترسي موٽي ڪائونسل هال ۾ اچي ويهي شام جو مسٽر شڪور وٽ ميران محمد شاه سان گڏ مڻ ويس. رات جو ڊاڪٽر حميد جي ڊنر تي وڃڻ ٿيو. جتي پروفيسر شوڪت ترڪ ڪابل يونيورسٽيءَ جو مليو. ان سان گڏ سندس ڏيءُ به هئي جا به پروفيسر هئي. مسز قزلباش سان اتي واقفيت ٿي. مس هيلينا به اتي واقف ٿي.

مسز حميد نهايت شريت ۽ مهمانواز عورت هئي. شام جو حاتم علويءَ کي مليس. ڊينگومل ۽ ترنرمل تڏاڻي مليا.

٢٢- نومبر ١٩٣٥ ع - بمبئي صبوح جو ڏيارام سان گڏ وري سراج مووينون ايسٽرن آرٽس اسٽڊيو ڏٺم. پوءِ ڪائونسل هال مان ويهي شام جو حاتم علويءَ سان گڏ گهمي، رات جو مير بنده علي خان، ميران محمد شاه تولاڻي سان گڏ. شهر گهمي رات جو ١١ بجي اچي هوٽل ۾ ستاسون.

٢٣- نومبر ١٩٣٥ ع- بمبئي صبوح جوميران محمد شاه ڪائونسل هال ڏي ويو ۽ آئون ۽ پرنسپل پٽاڻي حاتم علوي وٽان ٿي موٽي آياسون. شام جو ريس ڪورس تولاڻي ميران محمد شاه سان گڏ ڏسڻ ويس. پوءِ تاج محل هوٽل ۾ وڃڻ ٿيو. اتان ٿي پوءِ يوسف افندي ۽ مسٽر غزنوي سئنيما ستارس سان ملياسون اتان سينٽرل اسٽيشن تان گاڏيءَ ۾ چڙهي ڳوٺ لاءِ روانو ٿيس.

٢٤- نومبر ١٩٣٥ ع- گاڏي حاتم علوي ۽ فدا حسين شيخ. پرنسپال پٽاڻي ۽ آئون هڪ ئي گاڏي ۾ هئاسون. شام جو ابو روڊ تي ماني کائي، گاڏيءَ ۾ ستاسون. سچ لهڻ وقت ڪجهه وقت سڪون ڪيوسون.

٢٥- نومبر ١٩٣٥ ع- صبوح جو ڇوڙ اسٽيشن تي سوب

بدلائي وري پنهنجا ڪپڙا پاتي، ڪوٽڙيءَ کان ڳاڏي بدلائي سن آيس. مون ٻه ڪتاب حاتم علوي ۽ پرنسپل ٻناٽيءَ کي پڙهڻ لاءِ ڏنا. جي بمبئيءَ مان خريد ڪيل ڪتابن مان هئا.

١- انسائيڪلوپيڊيا آف سيڪسيوئل ناليج- گريٽ ڪانيٽپريز هئا.

٢٧ نومبر ١٩٣٥ع- سن.

سيد ميران محمد شاهه بمبئيءَ مان لکي ٿو "ته اوهان جڏهن موڪلائي واپس موٽيا ته مون سرشاهنواز ڀٽي کان پڇيو ته ڇو، جي ايم سيد کي ٿهلراماڻيءَ جي سوال تان نااميد ڪري موٽايو اٿئي، هن جواب ڏنو ته سندس طبعيت ٺيڪ نه هئي.

ان ڪري ساڻس وڌيڪ گفتگو ڪري نه سگهيس، ازانسواءِ جڏهن سرڪاري آرڊر نڪري چڪو هو ته هاڻ ڇا ڪري ٿي سگهيو. ڇيو اٿس ته جيڪڏهن دوباره ٿهلراماڻي. لوڪلبورڊ، ڪليڪٽر ۽ ڪمشنر جي سفارش سان اپيل ڪري ته معاملي تي غور ڪبو."

وڌيڪ ميران محمد شاهه لکي ٿو ته هو ٣٠- تاريخ موٽي سنڌ ايندو."

١ ڊسمبر کان ٦ ڊسمبر ١٩٣٥ع- مجيد ڪيريي جو ڳوٺ.

زمين تي مجيد ڪيريه جي ڳوٺ ۾ هوس. سيد ميان خير شاهه اتي آيو. ان سان سنڌ اسيمبليءَ جي چوندن بابت گفتگو ڪئي ويئي.

٩ کان ١١ ڊسمبر ١٩٣٥ع- ڪراچي.

سنڌ پراونشل ڪوآپريٽو بئنڪ، ملير سوسائٽي، سياسي صلاح مشورن ڪراچي ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي معاملن ۽ سياسي پارٽي ٺاهڻ جي ڪم ۾ مشغول رهيس.

١١ ڊسمبر ١٩٣٥ع- ڪراچي.

نئين ڪليڪٽر مسٽر پٽيل، مسٽر ٿهلراماڻيءَ جي پڪي ڪرڻ لاءِ سفارش ڪئي.

١٤- ١٥ ڊسمبر ١٩٣٥ع- دادو.

دادو ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ دادوءَ جون ميٽنگون هيون. بورڊ مسٽر ٿهلراماڻيءَ کي بيگناهه ٺهرائي، ڪيس پڪي ڪرڻ لاءِ ٺهراءُ پاس ڪيو.

١٧- ڊسمبر ١٩٣٨ع- حيدرآباد.

لوئر سنڌ زمينداري بئنڪ جي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪيم.

١٨- کان ٢١ ڊسمبر ١٩٣٨ع- ڪراچي.

مختلف ڪمن جهڙوڪ لوڪلبورڊ ڪراچي، سنڌ پراونشل بئنڪ، مير ڪوآپريٽو سوسائٽي. نئين سياسي پارٽي ناهڻ ، ثقافتي ڪمن سان ڪراچيءَ ۾ هوس.

٢٠- ڊسمبر ١٩٣٨ع- ڪراچي.

سيد ميران محمد شاه کي مون خط لکيو ته سڪرنڊ تعلقه ۾ پوليس جي ظلمن جي ڳالهين ٻڌڻ لاءِ ناتال ۾ سڪرنڊ اچج. ٻين دوستن کي گهرايو ويو.

٢٣- ڊسمبر ١٩٣٨ع- دادو

دادو ضلع لوڪلبورڊ جي ميٽنگ ٿي. ان ۾ ڪمشنر سنڌ جو ٣٠ نومبر ١٩٣٠ع وارو ليٽر، خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙي جي استعيفا سان گڏ پهتو.

اها استعيفا بورڊ منظور ڪئي ۽ ميان يار محمد جوڻيجي کي دادو ضلع جو پڪيءَ طرح پريزيڊنٽ چونڊيو ويو.

٢٩- ڊسمبر ١٩٣٨ع- سن.

حاتم علوي، پير الاهي بخش، مسٽر دستور، مسٽر ٽهلراماڻي، سن ۾ مون وٽ مهمان ٿي آيا.

٣٠- ڊسمبر ١٩٣٨ع- سن.

ٻيو فرزند امداد محمد شاهه ڄائو.

٣٠- ڊسمبر ١٩٣٨ع- سن.

علامه آءِ آءِ قاضي جو انگلنڊ مان خط پهتو. ڪيس پٽ ڇمڻ جو اطلاع ڏنو ويو. سندس نالو به قاضي صاحب جي نالي سان مشابهت وارو هو.

٣١- ڊسمبر ١٩٣٨ع- سڪرنڊ- مجيد ڪيريو.

سڀ دوست گڏجي مجيد ڪيريي جي ڳوٺ وياسون. جتان سڪرنڊ ، وياسون. آغا خان محمد مئنيجر سڪرنڊ فارم مهماني ڪئي. مسٽر بارڪزئي سان ملياسون. ماڻهن کان پوليس جي ظلمن جو داستان ٻڌو ويو. ميران محمد شاه اسان جي واپس اچڻ بعد آيو. اتان موٽي سن آياسون.

(نوٽ)

۱۹۲۴ع ۱۹۳۵ع سالن جو گهڻو حصو. لوڪلبورڊ ڪراچيءَ ۾ موجود چيف آفيسر ڪي ڪڍي ٻي آفيسر رکڻ، دادوءَ ۾ ٿهلراماڻي ڪي مدد ڪرڻ، خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙي کي لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽيءَ تان هٽائڻ، نئين سياسي پارٽي ٺاهڻ، سنڌ پراونشل ڪوآپريٽو بئنڪ، ٻين بئنڪن ۽ سوسائٽين ۾ حصو وٺڻ، زمين سڌارڻ، ثقافتي ۽ سماجي ڪمن ۾ مصروف رهيس.

باب ستون

انهيءَ دور جي ڪن واقف ماڻهن جو مختصر احوال

هن باب ۾ سنڌ جي چند مکيه ملڪي ڪارڪنن يا معزز ماڻهن جي زندگيءَ جو مختصر احوال پيش ڪندس. جن سان انهي عرصي ۾ گڏجي ڪم ڪرڻو پيو يا واقفيت ٿي يا سندس ناماچار پکڙيل هو. سندن نالا هيٺان آهن:

نمبر نالو معزز جو سچو رهندڙ تعلقہ وغيره

١ سيد حاجي اسدالله شاهہ ولد سيد علي رضا شاه - باجارا - سيوهڻ

٢- سيد پير الهيار شاهہ ولد پير نور محمد شاهہ- متياري- هالا

٣- مير ايوب خان ولد چام مير خان- ڪراچي

۴- خانبهادر الهہ بخش خان ولد خداد خان گبول =

۵- رئيس امام بخش خان ولد علي بخش خان ڳاهو- گهوڙاٻاري

٦- خانبهادر آردشير هرمسجي ماما- ڪراچي

٧- وڏيرو الهڏنہ ولد ميان محمد صديق ميمڻ- دڙو- ميرپوربٺورو

٨- علامہ امداد علي امام علي قاضي - حيدرآباد

٩- خانبهادر حاجي امام بخش خان خانبهادر غلام رسول خان جتوئي- جتوئي- مورو

١٠- مخدوم مان بصرالدين ولد مخدوم احمد صاحب صديقي- سيوهڻ

١١- سيد ميان بڍل شاهہ ولد ميان نواب شاهہ- نواب شاهہ-

١٢- پير ميان پلڻ شاهہ ولد ميان آگيڏنہ شاه جيلاني- نورائي- ٽنڊو محمد خان

١٣- مسٽر جمشيد نسروانجي ميهتا- ڪراچي

١۴- پير علي بخش شاه ولد پير سيد لطف علي شاه- يٽ شاه- هالا

١۵- سيد حاجي عبدالحڪيم شاه ولد سيد الهہ بخش ساه - ٽڪڙ- ٽنڊو محمد خان

١٦- سيد حاجي عبدالرحيم شاه ولد سيد محمد رحيم شاه- سجاول

١٧- شيخ عبدلحق ولد شيخ عبدالله- ڪوٽڙي- ڪراچي
١٨- مسٽر عبدالرحمن ولد حافظ محمد يعقوب- حيدرآباد- ڪراچي
١٩- مسٽر عبدالجبار= = =حيدرآباد
٢٠- وڏيرو محمد عثمان ولد ميان محمد صاحب سومرو- ٺٽو
٢١- رئيس عليمراد خان ولد رئيس غلام شاه لغاري - مير خان لغاري - سڪرنڊ
٢٢- خانبهادر خير محمد خان ولد رئيس ڏتل خان ڄانڊيو- لاڏيون شاهبندر
٢٣- سيٺ حاجي محمد جعفر ولد سيٺ رحمت الله خواجو- ميرپور بٺورو
٢٤- سيد خانبهادر حسنعلي شاه ولد سيد غلام نبي شاه - مٽياري
٢٥- سيد حاجي فضل علي شاه ولد سيد غلام نبي شاه يان - سيوهڻ
٢٦- شيخ ميان جلال الدين ولد شيخ بقادار صاحب - پير پٺو - گهوڙاباري
٢٧- پير غلام حيدر شاه ولد پير ميان صاحبڏنو شاه - بلڙي - ٽنڊو محمد خان
٢٨- مخدوم غلام محمد صاحب ولد مخدوم ظهيرالدين صاحب - هالا
٢٩- خليفو حاجي غلام محمد ولد خليفو ماڪرپيو - جاتي
٣٠- خانبهادر سيد غلام نبي شاه ولد سيد موج علي شاه - ميرپورخاص
٣١- مسٽر غلام علي ولد ميان غلام حسين چاڳلا- ڪراچي.
٣٢- مولوي غلام احمد صاحب ولد حاجي بچل خان ملڪاڻي- ملڪاڻي- دادو
٣٣- راءِ بهادر شيوارام ڏيون مل وزيراڻي- ڪراچي
٣٤- خانبهادر مير غلام محمد خان ولد مير محمد خان صاحب ٽالپر - ٽنڊو باگو
٣٥- سيد شاهنواز شاه سيد نجف علي شاه سڪر الاهي - ٺٽو
٣٦- سيد محمد ڪامل شاه سيد مقبول محمد شاه - سعيد پور- ٽنڊو محمد خان
٣٧- سيٺ محمد رجب ولد محمد روشن شفيعاڻي- ٺٽو
٣٨- خانبهادر ڊاڪٽر سهزيار دادا ڀائي- ڪراچي
٣٩- مولوي محمد صديق ولد مولوي ميان عبدالله صاحب - ڪڏو - ڪراچي
٤٠- مولوي محمد سليمان ولد حاجي هارون شورو - پنو - ميرپوربٺورو
٤١- ميان محمد سليمان ولد ميان عبدالقادر محمد حافظ ميمڻ - حيدرآباد


۴۲- سيد ميران محمد شاه ولد سيد زين العابدين شاه =
۴۳- مسٽر محمد هاشم ولد ميان فيض محمد گزدر - ڪراچي
۴۴- قاضي عبدالرحمن ولد ميان محمد صديق =
۴۵- خانبهادر محمد پريل ولد ميان قادر بخش خان ڪلهوڙو - باليشاه - ميهڙ
۴۶- سيد حاجي محمد شاه ولد سيد حاجي مير اول شاه باقيل پوٽه - مٽياري
۴۷- پير ميان محمد شاه ولد پير محمد شير شاه جيلاني ذڪري - سڪرنڊ
۴۸- ملڪ ميان فريد خان ملڪ چٽا خان ملڪاڻي - ملڪ راڄ - جاتي
۴۹- پير ميان غلام مجدد ولد ميان عبدالحليم سرهندي- مٽياري
۵۰- راءِ بهادر سيٺ وشنداس سيٺ نهالچند- مانجهو - ڪراچي
۵۱- خانبهادر ولي محمد ولد ميان حسنعلي افندي - مانجهو - ڪراچي
۵۲- سردار واحد بخش خان ولد ميان الاهي بخش خان ڀٽو - نئون ديرو
۵۳- ميان قلندر بخش صاحب ولد حاجي محمد صاحب صوفي - ڏورونارو
۵۴- مسٽر طيب علي ولد علي ڀائي علوي - ڪراچي
۵۵- ميرزا قليچ بيگ صاحب ميرزا فريدون بيگ - ٽنڊوٺوڙهو - حيدرآباد
۵۶- سردار نورالدين خان ولد شڪرخان مينگل بروهي -
۵۷- بابا حاجي مير محمد ولد بلوچ خنا سيلاوٽ - ڪراچي
۵۸- بيگم مريم حاتم بدرالدين طيب جي =
۵۹- بيگم نصرت- حاجي عبدالله هارون =
٦۰- مسز گل بانو- مينوالا =
٦۱- مسٽر حاتم- علي ڀائي علوي =
٦۲ - مسٽر هوشنگ نادر شاهه ايدلجي ڏنشا - ڪراچي
٦۳- خانبهادر عظيم خان عنايت علي خان ڀٽاڻ - هالا پراڻا
٦۴- خواجه حسن جان خواجه عبدالرحمن سرهندي - ٽنڊو سائينداد
٦۵- مسٽر چيتمل پرسرام گلراجاڻي - حيدرآباد
٦٦- ڏنشا پيتنجي دستور - ڪراچي
٦۷- سردار بهادر محمد بخش الاهي بخش شيخ - شڪارپور - حيدرآباد
٦۸- سيد غلام رسول شاه ولد سيد امام الدين شاه - هالاڻي - ڪنڊيارو
٦۹- ارباب حاجي خميسو ولد وڏيرو گل محمد ميمڻ - دڙو
۷۰- ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي - حيدرآباد- پونه (انڊيا)

جي- ايم- سيد اڪيڊمي سان
طرفان ڇپايل ڪتاب

1- سنڌي ڪلچر
2- سنڌ جا سورما
3- چوند ادبي مضمون
4- پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني (جلد پهريون)
5- سنڌ جي ڪهاڻي
6- ون يونٽ جي ڪهاڻي
7- خطباتِ سيد
8- پيغام لطيف
9- ديار دل ۽ داستان محبت
10- موجوده سياسي مسئلا
11- جيئن ڏٺو آهي مون
12- نئين سنڌ لاءِ جدوجهد
13- سنڌ جي بمبئيءَ کان آزادي
14- جيسا مين ني ديکا
15- سنڌوءَ جي ساڃاهه (۳ جلد مڪمل)
16- ساهڙ جا سينگار
17- خط ۽ مضمون
18- سنڌ ڳالهائي ٿي
19- سائين جي.ايم. سيد جون تحريرون (جلد پهريون)
شامل ڪتاب:
۱. سنڌ جا سورما
۲. سنڌي ڪلچر
۳. جديد عالمي سياست
۴. مسلم سربراهه ڪانفرنس جو تجزيو
۵. پاڪستان هاڻ ٽٽڻ گهرجي
20- سنڌو ديش ڇو ۽ ڇالاءِ؟
21- جديد سياست جا نو رتن
22- مسلم سربراهه ڪانفرنس
23- پاڪستان جو ماضي حال ۽ مستقبل
24- پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني (جلد ٻيو)

گهرائڻ لاءِ لکو:

معرفت پوسٽ باڪس نمبر 58، جنرل پوسٽ آفيس حيدرآباد



Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.